# چچ نامو

## مخدوم امير احمد

Gul Hayat Institute

# چپائيندڙ پاران

قديم زماني جون اُهي چند سڀيتائون جيڪي پنهنجي عظمت ۽ وسعت جي ڪري ڏيهان ڏيهه مشهور آهن، سنڌ تن منجهان بيشڪ هڪ آهي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي، ته انهيءَ مهان تهذيب جي مهانتا جا تفصيل تمام ٿورڙن ڪتابن تائين محدود آهن. فتح نامہ سنڌ بالمعروف ”چچ نامو“ انهيءَ حوالي سان خصوصي اهميت رکي ٿو، ڇاڪاڻ جو تقريبن ڏيڍ هزار سال اڳ جي سنڌ بابت جيڪا به اهم معلومات آهي، سا انهيءَ ڪتاب منجهان ئي حاصل ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ بُنيادي طرح هيءُ ڪتاب عربن جي سنڌ ۾ آمد ۽ اُن جي پس منظر ۽ پيش منظر جي هڪ مختصر جهلڪ ڏئي ٿو، پر تڏهن به انهيءَ کي سنڌ سان گڏ نندي ڪنڊ جي اهم ترين ماخذن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. هينئر ته دُنيا جو شايد ئي ڪو محقق، تاريخدان يا ڄاڪوڙي شخص هُجي جيڪو ”چچ نامي“ کي نظر انداز ڪندي نندي ڪنڊ کي سمجهڻ يا اُن بابت ڪا راءِ جوڙڻ جي دعويٰ ڪري سگهي.

ڪتاب جي اهڙي اهميت مڃيندي به اها ڳالهه بهرحال اڃا تائين سڀني علم دوستن جي لاءِ مونجهاري جو سبب آهي ته آخرڪار ”چچ نامي“ جو اصل ليکڪ ڪير هُئو؟ مختلف عالمن طرفان ڪيل تمام گهڻي ڄاڪوڙ کان پوءِ فقط ايترو معلوم ٿي سگهيو آهي ته ستين صدي هجريءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ انهيءَ ڪتاب جو عربيءَ ۾ لکيل اصلي مسودو بکر جي قاضين جي ڪُتبخاني منجهان مشهور تاريخدان علي بن حامد الڪوفي بالمعروف ”علي ڪوفيءَ“ کي حاصل ٿيو، جنهن فارسي زبان ۾ ترجمو ڪري ان کي فارسي ٻوليءَ جي علمي ذخيري جو حصو بڻايو. انهيءَ فارسي ترجمي کي گهڻيون صديون پوءِ، شمس العُلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي صاحب دُرست ڪيو، جيڪو 1939ع ۾ حيدرآباد دکن ۾ ”مجلسِ مخطوطاتِ فارسيہ“ پاران شايع ڪيو ويو. جڏهن ته ان کان لڳ ڀڳ هڪ صدي اڳ يعني 1838ع ۾ انگريز عملدار ۽ مستشرق ليفٽيننٽ ٽي. پوسٽنس (T. Postans) پنهنجي نظر مان ڪڍي، اُن جو مختصر تَتُ انگريزيءَ ۾ شايع ڪرايو. بعد ۾ شمس العُلماء مرزا قليچ بيگ 1900ع ۾ چچنامي جو مڪمل انگريزي ترجمو ڪري اُن کي پڌرو ڪيو.

جيتريقدر سنڌي ترجمي جو سوال آهي، ته ان ڏس ۾ مليل ڄاڻ مطابق هن ڪتاب جو پهريون ترجمو ميرن جي دور ۾ ڪنهن گمنام شخص هٿان ٿيو. پر اهو سنڌي مسودو ناقص ۽ پيش ڪرڻ جوڳو هرگز

Gul Hayat Institute

ٻہ نہ هـُئو. اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي محسن مرزا قليچ بيگ صاحب 1923ع ۾ چچ نامي جو سنڌيءَ ۾ ترجمو تہ ڪيو، پر انهيءَ ترجمي جي صحت ۽ تحقيقي پهلوءَ بابت ڪيترائي متضاد رايا ٻـُڌڻ ۾ آيا. سنڌي ادبي بورڊ ۽ اُن سان لاڳاپيل ماهرن ۽ عالمن هن ڪتاب جي تاريخي اهميت ۽ ٿيل ترجمن جي معيار بابت تحفظات رکندي چچ نامي جو نئين سـِر ۽ معياري ترجمو ڪرائڻ جو عهد ڪيو ۽ ان ڪي اداري جي "تاريخي ڪتابن جي اشاعت واري رٿا" جو حصو بڻائيندي ترجمي جي ذميواري مخدوم امير احمد صاحب کي بخشي، جڏهن تہ تصحيح، تحقيق ۽ تشريح جو ڪارنامو سنڌ جي هاڪاري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرانجام ڏنو. ڊاڪٽر صاحب جن تمام وڏي محنت سان ڪتاب جو حتمي مسودو تيار ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو.... ۽ اهڙي طرح 1954ع ۾ "چچ نامي" جو پهريون ڇاپو بورڊ طرفان پڌرو ڪيو ويو.

منهنجي غريباڻي راءِ آهي، تہ ادبي بورڊ کي هڪ باوقار اداري طور جن ڪتابن تڪڙي پر ديرپا مڃتا ڏياري، اُنهن منجهان "چچ نامو" بہ هڪ آهي. هن ڪتاب جي پڌري ٿيڻ کان پوءِ لکين سنڌ واسي نہ رڳو پنهنجي ماضيءَ کان واقف ٿيا، پر منجهن قومي سـُـڃاڻپ کي سگهاري بڻائڻ جو شعور پڻ پيدا ٿيو. ڇاڪاڻ جو هي ڪتاب مـُختلف گهٽ وڌائين جي باوجود بهرحال پنهنجي نوعيت جو اهڙو اڪيلو ۽ منفرد تفصيل هـُئو، جنهن ڪئين تاريخي حقيقتن تائين پهچڻ لاءِ بيشمار اشارا ڏنا ۽ چارا واضح ڪيا. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ڪيترن وطن دوست عالمن چچ نامي کي بـُنيادي ماخذ طور قبول ڪندي، پنهنجي ذهني جاکوڙ، ثبوتن، دليلن ۽ علمي ڪاوشن سان سنڌ جي تاريخ بابت انتهائي حيرت ڀريا تجزيا ڪيا ۽ تحريرون لکيون. اهوئي سبب آهي، جو ٿوري ٿوري وقفي سان بورڊ طرفان هن ڪتاب جا چار ڇاپا پڌرا ڪيا ويا.

سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽريءَ جي ذميواري سنڀاليندي ڪتاب – گهر جي مئنيجر طرفان ٿيل گهـُر تي جيتوڻيڪ هينئر تائين پنجاهہ کن ڪتاب ڇپجي چـُڪا آهن، پر "چچ نامي" جو نئون ڇاپو آڻڻ ۾ منهنجي ذاتي دلچسپي ان ڪري بہ شامل آهي جو سيڪريٽري بورڊ طرفان انهيءَ کي نئين سـِر وري ڇپائي پڌرو ڪرڻ جو واعدو هلندڙ سال دوران منعقد ٿيندڙ "نتہ سيمينار" ۾ پڻ ڪيل آهي. سچ پچ تہ پهرئين ڏينهن کان ئي مـُنهنجي ڪوشش هـُئي تہ ڪتاب جو هيءُ پنجون ڇاپو نہ رڳو جلد آندو وڃي، پر ان کي دلڪش سرورق ۽ ڪمپيوٽر جي موهيندڙ ڪمپوزنگ ذريعي نئون روپ ڏيئي، غلطين کان پاڪ ڪيو وڃي. رب جا ٿورا جو اها خواهش گهڻي حد تائين پوري ٿي چـُڪي آهي ۽ هيءُ ڇاپو

بهتر روپ سان اوهان آڏو پڌرو ٿيو آهي. اُميد ته بورڊ جي ڪارڪُنن ۽ ان جي سيڪريٽريءَ طرفان پيار ۽ خلوص جي خمير سان پيش ٿيندڙ هيءَ ڪاوش مڃتا جو مرتبو ماڻيندي.

**جامشورو**
29 شعبان المعظم 1425هه
بمطابق 15 آڪٽوبر 2004ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

Gul Hayat Institute

# باسمه تعاليٰ

# ديباچو

سنڌ سرڪار جي ”سنڌي ادبي بورڊ“ پنهنجي پهرئين نشست مورخ 20 آڪٽوبر 1951ع ۾ فيصلو ڪيو هو تہ سنڌ جي تاريخ جا ٽي مکيہ ڪتاب: (1) فتحنامہ سنڌ (2) تاريخ معصومي ۽ (3) تحفة الڪرام فارسي مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايا وڃن، انهيءَ لاءِ تہ اهل وطن پنهنجي تاريخ ڪي پنهنجي زبان ۾ آساني سان پڙهي ۽ سمجهي سگهن. بورڊ طرفان انهن ڪتابن جي ترجمي جو ڪم مخدوم امير احمد صاحب، پرنسپال اورنٽيل ڪاليج حيدرآباد سنڌ کي سونپيو ويو ۽ ان جي نگراني ۽ ذميواري بنده راقم الحروف جي حوالي ڪئي وئي.

جناب مخدوم صاحب ۽ بنده هن ڪم کي هڪ اهم قومي خدمت سمجهي ان کي جلد از جلد پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ”تاريخ معصومي“ جو ترجمو 1953ع ۾ شايع ٿي چڪو، ۽ هينئر ”فتحنامہ سنڌ“ جو هي ترجمو پيش ڪجي ٿو. تحفة الڪرام جو ترجمو پڻ تيار آهي، جو اميد تہ 1957ع ۾ ڇپجي شايع ٿيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي پهرئين رٿيل تجويز عنقريب پوري ٿيندي.

”تاريخ معصوميءَ“ جي ترجمي ۽ اشاعت وقت بنده وٽ جو نئون مواد موجود هو، سو فاضل مترجم جي حوالي ڪيو ويو، ترجمي، حواشي، ۽ آخر ۾ فهرست بابت ضروري مشورا ڏنا ويا، ڪتاب جي تمهيد لکي وئي ۽ اهڙيءَ طرح ترجمي جي نگراني ۽ ذميواري جو حق ادا ڪيو ويو. ان کان وڌيڪ مصنف جي حالات يا تاريخي مواد جي زياده گهري تحقيق کي في الحال درگذر ڪيو ويو، ڇو تہ ان سلسلي ۾ شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو جي ڪيل تحقيق سنڌي ترجمي لاءِ قدري ڪافي هئي، ازان سواءِ مير محمد معصوم جي حالات خواهہ ”تاريخ معصوميءَ“ ۾ بيان ٿيل پوئين سنڌي تاريخي دؤر (سلاطين دهلي تا عهد اسلامي) بابت فارسي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ڪافي مواد موجود آهي، جنهن جي بناءِ تي باقي رهيل تحقيق جي آساني سان تڪميل ٿي سگهي آهي.

هي ڪتاب ”فتحنامہ سنڌ“ (عرف چچنامو) قبل از اسلام ۽ اوائلي اسلامي فتوحات واري سنڌ جي تاريخي دؤر سان تعلق رکي ٿو، ٻيو تہ هيءُ ڪتاب فارسي ترجمي جي صورت ۾ اسان تائين

پهتو آهي ۽ اصل ڪتاب عربي، فنا ٿي چڪو آهي، ۽ ٿيون تہ ڪتابت جي تاريخي قدامت، ان جي اصل عربي ماخذن سان وابستگي، ۽ فارسي ترجمي جي پيچيدگين سبب ان ۾ ڪافي تصحيح ۽ تحقيق جي گنجائش باقي آهي. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ فاضل مترجم مخدوم اميراحمد صاحب فارسي متن جي ترجمي جو ڪم نهايت خوش اسلوبيءَ سان نباهيو ۽ پنهنجي ذميواري پوري ڪئي، مگر محض ان لفظي ترجمي ڪي شايع ڪرڻ سان تاريخ جو حق ڪماحقه ادا نہ ٿئي ها، ڇاڪاڻ تہ خود فارسي متن ۾، باوجود شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽہ جي فاضلانہ نظر جي، ڪافي تصحيح جي گنجائش باقي هئي.

انهيءَ ڪري بندي مناسب سمجهيو تہ هن ڪتاب جي سلسلي ۾ محض ترجمي جي نگرانيءَ کان ذرا اڳتي قدم وڌائجي ۽ متن جي نئين سر تصحيح ڪري سنڌي ترجمي ڪي بہ انهيءَ لحاظ سان درست ڪجي. هن رٿيل تصحيح جي دوران ۾ ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي سيڪريٽري طرفان خط پهتو، جنهن سان گڏ، بورڊ جي فاضل ميمبر دوست محترم پير حسام الدين صاحب راشديءَ جي زوردار راءِ شامل هئي تہ آءٌ هن اهم تاريخي ڪتاب جي نئين سر تصحيح ۽ تحقيق جو ڪم پنهنجي ذمي ڪريان، جيئن هيءُ ڪتاب محض ”سنڌي ترجمي“جي بدران هڪ مستقل نئين ايڊيشن جي صورت ۾ شايع ٿئي.

هيءُ ڪم ڪافي اٽانگو هو مگر وطن جي محبت ۽ خدمت خاطر لبيڪ چئي هيءُ ڪم شروع ڪيو ويو، جو تقريباً ٻن سالن جي محنت بعد پورو ٿيو آهي. ڪتاب جي مقدمي ۾ هن ڪتاب جي اصليت توڙي هن سنڌي ايڊيشن جي اهميت تي وڏيڪ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي، جملي ڪيل محنت بابت هت هيءُ اشارو ڪافي ٿيندو تہ ’فتحنامہ‘ جو اصل فارسي متن صرف 248 صفحا آهي ۽ هن سنڌي ايڊيشن جي ضخامت تقريباً 700 صفحا ڪن آهي. تصحيح ۽ تحقيق جي لحاظ سان ’فتحنامہ‘ جي هيءُ سنڌي ايڊيشن، هن ڪتاب جي جملي اڳين ڇپيل ترجمن توڙي فارسي متن کان عام پڙهندڙ ڪي هر لحاظ سان بي نياز ڪري سگهي ٿي، بلڪ آئيندي هن ڪتاب بابت لکندڙ يا ان مان تاريخي معلومات اَخذ ڪندڙ محقق ۽ مؤرخ ڪي سواءِ هن ايڊيشن جي ٻيو ڪوبہ چارو ڪونهي. انهيءَ لحاظ سان فن تاريخ بابت سنڌي ۾ هيءُ ڪتاب سردست هڪ نهايت ئي قيمتي اضافو آهي.

اهل وطن کي سندن زبان ۾ شايع ٿيل هن ڪتاب جي اهميت کان واقف ڪرڻ لاءِ مٿيان اشارا ضروري هئا، ورنہ بندو پنهنجي هن ڪافي محنت ڪي اجا ناڪافي سمجهي ٿو. اميد تہ اسان مان،

ٻئي ڪنهن صاحب علم کي ڏڻي توفيق ڏيندو جو هن تحقيق کي اڃا بہ وڌيڪ مڪمل ڪري، سنڌ جي تاريخ جي ڪماحقه خدمت ڪندو.

آءٌ پنهنجي فاضل استاد مولانا عبدالعزيز ميمڻ، سابق پروفيسر و صدر شعبهٔ عربي مسلم يونيورسٽي علي گڙهہ، جو رهين منت آهيان جنهن سندم شاگرديءَ واري عرصي (1943-1945ع) ۾ منهنجي تاريخي ۽ ادبي معلومات ۾ قيمتي اضافا ڪيا، جي هن ترجمي جي تصحيح ۽ تحقيق ۾ مشعل راه بنيا آهن. پڻ آءٌ پنهنجي محترم رفيق ۽ مهربان دوست قاضي احمد ميان اختر صاحب پروفيسر "اسلامي تاريخ" سنڌ يونيورسٽي جو شڪر گذار آهيان، جنهن وقت بوقت بندي جي تحقيقي بحثن کي غور سان ٻڌو، پنهنجا مفيد مشوارا ڏنا، ۽ منهنجي مسلسل همت افزائي ڪئي. ازان سواءِ ٽن نوجوانن: مراد علي خان، محمد شريف ۽ مسعود عليءَ ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل ماڻهن، ملڪن ۽ ماڳن وغيره جي ٻن اٽانگين فهرستن (نمبر 2، ص371 ۽ نمبر3 ص382) تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، بورڊ جي لائق سيڪريٽري محمد ابراهيم جويي، ڪتاب جي تڪميل ۽ طباعت ۾ خاص دلچسپي ورتي ۽ بورڊ جي پريس جي عملي، ڪتاب کي صحيح ڇاپڻ ۾ حتي المقدور ڪوشش ڪئي. آءٌ انهيءَ سيني صاحبن جو شڪر گذار آهيان.

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ — خادم العلم

22 آڪٽوبر 1966ع — نبي بخش بلوچ

## ضروري اشارا

ڪتاب جي متن ۾ چورس ڏنگين اندر ڏنل انگ، اصل فارسي متن جا صفحا ڏيکارين ٿا. مثلا ص 58 جي ويهين سٽ ۾ [11] جو انگ ڏيکاري ٿو تہ انهيءَ جاءِ تي اصل فارسي متن جو يارهون صفحو پورو ٿيو. حاشين ۽ نوٽن ۾ پڻ چورس [ ] ڏنگين ۾ ڏنل صفحن جي انگن مان مراد فارسي متن جا صفحا آهن، ۽ باقي ٻيا صفحن

# مقدمو

هيءُ ڪتاب جو عام طرح ”چچ نامہ“ جي نالي سان مشهور ٿي ويو آهي، سو نہ فقط سنڌ جي تاريخ بابت پهريون بنيادي ڪتاب آهي، پر سڄي بر عظيم پاڪستان- هندستان جي تاريخي سلسلي جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي اسلام کان اڳ وارين حڪومتن جو مختصر احوال ۽ سنہ 15 کان 96 هجري (637-714ع) تائين هندستان جي اتر-الهندين سرحدن تي اسلامي فوجن جي اوائلي بري ۽ بحري حملن ۽ آخر ۾ مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتحن جو مفصل ۽ مستند ذڪر موجود آهي. انهيءَ ڪري قدامت جي لحاظ سان هيءُ ڪتاب وڏي تاريخي اهميت رکي ٿو.

هيءُ ڪتاب اصل عربيءَ ۾ لکيل هو، ۽ سنہ 613 هجري ڌاري ان جو فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو. اسان تائين هن ڪتاب جو فقط اهو فارسيءَ ۾ ترجمو پهتو آهي، جنهن جا وري انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا ويا آهن. گهڻن ئي مصنفن ”چچ نامہ“ بابت ڪافي ڪجھ لکيو آهي، مگر هن ڪتاب جا هيٺيان پهلو اڃا تائين تحقيق طلب آهن: (1) اصل عربي ڪتاب ڪهڙو هو، ڪنهن جو لکيل هو، ۽ ڪڏهن لکيو ويو؟ (2) فارسي ترجمو، جو اسان تائين پهتو آهي، ان جي اصل عربي ڪتاب سان مطابقت يا ان ۾ ڪيل ڦير گهير ۽ اختلاف بابت ڪهڙي راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي؟ (3) خود فارسي ترجمي جي ترجمن يا ڇاپي ۾ ڪيتري قدر غلطين جي اصلاح ڪئي وئي آهي، ۽ ڪيتري قدر اڃا تائين گنجائش باقي آهي؟

اسان هن مقدمي ۾ انهن مکيہ مسئلن کي قدري حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون، ۽ آخر ۾ هن سنڌي ترجمي ۽ ان ۾ ڪيل تحقيق تي روشني وجهنداسون:

## اصل عربي ڪتاب

**علي ڪوفي جو بيان:** اول تہ علي ڪوفي، جنهن هيءُ ڪتاب عربيءَ مان فارسي ۾ ترجمو ڪيو، تنهن جي اصل عربي ماخذ بابت سندس هيٺيون بيان قابل غور آهي:

”اٺونجاهہ سالن جي عمر ۾، سنہ 613 (ڇهہ سؤ تيرهن) ۾ سيني ڪمن مان هٿ ڪڍي، قيمتي ڪتابن کي پنهنجو وندرائيندڙ ۽ همنشين (بنايم).... جيئن تہ اڳيان مصنف خراسان، عراق، ايران، روم ۽ شام جي فتحن مان هر هڪ جو بيان تفصيل سان نظم خواهہ نثر ۾ لکي ويا آهن (اهڙيءَ طرح) هندستان جي فتح (بابت لکيل ڪتاب) (ص 56) جي ڳولا لاءِ نفس اماره کي تڪليف ڏنم ۽ اُچ مبارڪ کان اروڙ- بکر جي شهر ڏانهن رخ رکيم. ڇاڪاڻ تہ اتان جا امام عربن جي خاندان

Gul Hayat Institute

۽ بنياد مان هئا. ۽ جڏهن انهيءَ شهر ۾ پهتس ته.... مولانا قاضي اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي بن يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شيبان بن عثمان ثقفي (ص 57) سان ملاقات ٿي، ڪانئس پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين ته: هن فتح جي تاريخ سندس ابن ڏاڏن جي هٿ اڪرين حجازي ٻوليءَ (عربي) ۾ هڪ ڪتاب (جي صورت) ۾ لکيل آهي، جا هڪٻئي کان ميراث ٿيندي ورثي ۾ ايندي ٿي رهي، مگر جيئن ته اها عربيءَ جي پردي ۽ حجازيءَ جي حجاب ۾ ڍڪيل هئي، تنهنڪري عجمين (غير عربن) ۾ مشهور نه ٿي. جڏهن بندو انهيءَ ڪتاب کان واقف ٿيو ته (ڏٺائين ته) اهو حڪمت جي جوهرن سان سينگاريل ۽ نصيحت جي موتين سان سنواريل هڪ ڪتاب هو (ص 57) بندي، هن ڪتاب کي عربيءَ جي پردي مان ڪڍي فارسي بيان ۾..... آندو آهي (ص57). هيءُ ڪتاب.... هند ۽ سنڌ جي فتح بابت عرب جي عالمن ۽ ادب وارن حڪيمن جي تصنيف آهي.... اگرچ عربي زبان ۽ حجازي لئي ۾ وڏو درجو هوس، ۽ عرب جي بادشاهن کي هن جي پڙهڻ ڏانهن نهايت توجهه ۽ ان تي حد کان وڌيڪ فخر هو، ليڪن جنهن صورت ۾ حجازي پردي ۾ (ڍڪيل) ۽ پهلوي (فارسي) ٻوليءَ جي زيور ۽ سينگار کان خالي هو، تنهنڪري عجم ۾ رائج نه ٿي سگهيو." (ص 259)

متئين بيان مان هن ڪتاب متعلق هيٺيان اهم نڪتا واضح ٿين ٿا: (1) جهڙيءَ طرح خراسان جي فتح، عراق جي فتح، يا ايران ۽ شام جي فتحن بابت ڪتاب لکيل هئا، اهڙيءَ طرح هيءُ ڪتاب "هند ۽ سنڌ جي فتح بابت" هو، (2) اهو ڪتاب عربيءَ ۾ لکيل هو ۽ دراصل "عرب عالمن" جوئي تصنيف ڪيل هو، (3) اهو اصل عربي ڪتاب سنه 613 هه ڌاري اروڙ ۽ بکر جي وڏي قاضي مولانا اسماعيل وٽ هو، جو عربن جي ثقفي خاندان مان هو ۽ عثمان ثقفي جي ڏهين پيڙهي ۾ هو.(1) هيءُ ڪتاب هن خاندان ۾ آڳاٽي وقت کان موجود هو ۽ هڪٻئي کان ميراث طور ورثي ۾ هلندو پئي آيو، ۽ (4) اهو ڪتاب مولانا قاضي اسماعيل جي "ابن ڏاڏن جي هٿ اڪرين" عربيءَ ۾ لکيل هو.

جيڪڏهين خود هن قاضين جي خاندان مان هيءُ ڪتاب ڪنهن جو تاليف يا تصنيف ڪيل هجي ها ته قاضي اسماعيل اهڙي خبرعلي ڪوفي کي ٻڌائي ها، مگر علي ڪوفي جي بيان مان ظاهر آهي ته هيءُ ڪتاب دراصل ڪن ٻين "عربن عالمن" جو تصنيف ڪيل هو ۽ مولانا قاضي اسماعيل جي "ابن ڏاڏن" جي محض "هٿ اڪرين" لکيل هو. جنهن جي معنيٰ ته هيءُ ڪتاب ٻئي ڪنهن مؤلف يا مصنف جي اصل قلمي نسخي جو پهريون نقل يا ان نقل جو به نقل هو، جنهن کي علي ڪوفي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

Gul Hayat Institute

**سنڌ جي تاريخ ۽ عرب مؤرخ:** هن وقت تائين ڪنهن بہ اهڙي عربي تاريخ جو انڪشاف نہ ٿيو آهي، جا محض سنڌ ۽ هند جي اوائلي اسلامي فتحن بابت هجي. البت جن عرب مورخن جا تواريخي ڪتاب هن وقت موجود آهن ۽ جن پنهنجن انهن تاريخن ۾ سنڌ جي فتحن ۽ سنڌ جي عربي دؤر حڪومت بابت ٿورو يا گهڻو احوال ڏنو آهي، سي هي آهن:

(1) احمد بن يحيٰ بن جابر بن داؤد الڪاتب البغدادي، جو "البلاذري" جي لقب سان مشهور آهي. سنہ 279/280 هجري ۾ وفات ڪيائين. بلاذري پنهنجي مشهور تاريخ "ڪتاب فتوح البلدان" ۾ هڪ خاص خلاصو باب "فتوح السند" (سنڌ جون فتحون) جي عنوان سان قلمبند ڪيو آهي.

(2) احمد بن داؤد بن وَننِد، جو "ابو حنيفہ الدينوري" جي نالي سان مشهور آهي. جمادي الاول سنہ 282 هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس تاريخ "ڪتاب الاخبار الطوال" ۾ سنڌ بابت ڪي ٿورا مختصر حوالا موجود آهن.

(3) احمد بن ابي يعقوب اسحاق بن جعفر بن وهب بن واضح الڪاتب العباسي "الا صفهاني"،(1) جو "اليعقوبي" جي لقب سان مشهور آهي. سنہ 284 هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪتاب "التاريخ الڪبير"، جا عام طرح سندس نالي پويان "تاريخ اليعقوبي" سڏجي ٿي، تنهن جي سنہ 252 هجري جي واقعن تي پڇاڙي ٿئي ٿي. هن تاريخ ۾ محمد بن قاسم جو سنڌ فتح ڪرڻ جو احوال ڪجهہ تفصيل سان ڏنل آهي ۽ سنڌ جي عرب گورنرن بابت پيا بہ ڪي چند حوالا موجود آهن.

(4) ابو جعفر محمد بن جرير الطبري، جو سنہ 224 هجري ۾ ڄائو ۽ شوال سنہ 310 ھ ۾ وفات ڪيائين. سندس "تاريخ الرسُل والملوڪ"، جنهن کي عام طرح "تاريخ الطبري" سڏجي ٿو، تنهن ۾ سنہ 302 هجري تائين جي تاريخي واقعن جو ذڪر آهي. سنڌ جي فتح متعلق ان ۾ ڪي ٿورا مختصر حوالا ڏنل آهن.

مٿين مؤرخن کان علاوه، ابن الاثير (عزالدين ابوالحسن علي بن محمد 555-630ھ) جي "الڪامل في التاريخ" ۽ ابن خلدون (عبدالرحمان ابو زيد ولي الدين 732-808ھ) جي تاريخ "ڪتاب العبر" ۾ پڻ سنڌ جي اوائلي اسلامي فتحن جو ذڪر آهي، مگر اهي ٻئي مؤرخ گهڻو پوءِ جا آهن ۽ سندن تواريخن ۾ انهن اوائلي فتحن جو مواد اڳين تواريخن تان، خصوصاً بلاذري ۽ طبري تان نقل ٿيل آهي. انهيءَ ڪري مٿين چئن اڳاٽن مؤرخن جا ڪتاب نسبتاً اصولي حيثيت رکن ٿا.

انهن چئني مؤرخن جي وفات جي سالن (279ھ، 282ھ، 284ھ ۽ 310ھ) مان ظاهر آهي تہ هنن ٽين صدي هجريءَ ۾ پنهنجون تاريخون لکيون. هند ۽ سنڌ جون اوائلي اسلامي فتحون پهرين صدي هجري (96-15ھ) ۾ واقع ٿيون. ان جي معنيٰ تہ هنن مؤرخن ۽ سنڌ جي اوائلي فتحن جي وچ ۾ هڪ سؤ ورهيہ کان بہ ڪجهہ وڌيڪ عرصو حائل هو. انهيءَ ڪري هنن خود اهي واقعا ڪائنن اڳ وارن مؤرخن يا سندن ڪتابن تان ورتا هوندا. هاڻي سوال آهي تہ هند ۽ سنڌ جي فتحن بابت خود انهن چئني مؤرخن جا ماخذ ڪهڙا هئا؟

**عرب مؤرخن جو مکيہ ماخذ "المدائني":** ابو حنيفة الدينوري جي "ڪتاب الاخبارالطوال" ۾ خاص سنڌ جي فتوحات بابت ڪو اهم حوالو موجود ڪونهي، انهيءَ ڪري اسان بلاذري، يعقوبي ۽ طبري جي سنڌ بابت حوالن جي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

بلاذري پنهنجي ڪتاب "فتوح البلدان" ۾ جن مؤرخن ۽ راوين کان تاريخي واقعا نقل ڪيا آهن، تن ۾ ابوالحسن علي بن محمد المدائني جو نالو خاص اهميت رکي ٿو. ڇو تہ ان کان ڪافي مواد نقل ڪيو اٿس ۽ سنڌ جي فتحن جو احوال تہ خصوصاً ان کان ورتو اٿس. مختلف واقعن ۽ حالتن بابت بلاذري گهٽ ۾ گهٽ 25 بيان اهي قلمبند ڪيا آهن، جي هن خود سنئون سڌو ابوالحسن المدائني جي زباني ٻڌا(1)، ۽ 21 بيان ٻيا مدائني جا ڪري ڇاڻايا اٿس، جي غالباً بلاذري، مدائني جي مختلف ڪتابن تان نقل ڪيا (1).

"فتوح السند" يعني، سنڌ جي فتحن وارو باب تہ شروع ئي هن طرح ٿئي ٿو: "اخبرنا علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف- الخ" (2) يعني تہ (اسان سان علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف خبر ڪئي). هت شروع ۾ ئي بلاذري، ابوالحسن المدائني جو خاص سڄو ذاتي نالو ڪنيو آهي، ۽ گمان غالب آهي تہ بلاذري هيءُ سڄو باب خود مدائني جي زباني ٻڌو ۽ ان کي پنهنجي ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو. هيٺيان دليل هن نظريي جي تائيد ڪن ٿا:

(1) باب جي شروعات ئي مدائني جي ذاتي نالي جي سندَ سان ٿئي ٿي ۽ ان سان گڏ ٻئي ڪنهن بہ راوي جو نالو آندل ناهي.

(2) باب جي شروع ۾ جنهن پهرئين واقعي جو ذڪر آهي، سو آهي حضرت عمر رضہ جي خلافت ۾ عمان ۽ بحرين جي گورنر عثمان بن ابي العاص الثقفي طرفان 5 هجري ۾ سندن ڀائرن حڪم ۽ مغيره جي ڪمانڊ هيٺ ديبل، ڀڙوچ ۽ ٿاڻي جي بندرن تي ساموندي حملا ۽ فتحون. جيڪڏهن مدائني جي سندَ ۽ زباني جو تعلق فقط هن واقعي سان هجي ها تہ ان کان پوءِ ٻئي واقعي (حضرت

Gul Hayat Institute

عثمان رضہ جي خلافت ۾ ’محاذ هند‘ بابت سرگرمي) يا ان بعد تائين واقعي (حضرت علي رضہ جي خلافت ۾ ان محاذ تي فتحون) بابت بلاذري ضرور ڪنهن ٻئي راوي جي سندَ پيش ڪري ها، جو سندس اصولي دستور آهي. مگر صرف باب جي شروع ۾ مدائني جي زباني جي سندَ پيش ڪرڻ بعد بلاذريءَ بنا ڪنهن ٻي سندَ جي مسلسل طور واقعن جو ذڪر ڪندو پئي ويو آهي.

(3) هن باب ۾ بلاذري، جڏهن بہ ڪن ٻين راوين جون روايتون ڏنيون آهن تہ اهي صرف معترضہ جملن طور هلندڙ بيان جي تصديق يا تڪميل يا ان کان اختلاف واضح ڪرڻ لاءِ آنديون آهن.(1) سڄي باب ۾ اصولي هلندڙ بيان اهوئي آهي جو منڍ کان ئي ابوالحسن المدائني جي زباني شروع ٿئي ٿو. انهن مان ظاهر آهي تہ بلاذري جي هن ”فتوح السند“ واري باب جو اصل راوي ۽ مصنف مدائني آهي.

**يعقوبي** فتوحات سنڌ بابت پنهنجي بيانن ۾ مدائني جو نالو سندَ طور ڪونہ آندو آهي، مگر هيٺين دليلن جي بنياد تي پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي واقعن بعد، يعقوبي جو مکيہ ماخذ مدائني آهي:

پهريون تہ، سنڌ جي فتحن بابت يعقوبي جا بيان اصولي طور اهي ساڳيا آهن، جي بلاذريءَ ”فتوح السند“ جي باب هيٺ مدائني جي زباني نقل ڪيا آهن. يعقوبي اختصار سببان البت ڪي ڳالهيون حذف ڪري ڇڏيون آهن ۽ ان سان گڏ ڪن چند ضعيف روايتن جو اضافو ڪيو آهي. ٻيو تہ، يعقوبي پنهنجي تاريخ ۾ اختصار کان ڪم ورتو آهي ۽ اسناد جا سلسلا اڪثر ڇڏي ڏنا اٿس. انهيءَ ڪري ئي سنڌ جي واقعن پڻ مدائني جي سند کي حذف ڪري ڇڏيو اٿس .حالانڪ انهن واقعن بابت سندس بيان اهي ئي ساڳيا آهن، جي ٻين ڪتابن ۾ مدائني جي سندَ سان بيان ٿيل آهن. مثلاً يعقوبي (جلد 2 ص 278) امير معاويہ جو عبدالله بن سوار کي ” چئن هزارن “سان مڪران تي چاڙهي موڪلڻ جو ذڪر ڪيو آهي. بالڪل اهو ساڳيو بيان” چئن هزارن “فوج جي ذڪر سميت فتحنامي (ص 109) ۾ ابوالحسن مدائني جي روايت سان موجود آهي. ٽيون تہ، اهو پڻ ثابت آهي تہ مدائني کان يعقوبي واقف هو، ڇاڪاڻ تہ پنهنجي تاريخ (جلد 2 ص 4) ۾ مدائني جو نالو ڪنيو اٿس.

ابوجعفر الطبري، پنهنجي ضخيم تاريخ ۾ ابوالحسن مدائني کان سنئون سڌو گهڻو ڪجهہ نقل ڪيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ 500 روايتون مدائني جي سندَ سان نقل ڪيون اٿس. (1)خراسان جا جملي واقعا شروع کان آخر تائين گهڻو ڪري مدائني جي روايت سان آندا اٿس ۽ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ مدائني جو ”ڪتاب فتوح خراسان“ سڄو استعمال ڪيو اٿس. ساڳيءَ طرح عراق جي فتحن ۽

نظام حڪومت بابت پڻ اڪثر حالات مدائني جي روايتن سان نقل ڪيا اٿس، ۽ غالباً مدائني جي "ڪتاب فتوح العراق" ڪي بہ طبري پوريءَ طرح استعمال ڪيو آهي. البت خاص مشرقي ملڪن، جهڙوڪ: ڪرمان، سجستان، ۽ مڪران جون فتحون، جي سنڌ جي فتح جو آغاز آهن، تن جا واقعا مدائني جي بدلي (جنهن انهن ملڪن جي فتحن بابت مستقل ڪتاب لکيا هئا) پنهنجن جداگانہ روايتن ذريعي نقل ڪيا اٿس.(2)

سنڌ جي فتح، ان بعد سنڌ جي عرب گورنرن، يا سنڌ متعلق ٻين سڌن اشارن بابت طبري تقريباً (40) چاليهہ کن حوالا پنهنجي تاريخ ۾ آندا آهن. جن مان اڪثر مختصر ۽ سندَن ڪان سواءِ ڏنل آهن. جملي تقريباً 9 حوالا اهڙا آهن، جي سندَن سان آهن. (3) جن مان هڪ حوالو، منصور بن جمهور جو سنڌ ۾ ڀڄي اچڻ بابت، مدائنيءَ جي روايت سان ڏنل آهي. (1) ان ڪان سواءِ مدائني جي شاگرد عمر جي وسيلي سان طبري هڪ خاص بيان مدائني جي روايت سان نقل ڪيو آهي (قال عمر قال علي واخبرنا ابوعاصم الزيادي عن الهلواث الڪلبي قال ڪنا بالهندمع محمد بن القاسم- الخ 1275x2) جنهن جو اصل راوي محمد بن قاسم سان هندستان ۾ گڏ هو. ان مان ظاهر آهي تہ سنڌ متعلق طبري، مدائني جي روايتن ڪان بخوبي واقف آهي.

---

(1) مولانا قاضي اسماعيل جي مٺي چاٽايل نسب جي صحت بابت ڏسو آخر ۾ ص 262، حاشيہ 57 [9]

(1) يعقوبي وطن جي لحاظ سان اصفهان جو هو (ڏسو ابن الفقيہ الهمداني جو ڪتاب البلدان ص 290)

(1) اهڙن بيانن لاءِ "حدثني" "حدثنا" "اخبرني" يا "اخبرنا" جا الفاظ آڻي مدائني جو نالو ڪنيو اٿس. ڏسو "فتوح البلدان" (مطبوع يورپ) ص ص 9، 11، 13، 35، 56، 73، 277، 280، 281، 300، 311، 323، 327، 336، 342، (بہ روايتون)، 353، 356، 382، 384، 392، 431، 438 ۽ 464.

(1) اهڙن بيانن آڏو "قال" يا "في رواية" جا الفاظ آڻي مدائني جو نالو ڪنيو اٿس. ڏسو "فتوح البلدان" (مطبوع يورپ) ص ص 7، 47، 128، 219، 240، 247، 337، 344، 353، 358، 359، (بہ روايتون)، 262، 365، 367، 373، 374، 382، 438، 465 ۽ 468.

(2) ايضاً، ص 421.

Gul Hayat Institute

(1) اهڙيون جملي 12 روايتون آهن، جن تي غور ڪرڻ سان اسان جي هن نظريي جي پڪي تائيد ٿئي ٿي. مثلاً (1) ص [437] تي ديبل جي بتخاني جي ذڪر بعد تصديق طور محمد بن يحيٰ جي روايت ۽ منصور بن حاتم جي زباني پيش ڪئي اٿس، جنهن خود بلاذري جي ڏينهن ۾ بتخاني جو اهو ٿل ڏٺو هو. ساڳيءَ طرح ص 438 تي تصديق خاطر منصور بن حاتم جي زباني نقل ڪئي اٿس، جنهن ڏاهر ۽ سندس قاتل جون تصويرون ديبل ۽ پڙوچ ۾ ڏٺيون. (2) هلندڙ بيان جي تڪميل طور ص 437 تي محمد بن قاسم جو صلح ذريعي ٽيرون فتح ڪرڻ جي روايت آندي اٿس. مگر ان ۾ ڪنهن ٻه ٻئي راوي جو نالو ڪونہ آندو اٿس ۽ "قالوا" (يعني "چون ٿا") جو لفظ آندو اٿس. ساڳي طرح "قالوا" ("چون ٿا") جي شروعات سان ص 439 تي محمد بن قاسم جي طرفان حجاج ڏانهن موڪليل سون ۽ روڪڙ جو ذڪر ڪيو اٿس. ص 446 تي هلندڙ بيان جي تڪميل خاطر پنهنجي همعصرن هرهڪ منصور بن حاتم جو بيان (فضل بن ماهان متعلق) ۽ ٻيو ابوبڪر جو بيان (عسيغان جي حڪم بابت) ڏنو اٿس.
(3) هلندڙ بيان کان اختلافي راين لاءِ ص 433 ۽ ص 438 تي "وقال" جي لفظن سان معترضہ جملن طور "ابن الڪلبي" جا بيان ڏنا اٿس، جن مان هڪ ۾ هن مڪران جو فاتح "حڪيم بن جبلہ" ڄاڻايو آهي ۽ ٻئي ۾ ڏاهر جي قاتل جو نالو "قاسم بن ثعلبہ" ڏنو آهي. ساڳي طرح صفحن 434، 436 ۽ 442 تي هلندڙ بيان کان ڪي مختلف رايا ڏنا اٿس، مگر خود پاڻ انهن راين کي ضعيف سمجهي، انهن کي "قال قوم" (ڪي چون ٿا تہ: "قال بعضهم" ("ڪن جو چوڻ آهي تہ"): "وقيل" ("چيو وڃي ٿو تہ") جي لفظن سان آندو اٿس.
بهرحال اهي جملي روايتون يا تہ هلندڙ بيان (جو يقيني مدائني جو آهي) جي تصديق خاطر، يا ان جي مزيد تڪميل خاطر، يا ان کان اختلاف ڏيکارڻ خاطر آنديون اٿس.
(1) اسان جي ڳاڻيٽي موجب طبري 503 دفعا مدائني جو نالو کنيو آهي.
(2) مثلاً ڏسو طبري جلد 1 ص ص 2705، 2707، ۽ 2708 جتي سجستان، ڪرمان ۽ مڪران جي فتح واري روايت هن طرح بيان ٿيل آهي: "ڪتب الي السري عن شعيب عن سيف عن محمد و طلحہِ "المهلب و عمرو قالوا- الخ".
(3) ڏسو تاريخ طبري 1836x2، 1946x2، 1979x2، 149x3، 282x3، 360-359x3، 363x3، 409x3، 1233x3.
(1) تاريخ طبري 1979x3 جتي مدائني جي روايت هن طرح ڄاڻايل آهي: "ذڪر علي بن محمد بن عاصم بن حفص التميمي وغيره حدثوه- الخ".

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

**"فتوحات سند" جو پهريون مصنف "المدائني"**: سندس سڄو نالو "ابو الحسن علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف المدائني" آهي ۽ هو شمس بن عبدمناف جي خاندان مان عبدالرحمان بن سمرهِ جو آزاد ڪيل غلام هو. تقريباً سنه 135 هجري ۾ بصره ۾ ڄائو ۽ وڏو ٿيو. اتان پوءِ لڏي وڃي "مدائن" جي شهر ۾ رهيو، جنهن ڪري "المدائني" (مدائن جو) جي نسبت سان مشهور ٿيو. اتان پوءِ موٽي اچي بغداد ۾ رهيو، جتي غالباً سنه 225/224ه ۾ وفات ڪيائين. (2)

مدائني اسلامي تاريخ جي واقعن جو وڏو ڄاڻو هو. خصوصاً خلافت اسلاميه جي مشرقي ملڪن، جهڙوڪ: عراق، خراسان، بحرين، عمان، ڪرمان، سجستان، ڪابل ۽ زابلستان، مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتوحات جي پوري ۽ پيرائتي خبر هيس ۽ انهن متعلق هيٺيان مختلف ڪتاب لکيائين: ڪتاب فتوح العراق، ڪتاب فتوح خراسان، ڪتاب فتح الابلته، ڪتاب امرالبحرين، ڪتاب ڪرمان، ڪتاب فتوح سجستان، ڪتاب ڪابل و زابلستان، ڪتاب فتح مڪران، ڪتاب ثغر الهند ۽ ڪتاب عمال الهند. (1)

مدائني جي انهن تصنيفن جو سڌي يا اڻسڌيءَ طرح سنڌ جي اوائلي اسلامي فتحن ۽ تاريخ سان لاڳاپو آهي. عراق جي فتح ٿيڻ سان اتي مضبوط فوجي طاقت جو پايو پيو، جتان سنڌ ۽ ٻين مشرقي ملڪن جي فتحن ۾ آساني ٿي. بصره لڳ قديم بندر "اُبلة"، عمان ۽ بحرين جي فتحن ٿيڻ سان مسلمانن جي سامونڊي طاقت جو بنياد پيو ۽ ديبل، ڀڙوچ ۽ ٿاڻي تي پهرين سامونڊي حملن ۽ فتحن ۾ آساني ٿي. ڪرمان ۽ سجستان جي فتحن ذريعي، اسلامي فوجون هندستان جي اتر- اولهه سرحد طرف وڌيون ۽ اول مڪران، زابلستان ۽ ڪابل (اپرندو افغانستان) فتح ڪيائون ۽ ان ڪان پوءِ اتان سنڌ ۽ هندستان جا ڪي حصا فتح ٿيا. مدائني جا ٽي ڪتاب: 1.ڪتاب فتح مڪران 2. ڪتاب ثغرالهند ۽ 3. ڪتاب عمال الهند (هند يعني سنڌ جا گورنر) سنئون سڌو سنڌ جي فتح ۽ اتي جي عربي حڪمرانن سان تعلق رکن ٿا.

ان ڪان سواءِ مدائني "ڪتاب اخبار ثقيف" يعني ثقفي خاندان جي حالتن بابت ڪتاب لکيو. ياد رهي ته سنڌ جي فتح ۾ ثقفي خاندان جو وڏو هٿ آهي. سڀ ڪان پهرين عثمان بن ابي العاص الثقفي سنه 15 هجري ۾ عمان مان پنهنجي ڀائرن حڪم ۽ مغيره جي ڪمانڊ هيٺ ديبل، ڀڙوچ ۽ ٿاڻي جي بندرن تي سامونڊي لشڪر موڪليو، ان بعد حجاج توڙي محمد بن قاسم ٻئي ثقفي خاندان مان هئا، جن جي همت ۽ حڪمت عملي سان سنڌ فتح ٿي. "ڪتاب فتوح خراسان" ۾ خاص طور خراسان جي گورنر جنيد بن عبدالرحمان المري جي سوانح ۽ واقعا لکيائين.(1) معلوم هجي ته

پهريائين جنيد تقريباً 5 يا 6 سال (105-111ھ) سنڌ جو گورنر هو. جتي هن وڏيون فتحون حاصل ڪيون ۽ غالباً سندس انهيءَ شهرت سبب ئي ڪيس سنڌ مان بدلي ڪري، سڌو خراسان جو گورنر مقرر ڪيو ويو. جتي هو (سندس وفات محرم 116 ھ) تائين رهيو.

مدائني جي متئين تصنيفن تي غور ڪرڻ بعد هيءُ نتيجو نڪري ٿو ته. مدائني اسلامي خلافت جي مشرقي ملڪن جي فتحن ۽ تاريخ کان پوري طرح واقف هو. خاص طرح محاذ هند يعني مڪران ۽ سنڌ جي فتحن ۽ اتي جي عرب گورنرن جي حالتن جو پورو ڄاڻو هو ۽ انهن مسئلن تي جدا جدا ڪتاب لکيائين. نه صرف ايترو پر جن مکيه شخصن جو سنڌ جي فتحن ۽ حڪمرانيءَ سان واسطو هو، انهن جي حالتن کان به واقف هو ۽ انهن تي ڪتاب لکيائين.

**"فتحنامه" جو بنياد مدائني جي تصنيفن تي:** متئين بيان مان واضح ٿيو ته ابوالحسن مدائني ئي هر حوالي کان سنڌ جي فتح ۽ تاريخ جو پهريون مؤرخ ۽ مصنف آهي: بلڪ مدائني ئي هند، سنڌ ۽ مڪران جي فتحن جو اڪيلو مؤرخ ۽ مصنف آهي، ڇاڪاڻ ته عربي تاريخ ۾ ٻئي ڪنهن به مصنف جو نالو نٿو ملي، جنهن مڪمل طور انهن ملڪن جي تاريخ ڏانهن توجهه ڏنو هجي يا انهيءَ موضوع تي ڪوبه ڪتاب لکيو هجي. مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتحن بابت جو احوال اسان تائين پهتو آهي، سو فقط مدائني جي ذريعي پهتو آهي. ڇاڪاڻ ته مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتحن يا تاريخ متعلق بلاذري، يعقوبي ۽ طبري جا بيان اڪثر مدائني جي روايتن تي ٻڌل آهن. مطلب ته سنڌ جي فتح بابت جي بنيادي حقيقتون آڳاٽن عرب مؤرخن ذريعي اسان تائين پهتيون آهن، سي اڪثر مدائني جي روايتن ذريعي ئي پهتيون آهن. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته "فتحنامه سند"، جو اصل عربيءَ ۾ هو ۽ جنهن ۾ سنڌ جي اوائلي اسلامي فتحن جو ذڪر آهي، تنهن جو گهڻو مدار مدائني جي تصنيفن ۽ روايتن تي آهي. هيٺيان دليل هن نظريي جي وڌيڪ تائيد ڪن ٿا:

(1) اسان هن کان اڳ واضح ڪري چڪا آهيون ته آڳاٽين عربي تاريخن ۾ بلاذري جي"ڪتاب فتوح البلدان" ۾ ئي سنڌ جي اسلامي فتحن جو بيان ٻين سيني ڪتابن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تفصيل سان ملي ٿو، ڇو ته ان ۾ بلاذري سڄو سارو 15 صفحن (ص 448-431) جو هڪ خاص خلاصو باب "فتوح السند" جي عنوان سان قلمبند ڪيو آهي. هن باب ۾ ڏنل روايتن تي غور ڪرڻ سان هي پڻ معلوم ٿي چڪو ته هن باب جو اصل راوي ۽ مصنف مدائني آهي.

هن باب جي متن ۽ مواد تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته: (1) ان جي شروعات، حضرت عمر جي خلافت ۾ عمان مان سنڌ ۽ هند جي بندرن (ديبل، ڀڙوچ ۽ ٺاڻي) تي ڪيل پهرئين سامونڊي

حملي ۽ فتحن جي واقعي سان ٿئي ٿي، يعني تہ محاذ هند (سنڌ ۽ هند) جي ذڪر سان ان جي شروعات ٿئي ٿي. (2) ان کان پوءِ حضرت عثمان رضہ جي خلافت کان وٺي عبدالملڪ جي عهد تائين، اسلامي فوجن جي مڪران ۾ جنگين ۽ فتحن جا واقعن ڏنل آهن. يعني تہ اهي واقعا مڪران جي فتح سان تعلق رکن ٿا. (3) وليد جي ڏينهن ۾ وري محاذ سنڌ ۽ هند جو ذڪر، ديبل تي عبيدالله بن نبهان ۽ بديل جي ساموندي حملن سان شروع ٿئي ٿو ۽ محمد بن قاسم هٿان سنڌ جي مڪمل فتح ۽ هند جي ڪن ڀاڱن جي فتح سان پورو ٿئي ٿو. (4) ان کان پوءِ سليمان جي خلافت کان وٺي سنڌ ۽ هند جي عرب گورنرن جو ذڪر شروع ٿئي ٿو، جو معتصم جي خلافت بعد عمر بن عبدالعزيز الهباري جي سنڌ تي قبضي تي ختم ٿئي ٿو.

باب "فتوح السند" جي متن ۽ مواد جي مٿئين تفصيل مان ظاهر آهي تہ هن باب جي روايت ۾ مدائني غالباً پنهنجي ٽن ڪتابن هر هڪ "ڪتاب ثغرالهند" (هند ۽ سنڌ جو محاذ)، "ڪتاب فتح مڪران" (مڪران جون فتحون) ۽ "ڪتاب عامل الهند" (هند ۽ سنڌ جا گورنر) کي يڪجا جمع ڪيو آهي، اهو قياس جي ويجهو معلوم ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ بلاذري سنہ 280/279 ھ ۾ وفات ڪئي ۽ مدائني سنہ 225 ھ ۾، يعني تہ بلاذريءَ کان 55 ورهيہ اڳ. جنهن جي معنيٰ تہ بلاذري جڏهن هن باب جي روايت خود مدائني کان سندس زباني ٻڌي هوندي، تڏهن مدائني يقيني طور پيريءَ ۾ هوندو ۽ مٿيان ٽي ڪتاب ان کان ڪافي اڳ تصنيف ڪيا هوندائين. انهيءَ ڪري زباني روايت ۾ سنڌ جي فتحن بابت بلاذري کي غالباً پنهنجن انهن تصنيفن جو تت بيان ڪري ٻڌايائين: خود بلاذري کي بہ پنهنجي ڪتاب لاءِ اختصار جي ضرورت هئي، انهيءَ ڪري غالباً مدائني جي روايت جو اختصار قلمبند ڪيائين.

"فتحنامي" جي اسلامي تاريخ واري حصي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ بلاذري جي باب "فتوح السند" وارو سڄو مواد ترتيبوار ان ۾ شامل آهي. مثلاً صفحي [72] 104 تي ان جي شروعات ٿئي، بلاذري جي باب مطابق، حضرت عمر جي خلافت ۾ عمان مان عثمان بن ابي العاص ثقفي جي هٿان سنڌ ۽ هند جي بندرن (ديبل، ڀڙوچ ۽ ٿاڻي) تي ساموندي حملي ۽ فتح جي واقعي سان ٿئي ٿي، ان بعد حضرت عثمان رضہ جي خلافت کان وٺي عبدالملڪ جي عهد تائين، اسلامي فوجن جي مڪران ۾ جنگين ۽ فتحن جا واقعا بلڪل بلاذري جي سلسلي مطابق ڏنل آهن: ۽ ان کان پوءِ وليد جي ڏينهن ۾ وري محاذ هند ۽ سنڌ جو ذڪر، ديبل تي عبيدالله بن نبهان ۽ بديل جي ساموندي حملن سان شروع ٿئي ٿو ۽ محمد بن قاسم هٿان سنڌ جي فتح جي تفصيلوار بيان

Gul Hayat Institute

سان ختم ٿئي ٿو. البت محمد بن قاسم کان پوءِ، جي عرب گورنر سنڌ ۾ آيا، تن جو بيان فتحنامي ۾ ڪونهي، جنهن جي معنيٰ ته فتحنامي جي هن اسلامي فتحن واري حصي ۾ صرف مدائني جي ٻن ڪتابن يعني ”ڪتاب ثغر الهند“ (محاذ هند ۽ سنڌ) ۽ ”ڪتاب فتح مڪران“ (مڪران جون فتحون) جو مواد موجود آهي، مگر سندس ٽئين ڪتاب ”ڪتاب عمال الهند“ (هند ۽ سنڌ جا گورنر) جو مواد شامل ڪونهي.

(2) ”فتحنامي“ جي اندروني شهادتن مان پڻ معلوم ٿئي ٿو ته ان ۾ غالباً مدائني جا اهي ٻه ڪتاب، يعني ته ”ڪتاب ثغر الهند“ ۽ ”ڪتاب فتح مڪران“ مڪمل طور شامل آهن. هيٺيان دليل ان نظريي جي تائيد ڪن ٿا:

(الف) بلاذري، باب ”فتوح السند“ ۾ مختلف واقعن بابت مدائني جي زبان ڪي اجمالي طور ۽ اختصار سان قلمبند ڪيو آهي. فتحنامي ۾ اهي ساڳيا واقعا ساڳي ترتيب پر وڌيڪ زياده تفصيل سان بيان ٿيل آهن. مدائني پنهنجي پيريءَ ۾ بلاذري کي غالباً پنهنجي تنهي ڪتابن جو تت بيان ڪري ٻڌايو، ۽ ان جي ابتڙ ”فتحنامي“ ۾ غالباً مدائني جا ٻه ڪتاب”ڪتاب ثغرالهند“ ۽ ”فتح مڪران“ سندس پوري روايت سان شامل آهن، جنهن ڪري جملي واقعن جو تفصيل موجود آهي. ان کان سواءِ باب ”فتوح السند“ ۽ ”فتحنامي“ جي ساڳين بيانن ۾ نه فقط اصولي پر جزئياتي مطابقت به موجود آهي: مثلاً فتحنامي (ص 133) ۾ ڄاڻايل آهي ته ديبل جي حملي وقت حجاج جو خط پهتو، جنهن ۾ هدايت هئي ته ”مناسب ائين آهي ته سج کي پٺي ڏيو، جيئن دشمن کي چڱي طرح ڏسي سگهو.“ اهي لفظ بلاذري جي عبارت (ص 437) ۾ حجاج جي حڪم ”ولتڪن ممايلي المشرق“ جي عين مطابق آهن: فتحنامي (ص 171) ۾ ڄاڻايل آهي ته حجاج ڏانهن محمد بن قاسم سُرڪي موڪلڻ لاءِ لکيو، ۽ ان جي انتظام لاءِ حجاج جي حڪم سان پچيل ڪپهه آئي، جا سرڪي ۾ ٻوڙي، خشڪ ڪندا ويا. بلاذري (ص 436) جي عبارت به ان مطابق آهي ته ”وعمد الحجاج الي القطن المحلوج، فنقع في الخل الخمر الحاذق.“ پهريون مجاهد، جو ديبل قلعي جي ديوار تي چڙهيو، ان جو نالو به بلاذري جي بيان توڙي فتحنامي مطابق ساڳيو آهي (ڏسو فتحنامو ص 308 نوٽ ص 134). ڏاهر جي قاتل جي باري ۾ پڻ فتحنامي ۽ بلاذري جي بيانن ۾ مطابقت آهي (ڏسو فتحنامو ص 326، نوٽ ص 198) انهيءَ جزئيائي مطابقت مان ظاهر آهي ته فتحنامي جا تفصيلي بيان مدائني جي روايت مطابق آهن. جا بلاذري خود مدائني جي زباني پنهنجي باب ”فتوح السند“ ۾ قلمبند ڪئي آهي.

(ب) بلاذري کي مدائنيءَ خود پنهنجي زباني ويهي فتوحات جي واقعن جو بيان ڪري ٻڌايو. انهيءَ ڪري بلاذري باب "فتوح السند" جي شروع ۾ سندس نالو سند طور پيش ڪيو آهي ۽ ان بعد لاڳيتو واقعات نقل ڪندو ويو آهي. تان جو ڏاهر جي قتل بعد (ص 438) وري اڳتي هلندڙ بيان لاءِ ٻيهر مدائني جو نالو ڪڍي ، پنهنجي ماخذ جي تصديق ڪئي اٿس. مطب ته بلاذري سڄو بيان مدائني جي زباني ٻڌو. انهيءَ ڪري ذري ذري سندس نالي آڻڻ جي ڪيس ضرورت ڪانه هئي.

اوائلي عرب مصنفن جو دستور هو ته خود پنهنجي تصنيف ڪيل ڪتابن ۾ اڪثر هر نئين بيان آڏو پنهنجو نالو ڪڍي ان بعد. پنهنجو سند جي سلسلو(يعني انهن راوين جا نالا جن کان مصنف تائين ان بيان يا واقعي جي روايت پهتل هجي) پيش ڪري، پوءِ ان بيان کي پيش ڪندا هئا. مؤرخن ۾ ابوجعفر طبري پنهنجي تاريخ ۾ خاص طرح انهيءَ دستور جي پابندي ڪئي آهي. طبري هر نئين واقعي کي بيان ڪرڻ وقت چوندو ته "قال ابو جعفر..... حدثني فلان قال حدثني فلان" (يعني ابو جعفر چوي ٿو ته مون سان فلاڻي هي ذڪر ڪيو)، جنهن چيو ته (مون سان فلاڻي اهو ذڪر ڪيو) يا "حدثني" (مون کي ٻڌايو) جي بدران "عن" (فلاڻي کان) جو لفظ آڻيندو. مطلب ته خود مصنف جي ڪتاب ۾ اڪثر بار بار خود مصنفن ۽ سندس سند وارن راوين جو ذڪر ايندو.

فتحنامي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته جيتوڻيڪ هڪ ته زماني جي هٿ چراند سبب ۽ ٻيو غالباً فارسي مترجم علي ڪوفي جي بي احتياطي سبب مختلف واقعن جي روايتن جي سندن کي يا ته اڻپوري حالت ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي (يعني ته ڪن راوين جا نالا ڇڏي ڏنا ويا آهن) يا ته بلڪل حذف ڪيو ويو آهي، مگر تنهن هوندي به مدائني جي نالي سان سندس سندن سميت سڄيون ساريون 13 روايتون (1) فتحنامي ۾ موجود آهن. ٻه ٻيون روايتون (ص 182 ۽ 183) "محمد بن حسن" ۽ "محمد بن ابوالحسن مدني" جي نالن سان آندل آهن، جي پڻ غالباً مدائني جون آهن ۽ سندس نالي "ابوالحسن علي بن محمد" کي غلط نموني ۾ لکيو ويو آهي. (1) ٻيون 8 روايتون انهن ماڻهن جي نالن سان ڏنل آهن، جن کان ٻيون روايتون فتحنامي ۾ خود مدائني جي زباني بيان ٿيل آهن. (2) جنهن جي معنيٰ ته اهي اٺ روايتون پڻ يقيني طور مدائني جي ذريعي ئي پهتل آهن، پر انهن جي اڳيان مدائني جو نالو حذف ٿيل آهي. انهيءَ لحاظ سان فتحنامي ۾ جملي 23 روايتون مدائني جون تسليم ڪري سگهجن ٿيون. انهن کان سواءِ ٻيون باقي روايتون جملي 14 آهن، جي ٻين راوين جي نالن سان ڏنل آهن ۽ گمان غالب آهي ته انهن روايتن مان گهڻن جي سندن جا اوائلي پاڱا حذف ٿيل آهن ۽ شايد انهن مان ڪي ٻيون پڻ مدائني جي ذريعي آيل هجن. بهرحال

Gul Hayat Institute

مجموعي طور فتحنامي ۾ وڏو حصو مدائني جي روايتن جو آهي ۽ سواءِ "فتحنامي" جي، سنڌ جي فتحن بابت مدائني جون ايتريون تفصيلوار روايتون ٻئي ڪنهن بہ عربي يا فارسي جي تاريخي ڪتاب ۾ موجود نہ آهن. هيءَ حقيقت ان نظريي جي تائيد ڪري ٿي تہ فتحنامي جو اسلامي فتحن ۽ تاريخ وارو گهڻو ڀاڱو مدائني جي ٻن ڪتابن "ڪتاب ثغرالهند" ۽ "ڪتاب فتح مڪران" جو مجموعو آهي.

فتحنامي جي جملي مواد جا ماخذ ۽ انهن جي اندروني صحت: فتحنامي جي جملي مواد جا ٽي سر چشما نظر اچن ٿا: (الف) مدائني جون روايتون. (ب) مدائني کان سواءِ ٻين عرب عالمن ۽ راوين جون روايتون، ۽ (ج) سنڌ جون مڪاني روايتون. اسان هيٺ انهن ٽنهي ماخذن تي تنقيدي نگاهہ سان مختصر بحث ڪنداسون.

---

(2) سندس مفصل سوانح لاءِ ڏسو فهرست ابن نديم (طبع يورپ) ص 100- 103، ياقوت جو معجم الادباّ (گب ميموريل) 5x309-318، تاريخ بغداد (قاهره) نمبر (6438- ج 12 ص 54) انساب المسعاني (المدائني) شذارت الذهب (طبح قاهره 201x54)، مروج الذهب (طبع پئرس) 7x287

(1) ڏسو فهرست ابن نديم ص 103 ۽ معجم الادباءِ 5x315-316.

(1) فهرست ابن نديم، 103

(1) ڏسو ص ص 105، 107، 109، 131، 133، 134، 145، 226، 261، 325، 346، 356، ۽ 357. مدائني جو نالو "ابوالحسن بن علي بن محمد" ڪري آندو ويو آهي.

(1) ڏسو فتحنامي جي آخر ۾ ص 324 تي حاشيہ ص 183/ [164]

(2) مثلاً ٽي روايتون (ص 108، 109، ۽ 111) هذلي جي نالي سان ڏنل آهن. مگر صفحن 109 ۽ 112. تي خود هذلي جون روايتون ابوالحسن مدائني جي زباني ڏنل آهن. ٻہ روايتون (ص 112 ۽ 128) عبدالرحمان بن عبدربہ السليطي جي نالي سان ڏنل آهن. حالانڪ صفحن 334 ۽ 246 تي عبدالرحمان بن عبدربہ السليطي جون روايتون پڻ ابوالحسن مدائني جي زباني بيان ٿيل آهن. صفحي 201 تي هڪ روايت ابو محمد هندي جي نالي سان ڏنل آهي، مگر صفحن 131 ۽ 252 تي ابو محمد هندي جون ٻئي روايتون ابوالحسن مدائني جي زباني بيان ٿيل آهن. 127 تي صفحي هڪ روايت اسحاق بن ايوب جي نالي سان ڏنل آهي. حالانڪ صفحي 125 تي اسحاق بن ايوب جي

Gul Hayat Institute

روايت ابوالحسن مدائني جي زباني نقل ٿيل آهي، ۽ صفحي 142 تي هڪ روايت ابوالليث التميمي الهندي جي نالي سان آندل آهي، حالانڪ صفحي 197 تي ابوالليث هندي جي روايت ابوالحسن مدائني جي زباني بيان ٿيل آهي.

Gul Hayat Institute

(الف) مدائني جون روايتون: مدائني کي عرب مؤرخن هڪ معتبر مؤرخ ڪري تسليم ڪيو آهي، جو سندس روايتون اڪثر پڪيون ۽ پختيون آهن. افسوس جو فتحنامي ۾ سندس روايتن جون ڪڙيون حذف ٿيل آهن. انهيءَ ڪري سندس روايتن جو پورو تنقيدي جائزو وٺي نٿو سگهجي، تنهن هوندي بہ هيٺيون حقيقتون مدائني جي روايتن جي اندروني صحت کي ثابت ڪن ٿيون:

(1) سنڌ بابت فتحنامي ۾ ڏنل مدائني جون اڪثر روايتون سندس انهن سند وارن راوين کان بيان ٿيل آهن، جن کان هن مرڪزي خلافت ۽ ٻين واقعن بابت احوال ٻڌا ۽ نقل ڪيا آهن، ۽ جن جي بيان کي بلاذري ۽ طبري جهڙن معتبر مؤرخن پڻ صحيح تسليم ڪري پنهنجي ڪتابن ۾ داخل ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ هيٺيون روايتون غور طلب آهن:

1- ص 109/ [78] تي عبدالله بن سوار بابت بيان ابوالحسن مدائني ٻن راوين يعني "هذلي" ۽ "مسلمة بن محارب" کان نقل ڪيو آهي. فتحنامي ۾ چار ٻيون روايتون (ص 111، 108، 109، ۽ 112) "هذلي" جي وسيلي ۽ هڪ روايت (ص 246) مسلمة بن محارب جي ذريعي بيان ٿيل آهن، جن مان ص 113 تي هذلي واري روايت ۽ ص 246 تي "مسلمة" واري روايت آڏو ابوالحسن جو نالو ڏنل آهي، پر ص 108، 109، ۽ 112 تي هذلي وارين روايتن آڏو ابوالحسن جو نالو غالباً فارسي مترجم جي بيڌيانيءَ سبب حذف ٿيل آهي. (1)

سلمي بن عبدالله بن سلمي،(2)جو ابوبڪر الهذلي جي عام نالي سان مشهور آهي، سو اسلامي تاريخ جو مڃيل ۽ مسلم راوي آهي. طبري پنهنجي تاريخ ۾ تقريباً 20 روايتون سندس سند جي سلسلي سان نقل ڪيون آهن، جن مان 8 روايتون ابوالحسن مدائني جي ذريعي نقل ڪيل آهن.(3) يعني تہ هذلي جون گهڻي ۾ گهڻيون روايتون مدائني جي ذريعي نقل ٿيل آهن. مطلب تہ هذلي، مدائني جي استادن مان هو ۽ سندس روايتون نہ صرف طبري پر ٻين مصنفن بہ مدائني جي زباني نقل ڪيون آهن.(4) ابوبڪر هذلي عباسي خليفي منصور (وفات 108 هه/775ع) جي ڏينهن تائين زنده هو،(1) ۽ مدائني، جو سنہ 135 هه ۾ ڄائو، ان جي عمر ان وقت تائين تقريباً 23 ورهيہ هئي، جنهن ڪري هن، هذلي کان سڌو سنئون سندس زباني جملي تاريخي حالات ٻڌا ۽ پنهنجي ڪتابن ۾ لکيا، ۽ ٻين تائين بہ پهچايا. (2)

"مسلمة" جو سڄو نالو "مسلمة بن محارب بن سلم بن زياد" آهي ۽ هو مشهور اموي سپهہ سالار "زياد" جي اولاد مان هو. (3) مسلمة نہ صرف تاريخي راوين ۾ مڃيل آهي، پر حديث جي راوين ۾ پڻ شمار ٿيل آهي. (4) هو مدائني جي استادن منجهان آهي ۽ سندس تاريخي روايتون

Gul Hayat Institute

گهڻو ڪري مدائني جي ذريعي ئي بلاذري توڙي طبري تائين پهتيون. مدائني سڌو سنئون ڪانئس اهي روايتون ٻڌيون. بلاذري "فتوح البلدان" (ص ص 73، 250 ۽ 280) ۾ ٽي رروايتون "مسلمة" جي سند جي سلسلي سان نقل ڪيون آهن، ۽ پنهنجي ٻي تصنيف"ڪتاب انساب الاشراف" جي جلد 4 ۽ 11 ۾ جملي ڇهه روايتون مسلمة جي سند جي سلسلي سان مدائني جي زباني سان نقل ڪيون آهن. (5) طبري جملي 43 روايتون مسلمة جي سند جي سلسلي سان نقل ڪيون آهن ۽ اهي سڀئي مدائني جي ڪتابن تان يا مدائني جي شاگرد عمر بن شبه ڪان خود مدائني" جي زباني نقل ڪيل آهن. خود فتحنامي ۾ ص 346 تي ٻي هڪ روايت پڻ ابوالحسن مدائني، مسلمة بن محارب ڪان نقل ڪئي آهي.

مطلب تہ هذلي توڙي مسلمة، مدائني جا وڏا معاصر ۽ تاريخ جا ڄاڻو هئا. افسوس جو فتحنامي ۾ ڪانئن جيڪي روايتون مدائني بيان ڪيون آهن، تن مان ڪن جا پويان سلسلا (يعني تہ خود هذلي ۽ مسلمة جن ماڻهن ڪان اهي ڳالهيون ٻڌيون ۽ انهن وري جن ڪان ٻڌيون، تن جا نالا) حذف ٿيل آهن، جنهن ڪري اڪين ڏٺل يا همعصر روايتن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. تنهن هوندي بہ ڪن روايتن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ مدائني جي روايتن جو سلسلو نيٺ انهن ماڻهن تائين پهچي ٿو، جي بيان ٿيل واقعن ڪان پوري طرح واقف هئا. مثلاً ص 111 تي ابوالحسن مدائني جي روايت ابوبڪر هذلي ڪان ۽ هذلي جي روايت اَسود ڪان آهي ۽ اها امير معاويہ جي عهد (41-60 ھ) ۾ راشد بن عمرو جي محاذ هند تي مقرري بابت آهي. هن روايت ۾ جيتوڻيڪ هذلي ۽ اَسود جي وچ وارن راوين جا نالا حذف ٿيل آهن(1) تہ بہ بيروني شهادتن جي بنياد تي پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ "اَسود" مان مراد الاسود بن يزيد النخعي آهي، جو تاريخ جو مشهور راوي آهي. تاريخ طبري ۾ گهٽ ۾ گهٽ 9 تاريخي بيان اهڙا آهن جن جي سندن جي سلسلي جي آخري ڪڙي اَسود آهي. اَسود، ڪوفي جي برگزيده تابعين مان هو ۽ حضرت عثمان رضہ جي شهادت (سنہ 35 ھ) وقت حضرت عثمان رضہ طرفان مدافعت ۾ مشغول هو. (1) ان بعد امير معاويہ جي عهد تائين سندس زنده رهڻ ۽ راشد بن عمرو جي مقرريءَ ڪان واقف هئڻ بالڪل قياس جي ويجهو نظر اچي ٿو. انهيءَ لحاظ سان مدائني جي هيءَ روايت نموني طور ثابت ڪري ٿي تہ سندس روايتن جا ماخذ بالڪل پختا ۽ معاصراڻا آهن.

مٿئين تفصيلي بحث بعد اسان هيٺ فتحنامي ۾ مدائني جي باقي بين روايتن جي ماخذن تي مختصر روشني وجهنداسون.

Gul Hayat Institute

2- ص 112 تي ابوالحسن مدائني جو حاتم بن قبيصة بن المهلب (2) جي زباني ٻڌل بيان ڏنل آهي. حاتم بن قبيصة سنہ 98 ھ ۾ طخارستان جو گورنر هو.(3) هو تاريخ جو وڏو ڄاڻو هو ۽ راوي عمر بن شبة جهڙيءَ طرح مدائني کان تاريخي روايتون نقل ڪيون آهن. اهڙي طرح هن حاتم بن قبيصة کان بہ روايتون نقل ڪيون آهن. (4)انهيءَ ڪري مدائني جو حاتم بن قبيصة کان نقل ڪرڻ بالڪل قياس جي ويجهو آهي. البت هيءَ روايت عبدالله بن سوار جي جنگ بابت آهي، جنهن کي امير معاويہ تقريباً سنہ 41-42 ھ ۾ محاذ هند تي مقرر ڪيو ۽ انهيءَ جنگ ۾ حاتم بن قبيصة جو هجڻ ممڪن نظر نٿو اچي. طبري سنہ 50 ھ جي ٻن واقعن جا اکين ڏٺا احوال جن ماڻهن جي زباني حاتم بن قبيصة جي وسيلي نقل ڪيا آهن، انهن ماڻهن ۽ حاتم بن قبيصة جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ راوي جو واسطو آهي. (1)انهيءَ ڪري فتحنامي جي هن روايت جو پويون حصو ظاهراً حذف ٿيل آهي ۽ جنهن ماڻهو ابن اسوار کي جنگ ۾ ڏٺو، سو خود حاتم بن قبيصة ناهي، مگر اهو راوي، جنهن کان حاتم بن قبيصة هيءُ روايت نقل ڪئي، تو پاتئجي.

3- ص 125 تي ابوالحسن مدائني جي اسحاق بن ايوب جي زباني ٻڌل بيان ڏنل آهي، جو سنہ 92 ھ ۾ حجاج جو محمد بن قاسم کي سنڌ تي رواني ڪرڻ لاءِ فوج گڏ ڪرڻ بابت آهي. طبري، ابوالحسن مدائني جون اسحاق بن ايوب کان نقل ڪيل بہ روايتون ڏنيون آهن جي امير معاويہ جي عهد ۽ وليد بابت آهن. (2) فتحنامي جي هيءُ روايت پڻ وليد جي عهد جي آهي ۽ روايت جي اعتبار کان مڪمل آهي. ص 127 تي ٻي روايت ۾ اسحاق بن ايوب ۽ هلواث ڪلبي جا نالا ڏنل آهن. ۽ ظاهراً آڏو مدائني جو نالو ڇڏيل آهي ڇو تہ هلواث جون روايتون پڻ مدائني ذريعي پهتل آهن.(3)

4- ص 131 تي ابوالحسن "ابو محمد مولي بني تميم" کان ديبل جي محاصري جو نقل ڪيو آهي ۽ 252 تي ابوالحسن ساڳئي "ابو محمد هندي" کان ملتان جي منروي بتخاني جو بيان نقل ڪيو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ ابو محمد هند يعني سنڌ جو هو ۽ بنو تميم جو پالتو هو. تي سگهي ٿو تہ ابو محمد کي انهن واقعن جي سنئين سڌي خبر هجي، ڇاڪاڻ تہ اهي واقعا سنہ 93-95 ھ جا آهن ۽ ممڪن آهي تہ ابو محمد گهٽ ۾ گهٽ 56 سال پوءِ بہ جيئرو رهيو هجي، جو سنہ 150 ھ ڌاري جڏهن ابوالحسن مدائني جي عمر 15 سال هئي، تڏهن ڪيس انهن ڳالهين جي خبر ڏني هجيس. پر غالباً فتحنامي ۾ انهن روايتن جو بہ پويون حصو حذف ٿيل آهي ۽ ابو

Gul Hayat Institute

محمد خود ٻئي ڪنهن ڪان اهي حالات ٻڌا. ڇاڪاڻ ته بلاذري "فتوح البلدان" (ص 438) ۾ محمد بن قاسم جي فتح بابت هڪ بيان نقل ڪيو آهي جو مدائني، "ابو محمد الهندي" ڪان ٻڌو، ۽ ابو محمد وري "ابو الفرج" نالي راوي ڪان ٻڌو. بهرحال بلاذري جو هي حوالو ثابت ڪري ٿو ته ابو محمد، مدائني جي استاد راوين منجهان آهي.

البت فتحنامي ۾ ص 201 تي، ڏاهر جي قتل، لاڏيءَ جي گرفتاري ۽ محمد بن قاسم جو لاڏيءَ ڪي خريد ڪرڻ واري حڪايت پڻ ابو محمد هنديءَ ڪان نقل ٿيل آهي، جنهن اها "ابو مسهر عابي" ڪان ٻڌي، جنهن وري اها "هند جي ڪنهن شخص" ڪان ٻڌي. هيءَ روايت مشڪوڪ آهي، ڇاڪاڻ ته جيتوڻيڪ ابو محمد مشهور راوي آهي، ۽ پڻ جيڪڏهن "ابو مسهر عابي" ڪي صحيح طور "ابو مسهر عبدالاعليٰ" تسليم ڪجي، جو پڻ مشهور راوي آهي[(1)] ته به روايت جي آخري ڪڙي مشڪوڪ ۽ مبهم آهي.

5- ص 252 تي ابوالحسن مدائني، خريم بن عمرو ڪان ملتان جي ڏن بابت روايت نقل ڪئي آهي. خود فتحنامي مان ظاهر آهي ته حجاج، خريم ڪي محمد بن قاسم سان گڏ موڪليو هو[(2)] ۽ خريم سنڌ جي فتحن ۾ ساڻس گڏوگڏ هو[(3)] ۽ غالباً ويندي آخر تائين محمد بن قاسم سان گڏ رهيو [(4)] انهيءَ ڪري ملتان جي فتح ۽ خزاني وارو احوال سندس اکين ڏٺو آهي.

6- ص 197 تي ابوالحسن جي ابوالليث هندي ڪان ٻڌل روايت (ڏاهر جي قتل بابت) ڏنل آهي، جا هن (ابوالليث) پنهنجي پيءُ ڪان ٻڌي. ان ڪان اڳ ص 142 تي پڻ محمد بن قاسم جي ديبل ڏانهن روانگيءَ وارو بيان "ابو الليث التميمي الهندي" ڪان بيان ڪيل آهي، پر بيان ڪندڙ (ابوالحسن مدائني) جو نالو حذف ٿيل آهي. ابوالليث هي پويون بيان "جعونه بن عقبة السلمي" ڪان ٻڌو. هاڻي خود فتحنامي جي ص 133 تي ڏنل بيان مان ظاهر آهي ته جعونهالسلمي، محمد بن قاسم سان گڏ هو ۽ خاص منجنيقن جي چارج ۾ هو. انهيءَ حوالي مان انهن روايتن جي صحت جي تصديق ٿئي ٿي.

7- ص 234 ۽ 246 تي مدائني (علي بن محمد) جون ٻه روايتون عبدالرحمان بن عبد ربهالسليطي ڪان ڏنل آهن. پوئين روايت ساڳئي وقت مسلمة بن مهارب ۽ عبدالرحمان بن سليطي ڪان نقل ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ ته عبدالرحمان ۽ مسلمة ٻئي مدائني جا وڏا معاصر هئا.

Gul Hayat Institute

وري ص 112 ۽ 128 تي عبدالرحمان بن عبدربه کان ٻه روايتون ڏنل آهن جن جو ناقل پڻ مدائني کي ٿي سمجهڻ گهرجي، پر سندس نالو حذف ٿيل آهي. عبدالرحمان بن عبدربه کان ابوالحسن جون اهي چارئي روايتون مستند آهن، ڇاڪاڻ ته ساڳين واقعن بابت بلاذريءَ جا ابوالحسن کان نقل ڪيل بيان انهن سان ملي اچن ٿا.

مٿين وضاحت مان قدري ظاهر آهي ته "فتحنامه" ۾ مدائني سان واسطو رکندڙ روايتون تاريخي اعتبار کان صحيح آهن. البت ص 255 تي "محمد بن علي ۽ ابوالحسن مدائني" جي نالن سان ڏاهر جي ڌيئرن جي محمد بن قاسم خلاف سازش بابت جا ڪهاڻي نقل ٿيل آهي، سا جملي مستند تاريخي ماخذن جي خلاف آهي ۽ انهيءَ ڪري ان جو سند جو سلسلو پڻ غالباً مصنوعي آهي. (1)

**(ب) مدائني کانسواءِ (؟) باقي ٻيا عرب راوي:** جملي ٻيون 14 روايتون اهڙيون آهن (2) جي پڻ عرب راوين کان آهن، پر انهن جي سند جي سلسلي ۾ نه مدائني جو نالو ڏنل آهي ۽ نه وري اهڙي ڪنهن ٻئي راوي جو، جنهن کان (فتحنامي ۾ ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي) مدائني جي ٻي ڪا روايت موجود هجي. ڇئي نٿو سگهجي ته اهي ڪي مستقل روايتون آهن جن سان مدائني جو تعلق ناهي، ڇاڪاڻ ته انهن جي سند جا سلسلا بلڪل مختصر ۽ هڪ ٻن راوين جي نالن تائين محدود آهن. بالڪل ممڪن آهي ته انهن مان ڪافي روايتون مدائني جي ذريعي پهتل هجن مگر مدائني جو نالو ٻه ٻين راوين سان گڏ ڇڏي ڏنو ويو هجي.

جيئن ته انهن روايتن جي سند جا سلسلا بلڪل مختصر طور ڏنل آهن ۽ يقيني طور راوين جا نالا حذف ٿيل آهن، انهيءَ ڪري وڌيڪ تحقيق لاءِ ميدان تنگ آهي. البت ڪي تاريخي اهڃاڻ موجود آهن جي هنن روايتن جي صحيح هجڻ تي شاهد آهن: مثلاً ص 215/[151] تي ڏنل داستان جي روايت خواجه امام ابراهيم طرفان آهي ۽ آخر ۾ ص 480 واري حاشيه ۾ ڏنل تفصيلي بحث هن روايت جي صحت کي ثابت ڪري ٿو. ٻين روايتن کي بلاذري ۽ يعقوبي جي فتح سنڌ بابت بيانن سان ڀيٽجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته اهي پڻ انهن صحيح ۽ مستند بيانن جي منافي نه آهن. سواءِ ٻن روايتن جي: هڪ ص 268 تي ڏنل لاڏي بابت "عقيل بن عمرو" نالي راوي جو بيان، ۽ ٻيو ص 275 تي بنو تميم جي ڪنهن نامعلوم شخص ذريعي نقل ڪيل بيان، جنهن ۾ محمد بن قاسم جو حجاج کان سنڌس ڏيءُ جو سڱ گهرڻ وارو قصو بيان ٿيل آهي. ڪتاب جي

آخر ۾ ص 439، حاشيہ 131/[94] ۾ محمد بن قاسم جي شادي متعلق تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي جنهن مان مٿين ٻنهي روايتن جي ترديد ٿئي ٿي.

**(ج) مقامي روايتون:** مدائني جون روايتون خواهہ اهي ٻيون روايتون، جي عرب راوين جي سنَدَن جي سلسلن سان موجود آهن، سي عرب محققن جي فن روايت جي اصولن موجب ڏنل آهن. انهن مان اڪثر روايتن جا سلسلا انهن عرب راوين تائين پهچن ٿا، جن ڪي واقعن جي سڌي سنئين خبر هئي. ڪن ٻين روايتن جا سلسلا سنڌ جي مقامي راوين، مثلاً، ابو محمد،(1) ابوالليث هندي (2) ۽ امير محمد والي ساوندي سمہ (3) تائين پهچن ٿا. انهن راوين مان ابو محمد ۽ ابو الليث ٻئي عرب قبيلي بنو تميم سان وابستہ هئا ۽ سندن روايتون مدائني ۽ ٻين عرب راوين ذريعي پهتل آهن. ساوندي سمہ جو والي امير محمد، غالباً عرب هو، مگر ڪائنس نقل ڪيل روايت جو سند جو سلسلو حذف ٿيل آهي. انهن ٽن راوين مان صرف ابومحمد هندي جو ص 267 تي ڏاهر جي قتل ۽ لاڏيءَ جي گرفتاري بابت بيان دراصل ٻئي هڪ نامعلوم مقامي شخص ڪان نقل ٿيل آهي ۽ انهيءَ ڪري ان گمنام شخص جي سند ڪي مستند ڇٽي نٿو سگهجي، جيئن مٿي ص 2 تي ڄاڻايو ويو آهي.

عرب راوين سان لاڳاپيل انهن ٽن مقامي شخصن جي بيانن کانسواءِ فتحنامي ۾ ڪافي اهڙو مواد موجود آهي جنهن جو بنياد مقامي روايتن تي آهي. اهڙين روايتن مان صرف هڪ روايت ص 195 تي (شجاع نالي شخص جي ڏاهر سان مقابلي بابت) اهڙي آهي جنهن ۾ مقامي راوي، رام سيہ برهمڻ جو نالو ڪنيل آهي. باقي هيٺيون روايتون، فن روايت جي اصول موجب نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ڪنهن بہ راوي جو نالو ڏنل ڪونهي.

1- صفحي 62 کان صفحي 105 تائين اسلامي فتوحات کان اڳ واري سنڌ جي تاريخ واري سڄي بيان جو مدار ٻڌل سئل ڳالهين تي آهي ۽ ڪٿي بہ ڪنهن راوي جو نالو ڄاڻايل ڪونهي. مثلاً ص 55 تي شروعات ئي غير معلوم "خبرن جي راوين ۽ تاريخ جي مصنفن"سان ٿئي ٿي ۽ ص 66 تي "هن داستان جو مصنف ۽ هن بوستان جو لکندڙ" پڻ نامعلوم آهي. هن باب ۾ ص 77 تي عرب امير عين الدوله ريحان مدني جو ذڪر، ص 87 تي رسول الله ﷺ جي هجري ٻئي سال ڏانهن اشارو ۽ ص 103 تي عرب قبيلہ بنو سامه جي علاقين جو سنڌ ڏانهن پڇي اچڻ وارو ذڪر ڏيکارين ٿا تہ هي باب يقيني طور ڪنهن مسلمان مؤرخ جو جمع ڪيل آهي. ان ڪان سواءِ هن باب ۾ سنڌ جي ڪن مقامي واقعن ۽ حالتن جا تفصيل ڏيکارين ٿا تہ هن تاريخي باب مرتب

ڪرڻ ۾ ڪافي تحقيق ڪان ڪم ورتو ويو آهي. البت هن باب ۾ چچ ۽ راڻي سونهن ديوي جي عشق واري داستان وارو افسانوي رنگ غالباً فارسي مترجم جو اضافو آهي جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو.

---

(1) ڏسو آخر ۾ ص 294-295 تي ڏنل حاشيہ 108/ [77]

(2) طبري (255x3) سندس نالو بالڪل انهيءَ طرح ڏنو آهي، جو صحيح سمجهڻ گهرجي. طبري جي ايڊيٽرن اسماءِ خاص جي فهرست ۾ سندس نالو "سلمه بن عبدالله" ڪري لکيو آهي ۽ ابن رسته جي ڪتاب "الاعلاق النفيسة" (ص 313) ۾ سندس نالو "سليمان بن عبدالله" لکيل آهي. وڌيڪ سندس حالات لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص 294 - 295

(3) ڏسو تاريخ طبري ص ص 2831x1، 2872x1، 3068x1، 3135x1، 3198x1، 173x2، 1326x2 ۽ 132x3.

(4) مثلاً بلاذري "فتوح البلدان" (ص 18) ۾ فقط هڪ روايت "هذلي" جي اسناد سان آندي آهي ۽ اها ابوالحسن مدائني جي زباني نقل ٿيل آهي. ساڳيءَ طرح بلاذري پنهنجي ٻئي ڪتاب "انساب الاشراف" (جلد 11 ص 227) ۾ پڻ هذلي جي روايت مدائني جي ذريعي نقل ڪئي آهي.

(1) ڏسو طبري 401x3، 424، 435 ۽ 436.

(2) طبري، مدائني جون هذلي ڪان ٻڌل روايتون مدائني جي شاگرد عمر بن شبه جي زباني نقل ڪيون آهن.

(3) ڏسو تاريخ طبري، 445x2 .

(4) ڏسو بخاري جي "التاريخ الڪبير" جلد 4 ص 279.

(5) ڏسو ڪتاب انساب الاشراف جلد 4 ص ص 73، 81، 106 ۽ جلد 11 ص ص 27، 168، 226.

(1) چاڪاڻ تہ هذلي ۽ مسلمة ٻئي همعصر ۽ مدائني جا مکيہ ماخذ آهن ۽ مدائني ڪي روايتون ٻنهي ڪان ساڳي وقت ٻڌيون آهن (ڏسو تاريخ طبري 73x2). طبري هڪ روايت ڏني آهي جا هن ابن حميد ڪان ٻڌي ۽ هن مسلمة ڪان ٻڌي، مسلمة ابواسحاق عبدالرحمان ڪان ٻڌي ۽ عبدالرحمان سندس پيءُ أسود ڪان ٻڌي (225x1). هن سلسلي اسناد مطابق مسلمة ۽ أسود جي وچ ۾ ٻيا راوي آهن. ان مان ظاهر آهي تہ فتحنامي جي متين روايت ۾ مسلمة جي همعصر هذلي ۽ أسود جي وچ ۾ بہ ڪم از ڪم ٻن راوين جا نالا هئڻ ڪپن جي حذف ٿيل آهن.

(1) ڏسو تاريخ طبري 1+2896، 2916، ۽ 2960.

(2) متن ۾ "حاتم بن قتيبه الباهلي" غلط آهي ۽ صحيح نالو "حاتم بن قبيصة بن المهلب" آهي-

(3) ڏسو تاريخ طبري 1324x2

(4) تاريخ طبري 109x2-110.

(1) طبري سنہ 50 هجري جي ٻن واقعات ڪي هن ساڳي روايت سان بيان ڪيو آهي تہ: "طبري، عمر بن شبهڪان، عمر بن شبه، حاتم بن قبيصة، غالب بن سليمان ڪان، غالب بن سليمان، عبدالرحمان بن صبح ڪان (ايضا 109x2-110)

Gul Hayat Institute

(2) ڏسو تاريخ طبري 201x2 ۽ 1741x2

(3) ڏسو متي ص 8.

(1) ابو مسهر عبدالاعليٰ بن مسهر تاريخ جي راوين مان آهي ۽ طبري ٽن روايتن (4x2، 1130x3، ۽ 2426x3 ۾ سندس نالو ڪنيو آهي، جن مان هڪ (130x3) منجهان گمان نڪري ٿو ته هو مامون جي حڪومت جي آخري سال سنه 18 هه ۾ جيئرو هو.

(2) ڏسو فتحنامه، ص 127 ۽ 130

(3) ساڳيو ص 134، 207، 216، 233.

(4) محمد بن قاسم جي سنڌ مان معزولي سنه 96 هه جي پهرئين اڌ ۾ واقع ٿي. ان وقت ٽائين خريم جي ڪنهن بئي هنڌ موجودگي ثابت ڪانهي ۽ فتحنامي جي حوالن مان قوي گمان نڪري ٿو ته هو سنڌ ۾ هو، محمد بن قاسم جي معزولي بعد سنه 96 جي پوئين ۽ 97 هه ڌاري قتيبة جي قتل وقت خريم خراسان ۾ نظر اچي ٿو (ڏسو طبري 130x2 ۽ 1312.

(1) ڏسو آخر ۾ ص 351-362 جتي هن مصنوعي حڪايت ۽ صحيح تاريخي حالات تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي.

(2) ڏسو فتحنامه، ص 106، 107، 113، 116، 119، 121، 128، 137، 171، 193، 201، 205، 207، 219.

(1) ڏسو فتحنامه، ص 131، 252 ۽ 201

(2) ساڳيو ص 142 ۽ 197

(3) ساڳيو ص 231.

Gul Hayat Institute

2- ص 166 تي ڏاهر جو محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ مهراڻ جي ٻئي ڪناري تي سامهون تيار ٿي ويهڻ واري بيان جو مدار بہ مقامي روايت تي آهي، پر غالباً ان جي صحت جي تصديق لاءِ ان کي خاص طرح ”هند جي دانائن“ ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي.

3- ص 220 تي لاڏيءَ بابت بيان ظاهراً غير معتبر آهي، ڇاڪاڻ تہ اتي صاف ڄاڻايل آهي تہ اهو بيان ”برهمڻ آباد جي مکيہ ماڻهن کان ڏند ڪٿائن ۾ آٽين تا“.

4- ص 236 تي اروڙ جي جادوگرڻ وارو قصو محض هڪ قصو ئي آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي روايت مبهم آهي ۽ ڄاڻايل آهي تہ ”هن ڳالهہ جي سنواريندڙن هن طرح بيان ڪيو آهي“.

5- ص 239 تي اروڙ جي برهمڻ قيدي سپاهي وارو قصو بہ محض هڪ افسانو آهي، ڇاڪاڻ تہ ”هن ڳالهہ جا راوي ۽ هن تاريخ جا بيان ڪندڙ“ مبهم ۽ نامعلوم آهن.

6- ص 241 تي جيسينہ جو ڪيرج ڏانهن مدد لاءِ وڃڻ وارو بيان ”وڏن مکيہ ماڻهن کان ٻڌل ڳالهين“ تي مبني آهي. ۽ جيتوڻيڪ ”وڏن ۽ مکيہ ماڻهن“ وارا لفظ جيسينہ جي ڪيرج ڏانهن وڃڻ واري بيان جي صحت جي تائيد ڪن ٿا پر ان بيان ۾ جيسينہ سان ”ڇڳيءَ“ جي محبت وارو افسانو غالباً فارسي مترجم طرفان ناهي جوڙي بيان ڪيل آهي، جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو.

7- ص 241 تي جيسينہ جي ولادت ۽ بهادري وارو قصو ”اروڙ جي ڪن برهمڻن“ کان بيان ٿيل آهي ۽ محض هڪ حڪايت آهي جنهن کي ڪا تاريخي اهميت ڪانهي.

مٿئين مواد جو علاوه، مترجم علي ڪوفي بہ پنهنجي طرفان عبارت آرائي جي لحاظ سان اضافا ڪيا آهن جن جي هيٺ وضاحت ڪئي ويندي.

**اصل عربي ڪتاب جي تاليف بابت راءِ:** فتحنامي جي تاريخي پس منظر ۽ ان جي سموري مواد جي جملي ماخذن بابت مٿين ڪيل وضاحت مان معلوم ٿيو تہ فتحنامي جي تاليف جو مدار هيٺين سرچشمن تي آهي: (1) مدائني جا ٻہ ڪتاب، ”ڪتاب فتح مڪران“ ۽ ”ڪتاب ثغرالهند“، (2) مدائني کانسواءِ (؟) ٻين ڪن عرب مؤرخن ۽ راوين جا سنڌ جي فتح بابت بيان، ۽ (3) سنڌ ۾ اسلام کان اڳ واري دؤر حڪومت ۽ محمد بن قاسم جي فتح سان واسطو رکندڙ ڪن حڪايتن بابت سنڌ جي مقامي ماڻهن، دانائن، مکين، برهمڻن ۽ وڏن عمر وارن جا زباني بيان.

پهرئين ۽ ٻئي سر چشمي ۾ تميز ڪرڻ مشڪل آهي، ڇاڪاڻ تہ روايتن جا سلسلا حذف ٿيل آهن ۽ بالڪل ممڪن آهي تہ فارسي ترجمي ۾ جي روايتون ٻين راوين ڏانهن منسوب آهن، سي دراصل مدائني جي واسطي سان قلمبند ٿيل هجن پر سندس نالو ڇڏي ڏنو ويو هجي. هن دليل

جي تائيد هن حقيقت مان ٿئي ٿي تہ انهن راوين مان جن بابت بہ ڪجهہ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، سي مدائني ڪان اڳ جا آهن ۽ غالباً سندن بيان مدائني ذريعي ئي پوين تائين پهتا.

بهرحال پهرئين ۽ ٻئي سرچشمي جي راوين ۾ ابوالحسن مدائني سڀ ڪان پوءِ آهي ۽ انهيءَ ڪري، يا تہ هيءُ ڪتاب خود مدائني (225-135 هہ) تصنيف ڪيو يا تہ مدائني جي وفات (سنہ 225 هہ) بعد تصنيف ٿيو. فتحنامي ۾ خود مدائني وارين روايتن مان ڪن جي آڏو ڄاڻايل آهي تہ ٻين ڪن راوين جي ذريعي ابوالحسن ڪان اهي بيان نقل ٿيل آهن. (1)جنهن جي معنيٰ تہ شايد ابوالحسن ڪان پوءِ اهي بيان ڪانئس صدري روايتن ذريعي يا سندس ڪتابن ذريعي قلمبند ٿيا.

جنهن مواد جو خاص مقامي روايتن تي مدار آهي ان جي سنہ تاليف بابت يقيني طور ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ سواءِ "رام سيہ برهمڻ" جي ٻين راوين جا نالا اڻلڀ آهن ۽ خود رام سيہ جو اڪيلو نالو ڪابہ رهنمائي نٿو ڪري سگهي.

فتحنامي جي سڄي متن ۾ ڪابہ اهڙي مستقل اندروني شهادت موجود ڪانهي جنهن جي بنياد  تي ان جو سنہ تاليف متعين ڪري سگهجي. البت ص 248/[236] تي هڪ عربي شعر ڏنل آهي جو ابوالفتح بستي جي قصيده مان آهي (2) جنهن سنہ 401/400 هہ ۾ وفات ڪئي. پر جيئن تہ ان شعر جو نفس مضمون سان ڪوبہ واسطو ڪونهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهو فارسي مترجم طرفان وڌايل هجي، انهيءَ ڪري ان کي فتحنامي جي سنہ تاليف بابت سند طور پيش ڪرڻ منطقي طور صحيح نہ ٿيندو.

البت مترجم علي ڪوفي جي ديباچي ۾ ڄاڻايل آهي تہ اصل عربي ڪتاب "عرب عالمن"جو لکيل هو ۽ ان جو نسخو قاضي اسماعيل (سنہ 613 هہ) جي "ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين"لکيل هو ۽ سندس خاندان ۾ اڳاٽي وقت ڪان ميراث طور ورثي ۾ هلندو پئي آيو(1) "ابن ڏاڏن" ۽ "ميراث طور ورثي ۾ هلندو اچڻ" مان هڪ گماني اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ شايد هيءُ ڪتاب تقريباً ٻن اڍائن سون ورهين ڪان هن خاندان ۾ هجي. اهو اندازو چوٿين صدي هجريءَ تائين پهچي ٿو ۽ انهيءَ بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ اصل عربي ڪتاب مدائني جي وفات ڪان وٺي چوٿين صدي هجريءَ جي آخر واري عرصي، يعني تہ 225 هہ ڪان 400 هہ واري عرصي ۾ تاليف ٿيو هجي.

مدائني ڪان سواءِ ٻئي جنهن بہ هيءُ ڪتاب تاليف ڪيو، تنهن مدائني جي تصنيف "ڪتاب فتح مڪران" ۽ "ڪتاب ثغرالهند" تي ئي ان جو بنياد رکيو ۽ انهيءَ ڪري هيءُ ڪتاب محمد بن قاسم هٿان سنڌ جي فتح واري بيان تي ختم ٿيو. جيڪڏهن 225 هہ-400 هہ واري عرصي ۾

لکنڊڙ مؤلف کي تاريخ سنڌ بابت ڪنهن نئين تاريخ تصنيف ڪرڻ جوخيال هجي ها ته ان وقت تائين جا ٻيا به ڪيئي گورنر حڪمراني ڪري چڪا هئا ۽ انهن جو ذڪر به ڪتاب ۾ شامل ڪري ها.

جيتوڻيڪ هن ڪتاب جو تعلق هڪ محدود تاريخي عرصي سان آهي، پر واقعن جي تفصيل سبب هيءُ ڪتاب هڪ ممتاز تاريخي حيثيت رکي ٿو. سنڌ جي اسلام کان اڳ واري تاريخ جو حتي الامڪان تفصيلي بيان، محمد بن قاسم جو شيراز کان رواني ٿيڻ کان وٺندي آخر ۾ ملتان جي فتح تائين مفصل تاريخي بيان، محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جي وچ ۾ لڙائيءَ جي تياري، توڙي لڙائيءَ جي ڪيفيت ۽ مختلف معرڪن جا ذري پرزي واقعا. جنگي واقعن ۽ خاص موقعن تي عرب شاعرن جا شعر، حجاج ۽ محمد بن قاسم جي وچ ۾ خط و ڪتابت جو تفصيلي رڪارڊ، فتحنامي ۾ اهو جملي تاريخي مواد اڪثر نئون ۽ انوکو آهي بلڪ ٻين عرب تاريخن ۾ اڻلڀ آهي. ڪتاب جي تاليف ۾ اوڻايون هڪ ته غير معتبر مقامي روايتن کي داخل ڪرڻ سان پيدا ٿيون آهن، ٻيو ته نسخن جي نقل در نقل سبب، خاص نالن ۽ واقعن جي سنن ۽ سالن ۾ تحريف ۽ تصحيف ۽ عبارتن جي خلل سبب وجود ۾ آيون آهن. ۽ ٽيون وري غالباً فارسي مترجم طرفان روايتن جي سلسلن کي حذف ڪرڻ ۽ رنگين عبارت آرائي طرف توجهه ڏيڻ سبب واقع ٿيون آهن. روايتن جي سلسلن ۾ ڪاٽ ڪُوٽ سبب واقعن جي صحت کي پرکڻ البت ناممڪن ٿي پيو آهي، باقي ٻين جملي اوڻاين جي علمي تحقيق ۽ تنقيد سان تلافي ٿي سگهي ٿي.

**اصل عربي ڪتاب جو نالو:** اصل ڪتاب، جنهن جو علي ڪوفي 613هه ڌاري ترجمو ڪيو، ان جو سرورق ٿي يا شروع ۾ ڪتاب توڙي اصل مصنف جو نالو هئڻ قياس جي ويجهو نظر اچي ٿو، مگر فارسي مترجم علي ڪوفي ان بابت پنهنجي ديباچي ۾ ڪابه وضاحت ڪانه ڪئي، بلڪ پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ هڪ نئون نالو تجويز ڪيو، جو غالباً هڪ ته پرتڪلف هئڻ سبب ۽ ٻيو ته ترجمي جي آخر ۾ هئڻ سبب رائج نه ٿي سگهيو. انهيءَ ڪري پوين پڙهندڙن ان کي مختلف نالن سان سڏيندي بالآخر ان کي ”چچ نامہ“ سڏيو ۽ اهو آسان مگر غلط نالو مشهور ٿي ويو. گذريل صديءَ ۾ ايلفنسٽن پهريون دفعو انڊيا آفيس لئبرري واري قلمي نسخي جي مطالعي بعد، ڪتاب جو نالو ”تاريخ هند و سند“ ڄاڻايو.(1) ان بعد اليٽ پنهنجي تاريخ ۾ واضح ڪيو ته ”چچ نامه“ جي نالي لاءِ خود ڪتاب اندر ڪابه ثابتي موجود ڪانهي، بلڪ ڪتاب جي شروع توڙي آخر ۾ ان کي ”فتحنامہ“ سڏيو ويو آهي.(2) آخر ۾ شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي فارسي

Gul Hayat Institute

متن مان ڪتاب جي نالي بابت حوالا جمع ڪري واضح ڪيو ته ڪتاب جو ”فارسي ۾ اصل نالو فتحنامو“ هو (3) ۽ انهيءَ لحاظ سان فارسي ايڊيشن جي سرورق تي ڪتاب جو نالو ”فتحنامه سند المعروف به چچ نامه“ ڪري لکيائين. اسان هيٺ هن مسئلي تي قدري تفصيل سان روشني وجهنداسون.

جيئن ته ڪتاب جو اصلي عربي نالو اسان تائين نه پهتو آهي، انهيءَ ڪري خود فارسي ترجمي جي اندروني شهادتن جي آڌار تي ان جو اندازو لڳائي سگهبو. ڊاڪٽر دائود پوٽه ص[11] ، [14] ۽ [248] جا حوالا ڏنا آهن، جتي هن ڪتاب لاءِ ”اين فتحنامه“ جا لفظ آيل آهن. انهن ڪانسواءِ ٻين صفحن تي هيٺين قسم جا حوالا موجود آهن. ”اين ڪتاب تاريخ هندو... فتح سند“ [ص 8] ”تاريخ اين فتح“ [ص 10] ،”اين فتحنامه“ [13] ”فتح نامه“ (بمعنيٰ فتح جو احوال، جو محمد بن قاسم حجاج ڏانهن لکيو) [ص 186-187 ۽ 191، 196 ۽ 199] انهن حوالن مان ظاهر آهي ته لفظ ”فتحنامه“ مترجم ٻن معنائن ۾ استعمال ڪيو آهي. لفظي طور بمعنيٰ ”فتح جو احوال يا خط“ ۽ اصطلاحي طور هيءُ ڪتاب جنهن جو خاص تعلق سنڌ جي فتح سان آهي. هاڻي جيڪڏهن تسليم ڪجي ته لفظ ”فتحنامه“ اصل عربي ڪتاب جي نالي واري مفهوم ڪي قدري ادا ڪري ٿو، ته پوءِ صرف ايترو چئي سگهبو ته اصل نالي ۾ شايد”فتح“ جو لفظ هو.

ص [10] تي ”تاريخ اين فتح“ وارو فقرو به قدري ان گمان جي تائيد ڪري ٿو. ٻئي طرف ص [8] تي ڏنل عبارت،”محرر اين ڪتاب تاريخ هندو مقرر فتح سند“، به ڇڻ بياني معلوم ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن انهيءَ عبارت مان اصل عربي ڪتاب جي نالي جواندازو لڳائجي ته به صرف ايترو چئي سگهبو ته شايد انهيءَ اصلي نالي ۾ ”تاريخ هندو فتح سند“جهڙا لفظ هئا.

ياقوت پنهنجي ڪتاب ”معجم البلدان“ (457x3) ۾ ملتان جي ٻت بابت لکندي چوي ٿو ته”ذڪره المديني في فتوح الهند والسند“ يعني ته ”مدينيءَ ان (بت) جو ذڪر فتوح الهند والسند“ ۾ ڪيو آهي. ياقوت جو هيءُ اڪيلو حوالو جيتري قدر قيمتي ۽ دلچسپ آهي، اوتري قدر مبهم به آهي. جيڪڏهن ان ۾ ”المديني“ ڪي ”المدائني“ تسليم ڪجي ۽ ”فتوح الهند و السند“ ڪي ڪتاب جو خاص نالو ڪري وٺجي ته پوءِ چئبو ته ابوالحسن مدائني هڪ ڪتاب”فتوح الهند و السند“ جي نالي سان به لکيو هو (جو ياقوت 1179-1229ع جي مطالعي هيٺ رهي چڪو هو)، ۽ انهيءَ لحاظ سان فارسي مترجم جا مٿيان الفاظ يقيني طور انهيءَ نالي تي غمازي ڪن ٿا. جيڪڏهن هي وضاحت تسليم ڪجي، ته پوءِ چئبو ته هيءُ ”فتحنامه“غالباً ابوالحسن مدائني جي تصنيف

Gul Hayat Institute

آهي، ان جو اصل نالو ”فتوح الهند و السند“ هو ۽ مدائني جي تصنيف جي حيثيت ۾ اهو ڪتاب تقريباً سنہ 150 ھ (جڏهين مدائني جي عمر گهٽ ۾ گهٽ 15 ورهيہ هئي) ۽ 225 ھ (جڏهن مدائني وفات ڪئي) جي وچ ڌاري تصنيف ٿيو. پر ڪنهن ٻي مستقل شهادت جي غير موجودگي ۾، هن اڪيلي حوالي جي بنياد تي اهو نتيجو فيصلائتو بنجي نٿو سگهي، ڇو تہ ياقوت جي مٿئين حوالي جا ٻيا مطلب بہ ٿي سگهن ٿا.(1) پر ان جي باوجود بہ ايترو چئي سگهجي ٿو تہ هن حوالي ۾ ”فتوح الهند و السند“ وارو فقرو، بلاذري جي باب ”فتوح السند“ جو عنوان، ۽ فتحنامي جون مٿيون عبارتون انهيءَ نتيجي ڏانهن رهنمائي ڪن ٿيون تہ غالباً اصل عربي ڪتاب جو نالو ”فتوح الهند و السند“ هو.

افسوس جو فارسي مترجم علي ڪوفي نہ اصل ڪتاب جي نالي بابت ڪا وضاحت ڪئي، ۽ نہ وري پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ ڪو صاف ۽ واضح نالو منتخب ڪيو. هڪ تہ پنهنجي ترجمي لاءِ نالي چونڊڻ جي تجويز ئي ڪيس ڪتاب پوري ڪرڻ بعد ياد آئي ۽ ٻيو تہ ترجمي جي نالي چونڊڻ ۾ پڻ پنهنجي مربي وزير عين الملڪ جي نالي جو لحاظ رکيائين ۽ انهيءَ ڪري هڪ آسان ۽ صاف نالي جي بدران پنهنجي ترجمي لاءِ هڪ ڊگهو ۽ پر تڪلف ”لقب“ايجاد ڪيائين- يعني تہ ”منهاج الدين والملڪ، الحضرهِ الصدر الاجل العالم عين الملڪ“. (2)مگر هڪ تہ خود انهيءَ ڊگهي لقب جي انوکي ساخت ۽ سٽاءُ بہ، معنوي لحاظ سان، شڪ گاڏئين آهي، ۽ ٻيو تہ وري فتحنامي جي قلمي نسخن ۾ ڪاتبن جي غلطين سبب يا خود مترجم جي مختلف عبارتن سبب، هن ڊگهي لقب کي ”سما [illegible]ِ الدين والملڪ، الحضرة الصدر الا جل العالم عين الملڪ“ بہ پڙهي سگهجي ٿو، تہ وري ان ۾ ”عين الملڪ“ واري فقري کي”علا [illegible]ِ الملڪ“ بہ پڙهي سگهجي ٿو.(1)

ظاهر آهي تہ مترجم علي ڪوفي بعد، ٻين ماڻهن جن سندس فارسي ترجمي جا قلمي نسخا پڙهيا هوندا انهن کي بہ هن ڊگهي ۽ مبهم لقب سان ڪتاب کي ياد ڪرڻ ۾ آساني نہ ٿي هوندي. اهوئي سبب آهي جو ”طبقات اڪبري“ (تصنيف 1002 ھ) جي مصنف (جنهن جو حوالو اڳاٽي ۾ آڳاٽو آهي) توڙي ان بعد ”زبدة التواريخ“ (تصنيف سنہ 1024-1025 ھ) جي مصنف، هن ڪتاب کي علي ڪوفي جي ان ڊگهي ”لقب“ جي بدارن هڪ مختصر نالي”منهاج المسالڪ“ سان ياد ڪيو آهي. ٻيو تہ جيڪڏهن مترجم علي ڪوفي پنهنجي ايجاد ڪيل انهيءَ ڊگهي لقب کي پنهنجي ترجمي جي شروع واري ديباچي ۾ بيان ڪري ها تہ پويان پڙهندڙ ان کي آسانيءَ سان

Gul Hayat Institute

معلوم ڪري سگهن ها، ۽ پوءِ ڪٿي ڪتاب کي ”منهاج الدين“ يا ”منهاج المسالڪ“ جهڙن مختصر نالن سان سڏين ها ته به متفق طور ”منهاج“ لفظ هن ترجمي جي نالي جو پڪو پايو بنجي وڃي ها. پر جيئن مٿي بيان ٿي چڪو، علي ڪوفي کي پنهنجي ترجمي لاءِ موزون لقب چوندڻ جي دير سان يادگيري آئي ۽ اهو لقب ڪتاب جي آخر ۾ بيان ڪيائين. انهيءَ ڪري پوين پڙهندڙن کي ديباچي ۾ ڪتاب جو ڪوبه نالو نظر ڪونه آيو، ۽ شروع واري تاريخي باب ۾ چچ بابت ڏنل ڏکهي بيان ۽ چچ جي حرفت ۽ هوشياري کان متاثر ٿي، ”شاهنامه“ ۽ ”سڪندر نامه“ جي مناسبت سان، هن ڪتاب کي ”چچنامه“ سڏيائون. پانئجي ٿو ته ڪتاب جو اهو مصنوعي نالو ڪافي آڳاٽي وقت کان مشهور ٿيو، ڇاڪاڻ ته ”طبقات اڪبري“، جو سنه 1002 ھ ۾ تصنيف ٿيو، ۽ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو موجود ڪتاب آهي، جنهن ۾ فتحنامي جو ذڪر ملي ٿو، تنهن جا ان متعلق هي لفظ آهن ته: ”تاريخ منهاج المسالڪ ڪه مشهور به چچ نامه است“.(1) ان جي معنيٰ ته گهٽ ۾ گهٽ 1002 ھ کان گهڻو اڳ علي ڪوفي جو هيءُ فارسي ترجمو ”چچنامه“ جي غلط مگر آسان نالي سان مشهور ٿي چڪو هو. ”طبقات اڪبري“ بعد ”بيگلارنامه“، جو سنه 1017 ھ جي تصنيف آهي، ان ۾ به هن ترجمي کي ”ڪتاب چچنامه“ جي عام نالي سان سڏيو ويو آهي.(2) خود فتحنامي جي سيني موجوده قلمي نسخن ۾ سڀ کان آڳاٽو قلمي نسخو، جو شوال سنه 1061 ھ ۾ لکيو ويو ۽ جو پنجاب يونيورسٽي لئبرري ۾ محفوظ آهي، ان جي سرورق تي به هيءَ عبارت لکيل آهي: ”اين تاريخ فتح سنداست متعلق چچنامه خوانداست محمد بن قاسم خويش حجاج“.(3) هن مبهم عبارت ۾ پڻ ”چچنامه“ جو نالو موجود آهي. انهن حوالن مان ظاهر آهي ته 11- صدي هجريءَ جي شروع کان هيءُ ڪتاب ”چچنامه“ جي عام نالي سان سڏجڻ لڳو، بلڪ ان کان به اڳ انهيءَ نالي سان مشهور ٿي چڪو هو. ان وقت کان اج تائين اهو ڪتاب انهيءَ نالي سان مشهور رهيو آهي، حالانڪ علمي طور انهيءَ نالي کي متفق طور استعمال ڪونه ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب جي قلمي نسخي نمر (جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو) جو سنه 1232ھ جو لکيل آهي، ان ۾ ڪتاب جو نالو ”مهناج الدين معروف به چچنامه“ ڄاڻايل آهي، ۽ ٻئي نسخي ڪ ۾ (جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو)، جو سنه 1288ھ جو لکيل آهي، ان ۾ ڪتاب جو نالو ”تاريخ قاسمي“ يا ”چچنامه“ لکيل آهي.

Gul Hayat Institute

بهرحال ڪتاب جي اصل عربي نالي جو نشان نہ ملڻ، خود اصل فارسي نالي جو مبهم هئڻ، ۽ آساني خاطر ٻين بدليل ۽ غلط نالن جي رائج ٿيڻ جو وڏو سبب مترجم علي ڪوفي جي اصل ڪتاب متعلق بي احتياطي ۽ پنهنجي ڪيل ڦيرگهير آهي. هيٺ اسان انهيءَ اهم مسئلي تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

---

(1) مثلاً فارسي متن ۾ صفحي [103] تي هيءُ الفاظ آهن: حکماً دوربين و بزرگان برگزين از ابوالحسن روايت کردند "صفحي[157] تي" از ابوالحسن مدائني روايت کردند "جا الفاظ آندل آهن. ۽ صفحي [164] تي "در احاديث مي آرند از (علي بن محمد ابي الحسن المدائني" جا الفاظ آندل آهن.

(2) ڏسو آخر ۾ ص 344، حاشيہ [236/248]

(1) ڏسو متي مقدمہ ص 3. اليٽ (Elliot ) "هٽ اکرين لکيل" مان مراد "تصنيف ڪيل" وٺڻ تو گهري (ڏسو تاريخ "اليٽ جلد 1"، ص 134) مگر اهڙي گمان لاءِ ڪابہ ثابتي موجود ڪانهي. جيڪڏهن هيءُ ڪتاب قاضي اسماعيل جي وڏن مان ڪنهن جو تصنيف ڪيل هجي ها تہ هو اهڙي خبر علي ڪوفي کي ٻڌائي ها.

(1) ڏسو ايلفنستن جي انگريزي ۾ لکيل "هندستان جي تاريخ"، ڇاپو پنجون، لنڊن 1866ع، ص 311 حاشيہ 31.

(2) اليٽ جي تاريخ جلد 1 ، ص 131.

(3) "فتحنامہ سند المعروف بہ چچنامہ"، تصحيح ڊاڪٽر دائود پوٽہ، مقدمہ، ص "يو".

(1) ڀهريون تہ هن حوالي ۾ مصنف جو نالو "المديني" آهي ۽ نہ "المدائني" ۽ انهيءَ ڪري مذڪور ڪتاب "فتوح الهند و السند" جو مصنف "المديني" هو ۽ نہ "المدائني". جيئن تہ فتحنامي ۾ "المديني" نالي شخص جو ايترو ذڪر ناهي، انهيءَ ڪري "فتوح الهند و السند" يقيني طور بالڪل هڪ ٻيو الڳ ڪتاب هو. خود ياقوت پنهنجي ٻئي ڪتاب "معجم الادباءَ" ۾ المدائني جي تصنيفن جا نالا ابن نديم جي ڪتاب الفهرست تان نقل ڪري ڏنا آهن. مگر نڪي ياقوت جي انهن نقل ڪيل نالن ۾ ۽ نڪي ابن نديم جي اصل ڪتاب ۾ مدائني جي ڪتاب "فتوح الهند و السند" جو ذڪر آهي. ٻيو تہ جيڪڏهن فرض ڪجي تہ هن حوالي ۾ صورتخطي جي غلطي سبب "المديني" لکجي ويو آهي ۽ دراصل اهو صحيح نالو "المدائني" آهي تہ بہ "فتوح الهند و السند" واري فقري مان لازمي طور مراد ڪو خاص ڪتاب وٺي نٿو سگهجي. بلڪ اهو اشارو مجموعي طور المدائني جي ڪتابن "ڪتاب فتح مڪران"، "ڪتاب ثغرالهند"۽ "ڪتاب عامل الهند" ڏانهن ٿي سگهي ٿو جن ۾ هند ۽ سنڌ جي ٻين فتحن جو ذڪر هو.

(2) فتحنامي ص 259

(1) ڏسو حاشيہ (1) ص 259 ۽ آخر ۾ ص 362 تي ڏنل حاشيہ 259/[247]

(1) طبقات اڪبري، جلد 3 ص 506

(2) بيگلارنامہ، نسخہ قلمي مڪتبہ عاليہ هزهائينس مير نور محمد خان مرحوم حيدرآباد سنڌ.

(3) هن ساڳئي سرورق جي چوٽي تي کٻي طرف "فتح نامہ ابا مسلم" جا الفاظ لکيل آهن ۽ ان بعد متين جاٽايل عبارت آهي، ان جي هينان وري هيءَ ناقص عبارت آهي: "ابن قصہ ابا مسلم مروذي کہ جنگ کرده باشد..... مرورود..... وکشتن او، درين کتاب تمام مذکور شد.... فتحنامہ اين..... مرورود و حافظ محمد ظهور الدين". هن عبارت جو سلسلو وري نسخي جي بالڪل پوئين صفحي تي پنيان شروع ٿئي ٿو، جنهن جو تعلق ابو مسلم مرورودي (خراساني) ۽ خراسان جي گورنر نصر بن سيار جي لڙائي سان آهي، مگر انهيءَ سڄي عبارت جو هن نسخي جي اندروني مواد سان ڪوبہ تعلق ڪونهي.

Gul Hayat Institute

**مترجم علي ڪوفي ۽ سندس فارسي ترجمو**

**مترجم:** خود مترجم بابت اسان کي صرف اهي ئي محدود واقعا ملن ٿا، جي هن پاڻ پنهنجي متعلق پنهنجي فارسي ترجمي جي ديباچي ۾ ۽ وري ڪتاب جي آخر ۾ ڏنا آهن.

پنهنجو سڄو نالو "علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي"(1) ڄاڻايو اٿس (ص 56). سنہ 613هه ۾ سندس عمر 58 ورهيہ هئي (ص 56)، جنهن جي معنيٰ تہ هو تقريباً 555هه ۾ ڄائو. سندس نسبت "ڪوفي" مان گمان نڪري ٿو تہ شايد هو ڪوفي ۾ ڄائو ۽ اتي ئي وڏو ٿيو. سندس بيان موجب هو جڏهن "پنهنجي عمر جو هڪ عرصو آرام ۽ نعمت ۾ گذاري چڪو ۽ ڪميني دنيا مان وڏو نصيب ۽ مڪمل حصو ڪٺي چڪو، تڏهن حادثن جي مصيبتن ۽ زماني جي اوچتين آفتن ڪان [جبور ٿي] پنهنجي اصلوڪي وطن ۽ پيدائش جي جڳهہ ڪان جدا ٿي ڪي ڏينهن اچي اُچ مبارڪ ۾ سڪونت ڪري آرام ورتائين" (ص 57). هن مان ظاهر آهي تہ سندس اوائلي زندگي ڪافي آرام ۽ شان سان گذري، ۽ زندگي ۾ "مڪمل" ڪاميابي واري فقره مان گمان نڪري ٿو تہ شايد هو جواني بعد، يعني اندازاً چاليهن ورهين جي ڄمار ڪان پوءِ، پنهنجي اصلي وطن (ڪوفي؟) مان مجبوراً هجرت ڪري آخر "ڪي ڏينهن اچي اُچ مبارڪ ۾ سڪونت ڪري آرام ورتائين" (ص 57). ان وقت اتي جي حڪومت سنڌ ۽ ملتان جي سلطان ناصرالدين قباچہ (602-625هه) جي هٿ ۾ هئي جو هڪ بهادر، بيدار مغز ۽ علم پرور سلطان هو، ۽ مغلن جي فتني سبب خراسان، غور ۽ غزنہ جي فاضلن ۽ عالمن اچي سندس دربار ۾ اَجهو ورتو هو ۽ سلطان مڙني سان مهربانيون ڪيون. سندس وزير شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪر پڻ هڪ وڏو علم دوست ۽ عالمن جو قدردان هو. وزير شرف الملڪ، علي ڪوفي جي وڏي عزت ڪئي ۽ ڪيس دل ڪولي نوازيو، ۽ اهڙيءَ طرح هو ڪي ئي سال سندس "مهرباني جي پاڇي" ۾ رهيو ۽ سندس "احسان تي پلجي" آرام ورتائين (ص 58). وزير شرف الملڪ بعد سندس اولاد بہ ڪيس نعمتن سان نوازيو، جو پاڻ لکي ٿو تہ "سندس اولاد...... جي نعمت جا حق تنهنجي گردن تي لازم آهن." (ص 58).

فتحنامہ جي ديباچي مان ظاهر آهي تہ علي ڪوفي هڪ ديندار شخص هو. ص 9 تي سلطان ناصرالدين قباچہ بابت سندس دعائيہ شعر ۽ ص 60 تي ڏنل قطعہ ڏيکارين ٿا تہ هو هڪ چڱو خاصو شاعر هو. فتحنامي جو ترجمو سندس سادي فارسي نثر ۽ مؤثر اسلوب بيان جي ساک پري ٿو، ۽ پڻ اسلامي تاريخ سان سندس خاص دلچسپي ثابت ڪري ٿو. غالباً انهن علمي ۽ ادبي لياقتن سبب ئي سلطان ناصرالدين ۽ سندس قابل وزيرن جي دربار ۾ علي ڪوفي کي مقبوليت

Gul Hayat Institute

حاصل ٿي. مگر سنہ 613ھ ۾ جڏهن سندس عمر اٺونجاهہ ورهيہ هئي، سندس بخت ڦيرو کاڌو ۽ خوشي خاڪ ٿي وئي. انهيءَ ڪري ٻيا سڀ آسانگا پلي تصنيف ۽ تاليف طرف توجهہ ڪيائين ۽ هندستان جي اوائلي اسلامي فتحن بابت ڪتاب جي ڳولا ۾ اُچ مان اروڙ جو سفر اختيار ڪيائين، جتي مولانا امام قاضي اسماعيل سان ملاقات ٿيس. قاضي اسماعيل کيس اوائلي اسلامي فتحن جي تاريخ متعلق هڪ عربي ڪتاب ڏيکاريو جو قاضي صاحب جي "ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين" لکيل هو ۽ جو سندس خاندان ۾ هڪٻئي کان ميراث طور رهندو پئي آيو (ص 57). علي ڪوفي هن ڪتاب کي عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان ترجمي کي پنهنجي مرحوم مربي وزير شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪر جي زنده فرزند عين الملڪ فخرالدين حسين جي نام نامي اسم گرامي سان منسوب ڪيو (ص 58-59). غالباً وزير عين الملڪ ڪانئس منهن موڙيو هو ۽ انهيءَ ڪري هن ڪتاب جي انتساب ذريعي سندس رضامندو حاصل ڪرڻ ٿي چاهيائين: "جيئن هن ڪوٽي وٽ جي وسيلي آساني سان درجا حاصل ڪري سگهي، ۽ بلند درگاهہ ۾ ويجهڙائي حاصل ٿئي ۽ قبوليت جي اقبال سان مشرف ٿئي." (ص 20).

علي ڪوفي جو اهوئي ترجمو ٿيل ڪتاب "فتحنامہ"، جو هن وقت "چچنامہ" جي نالي سان سڃاتو ٿو، اسان تائين پهتو آهي. اهو معلوم نہ آهي تہ ان تاليف بعد علي ڪوفي ڪيترو وقت زنده رهيو ۽ ٻيا ڪهڙا ڪتاب لکيائين. پر جيئن تہ هن باقي عمر لاءِ تصنيف ۽ تاليف کي ئي پنهنجو خاص مشغلو بنايو هو، انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ هن ٻيا بہ ڪي ڪتاب لکيا هجن.

هن پوئين دؤر جي هڪ مصنف سيد

محب الله پنهنجي مختصر "تاريخ سنڌ" ۾ علي ڪوفي جي ٻن ٻين ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن، پر سندس نالو غلطيءَ وچان "علي بن ابراهيم ڪوفي" ڪري ڄاڻايو اٿس. تاريخ جي "حصي دوم" ("در تفصيل امصار و بلاد و حصار و قصبات سنده و وجه سميه و لغة آنها") ۾ حيدرآباد توڙي ماتيلي جي بنياد بابت ڪتاب "تنقيح الاسناد" جون عبارتون اختصار سان نقل ڪيون اٿس ۽ شهر ميرپور (لڳ ماتيلي) بابت پڻ ساڳئي ڪتاب مان نقل ڪرڻ بعد لکيو اٿس تہ: "انتهيٰ ترجمہ نقيح الاسناد في تشريح الامصار و البلاد" تصنيف علي بن ابراهيم الکوفي صاحب چچنامہ". وري ڪتاب جي "حصہ سوم" ("بقية ذيل الاوراق در تشريح ذوات سنده") ۾ ذات "ڪلتاس" بابت لکي ٿو تہ "صاحب ڪتاب الانساب علي بن ابراهيم الکوفي ميگويد کہ کلتاس نام مردي بود از مغول کہ حالا کلتاسيان منسوب باواند." ڪتاب جي حصہ "هارم" ("تتمہ خاتمہ

در تشريح بعضي اماڪن و جبال مشهور وغيره") ۾ "ٺهان ستي" (ستين جو ٿان) بابت پڻ ساڳئي "ڪتاب الانساب" مان عبارت نقل ٿيل آهي، جنهن جي آخر ۾ آهي ته: "انتهيٰ خلاصة عبارت سيد علي اصغر ٺٽوي." جنهن جي معنيٰ ته دراصل سيد علي اصغر ٺٽوي "ڪتاب الانساب" جو حوالو پنهنجي ڪتاب ۾ آندو هو ۽ سيد محب الله اها عبارت نقل ڪئي آهي. سيد محب الله پنهنجي ڪتاب ۾ هيٺين ماخذن جا نالا ڏنا آهن: چچنامه، تحفة الڪرام، تاريخ طاهري، جمع الجوامع، طبقات بهادر شاهي، تاريخ بي بدل، رساله سيد علي اصغر ٺٽوي الملقب به خاڪسار ۽ تاريخ سيوستاني. علي ڪوفي جي ڪتابن جو ذڪر ماخذ طور ڪونه ڪيو اٿس، جو غالباً علي ڪوفي جا ڪتاب وٽس ڪين هئا. پر جن ڪتابن مان نقل ڪيائين تن ۾ علي ڪوفي جي ٻن ڪتابن جا حوالا موجود هئا. تنهن ڪري علي ڪوفي جي "ڪتاب الانساب" جو حوالو "رساله سيد علي اصغر ٺٽوي" جي عبارت ذريعي نقل ٿيل آهي ۽ ٻئي "ڪتاب تنقيح الاسناد في تشريح الامصار والبلاد" جو حوالو به غالباً هن ساڳئي رسالي، يا تاريخ سيوستاني تان ورتل آهي، جيتوڻيڪ اهو چِٽائيل نه آهي ۽ ائين پيو معلوم ٿئي جو ڄڻ ته اهو ڪتاب خود سيد محب الله جي آڏو موجود هو.

بهرحال علي ڪوفي جي انهن ٻن ڪتابن جا اهي انوڪا ۽ مبهم مگر دلچسپ حوالا ڏيکارين ٿا ته علي ڪوفي پنهنجي باقي زندگي تصنيف ۽ تاليف ۾ صرف ڪئي ۽ "فتحنامه" وارو فارسي ترجمو ئي سندس تصنيفات ۾ سڀ کان مشهور ٿيو.

**فارسي ترجمي تي تنقيدي نظر:** اصل عربي ڪتاب جي حقيقت تائين پهچڻ لاءِ هيءُ معلوم ڪرڻ ضروري آهي ته مترجم علي ڪوفي سندس هن فارسي ترجمي ۾ پنهنجي طرفان ڪهڙا اضافا ڪيا آهن يا ڪهڙيون ترميمون ڪيون.

مترجم "مخلص ڪتاب" يعني ڪتاب جي خاتمي واري عنوان هيٺ، هن ڪتاب کي عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي ضرورت ۽ اهميت کي واضح ڪندي لکي ٿو ته:

"اگرچ عربي زبان ۽ حجازي لئي ۾ وڏو درجو هوس.... ليڪن جنهن صورت ۾ حجازي پرده ۾ (ڍڪيل) هو ۽ پهلوي (فارسي) ٻوليءَ جي زيور ۽ سينگار کان خالي هو، تنهنڪري عجم ۾ رائج نه ٿي سگهيو. ايران جي ڪنهن به سينگاريندڙ نه هن فتحنامي جي ڪنوار کي سينگاريو هو، ۽ نڪي زبان جي سينگارخاني ۽ حڪمتن جي بجڪي (بغچه) مان هن کي ڪو وڳو ڍڪايو هو: نه

عقل جي خزاني مان ڪو زيور پهرايو هو. ۽ نه وري فصاحت جي ميدان ۽ بلاغت جي باغيچن مان هن ميدان ۾ گهوڙو ڊوڙايو هو." ص (259).

مترجم جا مٿيان لفظ "فارسي ترجمي" بابت سندس خيالن جي ترجماني ڪن ٿا. سندس خيال موجب: (1) ايراني مصنفن جي طرز موجب ان کي سينگارڻ، (2) زبان جي رنگيني سان ان کي چمڪائڻ، (3) دانائي ۽ عقل جو زيور پهرائڻ يعني ته ضرورت مطابق تشريح ڪرڻ ۽ نتيجا ڪڍڻ، ۽ (4) اسلوب بيان کي فصاحت ۽ بلاغت جي سانچي ۾ سموهڻ، اهي جملي ضرورتون هن "فارسي ترجمي" ۾ درڪار هيون. مترجم جي انهيءَ نظريي جو عڪس سندس هن ڪيل فارسي ترجمي ۾ جابجا نظر اچي ٿو ۽ سندس هن انهيءَ نظريي کي سمجهڻ سان سندس طرفان ڪيل اضافن ۽ ترميمن جو به پتو لڳائي سگهجي ٿو.

شروع ۾ پهرين ويهن صفحن (50-61) ۾ ڪتاب جو ديباچو، ۽ آخر ۾ "دعاءِ مخلص ڪتاب" (ص 259-258) وارا عنوان ته ظاهراً مترجم طرفان آهن، جن کي شامل ڪرڻ ۾ هو بلڪل حق بجانب آهي. پر انهن ڪانسواءِ به ٻيا ڪافي اضافا آهن، جي مترجم جي مٿي ڏيکاريل نظريي جي زير اثر ڪتاب جي متن جو جز بڻجي ويا آهن. ان سلسلي ۾ هيٺيان اضافا غور طلب آهن:

(1) عورتن جا قصا ۽ عشقيه افسانا: "فتحنامه" ۾ جو خالص تاريخي مواد، واقعن ۽ فتحن جي ذڪر جي صورت ۾ موجود آهي، ان جي تسلسل خواه تفصيل تي معتبر عرب تاريخون شاهد آهن، ان ڪان سواءِ خود فارسي عبارت جي جملن جي ستاءُ ۽ ساخت ظاهر ڪن ٿا ته اهو اصل عربي متن تان ترجمو ٿيل آهي. انهيءَ خالص تاريخي مواد جي برعڪس جو حڪايتي ۽ روايتي مواد آهي تنهن جي فارسي عبارت ئي ڏيکاري ٿي ته اهو مواد اصل عرب مؤرخن جو نه آهي، ڇاڪاڻ جو نه ان ۾ خالص تاريخي حقيقتن بابت بحث آهي ۽ نڪي وري ان ۾ انهن آڳاٽن عرب مؤرخن جي اسلوب بيان وارو ايجاز ۽ اختصار آهي.

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته اهو حڪايتي مواد اڪثر مقامي روايتن تي ٻڌل آهي، ۽ شايد اروڙ ۽ بکر جي عربي النسل قاضين جي ڪوشش سان ان کي گڏ ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو هجي. انهيءَ مواد ذريعي فارسي مترجم علي ڪوفي کي هن ڪنوار کي سينگارڻ لاءِ ميدان ملي ويو، ۽ جتي جتي عورتن بابت اشارا هئا تن کي هن پنهنجي ترجمي ۾ فارسي وارو افسانوي ۽ روماني رنگ ڏيئي بنائي ٺاهي پيش ڪيو. اهڙيءَ طرح راڻي سونهن ديوي ۽ چچ جو عشق (ص 66-68)، ڏاهر جي ڀيڻ "مايين" ۽ سوين راءَ ڀاٽيه جي مڱڻي جو قصو (ص 95-92)، ڏاهر جي زال

”لاڏي“ ۽ محمد بن قاسم جي شادي جو قصو (ص 123 ۽ 201)، ڏاهر جي ڀاڻيجي ”جمنا“ ۽ سندس نڪاح جي حڪايت (ص 210)، جيسينه سان ڪيرج جي راجا دروهر جي ڌيءُ ”چڳي“ جي محبت جو داستان (ص 246-240) ۽ آخر ۾ ڏاهر جي ڌين ڌيئرن، محمد بن قاسم ۽ خليفي وليد وارو قصو (ص 258-256)، انهن مڙني قصن کي افسانوي رنگ ڏيئي، مرچ مصالح ڳنڍي، نوڙيءَ مان نانگ بنائي پيش ڪرڻ ۾ فارسي مترجم علي ڪوفي جو غالباً وڏو هٿ آهي. اهو سندس روماني تخيل جو نتيجو آهي جو راڻي سونهن ديوي فارسي شعر ۾ پنهنجي محبت جو اظهار ڪري ٿي (ص 66)، ۽ پڻ ”ڪيرج“ جي حاڪم دروهر جي ڌيءُ ”چڳي“ جيسينه جي عشق جي آڳ ۾ پچي ۽ پڄري ٿي ۽ بستري تي ليٽندي فارسي رباعي جهونگاري ٿي (ص 242). مطلب ته اصل متن ۾ انهن ڳالهين بابت جي ڪو اشارو هو ته ان کي چٽڪي افسانو بنايائين. سندس اهو وڌاءُ صرف عشقيه حڪايتن تائين محدود نه رهيو بلڪ جتي به گنجائش ڏٺائين، اتي ڳالهه کي وڌايائين. ص236 تي اروڙ جي جادو گرياڻي واري ڳالهه محض هڪ اجائي ديگهه آهي، ۽ ص 240-239 تي برهمڻ سپاهي ۽ محمد بن قاسم جي ڳالهه به سندس هن وڌاءُ جو ٻيو مثال آهي جنهن ۾ اروڙ جو برهمڻ سپاهي فارسي شعر پڙهي ٿو!!

(2) عبارت آرائي: مترجم، ترجمي متعلق ”عبارت جي هار“ (ص 58) ۽ ”زبان جي سينگار خانه“ (ص 259) جي خصوصيتن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان مطابق پنهنجي هن ترجمي ۾ پڻ محض عبارت آرائي ۽ رنگين بياني خاطر ڪي اضافا ڪيا اٿس جن جو نفس مضمون سان ڪوبه تعلق ڪونهي.

انهن اضافن مان هڪ ته (غالباً سندس پنهنجا) اهي فارسي شعر آهن جي ڪنهن نه ڪنهن زال يا مرد جي واتان چوايا اٿس (جن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي) يا موقعي جي مناسبت سان آندا اٿس، مثلاً ص 240 تي هڪ فارسي رباعي واعدي وفائي جي اصول جي تصديق خاطر، ۽ ص 248 تي شاعر ابوالفتح بستي جي هڪ عربي قصيده[1] جو بيت صلاح مشوري جي حڪمت عملي بابت، شاهد طور آندا اٿس.

ٻيو ته اسلوب بيان جي رنگيني خاطر سڌي سنئين ڳالهه کي تڪلف ۽ تصنع سان ادا ڪيو اٿس، جنهن جو مثال هيٺيون بار بار آيل عبارتون آهن جن جي سنئين سڌي لفظن ۾ معنيٰ آهي ته ”سج لٿو“ ”صبوح ٿيو“ يا ”سج اڀريو“:

ص 76: جڏهن دنيا ڪاري گودڙي ڍڪي ۽ ستارن جو بادشاهه رات جي ڪارنهن واري چادر ۾ لڪي ويو.
ص 144: ٻئي ڏينهن جڏهن صبح صادق اونداهيءَ جي پردي مان اطلس جو لباس پهري ظاهر ٿيو.
ص 147: جڏهن رات جو سرمائي پردو ستارن جي بادشاهه (سج) جي روشنائيءَ جي چوڪ سان ڦاٽي پيو.
ص 190: ٻئي ڏينهن جڏهن صبوح (پنهنجو) جهان کي سينگاريندڙ ۽ دل کي وڻندڙ حسن، مشرق جي طرف کي ڏيکاريو.
ص 212: جڏهن صبح صادق انڌاري رات جي پردي مان ٻاهر نڪتو.
ص 243: ٻئي ڏينهن جڏهين ستارن جو بادشاه (سج) آسمانن جي برجن مان نڪتو ۽ سرمائي پردو ڦاڙي ڦٽو ڪيائين.
ص 255: ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جو بادشاهه (سج) رات جي پردي مان ظاهر ٿيو.
(3) لقبن جا اضافا: مترجم جي ڏينهن ۾ بادشاهن، بزرگن جي شان ۽ شوڪت خاطر فخريہ لقبن جو استعمال عام ٿي چڪو هو. ”شهاب الدين“ ۽ ”معزالدين“ ٻيئي سلطان محمد بن سام غوري جا شاهي لقب هئا. ڪانئس پوءِ سلطان ”ناصرالدين“ قباچہ جي حڪومت ۾ مترجم علي ڪوفي اُچ ۾ آيو. سلطان ناصرالدين جي وزير ابوبڪر جو لقب ”رضي الدين“ هو، جو علي ڪوفي جو وڏو مربي هو. ان بعد وزير ابوبڪر جو پٽ حسين ”فخرالدين“ جي لقب سان وزير ٿيو. جنهن ڏانهن علي ڪوفي پنهنجو فارسي ترجمو منسوب ڪيو. وقت جي انهيءَ رواج موجب علي ڪوفي بہ پنهنجي ترجمي ۾ اڳين بزرگن ۽ اميرن جي نالن اڳيان اهڙن لقبن جو اضافو ڪيو. مثلاً پنهنجي متن ۾(1) ص [12] /58 تي نبي ﷺ جي ساٿي ابوموسيٰ الاشعري رضہ کي ”ڪريم الدين، وجيه العرب، نظام الملة و قوام الملة“ جي لقبن سان ياد ڪيو اٿس، حالانڪ ان وقت ۾ اهڙن لقبن جو نالو نشان بہ ڪونہ هو. ساڳيءَ طرح ص [9]/56 تي محمد بن قاسم کي ”عمادالدولة و الدين“ جو لقب ڏنو اٿس، ڀين پنجن جاين(1) تي محض ”عمادالدين“ تي اڪتفا ڪئي اٿس، ۽ ص [127] /152 تي وري ڪيس ”ڪريم الدين“ جو لقب ڏنو اٿس. اسان ص 261 تي ڏنل حاشيي ۾ وضاحت ڪئي آهي تہ محمد بن قاسم انهن لقبن کان آجو هو ۽ محض سندس ڪنيت ”ابوالبهار“ هو. ص [235] /246 تي اروڙ جي قاضي موسيٰ لاءِ ”برهان الملة والدين“ جو لقب آندو اٿس ۽ سندس اولاد مان پنهنجي همعصر قاضي اسماعيل کي وري ص [9] تي ”ڪمال

الملة والدين“ جو لقب ڏنو اٿس. نہ فقط ماڻهن لاءِ پر پنهنجي هن فارسي ترجمي لاءِ بہ ص [247] /259 تي ”منهاج الدين...الخ“ جو لقب تجويز ڪيو اٿس. مطلب تہ اهي لقبن وارا اضافا محض سندس ”زبان جي سينگار خانہ“ جون سوکڙيون آهن ورنہ انهن جو حقيقت سان ڪوبہ تعلق ناهي.

(4) تشريحي اضافا: ترجمي ڪرڻ وقت اصل عربي متن ۾ آيل ڪن شهرن يا مڪانن جي نالن ڪي مترجم مختصر الفاظن ۾ سمجهايو آهي تہ اهي سندس وقت ۾ ڪٿي هئا يا ڪهڙا هئا. مثلاً:

ص 88/ [49]: چچ، مڪران ۽ ڪرمان جي وچ ۾ حد مقرر ڪئي. انهيءَ حد جي وڌيڪ وضاحت لاءِ چيو ويو آهي تہ ”اها ساڳي حد اسان جي هن وقت تائين قائم آهي.“ اهي لفظ ظاهراً مترجم جا آهن ۽ محض گماني آهن.

ص 88/[49]: هت شهر ”قندابيل“ جي وضاحت ۾ ڄاڻايل آهي تہ ”قندابيل يعني قندهار.““يعني قندهار“ وارو فقرو ظاهراً مترجم جي طرفان آهي جو صحيح نہ آهي. قندابيل مان مراد ”گنداوا“ آهي جنهن بابت اسان ص 416 تي ڏنل حاشيي ۾ روشني وڌي آهي.

---

(1) اصل فارسي عبارت هن طرح آهي: ”بنده دولت محمدي علي بن محمد بن ابي بڪر ڪوفي، ص [8] . ڪتاب جي قلمي نسخن ۾ ڪن صاحبن غلطي وچان لفظ ”محمدي“ کي ”محمد“ يا ”محمد بن“ ڪري پڙهيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ”اليٿ“ (جلد 1 ص 131) توڙي ”ايٿي“ (فهرست انديا آفيس لئبرري No: 435) مؤلف جو نالو ”محمد علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي“ ڪري لکيو آهي، ۽ ”ريو“ (فهرست متحف برطانيہ جلد 1، ص 290) وري ”محمد بن علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي“ ڪري ڄاڻايو آهي، حالانڪ فارسي متن ۾ ٽن ڀين جاين تي مؤلف پنهنجو ذاتي نالو صاف طور ”علي“ ڪري لکيو آهي- ڏسو ص 56/[8] ، 58/[11] ۽ 60/ [13]. روهڙيءَ جي سيد محب الله پنهنجي مختصر تاريخ سنڌ (فارسي قلمي نسخي) ۾ بہ دفعا مؤلف جو نالو ”علي بن ابراهيم الڪوفي“ ڪري لکيو آهي، مگر خود مؤلف جي پنهنجي عبارت انهيءَ گمان جي ترديد ڪري ٿي.

(1) تصديق لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ، ص 344

(1) هن ترجمي ۾ ڪي القاب بہ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ويا آهن انهيءَ ڪري تصديق لاءِ فارسي متن ڏسڻ گهرجي جنهن جا صفحا چورس ڏنگين ۾ ڏنل آهن

(1) ڏسو ص ص [93، 106، 141، 163 ۽ 244] /123، 133، 164، 182، ۽ 256.

Gul Hayat Institute

ص 135/[107]: هن صفحي تي ”ڪارمتي“ ۽ ”ندمتي“ لفظن جي تشريح مترجم طرفان ڪيل آهي ۽ لکي ٿو تہ: ”ڪارمتي يعني گل شور“ (ڪاري مٽي) ۽ ”ندمتي يعني گل سمين“ (چانديءَ جهڙي مٽي). سندس انهن فقرن تي ص 458 تي ڏنل حاشيي ۾ روشني وڌي وئي آهي.
ص 189/[171]: هت لفظ ”نيم نيزه“ جي تشريح ۾ لکي ٿو تہ ”لوهو دستو جنهن ڪي سيل بہ چوندا آهن“ ۽ وري ص 195/[178] : تي بہ ساڳي لفظ جي وضاحت ڪندي لکيو اٿس تہ ”لوهہ جا دستا جنهن کي هندو سيل چوندا آهن.“
ص 229/[217]: هن صفحي تي شهر برهمڻ آباد جي وضاحت ۾ چيل آهي تہ برهمڻ آباد يعني بابراه. ”يعني بابراه“ وارو فقرو مترجم طرفان آهي ۽ هن صحيح طور برهمڻ آباد جو مقامي نالو ”بابراه“ (يعني ٻانڀڻاه) ڏنو آهي جيئن تہ اسان ص 336 تي ڏنل حاشيي ۾ ان جي وضاحت ڪئي آهي.
مٿيان جملي اضافا مترجم علي ڪوفي پنهنجي فارسي ترجمي ۾ رنگين بياني، عبارت آرائي، يا تشريح خاطر ڪيا آهن ۽ سندس نقط نگاه کان هو ان ۾ حق بجانب آهي. البت انهن اضافن اصل صحيح ۽ معتبر عربي تاريخ جي ڪتاب کي افسانوي رنگ ڏنو آهي، ۽ ان جي قدر ۽ قيمت کي سطحي محققن جي نظر ۾ البت گهٽايو آهي. تنهن هوندي بہ گهري نظر سان مترجم جي انهن اضافن کي پرکي سگهجي ٿو ۽ ڪتاب جي اصليت کي پروڙي سگهجي ٿو.
انهن اضافن کان علاوه، مترجم علي ڪوفي کان ڪي ڪميون عمداً توڙي سهواً واقع ٿيون آهن جن جي تلافي مشڪل آهي. هيٺين ڪمين، خاص طور اصل عربي ڪتاب جي صحت تي وڏو اثر وڌو آهي:
(1) مترجم علي ڪوفي اصل ڪتاب جو نالو نہ ڏنو ۽ ان جي بدلي پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ پر تڪلف نالو تجويز ڪيو. انهيءَ اصولي اوٽاين نہ صرف اصل عربي ڪتاب جي نالي کي محو ڪري ڇڏيو بلڪ آئيندي لاءِ ان جي جڙتو نالن لاءِ ميدان کولي ڇڏيو، جنهن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي.
(2) مترجم، اصل عربي ڪتاب ۾ مختلف بيانن بابت راوين جي سندن وارن سلسلن کي ڪيترن ئي جاين تي غير ضروري سمجهي ڇڏي ڏنو آهي ۽ راوين جي نالن ڏيڻ بدران محض ”راوين“ يا ”لکندڙن“ جهڙا مبهم لفظ ترجمي ۾ رکيا آهن، مثلاً:

Gul Hayat Institute

ص 62 كتاب جي شروعات ۾ ئي راوين جا نالا حذف ڪري هنن مبهم لفظن سان شروع ڪري ٿو ته: ”خبرن جي راوين ۽ تاريخ جي مصنفن هن طرح بيان ڪيو آهي- الخ“.

ص 72 ”هن داستان جو مصنف ۽ هن بوستان جو مصنف هن طرح روايت ٿو ڪري- الخ“ (چچ جي راڻيءَ سونهن ديوي سان شادي بابت).

ص 79 ”هن فتح جي ڳالهه لکندڙ هن طرح چيو آهي- الخ“ (چچ جو ڪشمير کان اروڙ ۾ واپس اچڻ بابت).

ص 105 ”هنن خبرن جي راوين ۽ هنن روايتن جي ڄاڻن هن طرح بيان ڪيو آهي- الخ“ (عهد اسلام ۾ فتحن جي شروعات بابت).

ص 107 ”هن روايت جي ڪن راوين ۽ هن داستان جي ڪن لکندڙن بيان ڪيو آهي- الخ“ (حضرت عثمان رضہ جي ڏينهن ۾ فتحن بابت).

ص 123 ”خبرن ۾ تصرف ڪندڙ ۽ روايتن جا تفسير ڪندڙ هيئن ٿا چون-الخ“ (محمد بن قاسم جي سنڌ جي محاذ تي مقرري بابت).

ص 163 ”هن ڳالهه جي راوي چيو ته- الخ“ (علافيءَ جي ڏاهر کي نصيحت بابت).

ص 190 ”هنن ڪنوارين (حڪايتن) جي سينگاريندڙن هن طرح روايت ڪئي آهي ته- الخ“ (10- رمضان تي محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جي جنگ بابت).

انهن حذف ڪيل سندن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته اسان جي فارسي مترجم کي تاريخي سندَن جي اهميت جي پوري ڄاڻ نه هئي. پاڻ جي ٿو ته اصل سندن ۾ ڏنل نيٺ عربي نالن کي ڪيڏي، اجمالي طور مٿين سهڻن لفظن وارن جملن لکڻ سان مترجم ڪتاب جو زيب و زينت وڌائڻ ٿي گهريو. مٿين جاين مان ڪتاب جي شروعات،اسلامي فتحن جي شروعات وغيره اهڙا مقام آهن جن تي عربي تاريخ جي اصول موجب سندون تفصيل سان بيان ٿيل هونديون. غالباً مترجم اهي سندَن جا خاص ڊگها سلسلا محض عبارت آرائي خاطر حذف ڪيا آهن. ڇاڪاڻ ته ٻين جاين تي جتي هڪ يا ٻن راوين جا نالا آهن ته اهي قائم رکيا اٿس. ممڪن آهي ته انهن مان ڪن جاين تي، خصوصاً اسلام کان اڳ وارن بيانن (مثلاً چچ جي راڻي سونهن ديوي سان شادي) لاءِ، سندَن جا سلسلا نه به هجن. مگر عهد اسلام وارين سندَن جي حذف هئڻ سبب اها پرک به مشڪل ٿي پئي آهي. پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته ص 105 تي ”عهد اسلام ۾ فتحون“ واري اهم باب جي شروعات سندَن جي سلسلي کان خالي نه هوندي، ڇاڪاڻ ته بلاذري به هوبهو انهيءَ طرح شروعات

ڪري، اهو بيان ”علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف“، يعني المدائني جو سچو نالو آٽي سندس زباني بيان ڪيو آهي.

بهرحال سندَن جا سلسلا ڇڏي ڏيڻ واري ڪمي هڪ وڏي اوڻائي آهي، جا مترجم ڪان واقع ٿي آهي. سندس انهن بالڪل مبهم ”روايتن“ سبب ڪتاب جي اصليت تي قدري پردو پئجي ويو آهي، ۽ محقق ۽ موضوع بيانن کي پرکڻ مشڪل ٿي پيو آهي. ان ڪان سواءِ ڪتاب جي شروعات واري روايت ۾ اصل مصنف جي نالي هجڻ جو پڻ گمان آهي، پر مترجم جي هن خالي عبارت آرائي سبب اها حقيقت پڻ محو ٿي وئي آهي.

(3) جتي سندَن جا سلسلا قائم رکيا اٿس، اتي بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سندَن کي مڪمل طور نہ ڏنو اٿس، مثلاً هيٺيون ٻہ روايتون غور طلب آهن:

1- ص 108: هذلي ڳالهہ ڪئي آهي (حضرت علي رضہ جي خلافت ۾ حارث بن مرہ جي مڪران ۾ جنگ بابت).

2- ص 111: هن تاريخ جي سلجهائيندڙن، هذلي ۽ عيسيٰ بن موسيٰ ڪان روايت ڪئي آهي ۽ پنهنجي پيءُ ڪان ٻڌو (سنان بن سلمہ جو محاذ هند تي مقرر ٿيڻ).

پهرينءَ روايت ۾ صرف ”هذلي“ جو نالو ڪنيو ويو آهي مگر جنهن ڪان ”هذلي“ هيءَ خبر ٻڌي يا جنهن کي ”هذلي“ هيءَ خبر ٻڌائي، تن ٻنهيءَ جا نالا روايت ۾ حذف ڪيا ويا آهن: يعني تہ سندَ جي سلسلي جو پهريون حصو حذف ڪيو ويو آهي. خود فتحنامي ۾ ڏنل هيٺين ٻن روايتن جي سندَن جا سلسلا ثابت ڪن ٿا تہ سندَ جي روايتن جي سلسلي ۾ ”هذلي“ وچ واري ڪڙي آهي ۽ انهن روايتن ۾ ڪانئس اڳ توڙي پوءِ جي راوين جو هئڻ ضروري آهي.

ص 109: ابوالحسن، هذلي ڪان روايت ڪئي آهي ۽ هن مسلمة بن محارب بن زياد ڪان ٻڌو (عبدالله بن سوار جو محاذ هند تي مقرر ٿيڻ).

ص 112: ابوالحسن، هذلي ڪان ٻڌو ۽ انهي ”اسود“ ڪان روايت ڪئي (راشد جو محاذ هند تي مقرر ٿيڻ).

هنن مثالن مان ظاهر آهي تہ غالباً فارسي مترجم جي بي احتياطي سبب سندن جا سلسلا ناقص رهجي ويا آهن، جنهن ڪري تحقيقي نقطۂ نظر ڪان هڪ وڏي ڪمي پيدا ٿي پئي آهي. اهڙا مثال ٻيا بہ ڪافي آهن.

Gul Hayat Institute

(4) ترجمي ڪرڻ وقت مترجم کان سهواً بہ ڪي اصل عربي عبارتون ڇڏجي ويون آهن، جنهنڪري ترجمي ۾ پڻ خلل ۽ خال رهجي ويا آهن. عبارتن جي صورتخطي واريون اوڻايون پوءِ جي ڪاتبن جي بي احتياطي يا اڻ ڄاڻائي سبب واقع ٿيون آهن، مگر ڪٽل عبارتون مترجم جي سهوَ جوئي نتيجو آهن ڇاڪاڻ تہ ڪتاب جي فارسي ترجمي وارن جملي قلمي نسخن ۾ اهي عبارتون ڪٽل آهن، مثلاً:

1- ص 111-112/ [81]: سنان بن سلمہ ۽ احنف بن قيس وارو ذڪر

2- ص 146/ [221]: ڪاڪي ڪوتل جي خاندان جو ذڪر

3- ص 217/ [203]: علافي (يا جيسينہ؟) جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ وارو ذڪر

4- ص 229/ [217]: محمد بن قاسم، قتيبه ۽ جهم بن زحر وارو ذڪر

5- ص 245/[233]: جيسينہ جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ وارو ذڪر

انهن ناقص عبارتن مان محض پهرئين ۽ چوٿين عبارت جي تصحيح مشڪل سان ٻين ڪتابن جي آڌار تي ٿي سگهي آهي مگر ٻين عبارتن جي تصحيح امڪان کان ٻاهر آهي. هن اهم تاريخي ڪتاب جا اهي خال ۽ خلل نهايت ئي قيمتي تاريخي معلومات تي دائمي حجاب آهن.

فارسي ترجمي جي اهميت: باوجود مترجم جي اوڻاين جي، سنڌس هن فارسي ترجمي جي تاريخي توڙي ادبي اهميت مسلم آهي. مترجم، اصل عربي ڪتاب جو فارسي ۾ ترجمو ڪري اوائلي اسلامي- هندي تاريخ تي عموماً ۽ سنڌ جي تاريخ تي خصوصاً هڪ جوڳو احسان ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اصل عربي ڪتاب جي غيرموجودگيءَ ۾ "فتحنامہ" ئي انهيءَ آڳاٽي تاريخ جو اڪيلو سرچشمو آهي: نہ فقط ايترو مگر غالباً هيءُ پهريون ڪتاب آهي جو سنڌ جي سرزمين ۾ سنڌ ۽ هند جي تاريخ بابت تيار ڪيو ويو. ان کان سواءِ "فتحنامہ" انهن چند تاريخي ڪتابن مان آهي جي آڳاٽو عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيا. "بلغمي" پهريون شخص هو، جنهن 350 ۽ 360هہ جي وچ ڌاري تاريخ طبري جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. "تاريخ سيستان" ٻيو ڪتاب آهي، جنهن جو ڪافي مواد عربيءَ مان ترجمو ٿيل آهي، مگر اهو ڪتاب دراصل فارسيءَ ۾ ئي لکڻ شروع ڪيو ويو: ان کان سواءِ صرف ان جو پهريون پاڱو "فتحنامہ" کان اڳ سنہ 445-448 هہ ڌاري لکيو ويو، مگر ان جو ٻيو پاڱو "فتحنامہ" بعد سنہ 725 هہ ڌاري تاليف ڪيو ويو.(1) ٽيون "ڪتاب الفتوح" احمد بن اعثم ڪوفي خليفي هارون رشيد جي دؤر تائين فتحن بابت لکيو(2) ، جنهن جو فارسي ترجمو "محمد بن احمد المستوفي" الهروي سنہ 596 هجريءَ ۾، يعني تہ فتحنامي کان

17-18 سال اڳ ڪيو (3) ۽ جن حالتن ۾ هيءُ ترجمو ڪيائين، اهي ذري گهٽ علي ڪوفي جهڙا هئا: يعني تہ مترجم جو ضلع بوشنج ۾ هيءُ ڪتاب ترجمو ڪرڻ، ۽ خراسان جي وزير مؤيدالملڪ قوام الدولہ والدين افتخار اڪابر خوارزم و خراسان جو سندس مربي هئڻ. علي ڪوفي بہ جڻ ساڳين حالتن ۾ سندس نقش قدم تي هليو ۽ 17 سالن بعد 613ھ ۾ "فتحنامہ" ترجمو ڪيائين. بهرحال "فتحنامہ" انهن چند تاريخي ڪتابن مان چوٿون نمبر آهي جي آڳاٽي وقت ۾ عربي مان فارسيءَ ۾ ترجما ٿيا.

ادبي نقطہ نظر سان پڻ "فتحنامہ" فارسي نثر جي بلڪل آڳاٽن ڪتابن مان آهي ۽ هندستان جي فارسي ادب ۾ غالباً فارسي نثر جو پهريون ڪتاب آهي. ان جو اسلوب بيان سادو ۽ سلوڻو آهي. عوفي پنهنجو "لباب الالباب" فتحنامہ جي تاليف ڪان فقط ٽي- چار سال ڪن پوءِ سن 617 ھ ڌاري لکيو ۽ ان کي سلطان ناصرالدين جي ساڳئي وزير عين الملڪ فخرالدين حسين جي نالي سان منسوب ڪيائين، جنهن جي نالي علي ڪوفي "فتحنامہ" کي منسوب ڪيو. يعني تہ عوفي توڙي علي ڪوفي ساڳئي دؤر جا آهن، مگر "فتحنامہ" جي مقدمي کي "لباب الالباب" جي مقدمي سان ڀيٽ ڪندي واضح ٿئي ٿو تہ عوفي جي اسلوب بيان ۾ ڪافي تڪلف ۽ تصنع آهي ۽ ان جي برعڪس علي ڪوفي جو اسلوب بيان وڌيڪ صاف، سادو ۽ پُراثر آهي.

**فارسي ترجمي بعد ان جي اشاعت**

علي ڪوفي سنہ 613ھ (1216ع) ۾ تصنيف ۽ تاليف ڏانهن متوجهہ ٿيو ۽ انهيءَ سال يا ٻئي سال ستت ئي "فتحنامہ" وارو فارسي ترجمو تيار ڪيائين. جيئن تہ اهو ترجمو سلطان ناصرالدين قباچہ جي وزير عين الملڪ فخرالدين حسين جي نالي منسوب ڪيائين، انهيءَ لاءِ تہ سندس "بلند درگاہ ۾ ويجهڙائي حاصل ٿئي"، گمان غالب آهي تہ علي ڪوفي پنهنجي ترجمي جو هڪ نسخو ڪٽي وچي اُچ ۾ (جو سلطان ناصرالدين جي گاديءَ جو هنڌ هو) وزير عين الملڪ جي خدمت ۾ پيش ڪيو هوندو. ممڪن آهي تہ هڪ نسخو اروڙ- ٻکر جي قاضين کي ڏنو هجيس، جن جي اصل عربي ڪتاب تان "فتحنامہ" ترجمو ڪيو هئائين. ۽ اهڙو ڪو هڪ نسخو پاڻ وٽ بہ رکيو هجيس. مگر جيئن تہ ترجمي وقت (سنہ 613 ھ) بہ سندس عمر 58 ورهيہ هئي ۽ ان بعد ٻين مصنفن جي ڪتابن خواہ سلطان ناصرالدين جي دربار جي معزز درباري عالمن فاضلن ۾ سندس ذڪر نٿو ملي، انهيءَ ڪري پائنجي ٿو تہ علي ڪوفي ان بعد ڪو گهڻو وقت جيئرو ڪونہ رهيو ۽ انهيءَ ڪري فتحنامي جا قلمي نسخا بہ غالباً محدود ئي رهيا.

Gul Hayat Institute

”فتحنامہ“ جو جھوني ۾ جھونو قلمي نسخو جو هن وقت تائين دريافت ٿي چڪو آهي، سو سنہ 1061 ھ جو لکيل آهي ۽ پنجاب يونيورسٽي لئبرريءَ ۾ محفوظ آهي. باقي جملي نسخا 1230 ھ کان پوءِ جا لکيل آهن.

تعجب آهي تہ سنہ 613 ھ کان وٺي سنہ 1061ھ تائين، يعني تہ تقريباً ساڍن چئن سون واري انهيءَ عرصي جو ڪوبہ قلمي نسخو هن وقت تائين نہ مليو آهي. البت سلطان فيروز شاه طرفان ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو جي لکيل خطن جي مجموعي ”منشات ماهرو“(1)۾ هڪ اهڙو حوالو موجود آهي جو غالباً ”فتحنامہ“ تان ورتل آهي. ”منشات ماهرو“ ۾ عين الملڪ طرفان سنڌ جي سمن حاڪمن ڄام ٻانڀڻي (بانهبنيه) ۽ ڄام جوڻي ڏانهن لکيل خط موجود آهن، جي اندروني شهادتن جي بنياد تي، تقريباً 761-765 ھ واري عرصي ۾ لکيل آهن. ڄام ٻانڀڻي سنڌ ۾ پنهنجي خود مختار حڪمراني قائم ڪرڻ ٿي چاهي ۽ انهيءَ ڪري دهليءَ جي مرڪزي حڪومت جي مخالف ڪندو رهيو. انهيءَ ڪري عين الملڪ پنهنجي هڪ جوابي خط ۾ سندس مخالفت ۽ عهد شڪنيءَ جو ذڪر ڪندي ڪيس طعنو ڏنو آهي تہ اها سنڌين جي قديم عادت آهي، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ راجا ڏاهر جي پٽ ڏيئرن جي محمد بن قاسم خلاف سازش ۽ دغا واري ڳالهہ مثال طور آندي اٿس. جيئن تہ اها ڏند ڪٿا دراصل سواءِ فتحنامي جي ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ڏنل ڪانهي، انهيءَ ڪري گمان غالب آهي تہ ”فتحنامہ“ عين الملڪ ماهرو جي نظر مان گذريو هو ۽ شايد ڄام ٻانڀڻيو بہ ان مان واقف هو. جو عين الملڪ ان حڪايت کي مشهور سمجهي ڏانهنس لکيل خط ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. بهرحال هن حوالي سان قدري تصديق ٿئي ٿي تہ ڪتاب جي فارسي ترجمي (613ھ) کان تقريباً ڏيڍ سؤ سال پوءِ (761-765ھ) بہ هن ترجمي جا قلمي نسخا ملتان توڙي سنڌ ۾ موجود هئا.

ان بعد وري تقريباً اڍائي سؤ سال پوءِ، يارهين صدي هجريءَ جي اوائل ڌاري فتحنامي جي قلمي نسخن جي موجودگيءَ جو ثبوت ملي ٿو. ڇاڪاڻ تہ طبقات اڪبري (تصنيف سنہ 1002ھ)، تاريخ معصومي (تصنيف سنہ 1009ھ)، تاريخ فرشتہ (تصنيف سنہ 1015ھ)، بيگلارنامہ (تصنيف سنہ 1017ھ) ۽ زبدهِ التواريخ (تصنيف سن 1014-1025ھ) جي مصنفن ان مان سنڌ جي اوائلي تاريخ بابت واقعا نقل ڪيا آهن.

ان بعد وري سؤ سال کن پوءِ، ٻارهين صديءَ جي اوائل ۾ ”تاريخ مفضلي“ (تصنيف سنہ 1124-1131ھ)(1) جي مؤلف مفضل خان، ۽ ٻارهين صديءَ جي آخر ۾ ”تحفتہ الڪرام“ (تصنيف

1182ھ) جي مصنف مير علي شير قانع. فتحنامي مان سنڌ جي اوائلي تاريخ ۽ محمد بن قاسم جي فتحن بابت واقعا نقل ڪيا آهن.

فتحنامہ جا ترجما: انهن آڳاٽن مؤرخن بعد موجوده عالمن ۽ مؤرخن گذريل صدي ۽ هن صديءَ ۾ ”فتحنامہ“ جي ترجمن طرف توجهه ڏنو ۽ سڄي ڪتاب يا ان جي ڪن حصن جا انگريزي، سنڌي ۽ اردو ۾ هيٺيان ترجما ڪيا:

(الف) ليفٽيننٽ ٽي.پوسٽنس (T.Postans) غالباً پهريون شخص هو، جنهن انگريزي زبان ۾ سنہ 1838ع ۽ سنہ 1841ع ۾ ”جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال“ ۾ هن ڪتاب جو مختصر ترجمو شايع ڪيو(2). اها شروعاتي ڪوشش هئي، انهيءَ ڪري پوسٽنس جو ترجمو ڪافي ناقص آهي(3).

(ب) ان بعد اليٽ، سڄي ڪتاب جا خاص تاريخي حصا ترجمو ڪيا(4). مگر ماٺهن ۽ ماڳن جي نالن جي تحقيق ۾ سندس ترجمي ۾ پڻ نقص رهجي ويا، جن تي محقق هوڙي والا پنهنجي ڪتاب ”هندي- مسلم تاريخ بابت مطالعات“ (ص 80-100) ۾ تنقيدي روشني وڌي آهي.

(ج) ان بعد سنڌ جي مشهور اديب مرزا قليچ بيگ پهريون دفعو سڄي ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جو ڪراچيءَ ۾ ڪمشنر جي پريس مان سنہ 1900ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. مرزا صاحب پنهنجي ترجمي جي تمهيد، مؤرخ 20-نومبر 1900ع ۾ لکي ٿو تہ ”ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ ۾ مون کي ڪافي تڪليفون پيش آيون. منهنجي قلمي نسخي ۾ ايتريون تہ چڪون ۽ خال هئا، جو مون کي ڪتاب جا جيترا ٽي سگهيا اوترا ٻيا قلمي نسخا هٿ ڪرڻا پيا. انهيءَ لاءِ تہ پنهنجي نسخي کي انهن سان ڀيٽي غلطين جون درستيون ڪريان ۽ خالن کي پريان. مون کي حيدرآباد، ٺٽي، سکر ۽ شڪارپور مان دوستن جي مهربانيءَ سان 7 يا 8 نسخا هٿ آيا. ۽ ان بعد ڪافي محنت ۽ ڪاوش سان، ۽ عربي عالمن جي مدد سان، مون (عبارت جون) درستيون ڪيون، ۽ جيترو ٿي سگهيو اوترو خال پريا (مگر بدقسمتيءَ سان سڀني قلمي نسخن ۾ چڪون ۽ خال هئا). ان بعد مون ڪتاب جو ممڪن حد تائين لفظ بلفظ ترجمو ڪيو.

مون ڪافي حاشيا ۽ حوالا پڻ ڏنا آهن، جي مفيد ثابت ٿيندا. ان کان سواءِ مشترڪ واقعن بابت مون تاريخ معصومي ۽ تحفتہ الڪرام جي بيانن جا اقتباس پڻ ڀيٽ خاطر ڏنا آهن. قرآن شريف جي آيتن لاءِ رڪوع ۽ سورتن جا حوالا مون سيل (Sale) جي انگريزي ترجمي تان ڏنا آهن. ۽ رچرڊسن جي ٽيبل تان مون هجري سالن جا مسيحي سال درج ڪيا آهن.“

Gul Hayat Institute

مرزا صاحب جي مٿئين بيان مان ظاهر آهي تہ سندس ڪوشش هن ڪتاب جي مڪمل ۽ ممڪن حد تائين صحيح انگريزي ترجمي لاءِ ڀرپور ڪوشش هئي.ان کان علاوه مرزا صاحب پنهنجي ترجمي جي آخر ۾، ماڻهن ۽ ماڳن جي نالي جي الف-بي وار فهرست پڻ شامل ڪئي آهي، جا موجوده طرز تحقيق جي نقطہ نظر کان هڪ قابل قدر اضافو موجود آهي.
انهيءَ اهتمام هوندي بہ مرزا صاحب جو انگريزي ترجمو ڪافي تصحيح جو محتاج آهي. مرزا صاحب جن ستن اٺن قلمي نسخن کي سامهون رکيو هو، تن جي ڪابہ وضاحت ڪانہ ڪئي اٿس، جو اندازو لڳائجي تہ اهي نسخا ڪيتري قدر معتبر هئا. خود سندس راءِ موجب "سيني قلمي نسخن ۾ چُڪون ۽ خال هئا"، ۽ انهيءَ ڪري ئي غالباً مرزا صاحب جي ترجمي ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي نالن خواه عبارتن ۾ ڪافي غلطيون رهجي ويون آهن.
(د) انڊيا آفيس لنڊن واري قلمي نسخي تان، سنڌ جي مير صاحبن جي اهتمام سان فتحنامي جو هڪ سنڌي ترجمو ٿيو جو ڪافي عرصي تائين هزهائينس مير نورمحمد خان (حيدرآباد) جي ڪتبخاني جو زيب و زينت رهيو. ان بعد اهو ترجمو مرحوم خداداد خان مصنف "لب تاريخ سنڌ" جي ملڪيت بڻيو ۽ هن وقت محترم محمد حنيف صاحب صديقي وٽ محفوظ آهي.

---

(1) ڏسو "تاريخ سيستان" طبع طهران سنہ 1314 شمسي، مقدمہ ص "و"
(2) ڏسو ياقوت، معجم الادباء (گب ميموريل) جلد 1 ص 379، ۽ "لسان الميزان"، مطبوع حيدرآباد دکن، جلد 1، ص 138
(3) ڏسو فهرست ريو (Rieu) جلد 1، ص 151، ۽ پڻ "فتوحات اعثم ڪوفي"، مطبوع بمبئي.
(1) مسلم يونيورسٽي علي گڙهہ ۾ تاريخ جي پروفيسر محترم شيخ عبدالرشيد کان هڪ خط آڳاٽو پهتل آهي، جنهن ۾ هن صاحب لکيو آهي تہ هن "منشات ماهرو" کي ايڊٽ ڪيو آهي ۽ ڪتاب زير طبع آهي.
(1) ڏسو فهرست ريو (Rieu)، جلد 2، ص ص 892-893
(2) ڏسو "جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال"، جلد-7 (No. LXXIV) سال 1838ع، ص ص 93-96 ۽ 297x-310، ۽ جلد-10 (No. CXI) سال 1841ع، ص ص 183-197 ۽ 267-271
(3) ڏسو اليٽ جي تاريخ، مقامي مؤرخن جي زباني، جلد 1، ص 137
(4) ايضاً جلد 1، ص ص 131-211.

Gul Hayat Institute

(ھ) سنہ 1923ع ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب وري هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو شروع ڪيو. سندس ان ترجمي جو پهريون ڀاڱو، جملي 60 صفحا، جو سنڌ جي اسلام کان اڳ واري تاريخ تي مشتمل آهي، ڪرشنا پرنٽنگ پريس (پهريان 40 صفحا) ۽ بلئوٽڪسي پريس (41 کان 60 صفحا) حيدرآباد مان شايع ٿيو. مرزا صاحب ان پهرئين ڀاڱي جي مهاڳ، مؤرخہ 30-جولاءِ 1923ع ۾ ڄاڻايو آهي تہ: "هاڻي ڪن دوستن جي فرمائش موجب مون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي." آخر ۾ "اشاري" طور لکيو اٿس تہ: "ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ڇپٽو آهي. پهريون ننڍو ڀاڱو فقط چچ جي راڄ تائين آهي، باقي ٻئي ڀاڱي ۾ اچٽو آهي." مرزا صاحب جو هيءُ ترجمو بہ محض ترجمو ئي آهي، ۽ تصحيح ۽ تحقيق کان خالي آهي.

(و) مرزا قليچ بيگ صاحب جي انگريزي ترجمي تان، محترم محمد حفيظ الرحمان "حفيظ" بهاولپوري، ڪتاب جو اردو ۾ ترجمو ڪيو، جو "عزيز المطابع اليڪٽرڪ پريس بهاولپور" ۾ ڇپيو. مترجم جي ديباچي جي تاريخ 10- رمضان 1357ھ/4- نومبر 1938ع ڄاڻايل آهي. هيءُ ترجمي جو بہ ترجمو آهي ۽ انهيءَ ڪري صحت کان ناقص آهي.

**فتحنامي جي فارسي متن جي اشاعت:** خود فارسي متن جي تصحيح ۽ تحقيق طرف سڀ کان پهريون توجهہ سنڌ جي عالم، فاضل، محقق ۽ اديب، شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ڪيو ۽ سندس تصحيح ڪيل "فتحنامہ سند"، مجلس مخطوطات فارسيہ حيدرآباد دکن جي ڪوشش ۽ اهتمام سان سنہ 1358ھ/1939ع ۾ مطبعہ لطيفي دهلي مان ڇپجي شايع ٿيو.

موجوده تحقيق ۽ تجسس جي اصولن ۽ معيار مطابق هيءَ پهرين ڪوشش هئي، جنهن موجب فاضل مصحح، ڪتاب جا مختلف قلمي نسخا سامهون رکي، متن جي تصحيح ڪئي، ڪتاب جو مقدمو لکيو، متن جي وضاحت لاءِ حواشي ۽ تعليقات لکيا، ۽ آخر ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي فهرست شامل ڪئي.

متن جي تصحيح لاءِ فاضل محقق هيٺيان قلمي نسخا استعمال ڪيا:

نسخہ: م برٽش ميوزم وارو نسخو، 9-محرم 1248ھ جو لکيل.

نسخہ پ ڪتبخانہ پنجاب يونيورسٽي وارو نسخو، 4- شوال 1061ھ جو لکيل.

نسخہ ب ڪتبخانہ بانڪيپور وارو نسخو، 10- ذيقعد 1272ھ جو لکيل.

نسخہ ڪ ڪتبخانہ رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال، ڪلڪتہ، وارو نسخو 9- آڪٽوبر 1887ع جو لکيل.

Gul Hayat Institute

نسخہ **س** علاؤالدين صاحب سمہ جو ذاتي نسخو، ڪافي پوءِ جو لکيل، تاريخ نامعلوم.

نسخہ **ج** ميرنور محمد خان جي ڪتبخاني وارو سنڌي ترجمو، محمد حنيف صاحبصديقيءَ وٽ موجود، تاريخ ترجمہ نامعلوم.

انهن نسخن جي علاوه مصحح، مرزا قليچ بيگ واري انگريزي ترجمي توڙي اليٽ واري انگريزي ترجمي کي پڻ استعمال ڪيو.

انهيءَ اهتمام سان فتحنامي جو فارسي متن پهريون دفعو ڪافي صحيح نموني ۾ ڇاپي جي صورت ۾ علمي دنيا جي آڏو پيش ٿيو. متن جي وس آهر صحت کان علاوه، فاضل محقق پهريون دفعو ڪتاب جي اصل نالي تي مقدمہ ۾ بحث ڪيو ۽ ڪتاب جي عام مشهور مصنوعي نالي "چچنامہ" جي بدلي اندروني شهادتن جي بنياد تي، ان جو زياده صحيح نالو "فتحنامہ سند" تجويز ڪيو. پنهنجي حواشي ۾ پڻ فاضل محقق ڪن تاريخي ۽ جغرافيائي حقيقتن تي روشني وڌي.

مطلب تہ محترم ڊاڪٽر دائودپوٽي جي انهيءَ مخلصاڻي ڪوشش پهريون دفعو هن تاريخي ڪتاب جي متن کي روشن ڪيو ۽ "الفضل للمتقدم". مگر صاحب موصوف سان روبرو خيالن جي ڏي وٺ مان معلوم ٿيو تہ هيءُ ڪم ڪافي عجلت ۾ پورو ڪيو ويو، ۽ غالباً انهيءَ ڪري ئي ڪن خاص نالن جي اصليت، متن جي ڪن منجهيل عبارتن جي صحت، وڌيڪ قلمي نسخن جي پيٽ، ڪتاب جي تاريخي پس منظر جي گهري جاچ، تاريخي واقعن ۽ جاگرافيائي پس منظرتي ڪي ضروري مباحث ۽ ٻيا ڪي پهلو تشنہٴ تحقيق رهجي ويا.

**موجوده سنڌي ترجمو ۽ ان ۾ ڪيل تحقيق**

موجود سنڌي ترجمي ۽ تاليف ۾ انهن تحقيق طلب مسئلن کي ممڪن حد تائين سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڪتاب جي سڄي متن جي ذري پرزي تصحيح، ۽ آخر ۾ هر انوکي ۽ مشڪل مقام ۽ مسئلي جي عملي تنقيد ۽ تشريح، هن ترجمي ۽ تاليف جا ٻہ امتيازي پهلو آهن. انهيءَ سلسلي ۾ خاص ڪوشش ڪئي وئي آهي، تنهن جو مختصر طور هيٺ ذڪر ڪجي ٿو. انهيءَ لاءِ تہ آئيندي محقق کي باقي رهيل مسئلن ڏانهن متوجهہ ٿيڻ ۾ آساني ٿئي:

(1) ڪتاب جي قلمي نسخن جي پيٽ: مٿي ص 86-85 تي فتحنامي جي انهن قلمي نسخن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن کي فارسي متن جي ايڊيٽر شمس العلماءٌ ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب

استعمال ڪيو آهي. صاحب موصوف نسخي م کي بنيادي نسخو تسليم ڪيو آهي ۽ نسخي **پ** جي پڙهڻين کي اڪثر جاين تي ترجيح ڏني آهي(1).

نسخہ **پ**: بنده نسخي **پ** جو پنجاب يونيورسٽي لئبرري ۾ مطالعو ڪري، ان کي بنيادي نسخو تسليم ڪري فارسي متن جي ڪافي پڙهڻين کي درست ڪيو آهي: مثلاً ص 102، حاشيہ-2 (ڏهرسينہ جي عمر ٽيهہ سال هئي ۽ نہ حڪمراني)، ص 112، حاشيہ-1 (عبدربہ ۽ نہ عبدالله) ص 112، حاشيہ-2 (ڪوه منذر ۽ نہ ڪوه مندر) ص 151 تي (1)-(1) انگن اندر سڄي عبارت جي تصحيح، ص 165، حاشيہ-1 (حمران ۽ نہ حمزان)، ص 179، حاشيہ-1 (جيور ۽ نہ جيپور)، ص 193، حاشيہ-1 ("اي عزيزو" ۽ نہ "اي بني عزيز") ص 197، تي (1)-(1) انگن اندر ڏاهر جا سندس پنهنجي ٻوليءَ وارا اصل لفظ، وغيره.

نسخہ **ن**: فارسي ايڊيشن ۾ ٻيو مکيہ نسخو **ب** استعمال ڪيو ويو آهي، جو بانڪيپور لئبرري ۾ محفوظ آهي(1) . هيءُ نسخو راجي محمد نالي ڪاتب 3-ذي القعده 1272هہ ۾ شهر پونہ ۾ ٻئي هڪ نسخي تان اتاريو. جو مير مراد علي خان جي ارشاد موجب محمد خليل نالي ڪاتب 3-ذي القعده سنہ 1232هہ ۾ لکيو هو. هي مير مرادعلي خان وارو اصل نسخہ جوب کان 40 ورهيہ اڳ جو لکيل آهي، سو هزهائينس مير نورمحمد خان مرحوم جي لئبرريءَ ۾ محفوظ آهي. دوست محترم مير نورمحمد خان (ننڍي) جي مهربانيءَ سان هي نسخو مطالعي لاءِ مليو ۽ اسان ان کي ن جي نشاني سان نروار ڪيو آهي. هيءُ نسخو، فتحنامي جي جملي موجوده نسخن ۾ قدامت جي لحاظ سان ٻيو نمبر آهي ۽ صرف نسخہ پ ئي هن کان آڳاٽو لکيل آهي. اسان نسخہ **ن** جي آڌار تي پڻ متن جي ڪافي پڙهڻين کي درست ڪيو آهي. مثلاً: ص 79/ سٽ 1 ۾ "تاڪيہ" ۽ نہ "ڪنبہ"، ص 79/سٽ 5 ۾ "شاڪلهار" ۽ نہ "شاڪلها"، ص 139/سٽ 15 ۾ "فيڪيدوا" ۽ نہ "فڪيدوا"، ص 197/سٽ 15-14 ۾ ڏاهر جا سندس پنهنجي ٻوليءَ ۾ لفظ جي صرف **پ** ۽ **ن** ۾ ڏنل آهن، وغيره. ڪي خاص درستيون ن ۽ ر جي متفق پڙهڻين موجب ڪيون ويون آهن. مثلاً ص 134/ سٽ 10 ۾ "ذڪوان بن علوان بڪري" ۽ نہ "ذڪوان بن حلوان بڪري"، ص 157/سٽ 15 ۾ "قصہ وجورتہ" ۽ نہ "قصہ وسورتہ" وغيره.

نسخہ ر: فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر برٽش ميوزم واري (or 1787) نسخہ **م** کي بنيادي قرار ڏنو آهي. اهو نسخو دراصل جناب حضرت پير صاحب پاڳاري جن جي لئبرريءَ جو هو ۽ ان جي

صفحي 205 تي پير صاحب علي گوهر شاهه (اصغر) رضه (1263-1331هه) جي مهر لڳل آهي، جنهن تي هيءُ طغرا ڏنل آهي ته:

ز درج صبغت الله شه علي گوهر بود

چو خورشيد حقيقت شد محمد راشد ( ) لامع

1250

هن نسخي جو ڪاتب "نور محمد چپ نويس" آهي. جنهن اهو نسخو 9- محرم سنه 1248هه ۾ لکيو.(1) شاهي لئبرري رامپور ۾ هڪ "مجموعه تاريخ فارسي" (رقم 500) ٽن ڪتابن، هر هڪ تاريخ معصومي، چچنامه ۽ تاريخ طاهريءَ تي مشتمل آهي. اهي ٽيئي ڪتاب ساڳئي خط ۾ ساڳئي ڪاتب جا لکيل آهن. جنهن تاريخ طاهريءَ جي آخر ۾ پنهنجو نالو ۽ تاريخ ڪتابت هن طرح ڄاڻايا آهن: "حاجي محمد مجاور درگاه بتاريخ غره ماه جمادي الثاني سنه 1245." هن نسخي ۽ مٿئين نسخي ۾ ڪي پيٽڻ مان صاف طور معلوم ٿئي ٿو ته نسخه م هن رامپور واري نسخي جو نقل آهي. حاجي محمد روهڙيءَ ۾ "وار مبارڪ" جي درگاه جو مجاور هو ۽ بنده سندس ٻيا هٿ لکيل ڪي رسالا به ساڳئي خط ۾لکيل ڏٺا آهن. هن روهڙي واري نسخي تان پير صاحب پاڳاره واري نسخي جو نقل ٿيڻ بلڪل قياس جي ويجهو آهي. هن رامپور نسخي کي اسان رجي نشان سان نروار ڪيو آهي ۽ ان جي پرهڻين جي آڌار تي متن ۾ ڪيترين ئي جاين تي ڪي اهم درستيون ڪيون آهن: مثلاً ص 157/سٽ 10-9 ۾ (1)-(1) واري عبارت جي تصحيح، ص 177/سٽ 22 ۾ (1)-(1) اندر فقري جو اضافو ته محمد بن قاسم جا سپاهي "چلنگيون چلنگيون تي" ٽپيا، ص 224/سٽ 2 ۾ "قيان بن طاهر" (يعني گيان بن ٽاهر) ۽ نه "قبايض بن طاهر"، ص 190/سٽ 12 ۾ "دهول" (يعني ڍول) ۽ نه هول، ص 231/سٽ 12 تي "دنده وکر بهار" (يعني ڍنڍ وکر بهار) ۽ نه "دنده وکربها ؓ" وغيره.

مطلب ته **پ**، **ن** ۽ **ر** فتحنامه جي جملي قلمي نسخن ۾ نمبر وار قديم نسخا آهن. جن مان **پ**جو ٻيهر مطالعو ڪيو ويو آهي ۽ **ن** ۽ **ر** کي پهريون دفعو هن سنڌي ايڊيشن جي تصحيح لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. باقي صرف ٽي يا چار ٻيا قلمي نسخا معلوم آهن.(1) جن جو مطالعو فائدي کان خالي نه ٿيندو، مگر اهي نسخا هڪ ته پوءِ جا لکيل آهن ۽ ٻيو ته وري ناقص آهن ۽ انهيءَ ڪري ايڏي اهميت نٿا رکن.

Gul Hayat Institute

(2) اصل عربي ڪتاب جي ڪاتبن جي سهو سبـبان يا مترجم علي ڪوفي جي ڀل ڪان متن جي ڪن عبارتن جا حصا حذف ٿي ويا آهن ۽ انهيءَ ڪري جملي قلمي نسخن ۾ پڻ اهي خال ۽ خلل رهجي ويا آهن، جن جو ذڪر متي (ص 80-79) اچي چڪو آهي. اسان ٻين عربي ڪتابن مان انهن ڪٽل عبارتن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ناقص عبارتن کي درست ڪيو آهي. پهريون: صفحي 111/[81] تي سنان بن سلمہ ۽ احنف بن قيس واري بيان جي تصحيح ابن قتيبة جي ڪتاب عيون الاخبار (227x1) تان ڪئي وئي آهي، ٻيو: صفحي 228/[217] تي محمد بن قاسم ۽ قتيبه کي حجاج طرفان چين جي فتح ۽ امارت جي حڪم، ۽ محمد بن قاسم جو جهم بن زحر کي عراق جي لشڪر سان قتيبہڏانهن موڪلڻ واري بيان جي درستي يعقوبي (246x2) ۽ طبري (889-90x1) جي حوالن ذريعي ڪئي وئي آهي[(1)].

(3) هن سڄي ترجمي ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي، نالن جي متن جي مختلف پڙهڻين ۽ ٻين ماخذن جي بنياد تي، درستي ڪئي وئي آهي: عربي نالن جي صحيح صورتخطي قائم ڪئي وئي آهي، ۽ مقامي نالن جي ممڪن حد تائين اصلوڪي صورت نروار ڪئي وئي آهي. مثلاً ص 80 تي "سرڪونڊ پٽ پندرڪو" (فارسي متن ۾: پسرڪول بن بهندرڪو)، ص 80 تي "وڪيو پٽ ڪاڪو" (فارسي متن ۾: ڪيه بن ڪاڪه)، ص 147 تي "چنان" (فارسي متن ۾: جتان) وغيره درستيون، قابل توجهه آهن.

(4) جيتري قدر ٿي سگهيو آهي اوترو، جن ماڻهن يا ماڳن جوذڪر فتحنامي ۾ آيو آهي، انهن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيان مثال خاص اهميت رکن ٿا:

محمد بن قاسم سان سنڌ جي فتح وقت جيڪي ساٿي ۽ سپهہ سالار گڏ هئا تن مان گهڻن جي سوانح تي روشني وڌي وئي آهي. مثلاً جهم بن زحر الجعفي (ص 304-303)، عطية بن سعد العوفي (ص 305)، سفيان بن الابرد الڪلبي (ص 306)، قطن بن برڪ الڪلابي (ص 306)، نباتة بن حنظلة الڪلابي (ص 307)، تميم بن زيد قيني (ص 326-325)، خريم بن عمرو المدني (ص 499- 331)، حڪم بن عيوانة ڪلبي (ص 333) ۽ وداع بن حميد البحري (ص 337-336). پڻ حجاج جي ڪاتب، حمران (ص 319-318) ۽ ص 171/[151] تي ڏنل داستان جي مصنف خواجہ امام ابراهيم جي حالات کي روشن ڪيو ويو آهي.

ماڳن ۽ شهرن، ڍنڍن ۽ ڍورن جي سڃاڻپ تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هيٺين شهرن ۽ ماڳن متعلق ڪيل جغرافيائي ۽ تاريخي تحقيق في الحال هڪ خاص اضافو

آهي: اروڙ (ص 262-261)،ديبل (ص 273-264)، کيڪانان (ص 274-273)، برهمڻ آباد (ص 276-274)، نيرون ڪوٽ (ص 277-276)، ڪنوهار مندر (ص 282-281)، راوڙ (ص 290-286)،موج (ص 313-312)، بغرور يعني بکر (ص 315، 263)،اگهم (ص 421)، جلوالي ڊورو (ص 330-328)، ڪيرج يعني ڪيرا يا ڪيڙا (ص 337)، ساوندي ۽ ڊنڊ وڪر بهار (ص 338-337)، ملتان جو منروي بتخانو (ص 347-346)، وغيره.
(5) هن ڇاپي ۾ نہ فقط تاريخي ۽ جغرافيائي تحقيق کي مدنظر رکيو ويو آهي، پر ضرورت آهر ادبي تحقيق ڏانهن بہ پورو ڌيان ڏنو ويو آهي. فتحنامہ ۾ مذڪور شاعرن جي سوانح تي ممڪن حد تائين روشني وڌي وئي آهي ۽ سندن ديوانن يا عربي ادب جي ٻين ڪتابن جي مدد سان سندن شعرن جون گهربل درستيون ڪيون ويون آهن. شاعرن مان هر هڪ اعورشني (ص 295)، عبدالله بن الاعور الحرمازي (296-297)، حمزهِ بن بيض الحنفي (ص 303-202)، ۽ عديل بن فرخ العجلي (ص 307)، بابت مختصر مگر جامع حوالا قلمبند ڪيا ويا آهن. ص 107-106/[72] تي حڪيم بن جبله ڏانهن منسوب شعرن بابت حاشيہ ص 293-292 ۾ روشني وڌي وئي آهي، ۽ ص 117-116 /[86] تي شاعر فرزدق جي ڏنل شعرن جي سندس ديوان جي مختلف ڇاپن تان تصحيح ۽ تڪميل ڪئي وئي آهي. ان ڪان سواءِ نامعلوم شاعرن جي شعرن کي متعين ڪرڻ جي پڻ حتي المقدور ڪوشش ڪئي وئي آهي، ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو نامعلوم بيت، جو ص 248/[236] تي ڏنل آهي، ان بابت پتو لڳايو ويو آهي تہ اهو مشهور شاعر ابوالفتح بستي جي هڪ قصيده جو بيت آهي (ڏسو ص 344).
(6) محمد بن قاسم متعلق هر نقطہ نظر کان ضروري تحقيق جي تڪميل ڪئي وئي آهي. ص 261 تي فتحنامہ ۾ سندس ڄاڻايل لقب "عماد الدين" جي مصنوعيت تي تبصرو ڪيو ويو آهي ۽ محمد بن قاسم جي حقيقي ڪنيت "ابوالبهار" کي نروار ڪيو ويو آهي. ص 300-298 تي محمد بن قاسم جي خاندان ۽ شاديءَ بابت فتحنامہ جي جملي متضاد ۽ مشڪوڪ بيانن کي مستند تاريخي حوالن سان پيش صحيح حالتن ۽ نتيجن کي پيش ڪيو ويو آهي. ۽ آخر ۾ ص 362-351 تي تاريخي واقعن جي روشنيءَ ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ مان واپسي، نظربندي ۽ وفات تي تحقيقي بحث ڪري، فتحنامہ ۾ ڏنل ڏاهر جي ڌيئرن واري جڙتو افساني جي ترديد ڪئي وئي آهي.

علمي نقطہِ نظر کان هن سنڌي ڇاپي جا مٿيان ڇهہ پهلو خصوصي حيثيت رکن ٿا. ورنہ مجموعي طور متن جي حاشين توڙي متن جي آخر ۾ "اشارن ۽ واڌارن" جي عنوان هيٺ هر مشڪوڪ ۽ تحقيق طلب مسئلي تي روشني وڌي وئي آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي نالن جي فهرست شامل ڪئي ويئي آهي، جيئن حوالن ڳولڻ ۾ آساني ٿئي. باقي ڪتاب جي اصليت، فارسي ترجمي جي اوڻاين توڙي اهميت، ۽ بعد جي ترجمن توڙي فارسي ڇاپي جي حقيقت بابت اميد تہ هيءُ مقدمو هر مؤرخ ۽ محقق لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

(ن.ب)

---

(1) ڏسو فارسي ايڊيشن، مقدمہ ص (يط).

(1) ڏسو فهرست بانڪيپور لئبرري، مرتبہ "ڊينيسن راس"، جلد 7، ص 177، رقم (597).

(1) ڏسو فارسي ايڊيشن، مقدمہ ص (يط-ڪ)

(1) "ببليوٿيڪ امپيريل" ۾ شايد بہ نسخا موجود آهن، جن ڏانهن اليٽ پنهنجي تاريخ (137x1) ۾ اشارو ڪيو آهي، اي- بلاشيٽ (E.Blochet) جي فهرست (ببليوٿيڪ نيشنل، پئرس، جلد 1 ص 363) ۾ هڪ نسخي جو حوالو اسان جي نظر مان پڻ گذريو آهي، مگر ان جو تفصيل اسان وٽ قلمبند ٿيل ناهي، انهيءَ ڪري ان بابت وڌيڪ ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهجي. نسخہ ۾ ڪان سواءِ، متحف برطانيہ ۾ هڪ ٻيو نسخو بہ موجود آهي (فهرست ريو 290x1-291- No. OR 158) مگر هڪ تہ اهو ناقص آهي ۽ ٻيو تہ وري ڪافي پوءِ جو يعني تہ 19- صدي عيسوي جو لکيل آهي، ان ڪان سواءِ ڪي ٽڪرا فتحنامي جا هڪ "مجموعہ اقتباسات تاريخي" (No. or 1838) ۾ پڻ شامل آهن. انڊيا آفيس لئبرري، لنڊن ۾ پڻ هڪ قلمي نسخو موجود آهي (فهرست، ايٿي No. 435) جنهن جي ڪن عربي عبارتن کي فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر پيٽيو آهي، مگر سنڌس راءِ ۾ هيءُ نسخو بہ ناقص ۽ گهٽو غلط آهي (ڏسو فارسي ايڊيشن، مقدمہ-ڪد).

(1) ڏسو آخر ۾ حاشيہ 228/ [217] ص 334-335

Gul Hayat Institute

# بسم الله الرحمن الرحيم

حمد ۽ تعريف انهيءَ مالڪ کي جڳائي، جنهن جي احسان جو ذڪر ايمان جو تت ۽ جنهن جي نعمتن جو شڪر امن ۽ امان جو منڍ آهي. اهڙو ڪاريگر، جنهن "ڪُن فيڪُونُ" وارو امر وهمن ولوڙڻ سان زائل نٿو ٿئي، اهڙو قادر، جنهن جون بيمثال صفتون خيالي حڪمتن ۾ محدود نہ آهن، اهڙو مقرر انداز رکڻ وارو جنهن پنهنجي قدرت جي آسمانن ۾ نڪتنِ جون شمعون روشن ڪيون، ۽ اهڙو مصور، جنهن پنهنجي دقيق حڪمتن مطابق ستارن جون منزلون چٽيون. اهو خالق، جنهن جي ڪاريگريءَ جي جمال، چمڪندڙ سج کي سينگاريو، ۽ اهو پروردگار، جنهن جي قدرت جي جلال، اونداهيءَ رات جي زلفن کي سنواريو. هن جي عدل جي غلبي ڪان ڪڪر جي اک، آسمان جي فضا ۾ روئندڙ آهي، ۽ گل جو روشن ڏيئو، ڪشاديءَ زمين تي سندس رحمت جي فيض ڪان ٽهڪندڙ آهي. اهو جبار، جنهن فِرعون بي مدد جي مسخريءَ کي، ڪفر ۽ گمراهيءَ جي سؤ سالي نشي هوندي بہ هڪڙي بي وُضو سجدي جي برڪت سان رحمت ۽ مهربانيءَ جو حقدار ٺهرايو. ۽ اهڙو قهار[1] جنهن مڪريل ابليس کي ست سؤ هزار سالن جي عبادت جي باوجود هڪ سجدي نہ ڪرڻ ڪري پنهنجي عزت ڀريءَ درگاهہ مان تڙيل ۽ مردود ڪري ڇڏيو. فتبارکَ اللّٰهُ اَحسنُ الخالِقِين وَ الحمدُ لِلهِ ربِ العالمِينَ (پوءِ الله تعاليٰ مڙني ۾ مٿانهون ۽ سهڻي ۾ سهڻو خلقيندڙ آهي ۽ هر قسم جي تعريف انهيءَ الله کي ئي جڳائي جو ساري ڪائنات جو پالڻهار آهي).

(جملي) درود، (دعائيہ) تحفا، سلام ۽ صلواتون انهيءَ رسول صلي الله عليہ وسلم جي عنبرين خاڪ ۽ روضہ مطهر تي موڪلڻ گهرجن جنهن جي وعظ ۽ نصيحت جي اثر ڪان مؤمنن جي دلين جو آئينو صاف آهي، ۽ جنهن جي خلق جي شعاعن ڪري، محبن جون جانيون مقبول آهن. اهڙو سچو، جو سندس اخلاق جي ڇهري کي خلق جي ڇوڇڇؤ ميرو نہ ڪري سگهي، ۽ اهڙو سالڪ، جنهن جي امن جي راهہ ۾ هلندڙ قدم کي، ڪِچري جا ڪندا ڏکوئي نہ سگهيا. اهڙو ڪريم، جو سندس شهنشاهت جي چاڪرن، محمدي نور جي برڪت سان هر دفعي ڪنهن نہ ڪنهن کي بااختيار حاڪم بنائي، حجاز جي ڪافرن، ايران ۽ خراسان جي بيدينن ۽ سرڪش هندن کي آبدار ترار ۽ خونخوار نيزي جي رعب سان ذليل ۽ خوار بنايو، ۽ بتن ۽ ٺاڪرن جي جڳهہ تي مسجدون منبر ٺهرايا، جنهن ڪري محمدي دليلن جا آثار ۽ نبوي نشانن جا معجزا ظاهر ٿيا.

Gul Hayat Institute

۽ پڻ (صلواتون ۽ سلام) انهن ڏهن اصحابن ۽ پاڪ دامن نقيبن تي، جن جي حق ۾ نبوت جي زبان ۽ بزرگي جي ٽنيي قرآن مجيد مان هيءَ بشارت مقرر ڪئي ته: (قوله تعالي) وَ الذينَ معهُ اَشِداءُ [2] علي الڪفارِ رُحماءُ بينهم تراهم رُڪعاً سُجداً (يعني جيڪي سندس (محمد جا) ساٿي آهن، سي ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ ٻاجهارا آهن ۽ تون انهن کي رڪوع ۽ سجدو ڪندڙ ڏسندين)، صلواتُ الله عليهم وَ رضي ا للهُ عنهم اَجمعين.

ٻنهي جنسن (جنن ۽ انسانن) جي رسول محمد مصطفيٰ عليهِ الصلواة والسلام جا مناقب هنن ڪنوارين جي هارن جي جڙا ۽ هنن قيمتي (موتين) جي قافين جي تصحيح تي روشن برهان ۽ هنن تصنيفن جي سينگار ۽ هنن گردانن جي نِظام تي چٽو دليل ٿي رهندا(1) جڏهن الله تعالي جل جلاله جو حڪم رسول ثقلين ۽ نبي حرمين کي پهتو ته يا اَيُهاالمزمل قم الليلَ اِلا قليلاً نِصفهُ اَو اِنقص مِنهُ قليلاً اَو زِد عليهِ وَرتلِ القرآن تر تيلاً (اي چادر ويڙهيندڙ، رات جو ٿورو حصو ڇڏي باقي عبادت ڪر: رات جو اڌ اٿي بيهي گهار يا انهيءَ کان ٿورو گهٽاءِ يا وڌاءِ، ۽ قرآن ٺاهي ٺاهي پڙهه). تڏهن آدم جي اولاد جو سردار ۽ ٻنهي جهانن جو وقار ، رسالت جو صدر ۽ بزرگيءَ جو بدر، سعادتمند ٽولي جو سالار ۽ عاقبت جي حقيقت جو ڄاڻنهار، مصلي تي ايترو ته بيهڻ لڳو جو سندس قدم مبارڪ سُڄي پيا ۽ سندس منهن مبارڪ زرد ٿي ويو: نيٺ (الاهي) درگاه جو قاصد ۽ بادشاهيءَ جو مور، جبريل امين صلواتُ الله وَ سلامه عليه [ وَعليٰ نبِينا] خدائي فرمان ڪٽي اچي پهتو ۽ چيائين: ته اي مرسلن جا پيشوا، متقين ۽ بخت وارن جا تاج، ۽ صديقن جا امام! [الله]ذوالجلال [3] جي درگاهه مان،"طه ما اَنزلنا عليڪَ القرآنَ لِتشقي" (اي پيغمبر، اسان توتي قرآن توکي تڪليف ڏيڻ لاءِ نازل نه فرمايو آهي) جي دستخط سان هڪ پڪو فرمان جاري ٿيو آهي ته: اي چوڏهينءَ رات جا چنڊ! نبي ۽ رسولَ تنهنجي اچڻ تي ختم آهن ۽ تنهنجا ته خيالي عرض به [مالڪ] لايزال جي دربار ۾ مقبول آهن، (تنهنڪري) تون پاڻ تي ايتري محنت ۽ سختي جا لاءِ ٿو اختيار ڪرين؟ تون پنهنجي عرض جو فقط اِشارو ڪر ته [مقبوليت جي] بشارت جو حڪم توکي آڻي ڏيان. طريقت جي سردار ۽ حقيقت جي راهه جي سالار ، فڪر جي دِلي جو ڍڪ کولي گفتگو جا موتي هن طرح ظاهر ڪيا ته "يا اَخِي جِبريلُ اَفلا اَڪونُ عبدَ شڪورا" (اي منهنجا ڀاءُ جبريل! ڇا ما شڪر گذار ٻانهو نه هجان؟) (نه بلڪ) آءٌ باوجود هيترن مرتبن جي جيڪي مون کي حاصل آهن، آخر ٻانهو آهيان ۽ ٻانهي جو اولاد آهيان.

محمد [صلي الله عليہ وسلم] جن جي حق ۾ [الله] جلت عظمته جي درگاھ مان ڪيئي فرمان صادر آهن. پهريون، ساري جهان لاءِ رحمت هجڻ جي بشارت، مطابق [قوله تعاليٰ]وَما اَرسلناکَ اِلا رَحمةَ لِلعالمِينَ (اسان توکي ساري دنيا لاءِ رڳو رحمت ڪري موڪليو آهي): ٻيءَ جاءِ تي پاڻ کي اصحابن جي آڏو رسالت [ جي عهده] سان جلوه گر ڪيائين:[بمصداق قوله تعاليٰ] مُحمد" رَسوُلُ اللهِ والذِينَ معه - الآية (1) (محمد رسول الله ۽ جيڪي سندس ساٿي آهن_ الخ.)، ۽ ٻي جاءِ تي نبوت جي خزاني کي نبوت ۽ رسالت جي مهر سان بند ڪيائين، جيئن تہ "والکِن رَسوُلَ الله [4] وَخاتمَ النبِيين(1) (پر هو الله جو رسول ۽ نبين کي ختم ڪرڻ وارو آهي): وري ٻيءَ جاءِ تي مخلصن ۽ متقين جي لاءِ بشارت ۽ فسادين ۽ سرڪشن لاءِ ڌڙڪي جو اشارو موڪليائين، جيئن تہ "يا اَيهاالنبِيُ جاهِدِ الڪفار والمُنافِقِينَ" (اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر).[ اي جبريل! آءٌ] جڏهن هنن سڀني رتبن، عزتن ، دلجوئين ۽ احترامن سان مشرف ٿيو آهيان، تڏهن منشا ائين ئي هئي تہ ظلم جي ڪارنهن ۽ ڪفر جي گمراهي، اسلام ۽ دينداريءَ جي روشنائيءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ها، منافقيءَ ۽ جهالت جو بنياد ڊهي پوي ها، اسلام جا جهنڊا بلند ٿين ها. هن حڪومت جو دور ۽ هن مذ هب جو آئين قيامت تائين زماني ۾ جاري رهي ها ۽ ڪنهن بہ شرڪ ۽ مخالفت سان نہ گڏجي ها، ۽ سنت جو گل، بدعت جي ڪنڊي سان نہ چيرجي ها.

جبريل امين صلوات الله عليہ وسلام [وعليٰ نبينا] موٽي ويو ۽ ساڳئي وقت موٽي آيو ۽ چيائين: اَلسلامُ عليڪَ يا مُحمدا! خدا تعاليٰ سلام ۽ درود چوي ٿو . ۽ الله تعاليٰ جو قطعي فرمان ۽ مُحڪم تقدير جي تمهيد هن طرح نئين سر ٿي آهي تہ " اِنکَ لاتهدي من اَحببتَ وَ لڪِنَ الله يهدي من يشاءُ" (بيشڪ تون جنهن کي چاهين تنهن کي هدايت نٿو ڪري سگهين، پر الله تعاليٰ جنهن کي چاهي تنهن کي هدايت ڪري سگهي ٿو). اي محمد ! ائين هرگز نہ ڀانئج تہ ڪو ماڻهو تنهنجي سڏڻ تي اسان جي درگاھ ۾ اچي ٿو ، يا ابليس جي وِسوسِي ڪري ڪو ماڻهو اسان جي درگاھ مان تڙجي ٿو ، [ بلڪ] تڙيندڙ اسان آهيون. جنهن کي تڙيون ٿا تنهن کي ڪوبہ ڪوٺي نٿو سگهي ، ۽ جنهن کي ڪوٺيون ٿا، تنهن کي ڪو بہ تڙي نٿو سگهي: " اِنَ عِبادِي لَيس لڪَ عليهِم سُلطان" (بيشڪ منهنجي ٻانهن تي تو کي ڪوبہ اقتدار حاصل نہ آهي). تنهنڪري اي مُحمدا! صلي اللهُ عليہ وسلم تون هن ڪري فڪر مند نہ ٿيءُ، جن ماڻهن [5] ميثاق جي ڏينهن "اَ لستَ بِرَبڪُم" (ڇا مان توهان جو رب نہ آهيان) ساھ سان سڏيو

۽ ”قالوابليٰ“ (چيائون تہ هائو) وارو فرمان برادريءَ جو طوق پنهنجي گردن ۾ وجهي، اسان جي وحدانيت جا اقراري ٿيا. [تن لاءِ] محمدي شهنشاهت جي چاڪرن مان هر وقت ڪونہ ڪو[اهڙو ماڻهو] خلق جي مٿان جلوَہ اَفروز ڪنداسون. جنهن جي ڪوشش جي وسيلي، اهي ماڻهو اسلام جي عزت سان مشرف ٿيندا[رهندا]. ۽ جنهن فرقي اسان جي حڪم کان سرڪشي ۽ عناد اختيار ڪيو آهي تن کي گمراهي ۽ نعمت جي انڪار سان منسوب ڪنداسون. جيئن
اهي [مؤمن] ”جاهِدِ الڪفار وَالمنافِقِين“ (ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ) جي فرمان ۽ ”اَقتلوا المشرڪِينَ حيث وجدتموهم“ (مشرڪن کي جتي لهو اتي قتل ڪريو) جي اشاري موجب ، [ڪافرن کي]خونخوار ترار ۽ دل ڏاريندڙ نيزي ۽ تير جو لقمو بنائين تہ هي خراسان، ايران ،عراق، شام، روم، ۽ هندوستان جون فتحون زماني جي ڪتاب تي لکجن ۽ انهن جو ذڪر زماني جي حاشيہ تي هميشہ قائم رهي-والله اعلم بالصواب (الله تعاليٰ حق کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو).

## قباجۃُ السلاطِين خلدَ الله ملڪہُ جي تعريف

هيءُ داستان ۽ هيءَ وڻندڙ تاريخ انهيءَ وقت لکي ويئي ، جڏهن اسلام جي بادشاه. ملڪ جي شهنشاه. الله جي شهرن جي مالڪ ، الله جي ٻانهن جي فرياد ٻڌندڙ ، خدا جي ٻانهن جي مددگار، ڪفر۽ گمراهيءَ جي بنيادن کي ڍاهيندڙ. دين ۽ هدايت جا پايا ڪَڙا ڪندڙ. جهان جي ولين جي مددگار، انسان جي دشمنن جون پاڙون پٽيندڙ. دين خواهہ دنيا جي عزت وڌائيندڙ. اسلام ۽ مسلمانن جي واهرو. جهان ۾ الله جي پاڇي ۽ اميرالمؤمنين جي حمايتي، بختاور شهيد سلطان اَبوالمظفر محمد ابن سام، نَوَرَاللّهُ ثَراہ وَجَعَل اَلجنۃَ مضجَعہُ و مثواہ (شال الله تعاليٰ سندس قبر کي روشن ڪري ۽ جنت سندس آرام گاهہ ۽ رهڻ جي جاءِ بنائي) جي بادشاهي جي تخت کي غلبي واري شهنشاهت جي مددگار-بزرگ بادشاهہ ۽ وڏي ۾ وڏي شهنشاهہ جي
همنشين، [6] سچائي جي شان، خلق جي بُرهان، خلافت جي ٽيڪ ، دنيا ۽ دين جي مددگار، اسلام خواهہ مسلمانن جي عزت، دشمنن ۽ سرڪشن جي پاڙن کي پٽيندڙ. قسيم اميرالمؤمنين (اميرالمومنين جو پائيوار) ابو الفتح قباچہ السلاطين-سينگاريو هو ۽ سندس شان و شوڪت جا طنبو تاڪيد جي طنابن ۽ سختي جي انتظام سان ڪتل ۽ منظم [هئا ] ۽ سندس امر ۽ نِهِي جا حڪمناما ولايتن ۽ دنيا جي [سيني] حصن تي جاري ٿيا هئا. هن حد تائين جو سرڪشن ۽ دشمنن جو ٽولو ڪنڊ ۾ لکي ويو ۽ مخلص ۽ پرهيزگار امن ۽ سلامتيءَ ۾ گذارڻ لڳا. الله تعاليٰ جو شڪر ۽ احسان، جو حڪومت جو انتظام ۽ شهنشاهت جو قانون انهيءَ درجي تي [پهتا] آهي،

Gul Hayat Institute

جو جنھن طرف ڏانھن بہ سندس آسمان کي پهچندڙ جهنڊاکڄن ٿا تہ جوان حڪومتون بہ شوق ۽ اطاعت مان هٿ ٻڌي بيهن ٿيون.(1)

<u>شعر</u>

خسروا ملک بر تو خرم باد
نخل گيتي ترا مسلم باد
از توآباد ظلم ويران شد
بہ تو بنياد عدل محکم باد
خطبہ تعظيم يافت از نامت
همچنين سال و مہ معظم باد
و آنچہ در ملک جم نبود ترا
هم زير نگين مختم باد
چتر ميمون همت عاليت
سايہ دار سپهر اعظم باد
هر دلہ کر تو حال عصيان است
هم کارش چو زلف درهم باد
تاکم و بيش در شمار آيد
دولتت بيش دشمنت کم باد
بہ يمينت چو ملک داد يسار
در يسار تو خاتم - جم باد
[بادشاھا! تون ملڪ ماڻ پلي
ساري دنيا هٿ ۾ آڻ پلي
توکيو ظلم جو بنياد ختم
عدل جي پاڙ تو ڪئي محڪم
خطبہ کي نانءُ تنهنجي کان عزت
تو ڏني سال و ماه کي عظمت
نہ ملڻ جنھن جي کان هو جم غمگين

سو سپيئي هجئي زير نگين
تنهنجي همت جي ڇٽ سندو سايو
شل ڪري آسمان تي پايو
جا بہ دل توڪان ٿي رهي برهم
شل نہ ٿئي بر صواب تنهن جو ڪم
گهٽ ۽ وڌ جو شمار ٿئي جيسين
هجي دشمن ڪان دوست وڌ تيسين
ڪاڀي جڏهن ملڪ ڪيو سڄي جي وس
زيب ڪاڀي جو جم جي خاتم بس]

شال الله تعاليٰ هن ملڪ ۽ هن بادشاهيءَ جي رونق کي مضبوط بنيادن تي [7] دائم ۽ قائم ۽ هن بادشاهيءَ جي مضبوط محل ۽ هن نعمت، شال سندس طرف سدائين آباد رهن، جي محڪم قلعي کي بد انتظاميءَ جي حادثن جي آسيب کان محفوظ رکي، ۽ سندس خطبو ۽ سِڪو، سندس لقبن ۽ اعليٰ درجي جي خطابن سميت دنيا جي ختم ٿيڻ تائين شال منبرن ۽ درهمن کي سينگاريندڙ هجي، ۽ جيسين جهان قائم آهي ۽ جيسين آسمان جي گردش برقرار آهي، تيسين شال سندس بادشاهيءَ جي شان و شوڪت جو سج ۽ حڪومت جي اقبال جو چنڊ بزرگيءَ جي ڪناري ۽ ڪمال جي آسمان مان حضرت محمد ۽ سندس سموري آل جي محابي چمڪندو ۽ اڀرندو رهي.
علي ڪوفي هن ڪتاب جوڙڻ جو سبب ٻڌائي ٿو
هن ڪتاب "تاريخ هند" جو لکندڙ ۽ "سنڌ جي فتح" جي تقرير ڪندڙ ، محمدي شهنشاهت جو بندو علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي جڏهن پنهنجي عمر جو هڪ عرصو آرام ۽ نعمت ۾ گذاري چڪو ۽ ڪميني دنيا مان وڏو نصيب ۽ مڪمل حصوڪٽي چڪو، تڏهن حادثن جي مصيبتن ۽ زماني جي اوچين آفتن ڪان [مجبور ٿي] پنهنجي اصلوڪي وطن ۽ پيدائش جي جڳهہ ڪان جدا ٿي، ڪي ڏينهن اچي اُچ مبارڪ ۾ سڪونت ڪري آرام ورتائين. وري "تِلڪَ الاَ يامُ نُدَ اوَ لهُاَ بينَ الناس"( انهن ڏينهن کي ماڻهن ۾ ڦيرايون ٿا) جو حڪم پهتو، ۽ تقدير جي آبدار خوشيءَ جي پيالي کي ايذاٌ جي [ڪڙي] ٿوهہ سان بدلايو ۽ خوشيءَ ڪان محرومي جاري رهي (1)." غدار ڦرندڙ آسمان جي سختين سببان زهر جا ڍڪ پريندو ۽ قهر جا ڏک جهليندو آيو. اٺونجاهہ سالن جي عمر ۾ سنہ 613 (ڇهہ سو تيرهن) ۾، سيني ڪمن مان هٿ

Gul Hayat Institute

ڪڍي ، قيمتي ڪتابن کي پنهنجو وندرائيندڙ ۽ همنشين بنايائين: ۽ پنهنجي دل ۾ خيال ڪندو رهيو تہ جنهن صورت ۾ لکندڙ جي دل تي [8] سڀ ڪنهن علم مان ڪجهہ اشارو نقش ٿيل آهي، ۽ هر هڪ وقت جي عالم ۽ يگاني حڪيم پنهنجي زماني ۾ پنهنجن مخدومن ۽ مُربِيِنِ جي مدد سان ڪانہ ڪا تاريخ يا تصنيف زماني ۾ يادگارڇڏي آهي، جيئن تہ اڳيان مصنف خراسان، عراق، ايران، روم ۽ شام جي فتحن مان هرهڪ جو بيان تفصيل سان نظم خواه نثر ۾ لکي ويا آهن. هندوستان جي فتح، جنهن ۾ محمد بن قاسم ، ۽ شام ۽ عرب جي اميرن جي هٿان هن ملڪ ۾ اسلام ظاهر ٿيو ۽ سمنڊ کان وٺي ڪشمير ۽ قنوج تائين مسجدون ۽ منبر ٺهيا، ۽ اروڙ جي تختگاهہ ۾ رهندڙ راجا ڏاهر بن چچ بن سيلائج، جنهن کي شاندار امير عمادُ الدَولة والدِين (دين ۽ حڪومت جي ٿنڀ) محمد بن قاسم بن [محمد بدابي] عقيل الثقفِي رحمة الله قتل ڪيو.[جنهن ڪري] هيءُ سارو ملڪ پسگرداين سميت سندس حوالي ٿيو. سو مون چاهيو تہ هن ملڪ جو بيان، خلق جي ڪيفيت ۽ انداز ۾ هن [ڏاهر] جو ڪسڻ معلوم ٿئي ۽ [ اهڙي هڪ] تاريخ تيار ڪئي وڃي. جڏهن انهيءَ جي ڳولا لاءِ نفس اماري کي تڪليف ڏنم ۽ اُچ مبارڪ کان اروڙ (1) ۽ بکر جي شهرن ڏانهن رخ رکيم، چاڪاڻ تہ اتان جا امام عربن جي خاندان ۽ بنياد مان هئا، ۽ جڏهن انهيءَ شهر ۾ پهتس تہ وڏي امام، زبردست عالم، دين ۽ مذهب جي ڪمال ۽ حاڪمن جي سردار مولانا قاضي اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي بن يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ شيبان (1) بن عثمان ثقفي، آدَامَ اللّٰہ فضله و رَحِم آباءَ [9] وَ اَسلاَ فه بِحقِ مُحمد وَ اَلِهه اَجمعِين، جو فصاحت ۾ فضيلت جي کاڻ آهي ۽ نمڪينيءَ ۾ عقل جي جان: علم زهد جي سيني فنن ۾ بينظير آهي، ۽ بلاغت جي [سيني] قسمن ۾ بي مثال، تنهن سان ملاقات ٿي. ڪانئس پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين تہ هن فتح جي تاريخ سندس ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين حجازي ٻوليءَ [عربي] ۾ هڪ ڪتاب [جي صورت] ۾ لکيل آهي، جا هڪٻئي کان ميراث ٿيندي ورثي ۾ ايندي ٿي رهي، مگر جيئن تہ اها عربي جي پردي ۽ حجازيءَ جي حجاب ۾ ڍڪيل هئي، تنهن ڪري عجمين [غير عربن] ۾ مشهور نہ ٿي.

Gul Hayat Institute

## ڪتاب جو ترجمو

جڏهن بندو انهيءَ ڪتاب کان واقف ٿيو تہ [ ڏنائين تہ] اهو حڪمت جي جواهرن سان سينگاريل ۽ نصحيت جي موتين سان سنواريل هڪ ڪتاب هو. جنهن ۾ عربن ۽ شامين جي بهادريءَ ۽ مردانگيءَ جا ڪيئي قسم واضح هئا ۽ رعب ۽ دانائي منجهس جاءِ نشين هئي. جيڪو بہ قلعو فتح ٿيو، تنهن مان دولت هٿ آئي ۽ ڪفر ۽ گمراهيءَ جي رات لاءِ صبح [ظاهر ٿيو] ۽ انهن ڏينهن ۾ جيڪو بہ طرف اسلام جي عزت سان مشرف ٿيو ۽ هٿ آيو تہ انهيءَ ڪي مسجدن ۽ منبرن کان نور ۽ عابدن ۽ زاهدن [جي وجود] سان سرور حاصل ٿي ٿيو. ۽ اهو پاسو اڄ تائين اسلام ۽ دينداريءَ جي جمال ۽ علم ۽ امانت جي ڪمال ۾ واڌارو ڪندو ٿو رهي ۽ دولت محمديءَ جو ڪوبہ پانهو جڏهن بہ ملڪ ۽ بادشاهيءَ جي تخت تي ويهي ٿو تہ نئين سر اسلام جي آئيني تان گمراهيءَ جي ڪٽ صاف ٿو ڪري. [10]

وزيرن جي بادشاهہ شرف الملڪ ضاعف جلالہ (شال (خدا) سندس بزرگي ٻيڻي ڪري) جي مدح ، جنهن ڏانهن هيءُ ڪتاب منسوب ڪيل آهي.

پوءِ جڏهن هيءُ ديني داستان، عربيءَ جي پردي ۽ حجازي حجاب مان فارسي زبان ۾ نقل ٿيو ۽ عبارت جي هار ۽ ديانت جي سينگار سان مشرف ٿيندي نثر جي لڙهيءَ ۾ ترجمو ٿيو تہ دل هن فڪر ۾ غوطا هڻڻ لڳي تہ هيءُ عجيب نئون تحفو ۽ وڻندڙ فتحنامو ڪهڙي سردار ڏانهن منسوب ٿيڻ گهرجي. نيڪ بخت ، بندي جي رهنمائي ڪئي ۽ هيءَ سعادت ظاهر ٿي جو دل ۾ چيم تہ: اي علي! گذريل ڏينهن ۽ سالن کان وٺي ڪيڏو عرصو گذريو آهي جو ماڻهن جي سردار، جهان جي صدر، صاحبقران جي وزير، وزيرن جي عزت، ترار ۽ قلم جي مالڪ، شرف الملڪ رضي الدولة والدين نور اللّٰہ مضجعہ وَ طيب ثراہُ (شال اللّٰہ تعاليٰ سندس آرامگاهہ کي روشن ڪري ۽ هن جي خاڪ کي عمدو بنائي) جي مهربانيءَ جي پاڇي ۽ احاطي جي پناهہ ۾ رهيو آهين. ۽ پنهنجي هن سينگاريل [تصنيف] کي انهيءَ جي احسان تي پلجي ترتيب ڏنو اٿئي ۽ سندس اولاد "دَامَ علوهم و رحِمَ اَبائهم" (شال سندن بلندي دائم رهي ۽ سندس وڏن تي رحم ٿئي ) جي نعمت جا حق تنهنجي گردن تي لازم آهن. تنهنڪري چڱو ائين ٿيندو تہ هيءُ فتحنامو، جو ديني ثواب([1]) ۽ دنيوي ڳالهين [مان مرڪب] آهي، جنهن تي دنيا جا محقق ۽ گهڻي احسان وارا بادشاهہ فخر ڪندا ۽ سيني کي عربن جي اعتقاد جي تصديق ۽ ادب ۽ ترقيءَ جي صاحبن جي خلوص سان نهايت اتفاق ٿيندو، ۽ هيءَ دولت [فتحنامو] جا عرب ۽ شام وارن جي دٻدٻي ۽ رعب جو [يادگار] هوندي[تنهن کي] پڻ عاليشان خاندان جو عرب جي حسب نسب مان

آهي [11] ۽ جنهن جي بزرگ ڏاڏي- وڏي ۾ وڏي شان واري امير، ۽ خاص ۾ خاص لائق توقير ، دين جي عزت، عربن ۾ احترام جي لائق، ملت جي نظام ۽ امت جي قوام، قريشن جي فخر حضرت ابوموسيٰ اشعري رضي الله عنہ جي هٿان، خراسان ۽ ايران جو وڏو حصو فتح ٿيو هو،" سندس انهيءَ سپهہ سالاري ۽ لشڪر ڪشيءَ بابت شرح ۽ تفصيل سان علحدا ڪتاب [لکيل آهن] ، جتي بہ ڪافرن کي شڪست ڏنائين تہ اتي اسلام جا جهنڊا هميشہ لاءِ بلند ٿيا ۽ اتان جي فتح جو خط اميرالمؤمنين عمر بن الخطاب کي پهچندو هو ۽ هو پاڻ مومنن جي اڳيان بيهي خطبو ڏيندو هو [جنهن ۾ اسلام جي شان تي] فخر ڪري ، تعريف [الله تعاليٰ جي] ڪندو هو، جي صاحب [ڪمال] ، نعمتن جي مالڪ، ترار ۽ قلم جي ڌڻيءَ وڏي ۾ وڏي امير، تائيد ڪيل. فتحمند، ڪامياب، ملڪ جي ڏُئل (چونڊيل) ، دولت ۽ دين جي فخر ، ولايتن جي نظام، وزيرن جي شان ، حسين بن ابي بڪر بن محمد الا شعر ضاعفَ اللهُ جلا لہ فِي اَعزَ اَرومة وَ اَڪرمِ جرثومةِ ما ڪرَ الجديدان واتفقَ الفر قدانِ وَ اختلفَ العصرانِ (شال الله تعاليٰ سندس عزت کي ٻيڻو ڪري، عزت ۾ عزت واري خاندان ۽ شريف ۾ شريف گهراڻي ۾، جيستائين رات ڏينهن مٽبا رهن، فرقدين(1) اتفاق ڪندا رهن ۽ زمانا هڪبئي پٺيان ايندا رهن) جي گذارش ۾ آندو وڃي تہ ملاحظي جي شرف ۽ مطالعي جي نظر سان مشرف تي، قبوليت جي عزت سان برڪت پريل ۽ مقبول ٿجي ، ۽ زماني جي بزرگين جي فهرست ۾[داخل] ٿئي.(2)

## مصنف جي معذرت

وقت جي بزرگن ۽ تاريخ جي مالڪن ڪيترين شين کي پنهنجي يادگار جو باقي رکندڙ ۽ پنهنجي نالي کي جٽاءُ ڏيندڙ بنايو آهي: پهريون تہ هو انصاف، عدالت، نهٺائيءَ ۽ وقار کي پنهنجو لباس ٺاهيندا آهن ، ٻيو تہ نفس جي گذران ڪان پوءِ ، جو آدميءَ جو سرمايو آهي،[باقي بچيل] مال کي آخرت جو ثمر ڪندا آهن، ٽيون تہ پنهنجي اولاد کي عجيب هنرن سان سينگاريندا آهن، چوٿون تہ وقت جي عالمن ۽ حڪيمن کي قيمتي ڪتابن جي تصنيف ۽مفيد حڪمتن جي تاليف [12] جي ترغيب ڏيندا آهن، ۽ انهيءَڪي پنهنجن مقصدن جي ڏاڪڻ ۽ مطلبن جا ذريعا سمجهندا آهن، ڇاڪاڻ تہ حڪمت جا سخن ۽ نصيحت جا قسم هميشہ لاءِ ڪتابن ۽ اخبارن جي پنن تي يادگار رهندا.

Gul Hayat Institute

(1) مطلب هيءُ آهي تہ هن ڪتاب ۾ جيڪڏهن محمد رسولﷺ جن جي مناقبن ۽ خصوصيتن جو ذڪر هوندو تہ اهو هن ڪتاب لاءِ سينگار ۽ سونهن ٿيندو.

(1) يعني هيءَ سڄي آيت تہ: مُحمد رَسُولُ اللّٰہ وَ الذِينَ معه اَشِداءُ علي الڪفارِ رُحماءُ بينهم تراهم رُڪعاً سُجداًيبتغون فضلاً منَ اللّٰهِ وَرِضو انا سِيماهم فِي وجُوهِهِم مِن اَثرِ السجُود (سوره فتح رڪوع-4) (محمد رسول اللّٰہ ۽ سندس ساٿي، ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي تي ٻاجهارا آهن . تون هنن کي رڪوع ۽ سجدو ڪندڙ ڏسندين. هو پنهنجي رب جو فضل ۽ رضامندو گهرن ٿا. هنن جي پيشانين ۾ سجدي جي اثر کان نشانيون آهن)(مترجم).

(1) اصل متن ۾ ”محمد رسول اللّٰہ خاتم النبيين“ آهي، جو صحيح نہ آهي.(مترجم)

(1) هن سڄي ڊيگهہ جو مطلب هيءُ آهي تہ هيءُ لطيف داستان انهيءَ وقت لکيو ويو، جنهن وقت سلطان محمد بن سام بالقابهجي بادشاهيءَ جي تخت کي ناصرالدين قباچہ بالقابہ پنهنجي جلوس سان سينگاريو هو ۽ سندس حڪومت اهڙي تہ پڪي پايي تي بيٺل هئي جو جنهن بہ ملڪ تي ڪاهيائين ٿي تہ اهو ملڪ سندس اڳيان ٻانهون ٻڌي ٿي بيٺو.(مترجم)

(1) اصل فارسي عبارت ”و استقامت بندمت سرور متواتر شد“ اسان جي خيال ۾ عبارت ۾ خلل آهي ۽ مطلب اهوئي ٿي سگهي ٿو جو ترجمي ۾ ڏنل آهي. خود فارسي ڇاپي جي علامہ ايڊيٽر کي پڻ هن عبارت ۾ شبهو آهي ، جيئن تہ حاشيي ۾ چوي ٿو تہ”عبارت در اين جا مختل است.“

(1) پ جي پڙهڻي مطابق "ارور" يعني" اروڙ" . مگر ٻين جملي نسخن ۾ ويندي ن ۽ ر تائين هن لفظ جي پڙهڻي "الور" آهي.

(1) ب : شهاب.

(1) اصل متن ۾ ”صواب“ لکيل آهي جو غلط آهي. (مترجم)

(1) فيروز اللغات، ص185 ۾ ”فرقدان“ يا ”فرقدين“ جي معني هيءَ ڏني وئي آهي: اتر قطب جا اهي ٻہ تارا جيڪي قطب وٽ آهن، ان جي چوڌاري گردش ڪندا رهن ٿا، ۽ شام کان وٺي صبح تائين ظاهر رهن ٿا، ۽ ڪڏهن بہ نظر کان غائب نٿا رهن. (مترجم)

(2) عنوان کان وٺي، هن هندسہ تائين سڄي ڊيگهہ جو مطلب هيءُ آهي تہ ”جڏهن هيءُ ڪتاب عربيءَ ؔکان فارسيءَ ۾ ترجموٿي چڪو ، تڏهن مان پنهنجي دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳس تہ هيءُ ڪتاب ڪهڙي امير ڏانهن منسوب ٿيڻ گهرجي! آخر بخت رهنمائي ڪئي ۽ دل ۾ چيم تہ اي علي! تون جنهن صورت ۾ وزير شرف الملڪ مرحوم بالقابہ جي نعمتن جو پاليل آهين، تہ سندس ۽ سندس اولاد جا حق تنهنجي گردن تي واجب آهن، تنهنڪري مناسب ائين آهي تہ هيءَ ڪتاب، جو هنن ، هنن خوبين جو حامل آهي .۽ جنهن جي پڙهڻ سان عرب ۽ شام جي رهاڪن جي عظمت دلين ۾ گهر ڪري ويندي وغيره وغيره، ڪٽي وجي وزير حسين بن ابوبڪر بن محمد اشعري بالقابہ جي خدمت ۾ پيش ڪر، ڇاڪاڻ تہ هو بہ عرب جي خاندان مان آهي، ۽ پڻ سندس وڏي ڏاڏي حضرت ابو موسيٰ اشعري بالقابہ جي هٿان ايران ۽ خراسان جو وڏو حصو فتح ٿيو هو. تہ هن جي مطالعي جو شرف حاصل ڪري ۽ هي ڪتاب برڪت پريو ۽ مقبول ٿئي.“ (مترجم)

Gul Hayat Institute

# راڻيءَ جو چچ تي عاشق ٿيڻ ۽ چچ جو سندس محبت ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ

چچ برهمڻ ، هڪ خوبصورت، سهڻن عضون، شاندار هاٿي، نازڪ بدن ، سر و قد ۽ لال ڳلن وارو نوجوان هو. راڻيءَ جڏهن سندس سهڻي صورت ۽ سهي سر و قد ڏٺو ته مٿس جان ۽ دل سان عاشق، مفتون ۽ چري تي پيئي، ۽ سندس سونهن ، صورت ۽ پوشاڪ تان حيران ٿي، سندس عجيب الفاظن ۽ وڻندڙ اکرن تي دل ڦرائي ويٺي . چچ جي محبت سندس دل ۾ گهر ڪيو، عشق جو سلو، راءِ جي زال جي دل واري زمين ۾ وڏي وڻ ٿيو. راجا کي ٻار پيدا ڪرڻ جي لياقت ڪانه هئي، تنهن ڪري راڻيءَ کي منجهائنس ڪو ٻه فرزند ڪونه هو. آخر هڪ ڪراڙي ڏوتيءَ هٿان پيغام موڪليائينس ته: اي چچ! تنهنجي پنبڻين جي تير منهنجي دل کي ڦٽي وڌو آهي، ۽ تنهنجي جدائي جو زنجير [هر وقت] منهنجي ڳچيءَ جو ڳٽ ٿي پيو آهي، مون کي اميد آهي ته تون پنهنجي وصال جي دواخاني مان منهنجو علاج ڪندين، ۽ همدرديءَ جي هٿ سان اهو ڳٽ منهنجي گردن مان کوليندين. ۽ پنهنجي محبت جي هار ۽ٻانهپ جي واليءَ سان منهنجي ڳچيءَ ۽ ڪنن کي سينگاريندين. ۽ جيڪڏهن تون منهنجو هي عرض قبول نه ڪندين ته مان پاڻ کي خون ڪري ڇڏينديس.

## شعر

هيچت افتد کاين دل من شاد کني
و ز هجر و فـــراق خويش آزاد کني
ورباز کشـــي اي صنما! روي زمن
فرياد کنم مها ڪه بيداد کني [21]
[ڇا ڪڏهن منهنجا پرين منهنجي هيءَ دل شاد ڪندين؟
۽ پنهنجي هجر سندي قيد کان آزاد ڪندين؟
پر جي محبوب ٿو موڙين تـون پنهنجو منهن مون کان
ڪندس فريـاد اي دلـدار جي بيداد ڪندين]

Gul Hayat Institute

پوڙهيءَ جڏهن هيءُ پيغام کيس پهچايو ته چچ انڪار ڪيو ۽ پاڻ کي روڪڻ واجب ڄاڻي چيائين ته: راڄائن جي حرمن ۾ خيانت ڪرڻ جان جو خطرو، آخرت جي گرفتاري ۽ دنيا جي بدنامي آهي، ۽ بادشاهن جي ڪاوڙ جڏهن جوش ۾ ايندي آهي ته ان کي ڪوبہ پردو روڪي ۽ دفع ڪري نہ سگهندو آهي، تنهن ڪري هيءُ خيال ڇڏي ڏي، خصوصاً اسان لاءِ، ڇاڪاڻ ته اسين برهمڻ آهيون ۽ منهنجو پيءُ ۽ ڀاءُ راهب آهن،جيڪي اجا تائين پنهنجي عبادتگاهه ۾ گوشہ نشين ۽ پاٺ ۾ ويٺل آهن. منهنجي لاءِ اهائي بيعزتي ڪافي آهي، جو بادشاهہ جي نوڪريءَ ۾ آيو آهيان، جتي اميد ۽ خوف جي وچ ۾ حياتي گذارڻي پوي ٿي، ڇاڪاڻ تہ مخلوق جي نوڪري [هميشہ] غضب جي ڪکر سان گڏيل آهي، ۽ دانائن کي ناپسند، ڇئن شين تي اعتماد نہ ڪرڻ گهرجي. بادشاهہ، باهہ، نانگ ۽ پاڻيءَ تي. انهيءَ سان گڏ وري هيءَ ڳالهہ بہ اختيار ڪريان، سو مون وٽان هيءَ مراد پوري نہ ٿيندي . هن پيغام پهچڻ تي [راڻي] نرم ۽ تمام ڍرو ٿي ڇوائي موڪليو تہ: جيڪڏهن اسان جي ورونهن ۽ ميلاپ کان پرهيز ٿو ڪرين تہ [ڀلا] هر روز وقت بي وقت پنهنجي خيال ۽ جمال کان اسان کي فيضياب تہ ڪندو رهج، تہ تنهنجي وصال جي اميد تي خوش رهندي اچان.

## رباعي

خرسـنـدم اگـر سـال بـسالت بينم
ور در عـمـري شـبي خـيـالت بينم.
نوميد نگر دم از خيـالـت صـنـمـا!
آخـر روزي شـب وصـالـت بيـنم:
[آهيان راضي مان ڏسان توکي اگر سال بسال
يا ڏسان عمر ۾ ڪنهن رات تنهنجو خـواب خيال
ڪين اميد ڇڏيان تنهنجي خيالـن ڪـان صنم!
نيٺ ڪنهن ڏينهن ٿيندو مون سان تنهنجو يار وصال]

جڏهن اکيون اڙيون تہ دل [بہ] يار جي وصال ۾ گرفتار ٿي[22]، ۽ نيٺ سندن وچ ۾وصال جا صبح اچڻ لڳا، جنهن ڪري روحاني موافقت محڪم ٿي، ۽ سندن محبت ۽ الفت مضبوط دستاويزن جي لسٽ ۾ شمار ٿيڻ لڳي.

Gul Hayat Institute

راءُ کي هنن جي حال جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. مخالف ٽولو جيتوڻيڪ سندن حسن [سان گڏ هڪٻئي ڏانهن] سندن نگاهہ ڏسي بدگمان رهيو ٿي، پر جنهن صورت ۾ ڪنهن بہ اکين سان نہ ڏٺو هو، تنهنڪري [هي راز] مخفي رهندو آيو. ڪن دشمنن، راءُ کي هن حال کان واقف ڪري، اطلاع ڏنو [پر] راءُ قبول نٿي ڪيو، چئي: منهنجي حرمسراءِ کان اهڙو ڪم نہ ٿيندو، ۽ چچ وزير اهڙيءَ بيحرمتي جو روادار هرگز نہ ٿيندو. ٿوري وقت کان پوءِ، اهو ملڪ پورو سندس[چچ جي] قبضي هيٺ اچي ويو، ۽ جيڪو بہ ڪم هو، سو راءِ کي پسند ايندو هو، ۽ راءُ ساهسي ڪابہ مصلحت سندس صلاح کان سواءِ نہ ڪندو هو. نيٺ سڄي ملڪ تي چچ جو حڪم جاري ٿي ويو.

## ساهسي راءُ جو دارالفنا مان لاڏاڻو ڪرڻ

آخر خدائي قضا مخفي پردي جي پويان ظاهر ٿي. راءُ بيمار ٿيو ۽ بيماري ڏکهي ٿي پيئي، ۽ موت جي نشانين هن جي حياتيءَ جي ڇهري کي ڦيرائي ڇڏيو. راءُ جي زال ڳُٺتي ۾ پئجي، چچ کي گهرايو ۽ چيائينس تہ: اي چچ! راءُ جي عمر پوري ٿي چڪي آهي، ۽ موت جون نشانيون هن جي جسم ۾ ظاهر ٿي ويون آهن. راءُ کي ڪو فرزند ڪونہ آهي، جو سندس مرڻ تي ملڪ جو وارث ٿئي، ۽ انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ راءُ جا مائٽ ملڪ ۽ ملڪيت تي قابض ٿيڻ سان، ضد سبب، اسان کي ڏڪارڻ ۽ ڌڪوئڻ شروع ڪندا، بلڪ جيئن تہ راءُ جي حياتيءَ ۾ ئي طعنن جي زبان کولي هئائون [23]، تہ پوءِ هينئر اسان کان جان ۽ مال کسي وٺندا.مون کي هڪ رٿ خيال ۾ اچي ٿي، پڪ اٿم تہ درست ثابت ٿيندي، اسان جي مراد بلڪل پوري ٿيندي، ۽ هيءُ ملڪ وري ٽوڪي ملندو. چاڪاڻ تہ منهنجو عقل تقاضا ٿو ڪري تہ اسان جي همت سان ڏٺي پاڪ هيءُ ملڪ تنهنجي حوالي ڪندو، هيءَ بادشاهي ۽ عزت توسان قائم رهندي، ۽ سيئي تنهنجي تابعداري ڪندا. چچ چيو تہ: تنهنجو حڪم منهنجي اکين تي آهي، ۽ تنهنجو فرمان [ضرور] عين مصلحت هوندو، پر مخلص خدمتگارن سان صلاح ڪرڻ [پڻ] فرض آهي، [تنهنڪري] اسان کي بہ هن حال کان واقف فرمائج [تنهن تي] راڻي سونهن ديوي چيو تہ: پنجاهہ ڪڙولن ۽ ڳٽن تيار ڪرڻ جو حڪم ڏي، ۽ رات جو مخفي طور آٽي اندر تهخاني ۾ تيار رک. [پوءِ] چچ حڪم ڪيو، جنهن تي ڳريون بيڙيون ۽ زنجير تيار ڪري، راتو رات محلات ۾ آٽي تهخاني جي هڪ ڪنڊ ۾ تيار ڪري رکيائون.

Gul Hayat Institute

جڏهن راءِ جو پويون وقت ٿيو ۽ سڪرات جي حالت پهتي، ۽ ويجن اتي پاهر وڃڻ جي ڪئي، تڏهن راڻي سونهن ديوي چيو تہ: گهڙي ڪن گهر ۾ اندر ترسو، ۽ [ پنهنجي] هڪ ايجنٽ کي حڪم ڏنائين تہ: سيني کي گهر ۾ پوري دروازو بند ڪري ڇڏ. جئن راءِ ساهسي جي موت جي خبر شهر ۾ نہ پوي، ۽ جيڪي تنهنجا ۽ منهنجا تابع آهن، تن سيني کي محلات ۾ آڻ.[بس پوءِ تہ] پنهنجن سيني تابعدارن کي محلات ۾ آندائون، پوءِ چيائين تہ: فلاڻو فلاڻو، جيڪي راءِ جا عزيز آهن ۽ ملڪ جا دعويدار آهن، تن سينيءَ کي هڪ هڪ ڪري سڏ. اهڙيءَ طرح هڪ هڪ کي، انهي بهاني سان تہ راجا اڄ البت خوش آهي، ۽ هن سان ڪا صلاح ڪرڻي اٿس، آندائون ٿي. ۽ جڏهن حاضر ٿيا ٿي [24]، تڏهن ڪين اندر ٿي موڪليائون، جتي خاص ڀروسي جوڳن ماڻهن ڪين قيد ٿي ڪيو. نيٺ سيني مخالفن کي بند ڪري، ٻيڙين ۽ ڳٽن ۾ قيد ڪيائون. پوءِ راءِ جي مائٽن مان ٻئي ٽولي کي، جيڪي غريب هئا، سڏي ٿي چيائين تہ: اڄ راءِ تنهنجي فلاڻي عزيز ٿي، جنهن جي ڏمر ڪان توکي رات جو ننڊ ڪانہ ايندي هئي،ڪاوڙ جي ڪيس قيد ڪيو آهي. تون جيڪڏهن فقر فاقي ڪان نجات چاهين ٿو، ۽ شان شوڪت ۽ مال حاصل ڪرڻ گهرين ٿو تہ قيد خاني ۾ گهڙي، پنهنجي دشمن جو سر ڌڙ ڪان ڌار ڪري، هن جو گهر، سامان سڙو، نوڪر ۽ زمين وڃي پنهنجي قبضي ۽ تصرف ۾ آڻ. اهڙيءَ طرح هرهڪ ويو ٿي ۽ پنهنجي مخالف کي ڪُهي، هن جي گهر، وهٽن، ڪپڙن، سامان، دولت ۽ عيال تي وڃي قابض ٿيو ٿي. انهيءَ نموني هڪ ئي رات ۾ مخالفن کي خونخوار ترار جي خوراڪ ڪيائون. ۽ ڪين دشمن ڪان دلجاءِ ٿي، چو تہ انهيءَ ملڪ ۾ ڪوبہ مخالف ڪونہ رهيو، جو ميراث جي دعويٰ ڪري.

## چچ بن سيلائج جو راجا ساهسي راءِ جي تخت تي ويهڻ

پوءِ جڏهن موافق لشڪر ۽ نوڪرن کي پنهنجي تابعداريءَ هيٺ آندائون، ۽ مفلس ئڪر، جن سندس تابعداري قبول ڪئي هئي، سي سڀ هٿيار پنوهار پهري، بلڪل تيار ۽ هوشيار ٿي، دربار ۾ صفون ٻڌي اچي بيٺا، ۽ سيني واپارين، ڪاريگرن، مڪين ۽ وڏن ماڻهن کي حاضر ڪري بادشاهيءَ جو تخت سينگاريائون، تڏهن راڻي سونهن ديوي پردي پٺيان اچي، ٻڌِيمن وزير کي انهن ڏانهن پيغام ڏنو تہ [25]: دربار جي اڳواڻن ۽ مکيہ ماڻهن کان خير عافيت پڇڻ کان پوءِ ڪين راجا جو حڪم پهچائي ٻڌاءِ تہ، جيتوڻيڪ سندس بيماري صحت ڏانهن رخ رکيو آهي ۽ تندرستي حاصل ٿي چڪي اٿس، پر هيءُ جيڪو انتقامي ڪاروائيءَ جو حادثو ٿي چڪو آهي،

Gul Hayat Institute

تنهن جي صدمي کان راءِ ساهسيءَ کي دربار ۾ اچڻ جي طاُقت ڪانهي، ۽ [دپ آهي] تہ ماڻهن، شريف خواه رذيل، طاقتور خواه ضعيف، جو ڪاروبار مهمل رهي، تنهنڪري پنهنجي حياتيءَ ۾ حاجب چچ کي پنهنجو نائب مقرر ڪري ٿو تہ متان رعيت، جا خدا جي امانت آهي، تنهن سان بي انصافي ٿيڻ ڪري ، ملڪ ۾ ڪو خلل پيدا ٿي پوي.

[ اهو پيغام ٻڌي] سيني ادب کان گوڏا کوڙيا ۽ زمين تي مٿا ٽيڪيا ۽ چيو تہ: راءِ جي حڪم جا تابعدار آهيون، ۽ چچ وزير [پڻ] بهرحال سهڻين ۽ وڻندڙ عادتن سان سينگاريل آهي، ۽ سندس عقل جي بدولت ملڪ جو ڪاروبار درست[ هلي رهيو] آهي. تنهن کان پوءِ راڻي سونهن ديوي هڪ هزار تابعدارن ۽ مخلص رئيسن، اڳواڻن، سپهه سالارن ۽ اميرن کي قيمتي، رنگا رنگي ۽ جڙاءُ دار انعام اڪرام ڏنئي، ملڪ جو چٽ چچ جي سر تي رکي، ڪيس تخت تي ويهاريو. سيني انهيءَ تي فخر ڪري، نئين سر خدمتگاري جا شرط بجا آندا. پوءِ سندس فرمائڻ تي وزير [ٻڌيمن] نئين سر وزارت جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو، ۽ خاص ماڻهن کي وڏن انعامن سان سرفراز ڪري، اميرن کي جاگيرن جا نوان پروانا عطا ڪيائون[اهڙيءَ طرح] بادشاهي پڪيءَ طرح چچ جي هٿ آئي.

هن ڳالهہ کي ڇهہ مهينا گذري ويا. آخر ساهسي راءِ جي موت جي خبر سندس ڀاءُ مهرَت(1) کي پهتي، جو چترور(2) جو بادشاهہ هو. [تنهن تي] هو وڏو ڪٽڪ، مست هاٿي ۽ دلير بهادر ساڻ وٺي لڙائي لاءِ تيار ٿي، چچ تي ڪاهي آيو، ۽ اروڙ کان ٿي ميل پري اچي ڪئمپ ڪيائين. هن پنهنجن وزيرن [26] ۽ خاص ماڻهن جو هڪ ٽولو وفد طور [چچ ڏانهن]روانوڪيو، ۽ پيغام موڪليائين تہ: هن ملڪ جو وارث مان آهيان، هيءُ ملڪ منهنجي پيءُ ڏاڏي جو آهي، تنهنڪري ڀاءُ جي ميراث جو آءٌ وڌيڪ حقدار آهيان. [جيڪڏهن ملڪ منهنجي حوالي ڪندين تہ] توکي تنهنجي ساڳيءَ وزيريءَ ۽ نائبيءَ جي عهدي تي قائم رکيو ويندو، ۽ تو سان هميشہ مهربانيءَ ۽ احسان جي روش ڪئي ويندي.

## چچ جي مهرت سان جنگ ڪرڻ ۽ ڪيس ٺڳيءَ سان قتل ڪرڻ

پوءِ چچ راڻيءَ وٽ آيو ۽ اچي ٻڌايائينس تہ: هيءُ دشمن گهر جي در تي اچي پهتو آهي، ۽ ملڪ ۽ ميراث جي دعويٰ ڪري ٿو، هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟ ساهسيءَ جي زال کلي چيو تہ: مان پرده نشين عورت آهيان، جيڪڏهن مون کي جنگ ڪرڻي آهي تہ پوءِ تون منهنجا ڪپڙا پائي [گهر ۾] ٿي ويهہ ۽ پنهنجا ڪپڙا مون کي ڏي تہ ٻاهر نڪري وڃي جنگ ڪريان. بزرگن جو چوڻ ڪونہ

ٻڌو اٿئي ته ڪنهن ڪم لاءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو مقرر ٿئي، ۽[مقرر ٿيڻ کان پوءِ] اهو ماڻهو عقل ۽ تجربي کان ڪم وٺي ته هو[ضرور] انهيءَ ۾ ڪامياب ٿيندو ۽ وجي پورو ڪندو. جڏهن بادشاهي تنهنجي حوالي ۽ تو ڏانهن منسوب ٿي چڪي، ته پوءِ منهنجي صلاح جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ تيار ٿيءُ ۽ گجندڙ شينهن وانگيان ميدان ۾ وڃي، دشمن جي دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، ڇاڪاڻ ته عزت ۽ نالي سان مرڻ، پاڻ جهڙي آڏو ذلت برداشت ڪرڻ کان بهتر آهي.

## بيت

هم فيل داري، هم چشم- هم خيل داري هم خدم
مردانه بيرون نِه قدم- زير و زبر ڪُن خصم را
[گهوڙا ۽ هاٿي تو ڪٺيا- لشڪر ۽ نوڪر اٺڳڻيا،
تو ۾ وڏي موليٰ مٺيا- ڪر خصم کي زيـر و زبر.]

ڇچ، راڻيءَ جو جواب ٻڌي شرمندو ٿيو ۽ لڙائيءَ جا هٿيار پهري، لشڪر سينگاري، صفون ٻڌي، سامهون ٿيو، ۽ جيڪي ماڻهو اڃا قيد ۾ هئا، تن سينيءَ کي پڻ ٻاهر ڪڍي، عزت ڏيئي، نئين سر انجام اقرار وٺي، پنهنجو احسانمند بنائي، اڪرام ۽ واعدن سان سرفراز ڪري، دشمن جي جنگ لاءِ ميدان ۾ آندائين. [هوڏانهن] راءِ مهرت پڻ لشڪر جو قلب، ميمنه، ميسره، مقدمه ۽ ساقه(1) تيار ڪيو. [بس پوءِ ته] ٻنهي طرفن کان بهادر لڙائيءَ [27] ۾ جنبي ويا. ۽ ٻنهي طرفن کان ڳپل بهادر ڪُسي ويا. راءِ مهرت جڏهن ڏٺو ته ٻنهي طرفن کان دلير مرد خونخوار ترار جو لقمو ٿي رهيا آهن، تڏهن [ڇچ کي] چيائين ته مان ۽ تون ٻيئي ملڪ جا دعويدار آهيون [اچ ته] هڪٻئي سان لڙائي ڪريون. جيڪو اسان مان [غالب پئجي ميدان مان] ٻاهر اچي، ملڪ انهيءَ جو آهي. ڇچ سندس سامهون ٿيو ۽ چيائين ته مان برهمڻ آهيان. سوار ٿي جنگ ڪونه ڪري سگهندس، پيادو ٿي اچ ته پوءِ مڙس مڙس جو مٽ آهي. چترور جي راجا کي پنهنجي همت ۽ بهادريءَ تي پورو پروسو هو، سو دل ۾ چيائين ته برهمڻ کي ڪهڙي طاقت آهي، جو لڙائي ۾ مون سان هٿيار کڻڻ جي دعويٰ ڪري. پڪيءَ وانگيان سندس منڊي مروٽي بدن کان ڇني ونندس [اهو خيال ڪري] گهوڙي تان لهي پيادو ٿي روانو ٿيو. ڇچ پڻ پيادو ٿيو. پر سئيس کي حڪم ڪيائين ته گهوڙو منهنجي پويان وٺيو اچ. جڏهن هڪٻئي کي سوڙها ٿيا، تڏهن ڇچ هڪدم گهوڙي تي

چڙهي حملو ڪيو ۽ وار ڪندي، راجا مهرٿ جو سر بدن کان ڌار ڪري ڇڏيائين.[ هيءُ ڏسي] چچ جي لشڪر حملو ڪيو ۽ چترور جي لشڪر کي شڪست آئي. انهن مان ڪن مهرٿ کي ڪسندو ڏسي، امان گهري اطاعت اختيار ڪئي، ۽ ڪي خونخوار ترار جو ڪاج ٿي ويا.چچ فتح جون خوشيون ڪندو اروڙ جي قلعي ۾ موٽي آيو ۽ شهر ۾ قبي ناهڻ جو حڪم ڪيائين ۽ ملڪ جي تخت تي ويهي، جشن [28] ملهائي، اميرن ۽ جنگي جوڌن تي مهرباني ڪيائين. هاڻي چئني ملڪن ۾ ڪوبہ سرڪش ڪونہ رهيو.

## چچ جي راڻي سونهن ديوي سان شادي ڪرڻ

هن داستان جو مصنف ۽ هن بوستان جو لڪندڙ هن طرح روايت ٿو ڪري تہ: جڏهن اها فتح حاصل ٿي، تڏهن راڻي سونهن ديوي جي حڪم تي شهر جا مکيہ ۽ وڏا ماڻهو حاضر ٿيا. (انهن کي) فرمايائين تہ: جنهن صورت ۾ راءِ ساهسي گذاري ويو ۽ مون کي منجهانئس ڪوبہ فرزند ڪونهي، جو ملڪ جو وارث ٿئي ها، ۽ هيءُ ملڪ راجا چچ جي هٿ آيو آهي، تنهنڪري مون کي صحيح ويڏيءَ ۽ چتي ڏاج سان چچ جي حوالي ڪريو. رئيس ۽ بزرگ گڏ ٿي دربار ۾ آيا ۽ راڻي سونهن ديوي جي ويڏي چچ سان پڙهيائون. چچ کي انهيءَ مان ٻہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ پيدا ٿي: هڪ پٽ جو نالو ڏاهر، ٻئي جو ڏ هرسِينہ(1) ۽ ڌيءَ جو نالو مايين (2)رکيائين. هرهڪ جي ڄمڻ وقت نجومين کان سندن طالع بابت پڇا ڪيائين، ۽ هنن سندس حڪم تي هر هڪ جي طالع بابت ستارن جي برجن ۾ منزل، نيڪبختي، عزت ۽ ذلت جو نقشو ڪڍي تيار ڪيو [ تنهن کان پوءِ] چوڻ لڳا تہ راجا جا ٻيئي پٽ بادشاهہ رهندا، ۽ سنڌ گهڻو وقت سندن قبضي هيٺ رهندي. [باقي] نياڻيءَ جي بخت لاءِ هي فيصلو ڪيائون تہ هوءَ سنڌ کان ڪيڏانهن ٻاهر ڪانہ ويندي، ۽ جيڪو سندس مڙس ٿيندو، سوئي اتي جو راجا ٿيندو ۽ پوري سنڌ [29] هن جي قبضي ۾ رهندي، [جنهن مان] هو فائدو ۽ لطف حاصل ڪندو. نجومين جڏهن چني هن طرح مقرر ڪئي، تڏهن [چچ] حڪم ڪيو تہ: هيءُ [راز]مخفي رکو ۽ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايو.

Gul Hayat Institute

---

(1) فارسي ڇاپي ۾”مهرت“ آهي ۽ نسخي ن جي بہ اهائي پڙهڻي آهي. پ ۾ ”مهترين“ ۽ ر ۽ م ۾ هر جڳهہ”مهرب“ لکيل آهي. هت ”مهرت“ نالي جي اصليت کي مدنظر رکندي، ”مهرٿ“ ڪري لکيو ويو آهي.

(2) پ،ڪ،رءِ ۾ جي اڪثر اهائي پڙهٽي آهي ۽ شهر چتور جو آڳاٽو نالو بہ اهو آهي (ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص76) ۽ انهيءَ ڪري اها پڙهٽي قائم رکي وئي آهي. فارسي ايڊيشن ۾ ”چتور“ رکيو ويو آهي.(ن- ب)

(1) پراڻي زماني ۾ جڏهن لڙائيءَ واسطي لشڪر تيار ڪري، ميدان ۾ بيهاريندا هئا، تڏهن لشڪر کي پنجن حصن ۾ ورهائي ٺاهي بيهاريندا هئا، جن جا نالا قلب، ميمنو، ميسرو، مقدمو ۽ ساقو هوندا هئا. يعني وچيون، ساڄو، کاٻو، اڳيون، ۽ پويون حصو. هر هڪ حصي جي مٿان هڪ يا گهڻا سپهہ سالار هوندا هئا، خود بادشاهہ يا مکيہ سپهہ سالار قلب ۾ بيهندو هو.(مترجم)

(1) ن ۽ ب ۾ هر جگهہ ”ڏهرسين“ ۽ باقي سيني نسخن ۾ "دهرسِينہ*" آهي ۽ فارسي ڇاپي ۾ بہ اها پڙهٽي اختيار ڪئي وئي آهي. ”سيِہ“ دراصل ”سينہ“ آهي، يعني شينهن. نسخہ ڪ جي پڙهٽي بہ ”دهرسينہ“ آهي. نالي جي اصليت جي لحاظ سان ”ڏهرسينہ“ واري پڙهٽي کي قائم ڪيو ويو آهي.(ن-ب)

(2) ن ۽ ب ۾ هر جڳهہ ”مائن“، س: بائي. ڪ: مائني.

Gul Hayat Institute

# چچ جو پنهنجي ڀاءُ چندرکي اروڙ جي شهر ۾ آڻڻ ۽ انهيءَ کي مقرر ڪرڻ

پوءِ پنهنجي ڀاءُ چندر ڏانهن اعتماد جوڳو ماڻهو موڪلي چيائين ته: ”اسان جا وڏا راهب آهن ۽ هميشه بتن جي مندرن سان سچو شوق رکندڙ آهن. سندن بندگي ۽ آتش پرستيءَ جو نالو ۽ رسم مشهور ۽ پکڙيل آهي. اسان جو پيءُ سيلائج هن رستي ۾ اِنا وَ جَدُ نا آباءَ نا (1) جي قول تي عمل ڪندڙ آهي، جا ڳالهه اسان جي عالمن ۽ حڪيمن کي پسند آهي. پر هندن جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي پاڻ کي پرهيزگاريءَ ۽ رياضت جي حوالي ڪندو ته جڏهن سندس ساهه بدن کان جدا ٿيندو، تڏهن انهن چڱن ڪمن جي بدلي ۾ سندس ساهه ڪنهن بادشاهه جي پٽ يا ڪنهن سردار جي جسم ۾ پوندو، جتي هو دل جو آرام، مال ۽ دولت جو تجمل، ۽ پوري پوري فراغت حاصل ڪندو. سيلائج جي خدا، اسان کي هن دفعي راجائي ڏني آهي، ۽ وڏي بادشاهت منهنجي حڪم هيٺ آئي آهي. تنهن ڪري منهنجي مرضي آهي ته توکي اروڙ جي تختگاهه ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪري، پنهنجو ولي عهد بنايان، ۽ توکي پڻ حڪومت ۾ دينداري، امانت، پرهيزگاري ۽ عبادت ڪرڻ ڪري ، ٻيڻو- ٽيڻو ثواب ملندو“. جيتوڻيڪ هو پاسو ڪندو رهيو، پر آخر هن کي آڻي ”اپيلن جي ڪورٽ“(2) تي مقرر ڪيائين، ۽ اروڙ جو مڪمل ضابطو سندس هٿ ۾ ڏيئي، پنهنجو ۽ بادشاهيءَ جو ڪاروبار سندس حوالي ڪيائين.[30]

## چچ جي پنهنجي ڀاءُ چندرکي پنهنجي نائب بنائڻ بابت پرواني جو بيان

[۽ هن مضمون وارو پروانو جاري ڪيائين ته:] جڏهن سيلائج جي خدا، اسان کي تاج ۽ تخت جو لائق بنائي اسان جي بادشاهيءَ جو حڪم جاري ڪيو، تڏهن واجب آهي ته رعيت، جا خدا تعاليٰ جي امانت آهي ۽ اسان جي هٿ هيٺ آهي، تنهن جي نگرانيءَ ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي وڃي، ۽ عدل ۽ انصاف جي رستي سان سندن خوشحالي ۽ سندن حالتن سڌارڻ لاءِ گهڻو سعيو عمل ۾ آندو وڃي، جيئن ڪوبه طاقتور، هيٺي تي ظلم نه ڪري، ۽ اسان کي خداتعاليٰ جي دربار ۾ بدتميزيءَ ۽ بي تدارڪيءَ جي ڪري وٺ پڪڙ نه ٿي سگهي. تنهن ڪري هيءُ وڏو ڪاروبار ۽ نازڪ ڪم منهنجي ڀاءُ ”راهبن جي چٽ“ چندر جي ذمي لڳايو ويو آهي ته هو روبرو

خواه پرپٺ انهيءَ کي سنڀالي، ۽ پوري سپاهه. ڏسٽن وائسٽن ماڻهن خواه رعيت تي لازم آهي ته سندس فرمانبرداري لازمي سمجهن.

## چچ جو ٻڌيمن وزير کان ولايت جي احوال ۽ سيهرس راءِ جي ملڪ جي حدن بابت پڇڻ

پوءِ وزير ٻڌيمن نيڪي کي سڏي ڪانئس سيهرس راءِ جي ملڪ جون حدون پڇيائين ۽ چيائينس ته: اي لائق وزير ۽ مضبوط صلاحڪار! انهيءَ سنڌ ملڪ جون حدون توکي معلوم آهن. جو راءِ ساهسي وڏي جي اقتدار ۽ حڪم هيٺ هو، ۽ اهي چار بادشاهه جي چئني طرفن جي حڪومت جا جوابدار هئا. ڪير آهن؟ اسان کي انهن جي واقفيت ڪراءِ ته جيئن مان انهن وٽ وڃان، ۽ مون کي موافقت خواه مخالفت ۾ هر هڪ جي طبيعت معلوم ٿئي. پوءِ جيڪو اسان جي حڪمن جو[31] پابند هجي، تنهن جي تربيت ڪئي وڃي، ۽ جيڪو اسان جي فرمان کان سرڪشي ڪري، تنهن جي دفع ڪرڻ لاءِ تدارڪ ڪيو وڃي. جيئن سڀئي فرمانبرداريءَ هيٺ داخل ٿي وڃن، ۽ اسان جي ملڪ ۾ ڪوبه مخالف يا ڇڪتاڻ ڪندڙ نه هجي، ۽ ڪوبه اسان جي حڪم کي ٽاريندڙ يا روڪيندڙ نه رهي.

## ٻڌيمن جي تقرير ڪرڻ

وزير زمين تي مٿو ٽيڪي عرض ڪيو ته: راجا چچ سلامت رهي! ڪيس معلوم هجڻ گهرجي ته هيءُ تختگاهه ۽ بادشاهي هڪڙي ئي راجا جي سنڀال هيٺ هئي، ۽ سندس [زبردست]حاڪم هميشه فرمانبرداريءَ ۽ تابعداريءَ لاءِ تيار ۽ منتظر هوندا هئا. هيءُ ملڪ جڏهن راءِ سيهرس وڏي(1) بن ديوائج جي هٿ هيٺ آيو، ۽ هو ايران جي لشڪر کان شڪست کائي فنا ٿيو، تڏهن ڪانئس [پوءِ] ساهسي جي حوالي ٿيو. هن چئني حاڪمن [مان هر هڪ] کي هڪ هڪ طرف جي سنڀالڻ جو ذميدار ٺهرايو ته هو خزاني جي مال وصول ڪرڻ ۽ ملڪ جي سنڀال ڪرڻ ۾ نهايت ڪوشش ڪندو رهي. چاڪاڻ ته راجا انهيءَ ڪري متفڪر ٿو رهي، تنهنڪري هيءُ فڪر پنهنجي دل مبارڪ تان دور ڪرڻ چاهي ٿو. ۽ هن ۾ لشڪر لاءِ [پڻ] ترغيب آهي، چاڪاڻ ته جيڪڏهن هيءُ حاد ثو دفع نه ٿيندو ته ممڪن آهي ته زماني جي ڦير گهير ڪري، ڪو اهڙو خوفناڪ حادثو پيش اچي، جنهن جو ٽارڻ ناممڪن ٿي پوي. پر جيڪڏهن ولايت مضبوط هوندي ۽ دل جو آرام

Gul Hayat Institute

موجود هوندو ته پوءِ آسپاس وارا دنگئي بادشاهه پڻ توجهه ڪندا ۽ خدمت ۾ حاضر ٿيندا ۽ سچ پچ آهي به ائين ته جنهن وقت بهادر لشڪر ۽ مست هاٿين جي ذريعي دل ڪي اطمينان ۽ قوت هوندي، تڏهن مُسببُ الاَ سباب (سبب پيدا ڪندڙ) به فتح ۽ ڪاميابيءَ جا سبب بنائيندو ۽ توکي مخالفن تي فتح حاصل ٿيندي. مون ڪي اميد آهي ته الله تعاليٰ ملڪ جا پاڳا ۽ طرف [32] مضبوط ڪندو ۽ [چئني] پاسن جا چارئي حاڪم تنهنجي بندگيءَ جو طوق پنهنجي گردن ۾ وجهندا. جملي پريشانيون دفع ٿي وينديون ۽ مخالف، جوهردار ترار جي خوف ڪان، فرمانبرداريءَ جو ڳٽ پنهنجين ڳچين ۾ وجهندا. ۽ عاليشان ملڪ ۽ مشتريءَ جي ولايت هميشه شان ۽ نيڪي سان توسان [نه فقط]قائم رهندي، [بلڪ] هر روز وڌندي رهندي. بهرحال هن مقصد لاءِ بادشاهه ڪي همت ۽ دليري ڌارڻ ۽ ڌٽي پاڪ جي حڪم تي توڪل رکڻ گهرجي ته خدا تعاليٰ [پڻ] راجا جي ارادي ۽ همت مطابق مقصد پورو ۽ اميد برصواب ڪندو.

## چچ جو اروڙ جي حڪومت جي حدن جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ۽ حدون نروار ڪرڻ

چچ جڏهن ٻڌيمن وزير ڪان هيءُ گفتگو ٻڌي ۽ وزير جي ڳالهه سندس دل تي ويهي ويئي، ته ڪيس خوشي ۽ فرحت حاصل ٿي، ۽ انهيءَ صلاح تي سندس شڪرانا مڃي، هن خوشخبريءَ مان [چڱي] فال ورتائين. ۽ انهيءَ موجب هڪ مناسب فرمان چؤطرف پنهنجن اعتماد جوڳن ماڻهن ڏانهن موڪليائين. ۽ آسپاس وارن بادشاهن ڪي [پڻ] استدعا ڪري، هڪ وڏو لشڪر تيار ڪرڻ لڳو ته جيئن هندستان جي انهيءَ سرحد تي وڃي، جا ترڪن سان لاڳو آهي. نيٺ سعد ستاري جي وقت، جيڪو نجومين حساب ڪري معلوم ڪيو هو، منزل پٽيائين ۽ آخر گهٽيون منزلون طيءِ ڪري، اچي قلعي پاٽيا وٽ پهتو، جو بياس نديءَ جي ڏاکڻي ڪپ تي آهي. انهيءَ قلعي جي واليءَ جنگ شروع ڪري ڏني. نيٺ لڙائيءَ ۽ خونريزيءَ ڪان پوءِ پاٽيا جو راجا شڪست کائي وڃي قلعي ۾ بند ٿي ويٺو. ۽ راجا چچ غالب ٿيو. انهيءَ جنگ ۾ ڪيترو وقت ترسڻو پيس، جنهن ڪري اناج جي قلت ٿي ويئي، گاهه، ڪاٺيون [ملڻ] پڻ مشڪل ٿي پيون. [نيٺ] جڏهن [قلعي وارا] تنگ ٿيا، ۽ [رات جي وڳڙي ۾] جڏهن دنيا ڪاري گوڏڙي ڍڪي ۽ ستارن جو بادشاهه [سج] رات جي [33] ڪارنهن واريءَ چادر ۾ لڪي ويو، تڏهن[ پاٽيا جو راجا] اهو قلعو ڇڏي اسڪلنده جي قلعي ڏانهن هليو ويو ۽ وڃي ان جي آسپاس لٿو. اهو قلعو پڻ

Gul Hayat Institute

سندس هٿ ۾ هو ۽ وڏيڪ محڪم هو. انهيءَ ڳوٺ جي چراگاهه ۾ رهي، احوال معلوم ڪرڻ لاءِ جاسوس موڪليائين، جن اچي خبر ڏنس ته چچ ڀاٽيا جي قلعي اندر وڃي لڪو آهي.

## چچ جو اسڪلندهه جي قلعي ڏانهن وڃڻ

جڏهن چچ کي معلوم ٿيو ته هو [ڀاٽيا جو راجا] اسڪلنده قلعي ۾ بند ٿيو آهي، تڏهن هن خبر ٻڌڻ شرط پنهنجي خاص ماڻهن مان هڪ امين کي ڀاٽيا جي قلعي تي مقرر ڪري، اسڪلنده ڏانهن رخ رکيائين، ۽ وڃي ان جي ٻاهران ڪئمپ ڪيائين. اسڪلنده جي قلعي ۾ شجاع نالي سپهه سالار رهندو هو، جو هميشه چچ جي تابعداري ڪندو هو، ۽ قلعي جي رهاڪن تي سندس ڏاڍو اثر هو، ننڍو خواه وڏو سندس صلاح کان ٻاهر نه ويندوهو. چچ انهيءَ ڏانهن ماڻهو موڪلي، کيس حڪومت ۽ بادشاهيءَ جي آڇ ڪئي، ۽ سندس [چچ جيل]حڪم تي انهيءَ قلعي جي بادشاهيءَ جو پروانو پڪن انجامن ۽ اقرارن سان لکيو ويو ته [هو]جنهن وقت ڀاٽيا جي راجا چتر کي ڪُهندو يا قيد ڪندو ته [سندس بدران] هو پاڻ راجا ٿيندو، ۽ اهو شهر ڀاٽيا سميت سندس هٿ هيٺ ڏنو ويندو. هن پڻ [اها آڇ] قبول ڪئي، ۽ انهيءَ مضبوط شرط جي آسري تي پنهنجي ضمانت ۽ پٽ، چچ ڏانهن موڪلي، پاڻ وقت ناوقت انهيءَ حاڪم [چتر] جي خدمت ۾ وڃڻ لڳو، اهڙيءَ طرح جو رات يا ڏينهن [ڪنهن به وقت] کيس درٻار ۾ وڃڻ کان روڪ نه ٿيندي هئي. اوچتو اڌ رات جو وجهه وٺي، [34] راجا چتر کي ڪُهي ان جو سر چچ ڏانهن موڪليائين. راجا چچ قاصد سان مهربانيون ڪيون، ۽ خوشي ظاهر ڪري، انعام اڪرام ڏئي، انهيءَ قلعي جي خودمختار حڪومت جو فرمان عطا ڪيو. شهر جي چڱن ۽ مکيه ماڻهن اچي سوکڙيون ۽ تحفا هن جي [چچ جي] خزاني ۾ پياريا. هن، شهر جي وڏيرن ۾ مشهور ماڻهن جي پنهنجي روبرو ڏاڍي عزت ڪئي، ۽ کين"شجاع منهيه" جي فرمانبرداريءَ جي پارت ڪيائين ته جيئن هميشه هن جي فرمانبرداري لازم ڄاڻندا رهن ۽ سندس صلاح کان ٻاهر نه وڃن.

## چچ جي سِڪه ۽ ملتان جي طرف منزل ڪرڻ

راجا چچ اسڪلنده جي ڪاروبار کان فارغ ٿي، سڪه ۽ ملتان ڏانهن منهن ڪيو. ملتان جي شهر ۾ راءِ ساهسيءَ جي مائٽن مان بجهراءُ (1) نالي هڪ راجا هو، جنهن وٽ وڏو ملڪ ۽[جنگ جو] تمام گهڻو سامان ۽ اسباب هو. جڏهن کيس چچ جي پهچڻ جي خبر پهتي، تڏهن پاڻ راوي

Gul Hayat Institute

نديءَ جي ڪپ تي آيو. سندس پائيتو سيهول(2) ملتان جي سامهون اپرندي طرف کان سِڪ جي قلعي جو ڪماندر هو. بجهراءُ جو سؤٽ اجسين وڏو لشڪر وٺي اچي سامهون ٿيو. بياس نديءَ جي لنگهه وٽ [ چچ ۽ سندس لشڪر] ٽي مهينا ويٺو رهيو. ۽تنهن کان پوءِ جڏهن پاڻي لهي ويو. تڏهن انهيءَ لنگهه جي مٿان هڪ اهڙي جاءِ چونڊيائون. جتي ڪوبه روڪيندڙ ڪونه هو. ۽ اُڪري، سِڪ جي شهر ۾ اچي سيهول سان جنگ ڳنڍيائون. ڪيترو وقت انهيءَ قلعي تي ويٺا رهيا. جڏهن قلعي وارن جي حالت تنگ ٿي، ۽[چچ جي] پنهنجي طرف جا ڪي نالي وارا دوست شهيد ٿيا ۽ دشمنن جا پڻ بي انداز ماڻهو برباد ٿيا [35] . تڏهن سيهول اتان ڀڄي، ملتان جي قلعي ۾ هليو ويو. ۽ سڀئي گڏجي راويءَ جي ڪناري تي جنگ جي هٿيارن سان تيار ٿي بيٺا. راجا چچ سڪ جي قلعي کي هٿ ڪري پنج هزار جنگي سپاهي، جيڪي قلعي ۾ هئا، سي سڀ قتل ڪري، شهر وارن ماڻهن کي غلامن ۽ غنيمت طور قيد ڪري، امير عين الدوله ريحان مدنيءَ کي سڪ جي قلعي تي مقرر ڪيو. ۽ پاڻ ملتان جي طرف ٽپيو، جتي ٻئي لشڪر دوبدو ٿيا. راجا بجهراءُ زبردست لشڪر، جنگي هاٿي ۽ بهادر مرد ساڻ وٺي ٻاهر نڪتو ۽ اچي چچ جي سامهون ٿي، خطرناڪ لڙائي ڪيائين. ٻنهي طرفن کان بي انداز ماڻهو قتل ٿيا. [آخر] بجهراءُ قلعي ۾ بند ٿي،ڪشمير جي بادشاهه ڏانهن خط موڪلي ڪيس چچ جو اطلاع موڪليو ته: چچ بن سيلائج برهمڻ اروڙ جي تختگاهه جو والي ٿي،گهڻو لشڪر ساڻ وٺي اچي سهڙيو آهي ۽ سڀ ننديا وڏا قلعا فتح ڪري، هٿ ڪيا اٿس. اسان کي ساڻس مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانه رهي آهي، مضبوط قلعا سندس حڪم هيٺ اچي چڪا آهن. ۽ ڪوبه راجا مقابلي ۽ لڙائي ۾ مٿس فتح حاصل نه ڪري سگهيو آهي. هو [هينئر] ملتان اچي پهتو آهي، توهان اسان جي امداد فرض سمجهي ڪا مدد موڪلڻ فرمايو.

## قاصد جو ڪشمير کان هٿين خالي موٽڻ

قاصد جڏهن ڪشمير پهتو ته انهيءَ وقت ڪشمير جو راجا فوت ٿي ويو هو. ۽ سندس ننڍڙو پٽ تخت نشين ٿيو هو. وزيرن ۽ صلاحڪارن، خاص ماڻهن، حاجبن، وڏيرن ۽ مکيه ماڻهن صلاح ڪئي، ۽ هن خط جو سهڻي نموني جواب لکيائون ته: ڪشمير جو راجا دارالبقا ڏانهن روانو ٿي ويو، سندس پٽ اجا ننڍو ۽ نوعمر ٻار آهي. سندس امير اجا ته پنهنجين پنهنجين جاگيرن ۾ سرڪشي ۽ بغاوت اختيار ڪري[36] ۽ ڪنڌ مٿي ڪڍي رهياآهن: [ڀهريائين ته]پنهنجي آسپاس

جو بندوبست ٺيڪ ڪرڻ گهرجي، تنهن ڪري هن وقت اسان مدد ۽ اعانت نٿا ڪري سگهون، اسين پنهنجي ڪم جي ڳُٽيءَ ۾ گرفتار آهيون.
جڏهن قاصد موٽي اچي بجهراءُ کي هيءَ خبر پهچائي، ۽ ڪشمير جي راجا جي مدد کان نااميد ٿيو، تڏهن چچ راجا سان پڪو انجام ڪري، صلح جي درخواست ڪري، امان نامي جو عرض ڪيائين، جيئن هو قلعو خالي ڪري، سلامتي سان ٻاهر نڪري وڃي، ۽ ڪوبہ ماڻهو تيسين ساڻن ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪري، جيسين بجهراءُ پنهنجن تابعدارن، تعلقدارن، ۽ پوئلڳن سميت ڪنهن امن واري جاءِ تي وڃي پهچي. چچ اهو انجام قبول ڪري، ڪيس امان ڏني[جنهن تي] هو قلعي مان نڪري،پنهنجن تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن سان گڏ ڪشمير جي جبل ڏانهن روانو ٿيو. [پوءِ] چچ قلعي ۾ داخل ٿي ملڪ جو قبضو ورتو.

## چچ جو ملتان جي قلعي ۾ پنهنجو نائب ويهاري، مٿي وڃڻ

ملتان جي قلعي حوالي ٿيڻ تي، چچ هڪ ٺڪر کي ملتان ۾ نائب مقرر ڪري، پاڻ منروي جي بتخاني ۾ ويو، ۽ بت کي سجدو ڪري، خيراتون ڏيئي، مٿي وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. برهمپور، ڪرور ۽ اشهار(1) جي راجائن خدمت جا شرط بجا آندا. اتان [اڳتي وڃي]تاڪيه(2)ڪشمير جي حد تائين پهتو. واٽ تي ڪِنهن بہ بادشاهہ سامهون ٿي ڪيس روڪ يا جهٽڪ ڪانہ ڪئي. مثال: الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن کي وڏو ڪندو آهي ، تڏهن انهيءَ جي مٿان سڀ تڪليفون آسان ڪندو آهي،" سندس سڀ مرادون ڪيس عطا ڪندو آهي [ڏسو تہ چچ] جنهن جاءِ هي پهتو ٿي تہ اهو ملڪ فتح ٿيو ٿي. [37] نيٺ شاڪلهار(3) جي قلعي وٽ پهتو ۽ اها جاءِ تاڪيہ(4) ڪان مٿيرو چون ٿا، جتي ڪشمير جي سرحد آهي، اتي منزل ڪيائين، ۽ هڪ مهيني تائين ترسي، انهيءَ پاسي جي بادشاهن مان ڪن کي مغلوب ڪيائين، ڪن کي حڪم ۽ آڻ هيٺ آندائين ، ۽ انهيءَ پاسي جي اميرن ۽ بادشاهن سان پختا عهدناما ڪري، ملڪ [جو انتظام] پڪو ڪيائين. پوءِ بہ چڪيون، هڪ بيد جي ۽ ٻي صنوبر جي، گهرائي پنج ماهيات نديءَ جي ڪناري تي، ڪشمير جي انهيءَ جبل، جنهن جي چشمن مان سندس وهڪرو آهي، تنهن سان لڳ اهي ٻئي لڳائي، تيستائين اتي ترسيو، جيسين انهن ٻنهي وڻن جون ٽاريون هڪٻئي سان وڃي مليون. پوءِ انهن تي نشان ڪري چيائين تہ: ڪشمير جي راجا سان اسان جي هي حد آهي ۽ هن کان اڳتي لنگهڻو نہ آهي.

Gul Hayat Institute

# کشمير سان حد مقرر ڪري چچ جو موٽڻ

هن فتح جي ڳالهه لکندڙ هن طرح چيو آهي ته: جڏهن ڪشمير جي طرف کان حد مقرر ٿي، تڏهن چچ موٽي اروڙ جي تختگاهه ۾ آيو، ۽ هڪ سال آرام ڪري، سفر جي تڪليف جو ٿڪ لاٿائين، ۽ سندس [زبردست] بادشاهن جنگ جو سامان ۽ هٿيار تيار ڪيا.

پوءِ فرمايائين ته: ”اي وزير! مشرق جي طرف کان دلجاءِ ٿي، هاڻي اسان کي مغرب ۽ ڏکڻ جي طرف جو سماءُ رکڻ گهرجي.“ وزير وراڻيو ته: ”بادشاهه جي سڀ کان وڏيڪ سٺي خوبي هيءَ آهي ته ملڪ جي احوال جي خبر چار وٺندو رهي، ۽ ائين به ٿي سگهي ٿو ته متي وجڻ واري غير حاضريءَ جي عرصي ۾ [ ٻين] طرفن وارن اميرن ۽ بادشاهن جي دماغ ۾ غرور[38] پيدا ٿيو هجي،[۽ سمجهندا هجن] ته راءِ ساهسيءَ کان پوءِ اسان کان خزاني جي مال بابت ڪا به تقاضا نه ٿي آهي، [ تنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته هو] ضرور ضعيف ۽ ڪمزور ٿي چڪو آهي.“

سو چڱو ستارو ڏسي، [چچ] ٻڌيہ(1) سيوستان جي قلعن ڏانهن روانو ٿيو. سيوستان جي قلعي ۾ متي(2) نالي بادشاهه رهندو هو. هن [چچ اوڏانهن وڃڻ جو] پڪو ارادو ڪيو ۽ انهيءَ جاءِ کان درياءُ ٽپيو، جنهن کي دهتايت (3) چوندا آهن. جا سمن [ جي قوم] ۽ اروڙ جي وچ وارو دنگ آهي. اتان ٻڌيہ ڏانهن روانو ٿيو. سندن حاڪم سرڪوندّ پٽ ٻندرُ ڪو ڦِڪُو هو(4) ۽ سندن تختگاهه ڪاڪي راج هو. اتي جي رهاڪن کي سيويس چوندا هئا. چچ انهن تي حملو ڪري سيويس جو قلعو فتح ڪيو. ڪاڪي جي پٽ وڪيي(5) اڳيان اچي، پنهنجي پيءُ ۽ تابعدارن لاءِ امان گهري، ۽ ڍل مقرر ڪري تابعداري [اختيار] ڪيائون.

---

(1) اِنا وَجدُ نا آباءَ نا عليٰ اُ مته وَ اِنا عليٰ آ ثارِهِم لمتقتِدُونَ اسان پنهنجي ابن کي هڪ طريقي تي ڏٺو ۽ اسان انهن جي نشانن جي پيروي ڪندڙ آهيون.

(2) اصل ۾ ”ديوان مظالم“ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اهڙي ڪورٽ جنهن ۾ هلندڙ سڄي شهنشاهت ۾ ڪنهن به وڏي ماڻهوءَ تي ظلم جي برخلاف شڪايت ٻڌي، انهي جو داد ڪيو وڃي. (مترجم)

(1) هيءُ راءِ سيهرس بن ديوائج وڏو، راءِ سيهرس بن ساهسيءَ ، جنهن جو ذڪر متي ص 62 تي ٿي آيو آهي، ۽ جو پڻ ايران جي لشڪر هٿان قتل ٿيو هو، کان غالباً ٻيو آهي.(ن- ب)

(1) اصل لفظ: بجهرا

(2) م: سهيول.

(1) ن: اشيهار

Gul Hayat Institute

(2) (1) فارسي ڇاپي ۾ ”کنبه“ لکيو ويو آهي جا صرف گماني پڙهڻي آهي، مگر شايد ڪنهن به نسخي ۾ موجود ڪانهي، هن جاءِ تي ن ۽ ڪ جي پڙهڻي صاف طور ”تاڪيہ“ آهي ۽ ٻين نسخن جون پڙهڻيون ”تاڪيه“ جون ئي غلط ۽ بگڙيل صورتون آهن. صحيح پڙهڻي”تاڪيه“ ئي سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ملتان کان اڳتي يا ان جي آسپاس واري ملڪ تي ئي ”تڪا ديس“ جو نالو پيل هو.(ن- ب)

(3) فارسي ڇاپي جي پڙهڻي ”شاڪلها“ آهي ”شاڪلهار“ پڙهڻي ن مطابق آهي.(ن- ب)

(4) متي ڏنل نوٽ(2) جي لحاظ سان.

(1) هن پڙهڻي جو مدار فارسي ڇاپي ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي”بودهيہ“ تي آهي، جا غالباً فقط جهوني نسخي پ جي پڙهڻي آهي.ن ب ج م س جي پڙهڻي”ٻداپور“ ۽ ر جي پڙهڻي ”پڌاپور“ آهي. انهيءَ لحاظ سان ”ٻڌيہ“ جي بدران ”ٻداپور“ پڙهڻ به قابل غور آهي.(ن- ب)

(2) هن پڙهڻي جو مدار فارسي ڇاپي ۾ اختيارڪيل پڙهڻي ”متہ“ تي آهي، ب س ڪ نسخن جي پڙهڻي”مهتہ“ آهي.(ن- ب)

(3) فارسي ڇاپي ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي ”دهتايت“ آهي. ”دهتايت“ پڙهڻي ن ب ح نسخن مطابق آهي.(ن- ب)

(4) معتبر نسخن مان ن ب پ جون پڙهڻيون انهيءَ طرح آهن. ن ب: ”وعهد ايشانرا بسر ڪوند بن بهندر ڪو بهڪو بود." پ: "وعهد ايشانرا بسر ڪوند بن بهندرڪور هڪو بود“ هاڻي بر تقدير ” وعهد ايشانرا بغلان بود“،”فلان“ جي جاءِ تي ”سرڪوند بن بهندر ڪو بهڪو“ ايندو، جنهن کي اسان سنڌي نالي جي قالب ۾ آڻي، سرڪوند پٽ ڀندرَ ڪوڪو ڪري لکيو آهي. فارسي ايڊيشن ۾ هن سڄي جملي جي هيءَ پڙهڻي اختيار ڪئي ويئي آهي:”وعهد ايشانرا پسر ڪول بن بهندر ڪو بهڪو بود“.(ن- ب)

(5) اصل عبارت: ”وڪيه بن ڪاڪه“. فارسي ايڊيشن ۾ ”و“ کي حرف جملو سمجهي، هن شخص جو نالو ”ڪيه بن ڪاڪه“ تعبير ڪيو ويو آهي. (ڏسو فارسي ايڊيشن صفحه 257 تي ڏنل صفحه 29 جو حاشيہ).

Gul Hayat Institute

## لشڪر جو سيوستان وڃڻ

پوءِ [چچ] اتان سيوستان [ ڏانهن] رخ رکيو. جڏهن ويجهو پهتو ته انهيءَ شهر جي واليءَ نهايت دٻدٻي ۽ پوريءَ تياري سان سامهون ٿي جنگ شروع ڪئي. چچ متس غالب پيو ۽ متو پنهنجي لشڪر سميت شڪست کائي قلعي ۾ پيجي ويو . [39] چچ قلعي کي گهيرو ڪري، لڙائي لاءِ [تيار] ٿي بيٺو. هڪ هفتي کان پوءِ قلعي وارا عاجز ٿي پيا، ۽ امان گهري، پڪو انجام ٻڌي ٻاهر نڪتا، ۽ قلعي جون ڪنجيون چچ جي امين جي حوالي ڪيائون. چچ کين امان ڏيئي نوازيو، اتي جي حڪومت پڻ سندس [متي جي] حوالي ڪري، متس اعتماد جوڳو هڪ نگران مقرر ڪيو، ۽ [تيستائين] ڪجهه ڏينهن ٽڪي پيو، جيستائين ملڪ ۽ شهر جو ڪاروبار درست ٿيو.

## چچ جو برهمڻ آباد طرف لوهاڻي جي[بادشاهه] اگهم(1) ڏانهن قاصد موڪلڻ

جڏهن سيوهڻ جي مُهم پوري ٿي، تڏهن "برهمناباد واري لوهاڻي جي بادشاهه اگهم" (2)يعني لاکن، سمن ۽ سهتن جي حاڪم ڏانهن فرمان موڪلي، کانئن پنهنجي تابعداريءَ جي گهر ڪيائين. ٿورن ڏينهن کان پوءِ، جيڪي رستن تي جاسوس مقرر ڪيا هئائين. تن مڪران مان هڪ ماڻهوءَ کي اگهم جي خط سان پڪڙيو، جو سيوستان جي بادشاهه متي ڏانهن لکيو هئائين، جنهن ۾ لکيل هو ته: مان هميشه تنهنجو دوست ۽ خيرخواهه ٿي رهيو آهيان، ۽ ڪنهن به وقت تنهنجي مخالفت نه ڪئي اٿم، ۽ نه لڙائيءَ جو روادار ٿيو آهيان. تو جيڪو دوستاڻو خط لکيو هو، سو پهتو ، ۽ ان ڪري وڏي عزت حاصل ٿي. جيستائين اسان جي طاقت مضبوط هوندي ، تيستائين ڪوبه مخالف اسان جي ويجهو نه اچي سگهندو. مان تنهنجي التماس جو پابند آهيان، ۽ هر هڪ [التماس] پورو ڪندس. تون بادشاهه ۽ بادشاهزادو آهين. تنهنجي ۽ اسان جي وچ ۾ دوستي آهي. هڙيون حالتون گهڻن سان ٿيون آهن، جيڪي هن مصيبت کان پناهه ڳولي رهيا آهن. منهنجي ملڪ ۾ برهمناباد کان ديبل تائين، ملڪ جي جنهن جاءِ تي رهڻ مناسب سمجهين [40] ، اتي رهڻ جي توکي اجازت آهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو اٿئي ته به ڪو ماڻهو روڪ ڪرڻ وارو ڪونه آهي، ۽ جيستائين ڪنهن جاءِ تي تون

Gul Hayat Institute

دلجاءِ ڪري ويهين، تيستائين مددگار رهندس. مون وٽ ايترا گهوڙا ۽ لشڪر ٿي سگهي ٿو جو تنهنجي مدد ڪري سگهان.

آخر متي ڪي هند جي ريگستان جي بادشاهه (1) ڏانهن، جنهن کي پٺتي بہ چوندا آهن، وڃڻ بهتر ڏسڻ ۾ آيو.

## چچ جو لوهاڻي جي [حاڪم] اگهم کي گهرائڻ لاءِ فرمان موڪلڻ

پوءِ چچ راجا اگهم لوهاڻي ڏانهن حڪم موڪليو تہ: توهان پاڻ کي شان، شوڪت، اصل ۽ نسل جي خيال کان وقت جو بادشاهه ٿا سمجهو. ۽ مون کي جيتوڻيڪ هيءُ ملڪ، بادشاهي، مال، دولت ۽ طاقت پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي کان ورثي ۾ نہ ملي آهي، ۽ اسان جي [اصلي]ملڪيت نہ آهي، تہ بہ هيءُ منهنجا آسان ۾ آسان اسباب ۽ بهترين انتظام خداوند تعاليٰ جا بنايل آهن. منهنجي لشڪر ڪري نہ بلڪ دنيا جي پيدا ڪندڙ بيمثال ۽ يگاني خدا، سيلائج جي دعا سان هيءُ ملڪ مون کي عطا ڪيو آهي، ۽ هر حال ۾ اهو منهنجو مددگار آهي. مون کي ڪنهن ٻئي ۾ مدد جي اميد نہ آهي، منهنجي سيني مشڪلن کي پورو ڪندڙ ۽ منهنجي چرپر ۾ مدد ڪندڙ اهو آهي، ۽ اهوئي سيني دشمنن ۽ مخالفن تي ڪاميابي ۽ فتح بخشيندڙ آهي. اسان کي ٻنهي جهانن جون نعمتون حاصل آهن. توهان کي جيڪڏهن پنهنجي مٿان شوڪت ۽ دٻدٻي، جنگي سامان ۽ وڏائيءَ تي ڀروسو آهي تہ پوءِ يقين ڄاڻو توهان جي نعمت تي زوال ايندو، ۽ اوهان جي بربادي ٿيندي.[41]

## چچ جو برهمڻ آباد شهر وٽ اچڻ ۽ لوهاڻي جي [حاڪم] اگهم سان جنگ ڪرڻ

Gul Hayat Institute

پوءِ راجا چچ، لوهاڻي جي[ حاڪم] اگهم ڏانهن روانو ٿيو. اگهم برهمڻ آباد کان ٻاهر ملڪ[جي گشت]  ڏانهن ويل هو. چچ جي اچڻ جي خبر ٻڌڻ تي برهمڻ آباد موٽي آيو، ۽ اچي لڙائيءَ جو سامان ۽ هٿيار تيار ڪيائين. راجا چچ برهمڻ آباد جي شهر ۾ پهتو تہ [هوڏانهن]اگهم لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي سامهون ٿيو. ٻنهي طرفن کان نامي گرامي بهادرن جي قتل ٿيڻ کان پوءِ، [آخر] اگهم جو لشڪر ڀڄو ۽ قلعي ۾ گهڙي ويو. چچ ان جو گهيرو ڪيو. هڪ سال جي عرصي تائين سندن وچ

۾ لڙائي جاري رهي. انهيءَ وقت هندستان يعني ڪنوج جو راجا ستبان بن راسل هو(1). اگهم خط موڪلي ۽ انهيءَ کان مدد گهري، پر جواب ملڻ کان اڳ اگهم مري ويو، ۽ سندس پٽ پيءُ جو جانشين ٿيو.

اگهم جوهڪڙو ٻڌمت جو شمني(پروهت) پوڄاري(2) دوست هوندو هو، جنهن کي ”ٻڌ رڪو“(3) جي نالي سان سڏيندا هئا. هن کي هڪ بتخانو هو جنهن کي ”ٻڌنو وهار"(4)چوندا هئا، ۽ ڪنوهار(5) بت جو راهب پڻ اهو هو، ۽ پنهنجي بندگيءَ ۽ پڳتيءَ(6) ۾ مشهور هو. انهيءَ طرف جا ماڻهو سندس تابع هوندا هئا. اگهم پڻ سندس ڌرم تي هو، ۽ ڪيس پنهنجو آڌار سمجهندو هو. اگهم جي قلعي ۾ بند ٿيڻ ۾ هن پروهت پڻ ساڻس موافقت ڪئي، پر جنگ ڪانه ٿي ڪيائين، بلڪ پنهنجا ڪتاب ڪڍي، پنهنجي مندر ۾ ويهي پڙهڻ لڳو. جڏهن راجا اگهم مري ويو ۽ سندس پٽ گادي تي وينو، تڏهن پروهت ڏنو ته متان منهنجي ملڪيت، اسباب ۽ زمينون هٿ کان نڪري وڃن، [42] ، تنهن ڪري پنهنجو اصطرلاب ڪڍي، ڏسي، حساب ڪري، قطعي فيصلو ڪيائين ته هيءُ ملڪ راجا چچ جي حوالي ٿيندو، ۽ هو مون سان موافق ٿيندو[ آخر اگهم جو] پٽ جڏهن تنگ ٿيو، ۽ سندس لشڪر وڙهڻ کان جواب ڏنو، تڏهن قلعو چچ جي حوالي ۽ ضابطي هيٺ اچي ويو.

## چچ جو فرمان

جڏهن چچ کي معلوم ٿيو ته اگهم ۽ سندس پٽ جي انهيءَ پروهت سان بيعت هئي، ۽ ان جي جادو، صلاح ۽ مڪاريءَ ڪان ئي [ايترو وقت] جنگ قائم رهي ۽ هڪ سال تائين ڏکيي ٿي آهي، تڏهن چچ قسم کنيوهو ته جيڪڏهن مون هيءُ قلعو فتح ڪيو ته پروهت کي پڪڙي، سندس کل لاهي، دَئيتن کي ڏيندس ته نغارن تي لڳائي، ڪٽي ڪٽي، ذرا ذرا ڪن. هن قسم جي خبر پروهت کي پهتي ته ڪلي ڏنائين ۽ چيائين ته: چچ کي ايتري طاقت ڪانهي جو مون کي برباد ڪري سگهي. [خير] جڏهن برهمڻ آباد جي قلعي تي گهڻو وقت لڙائي ۽ مقابلو ٿيو ۽ گهڻا ماڻهو هلاڪ ۽ برباد ٿيا، تڏهن [قلعي وارن]لڙائي بند ڪري امان گهري ۽ صلح جي آڇ ڪيائون، [آخر] مکيه ماڻهن ۽ اڳواڻن جي معرفت ٻنهي ڌرين ۾ صلح ٿيو، ۽ قلعو چچ جي حوالي ڪيائون. چچ اندر اچي چيو ته: جيڪڏهن توهان وڃڻ چاهيو ٿا ته پلي وڃو، ڪو به ماڻهو توهان کي روڪي نه سگهندو، ۽ جيڪڏهن توهان رهڻ جو فيصلو ڪيو هجي ته [ پليل] وينا رهو. اگهم

جي پٽ ۽ سندس تابعدارن پنهجي مٿان چچ جي مهرباني ڏٺي، سو رهي پوڻ پسند ڪيائون. چچ ڪجهه وقت ترسي سندن مزاج معلوم ڪيو[43]

## چچ جو اگهم جي زال سان شادي ڪرڻ، ۽ پنهنجي پائٽِي سندس پٽ سربند کي ڏيڻ

پوءِ چچ سربند جي ماءُ ڏانهن ماڻهو موڪلي ساڻس شادي ڪئي، ۽ سندس پٽ کي گهرائي پنهنجي پائٽي ڌهسِيي(1) جي ڌيءَ ڪيس ڏيئي، رنگارنگي سروپا پهرايائين ۽ اتي هڪ سال رهي ڍل وصول ڪرڻ لاءِ پنهنجا ڪامورا مقرر ڪيائين، پڻ آسپاس جي راجائن کي پنهنجو تابع بنايائين.

پوءِ پڇيائين تہ اهو جادوگر پروهت ڪٿي آهي تہ ڪيس ڏسان. چيائون تہ اهو پڳت آهي ۽ پڳتن وٽ هوندو. هو هندستان جي دانائن ۽ ڪنوهار(2) جي مجاورن مان آهي. پروهتن وٽ سندس وڏي عزت آهي، ۽ هو سندس ڪمال جا قائل آهن. سندس جادو ۽ شعبده جي هيءَ حد آهي، جو هڪ دنيا کي تابعدار ۽ زيردست بنايو اٿس. سندس هر قسم جا مقصد طلسم جي زور تي حاصل ٿين ٿا. پٽس جي دوستيءَ خاطر ٿورو وقت سربند سان شامل رهيو ۽ سندس ٽيڪ تي برهمڻ آباد جا سپاهي لڙائيءَ ۾ ثابت قدم رهي مقابلو ڪندا رهيا.

## چچ جو پروهت وٽ وڃڻ ۽ ڪانئس احوال پڇڻ

پوءِ چچ سيني هٿيار بند ماڻهن ۽ محافظن کي سوار ڪري [پاڻ سان وٺي] پروهت کي قتل ڪرڻ لاءِ بڌ (جي مندر) ڪنوهار(1) ڏانهن روانو ٿيو. [رستي ۾] هٿياربندن کي سڏي حڪم ڏنائين تہ: جنهن وقت مان هن سان ملاقات ۽ ڳالهيون ڪندي چپ ڪريان ۽ توهان ڏانهن نهاريان تہ [هڪدم] ترارين ڪڍي سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏجو. پوءِ [چچ] بڌ ڪنوهار(2) ۾ پهچي، هن [پروهت] ڏانهن هليو تہ ڪيس ڪرسيءَ تي ويٺل ۽ پنهنجي عبادت ۾ مشغول ڏٺائين[37.] سندس هٿ ۾ سخت [ ڳوهيل] مٽي هئي، جنهن مان بت ناهي مُهر جهڙي هڪ شيءِ انهن بتن تي هڻندو ٿي ويو، جنهن ڪري انهن تي بڌ جي تصوير چٽجي ٿي پيئي ۽ هو مڪمل ٿي ٿي پيا. تنهن کان پوءِ انهن کي هڪ جاءِ تي رکندو ٿي ويو. چچ سندس مٿان بينو

رهيو: هن ڏانهنس ڪوبہ توجهہ نہ ڪيو. هڪ ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ بت پورا ڪري ڪنڌ مٿي ڪٽي، چيائين تہ: ”سيلائج ڀڳت جو پٽ آيو آهي؟“ چيائين: ”هائو .اي عبادت گذار پروهت“.

چيائينس تہ ”ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟“ وراڻيائين تہ: ”تو ۾ عقيدو هئم. تنهن ڪري توکي ڏسڻ آيو آهيان.“ چيائين تہ:”[ چڱو] لهہ.“ چچ هيٺ لٿو، ۽ پروهت ، گاهہ جي مٿ پٿاري، چچ کي تنهن تي ويهاري، پڇيو تہ: ”اي چچ ! ڪهڙو ڪم اٿئي؟“ چچ عرض ڪيو تہ: ”آءٌ چاهيان ٿو تہ اسان جو چوڻ وٺي برهمڻ آباد جي قلعي ۾ وري موٽي اچين تہ توکان ڪم وٺي، وڏا وڏا ڪم توکي سپاريان، جيئن تون سربند سان هڪ هنڌ رهي، ڪيس صلاح مشورو ڏيندو رهين.“ پروهت چيو تہ: ”مون کي تنهنجي حڪومت جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، ديواني ڪمن جو شوق ڪونہ اٿم، ۽ دنياوي ڪم نٿو چاهيان“. چچ چيو تہ:”[يلا] برهمڻ آباد جي قلعي ۾ چو

سامهون ٿئين؟“ چيائين تہ: ”جڏهن لوهاڻي جو (حاڪم) اگهم گذاري ويو ۽ هيءُ ڇوڪرو پيءُ جي جدائي ۾ تنگ دل ٿيڻ لڳو، تڏهن [مجبورًا ]ڪيس صبر جي تلقين ڪندو رهيس ۽ خدا جي درگاهہ ۾ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ صلح ۽ موافقت پيدا ٿيڻ جي دعا ڪندو رهيس. باقي منهنجي لاءِ دنياوي سرداريءَ ۽ سيني ڪمن کان، ٻڌ جي خدمت ڪرڻ ۽ آخرت جي نجات گهرڻ بهتر آهي: ۽ تون جنهن صورت ۾ هن ملڪ جو راجا آهين، تنهن ڪري تنهنجي فرمان عالي موجب سموري قبيلي سميت قلعي جي ير ۾ لڏي هلڻ لاءِ تيار آهيان، پر ڊپ اٿم تہ قلعي وارا ٻڌ [مندر] جي آباديءَ کي ايذاءُ [45] ۽ نقصان نہ پهچائين، [جو] چچ اڄ وڏي حڪومت جو مالڪ آهي.“ چچ چيو تہ: ”ٻڌ جي بندگي وڏيڪ سٺي، ۽ هن ڪم جي هميشہ تعظيم ڪرڻ تمام چڱي آهي، پر جيڪڏهن توکي ڪو ڪم يا عرض هجي تہ چئو تہ انهيءَ سعادت جي پوري ڪرڻ ۽ انهيءَ عزت افزائي جي سرانجام ڪرڻ تي عمل ڪريان.“ پروهت چيو تہ: ”مون کي تو ۾ دنياوي ڪوبہ ڪم ۽ غرض ڪونهي. شال ڌڻي توکي آخرت جي ڪمن جي توفيق عطا ڪري“. چچ چيو تہ: ” منهنجو عرض پڻ اهو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جي ئي بدلي ۾ نجات ۽ بلند درجا حاصل ٿي سگهندا. حڪم ڪر تہ انهيءَ باري ۾ مدد ڪرڻ واجب سمجهي، شريڪ ٿيان.“ ڀڳت پروهت وراڻيو تہ: "جڏهن مقصد رڳو خير جا ڪم ڪرڻ ۽ نيڪين ۾ وک وڌائڻ آهي، تڏهن [ ٻڌ تہ] ، نوو هار جو مندر، جو قديمي عبادتگاهہ آهي ۽ گهڻي وقت کان زماني جي گردشن سبب انهيءَ کي نقصان پهتل آهي، انهيءَ جي [نئين سر] عمارت ٺاهي وڃي، ۽ پنهنجا مال هن جي اڏاوت تي

Gul Hayat Institute

خرچ ڪر. تون اسان جي امداد هن طريقي سان ڪري سگهين ٿو." [تنهن تي] چچ چيو ته: "شڪر گذار آهيان."

## چچ جو برهمڻ آباد ڏانهن موٽي وڃڻ

پوءِ چچ اتان سوار ٿي موٽي ويو. وزير عرض ڪيو ته: "راجا! هڪ عجيب واقعو ڏٺم." چيائين:"ڇا ڏٺئي؟" چيائين: "ڇاڪاڻ ته راجا کي پروهت جي کهڻ لاءِ جلادن کي حڪم ڏيڻ جو پڪو ارادو هو، پر سندس سامهون ٿيڻ تي ڪيس راضي ڪرڻ ۾ لڳي ويا، ۽ سندس عرض قبول فرمايو؟" چچ وراڻيو ته: "هائو! مون اهڙي شيءِ ڏٺي جنهن ۾ ڪوبه جادو [46] ۽ شعبدو ڪونه هو. [غور سان] ڏٺم ته مون کي ڪي [خاص] نشان [پڻ] ڏسڻ ۾ آيا. جڏهن سندس آڏو ٿيس، تڏهن هڪ ڀيانڪ ۽ خطرناڪ صورت سندس سر تي بيٺل ڏٺيم. هن جون اکيون باهه جهڙيون ۽ ڪاوڙيل، چپ ڏکيا ۽ ٿلها ۽ ڏند نيزن جهڙا هئا. سندس هٿ ۾ الماس جهڙيون لنون هيون ۽ ائين پيو پائنجي ته ڪنهن کي هڻندو. انهيءَ کي ڏسي ڏڄي ويس، طاقت نٽي ٿيم ته ساڻس اهڙو ڳالهايان جو توهان ٻڌو. مون کي اچي پنهنجي سر جي لڳي، [سو] ڪيس رعايتون ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيس."

## چچ جو برهمڻ آباد ۾ منزل ڪري، اتي جي رهاڪن تي ڍل مقرر ڪرڻ

پوءِ چچ برهمن آباد جي قلعي ۾ ترسي، ملڪ جي ڪاروبار ۽ آمدني ۽ رعيت جي آرام جا ذريعا درست ڪيا ۽ لوهاڻي جي جتن(1) کي ذليل ڪري، انهن جي اڳواڻ کي سزا ڏيئي ڪائنئن ضمانت وٺي، قلعي ۾ بند ڪري مٿن هيٺيان شرط پڪا ڪيائين ته: سواءِ ڪن خاص حالتن جي ترار نه ڪٽندا، بخمل ۽ ريشم جا ڪپڙا نه پهريندا، سندن مٿين چادر ڪٽي سوٽي به هجي، پر سندن هيٺين چادر [ضرور] اوني ڪاري يا ڳاڙهي رنگ جي هوندي، گهوڙي تي هنو نه رکندا،مٿو ۽ پير اگهاڙا رکندا، گهر کان ٻاهر نڪرندا ته ڪتا پاڻ سان ڪٽندا، برهمڻ آباد جي گورنر جي ٻورچيخاني لاءِ ڪاٺيون پهچائيندا رهندا، رهبر خواه جاسوسيءَ لاءِ پڻ انهن کي موڪليو ويندو. جڏهن هو پاڻ ۾ اهي خاصيتون پيدا ڪندا، تڏهن اسان کي سندن سچائي تي ڀروسو ۽ اعتماد ٿيندو. [ٻيو ته] اڳهم جي پٽ سربند سان موافق ۽ سچا رهندا، ۽ جيڪڏهن ڪو دشمن لڙائيءَ لاءِ [47] هن ملڪ ڏانهن رخ رکندو ته مدد ڪرڻ پاڻ تي لازمي سمجهي، اهڙو انتظام ڪندا.

Gul Hayat Institute

پوءِ سڀ ڪم پورا ڪري، ملڪ کي ٺيڪ ڪيائين، ۽ جنهن بہ مخالف سرڪشي تي ڪئي، تنهن کان ضمانت وٺي، ڪيس قابو تي ڪيائين، ۽ [ڪيس سزا ڏيئي] سندس مثال تي قائم ڪيائين. جنهن ڪري سڀ ڪاروبار ٺيڪ ٿي ويو.

## راجا چچ جو ڪرمان وڃي مڪران جي حد ظاهر ڪرڻ

ضروري ڪمن کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، چچ جي دل ۾ ڪرمان جي سرحد جو خيال غالب پيو. انهيءَ لاءِ تہ هيءُ پاسو هندستان جي بادشاهن سان ڳنڍيل آهي، تنهنڪري اها ظاهر ٿيڻ گهرجي.انهيءَ وقت رسول الله ﷺ جن جي هجرت کي ٻہ سال گذري چڪا هئا. ايران جي بادشاهہ ڪِسريٰ بن هُرمُز جي مرڻ کان پوءِ ملڪ دربدر ٿي چڪو هو. چاڪاڻ تہ بادشاهيءَ جو ڪاروبار هڪ عورت جي هٿ ۾ اچي ويو هو. سو چچ کي جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن وڏي تياريءَ سان ڪرمان ڏانهن رخ ڪيائين، ۽ نجومين جيڪو وقت ڪڍي ڏنس، انهيءَ وقت اَرمابِيل روانو ٿيو. اهو هنڌ ٻڌ جي شمني [يعني پروهت] جي هٿ ۾ هو، جو هندستان جي راجا راءِ سيهرس جي گورنرن جي اولاد مان هو. جنهن کي سچائيءَ ۽ خصوصيت جي مدنظر مقرر ڪيو ويو هو. اهو [ساڳيو پروهت] زماني جي ڦير گهير ڪري مخالف ٿي پيو هو ۽ خدمت کان سرڪشي ڪئي هئائين. [اهو پروهت] چچ جي استقبال لاءِ آيو ۽ جڏهن ڪيس[چچ کي] سندس واعدي ۽ دل جي سچائيءَ تي اطمينان ٿيو ۽ [هڪٻئي جي] دوستيءَ ۽ محبت ٻنهيءَ جي دل ۾ قرار ورتو. تڏهن [چچ] اتان مڪران جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو، ۽ ڏنائين تہ هر هڪ ماڻهو فرمانبرداريءَ کان پاسو ڪري رهيو هو. نيٺ[48] مڪران جي لڪ ۽ جبل(1) کان ٻاهر نڪري، وڃي ٻين شهرن ۾ پهتو. اتي پنجپور(2) نالي هڪ پراڻو قلعو هو. سندس حڪم سان انهيءَ کي نئين سر ٺاهيو ويو. ۽ اتي شام ۽ باڪ ڦٽڻ جي شروعات وقت هندن جي پنجتوري يعني پنجن سازن واري نوبت جي رسم مطابق نوبت مقرر ڪيائين. [پوءِ]انهيءَ سيني واهڻين کي گڏ ڪري، عمارت جي پوري ڪرڻ جو حڪم ڏيئي،اتان منزل ڪٽي، ڪرمان پهتو، ۽ اچي انهيءَ نهر تي لٿو، جا مڪران ۽ ڪرمان جي وچ تي آهي. [اتي پهچي]اپرندي جي حد ظاهر ڪيائين، ۽ نهر جي ڪناري تي کجين جوهڪ وڏو جهڳٽو لڳائي،[اعلان ڪيائين] تہ مڪران ۽ ڪرمان جي وچ جي حد هي کجين جا وڻ آهن، ۽ اتي نشان ڪري ڇڏيائين تہ هي اها حد آهي، جا چچ بن سيلائج بن بساس سنڌ جي راجا جي وقت ۾ هئي. اها ساڳي حد اسان جي هن وقت تائين قائم آهي(3).

Gul Hayat Institute

(1) اصل عبارت: ”اگهم لوهانہ“ جو فارسي جي زير اضافت سان ”اگهم- لوهانہ“سمجهڻ گهرجي، يعني ”لوهاڻي ملڪ جو (حاڪم) اگهم“. هيٺ فارسي عبارت بہ انهيءَ دليل جي پڪي تاڪيد ڪري ٿي.(ن- ب)

(2) اصل عبارت: ”لوهانہ ۽ِ برهمناباد“

(1) اصل عبارت : معلڪ رمل.

(1) پ: سيار بن راسل. ر: شتبان بن راسل. ن ب ح : سيار بن راءُ بدل.

(2) اصل عبارت: ناسڪ سمني (شمني لاءِ وڌيڪ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص 42).

(3) اصل عبارت: بده رڪو.

(4) ر م: نوهار.

(5) ر: ولهار، م: دلسها، ن: وڪسها، پ: وڪسا، ڪ: وڪها. هت صفحہ 44 تي ڏنل پڙهڻي مطابق ”ڪنوهار“لکيو ويو آهي. فارسي ڇاپي ۾ ”وڪسها“ ڏنل آهي.

(6) اصل عبارت: ناسڪي وبهڪي.

(1) اصل عبارت: دَهسہ.

(2) هي پڙهڻي پ م ح س ڪ مطابق آهي ۽ اها ساڳئي پڙهڻي هيٺ ٻن جاين تي قائم رکي وئي آهي. فارسي ڇاپي ۾ ”نووهار“ ڏنل آهي.(؟). ر: ڪنورهار،ن:ڪتوهار.(ن- ب)

(1) پ ڪ م ر جي پڙهڻي ”ڪينهار“ آهي، جا ”ڪنبهار“ (يعني ڪنوهار) جي بگڙيل صورت آهي. سڄو لفظ”بده ڪنوهار“ آهي، جنهن مان مراد ”ٻڌ ڌرم جو ڪنوهار“ آهي.(ن- ب)

(2) پ ن ب ڪ جي پڙهڻي هن جاءِ تي بہ ”بنده ڪنوهار“ آهي.(ن- ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ "جتان ولوهانہ" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. پ جي پڙهڻي "جتان لوهانہ" يعني"(پرڳڻي) لوهاڻي جا جت" جا وڌيڪ قياس ويجهو آهي ۽ انهيءَ ڪي ئي قائم رکيو ويو آهي. صفحہ 214 تي بہ عبارت صاف طور "جتان لوهانہ" آهي.(ن- ب)

(1) اصل عبارت: عقبہ مڪران وڪوه

(2) اصل عبارت سيني نسخن ۾ ”ڪنزبور“ يا ان لفظ جي ذرا بگڙيل صورتخطي آهي. ڪيل اصلاح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [49] .(ن- ب)

(3) اصل عبارت: ”وامروز همان حد بما رسيده“. ظاهر آهي تہ اهي لفظ مترجم جا آهن ۽ سندس اشارو مڪران ۽ ڪرمان جي انهيءَ سرحد ڏانهن آهي، جا ناصرالدين قباچہ جي وقت ۾ قائم هئي.(ن- ب)

Gul Hayat Institute

## چچ بن سيلائج جو ارمابيل وڃڻ ۽ انهيءَ تي ڏيل مقرر ڪرڻ

[چچ] پوءِ اتان ارمابيل ڏانهن موٽي آيو ۽ تُوران جي ملڪ منجهان[ٽيندو اچي] پُورالي[ندي](1) وٽان متي چڙهيو ۽ ڪنهن بہ ساڻس لڙائي ڪانہ ڪئي. نيٺ قنداٻيل (يعني قنڌار) جي علائقي ۾ پهتو. انهيءَ بيابان جي ماٿريءَ کان ”حصار“ طرف رخ رکيائين. جتي ماڻهو قلعي ۾ بند ٿي ويٺا. پوءِ سيبي(2) جي نهر جي ڪناري تي پهچي، لهي ويهي رهيو، تان جو ماڻهو تنگ ٿيا، ۽ پاڻ تي هڪ سئو جابلو گهوڙا ۽ لک درهم [49] سالياني ڏيل مقرر ڪيائون. هڪ سال جو مال ڪانئن اڳواٽ وصول ڪيائين ۽ مثال قائم ڪري، اروڙ جي تختگاهہ ڏانهن موٽي ويو ۽ [تيستائين اتي رهيو] جيستائين ساهہ کان موڪلائي، جهنم ڏانهن روانو ٿيو. سندس حڪومت جو عرصو چاليهہ سال رهيو.

## اروڙ جي تختگاهہ ۾ چندر بن سيلائج جو ويهڻ

چچ بن سيلائج جي مرڻ کان پوءِ سندس ڀاءُ چندر، اروڙ جي تختگاهہ ۾ [گاديءَ تي] ويٺو ۽ ڀڳتن ۽ پروهتن جي ڌرم کي ٽيڪ ڏيئي زور وٺايائين ۽ تبليغ(3) ڪيائين، ۽ پنهنجي دين ڏانهن رجوع ٿيو ۽ هندستان جي بادشاهن سان خط و ڪتابت جاري ڪيائين(4).

## سيوستان جي بادشاهہ متي جو وڃڻ

[اِهوحال ڏسي،] سيوستان جو راجا متو، ڪنوج جي راجا ڏانهن ويو. انهيءَ وقت ۾ هندستان جو بادشاهہ بارانسي هو، ۽ ڪنوج سيهرس بن راسل جي حڪم هيٺ هو. متي، هن جي خدمت ۾ پهچي، ظاهر ڪيو تہ چچ بن سيلائج مري ويو . هاڻي هن جو ڀاءُ چندر راهب تخت تي ويٺو آهي: هو هڪ ڀڳت ماڻهو آهي، ۽ سارو ڏينهن ڀڳتن سان مندر ۾ پنهنجي علم پڙهڻ ۾ مشغول رهي ٿو. کانئس بادشاهي ڦري وٺڻ آسان آهي. جيڪڏهن بادشاهہ اهو ملڪ فتح ڪري، منهنجي حوالي ڪندو تہ مان انهيءَ طرف جي عوض پاڻ تي ڏيل مقرر ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. جا راجا جي خزاني ۾ پهچائيندو رهندس.[50]

## سيهرس جي طرفان هن ڳالهہ جو جواب

جنهن تي سيهرس، متي کي چيو ته: چچ هڪ وڏو بادشاهه ۽ ڪشادي ملڪ جو مالڪ هو. سندس مري وڃڻ کان پوءِ جڏهن اها بادشاهي وٽي پنهنجي حڪم هيٺ آڻيندس، تڏهن اسان جي ملڪ جي ڏاڍي مشهوري وٺندي، ۽ توکي پڻ انهيءَ جي هڪ حصي تي مقرر ڪندس.[ائين چئي] سيهرس پنهنجي پاءُ برهاس بن ڪسائس کي روانو ڪيو. وڏي چچ(1)جو ڏهٽو(2)، جو ڪشمير ۽ رسل جو راجا هو، تنهن سندس بيعت ڪئي، [ جنهن کان پوءِ ٻيئي]پنهنجو لشڪر وٺي روانا ٿيا، ۽ هاسي نديءَ وٽ پهچي منزل ڪيائون. دِيوَ هپُور(1)قلعي ۾ جيڪي چندر جا ڪامورارهندا هئا، سي لڪي ويا. [انهن جاين تي پنهنجا ماڻهو] مقرر ڪري، اڳتي روانا ٿيا. نيٺ اچي بند ڪاهويه وٽ پهتا. [اتي] هڪ مهينو ترسي، ٻڌ جي پوجا ڪيائون. [هوڏانهن] چندر بن سيلائج ڏانهن ماڻهو ۽ خط موڪليائون ته اچي فرمانبرداريءَ جا شرط پورا ڪري ۽ امان گهري. چندر هيءُ ٻڌي انڪار ڪيو، ۽ قلعي بند ٿي، لڙائيءَ جي تياري ڪرڻ لڳو ۽ ڏهرسينه بن چچ کي برهمناباد موڪليائين. اُتان جي لوهاڻي جي ماڻهن ۽ لوهاڻن اچي خدمت ۾ مٿو ٽيڪيو. پاڻ ڏاهر بن چچ سان گڏ اروڙ جي قلعي ۾ استقلال سان سامهون ٿيو. سيهرس جي لشڪر گهڻو وقت گهيرو ڪرائي لڙائي ڪئي، پر هو لڙائيءَ ۾ قلعي وارن سان پڇي نه سگهيو، تڏهن صلح جو در کڙڪايائين، ۽ ڪنهن اٽڪل سان ڏاهر کي ٻاهر آڻي، قيد ڪرڻ چاهيائين. ۽ [ٻانيائين ته هو] ڪيس هٿ ڪندو يا قتل ڪندو ته پوءِ قلعو سندس هٿ اچي ويندو ۽ بادشاهي [پڻ] ضابطي هيٺ ٿيندي.[51]

## سيهرس جو ڏاهر بن چچ ڏانهن قاصد موڪلڻ

پوءِ راسل ۽ برهاس قاصد موڪليو ته: اسان کي موٽي وڃڻ جو ارادو آهي، تنهن ڪري توهان سان مضبوط عهدنامو ڪرڻ گهرون ٿا، جيئن هيءُ ملڪ توهان سان قائم رهي، ۽ ملاقات کان پوءِ ڏاهر کي نهايت عزت سان واپس ڪنداسون. ڏاهر مشهور معروف ٺڪرن مان پنج سؤ هٿيار پنوهار پهريل چونڊ بهادر ساڻ وٺي، ڌرين جي وچ ۾ مضبوط عهدنامو ۽ صلح پڪي ڪرڻ لاءِ نڪتو [ٻاهر نڪري] پنهنجن سيني خاص ماڻهن کي چيائين ته: اسان جو ڀروسو توهان جي بهادريءَ ۽ هوشياريءَ تي آهي، ۽ سيٽيءَ جي دلين کي ٽيڪ ڏيئي، چڱن واعدن سان همت ڏيارئين، ۽ هلندا وڃي راسل جي سراءِ جي در تي بيٺا. راسل ڪين در تي روڪڻ جو حڪم ڏنو، ۽ پنهنجي هڪ وزير کي سڏي چيائين ته: هيٺ لهي وڃي [ڏاهر جي]سپاهين کي چئو ته توهان

جون تراريون جوهردار آهن، تنهنڪري هٿيار مٿي موڪليو تہ توهان جي ترارين مان هڪ چونڊي پاڻ وٽ نشاني ڪري رکون. پوءِ جڏهن سڀ هٿيار ڏيئي چڪن، تڏهن سيني کي قيد ڪريو، ۽ ٻيءَ صورت ۾ کهي ڇڏيو. وزير هن ٻهاني سان هيٺ آيو ۽ هڪ ونگ جي هيٺان اچي ويٺو، ۽ جيئن هنن کان هٿيار وٺڻ گهريائين، تيئن اوچتو ونگ هيٺ ڪِري پئي ۽ وزير ونگ هيٺ رهجي ويو. [ اهو حال ڏسي] راجا راسل پاڻ هيٺ لهي آيو، ۽ سينيءَ کي سڏي هرهڪ کان هٿيار وٺي، ڏسي، سندن اڳيان اچلائيندو ويو، ۽ نيٺ اچي ڏاهر بن ڇچ وٽ پهتو. ڏاهر کي چيائين تہ: پنهنجي ترار مون کي ڏيکار. ڏاهر وراڻيو تہ اي بادشاهہ هيءُ خنجر پنهنجي پاءُ جو آهي، جو پاڻ کان [52] جدا نہ ڪندس، [جيڪڏهن ڏسڻو اٿئي تہ] منهنجي هٿ ۾ چڱيءَ طرح ڏس. جڏهن ڏاهر جي ويجهو پهتو تہ ڏاهر جي طرفان هڪ بهادر اڳتي وڌي چيو تہ: اي بادشاهہ هنن سيني تراربن کان منهنجو خنجر سنو آهي. راسل جيئن هن کان ترار وٺڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ بهادر، مست شينهن وانگيان، ٽپو ڏيئي، راسل جي ڏاڙهيءَ مان وٺي، ڪٽي ڪيس زمين تي دسيو، ۽ سندس سيني تي ويهي چيائين تہ: چاهين ٿو تہ تو کي فنا ڪريان؟ [ايتري ۾] ڏاهر ۽ ٻيا ٻہ تراريون ڪڍي چوڌاري ڦري آيا. راسل لاچار ٿي چيو تہ: [آخر] توهان جي ڪهڙي مرضي آهي؟ مان توهان سان پڪو عهدنامو ڪريان ٿو جو سچو هوندو، ۽ مخالفت نہ ٿيندي. ڏاهر چيو تہ: اسان کي معلوم ٿي چڪو تہ توکي اسان سان ٺڳي ڪرڻ جو خيال هو، تنهن ڪري اسان کي تنهنجي ڳالهہ تي اعتبار ڪونهي. ٺڳيءَ ۽ بد اعتقادي جي سزا ڀريائين تنهنجي وزير کي ملي، جو ونگ هيٺان دٻجي هلاڪ ٿيو. [پوءِ] وري تون اسان جي هٿان گرفتار ٿيو آهين. هاڻي ضمانت ڏي تہ ديوهپور جو قلعو ۽ جيڪا اسان جي ضمانت تو وٽ آهي، سا واپس ڪندين، تنهن کان پوءِ تنهنجي ضمانت واپس ڪنداسون.راسل پنهنجا ضامن اروڙ موڪليا، جن مان پنج ڄڻا مشهور اڳواڻ اروڙ جي قلعي ۾ جهليائون، تنهن کان پوءِ انجام وٺي ڪيس ڇڏيائون. ڏاهر انهن [راسل جي ضامنن] کي پنج سؤ بهادرن سان برهمڻ آباد موڪليو. راسل، ڏاهر جا اعتماد جوڳا ماڻهو پاڻ سان وٺي ويو، ۽ وڃي قلعو سندن حوالي ڪيائين، ۽ جيڪي ماڻهو وٽس رهيل هئا، تن کي پڻ آزاد ڪيائين. جڏهن قلعي مان معتمدن جو خط ڏاهر کي پهتو، تڏهن راسل جي ضامن کي باعزت واپس موڪليائين، ۽ سندن وچ ۾ صلح ۽ موافقت ٿي.

## چندر جو ڇچ بن سيلائج جي گاديءَ تي ويهڻ

پوءِ بادشاهي چندر جي حوالي ٿي. رعيت سندس همدردي ڪرڻ ڪري آرام سان گذارڻ لڳي، ۽ بادشاهيءَ جو ڪاروبار ٺيڪ ٿيو. چندر جي بادشاهي ست سال هلي، ۽ انين سال [53] ۾ مري ويو. [سندس مرڻ کان پوءِ] ڏاهر اروڙ جي تخت تي ويٺو، ۽ چندر جو پٽ راج برهمڻ آباد ۾ جانشين ٿيو. راج جي بادشاهي، هڪ سال کان وڌيڪ نہ هلي. ڪانئس پوءِ ڏهر سينہ بن چچ برهمڻ آباد کي قبضي ۾ آندو، ۽ سندس پيڻ مايين پڻ ساڻس نهراءُ ڪري، سندس بيعت ڪئي. پوءِ ڏهر سينہ، اگهم جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، ۽ پنج سال اتي رهيو، ۽ چوڌرف پروانا موڪليائين، جنهن تي سيني فرمانبرداري ڪئي. [هن کان] پوءِ ڏهر سينہ وجي ڪجهہ وقت راوڙ(1) جي قلعي ۾ رهيو، جنهن جو بنياد چچ رکيو هو ۽ پوري ٿيڻ کان اُڳ ۾ ئي مري ويو هو. انهيءَ [قلعي] جي عمارت پوري ڪري، آسپاس جي واهڻين کي سڏي، [منجهائن] ڏسٽا وائسٽا ماڻهو انهيءَ [قلعي] ۾ رهايائين. آباد ٿيڻ کان پوءِ انهيءَ جو نالو راوڙ رکي،پاڻ برهمڻ آباد جي قلعي ۾ موٽي آيو، ۽ بادشاهي جا ڪم ٺيڪ هلندا رهيا.

# [ڏهرسينہ جو پنهنجي] پيڻ کي ڀاٽيا جي راءِ جي حوالي ڪرڻ لاءِ اروڙ موڪلڻ

[ٿوري وقت کان] پوءِ ڏهرسينہ کي خبر پيئي تہ سندس پيڻ بالغ ٿي آهي، جنهن ڪري ڪيس ڳڻتيءَ ورتو تہ مايين وڏي ٿي آهي. هوڏانهن نجومين سندس [مايين جي] چٽي ڏسي ٻڌايو تہ: سندس ستارو بختاور آهي (1) اجا انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ هو تہ رمل جي راجا سوين راءَ ڀاٽيا، جا قاصد ان جي سڱ گهرڻ لاءِ اچي پهتا. ڏهرسينہ جيتوڻيڪ وڏو ڀاءُ هو، [پر تنهن هوندي بہ]پيڻ جو ڏاجو شاهاڻو تيار ڪري، ست سؤ گهوڙا ۽ پنج سؤ نڪر ماڻهو هن سان گڏ موڪلي، ڏاهر ڏانهن لکيائين تہ: مايين کي ڀاٽيا جي راجا جي حوالي ڪر، ۽ راءَ سوين جو شرط هيءُ آهي تہ سندس مهر ۽ ڏاج ۾ هڪ قلعو حوالي ڪيو ويندو، جنهن جو هو مالڪ رهندو [54] .
قاصد اروڙ پهتو، ۽ [مايين جي حوالي ڪرڻ ۾] باقي هڪ مهيني جي مدت وجي رهي تہ[اوچتو] راجا جي ڪنهن خاص ماڻهوءَ هڪ ڏينهن هندستان جي هڪ حڪيم کان، جنهن کي علم نجوم ۾ ڪامل مهارت هئي. ڪو سوال پڇيو، جنهن متعلق هن جو ڪديل جواب پورو نڪتو. اهو ماڻهو راجا ڏاهر وٽ آيو تہ راجا ڪانئس پڇيو: ”تڪر اڄ ڪهڙي مهم ۾ مشغول هو،

جو دير سان آيو آهي. ڇا اهو ڪم اسان جي خدمت ڪان بہ مقدم تي ويو؟" تڪر چيو تہ:"راجا سلامت رهي! مون کي هڪ ضروري ڪم پيش آيو هو، جنهن ڪري منهنجي دل پريشان ۽ متفڪرتي پيئي هئي. برهمڻن مان هڪ نجومي آهي، جو عالم ۽ علم نجوم جو ڄاڻو آهي. حڪمي نتيجو ٻڌائيندو آهي، ۽ سندس دليل تجربي سان ٺهڪي اچن ٿا [مطلب تہ حقيقت] کولي بيان ڪيائين، ۽ جيئن صحيح هو، تيئن ٻڌايائين. جنهن تي ڏاهر فرمايو تہ:"اسان جي سفر، حضر، بادشاهيءَ جي رونق، ۽ حڪومت جي انتظام متعلق انهيءَ کان وڃي پڇا ڪر." هن ماڻهو اتي عرض ڪيو تہ "راجا سلامت رهي! ڪاميابيءَ جي وقت راجائن کي حڪيمن سان صحبت ڪرڻ، ۽ عالمن، اديبن ۽ برهمڻن سان سنگت رکڻ کان عار نہ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هو اسان جا امام آهن. سندن خدمت ۾ وڃڻ ۽ سندن تعظيم بجا آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لازمي ڄاڻڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ انهن جو رضامندو عزت ۽ مرتبي جو واڌارو ۽ بلندي ۽ حشمت لاءِ دوام آهي. تنهن ڪان سواءِ فال اها چڱي جيڪا واقعي جو صاحب پاڻ روبرو حاضر ٿي [معلوم ڪري]، ۽ نجومي جواب ڏين."

## ڏاهر جو پيڻ بابت حڪم پڇڻ لاءِ نجومي وٽ وڃڻ

ڏاهر کي هيءَ تقرير پسند آئي. هاٿيءَ تي پالڪيءَ ٻڌڻ جو حڪم ڪيائين، ۽ پاڻ [ان ۾]ويهي نجوميءَ جي اوطاق تي پهتو. نجوميءَ راجا [55] کي ڏسي، استقبال ڪيو ۽ چيو تہ: "راجا سلامت رهي! ڪهڙي ڪم سان اچڻ ٿيو آهي؟ ڏاهر وراڻيو تہ: "اسان جو لشڪر جي مصلحت متعلق سوال آهي، جنهن لاءِ آيا آهيون. پڻ ملڪ جي پلائيءَ، بادشاهيءَ جي قاعدي قانون ۽ ٻين سيني ضروري ڪمن لاءِ حساب ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ڪمن جا نتيجا اسان تي روشن ٿي سگهن تہ نتيجو ڇا ٿيندو؟" نجوميءَ چيو تہ: "سڀ بختاور ستارا تنهنجي طالع ڏانهن ڏسندڙ آهن، ۽ تربيع (1) خواه مقابلي جي مدنظر ڪوبہ نحس [ستارو] ناموافق ڪونهي. هيءُ قلعو ۽ بادشاهي گهڻن سالن تائين تو لاءِ مقرر ۽ مضبوط آهي، ۽ جيڪڏهن راجا لاءِ سفر جو اتفاق ٿيندو تہ بہ مبارڪ ۽ بخت وارو ٿيندو، ۽ پنهنجي عزت ۽ بزرگيءَ واري مسند ڏانهن سلامت موٽي ايندو." پوءِ چيائين تہ: "اسان جي پيڻ مايين جو طالع ڪيئن آهي؟"

## نجوميءَ جو ارشاد

نجوميءَ چيو تہ: ”حساب جو زائچو ائين ٿو ڏيکاري تہ هيءَ اروڙ جي قلعي کان ٻاهر نہ ويندي، سندس سڱ اهو راجا گهرندو، جنهن جي هٿ ۾ حڪم هيٺ هندستان جي بادشاهي هوندي، ۽ هيءَ ڇوڪري انهيءَ جي نڪاح ۾ ايندي.“
نجومي جڏهن ڪيس هيءَ حقيقت کولي ٻڌائي، تڏهن ڏاهر ويچار ۾ پئجي ويو تہ اهو ڪيئن ٿيندو. گهر موٽي اچي پنهنجي پيءُ جي وزير ٻڌيمن کي هيءَ حقيقت کولي ٻڌايائين.

## ٻڌيمن وزير جي راجا ڏاهر کي صلاح ڏيڻ

وزير چيو تہ: ”بادشاهيءَ جو ڪم نهايت نازڪ آهي، ۽ مختلف ملڪن، حدن، لشڪر ۽ نوڪرن چاڪرن جو شهنشاهہ لاءِ پنهنجي ملڪ سان ناتا ٽوڙڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، (مثال)[56] چاڪاڻ تہ پنج شيون پنهنجي جاءِ ڇڏي سرسبز نہ رهنديون آهن: 1. بادشاهيءَ کان بادشاهہ، 2. وزارت کان وزير، 3.عمل کان عالم، 4. وار ۽ ڏند، 5. عورت جو اُره [هي شيون]جڏهن پنهجي جاءِ کان هٽي وينديون تہ سهڻيون نہ لڳنديون. بادشاهہ، بادشاهيءَ خاطر پيائرن ۽ عزيزن جو ساهہ وٺندا آهن، نہ تہ بہ ملڪ کان اوس ٻاهر ڪڏي ڇڏيندا آهن، ۽ پنهنجي مقربن ۽ تعلقدارن جي پڻ ملڪ ۾ پائيواري يا مداخلت روا نہ رکندا آهن. بادشاهہ جڏهن بادشاهي کان گوشو ڪندو تہ پوءِ عام ماڻهن جي برابر آهي. [هاڻي] جڏهن نجوميءَ اهو حڪم ڪيو آهي، تڏهن ڀيڻ کي نڪاح ۾ آڻي، زال بنائي، پاڻ سان گڏ تخت تي ويهارڻ گهرجي. جيتوڻيڪ سندس صحبت کان پاسو ڪندو رهندين. تاهم [مٿس] زال جو نالو هوندو ۽ تنهنجي بادشاهي تو وٽ رهندي.“
راجا ڏاهر انهن پنج سؤ ٺڪرن کي گهرايو، جيڪي سندس خاص ماڻهو ۽ معتقد هئا، ۽ چيو تہ: ”هر حال ۾ منهنجو ڀروسو ۽ اعتقاد توهان جي سمجهداريءَ ۽ بهادري تي آهي. [توهان جي] صلاح ۽ نصيحت [کان سواءِ] ڪو چارو نہ آهي، ۽ ساري ملڪ ۾ منهنجو فرمان توهان جي ٽيڪ تي جاري آهي. هينئر نجومين هن طرح نتيجو ڪڍيو آهي تہ مسمات مايين هن قلعي کان ٻئي پاسي نہ ويندي، ۽ سندس مڙس اهو ٿيندو، جنهن جي هٿ ۾ هن بادشاهيءَ جو اڪثر حصو رهندو. مون کان بادشاهي وڃڻ نہ گهرجي، انهيءَ لاءِ ويچار ڪرڻ گهرجي. بادشاهيءَ کان تعلق ڇنڻ ڏکي ڳالهہ آهي. ٻڌيمن وزير هڪ صلاح رٿي آهي، [پر] اها وڏي شرم جهڙي، اڻوڻندڙ [57] ۽ برهمڻن جي خاندان لاءِ بدنامي آهي، ۽ هيءَ خراب ڳالهہ وقت جي بادشاهن جي

ڪن پوندي، ۽ عام ماڻهن جي واتن تي ايندي، تڏهن هو اسان ڪي پنهنجي نيات مان ڪڍي ڇڏيندا، جنهن ڪري اسان جي طريقي ۾ خلل پيدا ٿيندو.“

## ٻڌيمن وزير جو طلسم

ٻڌيمن وزير گهر وڃي، هڪ گهيتو آڻي، ان جي پشم ۾ واريءَ ۽ آهر ڇٽي مٿانس پاڻي ڇٽڪائڻ شروع ڪيو ۽ اٺ پهر گهر ۾] رکيائينس، جيستائين ٿلهو ٿيو. پوءِ ٻاهر هڪلي ڇڏيائينس. ننڍا، وڏا، شهري خواه واهڻي، ماڻهن جا انبوهه انهيءَ ڏانهن تعجب سان ڏسڻ لڳا. جيستائين جو هن ڳالهه کي ٽي ڏينهن گذريا. تنهن کان پوءِ اهو گهيتو سڄي شهر ۾ ڦرندو رهيو، پر ڪنهن به ان ڏانهن نڪي واجهايو، ۽ اها ڳالهه وساري ڇڏيائون. وزير چيو ته: ”اي بادشاهه! جيڪا به چڱي يا بڇڙي ڳالهه ٿيندي آهي ته ٽي ڏينهن ماڻهن جي واتن ۾ رهندي آهي. تنهن کان پوءِ ڪوبه ان جي نيڪيءَ يا بديءَ کي ياد نه ڪندو آهي. تون ڪنهن به صورت ۾ بادشاهيءَ کان تعلق توڙڻ وارو نه آهين، ۽ پنهنجي دل ۾ اهو فيصلو ڪيو اٿيئي. هيءَ جماعت تنهنجي حڪم کان ٻاهر وڃڻ واري نه آهي، [تنهنڪري اهو ڪم] ڪرڻ گهرجي.“پوءِ ڏاهر انهن پنج سؤ نڪرن کان رايو پڇيو، جن جي قول تي هميشه اعتماد ڪندو هو، ۽ جن جي بهادري ۽ دبدبي تي اعتماد رکندو هو، ۽ هو پڻ سندس حڪم جا منتظر رهندا هئا، ۽ سندس سيني قولن ۽ فعلن سان متفق هوندا هئا. سيني اتفاق ڪيو ته راجا جو حڪم اسان جي جان تي جاري آهي، ۽ انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته بادشاهن جي طراوت بادشاهيءَ سان آهي، جيڪڏهن هيءَ بادشاهي هلي وڃي ته پوءِ پاءُ جي هٿ اچي يا ڏاريي جي[ڪوبه فرق نه آهي]. جڏهن هن ڳالهه تي سڀ متفق ٿيا، تڏهن ويو ۽ وڃي پنهنجي ڀيڻ مٿان چادر وڌائين، ۽ ڪيس منڊي ۽ ٻيا زيور پهرائي، پنهنجي ترار سندس پاسي ۾ رکيائين. [تنهن کان پوءِ] ترار سميت ٻاهر نڪتا ۽ هن جي چادر جو پلؤ پنهنجي چادر سان ٻڌي، ڪيس بادشاهيءَ جي تخت تي [58] پنهنجي پاسي ۾ ڇٽ هيٺان ويهاريائين، ۽ هي ڳالهه عام خاص ماڻهن جي واتن ۾ پئجي مشهور ٿي.

## ڏاهر جو ڏهرسينه ڏانهن تعظيم سان خط لکي موڪلڻ

پوءِ ڏاهر پنهنجي پاءُ ڏهرسينه ڏانهن تعظيم سان خط موڪليو، جنهن ۾ مايين جي ستاري جو احوال داخل ڪيائين ته: ”نجومين هن طرح نتيجو ڪڍيو ته هيءَ ڇوڪري اروڙ جي راڻي ٿيندي ۽

Gul Hayat Institute

هن جو مڙس راجا ٿيندو، جنهن جي هٿ هيٺ هيءُ ملڪ ايندو. تنهن ڪري [سيِنيءَ جي] صلاح سان بادشاهيءَ خاطر هيءُ عار اختيار ڪيو اٿم. جنهن ڪري معذرت ڪئي وڃي ٿي ته هيءُ مصلحت مجبوريءَ ڪان، نه خوشيءَ کان منظور ڪئي ويئي آهي، معاف ڪجُ."

## ڏاهر جو خط ڏهرسينه کي پهچڻ

ڏهر سينه کي جڏهن هيءُ خط پهتو، تڏهن جواب لکيائين ته "هيءَ ڳالهه بري هئي، ۽ هيءُ ڪم اٽوٽندڙ. لاچار هو يا اختيار، ڪنهن به حالت ۾ تون معذور نه آهين. جيڪڏهن هيءُ ممنوع ۽ اٽوٽندڙ ڪم راجائي لاءِ جائز سمجهيو اٿئي ته جيئن دنيوي بادشاهي تنهنجي قائم
رهي [ته به] تولاءِ ڪو چارو ڪونه هو. پر جيڪڏهن، شيطاني وسوسن کان هن باب ۾ شروع ٿيو آهين [ته پوءِ ته] توکي [هڪدم] رجوع ڪرڻ، توبهه تائب ۽ پشيمان ٿيڻ گهرجي: ائين نه ٿئي جو اسان جي دين کان نڪري وڃين ۽ اسان کي توسان بيعت ڇڏڻي پوي. ۽ جيڪڏهن هنن نصيحتن سان هن نامعقوليءَ کان باز نه ايندين ته باز پرس جو [59] حقدار ٿيندين، جنهن ڪري توکي تڪليف پهچندي، ۽ توکي تنهنجي اٽوٽندڙن ڪمن جي جيڪا به سزا ملندي سا پاڻ ڏانهن سمجهج."
جڏهن ڏهرسينه جو خط ڏاهر کي پهتو ته دل ۾ پاڻ پنهنجي ڀاءُ ڏهرسينه وٽ وڃڻ جو خيال ڪري، وزير کان صلاح پڇيائين ته: برهمڻ آباد وڃان پر تنهنجي نظر ۾ چڱو ڪيئن ٿيندو؟

## ٻڌيمن وزير جو ڏاهر کي روڪڻ

ٻڌيمن وزير چيو: "راجا سلامت رهي! هن خيال ڪرڻ ۾ تو وڏي خطا ڪئي آهي، جنهن جي ڪنهن به بهاني سان تلافي نه ٿيندي، ۽ جنهن جي نتيجي کي جنهن به رستي سان روڪبو ته جان جي هلاڪت جو باعث ٿيندو. جيڪڏهن تون ڀاءُ جي روبرو ٿيندين ته پوءِ ساهه کان هٿ ڌوئڻ گهرجي. ۽ جيڪڏهن تون ائين ٿو سمجهين ته تنهنجو ڀاءُ توسان مخالف نه ڪندو، ته هيءُ هڪ وڏو محال [خيال] پنهنجي دل ۾ آندو اٿيئي، ڇاڪاڻ ته ملڪ، زمين ۽ زال جهڙي ڪم ۾ ڀائيواري ۽ حصيداري نه ٿي سگهندي، بلڪ [ان ۾] جان جو خطرو انهيءَ حدتائين آهي، جو ڀيءُ پٽ لاءِ رواددار نه ٿيندو آهي، ۽ نه پٽ پيءُ تي اعتماد ڪندو آهي. ۽ جيڪڏهن [هرويرو] هن ڳالهه جو توکي پڪو ارادو آهي ته پوءِ حياتيءَ تان هٿ ڌوئي ڇڏڻ گهرجي، مون کي ڪنهن به طرح

Gul Hayat Institute

چڱو ڏسڻ ۾ نٿو اچي.“ ڏاهر چيو ته: ”پوءِ اسان جي پلاٽي ڇا ۾ آهي؟“ چيائين: ”تنهنجي لاءِ چڱي صلاح هيءَ آهي ته ياءُ جي لهه وچڙ ۾ گڏ ويهڻ کان پاسو ڪندو رهج، ۽ سندس ملاقات جو اشتياق نه رکج، ۽ قلعي بنديءَ کي لازمي سمجهج، ۽ جيڪي به نجومي ۽ پوپا فرمائين انهيءَ تي عمل ڪندو رهج ۽ انهن جي نصيحت جو تابع رهج، نه ته هن بابت ٻيو ڪوبه حيلو ڪارگر نه ٿيندو.“ پوءِ ڏاهر انهيءَ صلاح تي محڪم ٿي بيٺو، [60] ۽ قلعي بندي لازمي سمجهي قلعي بنديءَ جي ضروري سامان جهڙوڪ: اناج، گاهه ۽ ڪاٺين جو ويچار ڪرڻ لڳو ۽ ذخيرو ڪري رکيائين. [تنهن کان سواءِ ٻيو به] جنگي سامان، هٿيار وغيره مهيا ڪري تيار ۽ منتظر ٿي ويٺو.

---

(1) فارسي ڇاپي غلطنامه ص290 مطابق صحيح پڙهڻي ”بردست يوراني“ هئڻ گهرجي. ن جي پڙهڻي ”بردست تورائي“ آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان ”بردشت توراني“ به قرين قياس معلوم ٿئي ٿو. (ن- ب)

(2) م: سپسي، ن: سيني، ب س: سمني. ڪ: رسنين.

(3) ن مطابق پڙهڻي ”تبليغ“ آهي. فارسي ڇاپي جي عبارت هن طرح آهي ”وتيغ بسيار فراهم آورد“.

(4) اصل عبارت: ”ومڪتوبات و مراسلات از ملوڪ هند باز گرفت“ جنهن جي معنيٰ مقصد جي لحاظ سان ڪئي وئي آهي. لفظي معنيٰ ٿيندي: هندستان جي بادشاهن کان خط پٽ واپس ورتائين“. ممڪن آهي ته ”ڪيل عهدناما واپس ورتائين“؟(ن-ب)

(1) هتان معلوم ٿو ٿئي ته هن ڇچ کان اڳ ڪو ٻيو ڇچ به هندستان جو راجا ٿي گذريو آهي، جنهن ڏانهن هت اشارو ڪيو ويو آهي. (مترجم)

(2) هن جو نالو به راسل هو، جيئن ص[52] مان ظاهر آهي.(مترجم)

(1) اصل فارسي متن ۾: ديودهنوز.(وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه [51]

(1) اصل صورتخطي: راؤر.

(1) اصل متن جي عبارت هن طرح آهي: ”و ميلاد اورا منجمان بر طالع سعد نهادند“. جنهن جو ترجمو ٿيندو، ۽ ”نجومين سندس ڄڻي بختاور ستاري تي رکي“. پر جنهن صورت ۾ هيءُ ترجمو پنهنجو مطلب ادا ڪرڻ ۾ واضح نه هو، تنهنڪري ڪتاب ۾ آزاد ترجمو ڪري، مطلب واضح ڪيو ويو آهي.(مترجم)

(1) تربيع علم نجوم جو اصطلاحي لفظ آهي، جنهن جو مطلب هوندو آهي ته: چار ستارا هڪ چوڪندي جي صورت ۾ بيٺل هجن ۽ هڪٻئي ڏانهن نهاريندڙ هجن.(مترجم)

Gul Hayat Institute

## ڏاهر جو ڏهرسينه ڏانهن لکيو موڪلڻ

پوءِ ڏهرسينه ڏانهن تعظيم ۽ تڪريم سان هڪ خط لکيائين ”جيتوڻيڪ مايين ڪي اسان جي پيءُ ڏانهن نسبت آهي، پر [حقيقت ۾] هوءَ جتن جي ڌيءَ آهي(1)، جيڪي اصل ۾ مخالف ۽ جرائم پيشه آهي: خصوصاً جتن جون زالون. جيڪڏهن حقيقت ڪان واقف ٿيندين ته هو اعتماد ۽ اعتقاد جا لائق نه آهن، ۽ امانت ۽ پرهيزگاريءَ ڪان پري آهن. هندي پهاڪو مشهور آهي ته ”جيڪو ردِ جي ٽنگ وٺندو سو ڏهندو، ۽ جيڪو جتٽي زال جي ٻانهن ڪان وٺندو سو انهيءَ تي چڙهندو.“ جنهن صورت ۾ هن جو مزاج اجنبي آهي، تنهنڪري ان سان نڪاح جائز هو. هيءَ نصيحت ڇڏي ڏي، جيڪڏهن توکي [اجا بہ] هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ شبهو هجي ته پوءِ مان سخت قسم کڻان ٿو ۽ پڪو انجام ڪيان ٿو ته مان هر حالت ۾ تنهنجو فرمانبردار رهندس، ۽ مان اروڙ جي قلعي ۾ تنهنجي گورنرن مان هڪ گورنر جي طور آهيان، ۽ توسان مخالفت نه ڪندس ۽ نه وري ڪو مقابلو ڪندس، وڌيڪ ادب.“

## ڏهرسينہ جو ڏاهر کي هٿ ڪرڻ لاءِ اروڙ وڃڻ

جڏهن ڏاهر جو لکيو سندس پاءُ ڏهرسينہ کي پهتو ۽ سمجهيائين ته ڏاهر پاڻ کي هن ٺڳيءَ سان خوش ڪري اڇڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ پاءُ جي نصيحت مٿس اثر ڪونہ ڪيو، تڏهن سامان ۽ سواريءَ جي تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين، [61] ۽ سوپارو تارو ڏسي جلدي روانا ٿيا. ڪيترا ڏينهن خطرناڪ بيابان جي رستي ۽ نئن ۾ هلندو رهيو، ۽ هرهڪ منزل تي ڪوهيون ڪوٺارائي، پنهنجون مشڪون ۽ ٿانءُ پاڻي سان ڀريل رکندو هو، جيئن لشڪر ڌاول رهي ۽ اُڃ نہ مري. اهڙيءَ طرح گهڻا ڏينهن رستي ۾ گذاريائون، ۽ ترسندا ۽ نرمي ڪندا رهيا. [ائين ڪرڻ سان هن] ڏاهر کي ٺڳڻ ٿي چاهيو، ۽ اٽڪل ۽ رٿ سان ڪنهن طرح ڏاهر کي هٿ ڪرڻ [گهريائين ٿي]. جاسوس موڪليندو، رستن ۽ شڪار گاهن ۾ جاچ ڪرائيندو ٿي رهيو، جيئن هن ڪان ڀڄي نہ وڃي. [هوڏانهن] ڏاهر [جيتوڻيڪ ظاهر ۾] سارو ڏينهن عيش ۽ خوشيءَ ۾ رهي، پاڻ کي مشغول رکندو رهيو، [پر اندران ئي اندران] رستن ۽ شڪارگاهن تي جاسوس موڪلي خبر رکندو ٿي آيو، ۽ اعتماد جوڳن ماڻهن ۽ جنگي جوڌن کي پورن هٿيارن سان چؤطرف مقرر ڪري، قلعي جي چئني دروازن تي ايماندار ۽ قابل اعتماد چوڪيدار ويهاريا هئائين، ته جيئن نهايت ڪوشش سان قلعي جي دروازن جي حفاظت ڪن ۽ هروقت ويٺا رهن.

Gul Hayat Institute

هوڏانهن ڏهرسينہ گمان ڪندو رهيو تہ شايد ڏاهر پنهنجي ڪئي کان پشيمان ٿيو آهي. آخر جڏهن ٽن ڏينهن جي پنڌ تي پهتو، تڏهن سندس جاسوسن موٽي اچي خبر ڏني تہ ڏاهر بن چچ ۽ سندس لشڪر سارو ڏينهن عيش عشرت ۽ راند روند ۾ مشغول آهن، ۽ ڏهرسينہ جي طرف جو ڪوبہ فڪر ڪونہ اٿن.

## ڏهرسينہ جي ڏاهر کي وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻ

[هيءَ خبر ٻڌي،] ڏهرسينہ کي لالچ ٿي تہ جڏهن هو غافل آهي، تڏهن شايد هيءُ قلعو[آسانيءَ سان] هٿ چڙهي ويندو. تنهن ڪري ڪوشش ڪري يلغار ڪرڻ شروع ڪيائين، ۽ هڪ ڏينهن رات ۾ ويهہ فرلانگ پنڌ ڪري صبح جي وقت [62] اروڙ پهتو. ڏاهر انهيءَ وقت شڪار تي وڃڻ لاءِ تيار هو. گهوڙو سندس اڳيان آندائون تہ ايتري ۾ اوچتو هڪ سوار ظاهر ٿيو، جنهن کي سوار آسپاس پڻ ويهاريا هئا. سوار جي قلعي جي دروازي تي پهچڻ سان قلعي جا دروازا بند ڪيائون، ۽ ماڻهو هٿيار ڪٽي ڪنگرن تي چڙهي آيا. هوڏانهن ڏهرسينہ[بہ] اچي قلعي جي دروازي تي بيٺو، ۽ دربان کي چيائين: ”دروازو کول تہ مان اندر اچان.“ مگر قلعي وارن دروازو نہ کوليو، ۽ جنگ لاءِ تيار ٿيا. ڏهرسينہ ڏاهر ڏانهن ماڻهو موڪلي، پيغام روانو ڪيو تہ: ”مان لڙائي ۽ جهيڙي لاءِ نہ آيو آهيان، [پر حقيقت هي آهي تہ] هيءُ قلعو منهنجي پيءُ جو تختگاهہ هو، ۽ انهيءَ ڪان مون کي [ورثي ۾] مليو آهي، ۽ توکي منهنجي هٿان. راجائي منهنجي آهي، ۽ تون منهنجي طرفان هن جاءِ جو گورنر آهين. هڪ ملڪ ۾ بہ ڇٽ نہ ٿيندا آهن. [تنهن ڪري توکي] هن بادشاهيءَ تان هٿ ڪڻي، قلعو منهنجن اعتماد جوڳن ماڻهن جي حوالي ڪرڻ گهرجي.“ ڏاهر وراڻيو تہ: ”تون ويجهو نہ اچ، ۽ وڃي ٻاهر ڪئمپ ڪري، پنهنجا اعتماد جهڙا ماڻهو موڪل تہ مون کي ڀروسو ٿئي، ۽ ٻاهر نڪري قلعو تنهنجي حوالي ڪريان.“ ڏهرسينہ جڏهن ڏٺو تہ هو [ڏاهر] مقابلي لاءِ تيار آهي، ۽ هي حيلو ڪارآمد نہ ٿيو، سو مهراڻ ٽپي وڃي [ٻئي ڪپ تي] منزل ڪيائين، ۽ ڏاهر جي پڪڙڻ لاءِ سودا پچائيندو ۽ دل ۾ سٽون سٽيندو رهيو. پهريائين تہ هن سان صلح ۽ نرمي اختيار ڪري، برادريءَ ۽ قرابت جي رستي تواضع ڪندو رهيو، [انهيءَ خيال کان] تہ مون قلعي کان ٻاهر نڪري اچي. ٻئي پاسي اروڙ جي مکيہ ۽ وڏن ماڻهن ڏانهن ماڻهو موڪليندو رهيو تہ مون [انهن جي ذريعي] سندس بيعت ڪري، [پر ڪي بہ] حاصل نہ ٿيو.

Gul Hayat Institute

# ڏاهر جي وزير سان صلاح ڪرڻ

پوءِ ڏاهر، ٻڌيمن وزير کي گهرائي چيو ته: "ڏهرسينه خط و ڪتابت ۾ هيڏي [63] نرمي ۽ نوڙت بجا تو آڻي، تنهنڪري منهنجو عقل تقاضا ٿو ڪري ته ٻاهر نڪري پنهنجي بزرگ ڀاءُ جو رضامندو حاصل ڪريان، ۽ ڀانيان ٿو ته هو مون سان ٺڳي نه ڪندو." ٻڌيمن وزير چيو:"اي راجا! هن قول تي اعتماد نه ڪرڻ گهرجي، ۽ هن ٺڳيءَ ۽ مڪر تي نڪتچي، سندس چوڻ قبول نه ڪر. چاڪاڻ ته بادشاهن کي گهڻيون ئي رٿون هونديون آهن، ۽ اقرار ۽ قسم ته سندن ٺڳيءَ جا دام آهن. هو صلح ۽ اتڪل سان دشمن کي دام ۾ ڦاسائيندا آهن، ۽ پنهنجي مطلب برصواب ٿيڻ لاءِ قسمين قسمين تواضع سان سخن چوندا آهن. بادشاهي آداب ۾ ته دشمن کي مڪر ۽ حيلي سان هٿ ڪري سگهجي ٿو، رڳو [انهيءَ تي] عمل ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪو مصيبت جي دام ۾ گرفتار ٿيندو ته پوءِ انهيءَ کي ڪوبه حيلو ڪم نه ايندو. ٺڳي ۽ مڪر ته رڳو بادشاهن جي انتقام وٺڻ لاءِ بنايا اٿن. سو مان ڊڄان ٿو ته [متان] توکي ڏهرسينه طرفان ڪا تڪليف پهچي، يا ٺڳيءَ جي دام ۾ ڦاسي تڪليف جي ڀچري ۾ گرفتار ٿئين، جتان آزاد ٿيڻ تنهنجي لاءِ ڏکيو ٿي پوي." ڏاهر چيو ته: "جيتوڻيڪ [هيءُ] خوف بجا آهي، ۽ بيپرواهه نٿو ٿي سگهجي، تاهم سڳو ڀاءُ آهي، ۽ آءٌ ڪانئس ڀڄي نٿو سگهان، ۽ جيڪي فرمايو اٿس سو قبول ڪرڻو آهي. [تنهن ڪري] مان سندس خدمت ۾ حاضر ٿيندس،[بشرطيڪ] مون کي اهڙو اعتماد ڏياريو وڃي، جنهن ڪان منهنجو ڪٽڪو لهي وڃي." جنهن تي راجا ڏهرسينه پڪو انجام ڪري، قسم نامو لکيو ۽ چيو ته: "مان تنهنجي پروسي ڏيارڻ خاطر اڪيلو ايندس ۽ تون لشڪر سميت ٻاهر اچ ته توکي ڏسان."

انهيءَ انجام تي ٻنهي اتفاق ڪري وقت مقرر ڪيو. ٻئي ڏينهن جيئن آسمان جي سج اپرندي جي اُفق ڪان ڪني ڪڍي، ۽ دنيا سُرمائي لباس ڪلهي تان لاهي ڇڏيو(1) ته ڏهرسينه هاٿيءَ تي چڙهي اروڙ جي اولاهين دروازي ڪان آيو. قلعيدار ڏاهر ڏانهن معتبر ماڻهو موڪليو ته: ڏهرسينه قلعي جي دروازي تي آيو آهي، [تنهن لاءِ] ڪهڙو حڪم آهي [64]؟ڏاهر فرمايو ته: "دروازو کولي ڪيس اڪيلو اندر آڻيو." [جنهن تي] ڏهرسينه کي اندر وٺي آيا. ڏاهر ٻڌيمن وزير کي سڏي چيو ته: "ڏهرسينه قلعي ۾ آيو آهي، ۽ جيئن ته هو هلي آيو آهي، تنهن ڪري مون کي ضرور انهيءَ وٽ وڃڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن هو ٻاهر اچڻ لاءِ حڪم فرمائيندو ته به سندس حڪم عدولي

نہ ڪندس. هن بابت تنهنجي راءِ ڪهڙي آهي؟“ وزير چيو تہ: ”توکي سندس قول تي اعتماد نہ جڳائي، هن جي لشڪر جي واتان جيڪي ٻڌجي ٿو[تنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ]، هو ٺڳيءَ جو ويچار ڪري رهيو آهي. پهريائين تہ هن کي قلعي ۾ آڻڻ مصلحت جي خلاف هو، پر جيڪڏهن آيو آهي تہ جنهن صورت ۾ اڪيلو آهي ۽ سندس قتل ڪرڻ ۾ مصلحت نٿو سمجهين، تہ جيستائين توهان جي وچ ۾ ڪو اعتماد ۽ پروسي جوڳو عهدنامو ٿئي تيستائين کيس قيد ڪر، ٻيءَ صورت ۾ هيءَ بادشاهي تنهنجي مراد موجب [نہ] هلندي. منهنجي نصيحت ٻڌ ۽ تنهنجي سمجهہ جي تقاضا درست نہ آهي.“

## ڏهرسينہ جو هاٿيءَ تي ويهي اروڙ جي قلعي ۾ اچڻ

نيٺ ڏاهر وزير جي اها صلاح نہ ٻڌي، ۽ ڏهرسينہ هاٿيءَ تي سوار ٿي، سندس محلات جي دروازي تائين آيو. ڏاهر پيادو سندس استقبال لاءِ ڊوڙيو، ۽ خدمت بجا آڻي چيائين تہ: ”محلات ۾ اندر اچ.“ ڏهرسينہ وراڻيو تہ: ”لهندس ڪين“، ۽ چيائين: ”تون هاٿيءَ تي سوار ٿيءُ تہ ٻاهر هلون ۽ گهڙي کن ويهي هڪٻئي سان ڏک ۽ خوشيءَ جا حال اوريون، جيئن عام خاص ماڻهن کي معلوم ٿئي تہ اسان جي وچ ۾ ٺهراءُ ٿي ويو، ۽ [هاڻي] مخالفت ۽ جهڳڙو ڪونہ آهي، ۽ ڪوبہ دشمن يا چغل اسانجي وچ ۾ نہ اچي سگهي، هيءَ ڳالهہ دنيا ۾ چؤطرف پکڙجي وڃي، ۽ اسان جا سڀ دشمن سرنگون ۽ شرمندا ٿين، ۽ دوستن جي خوشي وڌي، مجلس ۽ ورونهن ڪرڻ ڪانپوءِ صحيح سلامت [65] پنهنجي جاءِ ڏانهن واپس ورج.“ ڏاهر سندس حڪم اکين تي رکي، فرمان بجا آندو. هوڏانهن ٻڌيمن وزير افسوس ڪندو ۽ هن ٺڳيءَ جي نتيجي کان متفڪر ٿيندو رهيو. ڏهرسينہ فيلبان کي حڪم ڪيو تہ: هاٿي اڳيان آڻ تہ ڏاهر ويهي. ڏاهر هاٿيءَ تي پيلهہ چڙهي ويٺو. [فيلبان] هاٿيءَ کي هڪليو ۽ ٻيئي روانا ٿيا. ٻڌيمن وزير گهوڙي تي چڙهي سندس پاسي سان وڃي رهيو هو، نيٺ وڃي دروازي کي ويجهو ٿيو. [اتي] ڏاهر پشيمان ٿيو ۽ ڊنو. ٻڌيمن وزير ڏانهن منهن ڪري چيائين تہ: [هاڻي] اسان لاءِ ڪهڙي صلاح آهي؟ چاڪاڻ تہ اسان کي ٻاهر وڃڻ چڱو ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟“ وزير ورندي ڏني تہ: ”راءَ کي سراءِ ۾ ڇڏيئي(1) يعني، گڏهہ قسطنطنيہ ۾ وڃايو اٿيئي ۽ ڳولي ڪنوج ۾ رهيو آهين.“ چيائين تہ:”آخر ٻڌاءِ تہ [هن وقت] مون لاءِ ڪهڙو حيلو آهي؟ چاڪاڻ تہ وڃڻ تي دل باور نٿي ڪري.“چيائين تہ: ”هن کان سواءِ ٻي ڪا صلاح ڪانہ آهي تہ جڏهن دروازي وٽ پهچين تہ دروازي جي سردري(2) ۾ چنبڙي، تيستائين

هاٿيءَ ڪان مٿي لڙڪي پئج، جيستائين هاٿي ٻاهر نڪري وڃي. اسين پوءِ دروازو بند ڪري توڪي هيٺ لاهينداسين." ڏاهر کي هيءَ صلاح پسند آئي. جڏهن دروازي وٽ آيو، ۽ هاٿيءَ جو اڳيون اڌ ٻاهر نڪري ويو، تڏهن ڏاهر دروازي جي سردري ۾ چنبڙي پيو ۽ پاڻ کي هاٿيءَ کان ڌار ڪيائين. هاٿيءَ جي ٻاهر نڪري وڃڻ کان پوءِ ٻڌيمن ڪوٽ جو دروازو بند ڪري، ڏاهر کي آهستي آهستي هيٺ لاٿو. [ٻاهر نڪري] ڏهرسينهه جڏهن پنهنجي نهاريو ۽ ڏاهر کي نه ڏٺائين، بلڪ قلعي جو دروازو پڻ بند ڏٺائين، تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس، ۽ بيمار ٿي موٽي اچي ڪئمپ ۾ پهتو. هڪدم هاٿيءَ تان لهڻ سان [66] [مٿس] گرميءَ اثر ڪيو، ۽ ٻئي ڏينهن سندن بدن تي ڦوڪٽا ٿي پيا. آخر چوٿين ڏينهن مري ويو، ۽ پنهنجو پيارو ساهه برباد ڪري، ملڪ الموت جي حوالي ڪيائين، ۽ لشڪر ڳٽيون ڪائڻ لڳو.

## ڏاهر کي ڏهرسينهه جي موت جي خبر پوڻ

ڏاهر کي هن واقعي جي خبر پهتي. تڏهن پنهنجي ڀاءُ جي ساڙڻ ۽ دفن ڪرڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ چاهيائين، [جنهن تي] ٻڌيمن وزير چيو ته: "راجا سلامت رهي شال! تڪڙ ڪرڻ نه گهرجي. راجا هن قسم جا مڪر ڪندا آهن، پاڻ کي مرده بنائيندا آهن. تون جڏهن سندس دفن ڪرڻ لاءِ ويندين، تڏهن نڳي ڪندو، ۽ تون مصيبت ۾ گرفتار ٿيندين. [تنهن ڪري] ويچار ڪرڻ گهرجي، [ڇاڪاڻ] ته پوءِ افسوس ۽ ارمان فائدو نه ڏيندو. مثال ڏيندا آهن ته جڏهن لومڙ ڊوڙڻ کان ٿڪجي پوندو آهي، تڏهن پاڻ کي مئل ظاهر ڪندو آهي، جنهن ڪري ڊونڊ ڪائيندڙ[پکي] سندس چوڌاري اچي گڏ ٿيندا آهن، اتي اوچتو ٽپ ڏيئي، انهن کي جهلي ڪائيندو آهي. بادشاهه کي دشمن کان بيپرواهه نه ٿيڻ گهرجي. ڪنهن اعتماد جوڳي ماڻهوءَ کي سندس پڇا ۽ جاچ لاءِ موڪليو ته اهو راز کلي پوي." انهيءَ جاسوس هن جي مکيه ۽ وڏن ماڻهن کي غمگين، ۽ عزاداريءَ جي رسمن ۾ رڌل ڏٺو [سو] اڳتي وڌي چيائين: "مون کي راجا ڏاهر ڏهرسينهه جي پڇڻ لاءِ موڪليو آهي، ۽ توهان کي غمگين ڏسان ٿو: [ٻڌايو] ڇا خبر آهي؟" انهن عزت وارن مان ٻه ماڻهو اٿيا، ۽ ڏسڻ لاءِ کيس ڏهرسينهه جي مڙهه وٽي ويا. [هنيڪ ڪري] تعزيت بجا آندي. [پوءِ] هن خبر جي تصديق لاءِ ڏهرسينهه جي منڊي انهيءَ قاصد کي ڏيئي، هڪدم واپس ڪيائون.[67]

قاصد جڏهن اها خبر ڏاهر کي پهچائي، ۽ منڊي سندس حوالي ڪئي، تڏهن ڪنهن به سوچ ۽ دير کان سواءِ پنهنجن سيني معتبرن ۽ وڏن ماڻهن سميت هڪدم ٻاهر نڪتو، ۽ مهراڻ ندي

Gul Hayat Institute

ٽپي، ڪئمپ ۾ وجي، پاڻ جي تنبوءَ ۾ داخل ٿيو. ڪيس ڏسڻ شرط ڪپڙا ڦاڙي، پڳڙي مٿي تان لاهي، روئڻ پٽڻ ۽ روج راڙو شروع ڪيائين.

## ڏهرسينہ ڪي ساڙڻ

پوءِ صندل جي ڪاٺين گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. ۽ ڏهرسينہ کي ساڙي، تعزيت جون رسمون بجا آندائين. ٻئي ڏينهن پاڻ جو خزانو ڪٽي، سندس لشڪر ۽ نوڪرن کي پنهنجي بيعت ۽ حڪم هيٺ آندائين، ۽ هڪ مهيني تائين اروڙ ۾ ترسي سندس زال، جا لوهاٽي جي [حاڪم]اگهم(1) جي ڌيءَ هئي، تنهن کي پنهنجي نڪاح ۾ آندائين. [پوءِ] برهمڻ آباد جي قلعي ۾ ويو ۽ وجي اتي رهيو. راجا ڏهرسينہ جي عمر ٽيهہ سال هئي(1) .

## ڏاهر جو برهمڻ آباد جي قلعي ڏانهن وڃڻ

ڏاهر برهمناباد جي قلعي ۾ هڪ سال رهيو. جيستائين ملڪ جي اوسي پاسي جي سيني ماڻهن سندس فرمانبرداري قبول ڪئي. ڏاهر، ڏهرسينہ جي پٽ چچ کي گهرائي ڪانئس بيعت ورتي، پاڻ سيوستان جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو. ۽ اتان وري راوڙ جي قلعي ۾ آيو. انهيءَ قلعي جو بنياد سندس پيءُ چچ رکيو هو. ۽ ان جي پوري ٿيڻ کان اڳ مري ويو هو. ڏاهر اتي ترسي ان کي اڏائي پورو ڪيو(2) . هو گرميءَ جا چار مهينا [68] راوڙ ۾ ترسندو هو. ڇاڪاڻ تہ اها وڻندڙ جڳهہ هئي، ۽ سندس هوا موافق ۽ پاڻي خوشگوار هو. سياري جا چار مهينا برهمڻ آباد ۾ گذاريندو هو. ۽ بهار جا چار مهينا اروڙ ۾ رهندو هو. اهڙيءَ طرح اٺ سال گذاريائين ۽ سندس بادشاهيءَ [جي هاڪ ۽ ڌاڪ] انهيءَ حد کي پهتي، جو سندس شهنشاهيءَ جي تعريف دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويئي، ۽ سندس حڪومت جي تنبوءَ جون طنابون سنڌ ۽ هندستان جي ملڪن ۾ مضبوط ٿيون. ۽ چئني طرفن جي بادشاهن [کي عموماً] ۽ رمل جي راجا کي [خصوصاً] سندس مال ۽ هاٿين جي [حقيقت] معلوم ٿي.

## رمل جي بادشاهہ جو راجا ڏاهر جي جنگ تي اچڻ

پوءِ رمل جو بادشاهہ وڏو ڪٽڪ، مست هاٿي ۽ سوار خواهہ پيادا ۽ دلير بهادر وٺي لڙائي واسطي روانو ٿيو ۽ ٻڌيہ جي طرف کان اروڙ(1) جي پسگردائيءَ ۾ پهتو. ۽ سندس ڪيترا علائقا قبضي

۾ آٽي، اتان درياءَ ٽپي اروڙ تي ڪاهيائين. جڏهن رمل جي بادشاهه جي خبر ڏاهر کي پهتي، تڏهن ٻڌيمن وزير کي سڏي چيائين ته: ”زبردست دشمن اسان جي ملڪ جي حدن ۾ آيو آهي، اسان کي ٻڌاءِ [ته ڇا ڪريون؟]“ ٻڌيمن وزير چيو: ”راجا سلامت رهي! جيڪڏهن لڙائي ۽ جنگ ۾ سندس مقابلو قوت ۽ دٻدٻي سان ڪري سگهين ٿو ته لڙائيءَ جي تياري ڪري، سندس سامهون ٿيءُ ۽ پنهنجي عزت ۽ ننگ خاطر ترار هڻي، دشمن کي دفع ڪر. [ته تنهنجو] ملڪ تو وٽ سلامت رهندو. نه ته صلح ۽ موافقت سان سندس بيعت ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن مال ڏيڻو پوي ته راجا خزانا ۽ دفينا هن وقت [69] لاءِ گڏ ڪري دفن ڪندا آهن. انهي لاءِ [ ته غنيم جي چڙهي اچڻ وقت] مال جي مدد سان لشڪر قائم ڪري، لشڪر جي ذريعي دشمن سان سامهون ٿي، ملڪ خاطر، ناڻءُ نيڪي سان جان قربان ڪن. ٻيءَ صورت ۾ مال خرچ ڪري، دشمن کي دفع ڪن. ڇاڪاڻ ته مال جي ڪري مرد جو هرڪو دنيوي ڪاروبار سرسبز رهي ٿو ۽ هر دشمن کي ان جي ذريعي دفع ڪري سگهجي ٿو، آخرت جو سامان پڻ انهيءَ جي مدد سان ٿاهي سگهجي ٿو.“ ڏاهر چيو ته: ”منهنجي نزديڪ ٻئي جي خدمت ۾ ذلت جي نموني سرجهڪائڻ کان موت پيارو آهي، ۽ هيءَ ذلت آءٌ ڪيئن ڪٽي سگهندس؟“

---

(1) هيءُ به هڪ عجيب تضاد آهي، خود مصنف، ڪتاب جي شروع ۾ صفحه 72 تي چئي آيو آهي ته ڇچ کي راڻي سونهن ديوي مان ٻه پٽ، ڏاهر ۽ ڏهرسينه ۽ هڪ ڌيءَ مايين نالي ڄائي. (مترجم)

(1) يعني رات گذري ڏينهن ٿيو. (مترجم)

(1) يعني صلاح کي گهر کان نڪرڻ وقت ڇڏي ڏنئي. (مترجم)

(2) اصل متن ۾ آهي ”دست در پيشاني درزن“ اسان جي خيال ۾ پيشانيءَ مان مراد دروازي جي مٿين چانئٺ يا سردرو آهي. (مترجم)

(1) اصل عبارت ”دختر اڱهم لوهانه“ آهي. ”اڱهم لوهانه“ ۾ ترڪيب سمايل آهي يعني ”لوهاڻي جو اڱهم“ جنهن جون ٻه معنائون ٿي سگهن ٿيون: لوهاڻي جو پٽ اڱهم يا لوهاڻي جو حاڪم اڱهم. هن کان اڳ [متن صفحه 40-41] جي تاريخي تسلسل جي لحاظ سان پوئين معنيٰ کي ترجيح ڏني وئي آهي. (ن- ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي ”ملک دهرسينه سي سال بود“ آهي جنهن جو ترجمو ٿيندو ڏهرسينه جي بادشاهي ٽيهه سال هئي“ اهو صحيح نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هي واقعو چندر جي مرڻ کان يڪدم پوءِ جو آهي، ترجمي جو مدار نسخي پ جي پڙهڻي (ملک دهرسينه سي ساله بود) تي آهي، جا وڌيڪ قياس ويجهو آهي. (ن- ب)

(2) مصنف مٿي صفحه [54] ۾ چئي آيو آهي ته راوڙ جي قلعي کي ڏهرسينه پورو ڪرايو. وري هتي چوي ٿو ته ڏهرسينه جي مرڻ کان پوءِ انهيءَ ساڳئي قلعي کي ڏاهر پورو ڪرايو. شايد ائين هجي ته ڏاهر انهيءَ ساڳئي قلعي ۾

Gul Hayat Institute

**ٻيرڦار ڪرائي هجي يا ڪا اهڙي تڪميل ڪرائي هجي، جنهن کي ڏهرسينه غيرضروري سمجهي ڇڏي ڏنو هجي. (مترجم)**

**(1) فارسي ڇاپي ۾ هن جاءِ تي "راؤر" يعني راؤڙ آهي. جو هيٺ ايندڙ تسلسل جي لحاظ کان صحيح نہ آهي. (ن- ب)**

Gul Hayat Institute

ٻني سامھ مان هڪ علافي عرب مرد [سنڌ ۾ رهندو هو] جنهن عبدالرحمان بن اَشعث کي جنگ مان ڀڄي وڃڻ سبب قتل ڪيو هو، ۽ ڀڄي اچي ڏاهر سان مليو هو ۽ پنج سؤ عربن سان سندس بيعت ڪئي هئائين. ٻڌيمن وزير چيو تہ: ”جنگ جو طريقو جهڙو عرب ڄاڻن ٿا، اهڙو ڪو ڪونہ ڄاڻي. تنهنڪري علافي کي گهرايو ۽ صلاح طور ڪانئس پڇا ڪريو تہ [هنمعاملي ۾] هو رهبري ڪري.“ ڏاهر هاٿيءَ تي چڙهي هن وٽ ويو ۽ وڃي چيائينس: ”اي عرب جا سردار! توسان رعايتون ٿو ڪريان ۽ توکي پيارو ٿو پاڻيان. انهيءَ لاءِ تہ هھڙي وقت ۾ تون اسان جي مدد ڪرين. هن وقت هڪ زبردست دشمن ظاهر ٿيو آهي. تنهنجو صحيح عقل ڪهڙي تقاضا ٿو ڪري؟ اسان کي ٻڌاءِ ۽ تون جيڪي ڄاڻين ٿو يا ڪري سگهين ٿو سو چئو.“ علافيءَ چيو: ”راجا کي هن ڳالهہ بابت تسلي ڪرڻ گهرجي، ۽ ڪوبہ فڪر [70]پنهنجي دل ۾ نہ آڻڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ منهنجي موزون تدبير انهن لاءِ ڪافي آهي. پنهنجي لشڪر جي ”قلب“ جا خاص چونڊيل سوار منهنجي حوالي ڪر [پهريائين] تہ مان هڪ دفعي سندن چوڌاري چڪر لڳائي، سندن دورانديشيءَ ۽ همت جو طريقو معلوم ڪري ٿو وٺان. [هوڏانهن] تون ٽن ميلن پنڌ تي ڪاهي هٽي تيار ٿي ويھ.“ ڏاهر کي اها مصلحت پسند آئي، ۽ پاڻ اتي ترسي پيو. علافي جاسوسيءَ طور سندن چوڌاري چڪر لڳائي، معلوم ڪيو تہ رات جي وقت بالڪل بيپرواهہ رهن ٿا. ڪنهن بہ قسم جو ڊپ ڪونہ اٿن، ۽ نہ وري ڪو چوڪي ۽ پهري جو انتظام اٿن. علافي پنج سؤ عرب ۽ هندستاني بهادر ساڻ وٺي، مٿن شبخون (راتاهو) هنيو ۽ چئني طرفن کان نعرا هڻي، رمل جي راڻي جي لشڪر ۾ ڪاهي پيا. جنهن ڪري انهن ۾ گوڙ ۽ پريشاني اچي پيئي ۽ هو هڪٻئي کي ڪهڻ لڳا. انهن مان ڪسي ويلن کان سواءِ بہ اسي هزار جنگي جوان ۽ پنجاهہ هاٿي پڪڙيا ويا. [تنهن ڪانسواءِ ايترا تہ] بي انداز هٿيار ۽ گهوڙا هٿ آيا، جي ڳاڻاٽي کان ٻاهر هئا. ڏينهن ٿيو تہ [ڏاهر]قيدين کي گهرائي، ڪين ڪهڻ جو ارادو ڪيو. [پر] وزير چيو تہ ”الله تعاليٰ توکي فتح عطا ڪئي آهي، تنهن جو احسان مڃ ۽ شڪر بجا آڻ. [هيءُ] پڻ لازم آهي تہ جڏهن بادشاهن ۽ بزرگن کي فتح حاصل ٿئي، ۽ دشمن جي طرف جا مکيہ ماڻهو ۽ اڳواڻ سندن هٿان گرفتار ٿين، تڏهن ڪين معافي ڏين، سو تنهنجي لاءِ بہ چڱي صلاح اها آهي تہ قيدين جي جان بخشي فرمائي، ڪين آزاد ڪر.“ انهيءَ صلاح تي لڳي راجا ڏاهر قيدين کي آزاد ڪيو ۽ سندس صلاح مبارڪ سمجهي فرمايائين: ”اي سهڻي صلاح ڏيندڙ وزير ۽ مبارڪ مُشيرا جيڪي گهرڻو هجيئي سو مون کان گهر.“ وزير عرض

ڪيو: ”مون کي اولاد [71] ڪونہ آهي، جنهن ڪان منهنجو نالو دنيا ۾ زنده رهي. تون حڪم ڪر تہ تنهنجي شاهي ضربخاني ۾ جيڪي چانديءَ جا سِڪا تيار ٿين ٿا، ۽ شاهہ جي نالي جو شرف حاصل ڪن ٿا، انهن جي ٻئي طرف تي بندي جو نالو اُڪيريو وڃي، جيئن راجا جي چانديءَ جي سڪن جي طفيل بندي جو نالو باقي رهي، ۽ هند سنڌ جي حڪومت ختم ٿيڻ تائين قائم هجي، ۽ ان جي ياد نہ ميٽجي.“ راجا ڏاهر جي حڪم سان [سِڪو] جيئن وزير عرض ڪيو هو تيئن، تيار ڪيائون.

اهڙيءَ طرح راجا ڏاهر جا پير ڪپي ويا، ۽ [ايڏي تہ] وڏي طاقت ۽ شان شوڪت حاصل ڪيائين، جو خلافت جي تختگاهہ جو مال ڦري سرڪشي ۽ بيپرواهي ڏيکاريائين.

## خلفاءِ راشدين ڪان وليد تائين تاريخ

هنن خبرن جي راوين ۽ هنن روايتن جي ڄاڻن، هن طرح بيان ڪيو آهي تہ هند ۽ سنڌ جي شهرن تي اسلام جي لشڪر جي پهرين لڙائي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي هجرت ڪان پندرهن ورهيہ پوءِ اميرالمؤمنين حضرت عمر رضي الله عنہ جي خلافت ۾ واقع ٿي. [حضرتعمر] پهريائين عثمان بن اَبِي العاص ثقفي کي بحرين موڪليو. هو لشڪر وٺي عمان روانو ٿيو، ۽ جنگي ٻيڙا درياءَ جي رستي مقرر فرمائي، مُغِيرہَ بن ابي العاص جي سرداريءَ هيٺ بحرين موڪليائين، انهيءَ لاءِ تہ هو انهيءَ رستي ڪان ديبل روانا ٿين. انهيءَ وقت سنڌ جو راجا چچ بن سيلائچ هو، ۽ سندس حڪومت کي 35 سال گذري چڪا هئا. ديبل جا رهاڪو واپاري ماڻهو هئا. [72] راجا چچ جي طرفان سامہ بن ديوائچ نالي [اتي] حاڪم هو. لشڪر جڏهن ديبل پهتو تہ هن قلعي ڪان ٻاهر نڪري، لڙائي شروع ڪئي. ثقفِين مان هڪ ماڻهوءَ ڳالهہ تي ڪئي تہ جڏهن ٻيئي لشڪر هڪٻئي جي سامهون ٿيا، تڏهن مغيره بن ابي العاص ترار ڪڍي ۽ بِسِمِ اللّٰهِ وفِي سبيِل اللّٰه (الله جي نالي سان ۽ الله جي واٽ ۾) چوندو شهيد ٿيو. ڪانئس پڇيو ويو تہ تو جنگ تي ڪئي، توکي اها خبر ڪيئن پئي؟ وراڻيائين تہ هتن سان جنگ تي ڪيم ۽ دل ۽ ڪنن سان هيءُ احوال تي ٻڌم.

(۽ پڻ) حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنہ جي خلافت ۾ حضرت ابو موسيٰ اَشعرَي رضي الله عنہ عراق تي عامل مقرر ٿيو هو، جنهن ربيع بن زيِاَد حارثِي کي پنهنجن ماڻهن سان مڪران ۽ ڪرمان تي مقرر ڪيو. ايتري ۾ دارالخلافه مان ابو موسيٰ اشعري ڏانهن لکيائون تہ هند،

Gul Hayat Institute

ڪرمان ۽ عراق جي خبر ڏي. جڏهن ابوالعاص جي پٽ جو حال معلوم ٿيو ۽ [اهو بهمعلوم ٿيو] ته هند ۽ سنڌ ۾ هڪ اهڙو راجا پيدا ٿيو آهي، جو سرڪشي ۽ بيپرواهي ڪري ٿو ۽ دل ۾ بيفرمانيءَ جو ٻج پوکيو اٿس، ته ابو موسيٰ اشعري اهو احوال اميرالمؤمنين عمر رضي الله عنه ڏانهن لکي [ڪيس] واقف ڪيو. [پاڻ] ڪيس هند جي لڙائيءَ کان سخت منع ڪيائون.

(۽ پڻ) انهيءَ وقت [حضرت] عمر بن الخطاب رضي الله عنه جي شهادت جو واقعو ٿي پيو، ۽ خلافت اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنه کي ملي، جنهن هند ۽ سنڌ جي لڙائيءَ تي لشڪر موڪلڻ گهريو. [انهيءَ وقت] لشڪر قندابيل ۽ مڪران ۾ هو، [73] ۽ لشڪر جو سردار عبدالله بن عامر [بن ڪَرِيز] بن رَبيعه مقرر ٿيل هو. [آخر حضرت عثمان پهريائين] سنڌ جي شهرن جو [ڪجهه] احوال معلوم ڪرڻ گهريو، تنهنڪري [حڪم ڪيائين] ته: ڪو صالح، پاڪدامن ۽ عقلمند ماڻهو مقرر ڪر، ته هو سنڌ ۽ هند جو پورو احوال سچو ۽ تجربي هيٺ آيل معلوم ڪري، ڪولي ڪولي اچي ٻڌائي. انهيءَ تي عبدالله بن عامر، حڪيم بن جبله عبديءَ کي موڪليو.

(روايت)...... عبدالله بن عمر بن عبدالقيس کان روايت ڪن ٿا ته حڪيم ڳالهائيندڙ ماڻهو هو، ۽ نظم ۽ شعر جي فن ۾ ڪامل هو، جيئن ته هڪ جاهل ماڻهو عليِ بن طُفيل غنويِ جي مدح ۾ چيو اٿس:

**شعر**

وَ اَهلڪنِي لڪم فِي ڪل يومِ
تعوجڪم علي وَ اَستقِيم
رِقاب ڪالمعوا جِن خاظِيات
وَ اَستاه علي الاَ ڪوَارِ ڪومُ

[ڪيو برباد مون کي سيڪنهين ڏينهن،
توهان جي ڏنگ جڏ آهيان سڌو مان.
توهان جا ڪنڌ ٿلها هن (آهن) مطرقن جئن،
۽ پولهيون پاڪڙن تي ڍير وانگيان.]

(۽) [حضرت] علي بن ابي طالب رضي الله عنه جي بصره ۾ اچڻ وقت سندس تعريف ۾ چيائين:

**شعر**

ليس الرزيةَ بِالِدينارِ نفقِدُه

اِن الرزِيۃَ فقدُ العِلمِ وَالحِڪمِ[74]
وَ اِن اَشـــرَفَ مـــن اَودَيَ الزّمان بِه
اَهلُ العفافِ وَاَهـــل الجـُــودِ وَالكرَمِ
[مصيبت نــاهہ وڃـــائـڻ ڏوڪـــڙن جو،
مصيبت ٿي، ويـــو جـــي علم و حڪمت،
مـــرڻ وارن سيني ۾ ســـوئـــي افـــضل،
هجي جو صاحبِ احـــســـان و عـــفـــت.]
(۽) هن روايت جي ڪن راوين ۽ هن داستان جي ڪن لکندڙن بيان ڪيو آهي تہ اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنہ، عبدالله بن عامر کي لکيو آهي تہ حڪيم بن جبلہ کي سنڌ ۽ هند ڏانهن موڪلي، ملڪ جون حالتون معلوم ڪري. تنهن ڪري عبدالله کيس مقرر ڪيو. جڏهن حالتون سمجهڻ کان پوءِ عبدالله بن عامر وٽ واپس آيو، ۽ اچي انهيءَ ملڪ جي رهاڪن جي حملي، لڙائي ۽ سزائن جون حالتون کيس تفصيل سان ٻڌايائين تہ عبدالله هن کي اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنہ ڏانهن موڪليو، ۽ جڏهن هو خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ امير کانئس پڇيو تہ: اي حڪيم! هندستان ڏسي آئين؟ حالتون معلوم ڪري آئين؟ جواب ڏنائين: نعم يا اَمِير المُؤمِنِينَ (هائو اي اميرالمؤمنين). چيائين: بيان ڪر. چيائين: ماۂ هاوَ شل وَتمرُ هادَقل وَ اَرضُهاجبل وَ اَهلُهابطل اِن قل الجيشُ بِهاضاعُوا وَ اِن ڪثُرَ واجاعُوا. يعني "اُتي جو پاڻي ميرو آهي، ميوو ننڍڙو گهٽ وتندڙ ۽ ڪتو آهي، زمين پٿريلي آهي، ۽ [75] ٽي ڪلراٽي آهي، ۽ رهاڪو بهادر آهن. جيڪڏهن ٿورو لشڪر ويندو تہ جلدي تباهہ ٿيندو، ۽ جيڪڏهن گهڻو ويندو تہ بک مري پاهہ ٿيندو." پوءِ اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنہ پڇيو تہ: "انجام ۽ اقرار ۾ ڪيئن آهن؟ وفادار آهن يا بيوفا؟" حڪيم چيو تہ: "خيانت ڪندڙ ۽ غدار آهن." انهيءَ تي عبدالله کي سنڌ ڏانهن لشڪر موڪلڻ کان منع ڪري، ڪوبہ ماڻهو نہ موڪليائون.

Gul Hayat Institute

# اميرالمؤمنين علي بن ابي طالب رضي الله عنہ جي خلافت

اميرالمؤمنين علي بن ابي طالب رضي الله عنہ کي خلافت سنہ 38هہ جي آخر ۾ ملي. وقت جي بيان ڪندڙن ۽ بيان جي سلجهائيندڙن جو چوڻ آهي تہ: جڏهن خلافت اميرالمؤمنين علي رضي

الله عنہ کي پهتي، تڏهن شهر وارن جو پاڻ ۾ جهيڙو ۽ مخالفت ٿي پيئي. عامر ابن الحارِث بن عبدالقيس روايت ڪئي آهي تہ: جڏهن آسپاس جا ماڻهو مخالف ٿي پيا.

تڏهن[حضرت عليءَ] ثاغر بن ذعر(1) کي لشڪر جو سردار بنائي، هندستان جي سرحد تي مقرر ڪري، لشڪر جي مکيہ وڏن اڳواڻن جي هڪ جماعت سندس ڪمان هيٺ رکي، ۽ هو سنہ 38ھ جي آخر ۾ بهرَج ۽ ڪوهہ پايہ جي رستي کان روانا ٿيا. جتي بہ پهتا ٿي [76] تہ اتي فتحمند ۽ ڪامياب رهيا ٿي، ۽ غنيمتون ۽ غلام گهڻائي هٿ آين ٿي. نيٺ ڪيڪانانِ جبل وٽ پهتا ۽ اهي ماڻهو جنگ لاءِ سنبري بيٺا.

## هنن جي جنگ جي خبر

هُذلِي ڳالهہ ڪئي آهي تہ: انهيءَ لشڪر ۾ حارث بن مرہِ نالي هڪ بهادر مرد هو، جنهن جي ٽولي ۾ هڪ هزار هٿياربند بهادر هئا، ۽ ٿي دلير ۽ هٿياربند غلام هوندا هئس. هڪ کي پنهنجو هٿيار بردار مقرر ڪيائين، باقي ٻن کي لشڪر جو محافظ بنائي، هرهڪ کي پنج سؤ ماڻهن جو سردار ڪيائين. هو مڪران ۾ پهتو تہ اها خبر وڃي ڪيڪانان ۾ پهتي، جنهن تي ڪوهہ پايہ ۽ ڪيڪانان جا ماڻهو جمع ٿيا. [هو] سنہ 42ھ ۾ ڪيڪانان ۾ پهتا، ۽ اتي جي ماڻهن لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي لڙائي شروع ڪئي، ۽ اٽڪل ويهہ هزار مرد پيادا اچي گڏ ٿيا، جن سان اسلامي لشڪر جي لڙائي ٿي. هنن ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي وڃي گهٽ جهليو. لشڪر جڏهن جهاد کان موٽي اچي ڪيڪانان لڪ وٽ لٿو، تڏهن هن رستو روڪڻ چاهيو.[اهو حال ڏسي] عرب جي لشڪر تڪبير جو نعره هنيو، جنهن تي ڪاٻي ۽ ساڄي کان جبلن مان پڻ تڪبير جو نعرو لڳو: ”الله اڪبر“. هيءُ ٻڌي ڪيڪانان جي ڪافرن جي دلين ۾ هراس پيدا ٿيو، جنهن ڪري ڪن پيش پئي اسلام قبول ڪيو، ۽ ٻيا ڀڄي ويا. انهيءَ وقت کان اڄ تائين جنگ جي موسم جي ڏينهن ۾ انهيءَ جبل مان تڪبير جو آواز نڪرندو آهي.[اڃا] انهيءَ فتح ۾ هئا تہ [77] اميرالمؤمنين علي بن ابي طالب رضي الله عنہ جي شهادت جي خبر پهتي،[ جنهن ڪري] اتان موٽي آيا. مڪران پهچڻ تي معلوم ٿين تہ معاويہ بن اَبي سفيان خليفو ٿيو آهي.

## معاويہ بن اَبي سفيان جي خلافت

Gul Hayat Institute

معاويہ بن اَبي سفيان جي خلافت. [هجري] چاليهين سال(1) وارن مهينن ۾ قائم ٿي. تاريخ جي مصنفن، مهلب کان هن طرح روايت ڪئي آهي، ۽ هن هذلي کان ٻڌو ۽ هذلي قاسم کان نقل ڪيو، جنهن چيو تہ: مون نصر بن سفيان کان ٻڌو آهي تہ جڏهن معاويہ خلافت تي مستقيم ٿيو، تڏهن عبدالله بن سوار [العبدِي] کي چار هزار سوار ڏيئي، سنڌ ولايت تي مقرر ڪري، انهيءَ ملڪ جي حڪومت سندس حوالي ڪيائين. وڏيڪ چيائينس تہ: ”سنڌ ۾ هڪ جبل آهي، جنهن کي ڪيڪانان چون ٿا، اتي جا گهوڙا قداور ۽ موزون شڪل شباهت وارا آهن. توڪان اڳ ۾ اتي جون غنيمتون پهتل آهن. [ائين بہ چيائينس تہ] ماڻهو غدار آهن. جيڪي انهيءَ جبل جي پناهہ سبب سرڪشي ۽ شوخي ڪندا رهندا آهن.“ عمر بن عبدالله بن عمر کي ارمابيل جي فتح واسطي موڪليائين، ۽ عبدالله بن عامر کي بصره تي مقرر ڪيائين. جيئن قيس بن هيثم السلمي(2) وٽ وڃي ساڻس عمان، اَردبيل ۽ جرم جي لڙائي ۾ شامل ٿئي(3) ۽ اڪيلو هزار چونڊ ماڻهو وٺي وڃي.

(روايت:) ابوالحسن، هذلي کان روايت ڪئي آهي، ۽ هن مسلم(1) بن محارب بن زياد کان ٻڌو تہ: امير معاويہ، عبدالله بن سوار کي چار هزار سوار ساڻ ڏيئي موڪليو، ۽ سندس لشڪر ۾ ڪوبہ ماڻهو باهہ نہ ٻاريندو هو، چاڪاڻ تہ نهيل نڪيل سمر ساڻ [78] هئڻ. آخر هڪ رات اوچتو لشڪر ۾ باهہ جو شعاع ظاهر ٿيو، جاچ تي معلوم ٿيو تہ هڪ حامله عورت هئي، جنهن پار چڙهيو هو. ڪيس باهہ جي ضرورت هئي. [اها ڳالهہ ٻڌي] عبدالله ڪيس اجازت ڏني. انهيءَ زال ڏاڍيون خوشيون ڪيون ۽ تي ڏينهن لشڪر کي ڪاڏو ڪارايائين. پوءِ جڏهن ڪيڪانان جي ملڪ ۾ پهتا، تڏهن دشمن غلبو ڪيو، پر اسلامي لشڪر انهن کي شڪست ڏيئي، گهڻيون غنيمتون هٿ ڪيون. ڪيڪانين گڏ ٿي وڃي جبل جا گهٽ جهليا، ۽ چٽي جنگ چالو ٿي. اتي عبدالله بن سوار هٿيار بردارن ۽ خاص ماڻهن جي هڪ ٽولي سان بيهي رهيو، ۽ هڪل ڪيائين تہ: اي مهاجرن ۽ انصارن جا فرزندو! ڪافرن کان منهن نہ موڙيو متان توهان جي ايمان ۾ خلل اچي. شهادت جو درجو حاصل ڪريو. [هي ٻڌي] اسلام جو لشڪر عبدالله جي جهنڊي جي چوڌاري اچي گڏ ٿيو. بني عبدالقيس مان هڪ مرد ٻاهر نڪري مقابلي لاءِ للڪاريو، جنهن تي دشمن جو سردار اچي ساڻس سامهون ٿيو. ياسر بن سوار پڻ بني عبدالقيس [واري ماڻهو] سان گڏ روانو ٿيو، ۽ حملو ڪري سردار کي ڍاهي وڌائون. [اتي]ڪيڪانين جو سمورو لشڪر نڪري آيو. آخر اسلامي لشڪر شڪست کاڌي. سارو جبل مئل لشڪر سان ڀريل ڏسڻ ۾ آيو. پوءِ مسلمان مڪران موٽي آيا.

(روايت) ابوالحسن روايت ڪئي تہ مون حاتم بن قتيبہ الباهلي(1) کان ٻڌو، جنهن چيو تہ: آئون انهيءَ ڏينهن لشڪر ۾ هئس، ڏٺم تہ اِبن سوار هڪ جوان سان مقابلو ڪيو، ۽ سندس ساٿين حملو ڪري، ڪيترا دشمن قتل ڪيا ۽ ڪافي لڙائي ڪان پوءِ شهيد ٿيو. مون ڪٺلن جا ٽيپڙ ٽي لاٿا،[79] سو منديون مهرن سوڊيون مليم. پوءِ عبدالله بن عبدالرحمان العبدي چيو تہ مون سندس جنگ جا شعر ٻڌا آهن، جي اميرمعاويہ جي اڳيان ٽي چيائون:

**شعر**

مِن کابِن سوارِ اِن جاشت مرَاجِـلہ
فِي الحربِ لاَ اُوقدَت نار لهها بعدَہ
کـانـت مرَاجِلہ لِـلــرزقِ ضـامِنة
فانهن بـنــاتُ الــحربِ وَالجودَہ
[ابن سوار جو مٺ ڪونهي، اڇي ڪيس جي جوش
جنگ ۾، شل ٻري ان ڪان پوءِ ڪا جنگ جي باہ.
ديڳيون ان جون هيون رزق جـون ضامن. بيشڪ
جڻ هيون جنگ ۽ احسان جـون نياٽيون واہ واہ!]
۽ اَعورشي چيو تہ

**شعر**

اَبلِـغ رَبِـيـعـةَ اَعلاَهـا وَ اَسـفـلـهاَ
اِنا وَجـدنـا اِبــنَ ســوارِ کـســوارِ
لاَيُسمِنُ الخـيـلَ اِلا رَيـث يُمــهـلِـهـا
وَمـا سِـوَاہُ فـتـرديَ طــــولَ اَعمارَ.
[چئج وجي تون ربيعہ جي اعليٰ ۽ اسفل کي
تہ آهہ بلاشڪ ســوار جهڙو ابـن سـوار.
نتو مچائي هو گهوڙا مگر ڪو وقت قليل،
پيو ڍڪائي انهن کي وگرنہ ساري جمار

---

(1) اصل عبارت: تاعر بن دعر، اصلاح، عربي اعلام کي مدنظر رکي ڪئي وئي آهي. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

(1) اصل متن ۾ ”ارفع واربعين“ (چوئيتاليھہ) جو شايد ”اربعين“ (چاليھہ) جي بدران پيل آهي. امير معاويہ سنہ 40ھ ۾ حضرت علي رضہ جي شهادت بعد ايليا جي شهر ۾ خلافت جي بيعت ورتي. ڏسو تاريخ طبري سنہ 40ھ هيٺ. (ن- ب)

(2) اصل ۾”قيس بن هاشم السلمي“: هيثم صحيح آهي ۽ نہ هاشم- ڏسو يعقوبي ج 2، ص 193، ديوانُ فرزدق طبع پئرس ص 119، طبع مصر ص ص 761 ۽ 776، تاريخ ابن خلدون. بقية جزءُ ثاني ص ص 33-34، نقائض جرير و فرزدق ص ص 723، 726 ۽ 738، بخاري: ڪبير ج 4، ص 145. (ن-ب)

(3) اصل فارسي ڇاپي جي عبارت: ”وبا او بغزو عمان و اردبيل و جرم وكند“: ظاهراً هن عبارت ۾ خلل آهي. پ ن پ س ۾ ”جرم كند“: آهي يعني هنن ٻن لفظن جي وچ وارو عطف ڪونهي ۽ غالباً اتي ڪو ٻيو لفظ ڇڏيل آهي ۽ اسان جي خيال ۾ ”شركت“ ئي اهو موزون لفظ آهي. انهيءَ لحاظ سان غالباً صحيح عبارت هن طرح ٿيندي: ”با او بغزو و عمان و اردبيل و جرم شركت كند“. ترجمو بہ انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. (ن-ب)

(1) اصل عبارت ۾ ”مسلم“ آهي، جو صحيح نہ آهي، مسلمہ بن محارب مشهور راوي آهي- ڏسو بلاذري: انساب الاشراف ج 4 ص ص 73 ۽ 81، نقائض جرير و فرزدق ص ص 726، 730 ۽ 734، جاحظ: البيان ج 2، ص 2، 9، ۽ بخاري: تاريخ ڪبير ج 4، ص ص 379 ۽ 387. (ن- ب)

(1) اصل لفظ ”البهلي“ جو حقيقت ۾ ”الباهلي“ جي بگڙيل صورت آهي. (ن- ب)

Gul Hayat Institute

## هند جي سرحد تي سِنان بن سلمہ بن المُحبقِ الهذَلِي جو والي ٿيڻ

هن تاريخ جي سلجهائيندڙن هذَلِي ۽ عيسيٰ بن موسيٰ کان روايت ڪئي آهي، جنهن پنهنجي پيءُ کان روايت ڪئي تہ: عبدالله بن سوار شهيد ٿيڻ وقت [پنهنجي جاءِ تي]سِنان [80] بن سلمہ کي مقرر ڪيو. انهيءَ کان پوءِ امير معاويہ، زياد ڏانهن لکيو تہ: ڪو اهڙو ماڻهو جو هند جي سرحد لاءِ موزون هجي، ڏسي، اتي جو گورنر بناءِ. حڪم پهچڻ تي زياد
ڏانهس لکي موڪليو تہ "مون وٽ بہ ماڻهو آهن، جيڪي انهن جي لياقت رکن ٿا:احنف بن قيس [۽ سنان بن سلمہ الهذلي": جنهن تي امير معاويہ هن] ڏانهن لکي موڪليو تہ: ["احنف کي سندس ٻن ڏينهن مان ڪهڙي ڏينهن جو] انعام ڏيون؟ ام
المؤمنين [سانبيوفائي جو يا صفين واري ڏينهن اسان جي برخلاف ڪوشش ڪرڻ جو؟ تنهن ڪري سنانکي روانو ڪر." انهيءَ تي زياد هن ڏانهن لکي موڪليو تہ احنف شرف، عقل ۽ سرداريءَ جي انهيءَ درجي تي پهچي چڪو آهي، جتي هن کي حڪومت فائدو نٿي ڏئي ۽ موقوفي نقصان نٿي رسائي]. (1) پوءِ هو [سِنان] مڪران وڃي بہ سال اتي رهيو ۽ ٻن سالن هڪ مهيني کان پوءِ برطرف ڪيو ويو.

## راشد بن عمرو الجدَيدي جو، هند جي سرحد تي والي ٿيڻ

ابوالحسن، هذلي کان ٻڌو ۽ انهيءَ اسودَ کان روايت ڪئي تہ: زياد جڏهن [ سِنان] ابن سلمہ کي موقوف ڪيو، تڏهن راشِد بن عمرو کي هندستان ملڪ [جي سرحد] ڏانهن روانو ڪيائين ۽ ڪيس گورنر مقرر ڪيائين. راشد هڪ شريف ماڻهو هو ۽ همت بلند هوندي هئس. امير معاويہ هن کي سڏي تخت تي ويهاريو. ۽ گهڻي وقت تائين پاڻ ۾ صلاح ڪيائون. پوءِ[لشڪر جي] مکيہ ماڻهن کي چيائين تہ: راشد شريف ماڻهو ۽ اڳواڻ آهي. ڪيس خوش رکجو ۽ سندس فرمانبرداري ڪجو. لڙائي ۾ سندس مدد ڪجو ۽ ڪيس اڪيلو نہ ڇڏجو. راشد مڪران ۾ پهچڻ سان عرب جي بزرگن ۽ مکيہ ماڻهن سان گڏجي سِنان وٽ ويو. ڪيس مضبوط عقل وارو ۽ ڪامل ڏسي چيائين تہ: خدا جو قسم سِنان هڪ وڏي شان وارو آهي، هو سرداري ۽ سپهہ سالاريءَ جو لائق ۽ بهادر آهي. ۽ [پوءِ] ٻيئي گڏجي ويٺا. هن کي امير معاويہ، وڃڻ وقت [تاڪيد] ڪيو هو تہ هميشہ سنڌ ۽ هند

جون خبرون ڏيندو رهي. ڳجهاندر ڳالهائڻ وقت ڪانئس سنڌ جون خبرون  پڇي لشڪر جي پڪي تياري ڪيائين.

(روايت:) عبدالرحمان بن عبد رَبہ(1) السليطِي ڪان هن طرح روايت ڪن ٿا تہ هن چيو تہ: مون عبدالرزاق بن سلمہ کان ٻڌو تہ. جڏهن راشد بن عمرو سنڌ ملڪ ۾ پهتو [81] ۽ ڪوپايہ جي ڍل وصول ڪري ڪيڪانان ويو ۽ اتي وڃي اڳين ۽ پوئين ڍل وصول ڪرڻ سان گڏ غنيمتون ۽ بيفرمان غلام، جيڪي ڦرجي ويا هئا، تن تي قبضو ڪيائين. تڏهن هڪ سال[اتي رهڻ] کان پوءِ موتي سيستان جي رستي کان پنڌ ڪري، اچي ڪوه مَنذر (2) ۽ بهرَج وٽ پهتو. انهيءَ جبل جي ماٿهن لشڪر گڏ ڪيو. صبح کان ٻهپري جي نماز تائين جنگ ڪندا رهيا. نيٺ راشد شهيد ٿي ويو.[ راشد جي شهيد ٿيڻ کان] (3) پوءِ ملڪ وري سِنانَ بن سلمہ جي حوالي ٿيو ۽ سِنانَ بن سلمہ پيهر [گورنر جي حيثيت ۾] مستحڪم ٿيو(3).

## سِنانَ بن سلمہ جي دوباره اِيالت

يسار اَلقرَ شِي ڪان هن طرح روايت ڪئي اٿن تہ جڏهن راشد بن عمرو شهيد ٿيو، تڏهن زياد. سِنانَ بن سلمہ کي گورنر بنايو ۽ [مٿس] فخر ڪيائين، ڇاڪاڻ تہ هو پيغمبرﷺ جي زماني ۾ ڄائو هو، ۽ جڏهن سندس پيءُ کي سندس ڄمڻ جيلله خوشخبري ملي هئي تہ پيغمبرﷺ فرمايو هو تہ ”يا سلمہ اَبشِر بِابِنِڪ“ (اي سلم! پنهنجي پٽ تي خوش ٿي). تنهن تي هن عرض ڪيو هو تہ: جيڪڏهن پاڻ کي ۽ هن کي الله جي واٽ ۾ قربان ڪريان تہ [يقيناً] اهڙن هزار پٽن کان پلو ٿيندو. جيڪي خدا جي واٽ ۾ قربان نہ ٿين. تنهن تي رسول اللهﷺ هن جو نالو سِنانَ رکيو. هو جڏهن اڳواڻ مقرر ٿيو، تڏهن سينگاريل لشڪر ساڻ وٺي اڳتي وڌيو. [ ۽] پيغمبر عليہ الصواة والسلام کي خواب ۾ ڏٺائين، جنهن فرمايس تہ: تنهنجو پيءُ تنهنجي مردانگيءَ تي ناز ڪندو هو، اڄ تنهنجو ڏينهن آهي. گهٽيون ئي ولايتون تنهنجي هٿ ايندين ۽ انهن جو سڌارو ٿيندو. [82] پوءِ [ سنان] اتان روانو ٿي، ڪي ملڪ هٿ هيٺ آڻي وڃي ڪيڪانان پهتو، ۽ جتي بہ پهتو ٿي تہ چڱيون رسمون قائم ڪيائين ٿي. آخر وڃي ٻڌيہ ۾ پهتو. جتي ساٿس ٺڳي ڪري ڪيس شهيد ڪيائون. جنهن تي اِبن خلاص اَلبڪرَي هيءُ شعر چيو:

**شعر**

أَبلِغ سِنانَ ابـــنَ منصـورِ وَ اُخوَتهُ
أَعنِي هـٰدِيتَ (1)، كــراماً غـير أَغمار،
إِنا عتبنا عليكم فِـــي إِمارَتِكم،
وَ الدهرُ ذَا قـلـل فِـــي الناسِ دَوار،
يُعطِي الجزِيلَ وَ ينشُرُ غير مُستتر،
وَلاَ يزِيدُکَ شــرا(1) بـعـدَ اِقتدار،
لـم ينــزِلِ القوم اِذ جُنت فتاتـهـم(1)
كابنِ المُعلي وَلاَ مِـثـل ابنِ سوار،
وَلا ابنَ مُـرةَ اِذ أَودَي الـزمــان بِه،
كم فـلـلَ الدهر مِــن تــاب وَ أَظفار.
[چئج سنان بـــن منصور، ان جي پائن کي،
اهي سڳورا جـــي آهن ڪريم، تجربيڪار،
ٿياسون رنج توهان تي توهان جي اميريءَ ۾،
زمــانو ڏاڍو آ تڪليف ده، وڏو مـــڪار،
ڏئي ٿو دولت تنهن کي پڇي نـــ جو دولت،
ٿئي فقير سان هرگز نہ سـو ڪڏهن غدار،
ٿئي ذليل جڏهن قوم ڏيــس ڪونہ پناهہ،
ڏئي جيئن اِبن مُعلي، ڏئي جيئن اِبن سوار،
يا جيئن ڏني ٿي اِبن مُـــره پر ٿيو هو تباهہ،
زماني ڪيئي ڪيا مرد شير دل بيڪـــار.]

**مُنذِر بن جارود بن بِشر جو والي ٿيڻ**

Gul Hayat Institute

پوءِ [هيءُ] ملڪ مُنذِر بن جارود بن بِشر جي حوالي ٿيو. جڏهن خليفي جي حڪم سان، مُنذِر گورنريءَ جي پوشاڪ پهري، سن ايڪهٺ [هجري] ۾ جنگ تي روانو ٿيو، تڏهن سندس ڪپڙو ڪنهن اُيپيءَ ڪاٺيءَ ۾ اٽڪي ڦاٽي پيو، [جنهن تي] عبدالله بن زِياد [83] غمگين ٿي چيو تہ: مُنذِر جي فال چڱي نہ ٿي آهي. آخر انهيءَ ڪان موڪلائي موٽي آيو ۽ روئي چيائين تہ مُنذِر هن سفر تان موٽي ڪونہ ايندو، بلڪ مري ويندو. [هڪ ڏينهن] ابن زِياد کي عبدالعزيز چيو تہ: مال جو

نقصان ٿي رهيو آهي، ۽ توهان ڪنهن کي مقرر نٿا ڪريو ڇو؟ ڇيائين ته مُنذِر کي موڪليو اٿم. جنهن سان لڙائي ۾ بهارديءَ ۾ ڪوبہ مقابلو نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن بخت مددگاري ڪيس ته مطلب حاصل ڪري موٽي ايندو.

**منذر جي حڪمراني** (1)

مُنذِر جڏهن اتان روانو ٿي دشمنن جي ملڪ ۾ پهتو ته [اوچتو] پُورالي [ندي] جي حد ۾ بيمار ٿيو ۽ ساهہ خدا تعاليٰ جي حوالي ڪيائين. سندس پٽ حڪم بن مُنذِر، ڪِرمان ۾ هو. تنهن ڏانهن [بيماري جو] لکي موڪليائين. [هن جي مرڻ کان] پوءِ سندس [منذر جي]پاءُ، عبدالعزيز کان انهيءَ ملڪ جي [گورنري جي] گهر ڪئي، ۽ [عبدالعزيز وڃي حجاج سانڳالهايو]: حجاج دروازي تي پهتو ته نماز جي بانگ جو آواز آيو. عبدالعزيز ڏانهن منهن ڪري حجاج چيو ته: بانگ جو آواز منهنجي ڪن تي نہ پوي ها ته سندس [يعني منذر جي] پاءُ کي انهيءَ خط آڻڻ سبب سزا ڏيان ها. اسان جي برگزيدن ۽ مکيہ ماڻهن مان هڪ بزرگ خدا تعاليٰ جي واٽ ۾ پنهنجي جان فدا ڪئي آهي، ۽ سندس جاءِ تي سندس پٽ موجود آهي، ۽ تون تو [پاڻس لاءِ] گورنري گهرين؟

**حڪم بن مُنذِر جو والي ٿيڻ**

بيان ڪن ٿا ته: جڏهن حڪم آيو، ۽ عبيدالله کي اطلاع ڏنائون، تڏهن هن رنو ۽ غمگين ٿيو ۽ سندس [منذر جي] پٽ [حڪم] کي گهرائي، ڪيس ٿي لک درهم بخشيائين. انهيءَ کان پوءِ بہ ڇهن مهينن تائين هند جي گورنري سندس حوالي هئي. جڏهن حڪم [گورنريجي] خلعت پهري، ۽ هو هڪ همت وارو ۽ بهادر هو. تڏهن عبدالله[ بن] اَلاعورَ الحِرمازِي (1)اتي هي شعر پڙهيا [84].

يا حــڪــم بــنِ المُنذِرِ بنِ الجارُود

اَنــــتَ الجـــواد و الجــود محمُود

سُرَادقُ المجد علــيــڪَ مــمــدُود

نبت فِي الجُودِ فِــي اَصــلِ الجُودُ

[اي مُنذر -جارُود جــا فرزند حــڪــم!

آهين بيشڪ تون سخي ۽ سخي آهي محمود.

توکي چوُطرف بزرگي جـــو رهي ٿو گهيرو،

آهين جائو تون سخا ۾ تنهنجوبنياد آ جوُد]

Gul Hayat Institute

## عبدالملڪ بن مروان جي خلافت

تاريخ جي راوين هن طرح بيان ڪيو آهي تہ: جڏهن عبدالملڪ بن مروان آيو تہ هن عراق، هند ۽ سنڌ حجاج بن يوسف کي ڏنا، ۽ حجاج، سعيد بن اَسلم ڪلابي کي مڪران موڪليو. هن جي اتي پهچڻ کان پوءِ [هڪ شخص] سفهوي بن لام الحمامِي، اُزد [قبيلي] مان، اتي آيو. سعيد ڪانئس گهر ڪئي تہ: آءُ جتي بہ منزل ڪريان تہ تون مون سان هج، ۽ منهنجو مددگار ٿيءُ. جواب ڏنائين تہ: مون وٽ لشڪر ڪونہ آهي. تنهن تي هن چيو تہ: خلافت جي دفتر کي حڪم ٿو ڪريان. هن چيو تہ: خدا جو قسم تنهنجي زبردستيءَ ۾ نہ ايندس جو شرم ٿو اچيم.

سعيد [ڪاوڙجي] هن کي پڪڙي، قتل ڪيو ۽ سندس ڪل لاهي ان جو سر حجاج ڏانهن موڪلي، پاڻ مڪران وجي مقيم ٿيو. ۽ ڍل وصول ڪرڻ لاءِ اعتماد جوڳا ماڻهو مقرر ڪري، صلح ۽ نرميءَ سان، هندستان جو گهٽوئي محصول وصول ڪيائين. آخر هڪ ڏينهن جيئن مال ڪنيو ٿي آيو تہ مرج (1) ۾ عِلافِين سان مقابلو پيش آيس.

---

(1) چورس ڏنگين ۾ ڏنل احوال ابن قتيبہ جي ڪتاب عيون الاخبار (ج 1، ص 227) تان درست ڪري ڏنو ويو آهي: فتحنامہ جي اصل عبارت هن طرح آهي ۽ اها ظاهراً ناقص آهي: "زياد احنف بن قيس را فرمود ڪہ هم او مسند است و مؤمنان است". (ن- ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ هن جاءِ تي عبدالله آهي مگر پ ۽ ر جي پڙهڻي "عبدربہ" آهي جا صحيح آهي. فارسي ڇاپي ۾ ص [234] تي هن ساڳئي نالي جي پڙهڻي پ مطابق "عبدربہ" ڏني وئي آهي ۽ ان جاءِ تي بہ ر ۽ م جي پڙهڻي "عبدربہ" آهي. (ن-ف)

(2) فارسي ڇاپي ۾ "ڪوه مندر" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي مگر پ، ن، ڪ جي پڙهڻي "ڪوه منذر" آهي جا زياده قرين قياس آهي. غالباً انهيءَ جبل تي اهو نالو عرب جي هئي هڪ گورنر "منذر بن جارود" جي ڪري پيو. (ن-ب) (3)-(3) فارسي ڇاپي جي عبارت: "بازولايت بہ سنان سلمہ ديگر بار مستحڪم شد" آهي جا شايد پ مطابق آهي. ن، ر، م مطابق: "باز ولايت بہ سنان بن سلمہ دادند، سنان بن سلمہ ديگر بار مستحڪم شد" هي عبارت ڪليل آهي ۽ ترجمو بہ انهيءَ مطابق ڏنو ويو آهي. (ن- ب)

(1) فارسي ايڊيشن ۾ هدِيت جي بدلي هذيلا وَلايزيدُڪَ شراَ جي بدلي وَلاَ يزيدُشري ۽ اِذ جئنتِ فتحانهم جي بدلي اذ جنت فتحاتهم پڙهڻيون ڏنل آهن. هت هدِيتِ، ولايَزِيدُڪَ شرا ۽ اِذ جئنتِ فتحانهم پڙهڻيون اختيار ڪيون ويون آهن.

Gul Hayat Institute

جي علامہ عبدالعزيز الميني سابق پروفيسر عربي، مسلم يونيورسٽي عليگڙھ، فاضل ايڊيٽر (ڊاڪٽر دائودپوٽا) ڏانهن لکي موڪليون هيون. ڏسو فارسي ايڊيشن، ص 261. (ن-ب)

(1) ن ۾ هيءَ عبارت ڪانهي.

(1) اصل لفظ سيني نسخن ۾ "الحواري" آهي. ڪيل تصيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [84]. (ن- ب)

(1) سيني نسخن ۾ "مرج" آهي. مرج جي معنيٰ گاھ وارو ميدان. مگر هن خطبي ۾ اهڙي جڳهہ جو نالو عربي تاريخن يا جاگرافين ۾ نٿو ملي. غالباً هي لفظ "بهرج" جي بگڙيل صورتخطي آهي. فارسي ڇاپي جي فاضل ايڊيٽر جي راءِ ۾ هي لفظ غالباً بهرَج آهي. بهرج ڪرمان ۽ مڪران جي سرحد جو شهر هو، جنهن جو ذڪر هن کان اڳ ص [76] تي اچي چڪو آهي. (ن- ب)

Gul Hayat Institute

# عِلافينِ ۽ سندن بغاوت جي خبر

قتيبہ بن اَشعث کان روايت ڪن ٿا تہ: هڪ ڏينهن ڪليب بن خلف [85]المغني، عبدالله بن عبدالرحيم العلافي ۽ محمد بن معاويہ العِلافي ويهي پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ سفهوي بن لام اسان جي ملڪ عمان جو ماڻهو هو ۽ اسان جي طرف جو ساڻس لاڳاپو آهي. سعيد ڪي اسان جي قرابت وارن ڪي قتل ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ سو جيئن هو [سعيد] ڏِل ڪنيو، مرج(1)۾ ٿي آيو تہ [هن جي] سامهون ٿيا. [پهريائين] ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيائون، پر نيٺ وڃي جنگ جي حد ڪي پهتا، ۽ علافين غلبو ڪري، سعيد کي ماري پاڻ مڪران ۾ ڪيپي ويٺا. جنهن تي فرزدق هي شعر چيو:

سقي الله قبراً يا سعيدُ تضمنت

نواحيہِ اکفانا عليکَ ثِيابُها

[وَحفرةً بيتِ اَنتَ فِيها مُوَسد

وَقد سد مِن دُونِ العوائِدِ بابُها]

لقدُ ضمنت اَرض قمکران سيداً

کريماً اِذَا الانوَاءِ خف سحابُها

شديدَ اعلي الاَدنين مِنکَ اُذا احتويٰ

عليکَ مِنَ الترب الهيام حِجابُها

[لِتبکِ سعيداً مُرضِعِ اُم خمسة

يتاميٰ وَمِن صرفِ القراح شرابُها]

اِذَا ذُکرت عينيِ سعيداً تحدرَت

عليٰ عبرَات يستهل انسکابها(2) [86]

[سعيد! تنهنجي قبر کي رکي خدا شل خوش،

جنهين جي پيٽ ۾ تنهنجي ڪفن جا ڪپڙا ٿيا.

رهي سا ڪوٺي سلامت تون جنهن ۾ آرامي، حالانڪ آئي وئي کان انهيءَ جا در پوريا.

رهيو زمين ۾ مڪران جي اهو سيد،

ڪکر وسيا ٿي جنهن جا جڏهن نہ مينهن وسيا.

ٿيا الم ۾ گرفتار تنهنجا سڀ ويجها،

Gul Hayat Institute

جڏهن مٿان تنهنجي سنهڙي مٽيءَ جا پردا وريا.
رئي سعيد کي سا ماءُ، پنج ٻچا جنهن کي،
يتيم، ڪجهه نہ رهيو آ وٽس پاڻيءَ ڪانسواءِ.
اکين کي ياد پوي ٿو جڏهن سعيد تڏهن،
وهن ٿا لڙڪ انهن مان، ٿا جيئن وهن نارا.]
پوءِ حجاج، سعيد جي ماڻهن کان ڪاوڙجي پڇيو تہ: توهان جو امير ڪٿي آهي؟ جيئن تہ هنن اقرار نٿي ڪيو، تنهنڪري ڪن کي ترار جو لقمو بڻايائين. تڏهن نيٺ اقرار ڪيائون تہ عِلافِينُ بيوفائي ڪري، ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ تہ حجاج، ٻني ڪِلاب مان هڪ ماڻهوءَ کي حڪم ڏنو [جنهن وجي] سليمان عِلافيءَ کي ڪُٺو ۽ سندس سسي سعيد جي پونيئرن جي گهر موڪلي، ڪين دلداري ڏيئي، سندس قريبن کي نوازيائين. پر تڏهن بہ حجاج بن اَسلم، بِشر بن زياد، محمد بن عبدالرحمان، اسماعيل بن اسلم، سعيد جا آزاد ڪيل غلام ۽ سندس ٻانها نعرا هڻندا رهيا ۽ روج راڙو ڪندا رهيا. صعصعہ بن مجريہَ (1) ڪِلابِي هيءَ شعر چيو:
اَعاذِل ڪيفَ لِي بهمُومِ نفسِي
بِذِڪريُ تـابِعا فِـيها سعيدا
واِخـوَانا له سـلفوا جمِـيعا
غطارفة مـن الادنـين صيـدا
اِذَا ما الدهر حل فـلم يـڪونوا
بِمـا قـدحـل مِـن اَمـر شـهُـودا
بِقندابِيل حـيـثُ تـري المتايا
و قدلاقت بِـهِـم ڪـرما وَجوُدا
وَلاَ تـشـمـِت بنا سوُقا (2) ستلقيُ
مِنَ الاَجـالِ مِطرقة حدِيـدا[87]
[ٻِڏاءِ عاذل ڪريان مان ڇا غمن کي،
سعيد جي ياد ۾ جن ڪيو آ بيڪار،
۽ پڻ پائر سندس جـي ويـا گذاري،
اقارب پڻ هئا جي جملي سردار.

زماني ڪان جي آئي ڪا مصيبت،
ڏسي رهيا نہ سي خاموش هوشيار.
هو قندابيل ۾، جو موت جو گهر،
مليا وجي موت سان سخين جا سردار،
ڪلائج ڪين ماڻهو تون جهلينديـن،
اجل جا مطرقا لوها خبردار!]

## مُجاعَه بن سعرِ بن يزيد بن حذَيفہَ [التمِيمِي] جو والي ٿيڻ

هن تاريخ جا سنواريندڙ روايت ڪن ٿا تہ: بشر بن عيسيٰ صاحب الخلاط (1) فرقد (2) بن مُغِيره ۽ عمرو بن محمد التميمي ڪان بيان ڪيو تہ: جڏهن حجاج مُجاعة بن سِعر کي مڪران (3) ڏانهن موڪليو، [چاڪاڻ تہ] سن پنجاسي [هجري] ۾ هِند ۽ قندابيل جا ملڪ[پڻ] حجاج جي ذمي ڪيا ويا هئا، عِلاقِي، مُجاعة جي پهچڻ ڪان اڳ پيجي ويا. مُجاعةسندن ڳولا ڪئي، پر هو سنڌ جي راجا ڏاهر بن چچ وٽ هليا ويا. مُجاعة هڪ سال مڪران ۾ رهي، جان خدا جي حوالي ڪئي.

## محمد بن هارون بن ذراع النمرِيءَ جو والي ٿيڻ

جڏهن سال ڇهاسي [هجري] آيو [۽] خلافت وَلِيد بن عبدالملڪ بن مروان کي ملي، تڏهن[هِند جو] مُلڪ محمد بن هارون جي حوالي ڪيائين. تاريخ جا مصنف هن طرح روايت ڪن ٿا تہ: جڏهن مُجاعة جي عمر پوري ٿي تہ حجاج بن يوسف، محمد بن هارون(1) کي هندستان جي طرف مقرر ڪيو ۽ کيس حڪومت هلائڻ ۾ آزاد رکيائين، ۽ ديواني مال وصول ڪرڻ جو تاڪيد ڪري، چيائينس تہ: عِلافين کي ڳولج ۽ ڪيئن بہ ڪري ڪين هٿ آڻي، سعيد جو انتقام وٺج. پوءِ محمد، سن ڇهاسي جي اوائل ۾ هڪڙي عِلافي کي هٿ ڪيو ۽ خليفي جي فرمان مطابق انهيءَ کي قتل ڪري،سندس سر حجاج ڏانهن موڪليو، ۽ انهيءَ متعلق حجاج جي خدمت ۾ هڪ خط لکيائين. [88] انهن ۾ ذڪر ڪيائين تہ هڪ علافيءَ کي ترار جو ڪاج ڪيو ويو ۽ جيڪڏهن عمر وفا ۽ بخت ياوري ڪئي تہ ٻين کي پڻ گرفتار ڪيو ويندو. محمد بن هارون پنج سال [رهي]، درياءُ ۽ بيابان فتح ڪيو.

Gul Hayat Institute

# انھن تحفن ۽ سوکڙين جو ذڪر، جيڪي سرانديپ ڪان وقت جي خليفي ڏانھن موڪليا ويا ھئا

چون ٿا تہ: سرانديپ جي راجا، جزيره يواقيت (1) مان حجاج لاءِ ٻيڙيءَ رستي تحفا ۽ سوکڙيون موڪليون، [انھن سان گڏ] عجيب موتي ۽ جواھر، حبشي ٻانھا ۽ ٻانھيون، پڻ ٻيا لائق تحفا ۽ بيمثال ۽ سانڍڻ لائق سوکڙيون دارالخلافت ڏانھن بہ روانيون ڪيائين. ڪي مسلمان زالون پڻ ڪعبي [شريف] جي زيارت ۽ خلافت جي تختگاھ جي ڏسڻ لاءِ انھن سان گڏجي روانيون ٿيون. جڏھن قازرون ملڪ ۾ پھتا تہ مخالف واءُ اٿيو ۽ جھازن کي توائي ڪري، وڃي ديبل جي ڪناري تي ڪڍيائين. ھڪ چورن جو ٽولو جن کي نڪامره (2) چوندا ھئا ۽ ديبل جا رھاڪو ھئا، سي ائن ئي جھازن کي پڪڙي، انھن ۾ پيل سامان ڪٽي، مردن ۽ زالن کي گرفتار ڪري، سامان ۽ جواھر سڀ دوئي ڪٽي ويا. سرانديپ جي بادشاھ جي ماڻھن ۽ عورتن گھڻوئي چيو تہ ھو، ھيءُ مال وقت جي خليفي ڏانھن نيئي رھيا آھن، مگر انھن توجھہ نہ ڪيو ۽ سيني کي بند ڪري چيائون تہ: جيڪڏھن توھان جو ڪو دادرسي ڪندڙ آھي تہ پاڻ کي وري خريد
ڪريو. اُتي ھڪڙيءَ زال دانھن ڪري [89] چيو تہ: ”يا حجاجُ! يا حجاجُ! اَغثني اَغثني“ (او حجاج! او حجاج! منھنجي واھر ڪر، منھنجي واھر ڪر!). اھا عورت بني عزيز(1) قبيلي مان ھئي. حجاج ھيءَ ڳالھہ ٻڌي چيو: ”لبيکَ لبيکِ“ وسط اسعدي ٻڌايو تہ: جڏھن ديبل فتح ٿيو. تڏھن انھيءَ زال کي ڏٺم: سندس چمڙي سفيد ۽ قد ڊگھو ھو. ديبل جا واپاري آيا، ۽ جيڪي ماڻھو انھيءَ ٻيڙي مان ڀڄي نڪتا ھئا، تن اچي حجاج کي ھن حال جي خبر ڏني تہ: مسلمان زالون ديبل ۾ قيد آھن. ”يا حجاج! يا حجاج! اَغثني اَغثني“ چئي فرياد ڪري رھيون آھن. حجاج ھيءَ ڳالھہ ٻڌي چيو: ”لبيکَ لبيکِ“ (”حاضر آھيان، حاضر آھيان“). پڻ روايت ۾ آھي تہ: حجاج کي جڏھن مسلمان عورتن جي خبر پھتي تہ [ھو چئيرھيون آھن] ”اي حجاج اسان جي واھر ڪر.“ تڏھن چيائين تہ [انھن عورتن] جڻ مون کي ننڊ مان بيدار ڪيو آھي تہ ظالمن ۽ نالائقن ڪان اسان جي فريادرسي ڪر، جو قيد ۾ پيون آھيون.

### حجاج جو ڏاھر ڪافر ڏانھن قاصد موڪلڻ

Gul Hayat Institute

پوءِ حجاج، ڏاهر بن چچ ڏانهن هڪ قاصد موڪليو، ۽ محمد بن هارون ڏانهن [پڻ] خط لکيائين تہ: هن قاصد سان ڪو اعتماد جوڳو ماڻهو ساڻ ڏيئي، ڏاهر بن چچ ڏانهن موڪل تہ وڃي ڪيس چوي تہ مسلمان عورتن کي ڇڏي ڏئي، ۽ دارالخلافت جا تحفا واپس ڪري، پڻ زالن جي حالت بہ معلوم ڪري. هڪ خط ڏاهر ڏانهن پڻ لکيائين، جنهن تي پنهنجي هٿ مبارڪ سان صحي ڪري قاصد کي ڏنائين، جنهن ۾ [90] نهايت تاڪيد سان دڙڪو داٻ لکيائين. جڏهن هيءُ خط ڏاهر بن چچ کي پهتو، ۽ ميدن جو ديبل پڻ ڏاهر بن چچ جي بادشاهيءَ ۾ هو، تڏهن خط پڙهي ۽ جيڪي پيغام موڪليل هئا سي ٻڌي، جواب ڏنائين تہ:"هيءُ ماڻهو چور آهن ۽ انهن کان وڌيڪ طاقتور ڪو ڪونہ آهي: اسان جي پڻ تابعداري ڪونہ ڪندا آهن."

## حجاج جي دارالخلافت کان اجازت گهرڻ

هن خبر پهچڻ تي حجاج، [خليفي] وليد بن عبدالملڪ جي خدمت ۾ اطلاع موڪلي، ڪانئس سنڌ ۽ هند جي جهاد جي اجازت طلب ڪئي. [خليفي] حجاج کي موڪل نہ ڏني.[جنهن تي حجاج وري] ٻيو پيرو لکيو. آخر اجازت ڏني ويئي. پوءِ حجاج، عبيدالله بن نبهان السلمي کي مڪران [جي جنگ] تي مقرر ڪيو. [هوڏانهن] بُدَيل [ابن طهفة البجلي] کي حڪم ڏنائين تہ: محمد بن هارون وٽ وڃ. ۽ مڪران پهچي ڪيس [دارالحڪومت مان]لشڪر جي موڪلڻ جي خبر ٻڌائج، جيئن هو [پڻ] ٽي هزار ماڻهو توسان گڏ روانا ڪري. بُدَيل ٽيهن سون جنگي جوانن سان روانو ٿيو. عبيدالله پڻ ان سان گڏ(1) عمان جو سمنڊ (عربي سمنڊ) ٽپي، اچي ديبل (2) جي قلعي وٽ پهتو. [طهفة جي هٽان] جڏهن محمد بن هارون کي حجاج جو خط مليو، تڏهن هن هڪ جماعت هن سان گڏ رواني ڪئي، ۽ هو اچي ديبل پهتو. ديبل جي رهاڪن، ڏاهر ڏانهن اروڙ ڏي ماڻهو موڪليو تہ ڪيس بُدَيل جي ديبل اچڻ جي خبر ٻڌائي. [اهو ماڻهو] جيسينہ(1) بن ڏاهر کي، جو نيرون ۾ هو، خبر ٻڌائيندو، ڏاهر ڏانهن ويو [91].

## جيسينہ بن ڏاهر جو نيرون کان پهچڻ

ڏاهر، جيسينہ(2) کي چار هزار سوار، اُٺ ۽ هاٿي ساڻ ڏيئي جلدي روانو ڪيو، جو اچي بديل کي سامهون ٿيو. [انهيءَ وچ ۾] بديل، ديبل جي بهادرن کي شڪست ڏيئي چڪو هو. جيسينہ (2) چار هاٿي ۽ ٻيو ساز سامان وارو لشڪر ساڻ ڪري آيو، ۽ اچي لڙائي ڳنڍيائين.

Gul Hayat Institute

صبح کان شام ترڻ تائين ٻنهي طرفن ۾ لڙائي چالو رهي. عين لڙائي هلندي، سوارن جي غلبي ۽ هاٿين کان بديل جو گهوڙو ٿهڻ لڳو. بديل دستار لاهي، گهوڙي جون اکيون ٻڌي حملو جاري رکيو ۽ تنهن کان پوءِ [به] اسي ڪافرن کي جهنم ۾ موڪلي، پاڻ شهيد ٿيو. پوءِ جيسِنهِ هڪ لشڪر کي مقرر ڪيو ۽ ستر هاٿي سندس نگرانيءَ ۾ ڏيئي، ديهه بکري ڪيس جاگير ڏنائين.

## بُدَيل جي شهيد ٿيڻ جي خبر

روايت ڪئي اٿن ته: جڏهن حجاج کي بُدَيل جي شهيد ٿيڻ جي خبر پهتي، تڏهن غمگين ٿي چيائين ته: ”اڙي بانگا، جنهن وقت به نماز جي بانگ چوين ته دعا ۾ مون کي بديل جو نالو ياد ڏياريندو رهج، جيئن سندس بدلو وٺان.“ پوءِ انهيءَ لشڪر مان هڪ ماڻهو[92] آيو ۽ حجاج جي آڏو جنگ جو بيان ڪندي، بُديل جي بهادريءَ ۽ مردانگيءَ جو بيان ڪيائين. جا هن انهيءَ جنگ ۾ ڏيکاري هئي، جيستائين جو هو ڪسي ويو ۽ اسلامي لشڪر کي شڪست آئي [چيائين] ته ”مان حاضر هوس ۽ سندس مردانگي ۽ همت ڏسي رهيو هوس.“جڏهن ڳالهه ڪري پوري ڪيائين، تڏهن حجاج چيو ته: ”جيڪڏهن تون بهادر مرد هجين ها ته بُدَيل سان گڏ قتل ٿين ها.“ [ائين چئي،] هن کي سزا ڏيڻ جو حڪم ڏنائين.

(بديل جو شهيد ٿيڻ:) عبدالرحمان بن عبدربه(1) کان روايتن ۾ آڻين ٿا ته: جڏهن بُديل قتل ٿي ويو، تڏهن ڪوٽ نيرون(2) جا ماڻهو اچي ڏِنا ته عرب جو لشڪر هن ظلم جي بدلي وٺڻ لاءِ ضرور ايندو ۽ اسين سندن لنگهه تي آهيون. [جنهن ڪري] پهرين اسان تي ڪاوڙ چنڊيندا، ۽ اسان برباد ۽ تباهه ٿي وينداسون. انهيءَ وقت نيرون جو حاڪم سندر نالي هڪ شمني هو. [تنهن] ڏاهر جي اطلاع کان سواءِ، پنهنجا معتبر ماڻهو حجاج جي خدمت ۾ موڪلي، امان نامو گهريو ۽ پاڻ تي ڍل مقرر ڪئي، [جنهن جي لاءِ انجام ڪيائين ته] وقت تي ادا ڪندو رهندو. امير حجاج انهن کي امان جو پروانو لکي ڏنو ۽ مضبوط انجام سان دلجاءِ ڏيئي چيائين ته: اهڙيءَ طرح بندوبست ڪيو، جيئن اسان جا قيدي آزاد ٿين. ۽ جيڪڏهن نه ته چين جي حد تائين ڪافرن کي نه ڇڏيندس، [بلڪ] اسلام جي ترار سان[ڪين] ذليل ۽ خوار خراب ڪندس.“

Gul Hayat Institute

اتي عامر بن عبدالله [حجاج ڏانهن] پيغام موڪليو تہ هند جو ملڪ منهنجي حوالي فرماءِ. حجاج چيو تہ تون طمع تو رکين. پر نجومين حساب ڪري فيصلو ڪيو آهي، ۽ مون پڻ ڪڍُو وڌو آهي، تہ هند جو ملڪ امير عمادُالدين محمد بن قاسم ثقفي جي هٿان فتح ٿيندو[93].

---

(1) غالباً بهرج: ڏسو حاشيه ص 117. (ن- ب)

(2) اصل جملي نسخن ۾ صرف هيٺيان چار شعر ڏنل آهن. فارسي ڇاپي ۾ انهن جي پڙهڻي هن طرح قائم ڪئي ويئي آهي:

سقي الله قبراً من سعيد فاصبحتَ
نواحيہ ارهي عـلـيـک تـرابـُـهـا
لقد ضمـنـت ارض بـمـڪرانَ سيدا
ڪريماً جـــواد لايـُـوَاڪِفُ سحابها
شديدا علي الادنـين مِـنـکَ احسَنوا
عِليک من الثوب المهام حجابها(؟)
اذا ذُڪرت عيني سعيدا تـجددَت
لها عبراَت يستهِل انـســڪا بها

اسان جي پڙهڻي جو مدار، علامہ عبدالعزيز الميمني، سابق پروفيسر مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ جي ڪيل تصحيح تي آهي. (ڏسو فارسي ڇاپي ص 261). فرزدق جا اهي شعر سندس ديوان (طبع بيروت، طبع صاوي قاهره ص 102، ۽ هيل ميونچ سن 1900، رقم 3 و رقم 500) ۾ موجود آهن. متي چورس ڏنگين ۾ ڏنل مصرعون (نمبر 2 ۽ 4) ديوان تان پيتي ڏنيون ويون آهن. فتحنامي جي جملي نسخن ۾ اهي ڪٽل آهن. (ن-ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي "مجربہ" آهي مگر استاد علامہ عبدالعزيز الميمني جي راءِ ۾ عربن ۾"مجريہ" نالو آهي ۽ نہ "مجربہ". انهيءَ لحاظ سان "مجربہ" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي. (ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ "سوقا" آهي. ڪيل تصحيح استاد علامہ الميمني طرفان آهي. (ن-ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ "صاحب الخاط" آهي. تصحيح استاد علامہ عبدالعزيز الميمني طرفان آهي. (ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ "برقد" آهي. تصحيح استاد الميمني طرفان آهي. (ن-ب)

(3) جملي نسخن ۾ "خراسان" آهي، مگر اهو غلط آهي جيئن اڳتي هلي واضح ٿئي ٿو. (ن-ب)

(1) تحفتہ الڪرام جي روايت موجب هيءُ ماڻهو بلوچن ۽ جتن جو ڏاڏو آهي. ڏسو تحفتہ الڪرام ص 28، ج 4. (مترجم)

Gul Hayat Institute

(1) لفظي معنيٰ جي لحاظ سان ”ياقوتن جو ٻيٽ“.

(2) ن ب: ننڪامره، م تنڪامره، ح لڳامره، س بڪامره.

(1) پ بني عزيز.

(1) هت اصل متن ۾ ”باوي“ يعني ان سان گڏ. تاريخي تسلسل جي لحاظ کان ”ان سان گڏ“ لفظ هتي بي موقعي آهن ۽ سڄي مضمون کي خراب ڪري رهيا آهن. بلاذريءَ جي لکڻ موجب عبيدالله بن نبهان، بديل بن طهفة کان اڳ ديبل ۾ لڙائي ڪندي شهيد ٿي ويو. تنهن کان پوءِ حجاج، بديل بن طهفة کي ديبل روانو ڪيو. ڏسو بلاذري ص 36-435. (ن-ب)

(2) اصل جملي نسخن ۾”نيرون“ آهي جو غلط آهي. صحيح ديبل آهي. ڏسو بلاذري ص 435. (ن-ب)

(1) جملي نسخن ۾ هن نالي جي صورتخطي ”جيسنہ“ آهي جو معنيٰ جي لحاظ سان جيسيه ٿيندو“ دراصل”جيسينه “(يعني ”سوپارو شينهن“) آهي. هن کان اڳ ساڳي طرح ”ڏهرسينه“ جو نالو اچي چڪو آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان سڄي ڪتاب ۾ هن نالي جي پڙهڻي ”جيسينہ“ قائم ڪئي وئي آهي. (ن-ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ ”عبدالله“ ن ۾ صاف طور ”عبدربہ“ آهي ۽ پ.ر.م جي پڙهڻين مان بہ ظاهر آهي تہ اصل لفظ ”عبدربہ“ آهي. هي راوي ساڳيو ”عبدالرحمان بن عبدربہ السليطي“ آهي.جنهن جو [81] تي ذڪر اچي چڪو آهي.(ن-ب)

(2) اصل عبارت: حصن ؟ نيرون

# عمادالدين محمد بن قاسم [بن محمد بن حڪم] بن أبي عقِيل ثقفِي جو والي ٿيڻ

خبرن ۾ تصرف ڪندڙ ۽ روايتن جا تفسير ڪندڙ هيئن ٿا چون ته: جڏهن دارالخلافت طرفان سنڌ جو ملڪ حجاج بن يوسف ثقفيءَ جي حوالي ٿيو، تڏهن محمد بن قاسم کي، جو سندس چاچي [جي پٽ] جو پٽ ۽ پڻ نائي هو ۽ حجاج جي ڌيءَ سندس گهر ۾ هئي، هند جو گورنر مقرر ڪيائين. هن جي عمر سترهن سال هئي. انهيءَ امارت جي مبارڪ باديءَ ۾ حمزه بن بيض الحنفي هيءُ شعر چيو:

اِنَّ الشجَاعةَ وَالسماحة وَالنهيٰ
لمُحمد بن القاسم بنِ مُحمدِ
قادَ الجيوشَ لِسبع عشرَة حِجَةَ
يا قُربَ ذَالِکَ سُؤددَ ا مِن مولِد
[بيشڪ محمد ابن قاسم ساڻ خاص،
آهي سخا، عقل ۽ رعيت پروري.
سترهن ورهين جي عمر ۾ سردار ٿيو،
ڪيڏي نه آ ويجهي ڄمڻ کي سروري!]

ابوالحسن مدائنِي، بشر بن خالد کان روايت ڪئي آهي ته: بدَيل جي قتل ٿيڻ کان پوءِ حجاج، وقت جي خليفي وليد ڏانهن هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هندستان جي فتح ڪرڻ جي اجازت گهريائين. خليفي لکيو ته: ”اها جاهل قوم آهي، ۽ ملڪ تمام پري، پڻ لشڪر ۽ لڙائي جي هٿيارن وغيره جي تياريءَ ۽ بندوبست تي وڏيون رقمون خرچ ايندِيون ۽ [بيت المال تي] گهڻو بار پوندو، جا ڳالهه نهايت خراب آهي ۽ [هي معاملو] ترسائڻ گهرجي، ڇو ته جڏهن به لشڪر وڃي ٿو ته مسلمان هلاڪ ٿين ٿا، تنهنڪري ڪا مصلحت سوچ“.[94]

## حجاج جو خط

پوءِ حجاج ٻيو دفعو خط لکي واضح ڪيو ته: اي ميرالمؤمنين! ڪيترو وقت گذري ويو آهي ته مسلمان قيدي، ڪافرن جي هٿن ۾ گرفتار ٿيل آهن، ۽ اسلام جو لشڪر هڪ ڀيرو شڪست کائي

چڪو آهي، جنهن جو بدلو وٺڻ ۽ مسلمانن کي آزاد ڪرڻ ضروري آهي: ۽ خط ۾ جيڪو ارشاد ٿيو ته [اها] ولايت پري آهي ۽ لشڪر جي تياري ۽ انتظام ۾ بيفائدي رقم خرچ ٿيندي، [تنهن لاءِ عرض] ته اسان وٽ تياري ۽ هٿيار وغيره سيڪجهه [اڳيئي] موجود آهن ۽ گهٽ تفاوت ڪونه ٿيندو، ۽ جيڪڏهن ڪو خرچ ، بار ۽ تڪليف ٿي ته [انهيءَ لاءِ] آءٌ جوابدار ٿو ٿيان ته دارالخلافت جي خزاني مان هن لشڪر تي جيتري رقم خرچ ٿيندي ته انهيءَ ڪان ٻيڻي-ٽيڻي رقم خزاني ۾، شال خدا تعاليٰ انهيءَ کي آباد رکي- داخل ڪرائي ويندي: انشا ءِ الله تعاليٰ.

## دارالخلافت ۾ خط جو پهچڻ ۽ لشڪر لاءِ هندستان جي سفر جي اجازت وٺڻ

جڏهن هن خط خليفي جي مطالعي جو شرف حاصل ڪيو، تڏهن اجازت جو فرمان جاري ٿيو. (حجاج جو ٻيهر عرض ڪرڻ) تنهن تي حجاج وري ٻيهر عرضداشت موڪلي ته

جنهن صورت ۾ اجازت جي فرمان سان مُشرَف ٿيو آهيان، ته هاڻي شام جي سردارن مان ڇهن هزارن کي حڪم فرمايو ته جنگ جي هٿيارن ۽ ٻئي پوري ساز و سامان سان هن لشڪر ڏانهن جن مان، لڙائي وقت، هر هڪ جو نالو مون کي معلوم ]اهي ماڻهو اهڙا ناليوارا هجن[ .روانا ٿين [95].هجي، ۽ هو مون سان موافق ٿي رهن، ۽ لڙائي کان منهن نه موڙين

## حجَاج جوشام ڏانهن لکڻ

ابوالحسن [مدائني]، اسحاق بن ايوب کان روايت ڪئي ۽ چيائين ته: حجاج جي لکڻ تي شام جي رئيسن جي فرزندن مان اهڙا ڇهه هزار ماڻهو، جن جا پيءُ ماءُ جيئرا هئا، ۽ پوري تياري ڪري ٿي سگهيا، ۽ ناليرا بهادر، جيڪي پنهنجي ننگ ناموس خاطر لڙائي [جي ميدان] ۾ بيهي محمد بن قاسم سان وفاداري ڏيکاري ٿي سگهيا، اچي حاضر ٿيا. (روايت:) ابوالحسن کان روايت آهي ته: ڇهه هزار مشهور ناليرا ماڻهو آيا، انهن مان هڪڙي ماڻهو حجاج جي اڳيان اچي چيو ته مون وٽ سامان ڪونهي. حجاج کيس هڪل ڪري چيو ته: "مون وٽان نڪري وڃ، نه ته توکي

ڪهندس.” جنهن تي اهو شامي حجاج وٽان نڪري وٽي پڳو. واٽ تي پيا سوار ٿي آيا، جن ڪانئس پڇيو ته: هن تيزي سان ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ چيائين ته مون وٽ پورو سامان ڪونه هو [جنهن ڪري] حجاج ڏاڍو ڏنو آهي ته توکي سزا ڏيندس. هو ڪيس موٽائي وٺي آيا. ۽ فرصت وقت چڱي نموني سان پيش ڪيائون ته جنهن وقت حڪم پهتو ته [سامان خاطر] دير ڪرڻ جي مجال نه هئي ۽ خدمت جي سعادت حاصل ڪئي ويئي!

## جمعي جي ڏينهن حجاج جوخطبو ڏيڻ

پوءِ حجاج، جمعي جي ڏينهن خطبو ڏنو ۽ چيائين: ”انَ الاَ يام ذَاتُ دُوَلِ وَ الحربُ سِجال“ ( زمانو ڦرندڙ ۽ به منهين ترار آهي). يومُ لنا ويومُ علينا (ڪو ڏينهن اسان لاءِ آهي ته ڪو ڏينهن اسان جي خلاف آهي). جيڪو ڏينهن اسان جو آهي، تنهن ۾ [مخالف] لشڪر کي قيد ڪرڻ گهرجي، ۽ جو ڏينهن اسان جي خلاف آهي، تنهن ۾ تحمل ڪرڻ گهرجي ته جيئن اسان تي جيڪا نعمت آهي سا وڌي ۽ جيڪو حادثو ٿيو هجي، سو دفع ٿي وڃي. [96] ۽ نعمت ڪندڙ [ساراهه جي] لائق ۽ بيمثال خداوند عزوجل جا ٿورائتا آهيون. سندس تعريف اسان جي زبانن تي جاري آهي، ۽ سندس ڪرم ۽ نعمت ۾ اميدوار آهيون ته پنهنجي ڪامل نعمت هميشه جاري رکي ۽ ڪوبه دروازو اسان تي بند نه ڪري ۽ اسان کي انهيءَ شڪر جو ثواب عنايت ڪري. بديل جي فراق کان ڏک جو آواز هر گهڙي منهنجي دل جي ڪنن ۾ پهچي رهيو آهي ۽ مان لبيکَ لبيکَ (حاضر آهيان، حاضر آهيان) چئي رهيو آهيان. خدا جو قسم ته جيڪڏهن عراق ۽ [ ٻيو] جيڪي به منهنجي قبضي ۾ آهي، تنهن جو سارو مال هن ڪم تي خرچ ڪريان ته به جيستائين هيءُ ٽڪو پاڻ تان نه لاهيندس ۽ بدلو نه وٺندس، تيستائين منهنجي غضب جي باهه ڇيپي ٽڏي نه ٿيندي.“

Gul Hayat Institute

## محمد بن قاسم کي هند ۽ سنڌ ڏانهن روانو ڪرڻ

پوءِ حجاج ، محمد کي سوار ڪري، گهڻيون هدايتون ڏنيون. ۽ لشڪر کي گهڻي مال سان مضبوط ڪري، هند ۽ سنڌ جي جهاد واسطي مقرر ڪرڻ کان پوءِ حجاج هيءُ شعر پڙهيو:

دُعا الحجَاجَ فارِسه بَدَيــل

وَقد مالَ العدُ و عليُ بَدَيلِ

وشمرَ ذَيله الحجَاجَ لمـا

دَعـــاهُ اَن يُشمـِـرَه بِدَيلِ

فديتُ المالَ لِلعقاراتِ حشوا

بِلا عدِ يُعـــد وَ لاَ بِكيــلِ

[سڏيو حجاج کي ٻُدَيل سوار،

جڏهن دشمن ٻديل کي گهيريو،

ڪنيا حجاج هن جي سڏ تي ور،

پڻ مدد لاءِ واڳ کي ڦيـــريو.

ٻُڪَ ڀري مال، مون لٽيو لئــہ جنگ ،

نہ ڳڻيو آهہ مون، نہ تُم (اٿم) توريو.]

تنهن کان پوءِ حجاج [محمد بن قاسم کي] چيو تہ: شيراز جي رستي کان نڪري آهستي آهستي منزلون ڪندو، روانو ٿيءُ، جيئن پورو لشڪر توکي پهچي وڃي.[97]

## لشڪر جو شيراز پهچڻ

پوءِ محمد بن قاسم چڱي بخت جي مدد سان وڃي شيراز ۾ لٿو ۽ منزل ڪيائين، جيستائين عراق ۽ شام وارا سپيئي پهچي ويا. [هوڏانهن حجاج] قلعي جي لڙائي لاءِ گهربل سامان جهڙوڪ مَنجنِيقُون، رنبا، تبرون ۽ چِلتِهو(1) ڪِشتي ۾ رکي، ابن مُغيرَه ۽ خرَيم کي ڪِشتي جو نگران مقرر ڪري، کين تاڪيد ڪيو تہ جيڪڏهن هنن ٻيڙين کي ڪو نقصان ٿيو تہ انهيءَ لاءِ هو ئي جوابدار آهن، ۽ معاملو سزا تائين پهچڻ نہ گهرجي.

## حجاج جو محمد بن قاسم ڏانهن خط

Gul Hayat Institute

پوءِ حجاج ، محمد بن قاسم ڏانهن هڪ خط لکيو، جنهن ۾ ٻڌايائينس تہ: مون خرَيم ۽ ابن مُغيرَه کي روانو ڪيو آهي. کين حڪم ڏنل آهي تہ ديبل جي آسپاس ۾ اچي توسان ملن. تنهنڪري توکي ٻيڙين جي پهچڻ تائين اتي ترسڻ گهرجي. الله جي حفاظت ۽ امان ۾ روانا ٿيو- فِي حِفظِ اللہ وَ عونِہ.

(روايت:) اسحاق بن اَيوب ۽ هِلِڪِوَاث(2) ڪلبِي روايت ڪئي آهي ته: حجاج پوري لشڪر جي ضرورتن جي تياري چڱيءَ طرح ڪئي هئي. بلڪ ڪوشش ڪري ضرورت کان وڌيڪ هٿيار ۽ سامان ڏنو هئائين.

## اُنَ جي مدد ڏيڻ

پوءِ [حجاج] چيو ته: ”توهان جي تياري پوري ٿي چڪي. هاٿي چئن سوارن پنيان هڪ اُٺ وٺو. توهان کي ديوئيندڙ ڏاچيون ڏيان ٿو ته جيئن محتاج نه ٿيو ۽ اُٺن تي گهڻو بار نه رکو. خدا تعاليٰ کان ڊڄجو. صبر سان سينگاريل رهجو ۽ جڏهن دشمن جي ملڪ ۾ پهچو [98]ته ڪشادي ميدان ۾ منزل ڪجو. جيئن خلاصا رهو. جنگ جي وقت ٽوليون ٽوليون ٿي جدا جدا طرفن کان اچجو. چاڪاڻ ته هاٿين جي جنگ به ڪا شيءِ آهي. ۽ جڏهن هو حملو ڪن ته هڪ جاءِ تي بيهي تير وسائجو ۽ برگستوان(1) سامهون ڪري، جهنگلي مرن ۽ هاٿين جهڙيون سِربون ٺاهجو. [هن کان اڳ] درزين ۽ زرهدارن کي حڪم ڏنائين. جن برگستوانن جون سِريئون شينهن ۽ هاٿين جهڙيون ٺاهيون. ۽ اهي موڪلي ڏنائين. حجاج جا خط ڇهن هزارن سوارن. ڇهن هزارن اُٺن ۽ ٽن هزار باربردار ٻختي اُٺن سميت شيراز پهتا. محمد بن قاسم خط پڙهيا. [انهيءَ وقت] هجرت کي 92 سال گذريا هئا(2).

## محمد بن قاسم جو مڪران پهچڻ

خبرن جي مصنفن ۽ تاريخ جي مؤلفن، عبدالرحمان بن عبدربه(1)کان هن طرح روايت ڪئي آهي. ۽ انهيءَ عبدالملڪ بن قيس کان روايت ڪئي. جنهن چيو ته: محمد بن قاسم جڏهن مڪران پهچي، محمد [بن] هارون سان ملاقات ڪئي، تڏهن آءٌ ان سان گڏ هئس. محمد [بن]هارون هن سان پيادو هلڻ لڳو. [پر] محمد بن قاسم، محمد [بن] هارون کي سوار ڪيو ۽ اچي منزل وٽ پهتا. پهچڻ تي هن [محمد بن هارون] گهڻو سمر. تحفا ۽ سوکڙيون موڪلي چيو ته محمد بن قاسم هن نرمي ۽ تواضع ڪري نالو پيدا ڪيو آهي. ۽ انهيءَ ئي تياري ، سامان، عقل، استقلال، هنر ۽ دانائيءَ سان سنڌ ۽ هند جوملڪ فتح ڪندو.

Gul Hayat Institute

## محمد [بن] هارون جو محمد بن قاسم سان گڏجي روانو ٿيڻ

پوءِ امن منظر بحري نقل ٿو ڪري تہ: محمد بن قاسم اتان اَرمابيل ڏانھن روانو ٿيو. ۽ محمد [بن] هارون پڻ هن سان [هلڻ جو] پڪو ارادو ڪيو. هو جيتوڻيڪ [99] بيمار هو تہ بہ محمد بن قاسم سان [سفر ۾] رفاقت ڪيائين ۽ رستي جي سختي سبب سندس بيماري وڌي ويئي، ۽ بيماريءَ [جو دوري] ڪان متاثر ٿيڻ لڳو. جڏهن ارمابيل جي منزل تي پھتو تہ سندس عمر پوري ٿي ۽ پيارو ساهہ حق تعاليٰ جي حوالي ڪيائين. ڪيس اتي دفن ڪيائون.

## لشڪر جو ارمابيل ڪان اڳتي وڌڻ

پوءِ محمد بن قاسم لشڪر وٺي ، ديبل ڏانھن روانو ٿيو. انھيءَ وقت جيسِينہ بن ڏاهر، نيرون ۾ هو، تنھن پيءُ ڏانھن لکيو تہ: محمد بن قاسم عربستان ڪان لشڪر وٺي ديبل جي حدن ۾ پھتو آهي، [مون کي اجازت ڏيو] تہ مان انھيءَ سان جنگ ڪرڻ وڃان؟ ڏاهر عِلافِينِ کي گھرائي انھن ڪان صلاح پڇي. عِلا فِينِ ڏاهر کي چيو تہ: ”محمد بن قاسم، حجاج جو سؤٽ آهي. هن سان بھادر لشڪر ساڻ آهي، جي ناليرا بھادر، شريفزادا ۽ جنگي جوڌا آهن، [ جن]چوندا گھوڙن ۽ پورن هٿيارن سان توهان جي لڙڻ واسطي توجھہ ڪيو آهي: خبردار! انھن سان سامھون نہ ٿجو. چاڪاڻ تہ هن وقت شام ڪان هڪ ماڻھو آيو آهي، جنھن ٻڌايو آهي تہ عرب جي لشڪر جو هڪ-هڪ سوار ڏاهر ڪان انتقام وٺڻ لاءِ آيو آهي.“ ڏاهر پٽ کي، انھن سان وڙهڻ ڪان منع ڪئي.

## حجاج بن يوسف جو فرمان، ارمابيل جي منزل تي محمد بن قاسم کي پھچڻ

محمد بن قاسم جڏهن ارمابيل فتح ڪيو: تڏهن حجاج جو خط ارمابيل پھتو، جنھن ۾ اشارو هو تہ: ديبل جي حد ۾ جڏهن منزل ڪريو[100] تڏهن منزل تي خبردار رهجو ۽ جڏهن لھو [۽ آرام ڪريو] تڏهن [پنھنجي چوڌاري] کاهي کوٽجو تہ توهان لاءِ بچاءُ ۽ پناهہ هجي، ۽ گھڻو ڪري بيدار رهجو ۽ جيڪو ماڻھو قرآن پڙهندڙ (حافظ) هجي، سو هميشہ قرآن جي تلاوت ۾ رهي ۽ ٻيا دعا ۾ مشغول رهن. ۽ نھايت ڪوشش سان هوشيار رهجو، ڌيرج کي پنھنجو سينگار بنائجو، خدا عزوجل جو ذڪر زبان تي جاري رکجو، ۽ الله تعاليٰ جي توفيق ڪان مدد گھرندا رهجو تہ جيئن خدا تعاليٰ توهان کي فتحمند ڪري ۽ گھڻو ڪري لاَحولَ وَ لاَ قُوَة اِ لا بِاللهِ العليِ

Gul Hayat Institute

العظِيمِ (1)(وڏي ۽ بزرگ الله تعاليٰ جي امداد کان سواءِ ٻي ڪابہ واهہ ۽ قوت ڪانہ آهي) جي قول کي پنهنجي واهر ۾ ڪم آڻجو. ۽ جڏهن ديبل جي حد ۾ پهچو، تڏهن ٻارهن وال ويڪري، ڇهہ وال اونهي ۽ ڇهہ وال اوچي کاهي کوٽجو. جڏهن دشمن جو مقابلو ڪريو تہ خاموش رهجو. جيتوڻيڪ دشمن نعرا هڻي بيهودي بڪواس ڪن ۽ جنگ تي سنبري بيهن تہ بہ جيستائين مان حڪم نہ ڏيان، توهان جنگ نہ ڇيڙجو. ۽ منهنجي خطن مان احوال معلوم ڪجو. ۽ جيڪا صلاح مان ڏيان، اها چڱي سمجهي انهيءَ تي عمل ڪجو تہ انشا ءِ الله تعاليٰ توهان جي مشڪل حل ٿيندي.

---

(1) اصل لفظ "خفتان"آهي، هيءُ هڪ ريشم جو جنگي لباس ٿيندو آهي. جنهن ۾ ريشم جو ڪپڙو هڪٻئي مٿان تهہ ڪري سبيو ويندو آهي. سنڌ ۾ هن کي اڳاٽي وقت ۾ "چلتهو" (چهل+ تهہ يعني چاليهن تهن وارو ڪپڙو) چوندا هئا.(مترجم)

(2) اصل ۾ "حلوان ڪلبي" آهي."حلوان" نالو عربن ۾ گهٽو ڪري ڪونہ آهي. صحيح "هلواث ڪلبي" آهي، جو تاريخ طبري(يورپ ايڊيشن جلد 2،ص 1275 )۾ پڻ فتوحات سنڌ جي سلسلي جو راوي آهي. (ن- ب)

(1) برگستوان هڪ هٿيار هوندو هو جو گهوڙن کي جنگ جي ميدان ۾ پهرائيندا هئا، جيئن هو تارين جي زخمن کان محفوظ رهن.(مترجم)

(2) غالباً مراد تہ گذرڻ وارا هئا. حقيقت ۾ سال 92 هجري جو اڌ مس گذريو هوندو. چاڪاڻ تہ جيئن اڳتي هلي معلوم ٿيندو، سال 93 هجري محرم مهيني ۾ تہ محمد بن قاسم ديبل پهتو هو.(ن- ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ "عبدالله" پ جي پڙهڻي مطابق عبدربہ* ٿيڻ گهرجي. هن لفظ جي تصحيح لاءِ ڏسو هن اڳ حاشيہ صفحو [81] ۽ صفحہ [93]. (ن- ب)

(1) هي آيت ڪانهي. آيت صرف "لاحول ولاقوة الا بالله" آهي.

Gul Hayat Institute

# عرب جي لشڪر جي تياري ۽ حجاج جو خط پهچڻ

پوءِ [محمد بن قاسم] جڏهن ارمابيل کان اڳتي روانو ٿيو، تڏهن [محمد بن] مُصعب(2) بن عبدالرحمان کي لشڪر جي مقدمہ (مهڙ) تي مقرر ڪيائين. جهم بن زَحر الجعفي کي ساقہ(پڇاڙي) تي ڪيائين ، عطيہ بن سعد العوفِي کي ميمنہَ (سڄي) تي مقرر ڪيائين. موسيٰ بن سِنان [101] بن سلمہ الهذَ لي کي ميسرَه (کٻي) تي چڙهايائين. باقي هوشيار، ترار جا ڌڻي ۽ خاص ماڻهو قلب (وچ) ۾ پنهنجي اڳيان ڪري اڳتي وڌو. ۽ نيٺ جمعي جي ڏينهن سن 93 هہ جي محرم مهيني ۾ [اچي ديبل پهتو.] ۽ ٻيڙا ۽ هٿيار پڻ انهيءَ ڏينهن حريم بن عمرو ۽ ابن مُغِيرہَ جي [نگراني هيٺ] ڪيس پهتا. هنن حجاج جا خط ڪيس ڏيئي، جنگ لاءِ ڪاهيءَ ڪوٺڻ جي صلاح ڏني. انهن خطن ۾ لکيل هو تہ: تنهنجي خدمت ۾ مکيہ ماڻهو مقرر ڪيل آهن: هڪ عبدالرحمان بن سُليم(1) اَلڪلبِي، جنهن جي بهادري ۽مردانگي ڪيئي دفعا آزمائي ويئي آهي، ڪوبہ دشمن جنگ ۾ سندس مقابلو ڪري نٿو سگهي، ٻيو سُفيان بن الأبرَد، جو دانائيءَ ۾ يگانو ۽ عقل ۾ امين ۽ پاڪدامن آهي، قيس بن برڪ الڪلابي، جنهن اسان کي مشڪلات ۾ مدد ڪئي آهي ۽ عزت جو لائق ۽ سچار آهي، ۽ جا مصلحت سندس حوالي ڪئي ويندي ان ۾ فرمانبرداريءَ جا شرط بجا آڻيندو ، ملامت کان پاڪ آهي، ۽ حجاج جو هميشہ مددگار رهيو آهي ۽ جر*اح بن عبدالله،جو تجربيڪار مرد آهي يعني جنگ آزمايل اٿس ۽ فضيلت وارن تي ترجيح رکي ٿو مجاشع بن نُوبہ اَزدِي، اِهي سڀ منهنجا اعتماد جوڳا صلاحڪار آهن، ۽ ڪنهن بہ هڪڙي کي ٻئي کان وڌيڪ امين ۽ پاڪدامن نٿو سمجهان. مون کي اميد آهي تہ هو تو سان مخالفت ۽ دشمن سان ساز باز نہ ڪندا، ۽ هن سڄي جماعت مان جن جو ذڪر خط جي شروع ۾ ٿيو آهي،مون کي ڪوبہ ماڻهو خُريم بن عمرو کان وڌيڪ پيارو نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هو مردانو ۽ شيردل آهي. جنگ جي وقت بهادر [102] [رهي ٿو] ۽ ڳَٽتيءَ ۾ نٿو پوي. هو چونڊ ماڻهن مان آهي ۽ عزت جي لائق: ۽ پيءُ ڏاڏي کان وٺي مخلص ۽ سچو آهي، ۽ جڏهن خُرَيم توسان همراهہ آهي تہ پوءِ مون کي ڪوبہ ڊپ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هو سهڻين عادتن ۽ وڻندڙ اخلاقن سان سينگاريل آهي، ۽ ڪنهن بہ مخلوق کي تنهنجو مخالف ٿيڻ نہ ڏيندو، هن کي پاڻ کان پري نہ ڪج. ۽ هن خط پڙهڻ کان پوءِ جيستائين جيڪي وهي واپري رهيو آهي، سو[اسان ڏانهن] پورو کولي نہ لکين، تيستائين ڪاڏو پيتو نہ ڪائج.

لکيائين ]وڏيڪ[ .نائين ڏينهن ڪرمان طرفان جواب پهتو. فرمان ۾ به ساڳيو شرط لکيو ويو هو ته: جڏهن جنگ لاءِ اڳتي وڌو ته مناسب ائين آهي ته سج کي پٺي ڏيو. جيئن دشمن کي چڱي طرح ڏسي سگهو ۽ جنگ جوڙڻ جي پهرين ڏينهن الله تعاليٰ کان امداد ۽ اعانت گهرجو. سنڌ جو ڪوبه ماڻهو جيڪڏهن امانُ گهري ته ڪيس امانُ ڏجو. مگر ديبل جي ماڻهن کي ڪنهن صورت ۾ پناهه نه ڏجو.

پوءِ قلعي جي ڪاهنن مان هڪ ماڻهو نڪري آيو ۽ چيائين ته: اسان جڏهن به پنهنجي ڪتاب مان نتيجو ڪڍندا هئاسون، تڏهن هميشه ظاهر ٿيندو هو ته هند جي بادشاهه جي بادشاهيءَ [جي مدت] پوري ٿي چڪي آهي، ۽ مسلمانن جو دور اچڻو آهي. [تنهن ڪري]قيدين کي اسلامي لشڪر جي اچڻ جي دلداري ڏني پئي وئي. هينئر پڻ [105] امير منهنجي ٻارن ٻچن کي پناهه ڏيئي، اهڙو پروانو لکي ڏئي ته آءٌ واپس وڃي ڪين تسلي ڏيان . محمد بن قاسم انهيءَ کي امانُ ڏيئي واپس موڪليو ته جيئن پنهنجا پوئلڳ آڻي قيدين جي پاڙي ۾ گڏ ڪري [ويهاري.] پوءِ انهيءَ برهمڻ قلعي ۾ وڃي قيدين کي آزاديءَ جي خوشخبري ڏني، [۽ ٻڌايائين] ته محمد بن قاسم، حجاج جو عمزاده(1) [آيو] آهي، ۽ سندس[هٿان] قلعو فتح ٿيندو ۽ توهان کي آزادي ملندي.

## عمادالدين محمد بن قاسم جو جعونه منجنيقيءَ  کي پاڻ وٽ سڏڻ

ٻئي ڏينهن، جو ديبل ۾ رهڻ جو نائون ڏينهن هو، جيئن سج مشرق کان اڀريو، تيئن محمد بن قاسم جعوَنه کي گهرايو. هن جتان چيائين اتان منجنيق کي ڪپيائون. پوءِ لشڪر تيار ڪري، قلعي کي چوڌرف ڦري اچي تير وسايائون. پڻ پنج سوَ رَسا ڇڪيندڙ ماڻهو آڻي ويهاريائون. جعوَنه پهريون پٿر اڇلايو ۽ مسلمانن تڪبير هنئي. پهرين ٿي ڌڪ سان بيرق ڦاٽي پيئي ۽ لڪڙي جي چوٽي کان ڏار ٿي وئي. ٻيو پٿر سڌو ويهاري، تول ڪري بتخاني جي چوٽيءَ تي هنيائين، ۽ چوٽي پڃي پيئي. [بس پوءِ]، جڏهن چوٽيءَ جو گنبذ ڊهي پيو ۽ جادو جا طلسم پريشان ٿي ويا، تڏهن ديبلي حيران ٿيا. [هوڏانهن] خداوند عزوجل جي حڪم سان قلعو به اچي پٽ پيو.
محمد بن قاسم لشڪر کي تيار ڪيو. پهريائين جهم بن زَحر الجُعفِي کي مشرق ڏانهن مقرر ڪيائين، عطاءٌ بن مالڪ القيسيءَ (1) کي اولهه ڏانهن ويهاريائين، نُباته(2) بن حنظله ڪلابيءَ کي اتر جي ديوار کان جنگ [106] جو حڪم ڏنائين. عون بن ڪليب(3) دِمشقيءَ کي ڏکڻ جي

برج تي ڪڙو ڪيائين ۽ ذَڪوان بن علوان البڪرِي(4) خُرَيم ۽ ابن مُعنيره ڪي قلب (لشڪر جي وچ) ۾ رکي، بصري جا هڪ هزار جنگي مرد سندن ڪمان هيٺ رکيائين. پوءِ جنگ جو نغارو وڄايائون. پھريون پھريون ماڻهو جيڪو قلعي تي چڙهيو، سو (شهر) ڪوفي جو صعدي بن خريمه (5) [نالي] هو. ۽ تنهن کان پوءِ بصره جو عِجل بن عبدالملڪ بن قيُس الدمي(1) [العبدي؟]. جڏهن اسلام جو لشڪر قلعي مٿان چڙهي ويو، تڏهن ديبلين در

وازو کولي امانُ گهري، جنهن تي محمد بن قاسم فرمايو ته: مون کي امانُ جو حڪم ناهي. پوءِ هٿياربندن جو ڪوس ٽي ڏينهن جاري رهيو.

جاهين بن برسايد راوت راتو رات قلعي جي ديوار تان ٽپو ڏنو. [هوڏانهن] ڏاهر [بن] چچ گهوڙا ۽ اُٺ موڪليا.(2) جيئن هو ٻاهر نڪتو ته سوار ٿيل هو ۽ پٺي ويو، [تان جو] مهراڻ ندي تي انهيءَ جاءِ وٽ پهتو، جنهن کي "ڪارمتي" چون ٿا، [جا] اپرندين مهراڻ جي طرف(يا مهراڻ جي اپرندي طرف) آهي.(2) تڏهن اتان ڏاهر ڏانهن، خبر ڏيڻ واسطي، هاڻي روانو ڪيائين. ڏاهر پڇيو ته: جاهين ڪٿي پهتو آهي؟ انهيءَ ماڻهو جواب ڏنو: "ڪارمتي" يعني "ڪاري مٽي"وٽ.[ اتي] ڏاهر چيو ته: تنهنجي مٽي ۾ ڌوڙ پوي شال! بادشاهن جي آڏو برو نالو وٺڻ نه گهرجي، چاڪاڻ ته انهيءَ مان بري فال وٺندا آهن. ائين چو نٿو چوين ته: "ندمتي" يعني "گِل سيمين" (چاندي واري مٽي) وٽ پهتو آهي.
پوءِ محمد بن قاسم بتخاني ۾ آيو، ڪن ماڻهن بتخاني ۾ پناهه ورتي هئي، ۽ در بند ڪري پاڻ کي ساڙڻ چاهيائون ٿي. در تي جيڪي ٻه ماڻهو هئا، تن کي ٻاهر ڪڍي [107] قتل ڪيائون. ست سؤ سهڻيون ٻانهيون، جيڪي بت جي خدمت ۾ رهنديون هيون، تن سڀني کي جڙادار زيورن ۽ زرين لباسن سميت گرفتار ڪيائون. ۽ چئن هزارن ماڻهن [قلعي] ۾ اندر اچي انهن جا زيور لاٿا.

## جنهن برهمڻ کي محمد بن قاسم امان ڏني هئي، تنهن کي وٺي اچڻ

پوءِ محمد بن قاسم، جنهن ماڻهو کي امانُ ڏني هئي، تنهن کي وٺي اچڻ جو حڪم ڪيو. جڏهن هو آيو، تڏهن سندس چوڻ تي مسلمان زالون ۽ مرد جيڪي قيد ٿيل هئا،جيڪي سرانديپ جي ٻيڙين مان گرفتار ٿيا هئا، يا جيڪي بُدَيل جي لشڪر جا ماڻهو قيد ڪيا ويا هئا، تن سڀني کي

ٻاهر آڻي آزاد ڪيائون. پوءِ جيڪو لشڪر ديبل جي قلعي ۾ هو، تنهن کي اتي ئي قائم رکي، اها جماعت [پڻ] ساڻن گڏ مقرر ڪيائين ته جنهن صورت ۾ گهڻو وقت جيل ۾ بند هئا، تنهنڪري انهيءَ تڪليف جي بدلي ۾ ڪجهه وقت ڪين آرام ملي، ۽ زماني غدار جي هٿ کان ڪجهه وقت آسودا رهن، [پر] ڪين گهرجي ته قلعي جي حفاظت ۾ نهايت ڪوشش ڪندا رهن.

## قبله نالي جيلر کي وٺي اچڻ

ديبل جي قيدين جي مٿان مهترائج جو پٽ قبله(1) نالي هڪ شخص مقرر هو. هو نهايت دانا، هوشيار ۽ هندستان جو اديب، ماهر لکندڙ ۽ چڱو علم وارو هو، ۽ بدَيل جولشڪر خواه سرانديپ جا قيدي سندس نگراني هيٺ هئا. [محمد بن قاسم انهيءَ کي] گهرائي سزا ڏيڻ جو حڪم ڪيو. هن چيو ته "اي امير، اسلامي قيدين کان [108] پڇ ته مون ساڻن ڪيئن گذاريو آهي، ۽ [ڪيئن] سندن آرام ۽ تخفيف ۾ بيحد امڪان ڪوشش ڪندو رهيو آهيان: جڏهن صاحب جي اڳيان اها حقيقت روشن ٿئي ته پوءِ مون کي ڪهڻ کان معافي ڏئي."

## محمد بن قاسم جو ترجمان کان پڇڻ

پوءِ محمد بن قاسم ترجمان کان پڇي چيو ته ڪانئس پڇ ته: "قيدين سان تو ڪهڙي مهرباني ڪئي آهي؟" هن چيو ته: "[خود] قيدين کان پڇا ڪريو ته پاڻهي هن حال جي ڪيفيت ۽ هن ڳالهه جو انداز امير کي معلوم ٿي ويندو."

## قيدين کان حال پڇڻ

محمد بن قاسم قيدين کي حاضر ڪرائي، ڪانئن پڇيو ته: "هي قبله جيلر توهان سان ڪهڙي همدردي ۽ رعايت ڪندو هو؟" جنهن تي سيني گڏجي چيو: "اسان سندس شڪر گذار آهيون. هن اسان جي همدرديءَ ۾ ڪي به باقي نه ڇڏيو. هميشه اسان کي اسلام جي لشڪر پهچڻ جي دلداري ڏيندو، ۽ ديبل جي فتح ٿيڻ جو اميدوار ڪندو رهيو." محمد بن قاسم هن کي اسلام آڇي ڪيس اسلام جي عزت سان مشرف فرمايو ۽ هو شهادت جو اقراري ٿيو(1)، [جنهن تي] هن کي انهيءَ نواب جي حوالي ڪيائين، جو ديبل تي مقرر فرمايو هئائين، انهيءَ لاءِ ته ملڪ جي مصلحتن ۽ آمدني ۽ خرچ جي حساب ڪتاب چڪاسڻ ۾ سندس حاضري اعتبار جوڳي سمجهي وڃي. ۽

Gul Hayat Institute

حُميد بن وداع النجدي کي اتي جو گورنر مقرر ڪري، انهيءَ ملڪ جي اِمارت جا ننڍا وڏا حق ڪيس عطا ڪيائين[109].

## ديبل جي غنيمتن، غلامن خواهه روڪڙ مان پنجون حصو وصول ڪرڻ

تاريخ نويسن حڪم بن عوانه کان هن طرح روايت ڪئي آهي ته: هن پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي کان روايت ڪئي، ته جنهن برهمڻ امانُ گهري هئي، تنهن جو نالو سوديو(2) هو. منهنجي ڏاڏي چيو ته مون انهيءَ کان ٻڌو ته: جڏهن ديبل فتح ٿيو ۽ مسلمان قيدي آزاد ٿيا، ۽ غلام ٻاهر ڪڍيائون، تڏهن محمد بن قاسم حڪم ڪيو ته غنيمتن مان پنجون حصو ڪڍي خزاني ۾ پياريو وڃي: جنهن ڪري ديبل جو پنجون حصو پورو حجاج جي خزاني جي حوالي ٿيو. باقي ارمابيل(1) جي فتح جون غنيمتون [پوريون] حقداري جي مدنظر تي، سوار کي ٻه حصا ۽ اُٺ ۽ پيادي کي هڪ حصو ڪري [تقسيم ڪيائون] باقي رهيل نقدي، غنيمتون ۽ غلام گڏ ڪري رکيائون. ديبل جي راجا جون ٻه ڌيئرون ٻه هيون، سي حجاج جي خدمت ۾ موڪليائون.

## ديبل جي لٽجڻ جي خبر راجا ڏاهر کي پهچڻ

[هن] حڪايت جي راوي حڪم کان نقل ڪيو آهي ته: جڏهن ديبل جي فتح جي خبر راجا ڏاهر [بن] چچ کي پهتي ته ديبل اسلامي لشڪر جي هٿ آيو، ۽ ديبل جو حاڪم(2) ڀڄي جيسِينه وٽ نيرون ڪوٽ هليو ويو، ۽ [انهيءَ ماڻهو] شامين ۽ عربن جي بهادريءَ ۽ دليريءَ جون خبرون ڪيس ڪولي ٻڌايون، تڏهن ڏاهر نيرون ڪوٽ ڏانهن جيسِينهَ کي خط لکيو ته هن خط پڙهڻ شرط هڪدم مهراڻ ندي ٽپي. برهمڻ آباد قديم ۾ اچي ۽ نيرون ڪوٽ تي شمني کي مقرر ڪري، ڪيس قلعي جي حفاظت جو تمام گهڻو تاڪيد ڪري. [110]

Gul Hayat Institute

---

(2) اصل ۾ ”صاحب“: صحيح ”مصعب“ آهي، جيئن اهو ساڳيو نالو فتحنامه ۾ 146، 155، 174 ۽ 180 صفحن تي آيو آهي، مگر انهن سمورن صفحن تي”مصعب بن عبدالرحمان“ آهي ۽ صحيح محمد بن مصعب بن عبدالرحمان آهي.

جيئن ته بلاذري (فتوح البدان ص 428) جي روايت ۾ آهي ته: بعثَ محمد بن القاسم، محمد بن مصعب بن عبدالرحمان الثقفي اليٰ سدوسان.(ن-ب)

(1) فارسي متن ۾ ”مسلم“ جو صحيح نه آهي.ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [102] (ن-ب)

(1) اصل ۾ ”فرح“ مگر صحيح ”فرخ“ آهي.

(2) فارسي ڇاپي ۾ ”البيض“ ۽ ”يسمعن“ پڑهڻيون آهن. تصحيح علامه استاد عبدالعزيز الميمني طرفان آهي،مترجم،هنن جملي شعرن ۾ مونجهاروسمجهي ان جو ترجمو ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ويو، هي ترجمو بنده پنهنجي ناقص عقل موجب ڪيو آهي.(ن-ب)

(1) اصل عبارت: چهار زبانه.

(2) هيءَ بني تميم جي غلام ابو محمد جو چوڻ آهي، جيئن متئين سلسلي مان ظاهر آهي.(ن- ب)

(1) اصل ۾ هن جاءِ تي توڙي اڳتي ”جعوبه“ آهي، جو نالو عربن ۾ غير معروف آهي. تصحيح علامه استاد عبدالعزيز الميمني طرفان آهي، جنهن جي تصحيح مطابق هر جڳهه ”جعوَنه“ لکيو ويو آهي. (ن-ب)

(1) اصل ۾: ابن عم حجاج

(1) اصل متن ۾ ”المشي“ آهي جو صحيح نٿو نظر اچي: غالباً اهو لفظ القيسي يا القيني جي بگڙيل صورت آهي. غور ڪرڻ گهرجي.(ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ ”بنانه“ آهي. ن جي پڑهڻي ”نباته“ آهي جا صحيح آهي.

(3) هي پڑهڻي فارسي ڇاپي مطابق آهي، مگر مشڪوڪ آهي. مختلف نسخن ۾ مختلف بگڙيل پڑهڻيون آهن. مثلاًقليت، تليته،تيسب، قليت.(ن-ب)

(4) فارسي ڇاپي ۾ ”ذکوان بن حلوان بکوي“ پڑهڻي ڏنل آهي، جا درست نه آهي ڇوته ”حلوان“ نالو عربن ۾ غير معروف آهي. ن توڙي ر جي پڑهڻي”ذکوان بن علوان بکري“ آهي جا زياده صحيح آهي. پ ۾ آخري لفظ صاف طور ”البکري“ آهي، انهن پڑهڻين جي مدار تي نالو درست ڪيو ويو آهي.(ن-ب)

(5) هن نالي ۾ وڏو شڪ آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيه صفحه [107].

(1) فارسي ڇاپي جي متن ۾ ”الدميني“ پڑهڻي اختيار ڪيل آهي. هي نسبت فتحنامي ۾ ٽي دفعا آئي آهي: هن [107] صفحي تي وري [123] ۽ **[218]** صفحن تي. فارسي ڇاپي ۾ 123 صفحي تي ”الدقيقي“ ۽ 218 صفحي تي ”الدمني“ لکيو ويو آهي: مگر پڇاڙيءَ ۾ ڏنل توضيحات ۾ ايڊيٽر جي راءِ ۾ هيءَ لفظ ”شايدالدمني يا الدهني صحيح ٿيندو“ (ڏسو فارسي ڇاپو صفحه 262). هيءَ لفظ نهايت مشڪوڪ آهي، جنهن جي تصحيح مشڪل نظراچي ٿي. مختلف نسخن جي پڑهڻين تي غور ڪرڻ مان هن لفظ جي عاري شڪل هن طرح بيهي ٿي”الدمي“ جا متن ۾ رکي وئي آهي. هن جڳهه تي مختلف نسخن جون پڑهڻيون هن طرح آهن: ن، پ، ح: الديتي، پ: الديني، س: الاستي.”العبدي“ لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص **[107]** .(ن-ب)

(2) - (2) اصل عبارت:” چون بيرون آمد و سوار شده بود و ميرفت، بجوي مهران رسيد بموضع ڪه آنرا ڪارِمتي گويند از جانب مشرق مهران“. پڻ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص[107] .(ن-ب)

(1) پ: قله

(1) يعني الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ رسول ڪريم جي رسالت جي شاهدي ڏنائين.(مترجم)

Gul Hayat Institute

(2) پ،ن،ب،ح سود دیو.

(1) ن،ب،س:ارمن بیله-پ: ارمائیل: ک: ارمابیله.

(2) ن،ب،س:ارمن بیله-پ: ارمائیل: ک: ارمابیله.

Gul Hayat Institute

# محمد بن قاسم جو ارمابيل ۾ منزل ڪرڻ(3)

(پوءِ محمد بن قاسم ديبل ڪان ارمابيل جي لڙائيءَ جو ارادو ڪيو، چاڪاڻ تہ ڪيس انهيءَ رستي ڪان نيرون ڪوٽ وجڻو هو. جڏهن منزل تي پهتو تہ ڪيس راجا ڏاهر جو خط پهتو ، جو هن لکيو هو)(1).

## راجا ڏاهر جو خط

بسم اللّٰهِ العظِيم ذِي الوحدانِيۃ وَ رَبَّ سيلائج (هڪڙائي واري وڏي ۽ سيلائج جي رب الله جي نالي سان) هي خط آهي سنڌ جي بادشاهہ، هندستان جي راجا، بر ۽ بحر جي حاڪم ڏاهر بن چچ جي طرفان، مغرور ۽ نڀاڳ محمد بن قاسم ڏانهن، جو ڪوس ۽ لڙائيءَ جو ايترو شوقين ۽ بيرحم آهي جو[خود] پنهنجي لشڪر تي بہ رحم نٿو ڪري، ۽ سيني ڪي بربادي‌ءَ جي اوڙاهہ ۾ اڇلايو اٿس. هن ڪان اڳ ۾ بئي هڪ [عرب] جي متي ۾ پڻ اهڙو غرور پيدا ٿيو هو، ۽ سياست جو تير ڪٽي آيو هو، ۽ الحڪم بن ابي العاص(2) پڻ انهيءَ جي بيعت ڪئي هئي، چاڪاڻ تہ دماغ ۾ سوداءُ هوس تہ مان هند ۽ سنڌ ڪي فتح ڪري هٿ هيٺ آڻيان. اسان جوهڪ -بہ ادنيٰ درجي جو نڪر [فقط] شڪار ڪرڻ جي طريقي سان ديبل ويو، ۽ ڪيس ڪنائين، ۽ سندس سارو لشڪر پڃي ويو. هاڻي اهو ساڳيو سوداءُ محمد بن قاسم جي دماغ ۾ وڏي ويو آهي، ۽ نيت پاڻ کي [111] ۽ پنهنجي لشڪر کي انهيءَ خودسريءَ جي خيال ۾ ختم ڪندو. جيڪڏهن ديبل فتح ڪيو اٿيئي تہ اهو نہ مضبوط قلعو آهي، ۽ نہ اتي ڪنهن طاقت واري لشڪر سان مقابلو ڪيو اٿيئي.اها هڪ اهڙي جڳهہ فتح ڪئي اٿيئي، جتي [فقط] واپاري ۽ ڪارخانيدار رهن ٿا.
جيڪڏهن انهن ۾ ڪو مشهور معروف ماڻهو هجي ها تہ توهان جو ڪو نشان نہ ڇڏي ها.
جيڪڏهن راجا جيسينہ بن ڏاهر کي، جو روءِ زمين جي بادشاهن تي غالب، وقت جي زبردستن ڪان انتقام وٺندڙ، راهبن ۽ ڪشمير جي راجا جو مٽ ۽ ثاني، نوبت، جهنڊي ۽ ڇٽ جو مالڪ، جنهن جي دربار جي چائنٺ تي هندستان جا راجا سر رڳڙي رهيا آهن، سڄو هند سنڌ جنهن جي حڪم جو تابعدار آهي، توران ۽ مڪران جي ملڪن لاءِ سندس حڪم ڳچيءَ جو هار آهي، جو سؤ مست هاٿين جو مالڪ ۽ سفيد هاٿيءَ جو سوار آهي، جنهن جي مقابلي ۾ ڪوبہ گهوڙو نٿو اچي سگهي، ۽ نہ وري ڪو مرد سندس سامهون بيهي سگهي ٿو، اجازت ڏيان تہ اوهان کي اهڙي سيڪت ڏئي ها جو قيامت تائين وري ڪنهن لشڪر کي سندس حدن جي نزديڪ اچڻ جي مجال

Gul Hayat Institute

نہ ٿئي ها.[تنهن ڪري] پاڻ کي غرور جي خواب ۾ مبتلا نہ ڪر, نہ تہ تنهنجي عاقبت بہ اها ٿيندي، جا بـَدَيل جي ٿي. توهان کي جنگ ۾ اسان سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانہ آهي، ۽ نہ اسان جي طاقت کان سلامت موٽي وڃي سگهو ٿا.
ڏاهر جو هيءُ خط جڏهن محمد بن قاسم کي پهتو، تڏهن منشي کي اهو ترجمو ڪري، ڪيس پڙهي ٻڌائڻ جو حڪم ڏنائين، ۽ مضمون کان واقف ٿي جواب لکارايائين[112]

## محمد بن قاسم جو ڏاهر ڏانهن خط.

بسم الله الرحمان الرحيم- هيءَ خط محمد بن قاسم ثقفيءَ جي طرفان، جو سرڪشن ۽ مغرورن کان مسلمانن جو بدلو وٺندڙ آهي، ڪافر، جاهل، منڪر، ۽ هنيلي ڏاهر بن چچ برهمڻ غدار ڏانهن ، جو بيوفا زماني جي ڦير گهير ۽ ظالم وقت جي غرور تي مغرور ٿيو آهي. ان بعد معلوم هجيس تہ نهايت جهالت ۽ بيوقوفيءَ کان جيڪي ڪجهہ لکيو اٿس ، ۽[جيئن] پنهنجي سست عقل تي مغرور ۽ مفتون ٿيو آهي، سو پهتو ۽ جيڪي بيان ڪيو اٿس، تنهن جي مضمون کان واقفيت حاصل ٿي. ۽ طاقت، حشمت، هٿيار، بندوبست، هاٿي ۽ سوار، ۽ لشڪر متعلق جيڪي لکيو اٿس، سو ذري پرذي سمجهيو ويو. اسان جي ساري قوت ۽ امداد [جو مدار] خدا پاڪ جي ڪرم، تياري ۽ بندوبست [ ۽] بادشاهہ جي فضل تي آهي. ولاَ حولَ قوَة اِلاَ باللّٰهِ العلِي العظِيم.(1) فيڪِيدُ وا لڪَ ڪيدًا (2) ثم لا يُنظرُون (3) اِنيتوَ ڪلتُ علي اللّٰهِ رَبِي وَربُڪم (4) وَمڪرَ اللّٰهُ وَاللّٰهُ خيرَالماڪِرِينَ (5) وَلاَيحِيق المڪرُ السيئُي اِلاَ باَهله (6) ڪم مِن فِئة قلِيلة غَلبَت فِئة ڪثِيرَة باِذنِ اللّٰه وَاللّٰهُ معَ الصابِرِينَ- (وڏي ۽ زبردست الله کان سواءِ ٻي ڪابہ قوت ۽ امداد ڪانهي. هو تنهنجي لاءِ رٿون رٿين ٿا. پر انهن کي مهلت ڪانہ ڏني ويندي. مون الله تعاليٰ تي توڪل ڪيو آهي، جو منهنجو ۽ توهان جو رب آهي. هنن رٿون رٿيون، هوڏانهن (الله) [پاڪ] بہ رٿ رٿي ، ۽ الله تعاليٰ سيني کان سٺو رٿيندڙ آهي. بري رٿ، رٿيندڙ کي ئي گهيرو ڪندي آهي. ڪيترين ٿورين ٽولين الله تعاليٰ جي حڪم سان وڏين ٽولين تي غالب پون ٿيون، ۽ الله تعاليٰ صبر ڪندڙن سان گڏ آهي.) اڙي عاجز! سوار ۽ هاٿي، ۽ لشڪر تي ڪهڙو ناز ٿو ڪرين؟ هاٿي تہ هڪ ذليل سموري سامان ۾ عاجز ۾ عاجز ۽ سيني رٿن ۽ نڱين مان هيٺي ۾ هيٺي چيز آهي، جو مڇر جهڙي هڪ ننڍي ۾ ننڍي جيت کي بہ پاڻ کان تڙي نٿو سگهي: ۽ جن گهوڙن ۽ سوارن کي ڏسي، هٺ ۾ پيو آهين، اهي الله جو لشڪر آهن(قولہ تعاليٰ:)(1) فاِنَ حِزب اللّٰهِ همُ الغالِبونَ

Gul Hayat Institute

(1) وَخيلُ اللهِ وَ فرسانُهاهمَ المنصُورونَ (بيشڪ الله جو لشڪر ئي غالب ٿيڻ وارو آهي ۽ الله جا گهوڙا ۽ سندن سوار ئي فتحياب آهن). [113] تنهنجي بد افعالي، برين عادتن ۽ تڪبر جي ڪري ئي اسان کي لشڪر ڪشي جو معاملو پيش آيو. چاڪاڻ تہ تو سرانديپ جي مال جون ٻيڙيون روڪي، مسلمانن کي قيد ڪيو. حالانڪ دنيا جي سيني ملڪن ۾ دارالخلافت، جو نبوت جو نائب آهي، جو حڪم جاري آهي ۽ سڀ فرمان بجا آڻين ٿا. فقط تون ئي سرڪشي ۽ شوخي ڪرين ٿو ۽ [پڻ] بيت المال جي خزاني جا اهي مال جيڪي اڳيان حاڪم ۽ گذريل بادشاهہ پاڻ تي لازم ۽ واجب سمجهي، ادا ڪندا رهيا هئا، سي [پڻ]تو روڪي ڇڏيا آهن. ۽ جڏهن تو پاڻ کي هنن اڻوٽندڙ خصلتن سان خراب ڪري، خدمت کان انڪار ڪيو ۽ هِڙين برين ڳالهين کي جائز سمجهيو، تڏهن دارالخلافت جو فرمان، شال سدائين جاري رهي، هن طرف پهتو تہ مان انهن ڪرتوتن جي بدلي وٺڻ لاءِ تنهنجي لڙائيءَ ڏانهن رخ ڪريان. ۽ جنهن بہ جاءِ تي منهنجو مقابلو ڪندين اتي خدا تعاليٰ، جو ظالمن کي مغلوب ڪرڻ وارو آهي، جي مدد سان توکي مغلوب ۽ خوار ڪندس، ۽ تنهنجو سر عراق ڏانهن موڪليندس، يا پنهنجي جان الله تعاليٰ جي راهہ ۾ قربان ڪندس ۽ هيءَ جهاد [اللهتعاليٰ جي] حڪم. "جاهِدِ الڪفارَ والمنافِقِينَ"(1) (ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر) موجب پاڻ تي واجب سمجهي خدا پاڪ جي رضامندي لاءِ قبول ڪئي اٿم. ۽ [سندس]عام احسان ۾ اميدوار آهيان تہ اسان کي فتح ڪاميابي عطا ڪندو- انشاءَ الله تعاليٰ وَ ڪتبه فِي ثلث وَ تِسعين (سن 93 هہ ۾ لکيو ويو) [114].

## ديبل فتح ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم جو نيرون ڏانهن وڃڻ

### حديث جي راوين ۽ تاريخ بيان ڪندڙن، نُباته بن حنظله ڪِلابِيءَ کان آندو آهي تہ: ديبل فتح ڪرڻ ۽ بي انداز غنيمتن حاصل ڪرڻ کان پوءِ، محمد بن

قاسم جي حڪم فرمائڻ تي منجنيقون ٻيڙن ۾ رکي، نيرون جي قلعي ڏانهن روانا ٿيا. ٻيڙا انهيءَ پاڻيءَ مان جنهن کي ساڪري جو نارو(1) چون ٿا، تي نيائون. ۽ پاڻ سيسم(2) جي رستي کان تي ويا. جڏهن سيسم[2] جي منزل وٽ پهتا تہ اتي حجاج کان انهيءَ خط جو جواب اچي پهتو، جيڪو پاڻ ديبل جي فتح بابت هن ڏانهن لکيو هئائين.

Gul Hayat Institute

# محمد بن قاسم کي حجاج جو خط پهچڻ

بسم الله الرحمان الرحيم- حجاج بن يوسف کان محمد بن قاسم ڏانهن. ڄاڻڻ گهرجي ته اسان جي دل جي ارادي ۽ همت جي تقاضا اهائي آهي ته توکي هر حال ۾ ڪاميابي حاصل هجي، ۽ [انشاءَ الله تعاليٰ] تون ڪامياب ۽ فتحمند هوندين، ۽ الله عزوجل جي احسان سان دشمن دنيا جي سزا ۽ آخرت جي عذاب ۾ هميشه گرفتار ۽ مغلوب رهندا. [پر] اهو گمان هرگز نه نج ته انهن جا اهي سڀ هاٿي، گهوڙا ۽ سامان اسباب توکي نيبهه ٿيندا. [توکي] دوستن سان چڱي طرح وقت گذارڻ ۽ هر هڪ جي عزت ۽ احترام ۾ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ۽ سيني کي دلداري ڏيندو رهج، ڇاڪاڻ ته اها ساري ولايت تنهنجي ملڪيت ۾ ايندي. جيڪو به قلعو فتح ٿيندو رهي، ته [ انهيءَ مان] لشڪر جي ضرورتن جي جيڪا به شيءِ هٿ اچي، سا [لشڪر جي] خرچ ۽ تياريءَ ۾ صرف ڪج. ڪاڏي پيتي جي گهربل شين کان، جيترو ٿي سگهي، [ڪنهن کي] روڪ ۽ ٽوڪ نه ڪج. سُکر سٽائيءَ جي [پيداڪرڻ ۾]حد ۾ حد ڪوشش ڪج. [115] جيئن لشڪر ۾ اناج سستو رهي. ديبل ۾ جيڪي بچايو ويو آهي، سو به قلعي ۾ ذخيرو ڪري رکڻ بدران ماڻهن تي صرف ڪرڻ بهتر آهي، ڇو ته ملڪ فتح ٿيڻ ۽ قلعن جو قبضي ۾ اچڻ کان پوءِ رعيت جي آرام ۽ رهاڪن جي دلجوئي جي ڪوشش ڪرڻي آهي، ۽ جيڪڏهن ڪڙمي، ڪاريگر ۽ واپاري آسودا هوندا ته ملڪ سر سبز ۽ آباد رهندو. انشاءَ الله تعاليٰ- ڪتبَه فِي العِشرِينَ مِنَ رَجب سنة ثلاث و تِسعين:(1) يعني ويهين رجب، سنه ٽيانوي ۾ لکيو ويو.

# ديبل جي خبر ۽ نيرون وارن جو حجاج بن يوسف کان پروانو وٺڻ

اَبُوالليث التميمي کان هن طرح آٽين ٿا، ته هن جعوَنه(2) بن عقبه سُلمِي کان روايت ڪئي ته: جڏهن محمد بن قاسم ديبل فتح ڪري نيرون ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن اسان ساڻس گڏ هئاسون. هنن [نيرون وارن ] عرب جي لشڪر جي شڪست ۽ بُدَيل جي شهيد ٿيڻ وقت، حجاج سان عهد ڪري پاڻ تي ڍل مقرر ڪرائي ڇڏي هئي. محمد بن قاسم ديبل کان نيرون ڪوٽ (1) ڏانهن، پنجويهن فرسنگن تي آهي، ڪاهي، ڇهه ڏينهن پنڌ ڪري، ستين ڏينهن اچي

Gul Hayat Institute

نيرون ڪوٽ جي ٻاهران پهتو.(2) بروري، جي پٽ ۾ هڪ چراگاهه آهي، جنهن کي بلهار [يعني ولهار ياويءِ] ٿا چون، [اتي اچي منزل انداز ٿيو]⁽²⁾. اتي اجا مهراڻ جو پاڻي نہ آيو هو، جنهن ڪري لشڪر اڄ کان دانهون ڪرڻ لڳو. محمد بن قاسم ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪري جيئن جو عرض ڪيو: يادَلِيلَ المُتَحيِرِينَ وَ ياغياثَ اَلمُستَغِيثِينَ اَغِثنِي بحقِ بِسمِ اللهِ الرَحمان الرَحِيم (اي پريشانن جا رهنما! اي فريادين جا مددگار! بسم الله الرحمان الرحيم جي ھحابي منهنجي واهر ڪر) تيئن [هڪدم] الله پاڪ جي حڪم سان رحمت جو مينهن وسڻ لڳو. انهيءَ شهر جي آسپاس جيڪي بہ تلاءَ يا حوض هئا، سي سڀ ڀرجي ويا. نيرون وارن ڪوٽ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا. سندن سردار ۽ حاڪم شمني(3) ڏاهر ڏانهن ويل هو. محمد بن قاسم لشڪر جي گاهه جي تنگيءَ کان[116] ڳٽتيءَ ۾ پئجي ويو. پنجن- ڇهن ڏينهن کان پوءِ شمني موٽي آيو، ۽ ٻہ سردار حجاج جي پرواني سميت موڪلي، ساٽس گڏ سيڏو ۽ گاهہ پڻ روانو ڪري، انهن جي واتان پيغام موڪليائين تہ: ”مان خواہ هيءُ سمورو لشڪر ۽ رعيت دارالخلافت جا آهيون، ۽ امير حجاج جي پرواني جي حڪم موجب هتي ٽڪيل [آهيون]، ۽ سندس ٽيڪ، دلداري ۽ تربيت تي قائم آهيون، جنهن صورت ۾ مان غير حاضر هوس، تنهنڪري رعيت متردد ٿي دروازا بند ڪيا هئا.“ شمني [اچڻ سان] ڪوٽ جا دروازا کولارايا، ۽ [ماڻهو] لشڪر سان خريد فروخت ڪرڻ لڳا. محمد بن قاسم، بروري(1) جي منزل کان، هن [شمني] جو شڪريو حجاج ڏانهن لکي،نيرون وارن جي وفاداريءَ ۽ فرمانبرداريءَ جي خبر ڏني. حجاج انهيءَ خط جي جواب ۾ ڪين هنن جي دلداري ڏيڻ جي ڏاڍي پارت فرمائي، ۽ ڪين لکيائين تہ: ”سندن آرام جي هر طرح ڪوشش ڪريو، ۽ ڪين اسان جي مهربانين جو اميدوار بنايو. الله پاڪ جي احسان ۾ اميد آهي تہ تنهنجو قدم مبارڪ جتي بہ پهچندو[ تي] فتح ۽ ڪاميابي ٿيندي. جيڪو بہ توکان امان گهري، تنهن کي امان ڏج، ۽ جيڪي بہ بزرگ ۽ مکيہ ماڻهو تو سان اچي ملن، تن کي قيمتي خلعتن سان سرفراز ڪري، پنهنجي احسان جي زيربار ڪج ۽ لياقت آهرَ هر هڪ کي انعام اڪرام ڏيڻ واجب ڄاڻج، ۽ عقل کي پنهنجو رهبر بنائج تہ جيئن ملڪ جا امير ۽ مشهور معروف ماڻهو تنهنجي قول ۽ فعل تي پورو اعتماد رکن.“

## محمد بن قاسم جو پنهنجا اعتماد جوڳا ماڻهو نيرون ۾ موڪلڻ

Gul Hayat Institute

پوءِ محمد بن قاسم پنهنجن خاص ۽ مکيہ ماڻهن مان ڪي اعتماد جوڳا ماڻهو نيرون جي قلعي ۾ موڪليا ۽ چيائين تہ: اسان تي قلعي جي دروازن بند ڪرڻ، ڏاڍو [برو] اثر ڪيو، پر جڏهن غير حاضريءَ جو عذر ٻڌو ويو، تڏهن ڪاوڙ ٺري ويئي ۽ توهان ڏانهن مهرباني ۽ عزت جو خيال ڪيو ويو آهي: تنهنڪري مقدم الدولة پندرکو شمني(1) ڪي دلجاءِ ۽ تسلي سان حاضر ٿيڻ گهرجي، سندس حق ۾ مهربانيءَ ۽ تربيت جي ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي ويندي [117].

## شمنيءَ جو سمر ۽ تحفن سميت محمد بن قاسم جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ

ڏينهن، جڏهن صبح صادق اونداهيءَ جي پردي مان اطلس جو لباس پهري ظاهر ٿيو، تڏهن شمني پڻ بي انداز تحفن ۽ بيپايان نذرانن سان محمد بن قاسم جي خدمت ۾ حاضر ٿي، رضامندي جي خلعت پهري، ۽ قلعي جو دروازو کولي، محمد بن قاسم جي مهماني ڪيائين، ۽ لشڪر کي اناج ڪشادو ملڻ لڳو.

محمد [بن قاسم] قلعي تي هڪ گورنر مقرر ڪيو، ۽ ٻڌ جي بتخاني جي جاءِ تي هڪ مسجد تهرائي ۽ بانگ، نماز ۽ امام مقرر ڪيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ، سيوستان وڃڻ جو ارادو ڪيائين، اهو قلعو، مهراڻ جي مغربي ڪناري تي جبل جي مٿان آهي. محمد بن قاسم کي اميد پيدا ٿي تہ سارو ملڪ اسلام جي لشڪر جي هٿان فتح ٿي ويندو ۽ سيوستان جي انديشي لاهڻ کان پوءِ موٽڻ وقت، ڏاهر ڏانهن [وڃڻ لاءِ] درياءَ جي ٽپڻ جي صلاح ڪئي ويندي: شال خداوند ڪريم عربن جي اميد برصواب فتحمنديءَ جا امڪانات ميسر ڪري!

---

(3) ن،ب،س:ارمن بيلہ: پ،ارمائيل: ڪ،ارمابيله.

(1) هي سڄو عنوان ۽ بيان اسان اراد تاً ڏنگين ۾ رکيو آهي ۽ بالڪل بي معنيٰ آهي، جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [111] .(ن-ب)

(2) هن جاءِ تي جملي نسخن ۾ ”ابوالعاص بن الحڪم“ آهي. ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [111] .(ن-ب)

(1) فارسي متن ۾ فڪِيدُ وا،ن: فيڪيدُ وا، جا صحيح پڙهڻي آهي. هن عربي عبارت ۾ مختلف آيتون ملائي، موزون مضمون پيدا ڪيو ويو آهي. شروع واري جملي ۾ آية صرف "قوة الا با الله“ (ڪهف! ر-ہ)آهي.ان بعد (ا) آيت يوسف:ر-ا):

Gul Hayat Institute

(2) آيت جو حصو(الانعام :ر-ا)

(3) آيت (هود:ر-ه):

(4) آيت (آل عمران: ر-5):

(5) آيت (فاطر: ر-5):

(6) آيت (البقره:ر-33).بشڪريہ محترم قاضي احمد ميان اختر صاحب.(ن-ب)

(1) -( 1) آيت قرآن (المائده: ر-8).هي آيت فارسي متن ۾ "الا ان" سان شروع ٿيئي ٿي، جا صحيح نہ آهي: "الا ان حزب الله هم المفلحون" (المجادلہ:ر-3) هڪ ٻي جدا آيت آهي.(ن-ب)

(1) سورهِ التوبه: ر-10

(1) فارسي متن جي اصل عبارت: "ناله سانڪره" آهي. مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن: ن. ب: نالهسانڪره، پ: ساڪر، م، ر دهند ساڪره، س: دهند ساڪره، ڪ: هند ساڪره.

(2) فارسي ڇاپي ۾ "سميم" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي مگر انهن پنهي جاين تي معتبر نسخن مثلاً پ، م، ر، ن جي متفقہ پڙهڻي "سيسم" آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي (ن-ب)

(1) هي اضافو ن ۽ ب مان آهي (ن-ب)

(2) اصل "جعوية" جو صحيح نہ آهي. ڏسو هن کان اڳ، حاشيہ ص [105] (ن-ب)

(1) اصل ۾: حصار نيرون.

(2) فارسي متن جي اصل عبارت: "مرغزاريست ڪ آنرا بلهار گويند. بزمين بردي". هن جاءِ تي ۽ وري ص 117 تي "بردي" نالو آيو آهي. هن جاءِ تي م جي پڙهڻي "بروزي" ۽ ن جي پڙهڻي "بروي" آهي. ص [117] تي پ: بروري ۽ م، ن، ڪ: بروزي. انهن پڙهڻين جي مطابق هي لفظ "بروري" يا "بروزي" ٿي سگهي ٿو. مگر قديم نسخي پ جي پڙهڻي "بروري" آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ اڪثر ديهن ۽ ڳوٺن جي نالن جي آخر ۾ "ري" يا "ڙي" آهي. مثلاً ڪلري، هوسڙي، هٽڙي وغيره. (ن-ب)

(3) جنهن کي ڏاهر، ديبل جي فتح جو ٻڌي، نيرون جو حاڪم مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. ڏسو مٿي ص [110]. (ن-ب)

(1) فارسي متن ۾ "بردي". هت اختيار ڪيل پڙهڻي لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص [116]. (ن-ب)

(1) اصل ۾، هت سيني نسخن ۾ "بهند رڪن سمني". مگر ص [131] تي ساڳيو نالو سيني نسخن مطابق "سمني بهندرڪو". اسان پوئين پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

## سيوستان ۽ ان جي پسگردائيءَ جي فتح ڪرڻ ۽ قلعي وٺڻ جي خبر

محمد بن قاسم، نيرون جو ڪاروبار درست ڪري، ٺهي نڪي، شمنيءَ سان گڏ سيوستان ڏانهن رخ رکيو ۽ منزلون ڪندو ٽي ويو. نيٺ وڃي انهيءَ جاءِ وٽ پهتو جنهن کي موج ٽا چون ۽ جا نيرون کان ٽيهن فرلانگن تي هئي. اتي هڪ شمني رهندو هو، جو رعيت جو اڳواڻ هو، ۽ قلعي جو بادشاهه ڏاهر بن چچ جو سؤٽ بجهراءِ(1) بن چندر نالي هو. اتي سيني شمنيئن(2) گڏجي بجهراءِ ڏانهن پيغام موڪليو تہ: اسان زاهد (3) ماڻهو آهيون، اسان جو دين، امن [پسندي] ۽ مذهب، عافيت [پسندي آهي].[118] اسان جي طريقي ۾ جنگ ۽ ڪوس جائز نہ آهي، ۽ خون وهائڻ جي حق ۾ نہ آهيون. تون بلند قلعي ۾ ويٺو آهين، ۽ اسين ڏجون ٿا تہ جڏهن هي ماڻهو ايندا تہ اسان کي تنهنجا تابعدار سمجهي قرينداً ۽ اسان جون جانيون ۽ مال کسي وٺندا. اسان کي [هيءُ بہ] معلوم ٿيو آهي تہ ڪين دارلخلافت ۽ امير حجاج جو حڪم آهي تہ جيڪو بہ ماڻهو امان گهري تنهن کي امان ڏني وڃي، جيڪڏهن[توهان بہ اسان سان] متفق ٿيندا ۽ صلاح قبول ڪري، اسان جي نصيحت وٺندا تہ اسان وچ ۾ واسطو ٿي تنهنجي ۽ پنهنجي لاءِ امان گهرنداسون ۽ هڪٻئي سان پڪو عهدنامو ۽ مضبوط انجام ڪنداسون. عرب جا ماڻهو وفادار آهن ۽ جيڪو بہ قول سندن زبان مان نڪرندو سو پورو ڪندا ۽ ان جي مخالفت نہ ڪندا. بجهراءِ سندن صلاح کان انڪار ڪيو، ۽ سندن چوڻ ڏانهن ڪوبہ توجهہ نہ ڪيائين. پوءِ محمد بن قاسم هڪ جاسوس موڪليو تہ هنن جي طبيعت معلوم ڪري تہ هو پاڻ ۾ هڪٻئي سان موافق آهن يا منافق. هن ڏٺو تہ ڪي لشڪري لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ٻاهر نڪري آيا آهن. [تنهن تي] محمد بن قاسم ريگستان واري دروازي وٽ اچي لٿو، جو لڙائي لاءِ ٻي ڪابہ جاءِ ڪانہ هئي، چاڪاڻ تہ برسات جو پاڻي وڏي ويو هو ۽ اتر کان (1) سنڌوندي، ارل ۾ وهي ويئي هئي[1].

Gul Hayat Institute

## لشڪر جي سيوستان سان جنگ ڪرڻ

محمد بن قاسم منجنيق ڪڙي ڪرڻ ۽ جنگ شروع ڪرڻ جو حڪم ڏنو. شمنيئن هن (بجهراءِ کي گهڻو ئي روڪيو تہ: ”هن لشڪر سان تنهنجي پڄڻ جي پيٽي نہ آهي. تون انهن جو مقابلو ڪري نہ سگهندين. تنهنجي خود سريءَ ڪري [سيني جو] جان ۽ مال برباد نہ ٿيڻ

گهرجي". [ آخر] جڏهن رعيت جي نصيحت نہ ٻڌائين، تڏهن [لاچار ٿي] شمِنيئن، محمد بن قسم ڏانهن پيغام موڪليو تہ: "سموري رعيت [119] جهڙوڪ هاري، ڪاريگر، واپاري ۽ عام ماڻهو بجهراٍّ ڪان ڀڄي پري ٿيا آهن ۽ ساڻس بيعت ڪانہ اٿن: بجهرا [illegible]ِ ڪي ايترو ساز سامان ۽ تياري ڀڻ ڪانهي جو تنهنجو مقابلو ڪري ۽ لڙائيءَ ۾ تو سان هٿ ڳنڍي سگهي". اهو پيغام معلوم ڪري اسلامي لشڪر جي دل وڌي، ۽ محمد بن قاسم رات ڏينهن لاڳيتو جنگ جاري رکي. اٽڪل هڪ هفتي جي مدت اندر قلعي وارن لڙائيءَ مان هٿ ڪڍي ڇڏيو. بجهراء جڏهن ڏٺو تہ قلعي وارا تنگ ٿيا آهن، تڏهن [رات جي وقت] جڏهن دنيا ڏامر جهڙي پردي ۾ لڪي ويئي، اترئين دروازي ڪان درياءُ ٽپي، لڪي ڀڄي ويو ۽ وڃي ٻڌيہ(1) جي حد ۾ پهتو. انهيءَ وقت ٻڌيہ جو راجا ڪاڪو پٽ ڪوتل(2) نالي شمني ڀڪو هو. سندس قلعو ڪنڀَ نهر جي ڪناري (3) تي سيسم[نالي] هو. ٻڌيہ جا رهاڪو ۽ اُنهيءَ طرف جا اڳواڻ سندس استقبال تي آيا ۽ ڪيس قلعي جي آڏو اچي لاٿائون.

## سيوستان جو هٿ اَچڻ ۽ بجهراء جو هليو وڃڻ

جڏهن بجهراء ڀڄي ويو ۽ شمِنيئن اطاعت ڪئي، تڏهن محمد بن قاسم سيوستان جي قلعي اندر آيو ۽ دلجاءِ ڪري، ڪاروبار متان پنهنجا ڪامورا ۽ نائب مقرر ڪري، پسگردائي سندن حوالي ڪيائين. پوءِ شمِنيئن ڪان سواءِ جن ساڻس پڪو عهدنامو ڪيو هو، [ٻين ڪان] جتي بہ سون چاندي ڏٺائين، پنهنجي قبضي ڪيائين، ۽ سموري چاندي، زيور ۽ روڪڙ ضبط ڪري، لشڪر جو حق لشڪر کي ڏيئي، باقي پنجون حصو حجاج جي خزانچيءَ جي حوالي ڪيائين، ۽ حجاج ڏانهن فتح جو احوال لکيائين، ۽ راءَ زادن(1) کي مقرر ڪري، غنيمت ۽ غلام موڪلي ڏنائين ۽ پاڻ اتي ترسيو. [120]

بن- ٽن ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن [سرڪاري] پنجين حصي ۽ لشڪر جي حصن [جي تقسيم]ڪان فارغ ٿيو، تڏهن سيسم جي قلعي ڏانهن رخ ڪيائين. ٻڌيہ جو لشڪر ۽ سيوستان جو بادشاهہ لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي بيٺا. محمد بن قاسم، انهيءَ ٽولي ڪان سواءِ جيڪو سيوستان جي گورنر سان مقرر ڪيو هئائين، سمورو لشڪر وٺي، ڪنڀ جي ڪناري تي بندهان(2) نالي هڪ منزل وٽ اچي

Gul Hayat Institute

لٽو. آسپاس جا رهاڪو سڀ ڪافر هئا. اسلامي لشڪر ڏسي، سيني راتاهو ڏيئي، ڪين منتشر ڪرڻ جو ٺهراءُ ڪيو.

## مُڪين جو ڪاڪي بن ڪوتل(1) وٽ اچڻ

[ا ها صلاح ڪري،] ٻُڌ(2) جا مُڪي ڪاڪي [بن] ڪوتل[1] وٽ آيا[3] جو ٻُڌيہ جا راڻا سندس اولاد مان آهن ۽ جنهن جو وڏو آڪر گنگا جي انهيءَ گهير ڪان، جنهن کي اودند وهار ٿا سڏين، آيو هو(3) - ۽ ساڻس صلاح ڪيائون تہ اسان هن عرب جي لشڪر تي راتاهي ڏيڻ جو ٺهراءُ ڪيو آهي. (ڪاڪي جو جواب:) ڪاڪي چيو تہ، ”جيڪڏهن توهان ڪان ٿي سگهي تہ [ائين ڪرڻ] چڱو ٿيندو، مگر ٻڌ وارن ۽ راهبن نجوم جي ڪتاب مان اسان کي ٻڌايو آهي تہ هيءُ پاسو اسلام جي لشڪر هٿان فتح ٿيندو.“ [ائين چئي] پيمن(4) نالي هڪ مُڪيءَ کي سندن مٿان سردار مقرر ڪري، چنن(5) کي سندس فوج ۾ رکي، هڪ هزار ترار جا ڌڻي ۽ دلاور مڙس سندس هٿ هيٺ ڏنائين. جڏهن ڏينهن جو رومي لشڪر رات جي حبشي لشڪر جي حملي ڪان شڪست کائي پٺي ويو [121] تڏهن اهي سيئي ترارين، ڍالون،نيزا، ٻرڇيون ۽ ڪٽاريون کڻي راتاهي (شبخون) مارڻ لاءِ روانا ٿيا. عربن جي لشڪر کي ويجهو پهچڻ وقت رستو ڀلجي ويا، ۽ پوري رات شام ڪان صبح تائين ڀٽڪندا رهيا. هو چئن حصن ۾ ورهائجي بيابان ۾ ڦرندا رهيا ۽ نہ [لشڪر جو] مقدم، ساقہ سان مليو ۽ نہ ميمنہ (وري) ميسره کي ڏٺو.[رُلي رُلي] جڏهن منهن ڪديائون تہ پاڻ کي سيسم جي قلعي جي ٻاهران ڏٺائون. جڏهن رات جو سرمائي پردو ستارن جي بادشاهہ (سج) جي روشنائي جي چوڪ سان ڦاٽي پيو،(1) تڏهن قلعي ۾ آيا،

۽ [اچي]  ڪاڪي [بن] ڪوتل(2) کي سارو احوال ٻڌايائون تہ اسان جي هيءَ رٿ ڪارگر نہ ٿي. ڪاڪي وراڻيو تہ: ”توهان کي معلوم آهي تہ مان بهادريءَ، مردانگيءَ، همت ۽ دانائيءَ ۾ مشهور معروف آهيان، ۽ توهان وٽ رهي ڪيترين مشڪلاتون حل ڪيون اٿم. پر ٻڌ مذهب وارن ڪتابن ۾ نجوم جي حساب سان ائين حڪم ٿيل آهي تہ هندستان اسلامي لشڪر جي هٿان فتح ٿيندو. تنهنڪري مون کي سندن استقبال ڪرڻ جو ارادو آهي.“

Gul Hayat Institute

## ڪاڪي [بن] ڪوتل(3) جو نُباته بن حَنظَلَه سان گڏجي محمد بن قاسم جي خدمت ۾ وڃڻ ۽بيعت ڪرڻ

پوءِ ڪاڪي پنهنجي خاص ۽ ڀروسي وارن ماڻهن سان گڏجي، عربي لشڪر جو رخ ڪيو. ڪجهه پنڌ ڪيائين تہ ڪيس نباته بن حنظله مليو. جنهن کي محمد بن قاسم نگراني لاءِ ڇڏيو هو. جو ڪيس محمد بن قاسم وٽ وٺي آيو. جڏهن خدمت جي سعادت حاصل ڪيائين، تڏهن محمد بن قاسم ساڻس عزت سان پيش آيو ۽ [مٿس] مهرباني ڪيائين. ڪاڪي، ڇنن(1) جي راتاهي ۽ سندن دغابازيءَ جي رتن جو احوال ڪيو. ۽ ڪيئن خدا تعاليٰ کين ڀلايو جو سڄي رات دربدري ۽ شرمندگيءَ ۾ ڦرندا رهيا، سو سڀ بيان ڪري، چيو تہ: ”اسان جي نجومين ۽ معتبرن، علم نجوم [جي حساب] مان نتيجو ڪڍي، هيءُ حڪم ڪيو آهي تہ [122] هي پاسو اسلامي لشڪر جي حوالي ٿيندو. [وري] جڏهن هيءُ معجزو ڏٺو ويو تہ يقين ٿيو تہ [برابر اهو] الاهي حڪم آهي، ۽ ڪوبہ ماڻهو ٺڳيءَ ۽ دغابازيءَ سان مقابلو ڪري نہ سگهندو. تون هر طرح دلجاءِ ۽ تسلي ڪر تہ انهن تي فتح لهندين. مون تنهنجي تابعداري قبول ڪئي آهي، ۽ توکي نصيحت ڪندو رهندس. ۽ جيترو ٿي سگهندو اوترو مددگار رهندس، ۽ دشمنن ۽ بدخواهن جي بيخ ڪني ۽ مغلوب ڪرڻ ۾ رهبر ٿيندس.“ محمد بن قاسم کي جڏهن هن حال جي خبر پيئي ۽ سندس ڳالهہ ٻڌائين، تڏهن الله تعاليٰ جي تعريف ڪيائين ۽ شڪراني جو سجدو بجا آندائين. ۽ ڪاڪي کي سندس سڀ تابعدارن ۽ ڪٽنب سميت، امان ڏيئي ڪيس دلجاءِ ڏنائين. پوءِ ڪاڪي کي چيائين تہ: ”هند جا اميرا! توهان جي سروپا ڪهڙي ٿيندي آهي؟“ ڪاڪي عرض ڪيو تہ: ”اسان جي سروپاءَ آهي ڪرسي، ۽ ريشم ۽ پٽ جو هندستاني ڪپڙو(1) جو پڳ وانگر مٿي تي ويڙهيندا آهيون. چاڪاڻ تہ اسان جي بزرگن ۽ شمني(2) ڄامن جي اها ئي رسم آهي. پوءِ اها ڪيس پهرائي ويئي. ڪاڪي جي هن سروپا پهرڻ تي سيني مُکين ۽ آسپاس جي سردارن سندس بيعت ڏانهن لاڙو ڪيو. جن ماڻهن سندس تابعداري قبول ٿي ڪئي، تن کي عربي لشڪر جي خوف کان امان ٿي ڏنائين، ۽ جنهن ٿولي خودسري ۽ سرڪشي ٿي ڪئي، تن ڏانهن [اسلامي لشڪر جي] رهبري ڪيائين ٿي [.محمد بن قاسم] عبدالملڪ بن قيس الدمي (3) کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو. انهيءَ لاءِ تہ جيڪو بہ سرڪشي ڪري تنهن کي سيڪت ڏئي. ڪاڪي مخالفن تي حملو ڪري، ڏاڍا ڏوڪڙ

Gul Hayat Institute

ڪپڙا، وهٽ، غلام ۽ اناج غنيمت ۾ هٿ ڪيو. جنهن ڪري لشڪر ۾ گوشت ۽ گاهه جي فراواني (گهڻائي) ٿي.

پوءِ محمد بن قاسم اتان منزل ڪٽي سيسم جي قلعي تي آيو. ٻن ڏينهن جي جنگ ڪانپوءِ خدا تعاليٰ کيس فتح ۽ ڪافرن کي شڪست ڏني. ڏاهر جو سؤٽ ٻجهرا ␣␣بن چندر بن سيلائج ۽ راوت ۽ ٺڪرَ- جيڪي سندس تابعدار هئا، [122] ٻڌيهِ کان متي پڇي ويا. بلڪ گهڻن نہ پنهنجي پياري جان انهيءَ بيفرمانيءَ ۾ گنوائي، ۽ ڪي، سالوج ۽ قندابيل(4) جي وچ واري قلعي ڀهطلور(1) ڏانهن هليا ويا ۽ اتان وچي امان نامي جي استدعا ڪيائون. چاڪاڻ تہ هو ڏاهر جا مخالف هئا ۽ جيئن تہ هن جي ڪن ماڻهن کي ڪُٺو هئائون، تنهن ڪري سندس فرمانبرداريءَ کان ڦريل هئا. هنن قاصد وچ ۾ آڻي. پاڻ تي هڪ هزار درهم تور چاندي(2) مقرر ڪري، پنهنجا ضامن سيوستان ڏانهن موڪليا.

## حجاج بن يوسف کان مهراڻ ٽپي-ڏاهر سان جنگ جوٽڻ جو حڪم پهچڻ

محمد بن قاسم ڊل مقرر ڪري، سندن آرام لاءِ نئون پروانو جاري ڪيو. ۽ [هن کان پوءِ] آل جارُود مان ٻن اعتماد جوڳن ماڻهن [عبدالملڪ بن] القيس(3) ۽ حُميدُ بن وَدَاعَ النجدِي کي مقرر ڪري، هي ڪم سندن حوالي ڪيائين. جڏهن سيسم جي ڪم کان واندو ٿيو، تڏهن حجاج جو حڪم پهتس تہ: "ٻيون سڀ جايون ڇڏي نيرون ۾ موٽي اچ، ۽ مهراڻ ٽپڻ جي تجويز ڪري، ڏاهر جي جنگ ڏانهن رخ ڪر، ۽ موليٰ عزوجل کان مدد گهرج تہ توکي فتح ۽ ڪاميابي بخشي. انهيءَ فتح ٿيڻ تي [ننڍا وڏا] قلعا ۽ ساري پسگردائي هٿ اچي ويندي ۽ ڪوبہ روڪيندڙ نہ هوندو." محمد بن قاسم هيءُ حڪم پڙهي، سندس مضمون کان واقف ٿي نيرون ڪوٽ موٽي آيو ۽ اچي خط لکيائين.

## عرب جي لشڪر جو نيرون ڪوٽ موٽي اچڻ

پوءِ [محمد بن قاسم لشڪر ساڻ] منزلون ڪاٽي اچي قلعي ۾ لٿو، جو نيرون ٽَڪر(1) تي آهي. [124] ان جي ويجهو هڪ تلاءُ آهي، جنهن جو پاڻي عاشق جي اکين کان وڌيڪ صاف،

Gul Hayat Institute

جنهن جو چراگاهہ اِرمَ جي باغ کان وڌيڪ وڻندڙ آهي. انهيءَ تلاءُ وٽ اچي منزل ڪيائين، ۽ هيٺيون خط حجاج بن يوسف ڏي لکيائين.

## محمد بن قاسم جو، خط لکي حجاج بن يوسف کي احوال ٻڌائڻ

بسم الله الرَحمانِ الرَحيم- وڏي امير، زبردست عالم،دين جي تاج، عجم ۽ هند جي پناهہ، حجاج بن يوسف جي شاندار درگاهہ ۾ هن خدمتگار محمد بن قاسم جي طرفان. بندگي ۽ خدمت گذاريءَ کان پوءِ، عرض ٿو ڪري تہ هي مخلص عرب جي سڀني اميرن، لشڪر، نوڪرن ۽ مسلمانن جي لشڪر جي سڀني جماعتن سميت صحيح ۽ سلامت آهي. ڪاروبار جي استقامت ۽ دائمي خوشي ۽ آرام حاصل آهي. [اوهان جي] روشن راءِ کي معلوم هجن گهرجي تہ بيابان ۽ خطرناڪ منزلن ڪاٽڻ کان پوءِ، درياءُ جي ڪناري(1) جنهن کي مهراڻ چون ٿا، پهتاسون.

۽ بغرور(2) جي قلعي جي مقابل ٻئي طرف جي اها ايراضي، جا مهراڻ جي ڪناري تي آهي، فتح ٿي آهي(3) ۽ اهو قلعو، اروڙ جي حد حڪومت ۾ [آهي][4]، سرڪش ماڻهن کي پنهنجي اقتدار هيٺ آندو ويو ۽ باقين کي حملو ڪري ڀڄايو ويو. جيئن تہ امير حجاج جو حڪم پهتو جنهن ۾ موٽي اچڻ جو اشارو ڪيل آهي، تنهنڪري نيرون ڪوٽ(4) واري قلعي ۾ موٽي اچڻ ٿيو. هيءُ قلعو دارالخلافت کي وڌيڪ ويجهو آهي. اميد تہ الله تعاليٰ جي مدد، بادشاهہ جي اعانت ۽ امير معظم جي بخت [جي ياوريءَ] سان ڪافرن جا سڀ مضبوط قلعا فتح ٿي ويندا، [125] ۽ شهر ۽ خزانا هٿ ايندا. في الحال سيوستان ۽ سيسم جا قلعا هٿ آيا آهن. ڏاهر جو سؤٽ، سندس بهادر ۽ مکيہ ماڻهو [ٻاهر] ڪڍيا ويا، باقي ٻيا سڀ ڪفار مغلوب ٿيا آهن. ڪافرن جي عبادت گاهن جي بجاءِ مسجدون ۽ عبادت گاهون ٺهرايون ويون آهن، ۽ بانگ نماز، خطبن ۽ منبرن جو بنياد رکيو ويو آهي، جيئن ماڻهو وقتن اندر خدا جو فرض ادا ڪندا رهن، ۽ صبح ۽ شام خدا تعاليٰ جو ذڪر ۽ تڪبير بجاءِ آڻيندا رهن. جهڙيءَ طرح قرآن جو نص ناطق آهي تہ [قولہ تعاليٰ]: اَقِمِ الصلواۃ لِدُلُوکِ الشمس اِليٰ غسقَ الليلِ وَقرآنَ الفجر- الاية (1) ۽ اهي ٻتن جا نشان الله جي تائيد ۽ اِن ينصرُ کمُ اللّٰهُ فلاَ غالبَ لکم(2) (جيڪڏهن خدا تعاليٰ توهان جي تائيد ڪندو تہ پوءِ ڪوبہ توهان تي غالب ڪونہ ٿيندو) جي تصديق مطابق صاف ڪيا وڃن، پوڄارين ۽

شيطانن ۽ انهن جي جماعتن کي مغلوب ۽ خوار خراب ڪري جهنم ۽ سخت عذاب جي حوالي ڪيو وڃي. اسان [هن وقت]هڪ اهڙي قلعي جي پناهه ۾ رهيل آهيون، جو سڪندر روميءَ جي ٻنڌ تي پڻ فخر ٿو ڪري، ليڪن اسان جو ڀروسو ۽ پناهه الله عزوجل تي آهي. اوهان جي راءِ عاليءَ، سدائين عالي رهي، آڏو هيءُ خط پيش ڪري، جواب جو منتظر آهيان ته جهڙيءَ طرح فرمان ناطق ۽ مطلق جاري ٿئي، انهيءَ لاءِ تيار ٿيان، ۽ الاهي توفيق سان جهڙو ارشاد ڪندا، انهيءَ موجب عمل ڪيو ويندو. ڪريم حاڪم کي هيءُ ڳالهه به معلوم هئڻ گهرجي ته ڏاهر جي گورنرن مان هڪ گورنر مهراڻ جي اُيرندي طرف انهيءَ (1) ماڙيءَ ۾ . جا ڪشها (ڪڇ) جي سمنڊ جو ٻيٽ آهي[1]، ٻيٽ (2) جي قلعي جو والي آهي، جنهن کي بسامي [پٽ] راسل (3) چون ٿا. هن جو پٽ ڏاهر جي مڪيه ۽ خاص ماڻهن مان آهي. هند خواهه سنڌ جي گهڻن بادشاهن جي ساڻس بيعت آهي، ۽ سندن وچ ۾ مضبوط عهدناما ٿيل آهن[126]، جي سندس صلاح کان ٻاهر نه ويندا: ۽ ديبل جا جيڪي ماڻهو اسان سان مليا آهن، تن کان معلوم ٿيو آهي ته هو اسان جو خيرخواه آهي. هر هڪ امير ۽ وڏيرو سندس تابعداريءَ ڏانهن راغب آهي. هن اسان ۾ اميد رکي التجا ڪئي آهي ته اسان هن سان پڪو عهدنامو ڪريون . جيڪڏهن خدا تعاليٰ اها تدبير پوري ڪئي ۽ [هو سڀ] سچائيءَ سان اسان جي فرمانبرداريءَ هيٺ آيا ته مهراڻ درياءَ جي ٽپڻ جي تدبير اسان لاءِ آسان ۽ سولي ٿي پوندي، ۽ الله تعاليٰ جي حڪم سان (سيڪجهه) تيار ۽ مبارڪ ٿيندو.

---

(1) اصل ۾ هن جاءِ تي، توڙي اڳتي هر جڳهه "بجهرا" آهي- ترجمي ۾ هر جڳهه "بجهراءُ" ڪري لکيو ويو آهي. (ن-ب)

(2) اصل لفظ: "سميان".

(3) اصل لفظ: "تاسڪ".

(1) - (1) فارسي ڇاپي جي عبارت هن طرح آهي: "جوئي سند ور اول روان شد" پ، ر، ن، ب، س ۾ "ور اول" جي جاءِ تي "در اول" آهي. گمان غالب آهي ته "در اول" ۾ ڪاتبن جي غلطي سبب "ر" کي "و" بنايو ويو آهي ۽ صحيح صورتخطي "در ارل" هئڻ گهرجي، يعني "ارل ۾". اهو بلڪل قرين قياس آهي، ڇاڪاڻ ته اڄ به سنڌونديءَ جو پاٽي ارل يا اڙل کي پيري ٿو. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

(1) اصل لفظ: بودهيه

(2) فارسي متن ۾ ”کوتک“ پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. جا شايد پ مطابق آهي. مگر ر، م، ن جي پڙهڻي هت توڙي اڳتي ”کوتل“ آهي ۽ اسان اها اختيار ڪئي آهي. ڪوتل غالباً سنسڪرت لفظ ”ڪتوهل“ جي بگڙيل صورتخطي آهي. سنسڪرت ۾ ”ڪتوهل“ ماڻهو جي نالي طور به ايندو آهي ۽ لفظي معنيٰ اٿس عجيب، نامور يا دلچسپ. (ن-ب)

(3) اصل عبارت: برلب آب ڪنبه.

(1) اصل لفظ ”راوتان“ جنهن جو ترجمو ”راءَ زادن“ ڪيو ويو آهي. (ن-ب)

(2) ر، م: نيلهان، س: بدهان.

(1) فارسي متن ۾: ”کوتک“: ڏنل پڙهڻي لاءِ ڏسو متي حاشيه ص [120] (ن- ب)

(2) ر: بدهيه

(3) -(3) متن ۾ هي عبارت نهايت منجهيل ۽ ناقص آهي. ترجمو فارسي متن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي مطابق ڏنو ويو آهي، جا هن طرح آهي: ”ڪ رانگان بودهيہ از نسل اواند، و اصل ايشان اکر از ڪداره ڪنڪ ڪ اود دند وهار گويند آمده بود.“ ب، ن، م، ح جي پڙهڻي ”رانگان“ جي بدران ”راز ڪان“ آهي. ”اکر از“ ر، م مطابق آهي. مگر پ، ڪ، م ۾ ”اکر اره“ ، ن، ب ۾ ”اکرازه“ ۽ س ۾ ”اگرازه“ آهي. (ن-ب)

(4) پ: بهبين: ر: بيهن يا پهن، م: پهن ن، ب، ح: بهيسي. اسان جي پڙهڻي فارسي ڇاپي مطابق آهي جنهن جو مدار ڪ تي آهي. (ن-ب)

(5) هن جاءِ تي ۽ وري صفحي [121] تي فارسي ڇاپي ۾ ”جتان“ پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي بنهي جاين تي ن، ب جي پڙهڻي صاف طور ”چنان“ آهي. س جي پڙهڻي هت ”جنان“ ۽ ص [21] تي م جي پڙهڻي به ”جنان“ آهي، جنهن مان پڻ ”چنان“ جو گمان نڪري ٿو. تحفة الڪرام (ج 3 ص 15) ۾ به ڄاڻايل آهي ته هي ڪاڪو ذات جو چنو هو. انهيءَ لحاظ سان اسان ”چنان“ واري پڙهڻي کي ”جتان“ تي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب)

(1) يعني رات گذري ڏينهن ٿيو (مترجم)

(2) فارسي متن ۾ ”کوتک“ ڏنل پڙهڻي لاءِ ڏسو متي حاشيه ص [120] (ن-ب)

(3) فارسي متن ۾ ”کوتک“ ڏنل پڙهڻي لاءِ ڏسو متي حاشيه ص [120] (ن-ب)

(1) فارسي متن ۾ ”جتان“ يعني جتن، ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو متي حاشيه ص [121]. (ن-ب)

(1) اصل عبارت: جامد هندوي ابريشم وحرير.

Gul Hayat Institute

(2) اصل ۾: سمني.

(3) هيءَ لفظ مبهم آهي ڏسو متي حاشيه 107 ص [107]. (ن-ب)

(4) ن، ب، ح: قندائيل، پ، ڪ: قندهائيل، ر م،: قندهاله

(1) ب: بهطلور، ڪ: بهطور.

(2) اصل عبارت: يکهزار درم سنگ فقره.

(3) سيني نسخن ۾ "عبدالقيس" آهي، مگر اسلام بعد هڪ مسلمان جو نالو عبدالقيس هجڻ غيرممڪن آهي. البته "عبدالقيس" بطور هڪ قبيلہ جي نالي جي مشهور هو، مگر هن جاءِ تي ماڻهوءَ جو نالو آهي، جو "آل جارود" (جارود جي اولاد) واري قبيلي مان هو. انهيءَ ڪري هن نالي ۾ غلطي آهي ۽ هن شخص جو صحيح نالو غالباً عبد [الملڪ بن] القيس آهي جنهن جو ذڪر متي ص [99] ۽ [123] تي اچي چڪو آهي، ۽ جو محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ موجود هو. (ن-ب)

(1) اصل ۾: ڪوه نيرون.

(1) اصل عبارت: برلب سيحون. اسان "سيحون" جي لغوي معنيٰ ورتي آهي جو (ساح. سيحاً ۽ سيحانا) مصدرن مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "پاڻي جي زمين تي وهڪ". (ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ هن جاءِ تي "راور" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي، مگر ايڊيٽر حاشيي ۾ ڄاڻايو آهي ته اها سندس پنهنجي گماني پڙهڻي آهي، (ڏسو فارسي ڇاپو ص 125، حاشيہ 9). مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن: ر م: بغرور، ن: اغرور، ب، ح، س، ڪ: اعرور: پ: مرور. اسان "بغرور" پڙهڻي کي ترجيح ڏني، جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [125]. (ن-ب)

(3) -(3) فارسي متن جي عبارت هن طرح آهي: "و آن حصار راور (ڪہ) در تمليڪ داهر راي بوَد". هن عبارت ۾ "حصار راور" جي پڙهڻي فقط پ مطابق آهي، بين جملي نسخن،م، ر ن، ب، س، ڪ، جي متفق پڙهڻي "درالور" آهي ۽ انهيءَ ڪري وڌيڪ معتبر سمجهڻ گهرجي. انهيءَ پڙهڻيءَ مطابق اصل عبارت هن طرح بيهندي: "و آن حصار، درالور در تمليڪ داهري راي بود". اها عبارت تاريخي سياق ۽ سباق خواه جاگرافيائي اعتبار کان بالڪل صحيح آهي ۽ ترجبو بہ انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. (ن-ب)

(4) اصل ۾: ڪوه نيرون

(1) أَقِمِ الصلوة لِدُ لوکِ الشمس اِلي غسقَ الليلِ وَقرآنَ الفجرَ اِن قرآنَ الفجرَ کان مشهوداً: سج لڙڻ کان رات جي اونداهي ٿيڻ تائين نماز قائم ڪر ۽ پڻ فجر جي قرآن پڙهڻ جو پابند رهه. ڇاڪاڻ ته فجر جو قرآن ٻڌو وڃي ٿو. (مترجم)- سوره بني اسرائيل، رکوع 8 (ن-ب)

(2) آل عمران: رکوع-8 (ن-ب)

(1) -(1) اصل عبارت: "در برجوي ڪ جزيره کنبها است". فاضل ايڊيٽر "ڪنبها" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي جا پڻ ن جي پڙهڻي آهي. مگر پ ۾ ڪبها آهي ۽ ر، م جي پڙهڻي "ڪشتيها" آهي اسان ر، م جي پڙهڻي جي آڌار تي "ڪشها" پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [126]. (ن-ب)

(2) اصل ۾: بيت

(3) اصل ۾: بساهي راسل. پ: بشامي راسل.

Gul Hayat Institute

# محمد بن قاسم وٽ، حجاج بن يوسف جو خط پهچڻ

بسم الله الرَحمانِ الرَحيم: پياري فرزند ڪريم عماد الدين محمد بن قاسم جو- شال خدا تعاليٰ سندس عزت برقرار رکي. قسمين قسمين تڪليفن ۽ طرحين طرحين تعظيمن سان سينگاريل خط پهتو، ۽ جيڪي حالات ان ۾ لکيل هئا، سي سڀ معلوم ٿيا. اي پٽ! آخر آهي ڇا؟ توکي ٿيو ڇا آهي جو پنهنجي تدبير، عقل ۽ سمجهه ڪم نٿو آڻين؟ اي ڪاش! تون لڙائيءَ ۾ مشرق جي سيني بادشاهن کي مغلوب ڪرين، ۽ سيني ڪافرن جي گهرن کي برباد ڪرين! تون هن ڪم تي غالب پوڻ کان ڇو عاجز آهين؟ ۽ دشمن جي شر سان ڇو نٿو پڇي پورو اچين؟ اميد آهي ته سندس رٽ دفع ٿي ويندي. هو لشڪر اسلام جي مدافعت جي رٽ رٽڻ تو چاهي. تون دل مضبوط ڪر ۽ جنهن حد تائين مال خرچ ڪري سگهين ڪر، ۽ سندس مخالفن جي حق ۾ تمام گهڻو انعام ۽ بخشش [127] خرچ ڪر. جيڪو به ڪا جاگير يا ملڪ گهري ته ان کي نااميد نه ڪر، بلڪ سندس عرض قبول ڪري، ڪيس پنهنجي فرمانن ۽ امن نامي سان دلجاءِ ڏي. ڇاڪاڻ ته بادشاهي وٺڻ جا چار طريقا آهن: پهريون صلح، همدردي، چشم پوشي، ۽ سگھابندي، ٻيو پئسو خرچڻ ۽ انعام ڏيڻ، ٽيون دشمنن جي مخالفت کي پوريءَ طرح سمجهڻ ۽ مخالفن جو مزاج معلوم ڪرڻ، چوٿون رعب، هيبت، دليري، قوت ۽ دٻدٻو. [هر طرح سان] انهن دشمنن جي دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. (ننڍا ننڍا) بادشاهه جيڪو به عرض ڪن ته (انهن کي) پڪي انجام نامي سان دلجاءِ ڏي. جڏهن خدمت ۾ حاضرتي پاڻ تي ڍل مقرر ڪن، ته پوءِ جيڪي به ڏوڪڙ يا سامان خزاني ۾ پهچائين، سو وٺندو رهه. سينيءَ کي تسلي ڏيندو رهه. جيڪڏهن ڪنهن کي قاصد ڪري موڪلڻ گهرين ته پوءِ ضروري آهي ته سندس عقل، مذهب، دورانديشي ۽ امانت تي توکي اعتماد هجي. ائين نه ٿئي ته سندس ڳالهائڻ ۽ وجڻ ڪري اسلام کي ڪو به نقصان پهچي. پاڻ کي دشمنن جي اوچتي حملي، حيلن، آفت، ٺڳيءَ ۽ مڪر کان حفاظت ۾ رکج. ضروري ڪمن جي پوئيواري ۾ دورانديشي ۽ هوشياريءَ جا شرط بجا آڻج، ۽ ڏاهر کان خبردار رهج. جيڪڏهين ڪو (پنهنجو) معتمد يا معتقد موڪلين (1) ته انهيءَ کي وصيت ڪج ته هن جي ميل جول ۽ همنشينيءَ کان بيخيالو نه ٿئي، ۽ ان کي خير خواهيءَ جو شرط ڪولي ٻڌائج ته جيڪڏهن پيغام پهچائڻ لاءِ راجا جي روبرو ويهي ته هن کي سيني مکيه ماڻهن ۽ محفل جي بزرگن جي سامهون بيدپائيءَ سان پيغام پهچائي. سندس جواب چڱيءَ طرح ٻڌڻ گهرجيس، ۽ ٻي ڪا به نرمي ۽ چشم پوشي نه ڪرڻ گهرجيس. قاصدن جي همت سهٽن واعدن سان وڌائج، (۽ ڪين ٻڌائج) ته:

Gul Hayat Institute

توهان ساري اسلامي لشڪر جا امام ۽ پيشوا آهيو، ۽ سيني جون اميدون توهان جي گفتگو سان وابسته آهن، تنهن ڪري توهان کي گهرجي ته پيغام پوريءَ طرح ادا ڪريو. مسلمانن جو قاصد، پاڪ مذهب [وارو] هئڻ گهرجي، [128] جيئن سخن دبدبي سان ۽ بنان گهٽ وڌائيءَ جي ادا ڪري. مخالفن کي توحيد تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏج، [۽ انهن کي ٻڌائج] ته جيڪو الله جي هيڪڙائيءَ کي مڃي، تابعداري ڪندو ته انهيءَ کي مال، شهر، زمين ۽ ٻني عطا ڪئي ويندي، ۽ جيڪو اسلام جي آڏو سر نه جهڪائي ته انهيءَ کي ڪو ڏڙڪو ڏج، جيئن هو فرمانبردار رهي. جيڪڏهن [انهيءَ هوندي به] اطاعت کان سرڪشي ڪري ته پوءِ ڪيس [صاف] ٻڌائج ته جنهن صورت ۾ اطاعت کان منهن موڙيو اٿيئي تنهن صورت ۾ لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيءُ. پر ڪين مهراڻ نديءَ جي ٽپڻ جو اختيار نه ڏج، [بلڪ] چئج ته: جيڪڏهن توهان تيار آهيو ته پوءِ [توهان کي] ڪابه روڪ ناهي، پر جيئن ته اسان هيڏو رستو طئي ڪري آيا آهيون، تنهن ڪري اسان کي ئي مهراڻ ٽپڻو ۽ بنا روڪ ٽوڪ جي مقابلي ۾ اچڻو آهي، ته جيئن ٻنهي طرفن جي وچ ۾ شڪ شبهي ۽ خار جي مجال نه رهي. جنهن به جاءِ تي دشمن جي سامهون ٿيو، اها جاءِ ڪليل ميدان هئڻ گهرجي، جيئن جاءِ جي ميدان ۾ مرد مرد ۽ سوار سوار جي برابر جولان ڏيئي سگهي. انهيءَ سڀ ڪجهه هوندي به جڏهن جنگ جوٽين، تڏهن الله پاڪ جي ڪرم تي توڪل رکج، ۽ (انهيءَ جي) مضبوط ڪڙي ۾ هٿ هڻج، ۽ ڏسج، ته قضا ۽ تقدير انهيءَ غيب جي پردي مان ڇا ٿي پيدا ڪري، ۽ اُتان کهڙيءَ پارٽيءَ جي بادشاهيءَ جي ختم ٿيڻ جو حڪم جاري ٿو ٿئي. ۽ جيڪڏهن هو پيغام موڪلين ۽ چون ته مهراڻ جي پاڻيءَ مان توهان لنگهيو يا اسان لنگهون؟ ته انهن کي اختيار نه ڏج، بلڪ چئج ته مان ٽپي ٿو اچان، ته تنهنجو رعب ۽ هيبت دشمن جي دل تي اثر ڪري، ۽ چون جيڪڏهن اسلام جي لشڪر کي قوت ۽ طاقت نه هجي ها ته اهي اسان جي سامهون نه اچي ها!

ٻيو ته عرب جي لشڪر جي جيڪا جماعت تنهنجي تابعداريءَ ۾ آهي اميد آهي ته اُهي موٽي نه ويندا ۽ لڙائي کان منهن نه ڦيرائيندا، بلڪ جند جان جي بازي لڙائيندا، ۽ خدا تعاليٰ تي توڪل رکي جنگ شوق سان ڪندا ۽ ثابت قدم رهندا، ۽ لڙائي خواهه تنهنجي اطاعت ۾ سندن نيت سچي رهندي، جيئن الله پاڪ عزوجل جو رضامندو حاصل ڪري سگهن. [129]درياءُ ٽپڻ لاءِ اهڙي جڳهه اختيار ڪج، جتي پير ڪوڙي سگهين ۽ سنئون سڌو لنگهه هجي. (پوءِ) جاچ جوچ ڪري اتان لنگهجو، ۽ دوانديشي ۽ خبرداريءَ کي هٿان نه ڇڏج. لنگهڻ وقت لشڪر کي تيار رکج،

Gul Hayat Institute

۽ [لشڪر جو] ميمنہ (سجو)، ميسرَہ (کٻو)، قلب (وچ)، مقدمہ (اڳ) ۽ ساقہ (پچاڙي) سڌو رکج، ۽ پيادن ۽ اڪيلن کي اڳوات موڪلج. ڪنهن بہ برگستوانيءَ (1) کي وچ ۾ نہ رکج.

حجاج جو خط پهتو تہ محمد بن قاسم درياءُ ٽپڻ جي تدبير ڪرڻ لڳو. ۽ اهو پڪو ارادو ڪيائين.

## محمد بن قاسم جي نيرون ڪوٽ ۾ پهچڻ جي ڏاهر کي خبر پوڻ(2)

اتي راجا ڏاهر هند جي دانائن ۽ پنهنجي فيلسوفن ۽ نجومين کان پڇيو تہ: ”هينئر خبر پئي ويئي آهي تہ [محمد بن] قاسم ظاهر ٿيو آهي، ۽ قلعي نيرون جي قريب زبردست لشڪر سان لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو بيٺو آهي. (ٻڌايو تہ) توهان کي نجوم ۽ تاريخن جي ڪتاب مان ڇا ٿو معلوم ٿئي؟ ۽ وقت جي ستاري ۽ سال جي تقويم مان ڇا ٿو نڪري؟“ نجومين تعريف، وصف ۽ ثنا کان پوءِ عرض ڪيو تہ: ”راجا سلامت رهي! گذريل تاريخ جي پراڻن ڪتابن ۽ جاماسپ حڪيم جي نجوم مان ائين معلوم ٿيو آهي تہ سن 92 هجريءَ ۾ نيرون جو قلعو اسلامي لشڪر جي حوالي ٿيندو ۽ سن 93 هجري ۾ پورو هندستان. هيءَ قلعا جيڪي سڪندر جي ٻنڌ کان بہ وڌيڪ مضبوط آهن، مسلمانن جي ملڪيت ٿيندا، ۽ اها فتح محمد بن قاسم جي هٿان ٿيندي ۽ اهو واعدو پورو ٿيندو. پوءِ راجا ڏاهر [130] پنڊر ڪو شمني(1) کي، جنهن جي سنڀال ۾ نيرون جو قلعو هو، موڪليو ۽ چيو تہ: توکي نيرون ڪوٽ ۾ وڃي انهن جي احوال کان اسان کي اطلاع ڏيڻ گهرجي. شمني انهيءَ اشاري تي نيرون ڪوٽ آيو ۽ پنج سردار ساڻ ڪري حجاج جا پروانا پاڻ سان کڻي عربن جي ڪئمپ ۾ محمد بن قاسم وٽ ويو. نباتہ [بن] حنظلہ سندن وچان ٿيو. جڏهن درخواست ۾ نذرانو پيش ڪيائين، تڏهن محمد بن قاسم فرمايو تہ: ”هن پرواني جي حڪم جي پيروي ڪرڻي اٿم، پر تو لشڪر جي پهچڻ وقت دروازو بند ڪيو هو، جنهن اسان تي وڏو اثر ڪيو. جڏهين توهان تابعداري تا ڪريو تہ پوءِ قلعي جا دروازا بند ڪرڻ ۽ لشڪر کي روڪڻ چڱو ڪم نہ هو، جو انهيءَ ڪري لشڪر ۾ اناج اڻلڀ ٿي ويو هو.“ اتي شمني معذرت ڪرڻ لڳو تہ: جنهن صورت ۾ اسان جي ڪاروبار جون مصلحتون راجا ڏاهر سان تعلق رکن ٿيون ۽ مان هتي حاضر ڪونہ هئس، تنهن ڪري توهان جي پهچڻ تي رعيت فڪرمند ٿي ۽ ڊني تہ متان موٽڻ وقت قلعي وارن کي ڪو نقصان پهچايو. هاڻي جڏهن آءٌ خدمت ۾ پهتو آهيان تہ فرمانبرداري ۽

اخلاص جو رستو بجا آڻيندو رهندس، ۽ جيڪا تنهنجي مرضي هوندي انهيءَ موجب عمل ڪندس.

# محمد بن قاسم جي نيرون جي شمني کي خلعت پهرائڻ

پوءِ محمد بن قاسم کيس سروپا پهرائي عزت افزائي ڪئي، ۽ متس گهڻيون مهربانيون فرمائي کيس واپس ڪيو. شمني موٽي وڃي قلعي جو دروازو کولي، تحفا ۽ سوکڙيون موڪليون ۽ سپاهي خريد فروخت لاءِ قلعي ۾ ويا. ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جي بادشاهه جو جهنڊو لاَجورَدي ڇت تي لهرائڻ لڳو(1) ته محمد بن قاسم گهوڙي تي سوار ٿي مکيه ماڻهن ۽ برگزيدن سان گڏجي قلعي ۾ آيو ۽ بتڪده جي جاءِ تي مسجد ٺهرائي، انهيءَ ۾ ٻه رڪعتون نفل پڙهيائين. (تنهن کان پوءِ) ڌُهل جي قبيلي ۽ اهل بصره مان هڪ ماڻهو اتي[131] نائب مقرر ڪيائين.(2)

پوءِ اتان منزل ڪوچ ڪيائين ۽ مهراڻ ندي ٽپڻ لاءِ شمن کي ٻه پاڻ سان ڪنيائين. [ايتري ۾]شمني راسل رسني(1) جي بزرگن ۽ پيڙهين جي ڪن معززن حاضر ٿي آمان گهري. انهن کي جهڙيءَ طرح حجاج حڪم جاري ڪيو هو، جواب ڏيئي انجام پڪو ڪري، اشبهار جي قلعي تي (ڪاهي) ويو. ۽ محرم سنه 93 هجريءَ (2) ۾ انهيءَ قلعي جي آسپاس وڃي لٿو. اهو هڪ مضبوط قلعو ڏسڻ ۾ آيس. قلعي وارن لڙائيءَ جي تياري ڪري هڪ وڏي ڪاهي تيار ڪئي هئي، ۽ قلعي جي الهندي وارن جتن ۽ ڳوٺاڻن کي قلعي ۾ آندو هئائون. محمد بن قاسم جنگ شروع ڪئي. هڪ هفتو ٻيهڪ ڪري مقابلو ڪيائون، پر پوءِ اَمان گهري فرمانبرداري هيٺ آيا، ۽ پنهنجي گردن ۾ بندگيءَ جو طوق وڌائون. محمد بن قاسم، حجاج جي پرواني موجب انهن کي اَمان ڏني، ۽ جيڪي ماڻهو سندس فرمانبرداريءَ ۾ آيا تن[پنهنجي مٿان] ڍل قبول ڪري، قلعي جو دروازو کولي ڇڏيو. محمد بن قاسم پنهنجي امينن سان گڏ اندر آيو ۽ ڪنجي پنهنجن سچن اعتبار وارن ۽ تمام پڪن معتقدن جي حوالي ڪيائين. انهيءَ جاءِ جي حڪومت تي هڪ ايماندار (ماڻهو) مقرر ڪري انهيءَ قلعي جي فتح بابت حجاج ڏانهن لکيائين. (هي به لکيائين) ته انهن بهادر جتن کي اَمان ڏني اٿس، ۽ کيس (اُتي ٿيل) قتل ۽ خونريزيءَ جو (پڻ) اطلاع ڪيائين.

انهيءَ قلعي ۾ ٿورو وقت ترسي، نائب مقرر ڪري، پاڻ راوڙ جي حد ۾ مهراڻ جي الهندي ڪناري تي اچي لٿو.[132]

Gul Hayat Institute

# مهراڻ جي ڪناري واري منزل تي محمد بن قاسم جي لڙائي ڪرڻ

پوءِ جيئن محمد بن قاسم، مهراڻ جي پتڻ تي اچي لٿو، (1) ته بيٽ جي حاڪم جاهين ساڻس جنگ جوتي[1].

روايت: (2) تاريخ جي مصنفن هن طرح روايت ڪئي آهي ته: جڏهن محمد بن قاسم جي راوڙ ۽ جيور جي حد ۾ پهچڻ جي خبر ڏاهر کي پهتي ۽ پڇيائين ته: عرب ڪٿي پهتا آهن؟ ۽ ٻڌايائونس ته جيورَ جي حد ۾ داخل ٿيا آهن. تڏهن چيائين ته: ”عربن جو چڱو غلبو ٿيو آهي، ۽ بخت ضرور سندن همراهه آهي.“ پوءِ محمد بن قاسم موڪي پٽ وسايي (3) ڏانهن قاصد موڪليو ته وجورته(4) قصبي وارو ملڪ توکي جاگير طور ڏجي ٿو ۽ انهيءَ ملڪ تي تنهنجو قبضو تسليم ڪيو وڃي ٿو.

## موڪي [پٽ] وسايي جي عهدنامي جي خبر ڏاهر کي پوڻ

پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ ڏاهر کي وڃي خبر ٻڌائي ته موڪي [پٽ] وسايي، محمد بن قاسم جي بيعت ڪئي آهي، ۽ قاصد موڪلي [هڪبئي] سان عهدنامو ڪيو اٿن، ۽ قاصدن هٿ محمد بن قاسم ڏانهن جواب موڪليو اٿس ته: ”جيڪي تو فرمايو هو، سو صحيح معلوم ٿيو ۽ اسان تي جيڪا عنايت ڪئي اٿوَ، ان جو ٿورو مڃون ٿا. توهان جيڪي به واعدا فرمايا آهن، انهن جا اسان دل و جان سان شائق آهيون، ۽ توهان جي فرمانبرداري ڪرڻ ڏانهن دل تمام مائل آهي، توهان جي خوشي سيني ڪمن کان مقدم رکنداسون، ۽ [جيڪڏهن] ڪو بهانو پيدا ٿيو ته [پوءِ] حڪم جو تابعدار رهڻ لازمي ڄاڻنداسون. پر جن بادشاهن جي نمڪ جو حق[اسان جهڙن] خدمتگارن جي گردن تي لازم آهي، تن سان عهد پڄڻ ۽ بيوفائي ڪرڻ [133]اهڙو گناهه ۽ خيانت آهي جو دورانديشي ۽ امانت کان دور آهي، ۽ جيستائين هن جي طاقت کان اهڙو ڪو خوف پيدا نه ٿئي جو نفس ۽ جان لاءِ خطرو هجي، تيستائين امانت ۽ دورانديشي ڇڏي ڏيڻ اڻوڻندڙ طريقو آهي.

(ملڪ موڪ [پٽ] وسايي جي درخواست:) پڻ سنڌ جو ملڪ اسان جو وطن آهي، ۽ اسان جن پيئن ڏاڏن جو ورثو ۽ ڪمائي. راجا ڏاهر سان اسان جي قرابت آهي، ۽ هو هندستان جي راجائن جو راجا آهي. هو جيتري به بلند درجي کي پهچندو ته انهيءَ مان اسان کي به وڏو نصيب ۽ مڪمل حصو

Gul Hayat Institute

ملندو. [هن سان] هر حال، رنج خواهہ راحت ۾ موافقت جا شرط بجا آڻڻ اسان تي لازم ۽ ثابت آهن. ڏک ۽ سک ۾ برابر، ۽ ملڪ ۾ پائيوار آهيون. پر عقل جي طريقي ائين معلوم ٿو ٿئي، ۽ حڪمت جي دلين مان اهڙيءَ طرح عيان آهي، تہ هيءَ حڪومت اسان کان نڪري ٻئي جي حوالي ٿيندي.

## موڪي [پٽ] وسايي جو [محمد بن قاسم سان] عهدنامو ڪرڻ

”سنڌ جا حڪيم ۽ هندستان جا فيلسوف جيڪي هن ملڪ جا رهاڪو آهن، تن اصطرلاب ۽ نجوم جي ذريعي قديم ڪتابن مان هي نتيجو ڪڍيو آهي تہ هن بادشاهيءَ کي اسلام جو لشڪر فتح ڪري قبضي هيٺ آڻيندو. جنهن ماڻهوءَ جو بخت مددگار ٿيندو آهي ۽ ڪاميابي همراہ، ۽ [پڻ] هو دورانديشي ۽ همت وارو هوندو آهي، تہ جو واقعو پيدا ٿيندو تنهن مان هو تجربو پرائيندو ۽ وڌيڪ هوشيار ٿيندو ويندو آهي، جيئن چوٽڪاري جو رستو ڪانئس بلڪل نہ رهي. ائين نہ ٿئي جو جڏهن موقعو ۽ وقت نڪري وڃي تڏهن ڪيس اها تڪليف پهچي. تو جنهن صورت ۾ مون سان صلاح ڪئي آهي ۽ اسان جي طرف جي رعايت ڪرڻ واجب سمجهي اٿيئي تہ [اُها توهان جي] امانت آهي، ۽ مان جيڪڏهن جواب با صواب نہ ڏيندس تہ مخالفت ٿيندي، ۽ جيڪڏهن مان خود راءِ تي جنگ ۽ لڙائيءَ کان سواءِ اچي خدمت ۾ حاضر ٿيندس تہ دشمنن جي ملامت ۽ خاندان جي بدنامي [134] جو باعث ٿيندس.[ تنهن ڪري صلاح هي آهي] تہ [(1)](#) هينئر ساڪري جي راڻي سان نياڻيءَ جي شادي ڪرائڻ جي بهاني سان وڃڻ ٿئي ٿو (1). امير محمد بن قاسم، شال سندس مرتبو قائم رهي، هزار سوارن کي حڪم ڪري تہ فلاڻي رستي تي وڃي مون کي رستي مان پڪڙي، اچي خدمت ۾ حاضر ڪن، تہ مون کي بہ بهانو ملي وڃي، ۽ خلق جي واتن ۾ گلا بہ نہ ٿئي تہ هن بيوفائي ڪئي، ۽ ڌاهر کي پڻ بدگماني نہ ٿيندي، چاڪاڻ [تہ ڏسندو تہ] مون کي مجبور ڪري زبردستيءَ سان وٺي ويا.“

## موڪي [پٽ] وسايي جي چوڻ تي نباته بن حنظلة کي موڪلڻ

پوءِ محمد بن قاسم کي سندس قول تي پورو اعتماد ٿيو. هن سندس چوڻ سچو سمجهي نباته بن حنظلة کي هڪ هزار پورن هٿيارن سان سينگاريل ۽ چونڊيل گهوڙيسوارن سان موڪي [پٽ] وسايي جي مقرر ڪيل انجام تي موڪليو، ۽ پاڻ پڻ انهيءَ جي ويجهو منزل ڪيائين.[هوڏانهن] موڪو پڻ سئو سوار ساڻ ڪري روانو ٿيو ۽ اچي انهيءَ جاءِ تي رسيو.

Gul Hayat Institute

(1) اصل متن ۾ هيءُ لفظ ”بفرستد“ آهي جو واحد غائب جو صيغو آهي. ۽ سندس ضمير ڏاهر ڏانهن وري ٿو. پر ائين ڪرڻ سان سڄي جملي جي معنيٰ ۾ خلل پيدا ٿي ٿو پوي. اسان جي خيال ۾”بفرستد“ لفظ ”بفرستي“ جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ اسان ترجمي ۾ ”بفرستي“ خيال ۾ رکي، ترجمو ڪيو آهي. (مترجم)

(1) معنيٰ لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص [99]

(2) هن باب جي مضمون مان اول اهو گمان ٿئي ٿو تہ شايد ڏاهر کي محمد بن قاسم جي نيرون وٽ اچڻ جي خبرئي تڏهن پيئي آهي، جڏهن هو سيوستان ۽ ٻڌيہ جي پر ڳڻي کان ٿي نيرون ڪوٽ موٽي آيو آهي. پر حقيقت ۾ ائين نہ آهي، بلڪ مصنف هت ۽ هن کان پوءِ نئين عنوان هيٺ اهي ساڳيون حقيقتون ورائي لکيون آهن. جيڪي هن کان اڳ صفحي [116] کان [118] تائين اچي چڪيون آهن. ٻيهر لکڻ جو سبب فقط اهو آهي جو لکندڙ ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي جنگ جي هتان کان تمهيد ٻڌڻ چاهي ٿو. (ن- ب)

(1) اصل ۾: سمني ٻهندرڪو.

(1) يعني سچ اپريو. (مترجم)

(2) هن هنڌ تائين هن عنوان ۽ مٿئين عنوان هيٺ تقريباً اهو ساڳيو بيان ڏنو ويو آهي، جو هن کان اڳ ص ص [8-116] تي اچي چڪو آهي. هن بعد نئون بيان شروع ٿئي ٿو. (ن-ب)

(1) ن، ب: راسل رسي، ر، م: راسد رسن: س: راهل رسي

(2) مصنف مٿي ص [102] ۾ چئي آيو آهي تہ محمد بن قاسم محرم 93 هجريءَ ۾ ديبل وٽ پهتو-ساڳئي مهيني ۽ سال ۾ ديبل، نيرون ڪوٽ، سيوهڻ وغيره قلعا فتح ڪري اشبهار قلعي تي ڪاهڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري اُتي محرم سنہ 94 ھ هئڻ گهرجي يا محرم جي بدلي سنہ 93 ھ جو ڪو ٻيو مهينو. (ن-ب)

(1)-(1) فارسي ڇاپي جي عبارت شروع کان هن طرح آهي: پس چون محمد بن قاسم بر معبر مهراڻ نزول کرد، وبا جاهين. ملک بيت جنگ پيوست“ هيءُ جملو ڇڻ اڻپورو آهي. ر ۾ جملي جو پهريون حصو هن طرح آهي: ”باوي چاهين. ملک بيت جنگ پيوست“ جو هڪ تہ سڄي جملي جي لحاظ سان پورو آهي ٻيو تہ اڳتي ايندڙ حقيقتن مطابق آهي، جيئن ص [145] تي ٻڌايو ويو آهي تہ ڏاهر، جاهين کي ٿي محمد بن قاسم سان جنگ جوڻڻ جو حڪم ڏنو: ”و (داهر) جاهين رافرمود ڪ برلب مهراڻ بموضعي ڪ آب راجائي عبره بود برابر حصار بيت بايست“ (ڏاهر جاهين کي ٻيٽ جي قلعي جي سامهون، جتي پاڻيءَ جو گهيرو هو، اتي مهراڻ جي ڪناري تي ٻيهڻ جو حڪم ڏنو). اسان ترجمو ر جي پڙهڻي مطابق ڪيو آهي. (ن- ب)

(2) هي روايت ڇڻ معترضہ آهي، جنهن ۾ محمد بن قاسم ۽ جاهين جي مقابلي کان اڳ جا حالات بيان ڪيا ويا آهن. انهيءَ لحاظ سان هن کان مٿئين جملي کي ڇڻ هڪ عنوان سمجهڻ گهرجي، جنهن جو خاص بيان اڳتي ايندو. (ن-ب)

(3) فارسي متن ۾: موڪه بن بسايه. ر،م ۾ ”يسايه“ جي بدران هر جڳهہ ”پسايه“ آهي. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

(4) هتي فارسي متن جي عبارت ”ولايت قصہ و سورتہ“ (يعني سورٺ ۽ ڪڇ جي ولايت) آهي جا ايڊيٽر جي پنهنجي گماني پڙهڻي آهي. ر، م، ن، ب، س، ڪ ۾ ”ولايت قصبہ و جورته“ ۽ پ ۾ ”ولايت قصبہ جورته“ لکيل آهي. اسان پهرين پنجن نسخن جي متفقہ پڙهڻي مطابق ”ولايت قصبہ وجورته“ جي پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي ۽ ترجمو بہ انهيءَ مطابق ڪيو آهي. ”قصبہ و جورته“ لاءِ وڌيڪ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [133]: (ن- ب)

(1)-(1) فارسي ڇاپي جي عبارت ”اکنون بہ بهانه تزويج دختر رانه ساکرا رفته مي شود“. ”رانه ساکرا“ جي عوض مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن: پ: رانه ساکرا، ر: راوساکرا، م: راوساکر ن، ب، س: دخترانه ساکرا، ڪ: دخترانهٔ ساکران.

Gul Hayat Institute

## موڪي [پٽ] وسايي جي چوڻ تي نباته بن حنظلة کي موڪلڻ

پوءِ محمد بن قاسم کي سندس قول تي پورو اعتماد ٿيو. هن سندس چوڻ سچو سمجهي نباته بن حنظلة کي هڪ هزار پورن هٿيارن سان سينگاريل ۽ چونڊيل گهوڙيسوارن سان موڪي [پٽ] وسايي جي مقرر ڪيل انجام تي موڪليو. ۽ پاڻ پڻ انهيءَ جي ويجهو منزل ڪيائين.[هوڏانهن] موڪو پڻ سئو سوار ساڻ ڪري روانو ٿيو ۽ اچي انهيءَ جاءِ تي رسيو.

## نباته بن حنظلة جو وچڻ ۽ موڪي [پٽ] وسايي کي ٺڪرن سميت گرفتار ڪرڻ

پوءِ نباته بن حنظلة پنهنجن سوارن ۽ ترجمان سان اچي رستو روڪيو. ۽ موڪو [پٽ] وسايو ويهن ٺڪرن ۽ لشڪر سميت گرفتار ٿيو. ڪيس جڏهن محمد بن قاسم جي سامهون آندائون، تڏهن امير ساڻس عزت ۽ تعظيم سان پيش آيو ۽ بيٽ وارو ملڪ هن جي حڪم هيٺ ڏنائين. ۽ سندس عرض تي انهن ٺڪرن جو پروانو صحيح ڪري ڪيس عطا ڪيائين. پڻ لکين درهم انعام طور بخشش ڪري، سائو طائوسي چٽ، ڪرسي ۽ سروپا عطا ڪيائين.[تنهن سان گڏ] سندس سيني ٺڪرن کي خلعتن، سنجيل گهوڙن ۽ گهڻن انعامن سان سرفراز ڪيائين.
تاريخ جا مصنف ۽ دنيا گهمندڙ [135] سيلاني هن طرح روايت ڪن ٿا ته: اميريءَ جو پهريون چٽ [محمد بن قاسم] موڪي کي ڏنو هو. ۽ سندس عرض تي قصبه [وجورته] (1) واري ايراضي پڻ ملڪيت طور ڪيس ۽ سندس فرزندن جي حوالي ڪري، پروانو لکي ڏنائين. ۽ بيٽ جو پورو علائقو، پسگردائي ۽ آباديءَ سميت ڪيس ڏيئي پڪو عهدنامو ڪري، بيڙين مهيا ڪرڻ جي پارت ڪيائينس.

## محمد بن قاسم جو شامي قاصد ۽ مولاي اسلام (1) کي موڪلڻ

Gul Hayat Institute

پوءِ محمد بن قاسم مهراڻ جي ڪناري تي منزل ڪري، شام جي بزرگن مان هڪ بزرگ ۽ مولاي اسلام ديبلي کي، جو محمد بن قاسم جي هٿ تي اسلام جي عزت سان مشرف ٿيو هو، موڪليو ته: جيڪي شامي چوي سو ڏاهر [بن] چچ کي ۽ جيڪو ڏاهر جواب ڏئي سو هن کي سمجهائج.

پيغام ڏيڻ شروع ڪرين ته اهو دربار ۾ مڪيه ماڻهن جي مجلس ۾ ادا ڪج ۽ صاف لفظن ۾ جواب جي طلب ڪج. جيئن حجاج جي فرمان جي منڍ ۾ لکيل آهي.

## شامي قاصد جو ڏاهر وٽ وڃڻ

جڏهن شامي قاصد ۽ ديبل جو مولاي اسلام ڏاهر وٽ ويا، تڏهن مولاي اسلام ديبليءَ مٿو نوڙائي خدمت بجا نه آندي. ڏاهر کيس سڃاڻندو هو، سو کيس چيائين ته: ”ڇا لاءِ قانون موجب خدمت جو شرط پورو نه ڪيئي؟ شايد توکي روڪيو اٿن؟“ مولاي اسلام جواب ڏنو ته: ”جڏهن مان توهان جي طريقي تي هئس، تڏهن بندگيءَ جا شرط بجا آڻڻ مون تي واجب هئا،[136] پر هاڻي جڏهن اسلام جي شرف سان مشرف ٿيو آهيان ۽ اسان جو تعلق اسلام جي بادشاهه سان قائم ٿي چڪو آهي، تڏهن ڪافر اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ واجب نه آهي.“

## ڏاهر جو ديچارڻ

(اهو ٻڌي) ڏاهر چيو ته: ”جيڪڏهين تون قاصد نه هجين ها ته توکي سزا طور حڪم ڪري ڪهائي ڇڏيان ها.“ مولاي ديبلي فرمايو ته: ”جيڪڏهن تون اسان جي ڪهڻ تي تيار آهين ته انهيءَ ڪري عربن جو نقصان ڪونه ٿيندو، ۽ خون جي[عوض] گهرڻ لاءِ بدلو وٺندڙ موجود آهن، جيڪي توسان پڇي پورا ٿيندا.“

## شاميءَ جو پيغام ادا ڪرڻ

پوءِ شاميءَ زبان کولي ته: ”اسان امير جي پاران توڏانهن قاصد ٿي آيا آهيون، ۽ اسان کي هيءُ پيغام تنهنجي حاڪمن ۽ راڻن جي روبرو ادا ڪرڻ جو حڪم آهي.“ ڏاهر وراڻيو ته: ”ڇئي ڏي، ڇاڪاڻ ته قاصد پنهنجي مخدوم جو پيغام پهچائيندڙ ۽ فرمان ادا ڪندڙ آهي.“ چيائين: ”امير محمد بن قاسم هن طرح فرمايو آهي ته تون مختار آهين، جيڪڏهن [درياءُ]لنگهي اچين ته رستو کليل آهي ۽ ڪابه روڪ نه آهي. نه ته ٻيءَ صورت ۾ رستو کليل رکو ته عرب جو لشڪر درياءُ ٽپي توهان جي سامهون ٿئي.“

## ڏاهر جي سياڪر وزير سان صلاح ڪرڻ

ڏاهر پوءِ سياڪر وزير سان صلاح ڪئي ته: هن باري ۾ تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟ سياڪر وزير چيو ته: ”مون ڪيئي دفعا،جن جن ڳالهين ۾ صلاح ڏيڻ مناسب سمجهي [137] تن سيني ڪمن ۾ راجا جي خير خواهي ۽ نصيحت ڪرڻ لازم ٿي ڄاتم، ۽ راجا کي انهيءَ جو اثر به

معلوم ٿيو. مون جيڪا راءِ نصيحت طور پيٽ ٿيي لشڪر ڪي سامهون ٿيڻ جي ڏني هئي، تنهن ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڪيئي، ۽ قبول نہ فرمايئي. هاڻي جڏهن حالت تنگ ٿي آهي، ۽ هن سان لڙائي ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهين، تڏهن چڱ تہ سندس سارو لشڪر هن طرف ٿيي اچي، ۽ ٻئي لشڪر سامهون ٿين. هن طرف جو ملڪ تنهنجي هٿ ۾ آهي، شهر ۽ خزانا تنهنجي ضابطي ۽ قبضي هيٺ آهن. اناج، هٿيار، سامان ۽ لڙائيءَ جو اسباب موجود آهي.[ٻئي طرف] هن جي مدد ڪيچي ويندي، جنهن صورت ۾ سندن پويان مهراڻ جو پاڻي هوندو، تنهن صورت ۾ ڪوبہ واهرو ڪين پهچي نہ سگهندو، ۽ هو قيدين وانگر تنهنجي هٿ ۾ عاجز ٿيندا، ۽ مٿن حيلي جا سڀ دروازا بند رهندا. انهيءَ ڪري جنگ جو سامان، گهوڙا، هاٿي، لشڪر ۽ نوڪر چاڪر سڀ تنهنجي قبضي ۾ ايندا.“

پوءِ هڪ عِلافي، جو [اصل] شام جي لشڪر مان هو ۽ [سنڌ ۾] عرب جي لشڪر جي اچڻ کان اڳ ۾ ڪنهن گناهہ سبب روپوش ٿي اچي راجا ڏاهر جي خدمت ۾ پهتو هو ۽ ساڻس تعلق پيدا ڪيو هئائين، تنهن کي [راجا ڏاهر] سڏي هن رٿ بابت صلاح ڪئي، ۽ چيائين تہ: ”اي محمد! سياڪر وزير هيءَ تقرير ڪئي آهي، اها توکي پوري ڏسڻ ۾ اچي ٿي يا نہ؟“ محمد علافيءَ چيو تہ:

لاَتقيمن بِدَار لاَ انِتـفـاعَ بِـهاَ

فـالاَرضُ وَاسِـعة وَالرزق مبسُوط.

[نفعو جنهن نہ گهر ۾، نہ ٽڪ تنهن ۾ تون،

گهڻو رزق جـڳ ۾ زميـن پـڻ وسيع.]

هيءَ راءِ، تہ هنن جي لشڪر کي هن طرف ٿيي اچڻ ڏجي، پوري نہ آهي، مان انهيءَ سان شامل راءِ نہ آهيان. ڇاڪاڻ تہ هن جو لشڪر زبردست آهي. جنگي سوار ۽ ناليرا [138] مرد پنهنجي ننگ ناموس جي واسطي بيهي رهندا، ۽ خدا تعاليٰ جي خوشيءَ لاءِ الله جي واٽ ۾ پنهنجو نفس ۽ جان قربان ڪندا. جيئن تہ هو الله جي ڪرم جي پناهہ وٺي [هيءُ خيال ڪندا] تہ هِن جهاد ۽ شهادت جي سبب دائمي جهان ڏانهن پهچنداسون، تہ پوءِ هو تيستائين نہ ڪسندا. جيستائين اسان مان ٻيٽا ٽيٽا نہ کهندا، ۽ جڏهن جنگ ڏانهن منهن ڪندا تہ پوءِ تيستائين سندن موٽڻ ۽ منهن ڦيرائڻ ڏکيو آهي. جيستائين سيئي خونخوار ترار جو ڪاج نہ ٿيندا ۽ هو جڏهن هن طرف لنگهي، ملڪ جي دامن ۾ هٿ هڻي، بادشاهيءَ ۾ پائيوار ٿيا تڏهين وڏو فتنو پيدا ٿيندو ۽ سندن طاقت ۽ دٻدٻو هر روز وڌندو ويندو، ڇاڪاڻ تہ تنهنجو گهڻو لشڪر ۽ رعيت هن جي ڦرلٽ کان امان

Gul Hayat Institute

گهرندا ۽ پنهنجي حياتيءَ جي بچاءَ لاءِ ساڻس همراهہ ٿيندا. ۽ ڪيس پناھ جي جاءِ سمجهڻ لڳندا. انهيءَ ڪري صلاح هيءَ آهي تہ ڪين الهندي ڪناري تي روڪي ڇڏ. ڇاڪاڻ تہ هنن ۽ اسان جي وچ ۾ مهراڻ آهي ۽ سندن ڪنهن بہ طرح ٽپي اچڻ ۾ اسان لاءِ مصلحت نہ سمجهڻ گهرجي. ٻيڙين جي ملاحن ۽ جهنگ جي جتن کي انهن تي ٻچج تہ گاهہ، اناج، ڪاٺين ۽ ڏيڻ جا، جي لشڪر لاءِ ضروري آهن، رستا روڪين ۽ بند ڪن ۽ جيڪو بہ لشڪر کان ڌار ٿئي تنهن کي تڪليف رسائين، جيئن تنگ ٿي ڪي بک جي وگهي نابود ٿين، تہ ڪي اگهاڙپ ۽ اٺهوند کان (لاچار ٿي) پيچي وڃن، ۽ گهوڙا بنا گاهہ، ۽ سوار بنا خرچ جي لاچار ٿي ٽٽڙي پکڙي وڃن، ۽ تنهنجي ملڪ ۾ ڪابہ مداخلت نہ ڪري سگهن. جڏهن سندن لشڪر پريشان ۽ منتشر ٿيندو تہ پوءِ هو تنهنجي ملڪ ۾ ڪابہ ڦرلٽ نہ ڪري سگهندا ۽ تون آسودو رهندين." [139]

## علافيءَ جي ڏاهر کي نصيحت ڪرڻ

(روايت): هن ڳالهہ جي راويءَ چيو تہ: مان انهيءَ مجلس ۾ ويٺلن مان هڪڙو هئس ۽ مون کي ويهڻ جو حڪم ڏنائين. علافيءَ جيڪي صلاحون ڏنيون ۽ نصيحت طور ڏاهر جي روبرو بيان ڪيون، سي مون ٻڌيون ۽ سمجهيون. پوءِ ڏاهر چيو: "تنهنجي دل مان جيڪا بہ صلاح پيدا ٿيندي ساعين نصيحت ۽ خير خواهي آهي. پر منهنجي راءِ جي تقاضا آهي تہ ڪيس ڇوٽ ڇڏيان، متان اسان کي عاجز سمجهي خيال ڪري تہ (هاٿي) هيٺو ٿيو آهي."

## راجا ڏاهر جو پيغام

پوءِ (هيئن) چئي شامي قاصد کي واپس ڪيائين: "موٽي وڃي پنهنجي امير کي چيو تہ (درياءُ) ٽپڻ ۾ توکي ڇوٽ ڇڏيو ٿو وڃي. اسان تنهنجي جنگ لاءِ تيار ويٺا آهيون: تون لنگهي اچ، نہ تہ اسين ٽا لنگهي اچون."

## محمد بن قاسم جي قاصد جو ڏاهر وٽان واپس اچڻ

پوءِ قاصد، محمد بن قاسم جي خدمت ۾ موٽي آيا ۽ جيڪو پيغام راجا ڏاهر موڪليو هو، سو ظاهر ڪيائون. محمد بن قاسم چيو تہ: الله ذوالجلال بي زوال جي تائيد سان آءٌ مهراڻ ٽپڻ اختيار ڪندس. پوءِ خدا عزوَجل کي ياد ڪري ڪانئس مدد گهري منزل پٽيائين. نيٺ امير، ساري لشڪر سميت، مهراڻ جي الهندي ڪناري تي راوڙ جي قلعي جي مقابل لهي منزل ڪئي، ۽ موکي [پٽ] وسايي کي سڏي، اعتماد جوڳا ايماندار ماڻهو انهيءَ سان گڏ مقرر ڪيائين. [۽

Gul Hayat Institute

چيائين] تہ ”ڪا درياءَ تپڻ جهڙي جاءِ ڳولين[140] ۽ تپڻ لاءِ ٻيڙيون پڻ موجود ڪن. جيئن اسين ٽپي وڃون. [پر وري خيال ڪيائين] تہ ممڪن آهي تہ هيءُ مهراڻ جو پاٽي تپڻ ۾ ڏکيو هجي ۽ اسان لنگهي نہ سگهون. [ٻئي طرف کان ] دشمن جو ڊپ [پڻ]آهي، جو درياءُ جي ڪناري تي سامهون بيٺو آهي. تنهن ڪري مون فيصلو ڪيو آهي تہ جيستائين حجاج کان خط جو جواب نہ اچي، تيستائين اتان لشڪر نتو لنگهائي سگهان.“ سو ٻہ- ٽي ڏينهن ترسي، هڪ مفصل خط لکيائين، جنهن جو جواب عزت ۽ تعظيم سان پهتو.

## محمد بن قاسم ثقفيءَ کي حجاج بن يوسف جو خط پهچڻ

هيءُ مڪرم و معظم خط حجاج بن يوسف جي طرفان زبردست امير عمادالدين محمد بن قاسم ڏانهن. سلامن بعد واضح هجي تہ تو مهراڻ تپڻ ۽ راجا ڏاهر بن چچ سان لڙڻ جو ذڪر لکيو هو. بيشڪ مون کي الاهي تائيد ۾ اميد آهي تہ تون فتحمند ۽ سوڀارو ٿيندين، ۽ تنهنجو دشمن ڏاهر ذليل ٿيندو. جنهن وقت هو سامهون ٿيندا تہ خدا تعاليٰ جي مدد تي ڀروسو اٿم تہ آسمان جي گردش کان ڪوبہ نقصان توهان کي نہ پهچندو، ڇاڪاڻ تہ نماز جي پنجن وقتن، خلوَت خواهہ محفل ۾ اهڙو ڪو بہ وقت نتو گذري جنهن ۾ غائبانہ دعا جي امداد نتي ڪئي وڃي تہ خدا تعاليٰ توهان کي ڪافرن تي فتح نصيب ڪري ۽ اهي، دشمن ذليل ۽ خوار خراب ٿين. جيڪو حڪم ازل ۾ مُقدر هوندو آهي، مراد جي پردي مان بہ اهوئي ظاهر ٿيندو آهي ۽ جيئن جڳائي ۽ گهرجي، تيئن ٿيندو آهي. آءٌ هميشہ الله پاڪ جي درگاهہ ۾ عاجزيءَ ۽ زاريءَ سان هن طرح چوندو رهان ٿو: ”اي خداوندا! تون اُهو بادشاهہ آهين جو توکان سواءِ ٻيو ڪو بہ خدا نہ آهي. اسلام جي لشڪر کي [سندن حال] کان مٿي قوت بخشج، ۽ ڪاميابي عطا ڪج!“ الله تعاليٰ جي ڪرم ۾ اميد آهي تہ تون مقصد حاصل ڪري اچي اسان سان [141] ملندين. هيءُ ضروري آهي تہ جيئن بہ ممڪن ٿي سگهي تيئن درياءُ ٽپ ۽ الاهي تائيد جي التجا ڪندو رهج، ۽ پنهنجي پناهہ سندس رحمت کان چاهج، تہ هو پنهنجن عقلن تي هٺ ڪندڙ صلاحڪارن کان (توکي) بچائي. هڪبئي کي سامهون ٿيڻ وقت الاهي رضا تي اعتماد رکي، پنهنجي پوري بهادري ۽ همت بجا آڻجو، ڇاڪاڻ تہ فتح ۽ (الاهي) تائيد، همراهي ۽ قوت توهان سان شامل ۽ مدد گار آهي، ۽ ملائڪن جي امداد ۽ مسلمانن جي ترار توهان جـي طرفان هنن[مخالفن] تي مسلط آهي. خدا

Gul Hayat Institute

عزوَجل، انهن جي خبيث ذات کي مسلمانن ۽ ملائڪن جي ترارين ۽ تيرن جو ڪاج بنائيندو. الاهي غضب (جو دروازو) انهن لاءِ کليل آهي، جنهن ڪري پورو انتقام ۽ عبرتناڪ سزا ڪائيندا. جڏهين مهراڻ درياءَ اڪرڻ چاهين، تڏهن گهيڙ جي ڪناري کي جاچي ڏسج، ۽ نديءَ جي ٽپڻ جو انتظام پڪو رکج، ۽ انهيءَ ملڪ جا جيڪي رهاڪو ٻيڙين تي هجن، [پهريائين] تن کي پڪن انجامن سان پنهنجو مطيع ۽ مخلص بنائج، ۽ انهن کي چڱي طرح سڃاڻي پوءِ [درياءُ]ٽپجو. جيئن تہ پاڻي توهان جي پويان هوندو، تنهن ڪري انهيءَ طرف کان دشمن جو ڪوبہ ڊپ نہ رکجو ۽ توهان کي ڪوبہ ايذاءُ نہ رسندو. پوءِ جڏهن توهان هن جي ڳوٺن، شهرن ۽ قلعن ۾ داخل ٿيندا تہ ڪوبہ ماڻهو توهان سان مقابلو ۽ لڙائي نہ ڪري سگهندو، ۽ هو ڪڏهن بہ توهان جي سامهون پنهنجو پيارو ساهہ هلاڪت ۾ نہ وجهندا. هو جنهن بہ قلعي ۾ پناهہ وٺي پنهنجي ٽيڪ بنائيندا. تنهن تي جنهن وقت تنهنجي نظر پوندي تہ الله تعاليٰ جي تائيد ۽ فتح سان کلي پوندو، ۽ توهان جي ترار جي هيبت جو اهڙو ڊپ ۽ رعب هن جي دلين تي غالب ٿيندو جو ڪين ڪوبہ هٿيار ڪم نہ ڏيندو، ۽ (اهو رعب) توهان کي ڪامياب ۽ فتحمند ڪندو [142] جڏهن هو ڀڄن تہ (هڪدم) سامان ۽ خزانو قبضي ۾ ڪجو پر پاڻ کي سندن ٺڳيءَ ۽ فريب کان بچائجو، ۽ هٺ نہ ڪجو. پوءِ هر هڪ کي اسلام جي ڪلي ڏانهن سڏجو ۽ جيڪو اسلام جي عزت سان مشرف ٿئي تنهن جي تربيت ڪجو. مطلب تہ ڪوبہ دين جو دشمن انهيءَ طرف ۾ نہ رهي.سندن خون توهان جي ترار لاءِ مباح آهي، هيءَ دعا، جا منهنجو وظيفو آهي، هر وقت پڙهندا رهجو. اها مقبول دعا هيءَ آهي:

بِسمِ اللهِ الرحمانِ الرحِيمِ اَللهم اِنانسئَلُکَ ذَالِکِ بِانکَ اَنتَ اَللهُ الحيُ القيومُ لاَتاخذُه سِنة وَلاَ نوم لکَ- مافِي السموٰات وَما فِي الاَرضِ من ذَا اَلذي يشفع عِندَکَ- اِلا بِاذنِکَ- تعلمُ مابينَ اَيدِينا وَما خلفنا- وَلاَ يحِيطُ بِشيءِ مِن عِلمِکَ- اِلا بِما شِئتَ- وَسِع کرسِيکَ السموٰاتِ وَالاَرضَ- وَلاَ يؤدُکَ- حِفظُما وَ اَنتُ العلِي العظِيمُ وَبانک- اَنتَ الاَحدُ الصمدُ لم يلِد وَلم يولد وَلم يکن له کفوَا اَحدُ- بِوَجِهکَ الکرِيم رَب الوجوه وَخالِقَ الوجوهِ وَقاهِرُ الوجوهِ وَالقادِرِ علي ولوجوهِ- لکَ الخيرُ وَالکرَم وَالکلِمات التامات- فارُقنا معَ ذالِکَ شکراً لِنعمتکَ وَ معرِفة لِحقِک وَ عملاً بِرِضوَانِکَ- وَالسلامَ عليکَ رحمة الله و برکاتہ و کتبہ حمران (1) في سنہ ثلث وَ تسعِينَ [143]. (اي اسان جا الله! اسان هيءُ توکان انهيءَ ڪري ٿا گهرون جو تون سدا حيات ۽ سدا قائم الله آهين، جنهن کي ڪابہ اوجهراڻي يا ننڊ نٿي وٺي، آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آهي سو تنهنجو آهي. اهڙو ڪير آهي جو تنهنجي اجازت کان سواءِ

Gul Hayat Institute

تو وٽ سفارش ڪري؟ جيڪي بہ اسان جي اڳيان يا پٺيان آهي سو تون ڄاڻين ٿو ۽ تنهنجي مرضيءَ کان سواءِ اسان تنهنجي علم مان ڪنهن بہ شيءِ کي پروڙي نٿا سگهون. تنهنجي حڪومت زمين ۽ آسمان تي پکڙيل آهي، ۽ انهن جي حفاظت توکي ڪابہ تڪليف نٿي رسائي، ۽ تون وڏو ۽ غالب آهين: ۽ هن ڪري (گهرون ٿا) جو تون واحد بي نياز آهين، جنهن نہ ڪنهن کي ڄڻيو آهي ۽ نہ ڪنهن مان ڄائو آهين، ۽ نہ ڪنهن جو ڪو مٽ آهي. (اسين توکان گهرون ٿا) تنهنجي سڀوري ذات جي مهابي، جا سيني ذاتين جي رب ۽ سيني ذاتين جي قادر آهي. پلائي، احسان ۽ مڪمل ڪلما تنهنجي هٿ ۾ آهن (انهن سان گڏ)، اسان کي پنهنجي نعمت جو شڪر، پنهنجي حق جي معرفت ۽ پنهنجي رضامندي تي عمل عطا ڪر. ۽ توتي سلامتي، الله پاڪ جي رحمت ۽ برڪتون هجن. (حمران، سنہ 93 هہ ۾ لکيو.)

## حجاج جو خط پڙهڻ ۽ محمد بن قاسم جو ساٿين کي خطاب ڪرڻ

پوءِ محمد بن قاسم اهو خط پڙهي ساٿين کي تقرير ڪئي، ۽ ڏاهر جي جنگ ۽ [درياءَ] جي گهيڙ لنگهڻ لاءِ تيار ٿيو تہ ايتري ۾ ٻيو خط پهتو.

بسم الله الرحمان الرحيم- بلند درگاهہ مان محمد بن قاسم ڏانهن خط آهي تہ دعا کان پوءِ معلوم هجي تہ: تنهنجي دشمنن کي مغز ۾ غرور آهي. تون ڊڄ نہ، ڇاڪاڻ تہ فتح تنهنجي ٿيندي. ۽ جيڪڏهن صلح جي رستي تي اچي، پڪو انجام ڪري صلح ڪري ڍل دارالخلافت جي خزاني ۾ پهچائي تہ ائين بہ ٿي سگهي ٿو. ۽ جيڪا ڏاهر سان مهراڻ ٽپڻ ۽ جنگ ڪرڻ بابت اجازت طلب ڪيل آهي [تنهن لاءِ محمد بن قاسم کي] حڪم ٿو ڪجي تہ اهڙيءَ جاءِ تان ٽپي جتي گپ چڪ نہ هجي، ۽ لشڪر کي تڪليف نہ پهچي. پڻ ٻارهن ميلن تائين مٿان کان هيٺ تائين پاڻيءَ جي ويڪر ۽ ڊيگهہ جو نقشو ڪاغذ تي ڪڍي، ۽ ڪناري ۽ گهٽ گهيڙ جو نشان ڪري (اسان ڏانهن موڪلي)، پوءِ جيڪا جاءِ آءٌ پسند ڪريان اتان لنگهو تہ جيئن سپاهين کي ڪو نقصان نہ پهچي.

محمد بن قاسم موڪي [پٽ] وسايي کي سڏي چيو تہ درياءُ ٽپڻ جي تدبير ڪرڻ گهرجي.

## ڏاهر جو مهراڻ جي ڪناري تي سامهون اچڻ

هند جي دانائن، جن هن داستان جي تصوير چٽي آهي، هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: جڏهين حجاج جو حڪم محمد بن قاسم کي پهتو، ۽ [مهراڻ] ٽپڻ جي اجازت مليس [ان بابت]هڪ برهمڻ کان روايت ڪيائون، جنهن چيو تہ: مون مِرداس بن هُدبہ تمِيميءَ کان ٻڌو[144]، جنهن

Gul Hayat Institute

**بيان ڪيو تہ: آئون راوڙ ۾ ڏاهر جي لشڪر ۾ هئس جڏهن ڏاهر کي خبر پهتي تہ محمد بن قاسم جيور جي سامهون پوري لشڪر سان اچي منزل ڪئي آهي: ڏاهر هاٿيءَ تي پالڪيءَ ٻڌڻ جو حڪم ڪيو ۽ هاٿيءَ تي سوار ٿي ڪناري ڏانهن روانو ٿيو. ۽ وڃي اسلامي لشڪر جي سامهون بيٺو. ۽ مهراڻ جو پاٽي وچ ۾ هو. [ان وقت] محمد بن قاسم لشڪر کي تيار ڪري رهيو هو.**

---

(1) فارسي ڇاپي ۾ "زمين قصہ" (يعني ڪچ واري ايراضي). پ ۽ ر جي پڙهڻي صاف طرح "زمين قصبہ" آهي. ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو متي حاشيہ ص [133]. (ن-ب)

(1) اصل عبارت "مولانا اسلامي" جا غلط آهي. ان وقت "مولانا" جو خطاب توڙي "اسلامي" نالو ناپيد هئا. صحيح "مولاي اسلام" سمجهڻ گهرجي ڇو تہ هيٺ "مولاي ديبلي" ۽ وري ايندڙ عنوان هيٺ صاف طور "مولاي اسلام ديبل" آيو آهي. (ن- ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ هي نالو "حمزان" لکيو ويو آهي. قديم نسخي پ جي پڙهڻي صاف طور "حمران" آهي، جا صحيح آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [143] . (ن-ب)

Gul Hayat Institute

# شاميءَ جو شهيد ٿيڻ

اتي هڪ شامي شخص، جو تيراندازيءَ ۾ ماهر ۽ هٽ جو ملوڪ هو، چاهيو تہ گهوڙو پاڻيءَ ۾ هڻي تير وسائي، پر سندس گهوڙو پاڻيءَ کان ڇهي رهيو هو، ۽ هيٺ نٽي لٿو. اتي راجا ڏاهر پنهنجي ڪمان گهري. سندس ڪمان وڏي ۽ مضبوط هئي، جنهن تي ڪانئس سواءِ ٻيو ڪو بہ زِهہ چاڙهي نہ سگهندو هو. انهيءَ تي زهہ چاڙهي، تير رکي، جيترو ٿي سگهيس اوترو ڇڪي، نشانو وٺي تير هنيائين. تير اُنهيءَ سوار جي چوٽيءَ ۾ هنيائين، جو مٿي مان لنگهي وڃي سندس دُن ۾ ويٺو، ۽ گهوڙي تان ڪِري پيو.

(ايترو ڪري) ڏاهر موٽي ويو، ۽ جاهين کي حڪم ڏنائين تہ : ٻيٽ جي قلعي جي سامهون جتي گهيڙ آهي اتي ٿي ويهہ، ۽ ڏسج تہ جيئن (عرب) لنگهي نہ اچن، ۽ ڏسندو رهج تہ، جيئن اهڙيءَ جاءِ وٺان لهن جتي گپ ۽ وڏو پاڻي هجي. پڻ تون ٻيڙيون تيار رک جيئن ٽپڻ وقت ڪين نقصان ۽ رنڊڪون وجهي سگهين. جاهين انهيءَ اشاري تي (عربن) جي رٿ ناڪام ڪرڻ لاءِ مهراڻ جي ڪناري ڦِي ويهي رهيو.

ايتري ۾ اسلامي لشڪر جا ڪي سوار جي سيوستان ۾ مقرر هئا، پهتا (۽ چيائون) تہ چندرام هالہ، جو ڪنهن وقت سيوستان جو حاڪم هو، ڪن نڪرن ۽ ڪامورن [145] کي ڦيرائي قلعو قبضي ۾ ڪري ورتو آهي، ۽ عرب جي سپاهين کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو اٿس. هيءَ خبر محمد بن قاسم کي ٻڌائي ويئي.

## [ محمد بن] مُصعب (1) جو سيوستان وڃڻ

پوءِ (اها خبرٻڌي)، [محمد بن] مُصعب (1) بن عبدالرحمان کي هڪ هزار سوار ۽ ٻہ هزار پيادا ساڻ ڏيئي، انهيءَ طرف تي مقرر ڪيائين. هو جڏهن سيوستان پهتو، تڏهن چندرام ٻاهر نڪري لڙائي ڪئي، پر اسلام جي لشڪر جي حملي ڪرڻ تي چندرام جو لشڪر شڪست کائي ڀڳو. چندرام قلعي ۾ وڃڻ چاهيو، پر قلعي وارن دروازو بند ڪري کيس اندر اچڻ نہ ڏنو. آخر جهم ڏانهن هليو ويو. [محمد بن] مصعب(1) ٻئي ڏينهن شهر ۾ آيو. [قلعي وارن،] شمني، واپارين، ڪاريگرن ۽ چگن کي وچ ۾ آڻي بهانو پيش ڪيو تہ اسان جي طرفان ڪوبہ گناهہ ڪونہ هو، هڪ چور اچي اوچتو پاڻ کي قلعي ۾ سٽيو. هنن جي بيگناهي معلوم ٿيڻ تي [محمد بن] مصعب(1) ساڻن ناهہ ڪيو، ۽ هنن دروازو کولي قلعو سندس حوالي ڪيو.هن فتح ۽ ڪاميابيءَ جي خبر ٻڌي محمد بن قاسم تمام خوش ٿيو، ۽ (محمد بن مصعب) سيوستان جي

رهاڪن کي امان ڏيڻ بابت جيڪو اطلاع ڏنو هو، تنهن تي محمد بن قاسم چيو ته: مصلحت ائين هئي ته معافي نه ڏئين ها. هاڻي تو کي اعتماد جوڳا امين ماڻهو مقرر ڪري، قلعي جي حفاظت جي رات ڏينهن ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ۽ شمنين ۽ واپارين ڪان چڱو ضامن وٺي، چار هزار جنگي مرد سيوستان مان پاڻ سان آڻج پوءِ [محمد بن] مصعب بن عبدالرحمان انهيءَ اشاري موجب ڪامورا ۽ امين مقرر ڪري، چار هزار هٿيار بند ماڻهو ساڻ ڪري، اچي امير جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ساڳئي ڏينهن موڪو [ پٽ] وسايو پڻ بيٽ جي قلعي جي پرسان اچي محمد بن قاسم سان مليو. [146]

## جيسِينه بن ڏاهر جو محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ بيٽ جي قلعي ۾ اچڻ

پوءِ جڏهن موڪي [پٽ] وسايي جي، محمد بن قاسم سان بيعت ڪرڻ جي پڪي خبر ڏاهر کي پهتي، تڏهن راجا ڏاهر پنهنجي پٽ جيسِينه کي تيار ڪري، اسلام جي لشڪر جي سامهون ٽيڻ لاءِ ، بيٽ جي قلعي ۾ موڪليو. جيئن هو پاڻيءَ مان لنگهي نه سگهن. جيسِينه تيار ٿي پوري ساز و سامان ۽ جنگي هٿيارن پنوهارن سان ڪوتڪه(1) نديءَ جي رستي ڪناري تي پهتو. (هوڏانهن) محمد بن قاسم (ڏاهر جي) لشڪر جي سامهون جهيم ۽ ڪرهل(2) جي پرڳڻن ۾ اچي لٿو ۽ اٽڪل پنجاهه ڏينهن اتي رهڻو پيس. نيٺ اناج ۽ گاهه گهٽجڻ لڳو ۽ اناج جي آمدني گهٽ ٿيڻ ڪري لشڪر فڪرمند ۽ پريشان ٿي پيو ۽ مخالف گاهن ڪاٽڻ ڪري گهوڙن ۾ بيماري پيدا ٿي. جيڪو به گهوڙو بيمار ٿي ٿيو، تنهن کي کهي کاڌائون ٿي. (ٻئي طرف) دشمن هر قسم جون رٿون رٿي رهيا هئا. (جڏهن) هيءَ خبر ڏاهر کي پيئي ته ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ محمد بن قاسم ڏانهن ماڻهو موڪلي نصيحت ڪيائينس ته، ڳالهه جي پاڇاندي پويان نه پوي.

## راءِ ڏاهر جو، محمد بن قاسم ثقفيءَ ڏانهن پيغام

Gul Hayat Institute

”پوءِ معلوم هجي ته ڪم جي انتها جي ڪِد پوڻ بدبختي ۽ ڪميٽپ آهي. تو پنهنجي ۽ اسان جي لاءِ تنگي پيدا ڪئي آهي، ۽ تنهنجي لشڪر وٽ اناج ناياب ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن صلح ڪري موٽي وڃين ته تو ڏانهن ڪاڌو موڪليان. جيئن تنهنجا ساٿي بک ۽ اٿهوند وگهي تباهه نه ٿين . تون (خيال ڪري) ڏس ته تو وٽ اهو ڪهڙو مرد آهي، جو اسان جي سامهون ٿي جنگ ڪندو. نه ته (ٻي صورت ۾) لڙائيءَ جا هٿيار تيار ڪر.“

محمد بن قاسم جواب ڏنو تہ: ” آئون انهن اميرن مان نہ آهيان جيڪي هيترڙيءَ ڳالهہ تي موتي ويندا. تو هيترا سال جيڪا سرڪشي ۽ بي توجهي ڪئي آهي، اهو سمورو مال [147]دارالخلافت جي خزاني ۾ جمع ڪرائيندين تہ منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ صلح ٿيندو، نہ تہ خدا تعالىٰ جي مدد سان تنهنجو سر عراق نيندس.“

محمد بن قاسم پوءِ حجاج ڏانهن هي احوال لکي گهوڙن جي مرڻ، گاهہ جي تنگيءَ ۽ پاڻي جي ٻيڙين نہ ملڻ جي خبر ڏني.(هوڏانهن) حجاج، طيار نالي هڪ شخص کي لشڪر جي خبر وٺڻ لاءِ موڪليو [۽ کيس چيو] هو تہ: ”مخفي طور محمد بن قاسم کان خبرون پڇي مون کي ڏج.“ طيار روانو ٿي مڪران پهتو تہ هڪ شخص کي ايندو ڏسي کانئس پڇيائين تہ: ڪٿان ٿو اچين؟ چيائين تہ: محمد بن قاسم جي لشڪر مان. چيائينس تہ: احوال ٻڌاءِ. جنهن تي هُن اناج ۽ گهوڙن جي گاهہ جي گهٽتائيءَ کان لشڪر جي تڪليف ۽ تنگ حالي، گهوڙن ۾ بيماري پوڻ، ۽ وهٽن جي مرڻ جي سچي خبر چڱيءَ طرح کولي ٻڌائي، ۽ (هي بہ ٻڌايو) تہ انهيءَ ڪري عرب جو لشڪر پريشان ٿيو آهي.

## طيار جو موٽي وڃڻ

طيار انهيءَ راويءَ قاصد کي ساڻ وٺي ويو ۽ وڃي اها خبر حجاج کي پهچايائين. (جنهن تي) حجاج بن يوسف پريشان ۽ ڏُکائتو ٿي پنهنجي مجلس ۾ موٽي آيو، ۽ عالمن، بزرگن، صالحن، محققن، مستحقن ۽ مکيہ ماڻهن کي دعا خواهيءَ جي پارت ڪيائين. اتان موٽي طيار کي چيائين تہ انهيءَ سنڌ جي قاصد کي حاضر ڪر تہ جيڪي ڏٺو ۽ سمجهيو اٿس سو بيان ڪري. هن اهو قاصد حجاج جي فرصت واري وقت ۾ پيش ڪيو. حجاج کانئس پڇيو تہ: ”ڪٿان ٿو اچين؟“چيائين: ”سنڌ کان.“ پڇيائينس تہ: ”محمد بن قاسم جي احوال جي ڇا خبر اٿيئي؟“ وراڻيائين تہ: ”سڀ سلامت ۽ چڱي حال ۾ آهن. باقي گهوڙن ۾ جذام جي بيماري پيدا ٿي هئي، ۽ انهيءَ بيماريءَ ۾ گهڻا مري ويا. مان انهيءَ واقعي کان پوءِ نڪتو آهيان. هاڻي ان سهانگو ٿيو آهي، باقي رهيلن گهوڙن ۾ ڪابہ بيماري ڪانہ آهي [148] ۽ انهيءَ ملڪ جا واپاري اناج وڪري لاءِ آڻين ٿا، ۽ ٻيٽ جي قلعي جو حاڪم موڪو [پٽ]وسايو ان باري ۾ مڙس ٿي بيٺو آهي. تنهن تي حجاج چيو: ”مگر منهنجي پروسي قاصد تہ هن طرح (يعني ٻيءَ طرح) بيان ڪيو آهي.“ قاصد وراڻيو تہ: ”هيءَ ڳالهہ مون کان بيان ڪئي اٿس پر پوري نہ ٻڌي هئائين.“ حجاج چيو تہ: ”اها ڳالهہ پوري ڇو نہ چيئي؟“ چيائين:”انهيءَ ڪري تہ جيئن هيءَ

گھٽتائي عام جي واتن ۾ نہ پوي. ھن مصيبت تي دوست ۽ دشمن واقف نہ ٿئي.“ پوءِ حجاج انھيءَ ماڻھو کي لکيو ڏيئي دارالخلافت ڏانھن موڪليو تہ جيڪي ڏٺو اٿس سو پورو وڃي ٻڌائي.

## حجاج جو ٻہ ھزار گھوڙا،خط سان گڏ محمد بن قاسم ڏانھن موڪلڻ

(ٻئي طرف) ھيءَ حقيقت ٻڌڻ شرط حجاج پنھنجا خاص ٻہ ھزار گھوڙا موڪليا ۽ لکيائين:

ھيءُ خط حجاج بن يوسف طرفان محمد بن قاسم ڏانھن. خط ۽ قاصد جي زباني احوال معلوم ٿيو تہ ڪي گھوڙا مري ويا آھن ۽ باقي بڇيل سلامت آھن. تنھن ڪري ٻيا ٻہ ھزار گھوڙا موڪلجن ٿا. جي اعتماد جوڳن بھادرن ۽ لشڪر جي سردارن جي لائق ھجن ۽ تنھنجا پشت پناھ ٿي سگھن، ۽ اھڙن ماڻھن جي حوالي ڪرڻ گھرجن. جيڪي سواريءَ جي لائق ھجن ۽ پنھنجي سواري ڪي، جيتوڻيڪ ڪٿي اڌاري ھجين. خاص پنھنجو ڪري سمجھن. لشڪر کي ھميشہ منظم ۽ سينگاريل رکج. جيئن قوت ۽ دٻدٻي سان دشمن جي لشڪر کي دفع ڪري سگھين. پر ڪافرن بابت ھيءَ نصيحت ڪن ڪج تہ: ڪنھن بہ ماڻھوءَ جي تمنا سندس مرضي موجب حاصل نہ ٿيندي آھي. [تصديق] قولہ تعاليٰ: اَم لِلاِنسانِ ما تمنيٰ- فِلله الاخِرَتُ والاُولي(1) (ڇا انسان جيڪي چاھي ٿو سو ڪيس ميسر آھي؟ بلڪ آخرت خواھ دنيا الله جي آھي). مون کو ھيءُ فيصلو پنھنجي طرفان نہ ڪيو آھي، پر خدا تعاليٰ [149] مون کي انھيءَ تي بڇيو آھي. چاڪاڻ تہ (مان سمجھان ٿو) تہ سندن [ڪافرن جو] ڪم پورو ٿي چڪو آھي ۽ دولت ڪائنڻ منھن ڦيرايو آھي: ۽ طريقت، شريعت ۽ حقيقت غلبو ڪيو آھي ۽ دين جي عزت جو جھنڊو بلند ٿي چڪو آھي. ڪافرن کي [ھيءَ ڳالھ] ڪٿي اڻ وڻندڙ لڳي، تہ بہ توکي ڪيئن بہ ڪري ٻيڙيون ھٿ ڪري ٻيڙين جي پل ٻڌڻ گھرجي، جيئن آساني سان لنگھي وڃو تہ پلي [ڪافرن کي بہ] خبر پوي- والسلام.

## محمد بن قاسم جو، حجاج جو خط پڙھڻ

Gul Hayat Institute

جڏھن محمد بن قاسم خط پڙھيو ۽ گھوڙا (بہ) پھتا تہ ھن خط جي جواب ۾ جيڪو احوال لکيائين، تنھن ۾ ڪتاڻ جي گھر ڪيائين. [لکيائين] تہ: مخالف ڪاڏن ۽ بي وقت ڪائڻ ڪري بيماري، رطوبت ۽ مزاج جي مخالفت پيدا ٿي ٿئي. تنھن ڪري جيئن بہ ٿي سگھي تہ خاص شرابخاني مان ڪجھ سرڪو عنايت ڪيو وڃي جو لشڪر کي ان جي ڏاڍي ضرورت آھي.

## حجاج بن يوسف جو سرڪو موڪلڻ

پوءِ حجاج جي حڪم سان پچيل ڪپهه آڻي، سرڪي ۾ ٻوڙي، خشڪ ڪندا ويا. [ڪپهه]ڪئين دفعا سرڪو ڪنيو. پوءِ انهيءَ ڪپهه جون ڳنڙيون ٻڌي ڪئمپ ۾ ڪٽي آيا، ۽ خط ۾ لکيائون ته: ”محمد بن قاسم، پيغمبر ﷺ جي حڪم نِعمُ الادامُ الخل (سرڪو چڱو ڳنڍڻ آهي) جي پيروي ڪندي سرڪي جي گهر ڪئي هئي، جو پچيل ڪپهه ۾ تيار ڪيو ويو آهي. ڪپهه پهچڻ تي پاڻيءَ ۾ آلي ڪئي ويندي ته انهيءَ مان سُرڪو نڪري ايندو.“ [150]

## مهراڻ جي الهندي ڪناري تي حجاج جو خط پهچڻ

هن داستان جي مصنف خواجه امام ابراهيم روايت ڪئي آهي ته: جڏهن محمد بن قاسم کي گهڻو وقت مهراڻ جي الهندي ڪناري تي ترسڻو پيو، تڏهن حجاج هڪ خط لکيو جنهن ۾ نائبي(گورنري) جو پروانو داخل ڪري آزاديءَ سان حڪومت ڪرڻ سندس اختيار ۾ ڏنائين.[وڌيڪ] لکيائين ته: ”تنهنجي روش مون کي ناپسند آهي، ۽ تنهنجي حڪومت (جي طريقي) کان عجب لڳو اٿم ته تون امانُ ڏيڻ جو ڏاڍو شائق تي پيو آهين. امتحان ۽ آزمائش کان پوءِ جنهن به دشمن جي عداوت ۽ مخالفت ظاهر ٿئي، تنهن کي امان ڏيڻ نه گهرجي. ڇاڪاڻ ته شريف ۽ رَذيل جو درجو برابر نه آهي، ۽ نه هجڻ گهرجي. ائين ڪرڻ مان ڪم عقلي ثابت ٿيندي، ۽ دشمن انهيءَ کي ڪمزوري تصور ڪندو. مون کي قسم آهي پنهنجي جان ۽ سر جو ته، الله تعاليٰ عزوجل توکي نصيحت ڪئي آهي ۽ ويچار وارو عقل ڏنو آهي. [پر تون انهيءَ کان ڪم نٿو وٺين.] ۽ تنهنجو پورو توجهه [رڳو] سيني کي امانُ ڏيڻ ۾ ئي ختم ٿئي ٿو. [هي ڳالهه] انهن کي پڻ ٻڌائج جيڪي تنهنجا صلاحڪار ۽ ساٿي توسان گڏ آهن. تون[رڳو] امانُ ڏيڻ ۾ پورو آهين، هوڏانهن ڪيترو وقت گذري ويو آهي جو دشمن جي سامهون[بيڪار] ويٺو آهين (1).“ پڻ جيڪڏهن بيڌڙڪ امانُ ڏيندا رهندا، ۽ جنگ ۾ ڏوڪڻ جو خيال ئي [دل مان] ڪڍي ڇڏيندا، ته پوءِ جنگ جي اخراجات [پوري ڪرڻ] لاءِ ڪو ٻيو رستو اختيار ڪيو ويندو، ۽ هيءُ طويل ڪم عقلي ختم ڪئي ويندي(1) جڏهن [ڏاهرکي] توهان جي هيڻائي ۽ ڪم عقليءَ جي خبر پوندي ته هو هنيلو ٿيندو، ۽ [ٻئي طرف] ماڻهن کي معلوم ٿيندو ته تون صلح جي ڪوشش ڪري رهيو آهين، جنهن کي هو تنهنجي سُستي ۽ قصور تصور ڪندا، ۽ ڪوبه مطلب حاصل [151] نه ٿيندو. توکي حڪومت ۽ سياست جو طريقو هٿان ڇڏڻ نه گهرجي، ۽ ترار ۽ عقل (ٻنهي) کي ڏيان ۾ ڏرڻ گهرجي. توکي پڪو ارادو ڪري، لشڪر کي بهادري ۽ دورانديشيءَ لاءِ همٿائڻ گهرجي. سچو ۽ عقل جو قوي رهج، غفلت نه ڪج، ۽ خدا تعاليٰ جي ذڪر ۾ دل، جان ۽ زبان حاضر رکج.

هينئر جڏهن (اسان کي) مهراڻ جي وهڪري کان واقفيت حاصل ٿي آهي، تڏهن (اسان جي صلاح آهي) ته بيٽ کان ٻيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته مهراڻ جو پاڻي اتي سوڙهو ۽ ڪنارو پڻ ٽپڻ لاءِ وڌيڪ آسان آهي، (ٻيو ته) جنهن صورت ۾ بيٽ، دوآبي ۾ آهي، تنهنڪري آهستگيءَ سان ٽپي سگهنداسين ۽ بچاءُ ۽ حفاظت ۾ (پڻ) رهنداسين. پل ٻيڙين جي ٺاهجو، ۽ جنگ ۾ الله جي مدد ۽ خدا، جلت قدرته، جي فتح پاڻ سان همراه سمجهجو. تون جڏهن طاقت ۽ دٻدٻي سان ڪم ڪرڻ لڳندين ته پوءِ لشڪر خواه رعيت پنهنجي جان جي بچاءُ ۽ ذريعي معاش خاطر تنهنجي بيعت ڪندا، ۽ تابعدار ٿي پاڻ کي تنهنجي دربار ساڻ وابسته رکندا.

## محمد بن قاسم جي مهراڻ جي پاڻيءَ ٽپڻ وغيره جي خبر

تواريخ جي مصنفن ۽ هن داستان کي سنواريندڙن روايت ڪئي آهي: جڏهن حجاج جو لکيو محمد بن قاسم کي پهتو، تڏهن فرمان جي حڪم موجب هڪدم اتان منزل پٽي جهم جي علائقي ۾ ساڪري جي زمين ۾ پهتو، ۽ ٽپڻ لاءِ ٻيڙيون هٿ ڪرڻ ۽ تختا تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. (هوڏانهن) راجا ڏاهر پاڻ کي غافل رکي سارو ڏينهن راند، خوشي ۽ سير شڪار ۾ مشغول ٿي رهيو، جيئن هو (عرب) سمجهن [152] ته اسان جو ڪوبه فڪر ڪونهيس.هڪ ڏينهن پنڊوير شمني (1) ڏاهر وٽ اچي چيو ته: ”اي بادشاهه! توکي سارو ڏينهن راند ۽ شڪار ۾ مشغول ٿو ڏسان، ۽ شطرنج ۽ چوپڙ ۾ قائل آهين، ۽ [ٻئي طرف] عرب جو لشڪر پهچي اچي تنهنجي در تي لٿو آهي.“ ڏاهر چيو ته: ”[پوءِ] ڪهڙي رٿ آهي؟ تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟“(جواب) شمني وراڻيو ته:”مون کي ٽي تدبيرون خيال ۾ اچن ٿيون، هيٺين ڪمن مان هڪڙي تي عمل ڪج: [اول ته] جيڪڏهن تون اتفاق ڪرين ته [پنهنجا] فرزند ۽ تعلقدارهندستان موڪلي، پاڻ اڪيلو ساڻس لڙائيءَ ۾ سامهون ٿيءُ، ڇاڪاڻ ته پوءِ برگستوان، مست هاٿي، بهادر مرد ۽ جنگي جوڌا ساڻ ڪري، جيڏانهن چاهيندين تيڏانهن اچي جنگ ڪري سگهندين. سيئي رستا بند ڪري ڇڏ، جيئن هنن کي گاهه ۽ اناج نه پهچي. [ٻي رٿ آهي]ته جيڪڏهن چاهين ته هن وقت جيڪو لشڪر تنهنجي تابعداري ڪري ٿو، تن سڀنيءَ کي گڏ ڪري، پنهنجي بچاءَ ۾ مقدمو (اڳ) ۽ ساقو (پيچو) بنائج، جيئن ڏاڙئي لشڪر کان تنهنجي واهر ٿئي ۽ [پڻ] هتان ڪوچ ڪري قصبه(1) ڏانهن وڃ ته اهو ريگستان تنهنجي لاءِ قلعو ۽ پناهه رهي، ۽ اتي جا رهاڪو تنهنجي مدد ڪن. اتي وڃي انهن کي چئو ته:”توهان ۽ عرب جي لشڪر جي وچ ۾ آءٌ ديوار آهيان. جيڪڏهن مون کي ڦريائون ته پوءِ توهان به برباد ٿي ويندا: تنهن ڪري اچي اسان جي تابعداري

ڪريو. ۽ لڙائيءَ ۾ منهنجا مددگار ٿيو.[ٿين تدبير] هيءُ آهي ته اولاد ۽ تابعدار وٺي جسوم را (2) جي ملڪ ۾ وڃ. اهو بادشاهه تنهنجو قدر ڄاڻي ٿو ۽ تنهنجي هر طرح جي مدد ڪندو. ۽ هن ڪان مدد گهرندين ته سندس مدد سان پنهنجي ملڪ ۾ وري موٽي دشمن ڪان بدلو وٺي سگهين ٿو. ۽ عرب جولشڪر هن ملڪ مان ڪوبه نفعو وٺي نه سگهندو. ۽ جيستائين راجا جي جان سلامت آهي ته ڪوبه دشمن تنهنجي قوت ڪان آرام ۾ نه ويهي سگهندو. ۽ جيڪڏهن خدانخواسته توکي ڪا تڪليف پهتي ۽ دشمن غالب ٿي توکي ماري وڌو [153] ته پوءِ هندستان جي بادشاهن مان ڪوبه بادشاهه انهيءَ (دشمن)کي دفع نه ڪري سگهندو. ۽ هو هن حڪومت کي مضبوط ڪري نه سگهندو. ۽ سڄي ملڪ تان تنهنجو تصرف ڪٽجي ويندو.“

---

(1) اصل متن ۾ معصب آهي مگر صحيح محمد بن معصب آهي. ڏسو مٿي حاشيه 142. (ن-ب)

(1) هي پڙهڻي پ مطابق آهي: ب:ڪوتڪ: ر،م: ڪوتل. س،گونگ

(2) پ: ڪوهه: ن،ب،ح: ڪوهل.

(1) النَجم: رڪوع-1

(1) ڏسو حاشيه [151]

(1) هتي اصل متن جي عبارت ۾ ڏاڍو خلل آهي، ترجمو اٽڪل تي ڪيو ويو آهي. اسان جي خيال ۾ هي حجاج جي طرفان محمد بن قاسم کي دڙڪو آهي، ته جيڪڏهن تون پنهنجي رحمدليءَ ۽ هر هڪ کي امان ڏيڻ واريءَ روش ڪان، جنهن کي حجاج بيوقوفي ۽ ڪم عقلي سمجهي ٿو،باز نه ايندين ته اسان لڙائي جاري رکڻ لاءِ ڪو ٻيو رستو اختيار ڪنداسون ۽ توکي موقوف ڪري، هيءَ ڪم عقلي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏينداسين. متن جي اصلي عبارت هن طرح آهي(و نيز اگر امان بي گمان خواهند وعذر از ميان بردارند از حرب، در اخراجات راوجوهه رائج کردد و اين بدري مطول کوتاه شود). اسان جي خيال ۾ ”بدري “جو لفظ ڪاتب جي تصحيف آهي. هي لفظ اصل ”بدرائي“ (بيوقوفي ڪم عقلي) آهي ڇاڪاڻ ته بدري لفظ جي فارسي لغت ۾ ڪا معنيٰ ڪانهي.(مترجم)

(1) فارسي ڇاپي جي پڙهڻي”بهند وير سمني“ مطابق: ن جي پڙهڻي پڻ ”بهندوير“ آهي مگر پويان ”سمني“ لفظ ڪونهي، پ،بهندر: م،بهندرڪو: ر،بهند ڪز: ڪ،مهندر وزير.(ن-ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ ”قصه“(يعني ڪڇ) پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. هي ساڳيو نالو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ص[133] تي اچي چڪو آهي. هت مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن. م: قصبه، پ: قصيه، ن،قصب، ب،س: عقب. اختيار ڪيل پڙهڻي لاءِ ڏسو مٿي حاشيه ص [133] (ن-ب)

(2) ر:جيوم رائي

Gul Hayat Institute

## ڏاهر جو وزير کي جواب ڏيڻ

ڏاهر چيو ته: ”اي هوشيار وزير! تون جيڪي چڱو سمجهين ٿو سو عين مصلحت ٿي سگهي ٿو. پر هن وقت لاڳاپيدارن کي هندستان موڪلي ڏيڻ، [مصلحت] ڏسڻ ۾ نٿي اچيم، ڇا لاءِ ته رعيت فڪرمند ٿيندي ۽ لشڪر ۽ امير دل شڪسته ٿي جنگ نه ڪندا ۽ ٽڙي پکڙي ويندا، ۽ مون کي پڻ هن ڳالهه کان شرم ٿو اچي ته ڪنهن ٻئي کي التجا ڪريان يا ڪنهن جي دروازي تي وڃي انتظار ڪريان ته اندر اچڻ جو حڪم آهي؟ هيءُ عار آءٌ ڪيئن برداشت ڪري سگهندس.“وزير چيو ته: ”تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟ بندي کي واقف ڪر ته خير خواهي ۽ صلاح طور (اها) همراهِ خادمن کي ٻڌائي وڃي.“

## راجا ڏاهر جي وزير سان صلاح ڪرڻ

راجا ڏاهر چيو ته: ”منهنجي راءِ جي تقاضا آهي ته هن سان سامهون ٿي جنگ ڪريان، ۽ جنگ [پوري] ڪوشش ۽ سعيي سان ڪريان. جيڪڏهن انهن تي غالب ٿيس ته پوءِ هو سڀ ذليل ٿيندا ۽ منهنجي بادشاهي مضبوط ٿيندي، ۽ جيڪڏهن ننگ ۽ ناموس خاطر ڪٺو ويس، تڏهن به هيءَ خبر عرب خواه هندستان جي ڪتابن ۾ لکي ويندي، ۽ بزرگن جي واتان دنيا جي بادشاهن جي ڪن پوندي ته راجا ڏاهر پنهنجي ملڪ خاطر دشمن جي مقابلي ۾ پنهنجي پياري جان فدا ڪئي“. (شمني جو جواب ڏيڻ: پوءِ شمني چيو ته: ”منهنجي سڄي نصيحت جو دارومدار (انهيءَ تي) آهي ته راجا جي ذات باقي رهي ۽ هيءَ بادشاهي قائم رهي. نه ته ٻيءَ صورت ۾ اسان بندن لاءِ [سيڪجهه] آسان آهي. [اسان لاءِ] سٽن جي هڪ لپ، پاٽيءَ جو ڏُڪ ۽ ڪپڙي جي اگڙي ڪافي آهي. شال راجا جي راءِ مٿانهين رهي. [154]

## محمد بن قاسم جي اِسلامي لشڪر سان اپرندي طرف ڏانهن ٽپي اچڻ جي خبر

جڏهن محمد بن قاسم [درياءُ] ٽپڻ جو پڪو ارادو ڪيو، تڏهن فڪر ڪرڻ لڳو ته ائين نه ٿئي جو راجا ڏاهر لشڪر وٺي، مهراڻ جي ڪناري تي اچي اسان جو گهٽ جهلي ۽ روڪ ۽ ٽوڪ واجب سمجهي، تنهنڪري سندس احوال معلوم ڪرڻ ضروري آهي.

## سليمان جو لڙائي تي وڃڻ

Gul Hayat Institute

پوءِ سليمان بن نبهان قريشيءَ کي حڪم ڪيائين تہ: توکي پنهنجو لشڪر وٺي راوڙ جي قلعي جي مقابل لڙائيءَ لاءِ وڃڻ گهرجي، تہ جيئن ڏاهر جو پٽ گوپي(1) پيءُ جي مدد تي نہ اچي.

سليمان ڇهہ سؤ ماڻهو ساڻ وٺي لڙائي تي ويو. وري عطِيہ تغلبي(1) پنج سئو ماڻهن ساڻ اگهم جي رستي تي مقرر ڪيائين تہ جيئن ڪندراه(2) واري ايراضي تي چوڪسي ڪري. (هوڏانهن وري) قلعي نيرون جي سردار شمني ميگهذنيہ (3) کي فرمايائين تہ رستي تي اناج ۽ گاهہ موجود رکي، متان لشڪر کي ان جو احتياج پوي، ۽ [محمد بن] مُصعب بن عبدالرحمان (4) کي [لشڪر جي] مقدمي (مُهڙ) تي مقرر ڪيائين تہ اڳتي وڃي رستن جي چؤڪسي ڪري. نُباتہ بن حنظلہ ڪِلابِي کي هڪ هزار سوارن سان قلب(وچ) ۾ رکيائين. (ايتري ۾) ذَڪوان بن علوان البڪري، پندرهن سؤ سوارن، بيٽ جي حاڪم موڪي [پٽ]وَسايي، پيتي ٺڪرن، ۽ [مهراڻ جي] الهندي طرف جي جتن، جن بيعت ڪئي هئي، [انهن مڙني] کي پاڻ سان وٺي اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ ساڪري جا وڏيرا پڻ بيٽ واري ايراضي(1) ۾ تيار ٿي بيٺا [155].

## محمد بن قاسم جي پاڻيءَ ٽپڻ لاءِ جاچ ڪرڻ

جڏهن محمد بن قاسم کي معلوم ٿيو تہ لشڪر جو مقدمو (مُهڙ)، جهم جي گهيڙ وٽ پهتو آهي، ۽ [جَهم بن] زَحر جعفِي (2) پڻ (لشڪر جي) مقدمي سان وڃي ڏسي آيو تہ ڪهڙي جاءِ کان گهيڙ سوڙهو ۽ ڪنارومواقف آهي، تڏهن انهيءَ بيٽ جي سامهون بيهي مهراڻ جي شڪل ڏسي حڪم ڪيائين، جنهن موجب پل ٺاهڻ لاءِ ٻيڙيون موجود ڪري، انهن کي پٿرن ۽ واريءَ سان ڀري ميخون هڻي مضبوط ڪيائون.

## ڏاهر کي موڪي [پٽ] وسايي جي ٻيڙين آڻڻ جي خبر پوڻ

پوءِ جڏهن ڏاهر کي خبر پيئي تہ موڪي [پٽ] وسايي ٻيڙيون آڻي محمد بن قاسم کي ڏنيون آهن ۽ هو (درياءُ) ٽپڻ لاءِ گهيڙ تي آيا آهن، تڏهن ڏاهر جيسينہ کي بيٽ جي قلعي جي حفاظت لاءِ موڪليو، ۽ چيائينس تہ وسايي [پٽ] سربند تي اعتبار نہ ڪج. ممڪن آهي تہ انهيءَ بہ پٽ سان [ملي، محمد بن قاسم جي] بيعت ڪئي هجي. جيسينہ بيٽ جي قلعي ۾ آيو. موڪي جي ڀاءُ، راسل نالي [پنهنجي] ڀاءُ جو مخالف هو ۽ ڏاهر وٽ حاضر ٿي عرض ڪيائين تہ: شال راجا سلامت رهي! شال راجا فتحمند رهي!! بندي جي فرمانبرداري ۽ سچائي بابت [توهان کي] معلوم

Gul Hayat Institute

آهي تہ [ڪيئن نہ] پاڻهپ جي شرطن بجا آڻڻ ۾ دورانديشي ۽ احتياط قائم رکندو آيو آهيان. جيڪڏهن بندي کي حڪم ٿئي تہ ٻيٽ جي قلعي جي نگهبانيءَ لاءِ وڃان. ۽ عرب جي لشڪر کي ڪڏهن بہ [درياءُ] ٽپڻ نہ ڏيندس[156].

## راسل کي حڪومت ڏيڻ

پوءِ راجا ڏاهر، ٻيٽ جي حڪومت راسل جي حوالي ڪري ٻيٽ جي سردارن ۽ مکيہ ماڻهن کي سندس حڪم هيٺ ڏنو. ۽ جيسينہ [پٽ] ڏاهر اتان واپس آيو. [جنهن تي] ڏاهر جي [پوئلڳ]ڳوٺاڻن پانيو تہ اسلام جو لشڪر غالب ٿي اچي [ٻيٽ ۾] لٿو آهي.

## ڏاهر جي گمان ڪانسواءِ بغاوت جي خبر اچڻ

ابوالحسن مدائِنِيءِ کان روايت ڪئي اٿن تہ: وسايو ۽ هن جو پٽ راسل هميشہ موکي [پٽ]وسايي جا مخالف هئا، ۽ سندن مخالفت ظاهر هئي. ڇاڪاڻ تہ موکي [پٽ] وسايي ڏاهر کان نافرمان ٿي محمد بن قاسم سان بيعت ڪئي هئي، ۽ راسل، مخالفت سببان، موکي ۽ محمد بن قاسم جي لشڪر جي سامهون آيو هو. هوڏانهن موکي کي جڏهن کان وٺي هي عقل آيو هو. تڏهن کان ڏاهر جي تابعداري ۾ سر نہ جهڪايو هئائين. ۽ اسلام جو خيرخواه هو ۽ سچائي ۽ اعتقاد سان ڏاهر جي لشڪر جي برخلاف رٿون ۽ اٽڪلون ڪندو رهيو ۽ سندن شڪست جون ڪوشش پئي ڪيائين. جنهن جماعت هيءُ حال ڏنو هو، تن کان هن طرح روايت ڪئي ويئي آهي تہ: جڏهن محمد بن قاسم ٻيڙيون گڏ ڪري هڪٻئي سان ٻَڌڻ لڳو، تڏهن راسل ملڪ جي سردارن ۽ مشهور ماڻهن سان گڏجي، ڪين پل ٻڌڻ ۽ مهراڻ ٽپڻ کان روڪڻ لاءِ (متن)حملو ڪيو. تنهن تي محمد بن قاسم مهراڻ جي پيٽ جي انداز موجب سڀ ٻيڙيون الهندي ڪناري تي هڪٻئي سان قطار ڪري ٻَڌڻ جو حڪم ڪيو. پوءِ تہ جنگي بهادر هٿيار پهري ٻيڙين ۾ ٿي وينا ۽ پتڻ جي انهيءَ جاءِ کان، جيڪا ڪين هٿ آئي [157] هئي، [ متي] منڍ واري ٻيڙي ڪٽي ڇوڙيائون ۽ اها مُهڙ واري ٻيڙي [لهواري وهڪري سبب] وڃي اپرندي ڪناري تي بيٺي. اسلام جي لشڪر تير وسائي ڪافرن کي ڪناري کان پري ڪيو ۽ هڪدم ميخون ٺوڪي پُل ٻڌائون.(بس پوءِ تہ) سوارن ۽ پيادلن حملو ڪيو ۽ اپرندي ڪناري طرف(1) چلنگيون چلنگيون ٿي ٽپيا ۽ صفون ٻڌائون. ۽ ڪافر پڇي ويا. عرب جي لشڪر غالب ٿي ڪين جهم[جي حد] کان ٻاهر پڇائي ڪڍيو. ڪافرن مان جيڪي همت وارا سوار پلن گهوڙن تي سوار هئا، تن ڪٽي گهوڙن کي ڇڏيو، ۽ سڄي رات هلندا رهيا: نيٺ جڏهن صبح صادق اونداهيءَ رات جي پردي مان ظاهر ٿيو. تڏهن وڃي ڏاهر جي

Gul Hayat Institute

لشڪر گاهه ۾ پهتا. ڏاهر خواب گاهه ۾ ستل هو ۽ دربانن هن کي جاڳائڻ جي همت نتي ڪئي. نيٺ سندس خاص ماڻهن مان هڪڙو سندس خلوتگاهه ۾ ويو. ۽ راجا ڏاهر کي جاڳائي ڪيس اسلام جي لشڪر جي پهچڻ، ۽ ڪافرن جي شڪست ڪائي ڀڄڻ جو احوال تفصيل سان ٻڌايائين. ڏاهر آرام جي بستري تان ٽپو ڏيئي اٿيو.

## ڏاهر جو ننڊ مان اٿڻ ۽ دربان کي ڪافرن جي ڀڄڻ ۽ اسلام جي فتح جي خبر آڻڻ تي سزا ڏيڻ

۽ چيائين ته: بري خبر ڏني اٿيئي. ۽ هن کي پنهنجي ويجهو سڏي، ڪاوڙ مان سندس پٽيءَ تي مڪ هنيائين. ڏاهر جو هٿ ڳورو هو، جنهنڪري اهو ماڻهو انهيءَ ڌڪ کان مري ويو.

(روايت:) تاريخ جي مصنفن هن طرح روايت ڪئي آهي ته: جڏهن محمد بن قاسم دريا [illegible] ٽپي ويو، تڏهن اعلان ڪيائين ته: اي اسلام جا لشڪر! هينئر مهراڻ جو پاڻي توهان جي پويان آهي، [158] ۽ ڪافرن جو لشڪر توهان جي سامهون مقابلي ۾ ايندو. جنهن جي دل موٽي وڃڻ چاهي سو هتان موٽي وڃي، ڇاڪاڻ ته (جنهن وقت) دشمن سامهون ٿيندو ۽ لڙائي شروع ٿيندي، انهيءَ وقت جيڪڏهن ڪو ماڻهو منهن ڦيريندو ته لشڪر دل شڪستو ٿي ڀڄڻ جي ڪندو، جنهن ڪري دشمن اسان تي غالب پئجي ويندو. [اهو اسان لاءِ] وڏو عيب ٿيندو.[ڀڄڻ] وارو مردار ٿي مرندو ۽ اڳيان آخرت جي عذاب جي گرفتاري [ٿيندس]. [انهيءَ اعلان بعد] ٽن ماڻهن کان سواءِ ڪوبه واپس نه موٽيو. هڪڙي چيو ته مون کي هڪ ڌيءَ آهي، جنهن جو مون کان سواءِ ڪو به ڪمائيندڙ ڪو نه آهي، ٻئي چيو ته مون کي هڪ ماءُ آهي، جنهن جو ڪو ويجهو عزيز ڪو نه آهي جو ڪيس (مرڻ کان پوءِ) دفن ڪري يا سندس تيمارداري ڪري، ۽ ٽئين چيو ته مون کي تمام گهڻو قرض ڏيڻو آهي ۽ اهڙو ڪو به ماڻهو جيئرو ڪو نه آهي جو (اهو بار) منهنجي گردن تان لاهي. امير [محمد بن] قاسم انهن کي اجازت ڏني. باقي ٻيا سڀ اتفاق ڪري ويهي رهيا.

Gul Hayat Institute

## ٽپڻ لاءِ پل ٻڌڻ[1]

پوءِ جڏهن پل تيار ٿي ته فوج لنگهڻ لڳي ۽ بني حنظله جي هڪڙي شخص تراب نالي کان سواءِ، جو لنگهڻ وقت پل تان ڪِري ٻڏي ويو، ٻئي ڪنهن کي به ڪا تڪليف ڪانه پهتي.

## عرب جي لشڪر جو لنگهڻ

تنهن کان پوءِ اسلام جو لشڪر روانو ٿيو، ۽ وچي ٻيٽ جي قلعي جي ويجهو ٿيو. سڀ سوار لوهه [جي زرهن] ۾ غرق ٿي نڪتا هئا. [محمد بن قاسم] جاسوسي دستي طور[ڪي ماڻهو] چوطرف مقرر ڪري، لشڪر جي ٻاهران ڪاهي ڪوٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان جي اندر سامان سڙو رکائي، [159] محمد بن قاسم ٻيٽ جي قلعي کان راوڙ ڏانهن روانو ٿيو، ۽ نيٽ وچي انهيءَ جاءِ وٽ پهتو، جنهن کي جيور(1) ٿي چيائون. راوڙ ۽ جيوَر جي وچ ۾ هڪ خليج [ پاڻيءَ جي گهاري] هئي، ڏاهر انهيءَ آبگير (چڇ) جي ڪنڌيءَ وٽ حفاظت خاطر ڪي هٿياربند ۽ خاص ماڻهو ويهاريا هئا، ته نظر ڪندا رهن.

## ڏاهر کي ٽپي اچڻ جي خبر پوڻ

محمد بن قاسم خيال ڪيو ته شايد هنن جو لشڪر چالبازي ٿو ڪري ۽ هو [وچهه وٽي] اسان سان سامهون ٿيندا. سو مُحرِز بن ثابِت قيسي (2) کي ٻه هزار سوارن سان مقرر ڪري ۽ محمد بن زِياد اَلعبدِي کي هڪ هزار سوار ساڻ ڏيئي، ٽپايائين جي وچي هنن جي سامهون ڪيپي ويٺا.

## ڏاهر جو محمد عِلافي کي گهرائڻ

پوءِ ڏاهر جي حڪم ڪرڻ تي محمد بن حارِث عِلافيءَ کي سڏيائون. عِلافي آيو ۽ ڏاهر چيو ته: ”اي محمد! اسان جي توتي مهرباني خاص ههڙي وقت لاءِ هئي. جيئن ته جاسوسيءَ جو عهدو هميشه تنهنجي حوالي رهيو آهي، هن وقت خاص طرح (اهو ڪم) تنهنجي ذمي لڳايو ٿو وڃي، ڇاڪاڻ ته عرب جي لشڪر جي طور طريقي کان تون وڌيڪ واقف آهين. تنهن ڪري انهيءَ لشڪر جي جاسوسي پڻ تنهنجي حوالي ڪرڻ وڌيڪ مناسب ٿيندي.“

(عِلافي جو جواب:) اتي عِلافي چيو ته: ”اي راجا! تنهنجي خيرخواهي اسان تي واجب آهي، ڇاڪاڻ ته تنهنجي نعمت جو حق اسان جي مٿان لازم ٿيو آهي. پر اسان مسلمان آهيون، ۽ اسلام جي لشڪر جي سامهون جنگ نه ڪنداسون ۽ نه ترار ڪڍنداسون. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن مسلمانن جي هٿان ڪسي وياسون ته مردار ٿياسون ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪنوسون ته سندن خون اسان جي گردن ۾ رهندو، ۽ ان جو بدلو [160] جهنم جي باهه آهي. بيشڪ تنهنجي نعمت ۽ نمڪ جو حق اسان جي گردن ۾ آهي، ۽ اهڙو ڪو به ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچيم، جو تنهنجو خيرخواهه هجي. پر مان هن (عرب جي) لشڪر جي طاقت کان بيخوف نٿو رهي سگهان جيتوڻيڪ تنهنجي نعمت جي زير بار آهيان، [تاهم] مون کي [هتان نڪري وڃڻ جي] موڪل ڏي“(1).

محمد عِلافيءَ جي درخواست ۽ ڏاهر جو ان کي جواب ڏيڻ

هنن ٻوٽن جي باغبان اهڙيءَ طرح ظاهر ڪيو آهي تہ: عِلافيءَ جڏهن هيءُ احوال ڪيس ٻڌايو، تڏهن ڏاهر چيو: ”مون تو کي هھڙي ڏينهن لاءِ رکيو هو، پر جنهن صورت ۾ تون مون کي هن حادثي ۾ مدد نٿو ڪري سگهين ۽ منهنجو حڪم (مڃڻ) توکي ڏکيو ٿو لڳي، تہ پوءِ اسان جي خدمت ۽ صحبت مان هليو وڃ.“

## محمد عِلافيءَ جو هليو وڃڻ

محمد عِلافي هن ڪان جدا ٿي بيلمان جي حڪومت (1) ڏانهن هليو ويو. جو (بيلمان) ان ملڪ جو والي هو ۽ اهو ملڪ هن جي ڏاڏي ٻتابر (يا نيابر) بن ٻجر(2) جي نالي سان مشهور هو. هو ڏاهر جي ڪُسڻ تائين اتي رهيو.

## [محمد بن قاسم جو] محمد عِلافيءَ کي امان ڏيڻ(3)

پوءِ محمد بن قاسم هن کي امان ڏيئي، ڪيس ملڪ جي وزارت جو پروانو لکي ڏنو ۽ هندستان ڏانهن وڃي اتي جي بادشاهن کي اسلام سان مشرف ٿيڻ يا ڍل ڀرڻ جي ترغيب ڏيندو هو. چڱن واعدن سان کين اميدوار ڪندو هو ۽ [161] هو سندس [محمد بن قاسم جي] تابعداري ۽ بيعت ۾ ايندا هئا. ۽ جيڪي پروانا گهرندا هئا تن لاءِ خدمت ۾ عرض ڪندو هو. جنهن ڪري سڀيئي سندس اطاعت ۾ آيا. سڀني کان اڳ ۾ طاطرس بن ٻجر بيلمان، ڪيرج (1) جو راجا سر بند(2) ڪنبہ يا ڪشہ(3) جو مالڪ ڪوڪو پٽ موڪو(4) ۽ گيان پٽ ٿاهر(5) اسلام جو شرف حاصل ڪري ڏن-ڀرو ٿيا.

محمد بن قاسم جڏهن ملتان ڏانهن ويو، تڏهن [محمد علافي] وفات ڪئي.

## ڏاهر جي عِلافيءَ سان صلاح ڪرڻ

محمد [بن] حسن کان روايت ڪئي اٿن. جنهن بيان ڪيو تہ: پهرئين ڏينهن جڏهن عِلافي جنگ کان معافي گهري ۽ مسلمانن سان لڙڻ کان پاسو ڪيو، تڏهن ڏاهر چيس: ”جيڪڏهن عربن جي جنگ کان معافي ٿو گهرين تہ بہ اسان سان رهي جاسوسي ڪندو رهہ. جيئن اسان کي هنن جي رٿن کان واقف ڪندو رهين، ۽ سندن اٽڪلن جي دفع ڪرڻ جو صلاحون ڏيندو رهين.“ پوءِ عِلافي، ڏاهر سان گڏجي هنن جي حال معلوم ڪرڻ لاءِ جاسوس ٿي ويو. جڏهن عربن جي لشڪر کي ويجهو ويو، تڏهن عربن طعنا هنيا ۽ عِلافي پٺجي موٽي آيو.

Gul Hayat Institute

(1) هن نالي جون اصل پڙهڻيون هن طرح آهن. ر،م،ن،ب،س: قرتي: پ،فوقي. فارسي ڇاپي ۾ "قوفي"پڙهڻي اختيار ڪيل آهي جا نہ فقط قياس ويجهو آهي، بلڪ اسان جي خيال ۾ صحيح آهي. علم اللغت موجب، مَعَرب ۽ دَخيل لفظن جي صورتخطين جي لحاظ سان "قوفي" صاف طور"ڳوپي" معلوم ٿئي ٿو ۽ اسان ترجمي ۾ انهيءَ اصلي نالي کي ترجيح ڏني آهي. بشڪريہ محترم قاضي احمد ميان اختر صاحب.(ن-ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ "عطيہ ثعلبي" آهي. ر جي پڙهڻي "تغلي" يا "تقلي" جا پڻ م جي پڙهڻي آهي. انهن پڙهڻين جي آڌار تي"تغلبي" صحيح معلوم ٿئي ٿو ۽ "ثعلبي" ان جي تصنيف آهي. ان ڪان سواءِ انساب ۾ پڻ"ثعلبي" نقسبت عام ڪانهي.(ن-ب)

(2) هي پڙهڻي فارسي ڇاپي مطابق آهي. ن جي پڻ اهائي پڙهڻي آهي، پ،ڪ: ڪندراهہ ر،م:ڪند اد همہ.

(3) مختلف نسخن جون اصل پڙهڻيون هي آهن: پ،مندينہ: ر: مقدمنيہ، م،س، مقدونيہ: ن،مقديتہ: ڪ،مقديفہ: فقط پ جي پڙهڻي جي صورت علحده آهي ۽ ان جي لحاظ سان اصل نالو "منڌِيڻَ" يا "مانڌَنَ" ٿي سگهي ٿو. مگر ٻين سيني نسخن جي قراعتن ۾ هن نالي جي شروع ۾ "مقـ" آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان پ جي پڙهڻي بہ غالباً "مقدينہ" "مقدنيہ" جي بگڙيل صورت ٿي سگهي ٿي. فارسي ڇاپي ۾ "مقدنيہ" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. ٻئي صورت م،س جي قراّت آهي جنهن ۾"و" اضافي آهي: ۽ ٽين صورت ن جي قراّت آهي جنهن جي پوئين حصي ۾ ت آهي ۽ اها پڙهڻي "مقدتيہ" بہ ٿي سگهي ٿي، م،س جي قرّت بہ "ن" جي بدران جيڪڏهن "ت" پڙهجي تہ اها پڙهڻي "مقدوتيہ" ٿي سگهي ٿي. انهيءَ لحاظ سان مقدنيہ، مقدوتيہ ۽ مقدتيهپڙهڻيون ٿي سگهن ٿيون. جي ميگهڏَنِيہ، ميگهدُوتيہ ۽ ميکهدَتيہ جهڙن اصلي نالن ڏانهن رهنمائي ڪن ٿيون. جيئن تہ سنڌ ۾ ڏٽي، ڏڻ، ڏنو وغيره لفظ عام آهن، تنهنڪري اسان متن ۾ ميگهڏنيہ پڙهڻي رکي آهي.(ن-ب)

(4) اصل ۾ "مصعب بن عبدالرحمان". ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو متي حاشيہ ص [101].(ن - ب)

(1) بيٽ واري ايراضي لاءِ اصل عبارت "جزيره بيت" آهي.(ن-ب)

(2) اصل ۾: "زُحر جعفي" حقيقت ۾ محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ زُحر نہ بلڪ سندس پٽ جهم بن زحرالجعفي شامل هو. ڏسو متي ص [ 101 ۽ 102] (ن - ب)

(1) هيءَ عبارت نسخي ر تان وڌايل آهي. اصل ۾ سجو فقرو هن طرح آهي: "و از آب مهران بتفاريق مي گذشتند."(ن-ب)

(1) هن عنوان جو اهو مطلب ناهي تہ ٻيهر پل ٻڌائون. مگر پل ٻڌڻ ۽ لشڪر جي لنگهڻ بابت ڪي واقعا بيان ڪيل آهن ۽ انهيءَ ڪري هي عنوان ۽ ان ڪان پوءِ ٻيو عنوان ٻيهر لکيو ويو آهي.(ن-ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ "جيپور" پڙهڻي متن ۾ رکي وئي آهي جا س جهڙي غير معتبر نسخي جي پڙهڻي آهي. معتبر نسخن مان ر، ن، ب، جي متفق پڙهڻي "جيور" آهي، پ جي پڙهڻي "چيور" آهي جا جيور سان موافق آهي. هي نالو متي ص[133] تي اچي چڪو آهي ۽ اتي سيني نسخن مطابق "جيور" آهي. هي نالو وري ص [167] تي آيو آهي، جتي هن نالي جي لفظي معنيٰ "موضع ظفر" ڄاڻايل آهي ۽ فاضل ايڊيٽر (ڊاڪٽر دائود پوٽي) آخر ۾ ص[133] جو حاشيو لکندي لفظ "جيور" کي انهيءَ معنيٰ سان هن طرح تطبيق ڏني آهي: "جي=ظفر --- ور (مشق از ورُو) = محيط بہ.

Gul Hayat Institute

يعني موضعي محيط بظفر" (ڏسو فارسي ڇاپو ص 263). ص[167] تي ب پ ۽ ر جھڙن جھونن نسخن جي پڙهڻي "جيور" آهي، انهيءَ ڪري هن صفحي تي توڙي ص [167] تي اسان "جيور"پڙهڻي اختيار ڪئي آهي.(ن-ب).

(2) سينئي نسخن مطابق هت "قيسي" مگر ص [171] تي "اَلدمشقي".

(1) شايد علائيءَ جو بيت "لاتقِيمن بدَار-الخ" جو متي صفحي [138] ۾ لکيو ويو آهي، سو هن موقعي تي چيل ٿو ڏسجي. ڇاڪاڻ ته هن موقعي سان اهو بيت مناسب آهي ۽ جتي لکيو ويو آهي، انهيءَ جاءِ سان ڪا به مناسبت نٿو رکي.(مترجم)

(1) اصل عبارت: "ممالک بيلمان". بيلمان راجا جي نالي طور آيو آهي. هت پ جي پڙهڻي "چلمان" آهي.(ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ هيءُ نالو "بتابر بن الحر" ڪري لکيو ويو آهي، جو پ، ن، ب، م نسخن مطابق آهي. ر جي پڙهڻي "نيابر بن الحر" آهي. هيٺ ص [162] تي "طاطرس بن بجر بيلمان" جو نالو آيل آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته هت به "الحر" جي بدران صحيح "بجر" آهي. (ن-ب)

(3) هيءُ عنوان صرف علائيءَ جي سلسلي ۾ هتي اچي ويو آهي ۽ "پوءِ محمد بن قاسم-الخ" مان "پوءِ". جي معنيٰ ته "هن واقعي بعد" ۽ نه ته "هن کان يڪدم پوءِ". علافي پوءِ به جيسينه سان گڏ رهيو ۽ غالباً ان بعد محمد بن قاسم کيس امان ڏني ته هندستان جي بادشاهن وٽ سندس ايلچي ٿي وڃي. تنهن ڪري هو ڪشمير جي راجا وٽ ويو، جنهن لاءِ ڏسو صفحو [203]. (ن-ب)

(1) ر، ن، ب، س، ڪ جي پڙهڻي "ڪيوج" آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته غالباً صحيح پڙهڻي "ڪيرج" ٿي آهي. جنهن جو ذڪر هن بعد [218] ۽ [228] صفحي تي اچي ٿو. پ، م جي پڙهڻي "ڪنوج" آهي جا مناسب نٿي نظر اچي.(ن-ب)

(2) پ: سوبند: ڪ: سونيذ.

(3) فارسي ڇاپي ۾ "ڪنبہ" جا غالباً پ جي پڙهڻي آهي: مگر ر ن، ب، س جي پڙهڻي "ڪته" آهي، جنهن مان"ڪشه" جو به گمان نڪري ٿو. وڌيڪ توضيع لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه صفحو [162].(ن-ب)

(4) فارسي ڇاپي جي پڙهڻي "ڪهوڪ بن موڪ" آهي جا غالباً م مطابق آهي. ٻين نسخن ۾ هي سڄو نالو ڏنل ڪونهي: پ ۾ فقه "ڪ" آهي ۽ ن ۾ "بن موڪ" (ن-ب)

(5) فارسي ڇاپي جي پڙهڻي "قبايض بن طاهر" آهي جا غالباً ب مطابق آهي. ن جي پڙهڻي به اهائي آهي، مگر ر،م جي پڙهڻي "قيان بن طاهر" آهي ۽ اسان انهيءَ جي مدار تي ئي "گيان بن ٿاهر" ڪري لکيو آهي.(ن-ب)

Gul Hayat Institute

# محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن لکيو موڪلڻ

پوءِ محمد بن قاسم سمورو احوال خط ۾ لکي حجاج ڏانهن موڪليو، ۽ ٻڌايائينس ته اسلام جو لشڪر مهراڻ ٽپيو آهي، ۽ ڏاهر ڪافر سان هڪ دفعو سامهون ٿيا آهيون، جنهن ۾ ڪافر ڀڄي ويا- والسلام. [162]

# حجاج جو خط محمد بن قاسم ڪي پهچڻ

”پيارا فرزند عمادالدين محمد بن قاسم! تو جيڪي لکيو آهي سو معلوم ٿيو. هيءُ نمونو جيڪو لکيو اٿيئي سو اصل ٺڳي آهي. الله تعاليٰ جي حڪم ۽ خدائي توفيق سان موافق هيءُ ڪم (هيئن) ٿو ڏسجي ته خدا عزوجل جي بيمثال درگاهه ۾ پنج وقت نماز ادا ڪرڻ سيني ضروري ڪمن ڪان مقدم رکين، تڪبير، قرات، قيام، رڪوع، سجدي ۽ قعود وقت عاجزي ۽ زاري سان امداد گهرين، ۽ زبان ڪي الاهي ذڪر سان تر رکين، ته جيئن تنهنجا سڀيئي ڪم انتظام سان رهن، ڇاڪاڻ ته خدا تعاليٰ جي عنايت ڪان سواءِ ڪنهن به ماڻهوءَ ڪي دٻدٻو ۽ طاقت حاصل نٿي ٿئي. تون جڏهن سمورو ڀروسو ۽ ٽيڪ بادشاهه عزوجل جي فضل ۽ ڪرم تي رکندين، تڏهن تنهنجون سڀ اميدون پوريون ٿينديون، ۽ فتح ۽ نصرت تو سان شامل ۽ مددگار ٿيندي. انشاءَ الله تعاليٰ“-- حُمران جو لکيل.

# ڏاهر جو جيسيِنه ڪي جنگ ڪرڻ جي

# مقدم طور موڪلڻ

خبرن جي مصنفن هن طرح بيان ڪيو آهي ته: جڏهن محمد عِلافي جاسوسيءَ ڪان موٽي آيو، تڏهن راجا ڏاهر پنهنجي پٽ جيسِينه ڪي ڪجهه لشڪر ۽ هاٿي ساڻ ڏيئي موڪليو. جيسِينه هاٿيءَ تي ويهي اسلامي لشڪر جي سامهون اچي جنگ جوٽي. گهڻي لڙائيءَ ڪان پوءِ، جنهن ۾ ڪافر ڪنا ۽ ڀڳا، جيسينه ڪي هٿياربندن ۽ بادي گاردن جي جماعت سوڌو ڇوڌاري گهيرو ڪري ورتائون، ۽ [ڪيس ڇٽيءَ] طرفن ڪان ڦري آيا. جڏهن عربن جي لشڪر جيسِينه تي حملو ڪري، سندس لشڪر جي گهڻي ڀاڱي ڪي دوزخ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو، تڏهن فيلبان جيسِينه جي دل جو احوال معلوم ڪرڻ چاهيو، ته جنگ تي [163] ضد اٿس يا موٽڻ جو خيال رکي هن مصيبت ڪان نڪرڻ ٿو گهري. (فيلبان جو اشارو:) فيلبان هاٿيءَ ڪي چيو ته: ”اي هاٿي! مرڻ ٿو گهرين يا ڇوٽڪارو؟ ڇاڪاڻ ته راجا ڏاهر ته جيسِينه جي حياتي ٿو چاهي: تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟

موت ته ڇوٽڪارو مليئي." (جيسِينه جو فيلبان کي جواب:) جيسِينه چيو: "اسان ڪيئن ڇٽي سگهنداسين؟ ڇاڪاڻ ته دشمن جي سامهون ٿيا آهيون ۽ تنگ آهيون. نڪري وڃڻ جو رستو اسان لاءِ ڍڪيو آهي ۽ چارئي طرف بند." فيلبان سمجهيو ته جيسِينه جو جنگ مان پڇي نڪرڻ جو پڪو ارادو آهي. هو حياتي گهري ٿو، ۽ جنگ کان پشيمان ٿيو آهي. سو هاٿيءَ کي تکو ڪري حملو ڪيائين. عرب پيادا خواه سوار هاٿيءَ جو مقابلو نه ڪري سگهيا، ۽ ڇڙوڇڙ ٿي ويا. جنهن ڪري جيسِينه لاءِ ڀڄڻ جو رستو خالي ٿي پيو. هو منهن ڦيرائي ڀڄڻ جو رستو اختيار ڪري اچي پيءُ وٽ پهتو، ۽ سندس سارو لشڪر ڪسي ويو. راجا ڏاهر انهيءَ آبگير (ڇڄ) جي اپرندي پاسي کان لٽل هو. جيسِينه کي ڏسي شڪر ڪيائين، پنهنجي معبود جو سجدو واجب ڄاتائين، ۽ پنهنجي پٽ جي سلامتيءَ سان موٽي اچڻ تي (ان معبود جي) تعريف ۽ ساراهه ڪيائين.

انهيءَ ڏينهن حجاج جو خط پهتو، جنهن ۾ حڪم هو ته جتي ڏاهر آهي، اتي وڃي ساڻس مقابلو ڪج، ڇاڪاڻ ته فتح تنهنجي ٿيندي ۽ ڪافر خوار خراب ٿي پڇي ويندا.

## ڏاهر لعين سان پهرئين ڏينهن لڙائي ڪرڻ

## [۽ راسل جي بيعت ڪرڻ]

محمد بن ابي الحسن مدني (1) کان روايت ڪئي اٿن ته: جڏهن جيسينه بن ڏاهر شڪست ڪائي موٽيو، ۽ سندس لشڪر ڪسي ويو، تڏهن راسل [164]، محمد بن قاسم ڏانهن بيعت ڪرڻ لاءِ قاصد موڪليو . وزير ڪيس چيو ته: "راجا ڏاهر جو سمورو ڀروسو تنهنجي موافقت تي آهي، ۽ تو تي پورو اعتماد اٿس. تون جيڪڏهن هن وقت ساڻس مخالفت ڪندين ته اهو تنهنجي اولاد لاءِ عار ٿيندو. اهو پڻ معلوم نه آهي ته عربن کي فتح ٿيندي يا نه؟ تنهنجو ڀاءُ موڪو (اڳيئي) ڏاهر جو مخالف هو، تنهن ڪري وڃي اسلامي لشڪر سان مليو، ۽ تو کي ڪنهن به بهاني جي مجال نه آهي." [پر] راسل وزير جي ڄاڻ کان سواءِ قاصد موڪلي چيو: "هيءُ قول منهنجي زبان مان نڪتو آهي، ۽ محمد جي خدمت جو طعنو (پڻ) لڳي چڪو آهي. پر آءٌ پنهنجي عزت به چاهيان ٿو، جيئن مخالفن جي شرمائڻ کان بچاءُ ۾ رهان. (تنهن ڪري صلاح ڪئي اٿم ته) مان فيصلو ڪندس ته فلاڻي رستي کان راجا ڏاهر جي خدمت ۾ وڃان ٿو. تون پنهنجن سوارن جي هڪ فوج موڪل، جيڪي انهيءَ وقت تي رستو جهلي، مون کي گرفتار ڪن ته جيئن طعني کان بچي وڃان، ۽ اسان جو مطلب به حاصل ٿي وڃي." انهيءَ انجام تي راسل بيٽ جي قلعي مان نڪتو ، ۽ وسايي کي (پنهنجي بجاءِ) مقرر ڪري هدايت ڪيائينس: "جيڪڏهن عربن جو لشڪر اچي ته

انهن سان جنگ نہ ڪج، ۽ سندن خدمت ۾ حاضر ٿي حتي الامڪان سندن راضي ڪرڻ جي حد ڪان وڌيڪ ڪوشش ڪج. ڇاڪاڻ تہ ائين ٿو سمجهجي تہ هيءُ ملڪ عرب جي لشڪر جي حوالي ٿيندو.“ آخر راسل اهو ارادو ڪري اتان روانو ٿيو. هوڏانهن محمد بن قاسم [پڻ] پنج سؤ تيز سوار مقرر ڪري، انهيءَ انجام واري جاءِ ڏانهن موڪليا. نيٺ راسل بہ اچي پهتو ۽ (پنهنجي) انهيءَ قول موجب بيهي رهيو. هن جي لشڪر سمجهيو تہ جنگ لاءِ بيهڪ ڪئي اٿس. سو جنگ ۾ جنبي ويا. (هي واقعو) ڪنبہ (1) جي قلعي ڪان پنجن فرلانگن جي پنڌ تي انهيءَ جاءِ تي (ٿيو) جنهن ڪي نيطري واهہ (2) چون ٿا. راسل ڪي پڇڻ ڪان شرم ٿي آيو، ۽ جنگ ڪان پڻ پاسو ٿي ڪيائين. تنهن ڪري سندس گهڻو لشڪر ڪسي ويو. [165] جيئن تہ محمد بن قاسم سندس گرفتار جي پارت ڪئي هئي، ۽ حڪم ڪيو هئائين تہ ڪيس ڪهجو نہ. تنهنڪري ڪيس ڪوبہ گهاءُ نہ ڪيائون، ۽ هن ڪي سندس هڪ لشڪر جي فوج سميت گرفتار ڪري، محمد بن قاسم وٽ وٺي آيا. محمد بن قاسم هن ڪي سڏي چيو تہ:”اي راسل! تون چاهين ٿو تہ تو ڪي تنهنجي پاءُ موڪي جي مهابي بخشان؟ ۽ هن ڪان اڳي تو ڪي استدعا ڪيم (پر نہ مڙئين ۽) نيٺ اسان سان مقابلي جو خيال ڪيئي، ۽ گرفتار ٿي آئين. هاڻيءَ انهيءَ عار ڪان آزاد آهين. جنهن جو تو ڪي فڪر هو. تنهن ڪري اسان سان موافق ٿيءُ تہ توتي سچيون مهربانيون ڪريون، ۽ جنهن ولايت جو عرض ڪرين، سان تو ڪي عطا ڪريون.“ راسل خدمت بجا آڻي رضامنديءَ جو شرف حاصل ڪيو.

## راسل جو محمد بن قاسم سان عهدنامو ڪرڻ

راسل خدمت جو شرط بجا آندو ۽ پڪو انجام ڪري چيو تہ: خدا تعاليٰ جي حڪم ڪي ڪو بہ روڪيندڙ يا دفع ڪندڙ نہ آهي. جڏهن تو مون ڪي پنهنجي احسان جو گرويدو ڪيو، تڏهن هن ڪان پوءِ تنهنجي خدمت ۾ رهندس ۽ تنهنجي رضا ڪان ٻاهر نہ ويندس، ۽ جيڪو تنهنجو فرمان ٿيندو، انهيءَ جي تابعداري ڪندس. انهيءَ ڪان ٿورو پوءِ راسل مري ويو، ۽ ولايت جو سڄو ڪاروبار موڪي جي حوالي رهيو.

جڏهن راسل ۽ موڪي اتفاق ڪري، محمد بن قاسم ڪي منزل ڪٽڻ جي ترغيب ڏني، تڏهن اتان منزل پٽي وڃي انهيءَ جاءِ ۾ لٿا جنهن ڪي نارائي (1) چوندا آهن. ڏاهر قاجيجاق (2) ۾ (لٿل) هو. اتي ڏنائون تہ اسلام جي لشڪر ۽ ڏاهر جي وچ ۾ هڪ وڏي ڇڇ (3) هئي، جنهن جو لنگهڻ ڏکيو هو: جنهن تي راسل چيو تہ: ”شال امير عادل عمادالدين سلامت رهي! هيءَ ڇڇ ٽپڻ

Gul Hayat Institute

گهرجي.” آخر راسل پيڙيون هٽ ڪري تيهه-تيهه مرد لنگهايا، ۽ نيٺ پورو لشڪر [166] ٽپي ويو، ۽ وچ ۾ فقط هڪ خليج وڃي رهي. (اتي) راسل [محمد بن قاسم کي] چيو ته: ”توکي هڪ منزل متي وڃي جيوَر(4) ۽ ددهاواهه(5) تي، جو راوڙ جو هڪ ڳوٺ آهي، ڪئمپ ڪرڻ گهرجي، جيئن سندس (ڏاهر جي) اڳيان پٺيان اچي سگهين، ۽ ساڻس جنگ ۾ پڇي پورو پوين، ۽ سندس سازو سامان تي ڪامياب ٿي قبضي ۾ آڻين.” محمد بن قاسم انهيءَ صلاح تي ڀروسو ڪري، وڃي جيوَر ۾ ددها واهه جي ڪناري تي منزل ڪئي.

## محمد بن قاسم جو جيوَر جي منزل تي لهڻ

پوءِ راجا ڏاهر کي خبر ملي ته محمد بن قاسم، عرب جي لشڪر سان، جيوَر ۾ منزل ڪئي آهي. وزير سياڪر ٻڌي چيو ته: ”هاءِ ! برو (سوڻ) ٿيو. انهيءَ جاءِ کي جيوَر چون ٿا يعني ”فتح جي جاءِ“ (1)، ۽ جڏهن لشڪر وڃي انهيءَ جاءِ تي پهتو ته فتح ۽ ڪاميابي ساڻن همراهه رهندي.“ راجا ڏاهر هن حقيقت کان تنگ ٿيو، ۽ سندس دماغ تي غيرت جي باهه غالب ٿي، ۽ ڪاوڙجي چيائين ته: ”هڏباريءَ (2) ۾ لٿو آهي، جا اها جاءِ آهي جتي (رڃا) هڏا پهچندا آهن.“ڏاهر اُتان اٿيو، ۽ پڇي وڃي پاڻ کي راوڙ جي قلعي ۾ سِٽيائين، ۽ سندس پوئلڳ، ۽ سازو سامان به انهيءَ قلعي ۾ رهيا. [هاڻي هو] اهڙي جاءِ تي اچي ويٺو جتان عربن ۽ ڏاهر جي لشڪر ۾ (فقط) ٽي ميل (مفاصلو) هو. اتي ڏاهر هڪ نجومي کان پڇيو ته: ”اڄ مون کي لڙائي ڪرڻ گهرجي يا نه؟ ۽ زُهرو ڪٿي آهي؟ هنن ٻنهي لشڪرن جي غالب ۽ مغلوب جو حساب ڪري نتيجو معلوم ڪر ته آخر ڇا ٿيندو.“ (نجوميءَ جا فيصلا)، نجوم جي نتيجي معلوم ڪرڻ کان پوءِ [167]، نجومي جواب ڏنو ته: ”حساب جي نقطہ نظر کان غلبو عربن جي لشڪر جو آهي، ڇاڪاڻ ته زهرو هنن جي پٺيان آهي ۽ تنهنجي سامهون.“ هيءُ ڳالهه ٻڌي راجا ڏاهر ڪاوڙيو. نجوميءَ چيو: ”راجا کي ڪاوڙجڻ نه گهرجي: حڪم ڪر ته زهري جي سوني تصوير ٺاهين، جيئن زهره تنهنجي پٺيان رهي ۽ تنهنجي فتح ٿئي.“ پوءِ (زهري جي) صورت ٺاهي سندس ڪنجڪ سان ٻڌائون. محمد بن قاسم (اڃا به) ويجهو آيو ۽ (هاڻي) ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ اڌ فرلانگ جو مفاصلو رهيو.

## ٻئي ڏينهن جنگ ڪرڻ

ٻئي ڏينهن اتان به منزل پٽي اچي ٻن سڌن پنڌ تي لٿو. جڏهن عربن جو لشڪر ويجهو اچي لٿو، تڏهن ڏاهر پنهنجن راڻن مان هڪ ٺڪر کي گهرايو، جنهن کي ”جهاپو اڳواڻ“ (1) ڪري سڏيندا هئا، ۽ چيائينس ته توکي محمد بن قاسم جي سامهون وڃڻ گهرجي. حڪم جي اشاري تي،

ڪاڻو اڳواڻ پنهنجو لشڪر وٺي ٻاهر نڪتو، ۽ اسلام جي لشڪر جي سامهون ٿي جنگ جوٽيائين. صبح جي شروع کان وٺي شام جي گذرڻ تائين دلير بهادرن ۽ مردن ٻنهي طرفن کان جهڙپون ڏنيون: نيٺ جڏهن ٿڪا تڏهن موٽي ويا.

## ٽئين ڏينهن ڏاهر جي عربن سان جنگ ڪرڻ

ٻئي ڏينهن ڏاهر لعين، جاهين کي حڪم ڪيو. هو بهادر مرد هو، ٻاهر نڪري لڙائي شروع ڪيائين. تان جو ڪسي ويو. آخر جڏهن [اها حالت ٿي جو] جيڪا به فوج [168] ٿي موڪليائين سا اسلام جي (لشڪر جي) خونخوار ترار جو لقمو ٿِي، تڏهن سياڪر وزير، اڳيان اچي خدمت بجا آڻي عرض ڪيو: ”اي راجا! هيءَ رَوِش جنهن سان تون جنگ ٿو ڪرين، غلطي آهي. توکان ڪئين دفعا غلطيون ٿيون آهن، پر اجا به تجربو نٿو پرائين. جيتوڻيڪ انساني تدبير خدائي تدبير سان برابر نه ٿيندي، تاهم وقت جي بادشاهن جي بلند راءِ جي آڏو ڪو چوٽڪاري جو رستو تيار ڪر. پهريائين ته جڏهن هي عربن جو لشڪر مهراڻ پار ڪري رهيو هو، ۽ ڇلنگيون ڇلنگيون ٿي پئي لنگهيا، تڏهن توکي هنن جي سامهون ٿيڻ گهربو هو، جيئن ڪين ٻيءَ جنگ کان ڊپ ٿئي ها. هاٿي جڏهن گڏ ٿي مقابلي لاءِ آيا آهن، ۽ جنهن به ٽڪر کي موڪلين ٿو، سو مات ٿو ٿئي، تڏهن اها ڳالهه چڱي نه آهي. (هاٿي) تو لاءِ چڱو ائين ٿيندو ته ساري لشڪر ۽ نوڪرن، پيادن خواه سوارن سان هاٿيءَ تي (چڙهي) مٿن حملو ڪر. جيڪڏهن توکي فتح نصيب ٿي ته پوءِ ته تنهنجي مراد حاصل ٿي ۽ تنهنجو دشمن دفع ٿي ويندو. ٻيءَ صورت ۾ هو غالب ٿيندا ۽ تون پاڙيسري بادشاهن جي شرم کان معذور رهندين، ۽ تنهنجي پٺن ۽ پوين کي به ڪوبه طعنو نه لڳندو.“ ڏاهر هيءَ ڳالهه قبول ڪئي.

## چوٿين ڏينهن جي جنگ

ٻئي ڏينهن سندس حڪم تي جنگ جو نغارو وڄائي، جهندو کڙو ڪيائون. ۽ اٽڪل پنج هزار ناليرا سوار ۽ چالاڪ جنگي جوان ۽ شهزادا، سٺ [169] مست هاٿي، کي چون ٿا ته جنگي هاٿي هڪ سؤ هئا، ۽ ويهه هزار زرهن ۽ ڍالن سميت پيادا جنگ لاءِ سندس اڳيان روانا ٿيا پاڻ هڪ مست هاٿيءَ تي پالڪي ٻڌي، لوهو برگستوان وجهي، زره ڍڪي، ۽ ڪمان تي زهه چاڙهي ويٺو. ساڻس گڏ پالڪيءَ ۾ ٻه ٻانهيون هيون: هڪڙيءَ کيس هڪٻئي پويان تير ٿي ڏنا ۽ ٻيءَ پان ٿي پهچايو.

## ڏاهر جو محمد عِلافيءَ کي پنهنجي پٽ سان گڏ موڪلڻ

پوءِ (هڪ پاسي) پاڻ لشڪر وٺي هليو ۽ (ٻئي پاسي) پٽ کي ڏار ڪري چيائين ته: ”محمد عِلافيءَ کي تو سان گڏ روانو ٿو ڪريان. عربن جي جنگ کي هو بهتر ٿو ڄاڻي. هو جيئن به اڳتي وڌڻ يا پٺتي هٽڻ جو حڪم ڪري، تون سندس حڪم ۽ اشاري جو پابند رهج.“ اهو ڏينهن نائين رمضان، سن ترانوي هجري هو.

ڏاهر جي پهچڻ وقت، محمد بن قاسم مسلمانن جي دلين کي تقويت ۽ جنگ جي ترغيب ڏيئي رهيو هو ۽ چيائين ٿي: ”اي عربو! اڄ ڪوشش جو ڏينهن آهي. اسلام خاطر ڪوشش ڪريو. جدوجهد بجا آڻيو ۽ خدا جي ڀروسي تي آسرو ۽ قوت رکو ته جيئن مشرڪن کي دفع ڪري سگهو ۽ سندن ملڪ خواه ملڪيت توهان جي ورثي ۾ اچي ۽ مال خواهه ملڪ تي توهان قبضو ڪريو [پر] جيڪڏهن توهان مضبوط نه هوندا، بلڪ پريشان ۽ دل شڪستا ٿيندا، ۽ عاجزيءَ ۽ ضعف کي پاڻ وٽ اچڻ ڏيندا ته پوءِ هو (توهان تي) غالب ٿيندا، ۽ سيني کي ڪهي ڇڏيندا. ميدان انهن جي هٿن ۾ رهندو. توهان کي پنهنجو سامان ڏيڍو پوندو[170] ۽ توهان مان هڪڙي کي به جيئرو نه ڇڏيندا. جيڪڏهن ڪافرن کان منهن ڦيرائيندا ته پوءِ توهان جي جاءِ جهنم ٿيندي ۽ توهان جي وڏن لاءِ داغ ٿيندو.“

هاڻي مُحرِز بن ثابت الدمشقي(1) ۽ اويس بن قيس کي ڇهن هزارن سوارن سان مقدمي (لشڪر جي اڳ) تي مقرر ڪري، آبگير (ڇڄ) ٽپڻ جو حڪم ڏنائين. هو اها جوئي [يعني وهندي يا گهاري يا واهه] ٽپي ويا جيڪا ڏاهر ۽ اسلام جي لشڪر جي وچ ۾ هئي. پوءِ عطاءَ بن مالڪ القيسي ۽ ذَڪوان بن علوان البڪري کي پڻ لشڪر جي مقدمہ (مهڙ) جي واهر ڪرڻ جي اجازت ڏنائين. اهي پڻ لنگهي ويا. (اتي) محمد عِلافيءَ ڏاهر کي چيو:”اي هند ۽ سنڌ جا راجا! هيءَ فوج جيڪا تنهنجي سامهون آئي آهي، لشڪر جي پشت پناهه ۽ بهادر شينهن آهن، حرفتي جانباز، ڪارائتا بهادر ۽ هوشيار سوار اهي ئي آهن. جيڪڏهن [تنهنجا سپاهي] هن فوج کي دفع ڪري سگهيا ته پوءِ تنهنجو مقصد پورو ٿيندو، ۽ جيڪڏهن دفع نه ڪري سگهندا ته پوءِ توکي شڪست ڏيئي ڇڏيندا. (وڌيڪ) تنهنجي راءِ بلند هجي!“

## چوٿين ڏينهن ڏاهر جي عربن جي لشڪر سان

Gul Hayat Institute

## جنگ ڪرڻ

اها ڳالهہ ٻڌي ڏاهر پوري لشڪر سان هلان ڪئي. ڪي هاٿي مقدمہ ۾ روانا ڪري، قلب (لشڪر جي وچ) ڪي پنهنجي چئني طرفن کان گڏ ڪيائين. هٿيار ڪٽندڙ پيادا، تير انداز، ٻڙڇيون ۽ نيمچا، لوهو دستو جنهن کي (فارسيءَ ۾) سيل بہ چوندا آهن، ڪٽندڙ اڳيان (ڪيائين): تير انداز ساڄي، ۽ هٿيار بند قابل سوار کاٻي (بيهاريائين). هن طريقي سان جنگ جوٽيائون

تہ [171] عـُبـَيد بن عـقـِاب، جو انهيءَ ڏينهن محمد عِلافي کان ڦري محمد بن قاسم وٽ آيو هو، خبر ڏني تہ: محمد عِلافي ڏاهر کي چيو آهي تہ عرب جي هيءُ فوج وارا، جي پاٽي ٽپي آيا آهن، سي اسلامي لشڪر جا اڳواڻ ۽ هوشيار سوار آهن، جنهن تي ڏاهر پنهنجي لشڪر کي وڙڻ جو حڪم ڏنو آهي، ۽ سندس سپني هٿيار بندن ۽ تلوار بازن وڙڻ جو ارادو ڪيو آهي. (هيءُ ٻڌي) محمد بن قاسم چونڊ لشڪر کي اڳتي وڙڻ جو حڪم ڏنو، جنهن تي سپني جنگي سوارن ۽ جنگجو بهادرن (گهوڙا) اڳتي تڙيا. محمد (بن قاسم) سان فقط قلب (لشڪر جو وچ) ۽ ڪي خاص ماڻهو وڃي رهيا. موڪي [پٽ] وسايي کي پڻ پنهنجي فوج ۾ بيهاري، لڙائي ڏانهن رخ ڪيائين. هاٿي سپني پاٽي لنگهي وڃي جنگ جوٽي . محمد بن قاسم، مـحرِز بن ثابت سان گڏ، قلب (وچ لشڪر) ۾ وڃي بيٺو، جهم بن زَحر الجـُعفِي کي ميمنہ (لشڪر جي ساڄي) تي، ذَڪوان بن علوان اَلبڪري کي ميسرَه (لشڪر جي کاٻي) تي، عـطاءَ بن مالڪ القـيسيءَ کي مقدمہ (لشڪر جي مهڙ) تي مقرر ڪري، نـُباته بن حنظله کي ساقہ (لشڪر جي پڇاڙي) تي بيهاريائين. تنهن کان پوءِ محمد بن قاسم چيو تہ: ”اي عربو! جيڪڏهن مون سان ڪو حادثو پيش اچي تہ پوءِ توهان جو امير مـُحرز بن ثابِت آهي، ۽ جيڪڏهن اهو بہ شهيد ٿي وڃي تہ پوءِ اوهان جو امير سعـِيد ٿيندو.“

---

(1) فارسي ڇاپي ۾ ”محمد بن ابي الحسن المدائني“ لکيو ويو آهي مگر پ، ر، م، ن، ب، س، ڪ جملي نسخن جي متفقہ پڙهڻي ”مدني“ آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان متن ۾ ”مدني“ رکيو آهي. ر، م جي پڙهڻي ”محمد بن الحسن مدني“ آهي. وڌيڪ توضيع لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [164].(ن-ب)

(1) ب: کهنبه، س: کينهه، ڪ: کنبه

(2) فارسي متن ۾: ”جوي نيطري“ پ: بيطري، م،س: بنطري، ر: نبطزي.

(1) ر،م: ناراني، ڪ: نارامني.

(2) ر،م قاجيجات.

(3) اصل عبارت: آبگيري بزرگ.

(4) فارسي ايڊيشن ۾ ”جيپور“: ڪيل ترميم لاءِ ڏسو مٿي حاشيه ص [160]

(5) هي پڙهڻي فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل آهي جا شايد م جي آهي. پ: دهاؤر. ن: ودهاراهه. ب: دهاداه. س:دهاوه.(ن-ب)

(1) اصل عبارت: موضع- ظفر.

(2) اصل ۾ : هدباري

(1) اصل الفاظ ”دبيرڪور“ جنهن جي لفظي معنيٰ ٿيندي ”انڌو دبير“ مگر هيٺ هلي ان کي ”دبير آعور“ يعني ڪاڻو دبير سڏيو ويو آهي. جنهن جي معنيٰ ته انڌو ڪونه هو مگر جهاپو هو. ”دبير“ جي عام معنيٰ ”منشي“ يا سيڪريٽري، مگر اهو درجو وزير يا صلاحڪار جي برابر هو. هت اسان هن بيان جي سلسلي ۾ عام مفهوم کي مدنظر رکي، هن لفظ جو ترجمو ”اڳواڻ“ ڪيو آهي.(ن-ب)

(1) هت جملي نسخن مطابق ”الدمشقي“ يا ”دمشقي“ آهي، مگر مٿي ص [160] تي جملي نسخن مطابق”قيسي“ آهي.(ن-ب)

Gul Hayat Institute

## خميس جي ڏينهن جنگ ڪرڻ

ڀهريائين مُحرِز حملو ڪيو ۽ ٻيهي جنگ ڪيائين. تان جو شهيد ٿي ويو. پوءِ سعِيد لشڪر کي همٿ ڏياري لڙائي ڳنڍي. حسن بن محبة(1) البڪريءَ جو آڳوٽو جنگ هلندي ترار جي ڏک سان لهي پيو. جڏهن مست هاٿي چڙيا، تڏهن مسلمان مضبوطيءَ سان. ٽولا ٽولا ٿي هاٿين جي پويان ڦري آيا، ۽ نوَ هاٿي [172] واپس ورائي ڇڏيائون. اسلامي لشڪر حملو ڪري، ڪافرن کي تڙي اتي پهچايو جتي سندن صف هئي. (اتي) ڏينهن پورو ٿيو ۽ ٻيئي لشڪر موٽي ويا.

## تاريخ ڏهين ماهه رمضان سن ٽيانوي

هنن ڪنوارين (حڪايتن) جي سينگاريندڙن هن طرح روايت ڪئي آهي ته: ٻئي ڏينهن جڏهن صبح (پنهنجو) جهان کي سينگاريندڙ ۽ دل کي وڻندڙ حسن، مشرق جي طرف کان دنيا کي ڏيکاريو ۽ اهو خميس جو ڏينهن هو، تڏهن راجا ڏاهر ٻاهر نڪري، پٽ جيسِينه کي ڏهن هزارن لوهه [جي زرهن] ۾ غرق جنگي سوارن سان، جن مان ڪن جا وار ڪليل ۽ ترارين اگهاڙيون ۽ ڪن جا وار ٻڌل ۽ ترارين ۽ ڍالون هٿن ۾ [هيون، لشڪر جي] قلب ۾ (ٻيهاري) اڄي مسلمانن جي صف جي سامهون بيٺو. ڏاهر سفيد هاٿيءَ تي ويٺل هو ۽ سندس چوڌاري ٻيا هاٿي پويان [بيٺل هئا]: ساڄي پاسي جيسِينه، ابي پٽ ارجن،(2) نندي ڪوار جو ڏاڏو وڏوڪوار ۽ ڏاهر جو سؤٽ جبين(3)، ڪابي پاسي ڪان بشر پٽ ڍول(1)، گيهه(2)پٽ بشر، ڌهرسِينه پٽ ڏاهر، ڪنبه جي حاڪم جو پٽ بيل (يا بيان)(3)، نائلو(4)، جوٽو(5)۽ مشبد (يا مشيبد) (6) [بيٺل هئا]. سنڌ جا سڀ مکيه ماڻهو جهڙوڪ بجهاري(7)، اسرهيل(1)، سنج(2)، اسيار(3) لقيا امار(4) ۽ مشرق طرف جا سڀ جت گڏ ڪري پنهنجي پويان بيهاريا هئائين. تلوار جا ڌَٽي ۽ بي خوف بهادر [173] قلب (لشڪر جي وچ) جي اڳيان رکيائين. جنگي هاٿين مان ٻه ميمنه (لشڪر جي ڪابي پاڱي) ۾ ۽ ٻه ميسره (لشڪر جي ساڄي پاڱي) ۾ مقرر ڪري باقي ٻيا سوار هاٿي جاهين جي هٿ هيٺ اسلامي لشڪر جي سامهون روانا ڪيائين.

## اسلامي لشڪر جو ميمنه، ميسره ۽ قلب کي تيار ڪرڻ

محمد بن قاسم انهن کي ڏسي ٻاهر نڪتو ۽ [نُباته ] حنظله ڪلابيءَ (5) کي ميمنه تي، ذڪوان بن علوان البڪري کي ميسره تي مقرر ڪري، ابو صابر همداني کي جهنڊا هٿ ۾ ڏيئي،

Gul Hayat Institute

هاڻين جي سامهون بيهاريائين. هذيل بن سليمان ازدي، زياد بن حواري ازدي(1) ۽ ٻين سوارن جهڙوڪ نُميلة، مسعود بن الشعريٰ الڪلبي ۽ مخارق بن ڪعب الراسيءَ(2) کي قلب ۾ آڏو (ڪڙو ڪيائين). هاٿي مقدمہ جنگ شروع ڪئي. هڪ طرف کان محمد بن زياد العبدي ۽ بشر بن عطيه پنهنجن سنگتين سميت، ۽ ٻئي طرف کان [محمد بن] مصعب بن عبدالرحمان الثقفي ۽ خريم بن عـُروَه مدني، ڏاهر جي سامهون ٿيا. جڏهن سڀ گهوڙا ۽ لشڪر جا ماڻهو گڏ ٿيا، تڏهن محمد بن قاسم پنهنجن چونڊ سوارن کي ٽي پٽيون ڪري، هڪ پٽي قلب ۾، هڪ ميمنہ ۾، هڪ پٽي ميسره ۾ (بيهاري)، باقي ٻيا وچي لشڪر جي پويان بيٺا. نفط اندازن(3) کي حڪم ڏنائين تہ پنهنجو سامان ۽ هٿيار تيار رکن، ۽ پنهنجامشعل ٻاري باهہ تيار ڪن. هنن نون سون نفط اندازن کي بہ ٽن ڀاڱن ۾ ورهايائين: ٽي سؤ ماڻهو قلب ۾، ٽي سؤ ميمنہ ۾ ۽ ٽي سؤ ميسره ۾ رکيائين. سيني نفط جا تير ڪمانن تي چاڙهيا. پوءِ جڏهن فجر جي نماز پڙهي صفون سڌيون ڪيائون، تڏهن پنجن صفن تيار ٿي. جهنڊا هٿن ۾ ڪٽي، [174] گهوڙن تي سوار ٿي، فرض ادا ڪيو. عاليہ قبيلي وارا هڪ صف، بنو تميم ٻي صف، بڪر [بن] وائل [قبيلي وارا] ٽين صف، عبدالقيس وارا پنهنجي قبيلي سميت چوٿين صف، ۽ ارزد [قبيلي جا] پنجين صف. پنجئي قبيلا صفون ٻڌي، محمد بن قاسم ڏانهن متوجهہ ٿيا، تہ ڇا ٿو حڪم فرمائي.

## محمد بن قاسم جو خطاب ڪرڻ

پوءِ محمد بن قاسم چيو تہ: ”اي عرب وارؤ! ڪافرن جي هن فوج جنگ لاءِ اسان ڏانهن رخ ڪيو آهي. توهان همت ڪجو، ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجي اهل، عيال، مال، گهرن، زمينن ۽ سامان خاطر چٽي جنگ ڪندا. توهان الله تعاليٰ جي مدد سان انهن تي حملو ڪريو. الاهي طاقت ۽ سهاري سان سيني کي خونخوار ترار جو ڪاچ بڻائي، ذليل ۽ خوار خراب ڪنداسون، ۽ سندن مال ۽ عيال کي هٿ ڪري، ڪافي غنيمتون هٿ ڪنداسون. توهان کي ثابت قدم رهڻ گهرجي، پريشان نہ ٿجو. خاموشيءَ کي پنهنجو زيور بنائجو، ۽ پنهنجي جاءِ تي مضبوط رهي پنهنجي جاءِ جي حفاظت ڪجو. ڪوبہ ماڻهو، قلب کان ميمنہ ۽ ميمنہ کان ميسره طرف (وڃي) ڪنهن جي بہ مدد ۾ مشغول نہ ٿئي. هرڪو پنهنجي مرڪز ۽ جڳهہ تي بيٺو رهي، ڇاڪاڻ تہ خدا عزوجل (هميشہ) متقين جي عاقبت موچاري ڪندو آهي. سدائين ڪلام مجيد زبان تي جاري رکجو ۽ لَاَحولَ وَلاَ قوة الا بِـالله العلِيَ العظيم چوندا رهجو.“ پوءِ پخالين کي سڏائي چيائين تہ: ”مشڪون پاڻيءَ سان ڀري هر صف ۾ گشت ڪندا پاڻيءَ ڏيندا رهجو، جيئن ڪوبہ ماڻهو پاڻيءَ جي طلب

۾ پنهنجي جاءِ کان [175] نہ چري.“ ايتري ۾ بڪر بن وائل ۽ بنو تميم قبيلي وارن اچي چيو تہ: ”ڪافرن جو لشڪر هڪ وڏي مصيبت آهي، ۽ هو پنهنجا هٿيار ۽ سامان ٺاهي جنگ جي تياري ڪري خوشي ڪري رهيا آهن. ۽ توهان جي سامهون ٿيڻ ۽ توجهہ ڪرڻ جي تڪڙي طلب ڪئي اٿن.“

## محمد بن قاسم جو جنگي جوانن کي تاڪيد

محمد بن قاسم هنن ڏانهن منهن ڪري چيو تہ: ”اي بني تميم! اي عزيزو!(1) دشمن توهان جي سامهون اچي ظاهر ٿيو آهي، ۽ لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو تو اچي. توهان کي پڻ پوري طاقت ۽ ساري ڪوشش سان جدوجهد ڪرڻ گهرجي، جيئن توهان جي ڪاروبار جو نظام ٺيڪ رهي.“پوءِ محمد بن قاسم سيني کي همت ڏياري ۽ سيئي آماده ۽ تيار ٿيا. هر طرف کان مقابلو ڪندڙن لاءِ دلاورن ۽ جنگي پهلوانن جي پنجن ئي صفن هڪبئي کي سڏيو، ۽ جنگ لاءِ ٻاهر نڪتيون.

## محمد بن قاسم جو يارن کي خطاب ڪرڻ

خبرن جي مصنفن فرقد کان هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: محمد بن قاسم انهيءَ ڏينهن ماڻهن کي خطاب ڪيو تہ: ”اي مسلمانو! استغفار گهڻو ڪريو. خداوند عزوجل امت محمدي ﷺ ۾ بہ چيزون موڪليون آهن: هڪ، مصطفيٰ ﷺ تي صلواة، ٻيو،گناهن کان استغفار سان توهان کي دليون مضبوط ڪرڻ گهرجن، تہ خدا عزوجل توهان کي انهيءَ تي غالب ڪري.“ [176]
روايتن ۾ آيل آهي تہ جڏهن محمد بن قاسم جنگ شروع ڪئي، تہ [سليمان بن] نَبهان ۽ ابو فُضتہ قُشيري (؟) ڪِندِي (قبيلي جي) آزاد ڪيل غلام کي بہ سؤ چونڊ سوار ساڻ ڏيئي لشڪر جي مقدمہ ۾ مقرر ڪيو. ۽ [هو وجي] ڏاهر، سندس نَڪرُن ۽ جنگي جوڌن جي سامهون ٿيو. ۽ ڪافرن جي هڪ فوج سان، جا هن سان وڙهڻ لاءِ ٻاهر نڪتي هئي، جنگ جوٽيائين. نيٺ انهن مان گهڻن کي دوزخ ۾ موڪليائين، ۽ ٻيا ڀڄي وڃي ڏاهر کي گڏيا. پوءِ ڏاهر انهن جي مقابلي ۾ ٻي فوج موڪلي. اَبوفِضتہ خدا جو نالو وٺي حملو ڪري، انهن کي پڻ خوار خراب ڪيو. [ڏاهر] ٽيون دفعو ڪي نَڪرُ موڪليا. اَبوفِضتہ استغفار پڙهي جنگ شروع ڪئي، ۽ انهن کي پڻ ڏاهر جي ڪئمپ تائين ڏڪيندو ۽ ماريندو ويو.

## ڪن ماڻهن جو امان گهرڻ لاءِ اچڻ

Gul Hayat Institute

خبرن جا راوي بيان ٿا ڪن تہ (جڏهن) محمد بن قاسم صف جي اڳيان آيو تہ اوچتو مشرڪن مان ڪن ماڻهن اچي امان گهري. محمد بن قاسم انهن کي امان ڏني. پوءِ چيائون: ”اي عادل اميرا اسان پنهنجي طريقي ڪان ڦري اسلام جي عزت هيٺ آيا آهيون. پنهنجي چوندڊ سوارن مان هڪ فوج اسان سان ڏي تہ وڃون، جو هو غافل آهن، ۽ لشڪر جي پٺيان ڦري اچون، جيئن انهيءَ پاسي کان سندن دل پريشان ٿئي ۽ ڀڄِڻا ٿي پون. جڏهن پريشان ٿين تہ پوءِ اسلامي لشڪر کي چوطرف حملي ڪرڻ جو حڪم ڏي. اسان جي دل شاهدي ٿي ڏئي تہ تنهنجي ترار کان هنن ڪافرن تي هڪ مصيبت اچي ڪڙڪندي ۽ برباد ٿي ويندا.“ [177]

## محمد بن قاسم جو همراهہ چوندڻ

پوءِ محمد بن قاسم بهادر سوارن جي هڪ فوج چونڊي، مروان بن اَشحمَ يمنُنِي ۽ تميم بن زيد قيئنِي(1) کي ٻن جهندن سان انهن جي مٿان مقرر ڪيو، جيڪي هنن جي پٺيان ڦري آيا. مشرڪ هن حال کان بيخبر هئا تہ (اوچتو) اسلامي لشڪر تڪبير هڻي مارا ماري ۽ جهاد شروع ڪيو. [اهو حال ڏسي] ڪن ڪافرن جي دل پوين کي سنڀالڻ لڳي ۽ وٺي ڀڳا. ڏاهر جي لشڪر ۾ هُل ۽ غلغلو پئجي ويو، جنهن ڪري پريشان ٿيا، ۽ مٿن ڌپ غالب ٿيو.

## عرب جي لشڪر جو ڪافرن تي حملو ڪرڻ

پوءِ محمد بن قاسم نعرو هڻي چيو تہ: ”هوشيارا اي عرب جا لشڪرا ڪافر بن حصن ۾ ورهائجي چڪا آهن، توهان حملو ڪريو.“ اسلامي لشڪر سندن اڳيان، ساڄي، کاٻي ۽ پٺيان ڦري آيو. محمد بن قاسم کين لڙائي جو جوش ڏياريندي چئي رهيو هو تہ: ”اڄ توهان جو ڏينهن آهي.“ آخر ڪتلن ڪافرن جا ڍير لڳي ويا. اتي ڏاهر ڊال ڪٽي سفيد هاٿيءَ تي ٽي وينو، ۽ چار سؤ مرد لوهي هٿيارن ۾ ٻڌل، ڳچين ۾ تراريون ۽ هٿن ۾(2) نيمچا، لوهہ جا دستا(2) جنهن کي هندو ”سيل“ چوندا آهن، ڪٽي اهڙيءَ حالت ۾ ٻاهر نڪتا ۽ جنگ ڪرڻ لڳا. انهيءَ حد تائين جو سندن هٿن جون کلون لهي ويون. ڏاهر جي هٿ ۾ آئيني جهڙو تکين ڪاتين سان هڪ گول چڪرو هو. جڏهن بہ هاٿيءَ حملو ٽي ڪيو، تڏهن جيڪو بہ هاٿيءَ جي ويجهو ٽي آيو تہ اهو چڪرو ڪمند وانگيان وجهي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي پيادي خواه سوار جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ٽي ڇڏيائين. ٻہ ٻانهيون جيڪي ساڻس گڏ [178] پالڪيءَ ۾ ويٺل هيون، تن مان هڪڙيءَ کيس پان ٽي ڏنو ۽ ٻيءَ تير ٽي ڏنا. اهڙيءَ طرح جنگ لاڳيتي هلندي رهي، ۽ شام جي نماز تائين گهڻا مشرڪ ڪُسجي ويا.

Gul Hayat Institute

# شجاع حبشيءَ جو شهيد ٿيڻ

ڳالهه جي راوين رام سيه برهمڻ کان هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: مسلمانن ۾ هڪ ماڻهو هو جنهن کي شجاع حبشي ڪري ٿي سڏيائون. هو بهادريءَ ۽ همت جي حد ٽپي ويو هو ۽ لڙائيءَ جي صف ۾ وڏا ڪارناما ڏيکاريائين. (هن) محمد بن قاسم جي اڳيان سخت قسم کنيو تہ: ”جيستائين ڏاهر جي سامهون ٿي سندس هاٿيءَ کي زخم نہ رسائيندس، تيستائين ماني پاڻي نہ کائيندس، ۽ جيستائين منهنجي بدن ۾ جان هوندي، وڙهندو رهندس، نہ تہ شهيد ٿيندس.

(ڏاهر جي [شجاع] حبشيءَ سان جنگ ڪرڻ:) خميس جو ڏينهن، تاريخ ڏهين رمضان ، سن ٿيانوي هو. ڏاهر سفيد هاٿيءَ تي چڙهي ٻاهر نڪري اچي بيٺو. حبشي مشڪي گهوڙي تي سوار هو. اڳتي وڌي لڙائي شروع ڪيائين. ڏاهر کي ٻڌايائون تہ: توسان جنگ ڪرڻ ٿو اچي. راجا ڏاهر ساڻس سامهون ٿيو، ۽ هاٿي مٿس هڪليائين. حبشيءَ پڻ گهوڙو تڙي هاٿيءَ جي اڳيان آندو. حبشيءَ جو گهوڙو هاٿيءَ کان ٿهي پاسو ڪري رهيو هو. هڪدم مٿي تان پڳ لاهي، گهوڙي جون اکيون ٻڌي، هاٿيءَ تي ڪاهيائين، ۽ هاٿيءَ جي سونڊ تي زخم رسايائين. (هوڏانهن) راجا ڏاهر بہ ڪئنچيءَ جهڙو ٻہ شاخو تير،ڪمان تي رکي، پنهنجي مخصوص استاديءَ ۽ ڏاهپ سان ڇڪي هنيو، ۽ هن جو سر ڪلهن کان اڏائي ڇڏيائين. باقي هن جو ڌڙ گهوڙي تي رهجي ويو. اتي ڏاهر چيو: ”هيءَ ڏک اٿرائتو ٿيو آهي. ڏسو تہ هن حبشيءَ کي ڪيئن قتل ڪيو اٿم.“ بهادرن اڳتي وڌي (ڏٺو تہ) سندس جسم هني تي [179] رکيل هو. اتي مشرڪن حملو ڪري، پير ڪوڙي، جنگ ڪئي، ۽ پاسن کان ڦري آيا. جنهن ڪري اسلامي لشڪر [ٽورو] لڏي ويو، ۽ صفون هيٺ مٿي ٿي ويون،جنهن تي ڪافرن سمجهيو تہ لشڪر ڀڄي ويو. ماڻهو دهشت ۽ حيرت ۾ پئجي ويا. محمد بن قاسم اهڙو مدهوش ٿي ويو جو ساقي غلام کي چيائين: ”اَطعِمني الماَءَ“ (مون کي پاڻي کاراءِ). پاڻي پِي، ساهہ پٽي، پڙهو ڏياريائين تہ: ”اي عربو! توهان جو امير محمد بن قاسم اجهو آءٌ آهيان. ڪيڏانهن ٿا ڀڄو؟ ڍالون ڪٽو، صبر ڪريو، ڇاڪاڻ تہ ڪافر شڪست کائي چڪا آهن، ۽ فتح اسان جي آهي.“ انهيءَ تي سمورو لشڪر اچي گڏ ٿيو. موڪو [پٽ] وسايو [پڻ] سامهون اچي پنهنجي ساري لشڪر سميت پيادو ٿيو.

# محمد بن قاسم جو ساٿين کي سڏڻ

پوءِ محمد بن قاسم پڪاريو تہ: ”خُرَيم [بن] عمرو مدني ڪٿي آهي؟ ڪحلي ذُهلي، [محمد بن] مُصعب بن عبدالرحمان، ۽ نُباته بن حنظله ڪِلابي ڪٿي آهن؟ دارس بن اَيوب ڪيڏانهن ويو؟

Gul Hayat Institute

اَبُوفِضة، محمد بن زِياد العبدي (1) ۽ تميم بن زِيد قيني(2) ڪٿي آهن؟ دوستو! قرابت وارؤ! هٿيار بندو! تلوارا! پهريدارو! ۽ نيزا بازو! اسلام جي ٽيڪ توهان آهيو. سڄو لشڪر تهي تڪي تيار ٿي پنهنجي جاءِ تي بيهو. پريشان نہ ٿيو. بلڪ پنهنجي فوج جي همت افزائي ڪريو.[180]

---

(1) فارسي ڇاپي جي پڙهڻي مطابق "محبت"،پ: محبته. (ن-ب)

(2) ر، م:"ارجن"، مگر پ، ن، ب، ح، س جي پڙهڻي "احسن" آهي جا غالباً "احسن" جي غلط صورتخطي آهي. (ن-ب)

(3) فارسي ڇاپي ۾ "جبين" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي ۽ ر،ن جي بہ اها ساڳي پڙهڻي آهي. پ، حسين (جسين؟)، ڪ، جيسي.(ن-ب)

(1) فارسي متن ۾ غالباً پ مطابق "هول" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي، ن جي پڙهڻي بہ "هول" آهي. ر، م جي پڙهڻي "هول" جي بدران "دهول" آهي جا غالباً سنڌي جي آڳاٽي نالي "ڍول" جي عربي صورت آهي: ۽ اسان انهيءَ ڪي وڌيڪ قياس ويجهو سمجهي ترجمي ۾ ڍول رکيو آهي.(ن- ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ "قنيبه بن بشر"، مگر "قتيبه" هڪ تہ خالص عربي نالو آهي ۽ ٻيو تہ اها پڙهڻي ڪنهن بہ معتبر نسخي ۾ ڏنل ڪانهي ۽ غالباً ايڊيٽر جو پنهنجو قياس آهي. ر، م، ن، ح جي متفق پڙهڻي "قبه" آهي ۽ پ جي پڙهڻي "قبہ" آهي، جا پڻ غالباً اصل ۾ "قبہ" هئي. معرب ۽ دِخيل لفظن جي لحاظ سان، "قبه" صاف طور "گبه" جي عربي صورت آهي. (ن-ب)

(3) فارسي ڇاپي مطابق "بيل صاحب- ڪنبه" جنهن جو ترجمو ٿيندو "ڪنبه جو حاڪم بيل". مگر هن ڪان اڳ ڪٿي، ڪنبہ جي حڪم جو نالو "بيل" ڏنل ڪونهي، مٿي ص [162] تي ڪنبه جي حاڪم جو نالو "ڪوڪو پٽ موڪو" ڏنل آهي جو ڏاهر جو حامي هو. انهيءَ لحاظ سان قديم نسخن پ ۽ ر جون پڙهڻيون زياده قرين قياس آهن. پ: بيان بن صاحب ڪنبه، ر: "بيل صاحب ڪنبه" يعني ڪنبه جي حاڪم جو پٽ بيل يا بيان. (ن-ب)

(4) ڪ: نايل، مگر ٻين جملي نسخن مطابق "نائله" يا "نايله".اسان سنڌي اُچار جي لحاظ سان "نائلو" ڪري لکيو آهي. (ن-ب)

(5) جملي نسخن مطابق "جونيه". اسان سنڌيءَ جي اُچار مطابق "جوٽو" ڪري لکيو آهي.

(6) فارسي ڇاپي ۾ ايڊيٽر هي نالو "جتهل" ڪري لکيو آهي جنهن لاءِ سندس قول مطابق، ڪابہ سند موجود ڪانهي (ڏسو فارسي ڇاپي، حاشيہ 14 ،ص 173). مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن. پ، ڪ: مشيد، ن، ح: مشيبد، م: مستهل، ر: مستهيل. اسان پ، ڪ، ن، ح جي پڙهڻين کي وزن ڏنو آهي، ن جي پڙهڻي صاف طرح "مشيبد" آهي ۽ ان جي آخر ۾ "بد" اڪثر هندستان جي معرب نالن ۾ آيل آهي مثلاً: جاربد، ارجبد وغيره. غالباً پ جي پڙهڻي اصل ۾ "مشبد" آهي. انهيءَ لحاظ سان اسان هن نالي جون ٻئي صورتون يعني مشبد ۽ مشيبد ڏنيون آهن. "بد" غالباً ٻيٽ جي عربي صورت آهي.(ن- ب)

(7) هيءَ پڙهڻي فارسي ڇاپي ۾ غالباً م مطابق آهي ۽ زياده قرين قياس آهي. پ: بحباري، ر: بخهياري، ن، ب، ح: بخاري، س، ڪ: بختياري، هي جملي پڙهڻيون "بجهاري" جي بگڙيل صورتخطي معلوم ٿين ٿيون. (ن- ب)

Gul Hayat Institute

(1) فارسي ڇاپي ۾ ”استيراهل“ پڙهڻي اختيار ڪيل آهي جا شايد م مطابق آهي. ٻين نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن. پ: اسرهيل. ن. ب. ح: اسراهيل. س. ڪ: سراهيل. ر: استراهيل جيئن ته نالي جي اصليت جو پتو نٿو پئجي سگهي، اسان قديم نسخي پ جي پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي. (ن- ب)

(2) ن. ب. ح. س. ڪ جي متفق پڙهڻي اها آهي ۽ فارسي ڇاپي ۾ به اهائي پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. پ (”سنح“) ر،م (”سپنج“) جون پڙهڻيون بعيد از قياس آهن. (ن- ب)

(3) فارسي ڇاپي ۾ ”اسيار“ پڙهڻي اختيار ڪيل آهي، جا غالباً م. ڪ مطابق آهي. ر جي پڙهڻي ”اسيهار“آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي. ن. ب. ح: اسبار. پ: اسباب (ن- ب)

(4) فارسي ڇاپي ۾ اها پڙهڻي اختيار ڪيل آهي جا غالباً م مطابق آهي. ر جي اها ساڳي پڙهڻي آهي. پ. ن: لقيالبا. ب. ح: تعيالبا. ڪ: لقيالها. (ن- ب)

(5) اصل ۾ ”حنظله ڪلابي“ جو صحيح نہ آهي. محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ حنظله نہ. مگر سندس پٽ نباته بن حنظله ڪلابي شامل هو. جنهن جو هن کان اڳ بار بار ذڪر اچي چڪو آهي. (ن- ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ ”زياد بن جلبدي ازدي“ ڏنل آهي، ن ۽ ر جي پڙهڻي ”زياد بن جليدي و ازدي“ آهي. ”جليدي“نالو عربن ۾ غير معروف آهي، مگر ”جلنديٰ“ نالو رائج آهي. اسان جي خيال ۾ ”جليديٰ“، ”جلنديٰ“ جي تصحيف آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان ”جلنديٰ“ لکيو آهي. (ن-ب)

(2) جملي نسخن مطابق ”مخارق بن ڪعب“. فارسي ڇاپي ۾ به اهائي پڙهڻي ڏنل آهي، مگر صحيح نالو غالباًڪعب بن مخارق الراسي يا الراسبي آهي. جنهن جو ذڪر هيٺ [ص ص 188، 192، 193 ۽ 195] تي اچي ٿو.(ن-ب)

(3) نفط انداز ”جي معنيٰ“ Steingass“ پنهنجي انگريزي فارسي ڊڪشنري ۾ ”Maker of fire works“ لکي ٿو. (مترجم)

(1) فارسي ڇاپي ۾ ”اي بني عزيزا“ جا غالباً م جي پڙهڻي آهي، مگر ان وقت ۾ بنو عزيز قبيلو غير معلوم آهي. ر جي پڙهڻي ”اي بني عزيز“ [عزّيز] آهي. مگر پ جهڙي قديم نسخي ۾ توڙي ن. ب ۾ ”اي عزيزا“ آهي يعني ”اي عزيزو“. جيئن تہ بنو تميم قبيلي وارا واقعي محمد بن قاسم جا عزيز هئا ۽ شادي به ان قبيلي مان ڪئي هئائين. تنهن ڪري اسان ترجمي ۾ ”اي عزيزوا“ کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب)

(1) هتي اصل متن ۾ ”قيسي“ آهي. ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [178].

(2) — (2) هن جاءِ تي متن ۾ ”نيم نيزه و دستہ آهن“ آهي. اهو ”و“ غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ ”دستہ آهن الخ“ نيم نيزه جي شرح آهي.(مترجم)

(1) اصل متن ۾ ”عبدي“: مگر جيئن تہ متي [160] ۽ [174]صفحن تي اها ساڳي نسبت ”ال“ سان ”العبدي“طور اچي چڪو آهي، اسان بہ هت انهيءَ ساڳيءَ صورت کي قائم رکيو آهي .(ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي خواه جملي نسخن ۾ هيءَ نسبت ”قيسي“ ڄاڻايل آهي. ڪيل ترميم لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [178]. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

## محمد بن قاسم جو حملو ڪرڻ

پوءِ محمد بن قاسم خدا تعاليٰ جو نالو وٺي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڪافر پڻ بيهي ويا ۽ ڇتي جنگ لڳي. ترارين جي ٽڪرائجڻ ڪان هوا ۾ باهه جا شعلا اڏامڻ لڳا. نيزا ۽ حربا هڪٻئي سان ٽڪرائيندا رهيا. نيٺ هٿيار ڇڄي پيا، ۽ [جوان] هڪٻئي سان ڪشتيءَ ۾ ڳنڍجي ويا. صبح صادق اڀرڻ ڪان وٺي شام جي گذرڻ تائين ڏاڍا ڪافر قتل ٿيا. راجا ڏاهر، راجڪمارن جي (باقي) هڪ هزار سوارن سان وچي بچيو هو ته سج زرد ٿي ويو.

## ڏاهر لعين جي ڪسجڻ جي خبر

هنن ڀوٽن جي باغبانن ۽ هنن قيمتي ذخيرن جي مصنفن، راوين ڪان هن طرح روايت ڪئي آهي ته: راجا ڏاهر، خميس جي ڏينهن، ڏهين رمضان المبارڪ، سن ٿيانوي ۾، راوڙ جي قلعي وٽ سج لهڻ وقت قتل ٿيو. ابوالحسن روايت ڪئي ابوالليث هنديءَ ڪان، جنهن پنهنجي پيءُ ڪان (ٻڌل) ڳالهه ڪئي ته: جڏهن اسلامي لشڪر حملو ڪيو ۽ گهڻا ڪافر قتل ٿي ويا، تڏهن اوچتو ڪاٻي طرف ڪان گوڙ ۽ هُل بلند ٿيو. ڏاهر انهن کي پنهنجو لشڪر سمجهي(1)نعرو هنيو "نسي من نسي من" يعني ته: "مان هتي آهيان. مون ڏانهن اچو!"(1)

## زالن جا آواز ظاهر ٿيڻ

پوءِ انهن (زالن) چيو ته: "اي راڻا! اسان اوهان جون زالون آهيون، جيڪي عرب لشڪر هٿان[181] گرفتار ٿي قيد ٿيون آهيون." ڏاهر چيو: "اڃا مان زنده آهيان. توهان کي ڪنهن گرفتار ڪيو آهي؟" (اهو حال ڏسي)، ڏاهر اسلامي لشڪر تي هاٿي هڪليو. (هوڏانهن) محمد بن قاسم، نفط اندازن کي چيو ته: "هاٿي هيءَ وقت توهان جو آهي." هڪ سِڌي هٿ وارو نفط انداز هو، جنهن ٻولائي نفط جو تير راجا ڏاهر جي پالڪيءَ تي هنيو ۽ پالڪيءَ کي باهه لڳي ويئي.

## ڏاهر جو پوئتي ورڻ

اتي ڏاهر فيلبان کي چيو ته: "هاٿي موٽاءِ، ڇاڪاڻ ته اڃ لڳي اٿس." هوڏانهن پالڪيءَ کي به باهه لڳي چڪي هئي، تنهن ڪري هاٿي فيلبان جي وس ۾ نه آيو ۽ پاڻ کي وچي پاڻيءَ ۾ سٽيائين. فيلبان گهڻي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه به نه ٿي سگهيو. [هاٿي] ڪين موٽيو، ۽ فيلبان ۽ ڏاهر کي وچي تار پاڻيءَ ۾ سٽيائين. ڪافرن مان ڪي ساٿس گڏ پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا ۽ ڪي پاڻيءَ جي ڪناري تي بيهي رهيا. ايتري ۾ عرب سوار به اچي پهتا، جن ڪان ڪافر ڀڄي ويا. هاٿي

Gul Hayat Institute

پاٽي پيي، موتي قلعي ۾ وچڻ گهريو. مسلمان تير اندازن تير ڪوليا ۽ هوا مان تير مينهن وانگيان وسڻ لڳا. هڪ عرب، جنهن جو هٿ سڌو هو، تنهن تير ڪشي ڏاهر جي دل تي هنيو، جنهن [جي لڳڻ] ڪان [هو] هاٿيءَ جي مٿان پالڪيءَ ۾ منهن پر ڪِري پيو. هاٿي پاٽيءَ مان نڪري حملو ڪيو. ۽ باقي بچيل ڪافرن ڪي پيرن هيٺ لتاڙڻ لڳو، جنهن ڪري هو مڙيئي ٽڙي پکڙي ويا. ڏاهر هاٿيءَ تان لهي هڪ عرب سان مقابلو ڪيو. بهادر عرب سندس مٿي تي ترار هڻي، سندس سسي ڪلهن تائين ٻه اڌ ڪري ڇڏي. هوڏانهن اسلامي لشڪر ڪافرن سان [182] جنبي ويو ۽ ڪين ماريندا وڃي راوڙ جي قلعي وٽ پهتا. هيڏانهن جيڪي برهمڻ پاٽيءَ ۾ لڪا هئا، [تن جڏهن ڏٺو] ته جتي ڏاهر ڪي قتل ڪيو ويو هو اها جاءِ خالي پيئي آهي، سو پاٽيءَ مان ٻاهر نڪري، ڏاهر ڪي ڳپ هيٺان لڪائي ڇڏيائون. [ايتري ۾] سفيد هاٿي ڪافرن جي لشڪر ڏانهن منهن ڪيو، ۽ [هو اهڙو ته پئي پڳا جو] سندن ڪو نالو نشان ئي ڪونه رهيو.

ڳالهه ٿا ڪن ته قابل بن هاشم (1) ڏاهر لعنتي ۽ ڪافرن جي مارجڻ واري ڏينهن سورهن زخم کاڌا ۽ حملو ڪندو ۽ هي [رجز] چوندو رهيو:

اَلاَ فاصبحانِي قبلَ وَقعة داهِرِ

وَ قبل منايا (2) قد غدَونَ بواكِرِ

وَ قبلَ غدِ يا لهفَ نفسِي عليٰ غدِ

اِذا ما غدَا صحبِي و لستُ بِباكِرِ

[دوستو! ڏاهر جي جنگ ڪان اڳ پري ڏيو مونکي جام،

ڏيو پيالو موت ڪان اڳ، جو ٿو اچ ڏسجي تيار،

دوستو سڀ موجود هوندا مئي جي محفل ۾ سڀان،

پر ڪجو نا پائرو! مون لئه سپاٽي، انتظار.]

چون ٿا ته جڏهن (ڏاهر) مئو تڏهن ڪافرن سندس بدن تان هٿيار لاهڻ گهريا پر لاهي نه سگهيا، ۽ اتيئي ڳپ هيٺ دفن ڪيائونس.

## محمد بن قاسم جو پڙهو ڏيارڻ

پوءِ محمد بن قاسم نظر ڪئي ته حُبيش بن اخي عامِر بن عبدالقيس [کي ڏٺائين جو]سندس سامهون بيٺو هو. چيائينس ته: ”اي اخي عامر بن عبدالقيس جا پٽ! عامرين کي(1)پڙهو [183] ڏيئي چئو ته راجا ڏاهر غائب آهي، متان ڪنهن ڪنڌ مان نڪري حملو ڪري.

(تنهن ڪري) هوشيار رهجو.“ حبيش چيو تہ: ”اميرا منهنجي دل شاهدي ٿي ڏيئي تہ ڏاهر ڪسي ويو.“ محمد بن قاسم فڪر ۾ رهيو، ۽ هر هڪ کان ٿي پڇيائين تہ: ”ڏاهر جي ڪا خبر اٿيئي، جو هو گم آهي.“ نيٺ هڪ برهمڻ آيو ۽ امان گهري چيائين تہ: ”اي امير عادل! مون ڪي، منهنجن تابعدارن ۽ فرزندن کي امان ڏي تہ مان توکي ڏاهر ڏيکاريان، جو ڪُسي ويو آهي.“ (انهيءَ تي) اعتماد جوڳا ساٿي ويا ۽ وڃي هن کي گپ جي هيٺان ڪڍيائون: اجا تائين منجهائنس عطر ۽ مشڪ جي خوشبوءِ پئي آئي. سندس سسي لاهي، هٿيار بدن کان ڌار ڪري، محمد بن قاسم وٽ آندائون. محمد بن قاسم چيو تہ: ”اهڙو ڪو ماڻهو آهي جو هن کي سڃاڻي؟“ نيٺ سندس حڪم تي انهن ٻن ٻانهِين کي آندائون جيڪي پالڪيءَ ۾ ساڻس گڏ هيون، ۽ گرفتار ٿيون هيون. هنن سر سڃاتو. (جنهن تي) انهيءَ برهمڻ جي وڏن، تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن مان ٿي سؤ ماڻهو آزاد ڪيائين. محمد بن قاسم ڏاهر جي سسي ڏسي خدا تعاليٰ عزاسمہ جي تعريف ڪئي، ۽ شڪرانا بجا آڻڻ خاطر ٻہ رڪعتون نفل پڙهيائين. جنگ ۾ جيڪي ماڻهو گرفتار ٿيا هئا، تن سڀنيءَ کي خونخوار ترار جو کاڄ بنائڻ جو حڪم ڏنائين. باقي ڪاريگرن ۽ واپارين جي ٽولي کي امان ڏيئي اصلوڪين جاين تي رهايائين.

(روايت:) عمرَو بن مُغيرَه ڪِلابِيءَ کان روايت ڪن ٿا تہ: جنهن وقت حجاج جي سامهون لشڪر ٺاهي بيهاريو هئائون، تنهن وقت حجاج بن يوسف صفن اڳيان اچي هر هڪ صف کي ڏِڌ ڏيئي رهيو هو. ائين ڪندي اچي عمرَو بن خالد وٽ پهتو. چيائينس: ”اي عمرَو! محمد بن قاسم ۽ (سندس) همراهن جي شاهديءَ سان ٻڌاءِ تہ تون ڪافرن سان ڪهڙو ڪم ڪندين؟“(وڌيڪ) چيائينس: ”توکان ڪو نيڪ ڪم بہ ٿيندو يانہ“ (1)؟ [184] پوءِ راوي چيو تہ: ”(عمرَو) جنهن ڏينهن ڏاهر سان سامهون ٿيو،(تنهن ڏينهن) محمد بن قاسم کي شاهد ڪري، هاٿيءَ کي ڏڪ هنيائين، ۽ ڏاهر جو سر پڻ هن ئي ٻہ اڏ ڪيو.“ هو (عمرَو) جڏهن عراق موٽي ويو، ۽ ڏاهر جي سسي حجاج جي خدمت ۾ پيش ڪيائين، تڏهن چيائين: ”امير عادل شال باقي رهي! سندس حڪومت سدائين غالب رهي! امير محمد بن قاسم کي مون تي گواهہ ڪيو هو“(حجاج) چيو تہ: ”ظاهر ڪر (ڏسان) تہ تو ڇا ڪيو هوندو؟“ اتي عمرَو هيءُ شعر چيو:

اَلخَيلُ تَشهـدُ يـومَ دَاهـرَ وَالقنا

وَ مُحمدُ بنُ القاسـِمِ بـنِ مُحـمد.

اِني فرجَتُ الجَمعَ غـيـرَ مـعـرَدِ

حتيٰ علوتُ عظِيمهُمْ بِمُهنَدِ.
فتَرَ كَفُتَه تحتِ العجَاج مُجَدَلاَ
مُتَعفِرَ الخَدينِ عَيرَ مُوَسدِ.
[شاهد آ ابن قاسم، گهوڙا ۽ نيزا پڻ
ڏاهر جي جنگ ۾ مون ڏيکاري بهادري.
بيڏڙڪ ڪافرن کي ڪيو هو مون چڙوچڙ.
سرسي ڪري ڪپي هئي مون راجا سندي سري.
مون ئي دسي انهيءَ کي هو ليٽايو ڌوڙ ۾.
ويئي هئي منهن مٿي تي انهيءَ جي مٿي وري.]
ابو محمد هنديءَ کان روايت ٿا ڪن (جو هن چيو) ته، ابو مسهر عابي(1) کان ٻڌم، جنهن هند وارن کان روايت ڪئي ته: جڏهن ڏاهر جي قتل کان پوءِ ڏاهر جي زال لاڏي (2) گرفتار ٿي، تڏهن محمد بن قاسم انهن (جنگي قيدين) مان لاڏيءَ کي خريد ڪرڻ گهريو. هن حقيقت جو خط حجاج ڏانهن لکي ڪانئس اجازت گهريائين. حجاج هيءَ حقيقت خليفي وليد جي خدمت ۾ عرض ڪري، لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جي فرمان جي خواهش ڏيکاري. دارالخلافت کان لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جو حڪم جاري ٿيو. جنهن کان پوءِ محمد بن قاسم هن کي خريد ڪري پنهنجي زال بنايو.(1) [185]
ڏاهر جي زال لاڏيءَ جي خبر ٻڌائڻ ته هوءَ ڪيئن گرفتار ٿي
ڳالهه ٿا ڪن ته: عقِيل بن عمرَو روايت ڪئي ته: جڏهن لاڏي اُم ولد ٿي(2) تڏهن محمد بن قاسم ڪانئس پڇيو: تون ڪيئن ڏاهر جي پوئلڳن سان گڏ گرفتار ٿينءَ؟ ۽ ڏاهر کان ڪهڙي سبب ڌار ٿينءَ؟ لاڏيءَ جواب ڏنو ته: جڏهن اسلامي لشڪر راجا ڏاهر جي سامهون ٿيو، تڏهن هن هر هڪ زال جي مٿان سخت نگران ڇڏي ڇيو ته جيڪڏهن اسلامي لشڪر غالب ٿئي ۽ ڪافر شڪست کائين ته هنن زالن کي ڪهي ڇڏجو، متان مسلمانن جي هٿان گرفتار ٿين. پوءِ انهيءَ (نگران) چوبدار، راڻيءَ لاڏيءَ ڏانهن ڏسي پئي چيو ته "تنهنجي منهن جو بشرو اهڙو ڪليل آهي جو (معلوم ٿو ٿئي ته) تنهنجي دل عرب جي بادشاهه ڏانهن مائل آهي، ۽ تون ضرور انهيءَ جي راڻيءَ ٿيندينءَ" آخر جڏهن اسلام جي لشڪر حملو ڪيو ۽ مشرڪ ڀڄي ويا، تڏهن هر هڪ نگران سندس حوالي ڪيل راڻيءَ کي ڪُٺو. [اهو حال ڏسي] مون پاڻ کي اٿ تان هيٺ ڦِٽو ڪيو.

۽ وڃي جنگ جي [ميدان جي] وچ ۾ پيس. منهنجو نگران منهنجي ڪهڻ جو خيال ڇڏي وٺي ڀڳو. پوءِ مسلمانن اڇي مون کي گرفتار ڪيو ۽ امير محمد بن قاسم مون کي خريد ڪري پنهنجي نڪاح ۾ آندو.

(آسماني فتح ۽ ڪافرن جي مغلوب ٿيڻ جي خبر:) سنڌ جا مشائخ خبرون ٿا ڪن ته، جڏهن آسماني مدد ۽ خدائي تائيد عربن جي حال جي موافق ٿي، ۽ ڪافر پڄي ويا، تڏهن محمد بن قاسم انهيءَ احوال جي فتح جو خط حجاج بن يوسف ڏانهن لکي موڪليو. [186]

## محمد بن قاسم جو حجاج ڏانهن ڏاهر جي ڪسڻ ۽ حڪومت تي قبضي ڪرڻ جو فتحنامو لکڻ

”محمد بن قاسم بي انداز خدمتن ۽ گهڻن سلامن ڪان پوءِ عراق ۽ هند جي امير حجاج بن يوسف جي راءِ اڳيان عرض ٿو ڪري ته: بادشاهه (الله) سُبحانَهٗ وَ تعاليٰ وَتقدست اَسمائهٗ ( جو پاڪ ۽ سر بلند آهي ۽ سندس نالا پاڪ آهن) پنهنجي عام فضل ۽ سڳوري لطف سان، پنهي طرفن ڪان دلير جنگي جوانن ۽ دلير بهادرن جي پاڻ ڪي آبدار ترارين تان قربان ڪرڻ ڪان پوءِ، اسلامي لشڪر ڪافرن ڪي، جنهن ۾ مست هاٿي ۽ هٿيارن ۾ ٻڌل ڪافر سوار هئا، شڪست ڪاڌل ۽ ذليل ڪيو. هنن جا هاٿي، گهوڙا، سامان، ڪپڙا، ٻانها ۽ چوپايو مال سمورا اسان جي قبضي ۾ آيا، جن جو پنجون حصو دارالخلافت جي خزاني جي حوالي ڪيو ويو. اللهتعاليٰ جي ڪرم مان اها اميد آهي ته جيئن هن ڪم جي ابتدا نيڪ ٿي آهي، تيئن هند ۽ سنڌ جا سارا ملڪ اسان جي اقتدار ۽ حڪومت هيٺ ايندا ۽ حوالي ٿيندا. اِنشاءُ للهُ العزِيزُ.

## ڏاهر جو سر عراق ڏانهن موڪلڻ

پوءِ [محمد بن قاسم] ڏاهر جو سِرُ، صارِم بن اَبِي صارِم جي حوالي ڪري، [ساڻس گڏ]بني قيس قبيلي مان اَبوقيس مقرر ڪيائين. [تنهن ڪان سواءِ] ذَڪوان بن علوان البڪري، يزيد بن مُجالد(1) همداني، زياد بن الحوارِي العتِڪِي(2) ۽ ٻيا پڻ هڪٻئي جا ساٿي بنائي روانا ڪيائين [187] (خط ۾) سندن ساراهه ڪولي بيان ڪيائين، ۽ چيائين ته: ”هي فتح هنن جي قوت، ديدبي، امداد ۽ همراهي سان ٿي آهي.“ هند [يعني سنڌ] جي جن رئيسن لڙائيءَ ۾ خوشي ڏيکاري هئي، تن جا سر پڻ عراق موڪليا ويا، ۽ خط ۾ ناليوار داخل ڪيا ويا.

Gul Hayat Institute

(1) فارسي ڇاپي جي متن ۾ عبارت هن طرح ڏنل آهي: ”نعره بزد که من منب آئيد. من اينجا ام“ مگر پ: توڙي ن جي عبارتن ۾ ڏاهر جي اصلي لفظن جو اضافو ٿيل آهي. پ: ”نعره بزد. نسي من نسي يعني من اينجا ام“، ن:”نعره بزد که نسي من نسي من آيند من اينجا ام“. اسان ڏاهر جا پنهنجا لفظ ن مطابق ”نسي من نسي من“ طور ڏنا آهن.(ن-ب)

(1) هن نالي جي پڙهڻي پ مطابق آهي. فارسي ڇاپي ۾ ٻين نسخن مطابق ”قابل بن هاشم“ پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي. مگر عربن ۾ قايل نالو بنسبت قابل جي، وڌيڪ قياس ويجهو آهي. ڀانئجي ٿو ته اصل ۾ صحيح عبارت شايد ”قايل من بني هاشم“ هجي. والله اعلم.(ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ ”قبل المنايا“ آهي مگر وزن جي خيال کان ”قبل منايا“ صحيح آهي. (ن-ب)

(1) اصل عبارت ”عامريان را“ يعني بنو عامر قبيلي وارن کي، ر م جي پڙهڻي ”ياران را“ (يعني يارن کي) آهي. (ن-ب)

(1) هتي اصل متن جي عبارت ۾ ڏاڍو مونجهارو آهي. اصل فارسي عبارت هن طرح آهي. ”گفت اي عمروا من قاسم و ياران را گواه ميکنم تا بکفارچه کار خواهي کرد؟ گفت: از تو عمل درست آيد يا نه؟“ اسان جي خيال ۾ ٻيءَ ”گفت“ کان اڳ ”ديگر“ لفظ هئڻ گهرجي جو شايد ڪاتب کان ڇڏجي ويل ٿو ڏسجي. ديگر نه هجڻ ڪري ائين پيو معلوم ٿئي ته اهو پويون ”گفت“ چڻ عمرو جو جواب آهي. حالانڪ ائين نه آهي، اهو به حجاج بن يوسف جو قول آهي. (مترجم)

(1) پ: تسقر عابي، ن: اي شتعي عابي، ب: شتعي عابي، ر م تسقر عالي، س: مشتعر عالي، ڪ: مشعفرعابي، ڏنل پڙهڻي فارسي ڇاپي مطابق آهي ۽ محض قياسي آهي. ”عابي“ شايد ”غساني“ جي تصحيف هجي. فلتامل. (ن-ب)

(2) اصل پڙهڻي هت توڙي اڳتي هر جڳهه تي ”لادي“ آهي، جنهن کي اسان سنڌي نالي جي اصليت جي لحاظ سان هر جاءِ تي ”لاڏي“ ڪري لکيو آهي. (ن-ب)

(1) هيءَ روايت نهايت مشڪوڪ ۽ ضعيف آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [185]. (ن-ب)

(2) شرعي اصطلاح ۾ ”اُم ولد“ انهيءَ ٻانهيءَ کي چئبو آهي جنهن مان سردار کي ڪو ٻار پيدا ٿئي. هتي ”اُم ولد تي“ مان مراد ته ”محمد بن قاسم جي نڪاح ۾ آئي“. (مترجم)

(1) پ: ”مخالف“ ٻين جملي نسخن ۾ ”مخالد“ جا پڙهڻي فارسي ڇاپي ۾ به اختيار ڪيل آهي. مگر ”مخالد“حقيقت ۾ ”مجالد“ جي تصحيف آهي، جنهن ڪري اسان متن ۾ ”مجالد“ لکيو آهي. بشڪريه عبدالعزيز الميمني. (ن - ب)

(2) اصل ۾ ”العبدي“، جو غالباً صحيح نه آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [188].(ن-ب)

Gul Hayat Institute

## دهليلہ جي راجا جو پڄي وڃڻ

جڏهن صبح صادق انڌاريءَ رات جي پردي مان ٻاهر نڪتو، تڏهن محمد بن قاسم کي انهن ماڻهن جي نڪري وڃڻ جو حال معلوم ٿيو. پنهنجو ڪجهہ لشڪر سندن پويان روانو ڪيائين، جن انهن مان ڪن کي نهر (2) ٽپندي وچي پڪڙيو، ۽ سڀني کي خونخوار تلوار جو کاڄ بنايو. جيڪي اڳ ۾ ٽپي ويا هئا، سي جيسلمير ۽ ريگستان جي رستن کان هندستان جي سير (3) ملڪ ڏانهن هليا ويا. انهن جي بادشاهہ جو نالو ديوراج (4) هو، جو ڏاهر جو سؤٽ هو.

## دهليلہ جي فتح ۽ خزاني جو پنجون حصو دارالخلافت ڏانهن موڪلڻ

محمد بن قاسم جڏهن دهليلہ جي لڙائيءَ کان واندو ٿي ان کي فتح ڪيو، تڏهن مال جو پنجون حصو دارالخلافت جي خزاني جي حوالي ڪري بهرور ۽ دهليلہ جو فتحنامو حجاج ڏانهن لکي (ڪيس) پورو احوال ڏنائين.

## سياڪر وزير جو اچڻ ۽ امانَ گهرڻ

پوءِ محمد بن قاسم هندستان جي بادشاهن ڏانهن چؤطرف خط لکي کانئن اسلام ۽ فرمانبرداريءَ جي گهر ڪئي. ڏاهر جي وزير سياڪر هن حقيقت ٻڌڻ تي پنهنجا پروسي جوڳا ماڻهو موڪلي امانَ گهري، ۽ اهي مسلمان زالون، جيڪي قيد هيون، سي پاڻ سان آنديون [۽چيو] تہ: هي اهي مسلمان عورتون آهن جن حجاج جو نالو وٺي ٿي دانهون ڪيون [199]

## سياڪر جو وزير ٿيڻ

محمد بن قاسم انهيءَ جي عزت افزائيءَ لاءِ سندس آڏو وڏا ماڻهو استقبال لاءِ روانا ڪيا، ۽ عزت ۽ تعظيم سان مٿس ڏاڍيون مهربانيون ڪري، وزارت جو ڪم سندس حوالي ڪيو، ۽ هو (پڻ) مسلمانن جو خيرخواهہ رهندو آيو، ۽ امير محمد بن قاسم کي جيڪا بہ صلاح يا راز جي ڳالهہ ڪرڻي هوندي هئي، سا ساڻس ڪندو هو، ۽ کانئس صلاح وٺندو هو، بادشاهيءَ جون سڀ ڳالهيون، صلاحون ۽ ضروري ڪاروبار جو انتظام يا بادشاهيءَ جي سلامتيءَ (جو احوال) ڪيس ٻڌائيندو هو. هو محمد بن قاسم کي چوندو هو تہ: "هيءَ صلاح ۽ راءِ، جا امير عادل چوي ٿو، سا هند جي سڀني ملڪن کي قبضي ۾ آڻيندي. بادشاهيءَ جي قاعدن جا آداب ۽ حڪومت جي قانون جو انتظام، جو انهيءَ ۾ سمايل آهي، سو سڀني دشمنن کي مغلوب ۽ ذليل ڪندو. رعيت ۽ ڏيل پريندڙن جي دلجوئي ٿيندي." [۽ پڻ هو چوندو هو تہ:] "ديواني مال جي قانون کي

Gul Hayat Institute

قديمي دستور موجب قائم ۽ مقدم رکيو وڃي، ۽ جنهن صورت ۾ انهيءَ ۾ ڪا بہ زيادتي ڪانہ آهي، تنهنڪري ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ايذاءُ نہ رسندو. ۽ اها صلاح ڪامورن ۽ دوستن جي تربيت ڪندي.“

## نُوبة بن هارُون کي دهليلہ جي حڪومت عطا ڪرڻ

ڪي ماڻهو روايت ڪن ٿا تہ: جڏهن دهليلہ فتح ٿيو تہ محمد بن قاسم نُوبت بن هارون کي سڏي ڪانئس بيعت ورتي، ۽ اُتان ڪان وڏاتيہ (1) تائين ملڪ سندس انتظام هيٺ ڏيئي، ڪناري جي ٻيڙين جو ڪم سندس حوالي ڪيو. پڻ انهيءَ قلعي جي ايرندي ۽ الهندي ڪناري جو پورو ڪاروبار سندس هٿ ۾ ڏنائين. اتان ڪان برهمڻ آباد تي ميل هو، ۽ جيسينہ [پٽ] ڏاهر کي پڻ خبر پهتي تہ اسلامي لشڪر پهچي رهيو آهي. [200]

## عرب جي لشڪر جو جلواليِ(2) ڍوري (يا ڍنڍ)(3) جي ڪناري تي لهڻ، ۽ اسلام ڏانهن دعوت ڏيڻ لاءِ قاصد موڪلڻ

پوءِ محمد بن قاسم دهليلہ کان منزل پٽي، برهمڻ آباد جي ايرندي طرف ”نهر جلواليِ“ جي ڪناري تي وڃي لٿو، ۽ پنهنجو اعتماد جوڳو قاصد برهمڻ آباد موڪلي، (انهن کي) تابعداري ڪرڻ ۽ ايمان آڻڻ جي دعوت ڏنائين، ۽ ڪين اسلام ۽ جزيي جي آڇ ڪيائين. (اهو بہ چيائين) تہ جيڪڏهن فرمانبرداري قبول نہ ڪندا تہ پوءِ لڙائي لاءِ تيار رهو. جيسِينہ[پٽ] ڏاهر، قاصد جي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي چنيسر(1) طرف ويل هو. [برهمڻ آباد جي]قلعي کي چار دروازا هئا. تنهن ڪري [جيسِينہ] شهر جي رئيسن مان سورهن ماڻهو چونڊي، هرهڪ دروازي تي چار ماڻهو اڳواڻ ڪري، پنهنجي فوج سميت مقرر ڪري ويو هو. انهن دروازن مان هڪ دروازي کي
جريطري(2) چوندا هئا. چار رئيس ماڻهو انهيءَ دروازي لاءِ بہ جوابدار ٺهرايا هئائين، هڪ کي ڀهارند، ٻئي کي ساتيا، ٽئين کي بنوره(3) ۽ چوٿين کي سالها [تي سڏيائون].

Gul Hayat Institute

## رجب مهيني جي پهرين تاريخ تي محمد بن قاسم جو اڇي لهڻ

محمد بن قاسم اتي پهچڻ تي ڪاهي ڪوٽڻ جو حڪم ڏنو.سومر ڏينهن(4) پهرين رجب تي لڙائي شروع ڪيائون. مشرڪن ڏهاڙي ٻاهر نڪري لڙائي تي ڪئي ۽ نغارا تي وڄايا. اٽڪل چاليهہ هزار

جنگي جوان هئا. صبح جي شروع ٿيڻ کان شام جي پوري ٿيڻ تائين، ٻنهي طرفن وارا سخت لڙائي ڪندا هئا، ۽ جڏهن [201] تارن جو بادشاهه (سج) لهڻ جو ارادو ڪندو هو، تڏهن موٽي ويندا هئا. مسلمان ڪاهيءَ جي اندر ايندا هئا ۽ ڪافر قلعي ۾ ويندا هئا. اهڙي دستور ۾ ڇهه مهينا پورا ٿيا. جڏهن [محمد بن قاسم] قلعي هٿ ڪرڻ کان نا اميد ٿيو، تڏهن ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو. [اهو وقت] ذوالحج مهيني جي  پڇاڙي ۽ آچر جو ڏينهن سن ٺيانوي(1) [هو].
جيسِينه، رمل جي بادشاهه ڏانهن موٽي ويو هو، جنهن کي ياٿيه به چوندا هئا، اتان وري  وري موٽي، رستا ڦري اسلام جي لشڪر کي تڪليفون پئي ڏنائين.

## موڪي ڏانهن معتمد ماڻهو موڪلڻ

محمد بن قاسم، موڪي [پٽ] وسايي(2) ڏانهن هڪ اعتماد جوڳو ماڻهو موڪلي، (ڪيس) هن حال کان واقف ڪيو ته: ”اسان کي جيسِينه جي طرفان وقت به وقت تڪليف ٿي پهچي، چاڪاڻ ته لشڪر جي گاهه کي نقصان ٿو رسائي، تنگ ٿو ڪري. هن لاءِ ڪهڙي رٿ آهي؟“(روايت):
موڪي جوائي موڪليو ته: ”هن جي رهڻ جي جاءِ ويجهي آهي. هن کي اتان تڙي ڪڍڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه بهتر حيلو ڪونه آهي. [توهان کي] پنهنجي لشڪر مان ڪي اعتماد جوڳا بزرگ موڪلڻ گهرجن ته سندن پاڙ اتان پٽي ڪڍون.“

## جيسِينه جو چترور (1) وڃڻ

پوءِ نُباته (2) بن حنظله ڪِلابي، عطِيہَ تغلبي (3)، صارِم بن اَبي صارم همداني، عبدالملڪ مدني پنهنجن پنهنجن سوارن سميت [موڪليائين]. موڪي پٽ وسايي کي سندن ساز و سامان تيار ڪري روانو ڪيائين ۽ خريم بن عمرو المدني (4) کي انهن جو سپهه سالار بنايائين. جيسِينه کي (جڏهن) عرب جي لشڪر جي پاهر نڪرڻ جي خبر پيئي ته اتان مال ۽ عيال سوڌو هليو ويو، ۽ ريگستان جي رستن کان وڃي چترور جي ملڪ ۾ انهيءَ جاءِ تي پهتو جنهن کي [202] جنڪن و عورا اوڪايا (5) چون ٿا ۽ اتي ترسي پيو. علاقي ڪانئس جدا تي طاڪِيہ جي شهرن(6) تائين ويو (7)، ۽ رويم جي سرحد تي روستان جي آسپاس ڪشمير جي بادشاهه جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو ارادو ڪيائين(7). اهو ملڪ رڻ پٽ آهي.(1) پوءِ اتان راجئري طرف خط لکيائون(1)، اهو تختگاهه جيل ۾ آهي، ۽ [خط ۾] چيائينس ته:”[ آءٌ پنهنجي] رضا ۽ دل جي خوشيءَ سان خدمت ۾ آيو آهيان.“

## [عِلافيءَ] جو ڪشمير جي راجا ڏانهن وڃڻ (2)

ڪشمير جي راجا خط پڙهي، حڪم ڪيو، جنهن تي ڪشمير جي ضلعن مان هڪ ديهه، جنهن کي شاڪلهار چون ٿا، [علافي] (2) کي جاگير طور ڏنائون.

## ڪشمير جي راجا جي [علافيءَ] کي عزت ڏيڻ (1)

جنهن ڏينهن ملاقات ڪيائون [انهيءَ ڏينهن ئي، ڪشمير جو راجا] پنجاهه سنجيل گهوڙا ۽ ٻه سؤ قيمتي خلعتون سندس [علافيءَ جي] رفيقن کي ڏنا [علافي] جهم بن سامة الشاميءَ کي شاڪلهار جي جاگيرن تي موڪليو. جڏهن ڪشمير جي راجا جي خدمت ۾ ٻيو دفعو ويو. تڏهن [پڻ] هو اعزاز ۽ اڪرام سان پيش آيس، ۽ ڪيس ڇٽ، ڪرسي، ڪمر بند ۽ ڏولي عطا فرمايائين. اهو شرف خاص وڏن بادشاهن لاءِ هوندو آهي. پوءِ عزت ۽ عظمت سان ڪيس سڏي سوليءَ راهه سان سندس جاگيرن تي واپس موڪليائين. ڪجهه وقت ڪان پوءِ [علافي] نيٺ شاڪلهار ۾ مري ويو. ۽ جهم بن سامت سندس جاءِ نشين ٿيو. سندس نسل اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. هن مسجدون ٺهرايون ۽ ڏاڍي [203] عزت ۽ درجو حاصل ڪيو. ڪشمير جو بادشاهه (هميشه) ڪيس عزت سان پيش ايندو هو.

## [جيسِينهه جو چترور ڏانهن وڃڻ] (2)

پوءِ جيسِينهه وڃي چترور (3) جي ملڪ ۾ رهيو، ۽ اتان گوپي [پٽ] ڏاهر(1) ڏانهن اروڙ خط لکي پنهنجي نڪري وڃڻ جي خبر کان واقف ڪري، اروڙ جي قلعي بچائڻ جي پارت ڪيائينس.

گوپي [پٽ] ڏاهر(1) اهو خط پڙهي، جيسِينهه جي چترور وڃڻ تي (پنهنجي) دل مضبوط ڪئي. جڏهن محمد بن قاسم برهمڻ آباد جي لڙائيءَ ۾ ڇهه مهينا رهيو، ۽ جنگ اينگهه ڪئي، ۽ هوڏانهن جيسينهه جي چنيسر(2) مان [نڪري وڃڻ جي] خبر پهتي، تڏهن چار وڏا واپاري، جيڪي برهمڻ آباد جي قلعي ۾ انهيءَ دروازي وٽ هئا، جنهن کي جريطري(3) چوندا هئا، تن پاڻ ۾ صلاح ڪري چيو ته: عرب جو لشڪر سيني شهرن تي غالب آهي ۽ راجا ڏاهر ڪسي ويو. ڇهن مهينن جو عرصو گذري چڪو آهي ته هيءُ قلعو گهيري هيٺ آهي، نه اسان ۾ ايتري طاقت ۽ همت آهي جو لڙائيءَ ۾ هن سان سامهون ٿي سگهون، ۽ نه صلح ڪرڻ لاءِ ڪو طريقو آهي. ڪٿي کي ٻه ٽي ڏينهن ٻيا به ٻيهي سگهجي پر آخر (قلعو) فتح ٿي ويندو. اسان کي ڪنهن به طرف کان ڪوبه واهرو ڪونهي جو اسان جي واهر ڪري، يا مدد جا اميدوار ٿي سگهون. راجا موجود

Gul Hayat Institute

ڪونهي. جنهن وٽ اسان کي پناهه ملي، ۽ هن ڪان وڏيڪ هن لشڪر سان لڙائيءَ ۾ مقابلو نٿا ڪري سگهون. هاڻي جيڪڏهن يڪراءِ ٿيو تہ ٻاهر نڪري ڪسي وجهڻ تائين لڙائي جي ڪوشش ڪريون. ڇاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ صلح ٿيندو تہ بہ سپيئي هٿياربند خونخوار ترار جو ڪاج ٿيندا ۽ عام ماڻهن، جهڙوڪ: واپارين، ڪاريگرن ۽ هارين کي امان ڏيندا. پر جيڪڏهن اسان کي اعتماد ٿئي تہ پوءِ تہ بهتر ائين ٿيندو تہ جيڪڏهن ڪو معاهدو وچ ۾ ٿئي تہ قلعو سندس [محمد بن قاسم جي] حوالي ڪريون. (۽ هو) اسان کي[204] پنهنجو فرمانبردار سمجهي، مُعرب بنائي، ۽ اسان پڻ ساڻس لاڳاپا پيدا ڪري خدمت جا شرط بجا آڻيون. انهيءَ ٺهراءَ تي متفق ٿي قاصد موڪليائون، ۽ پنهنجي لاءِ عيال ۽ ٻارن سميت امانَ گهريائون.

## پڪي انجام ڪرڻ تي امانَ ڏيڻ

محمد بن قاسم انهيءَ پڪي انجام تي انهن کي امان ڏني. باقي ٻين سڀني هٿيارن ڪٽندڙن کي قتل ڪري ڇڏيائون، ۽ سندن تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن کي قيد ڪرايائون. اٽڪل ٽيهہ هزار غلام قيد ۽ قبضي ۾ آيا، ۽ انهن (امان وٺندڙن) تي ڍل مقرر ڪيائون.

(روايت:) انهيءَ پيغام اچڻ کان پوءِ حجاج سڀني اميرن ۾ مڪيہ ماڻهن کي سڏي انهن کي هيءُ پيغام پڙهي ٻڌايو ۽ فرمايائين تہ: برهمڻ آباد کان قاصد آيا آهن، تن جون ڳالهيون ٻڌو، ۽ فڪر ڪري چڱو جواب ڏيو. (موڪي [پٽ] وسايي جي تدبير:) پوءِ موڪي [پٽ]وسايي چيو تہ: ”اي اميرا! هيءُ قلعو، هند ۽ سنڌ جي سڀني قلعن جو سردار ۽ تختگاهہ آهي. جيڪو بہ هيءَ جڳهہ فتح ڪندو، سڄي سنڌ انهيءَ جي هٿ هيٺ ٿيندي، ۽ مضبوط قلعا سندس اقتدار ۽ اختيار هيٺ ايندا. آسپاس جا ماڻهو ڏاهر جي اولاد کان دل برداشتہ ٿي، ڪي پٺي ويندا ۽ ڪي فرمانبرداريءَ جو طوق پنهنجين ڳچين ۾ وجهندا.“

## (محمد بن قاسم جو حجاج جي خدمت ۾ عرضداشت موڪلڻ)

Gul Hayat Institute

پوءِ محمد بن قاسم حجاج کي هن حال کان واقف ڪيو. (هوڏانهن) انهيءَ جماعت ڏانهن پروانو موڪلي ساڻن وقت مقرر ڪيو. انهن چيو تہ: فلاڻي ڏينهن جربطي (1) واري دروازي وٽ اچجئو تہ اسان جنگ لاءِ ٻاهر نڪرنداسون. [205] ۽ جڏهن سامهون ٿينداسون تہ وچ جنگ ۾ جڏهن عربن جو لشڪر حملو ڪندو، تڏهن اسين پٺي قلعي ۾ ويندا سون، ۽ دروازو ڪليل ڇڏي ڏينداسون.

(جواب اچڻ:) جڏهن لکئي جو جواب حجاج وٽان پهتو، ته انهن کي امان ڏيئي ساڻن ڪيل واعدو پورو ڪريو. تڏهن قلعي وارن ماڻهن، ساڻن ٿوري ساعت جنگ ڪئي. جڏهن عرب جو لشڪر حملو ڪري وڃي ساڻن ڳنڍيو، تڏهن قلعي وارن ڀڄي وڃي پاڻ کي قلعي اندر ستيو. ۽ دروازو ڪليل ڇڏي ويا. جنهن ڪري عربن دروازو هٿ ڪيو ۽ لشڪر سندن پويان اچي قلعي جي ڀتين تي چڙهيو ۽ مسلمانن تڪبير هنئي. قلعي وارن ڏٺو ته عرب جو لشڪر غالب ٿي ويو سو اڀرندي وارو دروازو کولي شڪست کائي ٻاهر نڪتا. محمد بن قاسم حڪم ڪيو ته جنگ ڪندڙ ماڻهوءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به قتل نه ڪيو. جنهن کي هٿيار ڏنائون تنهن کي گرفتار ڪري هٿيارن، تابعدارن ۽ عيال سميت محمد بن قاسم جي اڳيان آندائون. جنهن ماڻهو ڪنڌ هيٺ ڪري امانَ گهري تنهن کي ڇڏيائون ۽ ڪين موٽائي گهرن ۾ ويهاريائون.

---

(2) اصل لفظ "جوي"، جنهن جو ترجمو "نهر" ڪيو ويو آهي.

(3) پ: ببلا هند، وسيؤر، ن، ب، ح: سيفر.

(4) پ: ديوارا، ن: ديوار، ب، ح، س، ڪ: ديوار.

(1) س: ودهاته.

(2) فارسي ڇاپي ۾ هن لفظ جي صورتخطي "جلواني" ڏنل آهي، مگر هنن ٻنهي جاين تي پ، ر ۾ جهڙن متعبر نسخن جي متفق پڙهڻي "جلوالي" آهي، ۽ ن ب ح ڪ جي "حلوالي"، جا پڻ غالباً "جلوالي" جي تصحيف آهي. وري هيٺ ص[216] تي به پ جهڙي قديم نسخي جي قراءت "جلوالي" آهي. انهيءَ ڪري اسان اها ئي پڙهڻي اختيار ڪئي آهي وڌيڪ توضيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [201] . (ن-ب)

(3) اصل لفظ: "آ بگير" جنهن جي لفظي معنيٰ "تلاءُ" مگر ڪناري جي مفهوم جي نقط نظر سان ڇڇ، ڍنڍ يا ڍوري جي معنيٰ به نڪري سگهي ٿي. مٿي ص [160] تي "آبگير" جڻ"خليج" جي مترادف ڪم آندو ويو آهي. جيئن ته هت هيٺ وري "نهر جلوالي" استعمال ٿيو آهي، انهيءَ ڪري اسان هت "آبگير" جي معنيٰ ۾ "ڍوري" کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب)

(1) هيءَ پڙهڻي م ر مطابق آهي. پ جي پڙهڻي "جنيسر" آهي، جا پڻ ان جي مشابهه آهي، ن: جسيرا، ب ح: جيسر، س: چنير، ڪ: جهنيسر. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

(2) هي فارسي ڇاپي جي پڙهڻي آهي جا غالباً پ مطابق آهي، ر: جويطري يا جوبطري، م: بوبطري، ن ب س: جريطري، ح: حريط.

(3) "بنوره" قديم نسخي پ جي پڙهڻي آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏيئي ترجمي ۾ رکيو آهي. ن ب ۾ "منوده" ۽ س ڪ ۾ "منوره" آهي، ۽ انهن پڙهڻين جو پويون حصو تقريباً پ جي پڙهڻي مطابق آهي. فارسي ڇاپي ۾ "هاليہ" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي جا غالباً فقط نسخي م مطابق آهي.(ن-ب)

(4) پ جي پڙهڻي "دوشنبہ" يعني "سومر ڏينهن" آهي، مگر ٻين جملي نسخن، ر م ن ب ڪ س، مطابق "روزشنبہ" يعني "آچر ڏينهن" آهي. (ن-ب)

(1) هن سن ۾ غلطي آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [202] .(ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ هن جاءِ تي "موڪ پسايہ" آهي.

(1) "چترور" پڙهڻي ب مطابق آهي، ر م: جترور. فارسي ڇاپي ۾ "چتور" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. وڌيڪ لاءِ ڏسو متي حاشيہ ص 36. (ن-ب)

(2) اصل ۾: بنانه.

(3) فارسي متن ۾ "عطيہ ثعلبي" غالباً صحيح "تغلبي" آهي، جنهن لاءِ ڏسو متي حاشيہ (1) ص 223. (ن-ب)

(4) فارسي ڇاپي ۾ هيءَ نسبت "الديهي" طور ڏنل آهي ۽ جملي نسخن جون پڙهڻيون بہ بالکل مبهم آهن. غالباَ صحيح "المدني" آهي جيئن تہ متي ص [180] تي هي نالو صاف طور "خريم بن عمرو مدني" ڄاڻايل آهي. (ن-ب)

(5) ر: جنڪن وعورا وڪايا، س: جيڪن وعورا اولجا.(ن-ب)

(6) اصل متن ۾: بيلاد طاڪيہ.

(7) -(7) فارسي ڇاپي جي عبارت: "وقصد نمود بخدمت ملک کشمير، در حوالي روستان بر سرحد رويم". مختلف نسخن ۾ "روستان" (جو ن ب مطابق آهي) جون پڙهڻيون هن طرح آهن: پ م ڪ: روستا، ر: روستا، ح: روسنان. ن ب ڪ ح ۾ "رويم" جي بدلي "روم" آهي. ر م ۾ متئين جملي جو پويون حصو هن طرح آهي. "ڪہ در حوالي روستا (5) بر سرحد رويم است". روستا جي معنيٰ هڪ ڳوٺ يا شهر يا آباد علائقو بہ ٿي سگهي ٿي - والله اعلم بالصواب.(ن-ب)

Gul Hayat Institute

(1) - (1) فارسي ڇاپي جي عبارت: " پس از آنجا بر راي جيتري بنبشتنند". ن ب ح ۾ بہ "راي جيتري" آهي، انهيءَ لحاظ سان معنيٰ ٿيندي، "پوءِ اتان جيتري جي راجا ڏانهن خط لکيائون". مگر هيٺ صاف طور ظاهر آهي تہ خط ڪشمير جي راجا ڏانهن لکيا ويا هئا ۽ انهيءَ ڪري هن جاءِ تي "راي ڪشمير" جي بدران "راي جيتري" بي معنيٰ ٿو نظر اچي. ٻين نسخن ۾ "جيتري"جي بدلي ٻيون مبهم پڙهڻيون آهن. مثلاً: پ: چنسر، ر م: خبري، ڪ: چتري، س: چيزي. اسان جي خيال ۾ "راي جيتري" "راي خبري" "ري چتري" وغيره در اصل غالباً "راجيئري" يا "را جئري"جون بگڙيل صورتون آهن. ۽ راجئري ساڳيو ڪشمير جو مکيہ شهر "راجا وري" آهي جنهن جو ذڪر البيروني پنهنجي "ڪتاب الهند" ۾ ڪيو آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص[203]. (ن- ب)

(2) جملي معتبر نسخن ، پ م ر ن ب س ڪ. مطابق هيءُ عنوان هن طرح آهي: رفتن جيسينہ بر رانه ڪشمير(يعني جيسينہ جو ڪشمير جي راڻي ڏانهن وڃڻ). ان بعد هن عنوان هيٺ بہ علاقيءَ جي نالي جي بدران جيسينہ جو نالو آهي. جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ پوءِ غالباً هن کان اڳ واري عبارت ۾ ڪو خلل آهي، ۽ جيسينہ جوڪشمير ڏانهن وڃڻ وارو فقره حذف ٿي ويو آهي. متين عبارت ۾ "راجئري طرف لکيائون (بتبشتند)" ۾ جمع جو صيغو آهي ۽ قدري گمان نڪري ٿو تہ علاقي اڪيلو نہ هو، پر شايد ٻيو بہ ڪو ساٿس گڏ هو. مگر جيئن هن عنوان ۽ هن کان بعد واري عنوان هيٺ سڄي عبارت جو متن ٻيڻل آهي، ان مان علاقي جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ قياس ويجهو معلوم ٿئي ٿو. فارسي ڇاپي جي فاضل ايڊيٽر بہ هتي متن ۾ "جيسينہ" جي بدران "علاقي" رکيو آهي ۽ اسان بہ انهيءَ ترميم کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب)

(1) هي عنوان پ ن ب ڪ ۾ ڪونهي مگر م ر ۾ ڏنل آهي ۽ انهن ٻنهي نسخن ۾"علاقي" جي بدران "جيسينہ" جو نالو آهي. (ن-ب)

(2) هيءُ عنوان جملي نسخن ۾ ڏنل ڪونهي ڇاڪاڻ تہ سيني نسخن ۾ مٿان کان وٺي جيسينہ جو ذڪر هلندڙ آهي. جيئن تہ اسان ترميم ڪري، هر جڳهہ "جيسينہ" جي بدران"علاقي" جو نالو لکيو آهي، انهيءَ ڪري هن عنوان کي فارسي ڇاپي مطابق قائم رکيو ويو آهي. انهيءَ لاءِ مٿي علاقي ۽ هيٺ جيسينہ جي حالات ۾ تميز ٿي سگهي. (ن-ب)

(3) اها پڙهڻي پ م مطابق آهي، ر: جترور، ن ب: جتور.

(1) اصل عبارت: قوفيٌ داهر.

(2) پ ن ح: چنيسر.

Gul Hayat Institute

(3) ر: جويطري.

(1) ر: جويطري.

Gul Hayat Institute

## جيسِينهِ ۽ راجا ڏاهر [بن] چچ جي زال جو (مقابلي لاءِ) بيهڻ جي خبر

برهمڻ آباد جي مکيه ماڻهن کان ڏند ڪٿائن ۾ آڻين ٿا(1) ته: جڏهن برهمڻ آباد جو قلعو هٿ آيو، تڏهن ڏاهر جي زال لاڏي(2)، جا ڏاهر جي قتل ٿيڻ کان پوءِ ڏاهر جي پٽ سان برهمڻ آباد ۾ (جنگ لاءِ تيار ٿي) بيٺي هئي، چيو ته: "هيءُ مضبوط قلعو ۽ عيال ڪيئن ڇڏينداسون؟ اسان کي لاچار هتي رهڻ گهرجي، جيئن دشمن تي غلبو حاصل ڪريون ۽ اسان جو ملڪ ۽ گهر سلامت رهي. پر جيڪڏهن عرب جو لشڪر غالب ٿيو ته پوءِ ڪا ٻي تدبير ڪنداسون." ائين چئي مال خزانو ٻاهر ڪڍي لشڪر جي بهادرن کي پئي ڏنائين، ۽ جوڌن کي دلجاءِ پئي ڏنائين. ۽ اهي ٻئي دروازي تي جنگ ڪندا ٿي رهيا. لاڏيءَ جي هيءَ تجويز هئي ته: "جيڪڏهن قلعو فتح ٿيو ته مان پاڻ کي ٻارن ۽ پوئلڳن سميت ساڙيندڙ باهه جي خوراڪ بنائيندس." مگر اوچتو قلعو [206] فتح ٿي ويو، ۽ معتبر ماڻهن ڏاهر جي [حمايت واري]دروازي تي پهچي راجا ڏاهر جي لاڳاپيدارن کي (هڪدم) ٻاهر ڪڍيو، ته جيئن پاڻ کي هلاڪ نه ڪن، ۽ لاڏي گرفتار ٿئي.

## ڏاهر جي زال لاڏي ۽ ٻن ڪنوارين ڌيئن کي گرفتار ڪرڻ

پوءِ جڏهن غنيمتون ۽ غلام، محمد بن قاسم جي اڳيان آندائون، ۽ هر هڪ جو احوال معلوم ڪيائين، تڏهن معلوم ٿيو ته ڏاهر جي زال لاڏي قلعي ۾ آهي. ڏاهر جون ٻه ڌيئون (پڻ) ڀين زالن جي وچ ۾ منهن ڍڪيون (بيٺيون) هيون، جن کي خادم جي حوالي ڪري جدا ويهاريائين.

## غنيمت جي مال جو انداز ۽ پنجون حصو

پوءِ ٻانها چونڊيائون ۽ پنجون حصو ٻاهر ڪڍيائون. اٽڪل ويهه هزار ٻانها چونڊيائين ۽ پنجون حصو ٻاهر ڪڍي باقي لشڪر کي ڏنائين.

## واپارين ۽ ڪاريگرن کي امانَ ڏيڻ

Gul Hayat Institute

پوءِ واپارين، ڪاريگرن ۽ عام ماڻهن کي امانَ ڏيئي،سندن قيدين کي آزاد ڪيائين. ۽ پاڻ عدالتگاهه ۾ ويهي لڙائي ڪندڙ جماعت کي ترار سان قتل ڪيائين. ۽ اهڙيءَ طرح، چون ٿا ته اٽڪل ڇهه هزار جنگي جوان قتل ڪيا ويا. ڪي چون ٿا ته سورهن هزار مرد ڪُٺا ويا. ٻين کي معافي ڏنائين.

## ڏاهر جي لاڳاپيدارن برهمڻن جي خبر

کي ماڻھو روايت ڪن ٿا تہ: جڏھن ڏاھر جي لاڳاپيدارن کي ٻانهنِ ۾ نہ ڏسي شھر جي رئيسن کان پڇا ڪيائون. تڏھن ڪنھن بہ ماڻھو انھن جو پتو نہ ٻڌايو. نيٺ ٻئي ڏينھن برھمڻن مان اٽڪل ھڪ ھزار ماڻھو، مٿا ۽ ڏاڙھيون ڪوڙائي [207] امير محمد بن قاسم جي دربار ۾ حاضر ٿيا.

## برھمڻن جو محمد بن قاسم وٽ اچڻ

محمد بن قاسم ھنن کي ڏسي پڇيو تہ: "ھن ٽولي وارا ڪھڙيءَ فوج مان آھن، جو ھن شڪل ۾ پھتا آھن؟" چيائون: "اي وفادار اميرا اسان جو راجا برھمڻ ھو، جڏھن انھيءَ کي ڪٺائون ۽ ھيءُ ملڪ ڪانئس نڪري ويو، تڏھن ھن جي وفاداريءَ ۾ ڪن پاڻ کي ماري ڇڏيو، ۽ باقين سندس سوڳ ۾ زرد ڪپڙا پائي ڏاڙھيون ۽ مٿا ڪوڙايا. ھاڻي جڏھن الله تعاليٰ عزوجلَ ھيءَ بادشاھي توھان جي حوالي ڪئي آھي، تڏھن عادل امير جي خدمت ۾ حاضر ٿيا آھيون تہ باقي بچيلن لاءِ ڪھڙو حڪم ٿو ڪري. محمد بن قاسم ويچار ڪري چيو تہ: "منھنجي جان ۽ سر جو قسم تہ ھيءُ ڏاڍا وفادار آھن. انھن کي ھن شرط تي امانَ ڏنيسين تہ ڏاھر جا لاڳاپيدار جتي بہ ھجن انھن کي ھٿ ڪندا."

## محمد بن قاسم جو برھمڻن سان واعدو ڪرڻ ۽ امانَ ڏيڻ

پوءِ برھمڻن ھن مضبوط عھدنامي جي بنياد تي ڏاھر جي زال لاڏيءَ کي پھري مان ٻاھر ڪڍيو، ۽ باقي ماڻھن تي رَسُولِ اللّٰہ ، الصلواۃ وَالسلام عليہ، جي طريقي موجب ڍل مقرر ڪيائون. جيڪي اسلام جي شرف سان مشرف ٿيا، انھن کي ٻانهپ، مال ۽ ڇوند (1) کان معافي ڏنائون. جن ايمان نہ آندو تن کي ٽن حصن ۾ (ورھائي) مٿن ڍل مقرر ڪيائون. پھريون، سردارن جي ٽولي مان ھر ھڪ تي 48 درھم تور چاندي، ٻئي ٽولي تي 24 درھم تور چاندي، ۽ ھيٺياھين درجي واري ٽولي تي 12 درھم تور (چاندي) مقرر ڪيائون. [208 ] ۽[محمد بن قاسم] فرمايو تہ : "اڄ وجھو جيڪي مسلمان ٿي اسلام ۾ ايندا تن تان ڍل معاف ڪئي ويندي، ۽ جيڪي پنھنجي طريقي تي حريص رھندا، سي ڇوند (1) ۽ جزيو قبول ڪري، پنھنجي ابن ڏاڏن جي طريقي تي رھندا." پوءِ انھن مان ڪن (اسلام تي) رھڻ اختيار ڪيو ۽ ڪي جزيو قبول ڪري، پنھنجن وڏن جي طريقي تي ھلڻ لڳا. سندن زمينون ۽ گھوڙا انھن کان نہ ورتا ويا.

## برهمڻن ۽ ملڪ جي امينن کي مقرر ڪرڻ

پوءِ محمد بن قاسم انهن مان هر هڪ تي، سندس درجي ۽ لياقت موجب ڍل مقرر ڪئي. قلعي جي چئني درن مان هر هڪ دروازي تي فوج مقرر ڪري، انهيءَ جي جوابداري انهن ماڻهن جي انتظام ۾ ڏني، ۽ رضامندي جي خِلعتَ، سنجيل گهوڙن سميت (عطا ڪري) هندستان جا شاهاڻا زيور سندن هٿن ۽ پيرن ۾ وڌائين، ۽ هر هڪ لاءِ محفل جي منڍ ۾ ويهڻ جي جاءِ مقرر ڪيائين.

## ڪاريگرن، واپارين ۽ ڪڙمين کي لکڻ

پوءِ سوداگرن، ڪاريگرن ۽ ڪڙمين جو (تعداد) لکيائون. عام ماڻهو ڳڻپ ۾ جملي ڏهه هزار ٿيا. پوءِ محمد بن قاسم جي فرمائڻ تي هر هڪ تي (فقط) ٻارهن درهم تور چاندي مقرر ڪيائون، ڇاڪاڻ ته سندن مال لٽجي ويو هو.

## مقرر ڍل جي وصول ڪرڻ لاءِ نائب مقرر ڪرڻ

پوءِ وڏيرن ۽ رئيسن کي مقرر ڍل جي وصول ڪرڻ تي مقرر فرمايائين. جيئن هرهڪ شهر ۽ واهڻ مان مال وصول ڪندا رهن،۽ کين [پڻ حڪومت جي] تائيد ۽ طاقت هجي. [209]

## برهمڻن جو عرض ڪرڻ

برهمڻن هيءَ حقيقت ڏسي عرض ڪيو ۽ شهر جي مکيه ۽ چونڊ ماڻهن سندن حال بابت شاهدي ڏني ته اهي برابر رسوخ وارا هئا.

## برهمڻن لاءِ حڪم

پوءِ محمد بن قاسم برهمڻن کي عزت ڏني، ۽ سندن اثر ۽ رسوخ (قائم رکڻ) لاءِ پروانو جاري ڪيائين. هر حالت ۾ کين (ڪنهن به قسم جي) روڪ ٽوڪ نه هوندي هئي. ۽ انهن مان هر هڪ کي ڪنهن نه ڪنهن ڪم تي چڙهايائين، ۽ سچ پچ معلوم ٿيس ته انهن کان خيانت ڪڏهن به نه ٿيندي.

## ڪمن تي مقرر ڪرڻ

پوءِ راجا ڇچ جي دستور موجب، جنهن هر هڪ برهمڻ کي ڪنهن نه ڪنهن ڪم تي مقرر ڪيو هو، هر هڪ تي ڪونه ڪو ڪم مقرر ڪري، حڪم ڪيائين. جنهن تي سيني برهمڻن کي آڏو حاضر ڪيائون. (پوءِ) چيائين: "ڏاهر توهان کي وڏن ڪمن تي مقرر ڪيو هو، تنهن ڪري توهان

Gul Hayat Institute

شهر ۽ آسپاس جا واقف هوندا. جنهن بہ مشهور معروف ماڻهوءَ کي تربيت ۽ نوازش جو لائق سمجهو تہ اسان کي ڄاڻ ڪريو، جيئن سندس حق ۾ مهرباني ڪئي وڃي، ۽ ڪيس وڏي انعام سان سرفراز ڪيو وڃي. جنهن صورت ۾ توهان جي ايمانداري ۽ سچائي تي اسان کي پورو اعتماد ۽ ڀروسو آهي، تنهن ڪري توهان پنهنجن ڪمن تي بحال آهيو. ملڪ جو سارو ڪاروبار توهان جي معاملي فهميءَ تي ڇڏيو ويندو. ۽ هيءُ ڪم توهان جي اولاد ۽ پيڙهين جي حوالي ڪيو وڃي ٿو، ۽ ڪڏهن بہ نہ ڦرندو.

## برهمڻن جو زور وٺي واهڻن ۾ وڃڻ

پوءِ برهمڻ ۽ ڪامورا ملڪ ۾ گهڙي پيا ۽ وڃي چيائون: "اي ڏسٽا وائسٽا ۽ مشهور (ماڻهؤ) توهان کي معلوم آهي تہ ڏاهر مارجي ويو ۽ ڪافرن جو ڪم پورو (210) ۽ ختم ٿيو. هند ۽ سنڌ جي چئني طرفن ۾ عربن جو حڪم جاري ٿيو. جنهن ڪري ملڪ جا ننڍا خواهہ وڏا هڪجهڙا ٿيا. اسان جا ڪم ڪار، عزت واري بادشاه [محمد بن قاسم] جي طرف کان سمجهڻ گهرجن. اسان کي توهان ڏانهن موڪليو اٿن ۽ چڱن واعدن سان اميدوار ڪيو اٿن. جيڪڏهن عربن جو حڪم نہ مڃيندا سون تہ نہ مال رهندو، ۽ نہ گذران جو ذريعو. اسان پاڻ، (انهن) سردارن جي مهرباني ۽ احسان ڏانهن نيازمند ٿي پيا آهيون. ۽ ممڪن آهي تہ (انهيءَ ڪري) اسان جو درجو وڌو ٿي سگهي. في الحال پنهنجي وطن کان ٽڙجي برباد نہ ٿيون. جيڪڏهن هيءُ ڍل، جيڪا توهان تي رکي اٿن، برداشت نہ ٿي سگهندي ۽ انهيءَ جي ادا ڪرڻ ۾ وڏو بار سمجهندؤ، تہ پوءِ فرصت وقت هند ۽ سنڌ جي ڪنهن ٻيءَ زمين ڏانهن، جتي توهان جي دلين کي اطمينان هجي، هليا وڃجؤ. ڇاڪاڻ تہ آدمزاد واسطي جان جي سلامتي کان بهتر ٻي ڪابہ شيءِ ڪانهي. اسان کي جڏهن هن خطرناڪ مصيبت کان ڇوٽڪارو ملندو ۽ لشڪر جي تڪليف کان بيپرواهہ ٿينداسون، تڏهن اسان جو مال ۽ عيال محفوظ ٿيندو.

## واهڻن ۽ شهر تي ڍل مقرر ڪرڻ

پوءِ سيني ڳوٺاڻن ۽ شهرين حاضر ٿي پاڻ تي ڍل مقرر ڪرائي، ۽ پنهنجي ڍل جي رقم محمد بن قاسم کان پڇيائون، جن برهمڻن کي امير محمد بن قاسم ڍل (جي وصوليءَ) تي مقرر ڪيو هو، تن بابت [پڻ پڇيائون، جنهن تي انهن برهمڻ آفيسرن کي] فرمايائين تہ: "حڪومت ۽ خلق جي وچ ۾ سچائيءَ جو خيال رکجو. جيڪڏهن ڪا شيءِ ورهايو تہ برابر ورهائجو. هر هڪ تي ڍل سندس

برداشت موجب رکجو، ۽ هڪٻئي سان ٺهي هلجو ۽ پريشان نہ ٿجو، جيئن ملڪ ويران نہ ٿئي." [211]

## محمد بن قاسم جي خلق سان مهرباني ڪرڻ

پوءِ محمد بن قاسم هرهڪ سان خاص مهرباني ڪئي ۽ فرمايائين تہ: "هر طرح دل خوش رکجو. ڪابہ ڳڻتي نہ ڪريو تہ ڪا توهان تي وٺ پڪڙ ٿيندي. آئون توهان کان ڪوبہ ڪاغذ يا دستاويز (لکائي) نٿو وٺان. جيڪو حصو اڳيئي مقرر ۽ معلوم آهي، سو ادا ڪندا رهجو. بلڪ توهان تي مهرباني ۽ درگذر واجب سمجهيو ويندو. جنهن کي ڪا درخواست هجي تہ پيش ڪري، اها ٻڌي ويندي ۽ (ان جو) پورو جواب ڏنو ويندو، ۽ هر هڪ جي مراد پوري ڪئي ويندي."

## محمد بن قاسم جو برهمڻ آباد وارن کي پروانو ڏيڻ

هاڻي برهمڻن جي اها رسم جا هلندي تي آئي، جو واپاري، ڪافر ۽ ٺڪر برهمڻن کي خيراتون ڏيندا هئا. بتن جي پوڄا ۽ خوشيون ڪندا هئا ۽ مندر جي پوڄارين کي اهڙو پروانو هو، سا بند ٿي ويئي، ۽ لشڪر جي ڊپ کان اها خيرات ۽ ماني ڪين دستور موجب نٿي پهتي، جنهن ڪري برباد ۽ سُڃا ٿي ويا هئا. سو سيني [برهمڻن، محمد بن قاسم جي] جڳهہ جي در تي اچي دعا لاءِ هٿ کنيا، ۽ پيغام موڪليائون تہ: "شل عادل امير سلامت رهي! اسان راهب آهيون ۽ اسان جو گذران ۽ ترقي بت[(1)] جي مجاوريءَ تي آهي. جنهن صورت ۾ واپارين ۽ ڪافرن تي رحمت ڪئي اٿوَ ۽ هو پاڻ تي ڍل مقرر ڪري ذِمي ٿيا آهن، تنهنڪري (اسان) ٻندن کي بہ صاحب جن جي ڪرم ۾ اميد آهي تہ انهن کي اشارو فرمائيندا، جيئن هو پنهنجي معبود کي پوڄين ۽ بتخانو[(2)] آباد ڪن."

## محمد بن قاسم جو جواب ڏيڻ

محمد بن قاسم جواب ڏنو تہ: "ملڪ جو تختگاهہ اروڙ آهي، ۽ هيءُ سڀ پاسا [212 ] آسپاس آهن." اتي هندن چيو تہ: "هن ملڪ جي آبادي برهمڻ آهن. اهي اسان جا عالم ۽ حڪيم (داناءُ) آهن. اسان جي شادي خواهہ غمي جو ڪاروبار سندن وسيلي پورو ٿيندو آهي. اسان ڍل يا جزيہ انهيءَ ڪري قبول ڪيو آهي تہ هرڪو پنهنجي طريقي جي پيروي ڪري. هيءُ اسان جي بت جو بتخانو[(1)] ويران ٿي ويو آهي ۽ اسان بُتن[(2)] جي خدمت نٿا ڪري سگهون. امير عادل اسان کي

اجازت فرمائي تہ اسان (ان کي) آباد ڪري، پنهنجي معبود جي عبادت ۾ مشغول رهون ۽ اسان جي برهمڻن کي (پڻ) اسان مان گذر جو ذريعو تي سگهندو.“

## محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن لکڻ ۽ جواب جو پهچڻ

پوءِ محمد بن قاسم هيءَ حقيقت حجاج ڏانهن لکي موڪلي ۽ ٿوري وقت کان پوءِ جواب پهتو تہ: ”سؤٽ محمد بن قاسم جو پيارو خط پهتو. جيڪي احوال لکيا هئائين سي معلوم ٿيا. جن مان هڪ هيءُ بہ هو تہ برهمڻ آباد جا مکيہ ماڻهو(3) بتخاني جي آبادي(3) ۽ پنهنجي مذهب لاءِ عرض ڪري رهيا آهن. جنهن صورت ۾ (اسان جي) فرمانبرداريءَ جي سلسلي ۾ داخل ٿي، دارالخلافت جي ڍل پنهنجي مٿان مقرر ڪيائون. تنهن صورت ۾ ڍل کان وڌيڪ [اسان جو] هنن تي ڪو بہ حق ۽ واسطو نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن ذمي ٿي چڪا ، تڏهن سندن مال يا خون ۾اسان جي دست اندازي مطلقاً نہ ٿيندي. ڪين پنهنجي معبود جي عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي .توهان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي پنهنجي طريقي کان روڪ ٽوڪ نہ ڪندا، جيئن هو پنهنجن گهرن ۾ پنهنجي مرضي موجب زندگي گذاريندا رهن.“

## حجاج جو لکيو پهچڻ

حجاج جي لِکئي پهچڻ وقت، محمد بن قاسم شهر کان ٻاهر نڪري منزل ڪئي هئي. پوءِ وڏيرن، اڳواڻن ۽ برهمڻن کي اجازت ڏنائين تہ: ”بيشڪ پنهنجي معبود [213] کي آباد ڪريو. مسلمانن سان ڏيتي ليتي ڪريو. اطمينان سان پنهنجي سڌاري جي ڪوشش ڪريو. برهمڻن فقيرن جي احسان ۽ سنڀال سان تيمارداري ڪريو. پنهنجون عيدون، رسمون پنهنجن ابن ڏاڏن جي دستور موجب بجا آڻيندا رهو. هن کان اڳ برهمڻن کي جيڪي خيراتون ڏيندا هئا، سي پراڻي دستور موجب ڏيندا رهو.(1) سئو درهمن اصل مال مان ٽي درهم [ڪڍي انمان] جيڪو انهن (برهمڻن) جو حق هجي، سو انهن کي پهچائجي(1)، باقي خزاني لاءِ، خزاني وارن جي قلم ۽ نائبن جي سامهون حفاظت ۾ رهي، ۽ آفيسرن ۽ ڪم وارن لاءِ پگهارون مقرر ڪيون وڃن.“ انهن شرطن تي تـمِيم بن زَيدِ القينِيِ(2) ۽ حڪم بن عوَانة ڪلبِيءَ کي وچ ۾ آندائون. ۽ برهمڻن لاءِ فيصلو ٿيو تہ ٽامي جي ٿالهي هٿ ۾ کڻي، گهرن جي دروازن تي گدائيءَ لاءِ وڃي اناج وغيره جيڪي بہ ملي سگهين سو حاصل ڪن، جيئن تباهہ نہ ٿين. ۽ [هاڻي] هيءَ رسم ڪافرن ۾ مروج ٿي ويئي آهي.

## محمد بن قاسم جو برهمڻ آباد وارن کي امانَ ۽ پروانو ڏيڻ

هاڻي محمد بن قاسم برهمڻاباد جي پسگردائيءَ کان فارغ ٿيو، ۽ ماڻهن جي جيڪا درخواست هئي، سا پوري ڪيائين. عراق ۽ شام جي يهودين، نصارن،گبرن ۽ مجوسين جي نموني تي هر هڪ کي پنهنجي طور طريقي تي رهڻ لاءِ اجازت ڏيئي واپس ڪيائين ،انهن جي اڳواڻن کي ”راڻا“ جو خطاب ڏنائين.

## محمد بن قاسم جو سياڪر وزير کي سڏڻ

پوءِ سياڪر وزير ۽ موکي [پٽ] وسايي کي سڏي پڇيائين: ”لوهاڻي جي جتن جو ڪاروبار، چچ ۽ ڏاهر سان ڪيئن هو؟ ۽ سندن معاملو ڪهڙي دستور تي تي هليو؟“

(سياڪر جو جواب:) وزير، موکي [پٽ] وسايي جي روبرو چيو: ”راجا چچ جي حڪومت ۾ (1)لوهاڻي يعني لاکا ۽ سمہ [واري ايراضي جي جتن] کي[1] نرم ڪپڙن پهرڻ [214] ۽ مخمل مٿي تي ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. بلڪ هيٺ مٿي ڪاري گوڏڙي پهريندا هئا. ڪهري چادر ڪلهن تي وجهندا هئا، ۽ مٿو ۽ پير اگهاڙا رکندا هئا. جيڪو بہ نرم ڪپڙو پهريندو هو، تہ انهيءَ تي ڏنڊ رکيو ويندو هو. گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت ڪتو پاڻ سان ڪڍندا هئا. جنهن ڪري سندن سڃاڻپ ظاهر ٿيندي هئي. سندن ڪنهن بہ وڏيري کي گهوڙي تي چڙهڻ جي اجازت نہ هئي. جتي بہ بادشاهن کي ٻهراڙيءَ ۾ سونهي جي ضرورت ٿيندي هئي تہ اهي رستو ڏيکاريندا هئا. رستن جي سونهپ سندن نظرداريءَ هيٺ هوندي هئي، ۽ [ويندڙ کي]هڪڙي قبيلي کان ٻئي قبيلي تائين پهچائيندا هئا. انهيءَ قوم جو ڪوبہ اڳواڻ يا راڻو گهوڙي تي ويهندو هو تہ [سندس گهوڙو] هني، لغام ۽ تختي کان سواءِ هوندو هو ۽ گهوڙي جي پٺيءَ تي رلي وجهي چڙهندو هو. رستي ۾ ڪنهن کي ڪو حادثو پيش ايندو هو تہ انهن جي قبيلن کان پڇاڻو ڪندا هئا، جو اها سندن وڏيرن جي جوابداري هوندي هئي، ايستائين جو جيڪڏهن منجهائن ڪو چور ٿيندو هو تہ انهيءَ کي ٻارن ٻچن سميت باهہ جو ڪاج ڪندا هئا. قافلا رات ڏينهن سندن رهبري هيٺ هلندا هئا. انهن ۾ ننڍي وڏي (جو فرق) ڪونہ هوندو آهي. هو وحشي طبيعت جا آهن ۽ حاڪم جي فرمانبرداريءَ کان هميشہ سرڪشي ڪندا ۽ رستا ڦريندا رهندا آهن. ديبل ۾ پڻ اتي

جي ماڻهن سان قرلت ۾ همراهه هوندا آهن. بورچيخاني جون ڪاٺيون، خدمت جو ۽ سمر، بادشاهه جي نگراني سندن ذمي هئي.“

(روايت) انهيءَ تي محمد بن قاسم چيو ته ”ڪهڙا نه برا ماڻهو آهن! اهڙا جهڙا فارس ۽ ڪوه پايه ۾ جهنگلي ماڻهو هوندا آهن. سندن ڪم به اهو ئي آهي.“ محمد بن قاسم هنن کي انهيءَ دستور ۽ طريقي سان بڏل رکيو، جهڙي طرح اميرالمؤمنين عمر بن الخطاب[215] رضي الله عنہ شام جي رهاڪن تي مقرر ڪيو هو ته، جيڪو مهمان ايندو، تنهن کي هڪ ڏينهن ۽ رات ماني ڪارائيندا، ۽ جيڪڏهن بيمار ٿي پوندو ته ٽي ڏينهن مهماني ڪندا.

---

(1) اصل لفظ، "در اَقاويل مي اَرند"

(2) اصل صورتخطي: لادي.

(1) -(1) چوند لاءِ اصل لفظ ”گزيد“ آيل آهي.اسلام جي قانون موجب وقت جي خليفي کي غنيمت جي مال مان ڪا به هڪ شيءِ چوندي ڪڍڻ جو اختيار آهي. انهيءَ کي عربيءَ ۾ ”اصطفہ“ چوندا آهن. ام المؤمنين صفيہ کي به رسول ڪريم اهڙيءَ طرح چونڊيو هو ۽ پوءِ آزاد ڪري ساڻس شادي ڪئي هئائون. (مترجم)

(1) اصل لفظ: بده

(2) اصل لفظ: خانہِ بده

(1) اصل لفظ: بتخانہ بده

(2) اصل لفظ: اصنام

(3) -(3) اصل الفاظ: عمارت بده.

(1) اصل فارسي عبارت هن طرح آهي ۽ ان ۾ البت مونجهارو آهي: ”و از صد درم سہ درم سنگ بر اصل مال- بنگرند کہ چند واجب باشد بديشان رسانند“ (مترجم)

(2) اصل ۾ جملي نسخن ۾ هيءَ نسبت ”القيسي“ ڄاڻايل آهي جا صحيح نہ آهي. ڪيل ترميم لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [178]. (ن-ب)

(1) -(1) اصل عبارت ”لوهانہ يعني لاکہ وسمہ را“ جنهن جي شروع ۾ لفظ ”جتان“ غلطيءَ سبب حذف ٿيل آهي، صحيح عبارت ”جتانِ لوهانہ يعني لاکہ وسمہ را“ ٿيندي، چو تہ محمد بن قاسم لوهاڻي جي جتن بابت پڇيو آهي ۽ هيٺ سياڪر وزير جو بيان تقريباً ساڳيو آهي جو مٿي ص [47] تي ”لوهاڻي“ جي جتن بابت چچ جي پاليسي طور بيان ٿيل آهي. هت ”لوهاڻو“ هڪ علائقي جو نالو آهي جو لاکہ، سمہ ۽ سهتہ قومن جي ايراضين تي مشتمل هو. مٿي ڏسو ص [40] (ن-ب)

Gul Hayat Institute

## محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن خط موڪلڻ

محمد بن قاسم برهمڻ آباد ۽ لوهاڻي جي ڪاروبار کان فارغ ٿيڻ ۽ جتن تي ڍل مقرر ڪرڻ کان پوءِ حجاج بن يوسف کي انهيءَ حال کان واقف ڪيو. تہ: برهمڻ آباد جي جلوالي ڍوري(1) کان متي(2) هيءَ خدمت لاڳو ڪئي ويئي[2]. ڪيس سنڌ جي زمين کي قبضي ۾ آڻڻ جو [پڻ] جاڻ ڏنو ويو ۽ تفصيل سان ٻڌايو ويو.

## حجاج جو جواب

پوءِ حجاج جواب لکيو تہ: ”اي سؤٽ محمد بن قاسم! تون جيڪا سپاهداري، رعيت نوازي، رعيت جي حال تي پرورش ۽ ڪاروبار جي انتظام ۾ ڪوشش ڪري رهيو آهين. سا گهڻي ساراهہ (جي لائق) آهي. ۽ جنهن نموني هر جڳهہ تي ڍل مقرر ڪئي وئي آهي ۽ رعيت جي هر قسم کي شريعت جي دستور ۽ معاملي موجب سرفراز ڪيو اٿيئي، سو حڪومت جي مضبوطي ۽ بادشاهي جي انتظام جو باعث ٿيو آهي. هاڻي انهيءَ جاءِ تي ترسڻ نہ گهرجي. هند ۽ سنڌ جي بادشاهيءَ جا ٿنڀا اروڙ ۽ ملتان آهن. جي بادشاهن جا تختگاهہ آهن. بادشاهن جا خزانا ۽ دفينا (پڻ) انهن ٻن جاين ۾ مدفون هوندا. جيڪڏهن رهڻو اٿيئي تہ ڪنهن اهڙي جاءِ تي رهہ. جا پُرفضا هجي، جيئن سڄي سنڌ ۽ هند هٿ هيٺ اچي وڃي. جيڪو اسلام جي تابعداريءَ کان انڪار ڪري تنهن کي قتل ڪري ڇڏيو. الله تعاليٰ توهان جي مدد ڪندو. هند جي شهرن کي [216] ويندي چين جي حد تائين فتح ڪرڻ تو تي لازمي آهي(1) امير قُتيبہ بن مُسلم قريشي(2) کي [پڻ چين فتح ڪرڻ لاءِ] مقرر ڪيو ويو آهي. سڀ [عراقي] غلام انهيءَ ڏانهن منتقل ڪريو ۽ [جهم بن زَحرين قيس کي بہ هن ڏانهن موڪليو وڃي، ۽] مقرر ڪيل [عراقي] لشڪر ساڻس گڏ وڃي(3) . اي سؤٽ! تون [پڻ] اهو ڪو ڪارنامو ڪج جيئن[تنهنجي پيءُ] قاسم جو نالو روشن ٿئي، ۽ دشمن عاجز ۽ پريشان ٿين. اِنشاءَ الله تعاليٰ!

## حجاج بن يوسف جا خط پهچڻ

جڏهن حجاج جو خط محمد بن قاسم کي پهتو، تہ پڙهيائين. چيل هو تہ: ”اي محمدا! لکپڙهہ ۾ اسان سان مشورو ڪندو رهہ. چاڪاڻ تہ اهو هوشياريءَ جو سرمايو آهي. مفاصلي جي دوريءَ سبب اسان جي آڏو پردو ٿو رهي. تون ڪوشش ڪر جيئن شهر جا چارئي اڳواڻ ماڻهو شوق سان فرمانبرداري ڪن، ۽ (سندن) دلجوئي ڪندو رهہ.

Gul Hayat Institute

## شهر جي اڳواڻن مان چئن ماڻهن کي ملڪ جي سڌاري لاءِ آزاد پروانو (عطاڪرڻ)

پوءِ شهر برهمڻ آباد، يعني ٻانيڙاهه(1) جي ڪاروبار واسطي وَداع بن حُميد البحري(2) کي سڏي، رئيس ۽ ڪامورا مقرر ڪيائين. مالي ڪاروبار شهر جي چئن واپارين جي حوالي ڪيائين، ۽ انهن کي کليو پروانو عطا ڪيائين ته: سڀ ڪلي ۽ جزي ڪم سندس حضور ۾ پيش ڪيا وڃن، ۽ ڪوبہ معاملو وغيره سندس صلاح کان سواءِ پورو نہ ڪيو وڃي. نوبةبن دارس کي راوڙ جي قلعي تي مقرر ڪيائين، جيئن انهيءَ جاءِ تي رهي ٻيڙيون تيار رکي. جيڪا بہ ٻيڙي مٿان يا هيٺان اچي، خواهہ وڃي، ۽ جيڪڏهن انهيءَ ۾ جنگي سامان هجي تہ جهلي [217] راوڙ جي قلعي ۾ ڪٽي وڃي. انهيءَ (راوڙ) کان مٿي وارن ٻيڙين جو حڪم ابن زياد العبدي(1) کي ڏنائين. ڪڇ واري طرف جو ڪيرج جي بادشاهہ دروهر جي هٿ ۾ هو، سو هُذَيل بن سليمان الآزِدي کي ڏنائين. حنظله بن اَخي نُباته(2) ڪِلابيءَ [يعني نباته ڪِلابيءَ جي ڀاءُ جي پٽ حنظله] کي دهليله جو حاڪم ڪيائين. پوءِ [سينيءَ کي]حڪم ڏنائين تہ هر مهيني جاچ جوچ، واقفيت ۽ آزمائش بعد ملڪ جي حالتن جي خبر ڏيندا رهن. انهن سينيءَ کي هڪبئي جي مدد ڪرڻ جي پارت ڪيائين تہ: جيڪڏهن مخالف جي لشڪر، يا رعيت جي مخالفت سبب ڪو فتنو پيدا ٿئي تہ انهيءَ [پارت] تي عمل ڪجو، ۽ فسادين جي ڪَن مهٽ ڪجو. ۽ قيس بن عبدالملڪ بن قيس الدمني،(3)خالد انصاري ۽ هزار پيادن کي سيوستان (سيوهڻ) ۾ رکيائين(4). مسعود تميمي، ابن شيبہَ جُدَيدِي[4] فراس عتِڪِي(1) صابر يشڪُرِي، عبدالملڪ بن عبدالله الخزَاعِي، مُهنيُ(2) بن عڪه، ۽ الوَقاءَ بن عبدالرحمان کي ديبل ۽ نيرون ڪوٽ جي عملداريءَ تي روانو ڪيائين، جيئن اهي حدون محفوظ رهن. ملِيح نالي، بڪر بن رائِل جي هڪ آزاد ڪيل غلام کي اشبهار(3) جو گورنر مقرر ڪيائين، ۽ [ابن] علوان بڪري(4) ۽ قيس بن ثعلبة ، ٽن هزارن غلامن سان اتي ئي رهجي پيا. ڪين زالون [هيون] ۽ اولاد ٿيو ۽ جتن جي ساري ملڪ کي قبضي ۾ ڪري رهندا آيا.

## محمد بن قاسم جي رواني ٿيڻ جي خبر

ساوَندي سمه جي والي، امير محمد، هن طرح بيان ڪيو آهي تہ: جڏهن محمد بن قاسم[218] برهمڻ آباد جي بندوبست، ۽ ايرندي، الهندي، ڳوٺن ۾ پسگردائيءَ جي معاملن

Gul Hayat Institute

مضبوط ڪرڻ کان فارغ ٿيو. تڏهن خميس جو ڏينهن، 3- محرم سنہ چورانوي هجري، منزل پٽي وجي، ساؤنديءَ جي پسگردائيءَ ۾ انهيءَ جاءِ تي لٿو، جنهن کي ”منهل“ (1) چون ٿا. (اتي) هڪ فرحت افزا ڍنڍ ۽ سرسبز چراگاهہ (هو). جنهن کي ڍنڍ وکر بهار(2) چوندا هئا. انهيءَ ڍنڍ جي ڪناري تي منزل ڪيائين. انهيءَ پاسي جا سڀ ماڻهو(3)، شمني ۽ ٻڌّ وارا(3)، واپاري هئا. [اهي] سڀ فرمانبرداريءَ سان پيش آيا. محمد بن قاسم حجاج جي فرمان موجب سڀني کي امانَ ڏيئي فرمايو تہ: ”پنهنجي وطن ۾ آرام سان آسودا رهو ۽ پنهنجي ڍل وقت تي خزاني ۾ پهچائيندا رهو.“ پوءِ مٿن ڍل مقرر ڪري انهن مان پڻ ماڻهن کي مٿن رئيس مقرر ڪيائين: هڪ ٻواد شمني(4)، ٻيو ٻڌيٽي پٽ پيمن ڍول(1). انهيءَ پاسي جا ٻهراڙي وارا جت هئا. جن سڀني فرمانبرداري قبول ڪئي. سڀنيءَ کي حجاج جي پرواني جي حڪم موجب، خوف کان امانَ ڏيئي، اها حقيقت [حجاج ڏانهن] لکي موڪليائين.

جڏهن اها سڄي حقيقت حجاج کي معلوم ٿي، تڏهن جواب ڏنائين تہ: ”حڪم ظاهر آهي تہ جيڪو بہ لڙائي ڪري تنهن کي قتل ڪريو. ٻيءَ صورت ۾ سندن پٽ ۽ ڌيئرون ضمانت طور قيد ڪري بند رک. جيڪي ماڻهو فرمانبرداري لائق آهن ۽ سندن دل صاف آهي، تن کي امان ڏيئي سندن ذمي مال مقرر ڪريو. ڪاريگرن ۽ واپارين تي تمام هلڪو بار رکجوّ. جنهن بابت معلوم ٿئي تہ آباديءَ ۽ کيتيءَ ۾ گهڻي ڪوشش ڪري ٿو، تنهن سان قانوني ڍل ۾ رعايت ۽ همدردي ڪئي وڃي. جيڪو اسلام جي عزت سان مشرف ٿئي، تنهن جي مال ۽ کيتيءَ مان عشره (ڏهون حصو) روتو وڃي. جيڪو پنهنجي ڌرم تي قائم رهي، تنهن جي[219] ڪارخاني ۽ کيتيءَ مان ملڪ جي قانون موجب ديواني ڍل جو حصو وصول ڪري ڪامورن جي حوالي ڪيو وڃي.“

پوءِ [محمد بن قاسم] اتان منزل پٽي وڃي ٻهراور(2) ۾ لٿو. اتي پڻ سليمان بن نبهان ۽[قبيلي] ڪِندَه جي آزاد ڪيل غلام اَبُوفضه القُشيري کي سڏي، خداءِ عزَّ وَ جلّ، ۽ وڏيڪ تاڪيد لاءِ ڪندَه جي اولاد جا قسم ڏيئي(1) کين جنيد بن عمرَو ۽ بني تميم منجهان جماعت سان محبت ڪرائي، گڏي، اهل ٻهراور جي [علائقي جي] دنگ ڏانهن موڪليائين.(1)جتي هو وڃي مقيم ٿيا. عمرَو بن مُختار الاڪبر الحنفي کي نائب مقرر ڪري، ناليرن مردن جي هڪ جماعت سندس فوج ۾ رکيائين.

## سمن جو استقبال تي اچڻ

Gul Hayat Institute

پوءِ سمن جي قبيلن ڏانهن رخ رکيائين. ويجهو پهچڻ تي هنن دهل ۽ شرنايون وڄائي، ناچ ڪندي، استقبال ڪيو. محمد بن قاسم پڇيو ته: ”هيءُ لڏ ڇا جو آهي؟“ ٻڌايائون ته: ”سندن رسم آهي ته جڏهن ڪو بادشاهه يا حاڪم نئون ٿيندو آهي، تڏهن خوشي ڪري راندين ۽ راڳن سان پيش ايندا آهن.“ پوءِ خُريم بن عمروَ، محمد بن قاسم وٽ آيو ۽ چيائين ته: ”خدا تعاليٰ جي تعريف ۽ تهلِيل(1) چوڻ اسان تي واجب آهي، جنهن هيءَ جماعت اسان جي تابعدار ۽ حڪم هيٺ ڪئي آهي، ۽ اسان جو حڪم هن ملڪ ۾ جاري ٿيو آهي.“ خريم هڪ [220] داناءُ ۽ هوشيار شخص هو، ۽ تنهن سان گڏ ديندار ۽ امانت وارو هو. محمد بن قاسم سندس بيان تي ڪلي چيو ته: ”انهن جي حڪومت توکي عطا ڪئي ويئي“. ۽ پوءِ[انهن سمن کي] سندس آڏو ناچ ۽ تماشي ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. (انهيءَ تي) خريم، مغربي سون جا ويهه دينار ڪين انعام ڏنا ۽ چيائين ته: ”هيءَ بادشاهي رسم آهي، جو جڏهن ڪنهن حاڪم جي اچڻ ڪري خوشي ڪن ٿا ۽ الاهي شڪر بجا آئين ٿا ته هيءَ نعمت انهن وٽ سدائين قائم رهندي.“

## محمد بن قاسم جي لوهاڻي مان سهته (علائقه) ڏانهن منزل ڪٽڻ(2)

(3) ڳالهين جي راوي، علي بن محمد کان [۽ ان] عبدالرحمان بن عبدربد السليطيءَ کان هن طرح روايت ڪئي آهي[2] ته: جڏهن محمد بن قاسم لوهاڻي [پرڳڻي] جي ڪم کان واندا ٿي، سهته [قوم جي پرڳڻي] جي منزل تي آيو، ته سندن رئيسن ۽ مکيه ماڻهن متا ۽ پير اگهاڙا ڪري سندس استقبال ڪيو ۽ امان گهري. انهن کي پڻ امانَ ڏيئي، (متن) ڍل مقرر ڪري ضامن ورتائين، ۽ رستي جون منزلون طئي ڪري اروڙ پهچڻ گهريائين. هنن جي سونهن کي اڳ ۾ ڪري اروڙ تائين آيا، جو شهر هند جو تختگاهه ۽ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي، ۽ اتي جا رهاڪو اڪثر ڪري واپاري، هنرمند ۽ هاري آهن. راجا ڏاهر جو پٽ گوپي(3) انهيءَ قلعي تي قبضو ڪيو ويٺو هو، ۽ ڪوبه ماڻهو راجا ڏاهر جي ڪسي وڃڻ جي خبر سندس اڳيان بيان ڪري نٿي سگهيو. هو چوندو ٿي رهيو ته: ”راجا ڏاهر اجان جيئرو آهي، ۽ هند جي لشڪر وٺي اچڻ لاءِ ويل آهي، جيئن انهن جي قوت ۽ مدد سان عرب جي لشڪر جي سامهون ٿئي.“ [محمد بن قاسم] هڪ مهينو انهيءَ قلعي جي سامهون هڪ ميل پنڌ تي ڇانوڻي هڻي ويٺو. (اتي) هڪ مسجد جو بنياد رکيائين، ۽ جمعي جي ڏينهن اتي خطبو پڙهيائين.

## اروڙ وارن سان جنگ ڪرڻ

پوءِ اروڙ وارن سان جنگ ڪيائون. انهن (اروڙ وارن) کي اميد هئي ته ڏاهر ڪا مدد[221] آڻيندو. سو قلعي جي مٿان نعرا ٿي هنيائون ته: ”توهان کي جان ۽ مال جي معافي ڪانه ملندي، جو ڏاهر مدد ونيو ٿو اچي. هاٿين، سوارن ۽ پيادن جو بي انداز زبردست لشڪر توهان جي پويان ايندو ۽ اسين قلعي کان ٻاهر نڪري توهان جي لشڪر کي شڪست ڏينداسون. هينئر توهان پنهنجو مال ۽ اسباب [خوامخواه] برباد ٿا ڪريو. پنهنجي جان تي رحم ڪري پڇي وڃو. متان برباد ٿيو. [هيءُ] نصيحت ڪن ڪريو.“

## ڏاهر جي زال لاڏيءَ جو اروڙ جي قلعي وارن سان ڳالهائڻ لاءِ وڃڻ

محمد بن قاسم جڏهن لڙائيءَ ۾ سندن جانفشاني ڏٺي، ۽ سندن مقابلو نظر مان ڪڍيائين ته هو [ڪنهن به طرح] ڏاهر جو ڪسي وڃڻ قبول نٿا ڪن. تڏهن ڏاهر جي زال لاڏيءَ کي، جا غنيمت جي مال مان خريد ڪري، پنهنجي نڪاح هيٺ آندي هئائين. انهيءَ ڪاري اُٺ تي، جنهن تي ڏاهر جي زال [گرفتار ٿيڻ وقت] سوار هئي، سوار ڪري پنهنجن اعتماد جو ڳن ماڻهن سان قلعي جي اڳيان موڪليائين. تان جو ان [ويجهو وڃي] بلند آواز سان چيو ته: ”اي قلعي وارؤ! توهان کي چڱائي چوڻي اٿم. سامهون اچي ٻيهو ته چوان.“ [هيءُ ٻڌي] مکيه ماڻهن جو هڪ ٽولو قلعي جي مٿان چڙهيو. پوءِ لاڏي منهن کولي چيو: ”مان آهيان ڏاهر جي زال لاڏي. اسان جو راجا ڪسي ويو ۽ سندس سِر جهنڊن سان گڏ عراق ڏانهن ۽ چٽ دارالخلافت ڏانهن موڪليائون. توهان پاڻ کي بربادي‌ءَ ۾ نه اڇلايو“. (قوله تعاليٰ) وَلاَ تلقوا بِاَيدِ يکم اِلٰي التهلڪةِ (1) (پاڻ کي بربادي ۾ نه اڇلايو). پوءِ دانهن ڪري زار زار روئڻ ۽ پار ڪڍڻ لڳي. هو قلعي مٿان چئي رهيا هئا ته: ”ڪوڙ ٿي ڳالهائين. تون پڻ هنن چنڊالن ۽ ڊگهي ڪائيندڙن سان ملي هڪ ٿي ويئي آهين. اسان جو راجا اڃا جيئرو آهي. وڏو لشڪر، زبردست ڪٽڪ ۽ مست هاٿي ساڻ ڪري دشمنن کي دفع ڪرڻ ايندو. تو پاڻ کي عربن سان خراب [222] ۽ ڪنو ڪيو آهي، ۽ سندن حڪومت کي اسان جي ملڪ تي ترجيح ٿي ڏين.“ [اهڙيءَ طرح] هو گاريون ڏيندا ٿي رهيا. هيءَ خبر وڃي محمد بن قاسم کي پهتي، جنهن ڪري لاڏيءَ کي واپس گهرائي، محمد بن قاسم چيو ته: ”سيلاٺج جي گهراڻي کان بخت بيزار ٿي چڪو آهي.“

## هڪ جادوگرياڻي جو ڏاهر جي موت بابت جاچ ڪرڻ

هن ڳالهه جي سنواريندڙن هن طرح بيان ڪيو آهي ته: اروڙ جي قلعي ۾ هڪ جادوگرڻ رهندي هئي(2) جنهن کي هنديءَ ۾ ”جوڳڻي“ چوندا آهن[2]. گوپي [پٽ] ڏاهر(3) ۽ شهر جي مکيه ماڻهن

انهيءَ وٽ وڃي عرض ڪيو تہ: تنهنجي علم مان اميد آهي تہ اسان کي راجا ڏاهر جي خبر ملندي تہ ڪٿي آهي؟“ جادوگرياڻيءَ چيو تہ: ”مون کي اچوڪو ڏينهن مهلت ڏيو تہ مان جاچ جوچ ڪري پوري خبر وٺي توهان کي واقف ڪريان.“ پوءِ گهر ويئي ۽ ٽن پهرن کان پوءِ سرانديپ جي ٻيٽ مان مرچن ۽ جافر جي وڻ جي تازي ۽ سائي شاخ مکڙين، گلن، ۽ ڦر سميت هٿ ۾ کڻي موٽي آئي ۽ چيائين: قاف کان قاف تائين ساري دنيا جو سير ڪيم، پر سنڌ ۽ هند ۾ ڪنهن بہ جاءِ تي سندس نشان بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيم، ۽ نہ ڪا سندس خبر ٻڌم. وڃي پنهنجي ڪا تدبير ڪريو. جيڪڏهن جيئرو هجي ها تہ مون کان ڳجهو پاسيرو نہ رهي ها. هن خبر جي تصديق لاءِ سرانديپ مان سايون تاريون توهان وٽ کڻي آئي آهيان، جيئن توهان کي مون ۾ بدگماني نہ ٿئي. مون کي پڪ ٿي ويئي آهي تہ توهان جو راجا روءِ زمين تي جيئرو ڪونہ آهي.

---

(1) فارسي ڇاپي جي متن ۾: ”جوڻي جلواني“. ڪيل ترميم ۽ ترجمي لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص [201] ن-ب)

(2)-(2) اصل الفاظ ”اين خدمت تحرير افتاد“.

(1) اصل فارسي عبارت بالڪل ناقص آهي، جنهن جي بين عربي تاريخن جي مدد سان تصحيح ڪئي وئي آهي. تفصيل لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [217]. (ن-ب)

(2) ر، م، ن، ب، ڪ، ح، س انهن سيني نسخن جي پڙهڻي ”القريشي“ (صحيح: القرشي) آهي، پ جي پڙهڻي ”الراشي“ پڻ القرشي“ جي تصحيف آهي. مطلب سيني نسخن جي متفقہ پڙهڻي مطابق هيءَ نسبت ”القريشي“ ٿيندي، لهذا اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي. مگر قتيبہ بن مسلم عام طرح ”الباهلي“ جي نسبت سان مشهور آهي ۽ انهيءَ ڪري فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڊيٽر، ”الباهلي“ جي نسبت کي صحيح سمجهي متن ۾ رکيو آهي. مگر ”القرشي“ نسبت بالڪل صحيح ۽ هن جاءِ تي وڌيڪ موزون آهي. وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص[217]. (ن-ب)

(3) اصل فارسي عبارت بالڪل ناقص آهي، جنهن جي بين عربي تاريخن جي مدد سان تصحيح ڪئي وئي آهي. تفصيل لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [217]. (ن-ب)

(1) فارسي ڇاپي جي پڙهڻي ”بابن واه“ آهي جا غالباً پ مطابق آهي، ر: پاين وام م: پرين واه ن ب: باٻراه س: ابو بن واهِ اسان ن. ب جي پڙهڻي ”باٻراه“ کي ترجيح ڏني آهي ۽ غالباً پ ر م جي قرائتن ۾ تصحيف آهي، ۽ اهي پڙهڻيون بہ اصل ۾ غالباً ”بانب راه“ جي بگڙيل صورتخطي آهن. ”باٻراه“ يا ”بانب راه“، برهمڻاباد جي مقامي سنڌي نالي ”ٻانبڙاه“ (يا ٻانيڙاه) جي فارسي صورتخطي معلوم ٿين ٿيون. تنهن ڪري اسان هن لفظ کي، انهيءَ مقامي نالي مطابق لکيو آهي. پڻ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [217]. (ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ هيءَ نسبت هن صفحي تي توڙي مٿي [109] ۽ [124] صفحن تي ”النجدي“ لکيل آهي، ۽ هن صفحي توڙي مٿي ص [124] تي حاشيي ۾ مختلف نسخن جون پڙهڻيون ڏنل ڪين آهن، جنهن جي معنيٰ تہ انهن ٻنهي صفحن تي جملي نسخن جي متفقہ پڙهڻي ”النجدي“ آهي. ن ۽ ر جي انهن ٻنهي صفحن تي اها ساڳي پڙهڻي

آهي. البتہ ص[109] تي فارسي ڇاپي جي حاشيہ ۾ فقط ٻن نسخن جون مختلف پڙهڻيون هن طرح ڏنل آهن- ب: التحدي، س: اينحدي. ”النجدي“ حقيقت ۾ ”البحري“ جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ صحيح نسبہ ”البحري“ آهي ۽ نہ ”النجدي“- جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [217]. (ن-ب)

(1) يعني محمد بن زياد العبدي. (ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ ”بنانه“، جو صحيح نہ آهي.

(3) فارسي ڇاپي ۾ ”الدمني“ آهي مگر هي نسبت نهايت مشڪوڪ آهي (ڏسو متي حاشيہ (1) ص (151)، اسان هت، نسخن جي مختلف قرئتن مطابق هن لفظ جي عاري صورت ڏني آهي. (ن-ب)

(4) - (4) اصل عبارت: ”مسعود تميمي بن شيبة جديدي“، مگر صحيح عبارت غالباً ”مسعود تميمي و ابن شيبة جديدي“ ٺيڪ گهرجي، (ڇاڪاڻ) تہ تميمي“ ”جديدي“ بالڪل ٻہ الڳ نسبتون آهن. جن جو هڪٻئي سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. ”تميمي“ جي نسبت بنو تميم ڏانهن آهي جي عدنائي عرب آهن، ۽ ”جديدي“ جي نسبت بنو جديد ڏانهن آهي جو قبيلو ’بنو جديد من بني اسد بن شريڪ بن مالڪ بن عمرو بن مالڪ بن فهم (اشتقاق ابن دريد) ص (294) بن غنم بن دوس بن عدثان بن عبدالله بن زهران بن ڪعب بن الحارث بن ڪعب بن عبدالله بن مالڪ بن نصر بن الازد(جمهرِہ ابن حزم، ص 58-356] الازد مان آهي يعني قحطائي عرب آهي. ان ڪان سواءِ تميم ۽ ازد پاڻ ۾ ڄڻ چانديا مگسي هئا. (ن-ب)

(1) اصل ۾: فراستي عنڪي. ”عتڪي“ جي نسبت بنوالعتيڪ قبيلي ڏانهن آهي جو ”ازد“ مان آهي (ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص (187]. ”فراستي“ نالو عربن ۾ ڪٿي بہ نظر نٿو اچي ۽ غالباً اهو”فراس“ جي تصحيف آهي. (ن-ب)

(2) اصل متن ۾ ”مهني“، ڏنل تلفظ ڪي اسان خود صحت جي لحاظ ڪان سموهيو آهي. (ن-ب)

(3) هت فارسي ڇاپي خواہ ر ن ۾ ”اجتهاد“ آهي جو غالباً ”اشبهار“ جي تصحيف آهي. متي ص [132] تي اشبهار جي قلعي ۽ پسگردائي جي جتن جو ذڪر ڪيل آهي. هت بہ هيٺ جتن جي ملڪ جو ذڪر آهي، جنهن مان پائنجي ٿو تہ صحيح نالو اشبهار هئڻ گهرجي. والله اعلم بالصواب. (ن-ب)

(4) اصل متن ۾ ”علوان بحري“، مگر محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ علوان نہ. پر سندس پٽ ذڪوان شامل هو. ڏسو متي ص [107، 155، 171، 172، 174، 187، ۽ 192]. (ن-ب)

(1) پ، م، ر مطابق، ن، ب، ح: مسهل، س، ڪ: مستهل.

(2) فارسي ڇاپي جي پڙهڻي ”دنده و ڪربها“ آهي جا غالباً م، ب مطابق آهي، پ: ديده دڪربهاٍ، ر: دنده و ڪربهار، ن: دنده وڪريّهاٍ، ح: وڪربها. اسان ر جي پڙهڻي ”دنده و ڪربهار“ ( ڏنڊ وڪربهار) اختيار ڪئي آهي، ڇاڪاڻ تہ هن حصي جي شمنين ۽ ٻڌ وارن رهاڪن مان گمان نڪري ٿو تہ ”وڪربهار“ ڪو هن ايراضي جو ٻڌ جو مندر هو جنهن جي پويان ڏنڊ تي بہ نالو پئجي ويو. ٻڌ جي مندرن جي نالن جون پڇاڙيون عموماً ”بهار“ هونديون آهن. (ن-ب)

(3) -(3) فارسي ايڊيشن ۾ اصل الفاظ: ”سمنيان ويدگان“. پ، ن، ب، ح، ڪ ۾ ”بدگان“ جي بدلي ”بهزمان“ آهي، س: بهزنان، ر: ارڪان، م: لدڪان.

(4) اصل متن مطابق ”سمني بوادٌ“، ر ن ۾ پڻ ”بواد“ پڙهڻي آهي، پ: بران، ڪ: بوار (ن-ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ هن نالي جي پڙهڻي "بديهي بمن دهول". ڏنل آهي جا م. ن. ب. مطابق آهي. ر: "بديهني بمن دهول". پ: مائي زن داهر. ڪ: بدهي. اسان ر جي پڙهڻي جي مناسبت سان. سنڌي نالي ۽ اُچار مطابق "ٻڌيٽي [پٽ] ٻمن ڍول" ڪري لکيو آهي. [ن-ب]

(2) فارسي ڇاپي جي عبارت: "وبه هراور نزول کرد". ۽ ان لحاظ سان هي نالو "هرور" تي سگهي ٿو. ر. ن جي عبارت: "و بهراور نزول کرد" يعني "بهراور" هڪ گڏيل لفظ آهي ۽ اسان جي خيال ۾ اهو مفرد نالو آهي ۽ نہ "به+ هراور" جو مرڪب. ممڪن آهي تہ اصل نسخي جي عبارت "وبه بهراور نزول کرد" هجي ۽ ڪاتبن پهرئين "بہ" کي زائد سمجهي نہ لکيو هجي. اسان جي هن گمان جو پهريون سبب هن نالي جي پ ۾ ڏنل پڙهڻي ("تهراو") آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن نالي جي اصل عاري صورت "تهراو" يا "تهراور" آهي. يعني تہ هن نالي جي شروع ۾ "هہ" ڪان اڳ هڪ گهر يا ڏندان آهي. ٻيو سبب هيٺ ڏنل. غالباً ساڳئي نالي "بهراور" جي. جملي قلمي نسخن ۾ "بهرج" پڙهڻي آهي. جنهن جي شروع وارو اڌ حصو "بهر" آهي. (ن-ب)

(1) -(1) فارسي ڇاپي جي عبارت هن طرح آهي: "وايشانرا و اَنجماعة رابه جنيد بن عمرو و بني تميم داد وبحد اهل بهرج فرستاد" مگر هڪ نہ. سيني نسخن ۾ پهرين "به" جي بدران "از" آهي ۽ ٻيو تہ سيني نسخن ۾ "بني تميم" بعد هيٺيان ٻہ-ٽي الفاظ آهن. جي ايڊيٽر مبهم سمجهي ڇڏي ڏنا آهن. پ: محبت. ن. ب. ح: منجست سبه. س: محبت بسته. ڪ: سنجت سبه. غالباً "محبت بسته" يعني "محبت ڪرائي" صحيح آهي (ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [220]). ۽ انهيءَ لحاظ سان هيءَ فارسي عبارت هن طرح بيهندي: "وايشانرا و ان جماعت را از جنيد بن عمرو وبني تميم محبت بسته. داد و بحد اهل بهرج فرستاد". ترجمو بہ انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. مگر "بهرج" غالباً "بهراور" جي تصحيف آهي. ڇاڪاڻ تہ بهرج جو شهر. جنهن جو ذڪر مٿي [76] ۽ [82] صفحن تي اچي چڪو آهي. ان وقت جي سنڌ جي حدن کان ٻاهر ۽ مڪران کان بہ الهندي غالباً سيستان جي حدن ۾ هو ۽ هت انهيءَ جو ذڪر بي موقعي آهي. محمد بن قاسم "بهراور" ۾ اچي لٿو ۽ انهيءَ بهراور علائقي جو انتظام ٿي سندس پيش نظر هو. (ن-ب)

(1) يعني ذڪر لا اِله اِلا الله چوڻ. (مترجم)

(2) اصل عنوان "منزل کردن محمد بن قاسم بطرف لوهانه وسهته" يعني محمد بن قاسم جو لوهاڻو ۽ سهتهعلائقن طرف منزل ڪرڻ. مگر هيٺ ڏنل بيان مان واضح آهي تہ محمد بن قاسم. لوهاڻه جي علائقي جو انتظام مڪمل ڪري چڪو هو ۽ هاڻي سهته يا سهتن جي علائقي واري ايراضي ڏانهن منزل ڪيائين. (ن-ب)

(3) - (2) اصل عبارت: راوي احاديث از علي بن محمد بن عبدالرحمان بن عبدالله السليطي چنان روايت کرد". حقيقت ۾ علي بن محمد (المدائني) ۽ عبدالرحمان بہ جدا نالا آهن. محمد ۽ عبدالرحمان جي وچ ۾ "بن" غلط آهي ۽ غالبا= "عن" (يعني کان) جي بگڙيل صورتخطي آهي. عبدالرحمان بن عبدالله بہ غلط آهي. صحيح نالو عبدالرحمان بن عبد ربہ السليطي آهي جنهن جو ذڪر مٿي 81، 93، ۽ 99 صفحن تي اچي چڪو آهي. (ن-ب)

(3) اصل صورتخطي: "قوني" ڪيل ترميم لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ-1 ص 175. (ن-ب)

(1) سوره البقرہ: رڪوع 24 (ن-ب)

(2) -(2) اصل عبارت: که به هندوي جوگني گويند

(3) اصل ۾. قوفي داهر.

Gul Hayat Institute

# پڪو انجام وٺي، اروڙ جو قلعو حوالي ڪرڻ

هن خبر معلوم ٿيڻ تي شهر جي عام خاص ماڻهن چيو ته: ”اسان محمد بن قاسم جي دينداري ۽ پرهيزگاري، انصاف ڏيڻ ۽ انصاف وٺڻ، عدل ۽ فضل، انجام جي پورائي، ۽ قول جي سچائي [223] ٻڌي چڪا آهيون، ۽ هاڻي [خود اکين سان] ڏٺوسون. اسان کي گهرجي ته ڪنهن اعتماد جوڳي ماڻهوءَ جي معرفت پيغام موڪلي، امانُ گهري، قلعو سندس حوالي ڪريون.“

(هوڏانهن) گوپيءَ(1) کي جڏهن ڏاهر جي ڪسڻ ۽ رعيت جي پريشان ٿيڻ جي خبر پيئي، تڏهن جيئن ستارن جو بادشاه (سج) ڪاريءَ رات جي پردي ۾ گهڙي ويو(1) ته پنهنجو ڪٽنب ۽ پوئلڳ وٺي، قلعي کان نڪري چترور(2) هليو ويو. سندس ڀائر(3) جيسِينه ۽ وڪيو(3) ڏاهر جا پٽ، [پڻ] اتي هئا، جي نزوالہ صندل(4) نالي هڪ جڳهه تي رهيل هئا. پوءِ علاقين مان هڪ ماڻهو جو گوپيءَ(5) جي موافقت ۾ اروڙ ۾ رهيل هو، تنهن گوپيءَ(5) جي ڀڄڻ ۽ لڪي وڃڻ جي خبر لکي تير سان ٻڌي اڇلائي ته: گوپي [ پٽ] ڏاهر اروڙ جي حڪومت ڇڏي ڪنهن پاسي لڪي ويو.

(روايت): محمد بن قاسم لشڪر کي جنگ تي موڪليو: جنگي جوڌا ۽ دلير بهادر قلعي جي پٽ تي چڙهي ويا ۽ وڃي جنگ جوٽيائون.

# رعيت ۽ ڪاسبين جي امانُ گهرڻ

پوءِ واپارين، ڪاريگرن، ۽ ڪاسبين ماڻهن پيغام موڪليو ته: ”(اسان) برهمڻن جي بيعت کان باز آياسون. جو راجا ڏاهر اسان کان ويو ۽ سندس پٽ (گوپي) به منهن موڙيو. اسان ته هيءُ ڏينهن نٿي گهريو، پر جڏهن هن سڄي ڳالهه لاءِ حڪم الاهي ٿي چڪو آهي، تڏهن ڪنهن مخلوق کي انهيءَ تقدير سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت نه آهي، ۽ (اها) جنگ يا حيلي سان ٽري ڪين سگهندي. دنيا جون بادشاهيون ڪنهن ماڻهوءَ جي ملڪيت نه آهن. جيئن ته قضا جي لشڪر غيب جي پردي مان حملو ڪري، ڪن راجائن کان ڪنهن بهاني [224] سان تخت ۽ تاج ڪسيو، ۽ ڪن کي زماني جي گذرڻ، حادثن ۽ مصيبتن سان شڪست خورده ۽ زير بار ڪيو، تنهن ڪري نه قديم بادشاهيءَ تي ڀروسو رهيو، نه نئينءَ حڪومت تي. [بلڪ حڪومت] جنهن جي هٿ ۾ اچي انهيءَ جي ئي قبضي ۾ رهڻ گهرجي، تنهن ڪري اسان تنهنجي خدمت ڏانهن رخ ڪريون ٿا ۽ تنهنجي عدل ۽ انصاف جي وسيلي تنهنجي تابعداريءَ جو هار پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندي، قلعو امير عادل جي امينن جي حوالي ڪريون ٿا. اسان کي امان ڏيئي لشڪر جي خوف کان بيخوف فرماءِ. هيءَ قديم بادشاهت ۽ وڏي امانت راجا ڏاهر اسان جي حوالي ڪئي هئي، جيستائين حيات هو،

Gul Hayat Institute

تيستائين سندس نمڪ جو حق بجا آڻيندا رهياسون. پر جڏهن ڏاهر ڪسي ويو، ۽ سندس پٽ گوپي پڻ هليو ويو، تڏهن تنهنجي خدمت ڪرڻ اسان لاءِ وڌيڪ مناسب آهي.“
(جواب): محمد بن قاسم جواب ڏنو ته: ”مون اوهان ڏانهن پيغام ڪونه موڪليو هو، ۽ نه ڪو قاصد روانو ڪيو هو. توهان پاڻ ۾ اتفاق ڪري امانَ گهرو ٿا ۽ پڪو انجام ڪريو ٿا. جيڪڏهن توهان جو اسان جي خدمت ڏانهن لاڙو ۽ رضامندو سچو آهي، ته جنگ کان هٿ جهليو ۽ پڪي انجام ۽ پوري اعتماد سان لهي اچو. جيڪڏهن نه، ته پوءِ توهان ۽ اسان جي وچ ۾ دشمني آهي. هن کان پوءِ توهان جو ڪوبه عذر نه ٻڌنداسون، ۽ نڪي قبول ڪنداسون، نڪي معاف ڪنداسون. توهان کي اسان جي لشڪر جي خوف کان بيخوف نه رهڻ گهرجي.“

## قلعي وارن جو انجام

[انهيءَ تي قلعي وارا] پتين تان لهي آيا ۽ هڪٻئي سان عهد اقرار ڪري چيائون ته: ”هن قول تي در ڪولي تيستائين بيهون ٿا، جيستائين محمد بن قاسم اچي، [پوءِ] جيڪڏهن پنهنجي انجام تي هليو ته فرمانبرداري ڪنداسون ۽ خدمت جي طريقي تي هلنداسون. جيئن مهرباني ڪري [225] اسان کي قبول ڪري ۽ امانَ ڏئي. ٻيءَ صورت ۾ تڳيءَ جو خيال ڪجو.“ پوءِ قلعي جون ڪنجيون هٿن ۾ کڻي دروازي وٽ آيا. حجاج جا جيڪي امين وچ ۾ هئا، سي ذريعو بنيا، ۽ قلعي وارا در ڪولي سنڀري بيٺا.

## محمد بن قاسم جو قلعي ۾ اچڻ

پوءِ محمد بن قاسم دروازي کان اندر آيو. [سندس اچڻ جو ٻڌي] سڀ شهري نوبهار بتخاني وٽ گڏ ٿي، بت کي سجدو ڪرڻ ۽ پوڄڻ لڳا.
(روايت): محمد بن قاسم پڇيو ته: ”هيءُ ڪنهن جو گهر آهي، جو سڀ ننڍا وڏا ماڻهو گوڏا کوڙي خدمت ۾ حاضر ٿي سجدو ڪري رهيا آهن؟“ چيائون ته: ”بتخانو آهي جنهن کي نوبهار چوندا آهن.“ محمد بن قاسم جي چوڻ تي بتخانو کوليائون ۽ هو پنهنجي امينن سان گڏ اندر ويو. هڪ سنگمرمر جي ٺهيل مورتي گهوڙي تي چڙهيل ڏٺائين، جنهن جي ٻانهن ۾ جواهرن ۽ ياقوتن جي جڙاءُ سان سونا ڪنگڻ پيل هئا. محمد بن قاسم هٿ ڊگهو ڪري، بت جي هٿ مان ڪنگڻ لاهي ورتو. پوءِ نوبهار بت جي مجاور کي سڏي چيائين ته: ”توهان جو بت هيءُ آهي؟“ چيائين: ”هائو! پر ڪيس ٻه ڪنگڻ هئا جن مان هڪ نٿو ڏيکارجي.“ محمد بن قاسم چيو ته: آخر توهان جي

معبود کي ايتري خبر بہ نٿي پوي تہ سندس ڪنگڻ ڪنهن وٽ آهي؟" مجاور ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. محمد بن قاسم مرڪي ڪنگڻ ڪيس واپس ڏنو، جو وري بت جي ٻانهن ۾ وڌائون.

## محمد بن قاسم جو لڙائي ڪندڙن کي قتل ڪرڻ

پوءِ محمد بن قاسم حڪم ڪيو تہ: لڙائي ڪندڙ ماڻهو جيتوڻيڪ فرمانبرداري لاءِ ڪنڌ جهڪائين تہ بہ ڪين نہ ڇڏيو وڃي." جنهن تي لاڏيءَ چيو تہ: "هن ملڪ جا ماڻهو رازا آهن، ۽ ڪي واپاري آهن. هيءُ شهر انهن جي ڪري ئي آباد ۽ سرسبز آهي. سندن ئي ڪمائي ۽ ڪيتيءَ [226] ڪري خزاني ۾ مال موجود ٿو رهي. جيڪڏهن (انهن کي) قتل ڪندين تہ تنهنجو مال هليو ويندو." محمد بن قاسم چيو: "راڻي لاڏيءَ هيءُ فيصلو ڪيو، تہ انهن سڀني کي (ڇڻ) امانَ ڏنائين."

## هڪ شخص جو ٻاهر نڪري امانَ گهرڻ

هن ڳالهہ جا راوي ۽ هن تاريخ جا بيان ڪندڙ هن طرح ٻڌائين ٿا تہ: جيڪي ماڻهو قتل لاءِ جلادن جي حوالي ڪيا ويا هئا، تن مان هڪ شخص ٻاهر نڪري چيو تہ: "مون وٽ هڪ عجيب (شرڪت)(1) آهي." جلاد چيو تہ"مون کي ڏيکار." هن چيو تہ: "امير کان سواءِ توکي نہ ڏيکاريندس." پوءِ محمد بن قاسم کي خبر ٻڌايائون، جنهن چيو تہ: "هن کي وٺي اچو." اچڻ تي چيائينس تہ: "تو وٽ ڪهڙي عجيب شرڪت آهي؟" هن چيو تہ: "اهڙي شيءِ جا ڪنهن بہ نہ ڏٺي آهي." محمد بن قاسم چيو تہ: "ڏيکار." برهمڻ چيو تہ: "انهيءَ شرط سان، تہ مون کي منهنجن تابعدارن، عيال ۽ ٻارن، سڀنيءَ کي امانَ ڏيندين؟" محمد بن قاسم چيو تہ: "امانَ ڏنم." (برهمڻ) چيو تہ: "پنهنجي نشان مبارڪ سان صحي ٿيل پروانو عطا ڪر. محمد بن قاسم سمجهيو تہ شايد قيمتي جواهر يا قيمتي زيور وٽس آهن. سي پيش ڪندو[۽ انهيءَ ڪري پڪو پروانو صحي ڪيائين]. جڏهن پڪو انجام تي چڪو ۽ دستاويز لکيو، تڏهن ڏاڙهيءَ جون ڳنڍيون کولي ڪنديريائين، ۽ سندس (ڏاڙهي جي) چوٽي پير جي آڱوٺي سان وڃي اٽي بيهي نچڻ لڳو. ۽ هن طرح چوڻ لڳو:

کس نديدست اين عجب کہ مــراست
موئي ريشــم همي کشان تا پاست
[هي عجب منهنجي جهڙو ڪنهن نہ ڏٺو
ڏاڙهـي منهـنجي رسي ٿـي پيرن تي]

محمد بن قاسم کي تعجب ٿيو. جيڪي ماڻهو حاضر هئا تن چيو ته: ”هيءُ ڪهڙو عجائب آهي، جنهن جي وسيلي امانَ گهري اٿس؟ هن اسان کي ٺڳيو آهي.“ [پر] محمد بن قاسم[227] چيو ته: ”قول، قول آهي ۽ انجام، انجام. پنهنجي انجام کان ڦرڻ بزرگن جو ڪم نه آهي“.

منگر تو بدان ڪه ذوفنون آيد مــرد
در عهد وفا نگر، ڪه چون آيد مـرد
در عهدهٔ عهد اگر برون آيد مـــرد
از هرچه گمان بري، فزون آيد مـرد.
[هر گز نه ڏسج ته با ڪمال آهي مرد
پر ڏس ته وفا سان با جمال آهي مرد
انجــام جو اڳپابنـد هــو تو رهي
وڌوهم و گمان کان خوش خصال آهي مرد]

[آخر] امير محمد بن قاسم چيو ته: ”هن کي قتل نٿو ڪريان پر قيد ۾ ٿو رکان. ۽ هيءَ حقيقت حجاج بن يوسف جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪريان ته ڇاٽو فرمائي.“ پوءِ ڪيس سندس ٻه سؤ قريبن ۽ لاڳاپيدارن ماڻهن سميت بند ڪري، سندس ذڪر حجاج ڏانهن خط ۾ لکيائين. حجاج هيءُ معاملو بصري ۽ ڪوفي جي عالمن کان پڇيو ۽ وقت جي خليفي وليد بن عبدالملڪ کي (پڻ) خبر ڏني. خليفي ۽ علمائن جو جواب پهتو ته: (هن کان اڳ) رسول ڪريم عليه الصلواة والسلام جي اصحابن جي درميان پڻ اهڙيون دعوائون (فيصل) ٿي چڪيون آهن. (ڏسو) الله جو قول (1) رَجال صدَقـُوا ماعاهَدَ وا الما عليـِ (اهي مرد، جن اهو واعدو سچو ڪيو جو الله سان ڪيو هئائون).

اهو جواب جڏهن حجاج جي خط ۾ پهتو، تڏهن انهيءَ کي سينيءَ تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن سميت آزاد ڪيائين.

## جيسـِينـهَ جو ڪيرج ڏانهن وڃڻ

وڏن ۽ مکيه ماڻهن کان (ٻڌل) ڳالهيون ڪن ٿا ته: جيسـِينـهَ ست سؤ پيادا ۽ سوار ساڻ ڪري ڪيرج جي قلعي ۾ پهتو، تڏهن ڪيرج جي راجا (سندس) استقبال ڪيو ۽ ڏاڍي مهرباني ڪري، خوب واعدن سان دلداري ڏيئي چيائين ته: ”توکي اسلامي لشڪر جي (خلاف) جنگ ۾ مدد ڪندس.“ دروهر راءَ [228] جي رسم هئي ته: سيڪنهن ڇهين مهيني هڪ ڏينهن واندو ٿي، زالن

سان شراب پيئندو ۽ راڳ ناچ ڪندو هو، ۽ ڪنهن بہ اجنبيءَ کي سندس خلوت واريءَ مجلس ۾ اندر وڃڻ جي اجازت نہ ڏيندا هئا. قضا الاهي جو، جڏهن جيسِينہ [بن] ڏاهر اتي پهتو، تڏهن راجا دروهرا راءَ جي جشن جو ڏينهن هو. جيسِينہ ڏانهن ماڻهو موڪلي چيائين تہ: ”اڄ اسان جي خلوت آهي، ۽ جيتوڻيڪ ڪوبہ نامحرم اسان جي خلوتسراءِ ۾ اچي نٿو سگهي، پر تون اسان جو پيارو مهمان ۽ فرزند جي بجاءِ آهين، تنهن ڪري قدم رنج ڪري هليو اچ.“ [انهيءَ اَچ تي] جيسِينہ اچي راجا جي زالن جي وچ ۾ مجلس ۾ ويٺو. جيسِينہ ڪنڌ هيٺ ڪري زمين تي ليڪا پئي ڪڍيا، ۽ انهن زالن ڏانهن نٿي نهاريائين. اتي دروهر چيو تہ: ”هيءُ ٽولو تنهنجون مائرون ڀينرون آهن، بيشڪ ڪنڌ مٿي ڪٽي نظارو ڏس.“

(جيسِينہ جو انڪار ڪرڻ): جيسِينہ چيو تہ: ”اسان بنيادي راهب آهيون، تنهن ڪري نا محرم عورتن ڏانهن نہ ڏسندا آهيون.“ پوءِ راجا دورهر هن کي (زالن ڏانهن) ڏسڻ کان معافي ڏيئي، سندس پرهيزگاري ۽ حياءُ جي تعريف ڪئي.

ڳالهہ ٽا ڪن تہ: جڏهن زالون اچي گڏ ٿيون تہ (انهن ۾) دُروهر جي ڀيڻ، چڱي، يعني حسين ۽ جميله، (پڻ) هئي. جيسِينہ پڻ بادشاهاڻو ٻار هو، جنهن جو حسن ڪامل هو: قد صنوبر جهڙو، صورت نازڪ، سيرت سهڻي، سندس لفظ موتين جهڙا، آواز مٺو، اکيون نظاريدار، ۽ ڳل لعلن ۽ موتين جي مٺ هئا. دروهر جي ڀيڻ هن کي ڏٺو، ۽ (ڏسڻ سان) جيسِينہ جي محبت سندس دل ۾ گهر ڪري ويئي. [229] هر گهڙي [کيس] ڏسندي ۽ ناز و ادا سان چاپلوسي ڪندي رهي.

جيسِينہ جڏهن اوطاق ۾ موٽي آيو، تڏهن دروهر جي ڀيڻ اٿي پنهنجي گهر ويئي، ۽ [وڃڻ سان]هڪ مُحفو (مافو) تيار ڪرائي انهيءَ ۾ ٿي ويٺي، جو ٻانِهينُ کان کڻائي، جيسِينہ جي رهڻ واري جاءِ تي آئي. پوءِ محفي مان لهي اندر ويئي. جيسِينہ کي ننڊ اچي ويئي هئي، چڱيءَ مان شراب جي بوءِ سندس دماغ ۾ پهتي تہ سجاڳ ٿيو، ۽ چڱيءَ کي پنهنجي پاسي ۾ ويٺل ڏسي ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ چيائين: ”شهزاديءَ جو ڪهڙي ڪم سان اچڻ ٿيو آهي؟ هن طرح ڪيئن آيا آهيو؟“ عورت چيو تہ: ”اي بيوقوف! هن حقيقت پڇڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. هڪ سهڻي ۽ جوان عورت عين انڌيري رات ۾ تو جهڙي شهزادي جي ديدار لاءِ اچي مٿيءَ ننڊ مان جاڳائي، تو سان همبستر ٿيڻ چاهي،

خصوصاً مون جهڙي محبوب، جنهن جي ناز ۽ نخري تي ساري دنيا مفتون آهي، ۽ سندس وصال لاءِ سارو جهان ديوانو، شهزادي کان هيءَ ڳالهہ مخفي رهڻ نہ گهربي هئي، ۽ حقيقت کي چڱيءَ طرح سمجهي وڃڻ گهربو هو، ۽ هن ڪاميابيءَ کي صبح تائين غنيمت سمجهڻ گهربو هو.“ جيسِينہ

Gul Hayat Institute

وراڻيو تہ: ”اي راجا جي نياڻي! اسان کي پنهنجي نڪاح ٻڌي حلال عورت کان سواءِ ڪنهن بہ نامحرم عورت سان ميل ميلاپ رکڻ جي مجال نہ آهي. هيءَ ڪم اسان کان نہ ٿي سگهندو. ڇاڪاڻ تہ اسين برهمڻ راهب ۽ پرهيزگار آهيون. بزرگن، پرهيزگارن ۽ آزاد عالمن کي اهڙا ڪم ڪرڻ نہ جڳائين. خبردار! متان اسان کي هن وڏي گناهہ ۾ ڦاسايو اٿيئي.“ هن (چڱي) گهڻيون ئي نيزاريون ڪيون، پر (جيسينہ) بہ توجهہ ڪونہ ڪيو ۽ ڪيس تي تريون هڻي ڇڏيائين.

## چڱيءَ جو جيسِينہ کان نااميد ٿيڻ

نا اميد ٿيڻ تي چڱيءَ چيو: ”اي جيسِينہ! مون کي هن دلي ارادي، [230] نفساني لذت ۽ روحاني خواهش کان محروم سو ڪيو اٿيئي، باقي مان بہ پاڻ تي واجب ٿي سمجهان تہ پهريائين توکي برباد ڪنديس، تنهن کان پوءِ پاڻ کي باهہ جي خوراڪ بنائينديس.“ پوءِ پنهنجي جاءِ تي موٽي آئي، ۽ ننڊ جا ڪپڙا پهري بستري تي ليٽي پيئي. هوءَ شام کان صبح تائين (برهہ) جي باهہ ۾ پچي ۽ پڃري رهي هئي، ۽ هيءُ بيت (1) ٿي پڙهيائين:

## رباعي

”تا عشق و جمال تو شده دل سوزم،
وين شمع جمال تست جان افروزم.
انصافم ده، و گرنہ فرياد ڪنم،
خود را و ترا و شهر درهم سوزم.“

[دلدار تنهنجي عشق منهنجي دل کي آ ساڙيو،
آ، سونهن تنهنجي شمع مثل جان کي ٻاريو.
آءُ دانهن ڪنديس جلندو جنهن ۾ شهر ۽ تون مان،
نہ تہ منهنجا سڄڻ مون کي اڃي جلد جياريو.]

ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جو بادشاهہ (سج) آسمانن جي برجن مان نڪتو ۽ سُرمائي پردو ڦاڙي ڦٽو ڪيائين(1) تڏهن بہ چڱي سُتي رهي. شراب جو نشو، جدائيءَ جي نشي سان شامل ٿيل هو ۽ منجهند تائين ڪپڙو پايو پيئي هئي. هوڏانهن راجا دروهر جي هيءَ حالت هوندي هئي جو جيستائين سندس ڌيڻ چڱي نہ ايندي هئي ۽ سندس منهن نہ ڏسندو هو، تيستائين ڪاڌو پيتو نہ ڪائيندو هو. سندس ڏاڍي عزت ۽ تعظيم ڪندو هو. سو اٿي ڌيڻ جي جاءِ تي ويو. هن کي غمگين ۽ پريشان ڏسي چيائين تہ: ”اي ڌيڻ! راجا جي ڌيءَ! توکي ڇا ٿيو آهي جو تنهنجو لالي

Gul Hayat Institute

جهڙو منهن ميرو ۽ هيڏو ٿي  پيو آهي؟“ (جواب): چگّيءَ چيو تہ: ”اي راءَ زادا! هن ڪان وڏيڪ پيو ڇا ٿيندو جو هن بيوقوف سنڌيءَ جيئن تہ مون کي عيش عشرت جي محفل ۾ ڏٺو آهي، سو ڪالهہ رات حرمسراءِ ۾ لنگهي اچي مون کي پاڻ ڏانهن ڪوڻڻ لڳو. ۽ منهنجي نيڪ بختي ۽ پاڪ دامنيءَ جي دامن کي جو ڪڏهن بہ پليديءَ جي غبار سان ميرو نہ ٿيو هو. ۽ منهنجي پرهيزگار نفس ۽ صاف عزت کي، پنهنجي گناهہ جي گندگيءَ سان گندو ڪرڻ ۽ منهنجي پاڪائي جي پردي کي چاڪ ڪرڻ چاهيائين. راجا کي هن ڪان منهنجو بدلو وٺڻ گهرجي، جيئن هن ڪان پوءِ ڪوبہ نالائق هن قسم جي خيانت ۽ دست درازي جي جرات نہ ڪري سگهي.“ دروهر جي غضب جي باهہ ڀڙڪي ۽ پيڻ کي چيائين: ”هو اسان جو مهمان آهي،

۽ [پڻ] راهب ۽ [231]  برهمڻ. پڻ اسان کي وسيلو ورتو اٿس، ۽ اسان ڪان مدد گهري رهيو آهي. اٽڪل هڪ هزار جنگي جوان ساڻ اٿس، تنهن ڪري ڪيس ڪُهي نہ سگهبو. جو اسان جي طرف جا ٻيٽا ٽيٽا ماڻهو ڪسي ويندا. پر سندس ڪهڻ لاءِ رٿ ڪريان ٿو. تون اتي ڪاڏو ڪاءُ جنهن صورت ۾ ڪابہ حرڪت ڪانہ ٿي آهي، تنهنڪري ڪوبہ دڙڪو داٻ ڪري نٿو سگهجي.

## دروهر جي جيسِينہ سان بيوفائي رٿڻ، ۽ سندس پيڻ چگّيءَ جو جيسِينہ سان مڪر

پوءِ دروهر گهر ۾ اچي ٻن هٿيار بند جلادن، ھر هڪ ڪبير پدر(1) ۽ پهڻو(2) نالي، کي گهرائي چيو تہ: ”مان اڄ منجهند ڪان بعد جيسِينہ کي گهرائي مهماني ڪندس ڪاڏي ڪائڻ ڪان  پوءِ شراب جي مجلس ۾ خلوت ڪري جيسِينہ سان شطرنج ڪيڏندس. توهان ٻيئي ڇٽا هٿيارن سميت تيار رهجوءُ. جڏهن آءٌ چوان، شاہ مات شد، (بادشاهہ مات ٿي ويو)، تڏهن توهان ترارين ڪڍي جيسِينہ کي قتل ڪري ڇڏجو.“

هن حال جي هڪ سنڌيءَ کي خبر پئجي ويئي، جو ڏاهر جو خدمتگار هو ۽ دروهر جي خاص ماڻهن سان دوستي هئس. هن هيءَ حقيقت جيسِينہ کي ٻڌائي، راجا دروهر جي ٺڳيءَ ڪان (ڪيس) واقف ڪيو. ڪاڏي وقت جڏهن دروهر جو معتمد جيسِينہ کي سڏڻ آيو، تنهن وقت پنهنجن جانبازن جي سردارن مان (ٻن) نڪرن کي گهرائي چيائين تہ: ”اي تورسِينہ ۽ سُور سينہ!(1) مان راجا دروهر جي مهمانيءَ تي وڃان ٿو. توهان هٿيارن سميت تيار ٿي مون سان گڏ هلو. آءٌ دروهر سان شطرنج ڪيڏندس، ۽ توهان هوشيار ٿِي دروهر جي مٿان بيهي رهجو، جيئن هو نہ ڪا لچائي يا ٺڳي ڪري سگهي، ۽ نہ رٿي سگهي.“ [232]

Gul Hayat Institute

## جيسِينہ جو پڻ هٿيار بندن سان اچڻ

اهڙي نموني سان بادشاهه جي دربار ۾ ويا. هوڏانهن دروهر ڪنهن کي بہ اهڙو حڪم نہ ڏنو هو تہ جيسينہ سان گڏ ٻئي ڪنهن کي اندر نہ ڇڏجو. تنهن ڪري ٻيئي بهادر اندر هليا آيا. ۽ اوچتو ئي اوچتو اچي دروهر جي مٿان بيٺا. شطرنج پوري ٿيڻ تي دروهر هنن [پنهنجن ماڻهن] کي اشاري ڪرڻ لاءِ ڪنڌ مٿي ڪنيو پر بہ ماڻهو هٿيارن سان تيار ۽ هوشيار بيٺل ڏسي پشيمان ٿيو. ۽ چيائين "شه مات نشد. اَن گوسفند را نمي بايد ڪشت" (شاهه مات نہ ٿيو. تنهن ڪري انهيءَ گهيٽي کي ڪهڻ نہ گهرجي). جيسِينہ سمجهيو تہ اهو اشارو آهي. پوءِ هو اتان اٺي پنهنجي اوطاق ۾ آيو. ۽ گهوڙن سنجڻ جو حڪم ڪيائين. ايتري ۾ جيسِينہ غسل ڪري هٿيار پهري پنهنجي لشڪر کي تيار ڪري [گهوڙن] مٿي ويهڻ جو حڪم ڪيو. [هوڏانهن] دروهر هڪ اعتماد جوڳو ماڻهو انهيءَ جاچ لاءِ موڪليو هو تہ جيسِينہ ڇا ٿو ڪري. انهيءَ ماڻهو موٽي اچي چيو تہ: "خدا جي رحمت هجي انهيءَ ماڻهوءَ تي، جنهن جي ذات پرهيزگاريءَ جي زيور سان سينگاريل هئي. سندس بنياد سڳورو هو. سندس ڪم برا نہ هئا. هميشہ خوف ۽ اميد ۾ رهي طهارت ۽ پاڪيز گي جي ڪوشش ڪندو رهيو."

(خبر): چون ٿا تہ جيسِينہ غسل کان فارغ ٿي، ڪاڏو ڪائي، هٿيار پهري، (گهوڙي) مٿي ويهي، وهٽن تي سامان لڏارائي، راجا دروهر جي سراءِ جي آڏو آيو ۽ ملاقات کان سواءِ ڪيس الوداع چئي، پنهنجي وڃڻ جو جاڻ ڪري، دوستن ۽ تابعدارن سميت روانو ٿي ويو. سڌو وڃي جالنڌر جي حد کان ڪشمير ۾ پهتو. انهيءَ بادشاهه جو نالو بلهرا (1) هو. (۽) (2) شاهه جي آستان (گادي جو هنڌ؟) کي اسہ ڪسہ چوندا هئا.(2) جتي هو (جيسينہ) وڃي رهيو. تان جو عمر بن عبدالعزيز رضہ جي خلافت ٿي، ۽ دارالخلافت جي حڪم موجب عمرَو بن مُسلم الباهلي (1) وڃي اهو ملڪ فتح ڪيو [233]

Gul Hayat Institute

---

(1) هن ۽ ايندڙ صفحي تي پ، ن، ب، ڪ جي متفق پڙهڻي "ڦوفي" آهي. ر جي "ڦوفي" يا "ڦوني"، م: "ڦوفي". جا پڙهڻي فارسي ڇاپي جي متن ۾ رکيل آهي، ڪيل ترميم لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ -1 ص 175. (ن-ب)

(1) يعني راتو واهہ

(2) هي پڙهڻي پ مطابق آهي. ن، ر جتور، ب، س، چتور.

(3) فارسي ڇاپي جي عبارت، ”جيسيه ودکيه“ جا شايد پ مطابق آهي. ر، م، جيسه دوکيه، ن. ب. ح. جيسيهووکيه. اسان هن آخري پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته ”وکيه“ يعني ”وکيو“ قديم سنڌي نالو آهي. (ن-ب)

(4) هن نالي جي پڙهڻي ن. ب. ح مطابق ڏني وئي آهي ۽ فارسي ڇاپي ۾ پڻ اها پڙهڻي قائم رکيل آهي. ر. م. نزول صندل. پ. ڪ. نزوانه هدل. س. بزواله صدل (ن-ب)

(5) هن ۽ ايندڙ صفحي تي پ. ن. ب. ڪ جي متفق پڙهڻي ”قوفي“ آهي. ر جي ”قوفي“ يا ”قوني“. م: ”قوفي“. جا پڙهڻي فارسي ڇاپي جي متن ۾ رکيل آهي. ڪيل ترميم لاءِ ڏسو متي حاشيه -1 ص 175. (ن-ب)

(1) هت لفظ ”عجبي“ آهي ۽ هيٺ ”عجب“ يعني عجيب شيءِ ڀهراڙيءَ جي زبان ۾ ”عجيب شيءِ کي ”شرڪت“ چوندا آهن. ۽ اسان به اهو لفظ ترجمي ۾ رکيو آهي (مترجم)

(1) سورهِ الأحزاب: رڪوع-3. (ن-ب)

(1) چڱي فارسي دان ڪانه هئي، غالباً، مراد ته هن رباعي واري معنيٰ ۾ ڪو بيت پئي پڙهيائين. حقيقت ۾ هيءُ افسانوي رنگ، فارسي مترجم جي ايجاد آهي. (ن-ب)

(1) يعني سج ڪني ڪڍي ۽ صبح ٿيو. (مترجم)

(1) اصل ۾ ”ڪبير بهدر“ جا پڙهڻي ر م مطابق آهي، ن. ب. ح. ڪ ۾ فقط ”سهل“. پ: بهل روز س: سهيل

(2) ”پهڻو“ پڙهڻي ر م مطابق آهي، پ: لهؤ. ن. ب. ح. ڪ: بهو. س: مسهو.

(1) اصل متن توڙي نسخن ۾ هنن نالن جي پڙهڻي ”تورسيه و سورسيه“ آهي. ”سيه“ در اصل ”سينه“ (يعني شينهن) آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان ٻنهي نالن ۾ ”ن“ وڌايو آهي. ر م. جي پڙهڻي ”تورسيه“ جي بدران ”ڪورسيه“ آهي. مگر ”توريسنه“ وڌيڪ صحيح آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۾ بعضي بهادري جو داد ڏيندي چوندا: ”واه تورسنگ“. چوندا آهن مڙس ته ”مڙس تورسنگ آهي“ يعني بهادر ۽ پهلوان آهي. ”سنگ ساڳيو سينه يا شينهن جي معنيٰ ۾ آهي. (ن-ب)

(1) فارسي ڇاپي مطابق ”بلهرا“. جا غالباً پ جي پڙهڻي آهي، ن. م: بلهر، ر: بمهر. (ن-ب)

(2)-(2) اصل فارسي عبارت: ”اسه کسه اَستان شاه گفتندي“ جنهن جو مدار غالباً پ تي آهي. ”اسه کسه“ جي بدران ر. م: انسه کسه، ن. ب. ح: سه کسه، س: اسر کسر (ن-ب)

(1) فارسي متن ۾ ”عمرو بن سلمر اعليٰ.“ ن جي پڻ اهائي پڙهڻي آهي، ر: ”عمرو بن مسلم“، جو صحيح آهي، اعليٰ، در اصل ”الباهلي“ جي تصحيف آهي، سڄو صحيح نالو عمرو بن مسلم الباهلي آهي، ڇاڪاڻ ته عمر بن عبدالعزيز رضہ جي خلافت ۾ اهوئي سنڌ جو گورنر هو. ڏسو آخر ۾ حاشيه [233]. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

## جيسِينہ جي بهادري ۽ سندس نالي جو سبب

اروڙ جي ڪن برهمڻن کان روايت آهي تہ: جيسِينہ [پٽ] ڏاهر مردانگي ۽ دانائيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس ڄمڻ جو قصو هن طرح هو تہ: هڪ ڏينهن راجا ڏاهر شڪار جي سامان ۽ هٿيار سان شڪار گاهہ ۾ آيو. جڏهن شهر جي آسپاس (هڪ طرف) ڪتا، چيتا ۽ بگهڙ هرڻن تي ڇڏيائين، ۽ (ٻئي طرف) شاهين، باز ۽ شڪرا هوا ۾ اڏامڻ لڳا، تہ (اوچتو) هڪ گجندڙ شينهن پيدا ٿي ماڻهن جو رستو روڪي ڇڏيو. (جنهن ڪري) شڪارين جي لشڪر ۾ هيبت ۽ دانهوڙ مچي ويئي. ڏاهر گهوڙي تان لهي پيادو ٿي شينهن جي سامهون ٿيو ۽ شينهن پڻ جنگ جو ارادو ڪيو. راجا ڏاهر چادر هٿ تي ويڙهي شينهن جي وات ۾ وجهي تلوار هڻي سندس ٻيئي ٽنگون قلم ڪري ڇڏيون. تنهن کان پوءِ هٿ ڪڍي ترار هڻي سندس پيٽ ڦاڙي وڌو ۽ شينهن ڪِري پيو. هو ڏانهن جيڪي ماڻهو انهيءَ شينهن جي ڊپ کان پڄي ويا هئا، تن گهر اچي راڻيءَ کي راجا ڏاهر جي شينهن سان ڦِنڊجڻ جي خبر ڪئي. راجا ڏاهر جي زال پيٽ سان هئي، ۽ هن خبر ٻڌڻ تي، مڙس سان نهايت محبت سبب، بيهوش ٿي ڪِري پيئي. جيستائين راجا ڏاهر شڪار گاهہ مان موٽي آيو، تيستائين ڊپ کان عورت جو ساهہ جسم کان جدا ٿي چڪو هو. ڏاهر اچي ڏٺو تہ زال مئي پيئي آهي ۽ سندس پيٽ ۾ ٻار ڦٿڪي رهيو آهي سندس پيٽ ڦاڙڻ جو حڪم ڏنائين. ٻار جيئرو نڪري آيو جنهن کي دائي جي حوالي ڪيائون ۽ "جيسِينہ" نالو رکيائون. جنهن جي معنيٰ [عربيءَ ۾] "اَلمُظَفر بِاِ الاسدَ" (فاتح شير) ۽ پارسيءَ ۾ "شيرِ فيروز".

## احنف بن قيس جي ڏوهٽي رَوَاح بن اَسدَ جو اروڙ تي مقرر ٿيڻ

هنن ڪنوارين [حڪايتن] جي سنواريندڙن ۽ هنن چڪِيُنِ جي باغبانن،(1) علي بن محمد[کان جنهن] مسلمة بن مُحارِب(1) ۽ عبدالرحمان بن عبدَ ربه السليطي کان هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: جڏهن [234] محمد بن قاسم، تختگاهہ اروڙ- بغرور (2) کي پنهنجي اقتدار ۽ تابعداري هيٺ آندو، ۽ سڀيئي [ماڻهو] سندس فرمانبردار ۽ حڪم جا ٻندا ٿيا، تڏهن اَحنفَ بن قيس جي ڏوهٽي رَواح بن اَسد کي اروڙ جي گورنري تي مقرر ڪيائين. شرعي ڪاروبار، دارالقضاءَ جو ڪم ۽ خطابت جو عهدو، صدر الامام الاَجلَ العالِمِ (مکيہ امام وڏي عالم)، برهان الملة وَالِـدين (دين ۽ قوم جي روشن دليل)، سيف اُلسنة وَنجم الشرِعة (سنت جي ترار ۽ شريعت جي ستاري)، موسيٰ بن يعقوب بن طائي بن محمد (بن موسيٰ) بن شيبان بن عثمان الثقفي(1) رحمة الله عليهم

اجمعين، جي حوالي ڪري حڪم ڪيائين ته: رعيت جي دلجوئي واجب سمجهي وڃي ۽ يامُرونَ بِالمعروَف وَ ينهوَنَ عن المنڪرِ (يعني نيڪيءَ لاءِ تاڪيد ۽ بديءَ کان منع) جو حڪم (پڻ) مهمل نه رهي، ۽ ٻنهيءَ کي خلق ۽ رعيت سان رعايت ڪرڻ جي پارت ڪري آزاد پروانو عطا ڪيائين. پوءِ منزل ڪنيائين، ۽ هلندو ويو، تان جو ڀاٽيه(2) جي قلعي [وٽ پهتو]، جو بياس نديءَ جي ڏکڻ ۾ هڪ قديم قلعو هو ۽ اتي جو حاڪم(3) ڏاهر پٽ چچ جو سؤٽ، ڪڪسو(4) پٽ چندر بن سيلائج هو[3].

## محمد بن قاسم وٽ (1)تي فتح حاصل ڪرڻ ۽ هن جو [1]ڪڪسي اچڻ

هو (ڪڪسو) ڏاهر بن چچ جي لڙائي ۾ [مددگار ۽ موجود] هو ۽ اتان شڪست کائي ڀڄي اچي انهيءَ قلعي ۾ ويٺو هو. اسلامي لشڪر جي قريب اچڻ تي ڊل ۽ ضمانت خدمت ۾ موڪليائين. وڏيرن ۽ مکيه ماڻهن (پڻ) حاضر ٿي خدمت جو شرف حاصل ڪيو. محمد بن قاسم انهن سان مهربانيءَ سان پيش آيو ۽ ڏاڍيون نوازشون ڪري پڇيائين ته: "هيءُ ڪڪسو، اروڙ جو رهاڪو آهي؟ اتان جا سڀ ماڻهو داناءُ عقلمند ۽ سچا هئا، ۽ [پڻ] امانت ۽ پرهيزگاريءَ سان موصوف. تنهن ڪري ڪيس امان تي ڏجي ته جيئن هو [اسان وٽ] دل جي قوت ۽ اميد جي روح سان حاضر ٿئي. [235] هن کي ننڍي وڏي ڳالهه ۾ پنهنجو صلاحڪار بنايو وڃي. آءُ ساڻس سچائي ۽ وزارت جو رستو وچ ۾ قائم ڪريان ٿو."

## ڪڪسي جي صلاحڪاري

ڪڪسو هڪ ڄاڻو شخص ۽ هند جو داناءُ مرد هو، (تنهنڪري) خدمت ۾ حاضر ٿيڻ تي[محمد بن قاسم] ڪيس وقت نا وقت پنهنجي تخت جي سامهون رکندو هو ۽ ساڻس صلاح مشورو ڪندو هو-

## شعر

Gul Hayat Institute

لا تستشـِر غير ندب حازمِ يـقِـظِ

قـدِ استوئيُ مِـنـه اِسـرَارُ وَ اِعـلانَ

ترجمو: صلاح رڳو تجربيڪار، هوشيار ۽ دور انديش سان ڪر، جنهن جي آڏو ڳجهه ۽ ظاهـر برابر هجي.

— ۽ سندس صلاح کان ٻاهر نہ ويندو هو. هو سيني اميرن ۽ سپهہ سالارن جو اڳواڻ هو. ڍلون ۽ آسپاس [جو ملڪ] سندس انتظام هيٺ هوندو هو. خزانو سندس مهر هيٺ ڏنو ويو هو. انهيءَ کان پوءِ هو هر لڙائيءَ ۾ محمد بن قاسم سان مددگار هو. ۽ سندس نالو ”مبارڪ مشير“ رکيو هئائين.

## محمد بن قاسم جي هٿان[1] سِڪه ۽ ملتان(1) جي فتح ٿيڻ جو احوال

ڪڪسي کي درست ڪرڻ بعد، [محمد بن قاسم] انهيءَ قلعي کان ڪوچ ڪري، بياس ندي ٽپي اسڪلنده (2) جي قلعي تي ويو. انهيءَ قلعي وارن کي خبر پيئي تہ عرب جو لشڪر آيو آهي، سو جنگ لاءِ نڪري آيا. زائدهِ بن عمير الطائي(3) ۽ ڪڪسو (لشڪر جا) اڳواڻ هئا. لڙائي شروع ڪيائون ۽ اهڙا سخت مقابلا ٿيا جو ٻنهي طرفن کان رت جون نديون وهي اٿي هليون. عربن اڳين نماز وقت تڪبير جو نعرو هڻي، هٿو هٿ حملو ڪيو. مشرڪ شڪست کائي وڃي قلعي ۾ پيا، [236] ۽ قلعي جي مٿان تير ۽ منجنيق جا پٿر اڇلائڻ لڳا ۽ ست ڏينهن جنگ جاري رکيائون. ملتان جي حاڪم جي ڀائٽي، جو ملتان جي قلعي ۾ هو. پڻ ڪي لڙائيون ڪيون، تان جو لشڪر جو اناج کٽي ويو ۽ (1) اسڪلنده جو (حاڪم) سيهرا[1] راتو واهہ نڪري وڃي سڪه جي قلعي ۾ پهتو. سڪه، راوي نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي هڪ عاليشان قلعو هو. حاڪم جي وڃڻ تي رعيت، ڪاريگرن ۽ واپارين [محمد بن قاسم ڏانهن] پيغام موڪليو تہ: ”اسان رعيت آهيون. هاڻي جيئن تہ والي هليو ويو، تنهنڪري اسان کي امان ڏي.“ محمد بن قاسم، واپارين، ڪاريگرن ۽ هارين کي امان ڏيئي قلعي ۾ آيو ۽ چئن هزارن هٿياربند مردن کي خونخوار تلوار جو ڪاچ بنائي، سندن پوئلڳن کي غلام ڪيائين. پوءِ عتبه بن سلمه تميميءَ (2) کي اتي مقرر ڪري پاڻ (3) سڪه ۽ ملتان[3] ڏانهن رخ رکيائين. اهو راوي ندي جي ڏاکڻي ڪناري تي هڪ قلعو هو. بجهرا طاڪيءَ (4) جو ڏهٽو بجهرا[4] انهيءَ قلعي ۾ رهندو هو. جڏهن ان کي خبر پئي تڏهن جنگ شروع ڪيائون. هر روز جڏهن عرب جو لشڪر قلعي جي اڳيان ايندو هو تہ قلعي وارا ٻاهر نڪري جنگ ڪندا هئا. سترهن ڏينهن

تائين سخت لڙائيون ڪيائون. (هن لڙائي ۾) مشهور معروف همراهن مان ويهہ ڄڻا(1) شهيد ٿيا ۽ شامي لشڪر مان جملي ٻہ سئو پندرهن ماڻهو قتل ٿيا. ٻجهرا(2) راوي ندي ٽپي پار ويو. محمد بن قاسم دوستن جي شهيد ٿيڻ ڪري قسم کنيو هو تہ: "هن [سڪهجي] قلعي کي ڊاهي ڇڏيندس." پوءِ سندس حڪم ڏيڻ تي ساري شهر کي ويران ڪيائون، ۽ ملتان ڏانهن (درياءُ) ٽپيا(3). ملتان جو راجا ڪندا(4) ۽ ٻجهرا جنگ لاءِ نڪري آيا. [237]

## محمد بن قاسم جي راجا ڪندا(3) سان جنگ ڪرڻ

انهيءَ ڏينهن صبح ٿيڻ کان شام جي ختم ٿيڻ تائين سخت لڙائي هلي. جڏهن دنيا مصيبت زدن جهڙي ڪاري رلي اوڍي، ۽ ستارن جو بادشاهہ غروب جي پردي ۾ هليو ويو(1) ، تڏهن ٻئي (لشڪر) پنهنجن گهرن ڏانهن موٽيا. ٻئي ڏينهن جڏهن صبح صادق اونداهي پردي مان نڪتو ۽ دنيا روشن ٿي، تڏهن ٻيو دفعو جنگ شروع ڪيائون. ٻنهي طرفن کان ڏاڍا ماڻهو قتل ٿيا. اها جنگ بدستور قائم رهي، ۽ ٻن مهينن تائين [قلعي وارا ]قلعي مٿان منجنيق، غدرَڪ (2)پٿر ۽ تير وسائيندا رهيا. تان جو لشڪر ۾ اناج جي ڏاڍي تنگي اچي پيدا ٿي. اهڙيءَ حد تائين جو، گڏهہ جي مُنڍي وڃي پنج سؤ درهمن کي لڳي. ڏاهر جي سؤٽ، امير ڪورسينہ (3)پٽ چندر، ڏٺو تہ عرب جي لشڪر ۾ ڪابہ سستي نہ آئي آهي، ۽ مضبوط آهن. اسان کي ڪنهن بہ طرف کان مدد ڪانہ آهي، سو (4)ڪشمير جي راجا (4)جي خدمت ۾ هليو ويو.

ٻئي ڏينهن جڏهن عرب جي لشڪر پهچي لڙائي شروع ڪئي، ۽ ڪنهن بہ حيلي سان (قلعي کي) ڪاٽ نتي لڳي سگهيو، تہ (اوچتو) قلعي جي اندران هڪ ماڻهو ٻاهر نڪري آيو ۽ [اچي] امان گهريائين. محمد بن قاسم ڪيس امان ڏني، پوءِ انهيءَ جي ڏس ڏيڻ تي، نديءَ جي ڪناري لڳ اتر طرف کان ڪاٽ هنيائون، ۽ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ انهيءَ جڳهہ کان قلعي جي پيٽ اچي پٽ تي پيئي ۽ قلعو فتح ٿيو. ڇهہ هزار جنگي سپاهين کي قتل ڪيائون ۽ سندن تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن کي ٻانها بنايائون. باقي واپارين، ڪاريگرن، ۽ هارين کي امان جو پروانو عطا ڪري، کين چيائين تہ: "هاڻي جڏهن قلعو فتح ٿي چڪو آهي، تڏهن واجب آهي تہ پنهنجي مال مان دارالخلافت جي خزاني جي ڍل ۽ فوجن جو حصو ڏيو. جيڪي هيڏي تڪليف ڪاٽي، سختي سهي جان جي بازي لڳائي، ڪيڏو عرصو ڪاٽ ۽ لڙاين ۾ مشغول رهيا آهن." [238]

Gul Hayat Institute

## روڪڙ جي تقسيم ڪرڻ

پوءِ شهر جي وڏيرن ۽ مکيه ماڻهن جمع ٿي، ست هزار درهم تور چاندي تقسيم ڪئي. هر هڪ سوار کي خاص طرح چار سؤ درهم تور چاندي ملي. پوءِ [محمد بن قاسم] چيو ته:"هاڻي دارالخلافت جي خزاني جي مال واسطي دائمي طريقا سوچڻ گهرجن." انهن ويچارن ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته، اوچتو هڪ برهمڻ آيو ۽ چيائين ته: جڏهن ڪافرن جو دؤر پورو ٿيو، بتخانو ڍهي ويو، دنيا اسلام جي نُور سان روشن ٿي، ۽ بتخانن جي جڳهه تي مسجدون ۽ منبرن ٺهي رهيا آهن، [تڏهن آءٌ توهان کي هڪ سچي ڳالهه ٿو ٻڌايان] ته ملتان جي پيرمردن کان هن طرح ٻڌو ويو آهي ته: آڳاٽي سمي ۾ هن شهر جو هڪ راجا جوبن (1)نالي،ڪشمير جي راجا جي اولاد مان هو. هو هڪ برهمڻ ۽ راهب ماڻهو هو ۽ پنهنجي طريقي ۾ پڪو هو. هميشه بتن جي عبادت ۾ مشغول رهندو هو. سندس خزانو جڏهن ڀڪُپ کان وڌي ويو، تڏهن ملتان جي ايرندي پاسي کان سؤ گز همچورس هڪ حوض ٺهرائي، انهيءَ جي وچ ۾ پنجاهه همچورس گز هڪ بتخانو ٺهرايائين. [۽ انهي بتخاني اندر] هڪ دڪان ٺهرايائين. ۽ انهيءَ دڪان ۾ تامي جا چاليهه مٽ ترتيب سان رکايائين.(1) هر هڪ مٽ ۾ مغربي سون جي ڪاتر جا ٽي سؤ ٽيهه مڻ پوريل خزاني طور رکايائين(1). انهيءَ جي مٿان بتخانو آهي، جنهن ۾ ڳاڙهي سون جو بت ويهاريل آهي، ۽ انهيءَ حوض جي چوڌاري وڻ رکايل آهن."

## منبَروِي [بتخانو](2)

ڳالهين جي مصنفن ۽ ڪهاڻين جي راوين، علي بن محمد [مدائني] کان هن طرح روايت ڪئي آهي، جنهن چيو ته ابو محمد هنديءَ کان ٻڌو اٿم ته: محمد بن قاسم وزيرن، ٺائين (گورنرن) ۽ خاص ماڻهن سان اتي انهيءَ بتخاني ۾ آيو. سون جو ٺهيل بت ڏٺائين، جنهن جون اکيون ڳاڙهي ياقوت مان ٺاهي سندس منهن ۾ رکيل هيون.[239]

## محمد بن قاسم جو پڇڻ

محمد بن قاسم سمجهيو ته هيءُ ڪو ماڻهو آهي. سو ڪيس ڏک هڻڻ لاءِ ترار ڪڍيائين. اتي ٻُتبان(1) برهمڻ چيو ته: "اي عادل اميرا هيءُ اهو بت آهي جو ملتان جي راجا جوبن(2) ٺاهيو هو.

جو مال دفن ڪري گذاري ويو.“ پوءِ محمد بن قاسم انهيءَ بت ڪڻڻ جو حڪم ڏنو. ان جي هيٺان ٻ سو ٽيهه مڻ سون ۽ چاليهه مٽ سون جي ڪاتر سان ڀريل نڪتا. جملي تيرهن هزار ٻ سؤ مڻ تور سون دفن ٿيل نڪتو. اهو سون ۽ بت خزاني ۾ آندائون. [تنهن ڪان سواءِ]جواهر ۽ موتي، جيڪي ملتان جي شهر جي لٽ مان هٿ آيا، سي ۽ ٻيا خزانا ۽ دفينا به هٿ ڪيائون.

## بتخانو ڪولڻ ۽ خزانو ڪڻڻ

ابوالحسن مدائِني، خرَيم بن عمرَو کان روايت ڪئي آهي ته: جنهن ڏينهن بتخانو کولي خزانو ڪنيائون، انهيءَ ڏينهن حجاج جو خط پهتو ته: ”اي سؤٽ! تنهنجي لشڪر جي چڙهائي وقت مان ضامن هئس ته لشڪر وڃڻ جي تياريءَ ۾ ان جي سامان ۽ بندوبست تي دارالخلافت جي خزاني مان جيڪي به خرچ ٿيندو [تنهن جي جوابداري خليفي] وليد بن عبدالملڪ بن مروان جي پاران مون کي قبول آهي. بلڪ انهيءَ کان ٻيڻو ٽيڻو واپس پهچائڻ منهنجي ذمي آهي. هينئر دارالخلافت جي خزاني مان حقيقت حال جي جاچ ڪئي ويئي ته معلوم ٿيو ته محمد بن قاسم جي تياريءَ ۾ سٺ هزار درهم تور خالص چاندي خرچ ٿي آهي، ۽ [ايستائين تنهنجي طرفان] جيڪا روڪڙ، جنس ۽ ڪپڙا واپس ادا ڪيا ويا آهن، تن جو تاريخوار مجمل ۽ مفصل حساب ڪيو ويو ته [باقي تنهنجي ذمي](1) هڪ سؤ ويهه هزار[1] درهم تور چاندي تي سگهي ٿي، جا توکي موڪلڻي آهي. جتي به ڪا پراڻي جاءِ يا ڪو نالي وارو ڳوٺ يا شهر هجي، اتي مسجدون ۽ منبر ٺاهيا وڃن، ۽ خطبو ۽ سڪو دارالخلافت جي نالي جاري ڪيو وڃي. [240] تون سولي ستاري ۽ موافق گهڙيءَ ۾ هيءُ لشڪر وٺي نڪتو آهين، انهيءَ ڪري ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي. ته ڪافرن جي ولايت مان جنهن طرف به رخ رکندين، سو تنهنجي هٿ هيٺ ايندو.“

## محمد بن قاسم جو ملتان شهر جي رعيت کي پابند ڪرڻ

پوءِ ملتان جي مکيه ۽ چونڊ ماڻهن کي پڪيءَ طرح پابند ڪري جامع مسجد ۽ منارو ٺهرايائين. امير دائود بن نصر بن وليد عمانِي کي ملتان جو حاڪم مقرر ڪيائين. خرَيم بن عبدالملڪ تميمي کي برهمپور(2) جي قلعي تي، جو جهيلم(3) نديءَ جي ڪناري تي آهي، جنهن کي سوپور(4) سڏيندا آهن، مقرر ڪيائين. عِڪرمه بن رَيحان شاميءَ کي ملتان جي پسگردائيءَ جو حاڪم بنايائين. احمد بن خزَيمة(1) بن عتبه مدنيءَ کي اشهار ۽ ڪرور(2) جي قلعي جو والي مقرر

Gul Hayat Institute

ڪيائين. ٻيڙين رستي مال روانا ڪيائين. جيئن ديبل کان ٻيڙين ۾ چاڙهي، دارالخلافت جي خزاني ۾ پهچايا وڃن. پاڻ ملتان ۾ رهيو، جتي اٽڪل پنجاهه هزار چونڊ سوار هٿيارن پنوهارن ۽ جنگي سامانن سان تيار ٿيا.

## ابو حڪيم(3) ڏهن هزارن سوارن جي لشڪر سان قنوج موڪلڻ

پوءِ ابو حڪيم(6) شيبانيءَ کي ڏهن هزارن سوارن سان قنوج [جي راجا] تي چاڙهي موڪليائين، ته جيئن دارالخلافت جو خط، اسلام جي دعوت ۽ بيت المال جي خزاني جي ڍل ادا ڪرڻ متعلق ڪيس ڏيکاري، ۽ ڪانئس بيعت وٺي. پاڻ (محمد بن قاسم) لشڪر وٺي ڪشمير جي سرحد تي انهيءَ هنڌ پهتو، جنهن کي پنج ماهيات(4) چوندا آهن ۽ هن جاءِ تي ڏاهر جي پيءُ چچ [پٽ]سيلائج، صنوبر ۽ سپيدار يعني بيد جا وڻ پوکي [سرحد جو] نشان ڪيو هو ۽ اها حد نئين سر مقرر ڪيائين. [241]

## لشڪر جو اوڏاپر(1) پهچڻ(2) ۽ اَبو حڪيم جو زَيد کي راجا [هر چندر ڏانهن] موڪلڻ (2)

قنوج جو راجا انهن ڏينهن ۾ جهنل (يا جهشل) راءِ(3) جو پٽ هو. جڏهن لشڪر اوڏاپر(1) پهتو، تڏهن اَبوحڪيم شيباني جي حڪم ڪرڻ تي زَيد بن عمرَوالڪلابيءَ کي حاضر ڪيائون. پوءِ چيائينس ته: ”اي زيدا! توکي پيغام کڻي راءِ هرچندر [پٽ] جهتل(4)ڏانهن وڃڻ ۽ اسلام جي تابعداريءَ جو حڪم پهچائي چوڻ گهرجي ته: ”سمنڊ کان وٺي ڪشمير تائين جيڪي بادشاهه ۽ راجا آهن سي سڀ اسلام جي اقتدار هيٺ اچي چڪا آهن، ۽ امير عمادالدين (محمد بن قاسم)، جو عربن جو سپهه سالار ۽ ڪافرن کي مغلوب ڪندڙ آهي، جي تابعداري ڪري چڪا آهن. ڪي اسلام جي لڙائيءَ ۾ پوئجي چڪا آهن ته ڪن وري پاڻ تي ڍل مقرر ڪئي آهي، جا دارالخلافت جي خزاني ۾ پهچائيندا رهندا.“

---

(1) -(1) اصل متن ۾: ”از علي بن محمد بن سلمه بن محارب“. حقيقت ۾ هي ٻه ڌار ڌار نالا آهن. علي بن محمد (المدائني) ۽ مسلمه؆ بن محارب. محمد ۽ سلمه جي وچ ۾ ”بن“ حقيقت ۾ ”عن“ (کان) جي بگڙيل صورتخطي

آهي. "سلمه" بہ غلط آهي ۽ صحيح نالو مسلمه بن محارب بن زياد آهي، جنهن جو ذڪر هن ڪان اڳ ص [78] تي ۽ هن ڪان پوءِ ص [224] تي اچي ٿو. (ن-ب)

(2) پ ۾ "اروڙ بغرور" ۽ ٻين جملي نسخن ۾ "الور بغرور" آهي، مگر حقيقت ۾ اهي ٻن شهرن جا نالا آهن جيئن تہ بلاذري (ص 439) چوي ٿو تہ "سار محمد يريد الرور و بغرور". انهيءَ ڪري اسان ترجمي ۾ "اروڙ ۽ بغرور" لکيو آهي (ن-ب)

(1) ڏنگين ۾ (بن موسيٰ)، مٿي ص [9] تي پ جي پڙهڻي "طائي بن محمد بن موسيٰ" جي آڌار تي وڌايل آهي، هن صفحي تي جملي نسخن جي متفقہ پڙهڻي "طائي بن محمد" آهي. البت ص [9] تي سواءِ پ جي ٻين جملي نسخن جي پڙهڻي "طائي بن موسيٰ بن محمد" آهي. (ن-ب)

(2) فارسي ڇاپي ۾ "باتيه" آهي جنهن کي اسان "ياتيہ" ڪري لکيو آهي. "باتيہ" غالباً پ جي پڙهڻي آهي. ر: بابينه، ن: بابينه، م، س: يابيبه ب: باسه، ڪ: بابيه، ح: بنبه. (ن-ب)

(3) -(3) هي عبارت فارسي ڇاپي مطابق آهي جنهن جو مدار غالباً پ ۽ ب تي آهي. ن ۾ بہ اها عبارت انهيءَ طرح آهي.

(4) - (4) اصل ۾: ڪڪسه

(1) -(1) هي عنوان ر، م مطابق آهي ۽ پ، ب، ن ۾ موجود ڪونهي. ر ۾ هي عنوان هن طرح آهي "فتح ڪردن ڪڪسہ و آمدن سيلائج بن محمد بن قاسم." عنوان بعد عبارت هن طرح شروع ٿئي ٿي: "سيلائج عمزاده داهر بود و در جنگ داهر چچ بود-الخ"- سواءِ پ، ن، ب جي ٻين نسخن ۾ بہ انهيءَ طرح آهي. (ن-ب)

(1)-(1) اصل ۾ "سکه ملتان". وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [236]

(2) ر، م: عڪسلنده، ن، ب، ح، س، ڪ: علڪنده، پ: عد ڪيده

(3) نسخن جي مختلف پڙهڻين جي بناءَ تي فارسي ڇاپي ۾ "رانده بن عميرهِ الطائي" پڙهڻي قائم ڪئي ويئي آهي. مگر صحيح نالو "زائدهِ بن عمير الطائي" آهي، جيئن تہ بلاذري (فتوح، ص 439) محمد بن قاسم جي ملتان واري فتح جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ: "قطع (محمد) نهر بياس الي الملتان. فقاتله اهل الملتان. فابلي زائدهِ بن عمير الطائي." (ن-ب)

(1) -(1) ترجمو فارسي ڇاپي مطابق آهي جنهن جي عبارت "سيهرا اسڪلنده" آهي جنهن ۾ ترڪيب اضافي سمايل آهي. مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن. ر، م: سهيرا سڪلنده، ن، ب س: سيهرا عدڪنده، پ: سيهرا عيدڪننده. (ن-ب)

(2) ر: عتبه بن مسلمه تميمي.

(3) -(3) اصل فارسي عبارت "سڪه ملتان". وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص ص [236-237] (ن-ب)

(4) -(4) فارسي ڇاپي ۾ هنن ٻن جاين تي "بچهرا طاڪي" ۽ "بچهرا" پڙهڻيون ڏنيون ويون آهن. مگر ان بعد هيٺ "بجهرا" پڙهڻي ڏني ويئي آهي، جنهن مان ٿئي ٿو پ ۽ م نسخن ۾ (جن تي فارسي ايڊيشن جو مدار آهي) "بچهرا"، توڙي "بجهرا"

بئي پڙهڻيون آهن. ٻين نسخن مان ر جي پڙهڻي ”بڇهرا“ ن جي ”بجيّهرا“ يا ”بجهيرا“، ب جي ”بجهيرا“ س ڪ جي ”بجهرا“ آهي، لهٰذا بجهرا، بڇهرا، بجيهرا يا بجيهرا مان ڪابه پڙهڻي اختيار ڪري سگهجي ٿي. اسان ترجمي ۾ ”بجهرا“ پڙهڻي اختيار ڪئي آهي. (ن-ب)

(1) ر م: بيست و پنج (پنجويهه ڇٽا).

(2) ن، ب: بجهيرا، س، ڪ، م: بجهرا.

(3) -(3) اصل ۾ ”ڪندا راي ملتان“: فارسي ڇاپي ۾ پڻ اها اختيار ڪيل پڙهڻي آهي. پ، ب، ڪ: ڪذاراي، م: ڪذاري، گذري، ن: ڪذاراي، ر: ڪذاري، ح: گذا راي، س: گذا راي. ڪند راي انهن پڙهڻين ۾ ”ڪذا راي“ عام پڙهڻي نظر اچي ٿي جا غالباً ”ڪندا راي“ جي بگڙيل صورتخطي آهي. انهيءَ ڪري اسان فارسي ڇاپي ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي ”ڪندا راي“ کي ترجيح ڏني آهي. (ن- ب)

(4) يعني سچ لهي اونداهي ٿي. (مترجم)

(1) يعني سچ لهي اونداهي ٿي. (مترجم)

(2) غدرڪ = جنگ جو هڪ اوزار (Staingass) A warlike instrument

(3) ن ب ۾ ”ڪراسيد“، باقي نسخن ۾ ڪورسيه“. فارسي ڇاپي ۾ پوئين پڙهڻي اختيار ڪيل آهي ۽ اسان به ان کي ترجيح ڏني آهي، مگر ”ڪورسيه“ جي بدلي ”ڪورسينه“ (گهور شينهن؟) ڪري لکيو آهي. (ن-ب)

(4) -(4) پ، ر م، س، ڪ: شاه ڪشمير، ن، ب: راي ڪشمير

(1) پ: جسوين، س: جوبن، ح: جوبن، ن ب: جسوين، ر م: جسور. انهن مختلف پڙهڻين ۾ صحيح جو پتو لڳائڻ مشڪل آهي. جيڪڏهن پ جي پڙهڻيءَ کي ”جوبن“ جي غلط صورت قرار ڏجي ته پوءِ س ح ن ب ۾ به ”جوبن“لفظ جي غلط صورتخطي نظر اچي ٿي. جيڪڏهن ن ب جي پڙهڻي صحيح قرار ڏجي ته پڻ پ س ح جي پڙهڻين ۾ انهيءَ لفظ جي غلط صورتخطي نظر اچي ٿي. ر م جي پڙهڻي انهن ٻنهي صورتن کان الڳ آهي. انهيءَ لحاظ سان جوبن، جسوين ۽ جسور مان ڪابه پڙهڻي اختيار ڪري سگهجي ٿي. اسان پ جي بنياد تي ”جوبن“ پڙهڻي اختيار ڪئي آهي، جنهن جي وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [239]. (ن-ب).

(1) - (1) هي جملو ن ب ڪ ۾ ڏنل ڪونهي.(ن-ب)

(2) جملي نسخن ۾ هي عنوان جدا طور ڏنل ڪونهي، مگر هيٺين سٽ جي شروع ۾ ننڍي عنوان طور ڏنگين ۾ ڏنل آهي. فارسي ڇاپي جي عبارت مطابق هن طرح آهي: (مستروي) مصنفان احاديث روايان اقاويل چنان روايت ڪرده اند - الخ. لفظ ”مستروي“، ر م ن ب ڪ س نسخن جي پڙهڻي مطابق آهي، مگر قديم نسخي پ جي پڙهڻي هن جاءِ تي ”متروي“ آهي. مٿي ص [37] تي به هي نالو اچي چڪو آهي ۽ اتي پ جي پڙهڻي ”منروي“ جا متن ۾ پڻ رکي وئي آهي. انهيءَ ڪري هن صفحي تي به پ جي پڙهڻي ساڳئي لفظ ”منروي“ جي بگڙيل صورت آهي. صحيح لفظ به ”منروي“ آهي جو ملتان واري بتخاني يا مندر جو نالو هو. وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص[239].(ن-ب)

(1) بتبان= بت بان يعني بت جو راکو يا نگهبان.(مترجم)

Gul Hayat Institute

(2) ر: جيوين، م:جيبوين يا جيسبوتن، پ: جسوين، ن ب: جسوين. اختيار ڪيل پڙهڻي لاءِ ڏسو متي حاشيه ص 356 ۽ پڻ آخر ۾ حاشيه ص [249]. (ن-ب)

(1) - (1) هيءُ انگ فارسي ڇاپي ۾ ڏنل عبارت ”صد و بيست هزار“ مطابق آهي جا شايد پ جي عبارت آهي. ر م ن س: صد هزار و بيست من بيست هزار، ب: صد هزار و بيست من هزار، ڪ: صد هزار و بيست هزار.

(2) ر ن: برمهپور. (ن-ب)

(3) ر ن: جيلم.

(4) هي پڙهڻي فارسي ڇاپي مطابق آهي. پ: سور برا، ر م: سوبور، ن ب ح: سوربرر، ڪ: سوربدر. فارسي عبارت.”در حصار برهمپور بر ساحل آب جهليم که سو پور خوانند“. ۾ به اشتباه آهي، آيا سوپور جو ضمير ”که“ برهمپور يا جهيلم سان لاڳو آهي؟ (ن-ب)

(1) فارسي ڇاپي ۾ خزيمة آهي مگر پ س جي پڙهڻي ”جريمه“ ۽ ر ن جي پڙهڻي ”خريمه“ آهي.

(2) پ ر م ن ب ڪ: اجتهاد و ڪرور. متي 23 ۽ 51 صفحن تي هنن شهرن جي نالن جي پڙهڻي متفق طور ”اشهار و ڪرور“ آهي ۽ هت به اهائي پڙهڻي قائم رکي وئي آهي. (ن-ب)

(3) - (6) جملي نسخن ۾ ”ابوحليم“. اسان فارسي ڇاپي جي فاضل ايڊيٽر جي گماني پڙهڻي ”ابو حڪيم“ قائم رکي آهي. (ن-ب)

(4) هيءَ پڙهڻي فارسي ڇاپي مطابق آهي جا غالباً پ جي پڙهڻي آهي. ر م ن: پنج ناهيات. (ن-ب)

(1) - (1) پ ن ب س ڪ: اوردهاپر، ر م: اود هافر. هيءَ پڙهڻي فارسي ڇاپي ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي ”اودهاپر“مطابق آهي. (ن-ب)

(2) - (2) فارسي ڇاپي جي عبارت: ”وفرستادن با حڪيم مرزيد [رابراي هرچندر].“ هن فقره ۾ ”مرزيد-الخ“ قياسي پڙهڻي آهي، جنهن جي بدران پ ن ۾ ”مرزلل“ ۽ ر م ب س ڪ ح ۾ ”مرزيل“ آهي ”باحڪيم“ (يعني ابو حڪيم) جي بدلي، هن جاءِ تي توڙي هيٺ، سيني نسخن ۾ ”باحليم“ آهي. (ن- ب)

(3) ”جهتل“ پڙهڻي فارسي ڇاپي ۾ قائم ڪيل آهي جا غالباً م مطابق آهي. هن جاءِ تي پ ن ب ح ڪ: جي متفق پڙهڻي ”جهشل راي“ آهي، ۽ ر جي ”چهتل“. جيئن ته هن جاءِ تي قديم پ جي پڙهڻي به ”جهشل“ آهي، انهيءَ ڪري، نسخن جي لحاظ سان، ”جهتل“ ۽ ”جهشل“ ٻئي پڙهڻيون هڪ جهڙيون وزندار آهن. (ن-ب)

(4) ن ب ح س ڪ: جهشل، ر: چهتل.(ن-ب)

Gul Hayat Institute

# قنوج جي راءِ هر چندر جو جواب

راءِ هرچندر جواب ڏنو ته: ”اٽڪل هڪ هزار ڇهه سؤ سالن کان هيءُ ملڪ اسان جي قبضي، انتظام ۽ حڪمراني هيٺ آهي. ڪنهن به مخالف کي اسان جي حدن کي لتاڙڻ ، يا اسان سان جهڳڙي ڪرڻ ۽ اسان جي بادشاهيءَ ۾ مداخلت ۽ قبضي جي طاقت نه ٿي آهي. اسان کي توهان جي ڪهڙي پرواهه آهي جو هن قسم جا گفتا ۽ ناممڪن خيال دل ۾ آڻي رهيا آهيو! جيڪڏهن قاصد کي قيد يا بند ڪرڻ جائز هجي ها ته هن گفتگو ۽ ناممڪن دعويٰ تي اهڙو حڪم ڪيو وڃي ها، جيئن ٻين مخالفن ۽ سردارن لاءِ نصيحت ٿئي ها. هاڻي تون موٽي وڃ ۽ وڃي پنهنجي امير کي چئو ته هڪٻئي جي قوت ۽ شان شوڪت جي اندازي لڳائڻ لاءِ هڪٻئي سان مقابلو ڪرڻ ضروري آهي، جيئن يا ته توهان جي هيبت اسان تي ويهي وڃي، يا اسان جو غلبو توهان تي ٿئي. [242] ٻنهي ڌرين جي لڙائي ۽ بهادريءَ ۾ همت جي مشاهدي ڪرڻ کان پوءِ ئي صلح يا جنگ جو فيصلو ٿيندو.“

جڏهن راجا هرچندر جو پيغام محمد بن قاسم کي پهتو ته وڏيرن، مکيه ماڻهن، اميرن، سپهه سالارن، سولجرن، بهادرن ۽ نائبن کي سڏي چيائين: ”هن وقت تائين هندستان جي راجائن کي الله تعاليٰ جي فضل ۽ آسماني مدد سان مغلوب ۽ خوار خراب ڪيو ويو آهي. اڄ جڏهن هن هٺيلي لعنتيءَ جي سامهون ٿيا آهيون، جنهن کي پنهنجي لشڪر ۽ هاٿين تي غرور آهي، تڏهن الله تعاليٰ جي مدد تي ڀروسو رکي اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته هن کي برباد ڪري فتحمند ۽ ڪامياب ٿيون.“ [اهو ٻڌي] سڀئي راجا هرچندر جي خلاف لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيا، ۽ بيعت ڪري انهيءَ لڙائي ۽ جنگ تي هڪٻئي کي ترغيب ڏيارڻ لڳا.

# محمد بن قاسم کي دارالخلافت جو پروانو پهچڻ(1)

ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جو بادشاهه (سج) رات جي پردي مان ظاهر ٿيو، تڏهن هڪ شتر سوار دارالخلافت جو پروانو کڻي پهتو(2). محمد بن علي ۽ ابوالحسن مدائني(2)، هن طرح روايت ڪئي آهي ته: راجا ڏاهر جي قتل ٿيڻ وقت سندس حرمسراءِ مان هن جون به ڪنواريون ڌيئرون گرفتار ٿي آيون هيون، جي محمد بن قاسم حبشي غلامن هٿان بغداد ڏانهن دارالخلافت جي درگاهه ۾ موڪلي ڏنيون هيون. وقت جي خليفي غمخواريءَ خاطر ڪين حرمسراءِ جي حوالي ڪيو، ته ٻه ٽي ڏينهن آرام وٺي خلوت جي لائق ٿين. ڪن ڏينهن کان پوءِ سندن ياد خليفي جي مبارڪ دل تي آئي، ۽ رات جو ٻنهيءَ کي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنائين. خليفي وليد بن عبدالملڪ ترجمان کان پڇيو ته:

Gul Hayat Institute

معلوم ڪر تہ هنن مان وڏي ڪير آهي تہ انهيءَ کي روڪيو وڃي ۽ سندس ڀيءَ پيڻ کي ڪنهن ٻئي وقت گهرايو وڃي. ترجمان خدمتگار پهريائين تہ انهن کان نالا پڇيا. وڏيءَ چيو تہ: [243] منهنجو نالو ”سرياديو“ آهي. وڏيءَ کي گهرائي ننڍيءَ ڏانهن اشارو ڪيائين تہ هن کي وڃي سنڀاليو. جيئن هن کي ويهاري، منهن کولي، خليفي ڏانهس نهاريو تہ سندس ڪمال ۽ جمال تي چريو ٿي پيو، ۽ سندس خونخوار ناز و ادا هن جي دل کان صبر کسي ورتو. ”سرياديو“ کي هٿ وجهي پاڻ ڏانهن ڇڪيائين تہ ”سرياديو“ اٿي کڙي ٿي ۽ چيائين: ”بادشاهہ سلامت رهي! آءٌ غلام بادشاهہ جي خلوت جي لائق نٿي ٿي سگهان، ڇاڪاڻ تہ امير عادل عمادالدين محمد بن قاسم اسان کي ٽي ڏينهن پاڻ وٽ رکي پوءِ دارالخلافت جي خدمت ۾ موڪليو آهي. شايد توهان جو دستور ائين آهي؟ بادشاهن لاءِ هيءَ خواري جائز نہ آهي." خليفي تي انهيءَ وقت عشق مڪمل طور غالب ٿي چڪو هو، ۽ صبر جي مهار سندس هٿ مان نڪري چڪي هئي،[تنهن ڪري] انهيءَ غيرت کان ڪيس تحقيق ۽ جاچ جوچ جي طاقت نہ رهي، ۽ هڪدم ڪاغذ ۽ قلم گهرائي پنهنجي هٿ سان پروانو لکيائين تہ: "محمد بن قاسم جتي بہ پهتو هجي تہ ڪيس گهرجي تہ پاڻ کي ڪچيءَ کل ۾ بند ڪري دارالخلافت ڏانهن واپس ٿئي.“

## محمد بن قاسم جو اوڌاپر(1) ۾ پهچڻ ۽ دارالخلافت جي پرواني جو وارد ٿيڻ

محمد بن قاسم کي جڏهن هيءُ فرمان اوڌاپر(1) جي شهر ۾ پهتو، تڏهن سندس چوڻ تي ڪيس ڪچيءَ چمڙيءَ ۾ بند ڪري صندوق ۾ رکي واپس موٽيا. محمد بن قاسم جان خدا پاڪ جي حوالي ڪئي، ۽ امراءُ جن جاين تي مقرر ٿيل هئا. سي پنهنجين ولايتن تي مستقيم رهيا. هن کي صندوق ۾ بند ڪري، وقت جي خليفي جي خدمت ۾ حاضر ڪيائون. خاص دربان کي چيائون تہ: وليد بن عبدالملڪ بن مروان کي اطلاع ڪر تہ محمد بن قاسم ثقفي[244] کي وٺي آيا آهن. خليفي پڇيو تہ: ”جيئرو آهي يا مئل؟“ چيائون: ”شال خليفي جي عمر دائمي عزت ۽ دائمي بقا ۾ هجي! جڏهن حڪم اوڌاپر(1) جي شهر ۾ پهتو، تڏهن حڪم موجب پاڻ کي هڪدم ڪچيءَ چمڙيءَ ۾ بند ڪرايائين، ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ ساهہ حق پاڪ جي حوالي ڪري دارالبقا ڏانهن رحلت ڪري ويو. اميرن ۽ بادشاهن کي جن جن جاين تي مقرر ڪيو هئائين، تن اهي ولايتون پنهنجي قبضي ۾ ڪري، منبرن تي خطبو دارالخلافت جي لقبن سان جاري رکيو آهي، ۽ پنهنجي حڪومت جي پيرويءَ ۾ وڏي ڪوشش ڪري رهيا آهن.“

# خليفي جو صندوق کي کولڻ

پوءِ خليفي صندوق جو پڙ کولي، انهيءَ پرده نشين عورت کي حاضر ڪرايو. (ان وقت) (2)مورڙٿي جي سائي ٿاري[2] سندس (خليفي جي) هٿ ۾ هئي، جا هن (محمد بن قاسم) جي ڏندن تي گهمائي پئي چيائين ته: "اي راجا جون ڌيئرون! اسان جو حڪم پنهنجن ڪامورن تي اجهو هن طرح جاري آهي، انهيءَ لاءِ ته سيئي منتظر ۽ تابعدار رهندا اچن. جيئن ٿي قنوج ۾ اسان جو هيءُ حڪم ڪيس پهتو ته پنهنجي پياري جان اسان جي حڪم تي فدا ڪيائين.

# ڏاهر جي ڌيءَ چڱيءَ جي خليفي وليد بن عبدالملڪ سان گفتگو

اتي پرده نشين چڱيءَ منهن تان گهنڊ لاهي، زمين تي سر رکي چيو: "شال خليفو گهڻن سالن تائين وڏنڊڙ بخت ۽ وڏي نظام سان باقي رهي! داناءُ بادشاهه تي لازم آهي ته جيڪي به دوست يا دشمن کان ٻڌي [245] سو عقل جي ڪسوٽيءَ تي دل جي صلاحڪار سان پرکي ۽ پيٽي ڏسي، جڏهن صحيح ۽ بنا شبهي ثابت ٿئي، تڏهن عدالت جي رستي تي حڪم فرمائي، ته جيئن خدائي غضب ۾ گرفتار ۽ انساني طعنن جو شڪار نه ٿئي. توهان جو حڪم برابر هلي ٿو، پر دل مبارڪ حڪمت ۽ سمجهه کان خالي آهي. پاڪدامنيءَ جي خيال کان محمد بن قاسم اسان جي لاءِ پيءُ ۽ ڀاءُ جي بجاءِ هو، سندس هٿ چراند اسان غلامن تي ڪابه ڪانه هئي. پر جنهن صورت ۾ هند ۽ سنڌ جي بادشاهه کي برباد ڪري، اسان جي ابن ڏاڏن جي بادشاهي ويران ۽ ضايع ڪيائين، ۽ اسان ٻندن کي بادشاهيءَ تان (ڪيرائي) غلاميءَ جي درجي تي پهچايائين، تنهن ڪري انتقام خاطر ڪيس مناسب بدلي ڏيڻ لاءِ، ۽ سندس برباديءَ ۽ دفع ڪرڻ واسطي، خليفي جي خدمت ۾ ڪوڙ ظاهر ڪيوسين. اسان جو مطلب پورو ٿيو ۽ هن ڪوڙ ۽ ملاوت ذريعي اسان کي هٿڙو انتقام حاصل ٿيو، ۽ خليفي قطعي حڪم جاري ڪيو. جيڪڏهن خليفي جو عقل شهوت جي پردي ۾ ڍڪجي نه وڃي ها، ۽ (پهريائين) جاچ ڪرڻ واجب سمجهي ها، ته هن پشيماني ۽ ملامت سان نه پرجي ها. جيڪڏهن محمد بن قاسم کي به عقل ۽ حڪمت يا وري ڪري ها، ته باقي هڪ ڏينهن جي پنڌ تائين اڳتي وڌي اچي ها ۽ اتي پاڻ کي ڪچيءَ چمڙيءَ ۾ بند ڪرائي ها. جڏهن جاچ ٿئي ها ته آزاد ٿي وڃي ها، ۽ برباد نه ٿئي ها." خليفي کي [هي ٻڌي] افسوس ٿيو، ۽ نهايت افسوس وچان هٿ جي پٺيءَ کي چڪ وجهڻ لڳو.

# چڱيءَ جي ٻيو پيرو گفتگو

پرده نشين چڳيءَ وري ٻيو دفعو زبان کولي خليفي ڏانهن نهاريو ته معلوم ڪيائين ته خليفي جي ڪاوڙ چوٽ چڙهيل آهي. (اتي) چيائين ته: ”بادشاهه وڏي غلطي ڪئي آهي، جو ٻن ٻانهين خاطر اهڙي ماڻهوءَ کي [برباد ڪيائين] جنهن اسان جهڙيون لکين پرده نشين قيد ڪيون، [246] هند ۽ سنڌ جي ستر بادشاهن کي تخت تان جنازي جي تختي تي ليٽايو. بتخانن جي بجاءِ مسجدون ۽ منبر اڏايا ۽ منارا نهرايا. جيڪڏهن هن کان ڪا توري بي ادبي يا ڪا اڻٽندڙ حرڪت ٿي به هئي، ته به هڪ مطلبي ماڻهوءَ جي چوڻ تي محمد بن قاسم کي برباد ڪرڻ نه گهربو هو.“ [اتي] خليفي حڪم ڏنو، ۽ ٻنهي ڀينرن کي پٽ ۾ لنبي چڙيائون.

انهيءَ وقت کان اڄ تائين اسلام جو جهنڊو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ سربلند ۽ ترقي پذير آهي.

## دعا

شال الله تعاليٰ، جلت قدرتهٗ و تقدست اَسمائه، اسلام جي گذريل بادشاهن کي رحمت ۾ ٻڏل رکي، ۽ وقت جي بادشاهن کي، جيڪي هن زماني جو قوام ۽ وقت جو نظام آهن، انساني دور جي ختم ٿيڻ تائين، ملڪ جي تخت تي دائم ۽ قائم رکي، ۽ سندن هيبت سان اسلام جي جهنڊي کي حادثن ۽ مصيبتن ۽ زماني جي اوچتين آفتن کان محفوظ رکي. بِعونهٖ وَتوفيقه.

(1)مخلص ڪتاب: مِنهاج الدينِ وَالمُلڪِ، اَلحضرهِ الصدرُ الاجَلَ العالِمُ عينَ المُلڪَ(1)

پوءِ هيءُ ڪتاب، جنهن جو لقب ”مِنهاجَ الدينِ وَ المُلڪِ الحضرهِ الصدر الاجل العالم عين الملڪ“ آهي، جو هند ۽ سنڌ جي فتح بابت ۽ عرب جي عالمن ۽ ادب وارن حڪيمن جي تصنيف [247] ۽ فڪر جي صنعتن، فطرت جي عجائبات، عقل، فضيلت ۽ ضمير جي غرائبات سان سينگاريل آهي. جو دوست جي دلين جي حياتي ۽ انسانن خواه جنن لاءِ باغيچو آهي. عرب وارن جي دانائيءَ جي تعريف بيان جي حد کان ٻاهر ۽ لشڪر جي مردانگيءَ جي توصيف ڳاڻاٽي کان وڌيڪ آهي. تنهن جو بنياد حڪومت جي قاعدن جي بنياد رکڻ ۽ سياست جي ڳنڍين کي مضبوط ڪرڻ لاءِ رکيو ويو آهي. جنهن جي ضمن ۾ دين ۽ دولت جون نصيحتون آهن، ۽ جو ملڪ ۽ ملت جي طريقن جو ضامن آهي. جيتوڻيڪ عربي زبان ۽ حجازي لئي ۾ وڏو درجو هئس، ۽ عرب جي بادشاهن کي هن جي پڙهڻ ڏانهن نهايت توجه ۽ ان تي حد کان وڌيڪ فخر هو، پر جنهن صورت ۾ حجازي پردي ۾ (ڍڪيل) ۽ پهلوي (فارسي) ٻوليءَ جي زيور ۽ سينگار کان خالي هو، تنهن ڪري عجم ۾ رائج نه ٿي سگهيو. ايران جي ڪنهن به سينگاريندڙ، نه هن فتحنامي جي ڪنوار

ڪي سينگاريو هو، ۽ نڪي زبان جي سينگارخاني ۽ حڪمتن جي ٻجڪي (بغچي) مان هن ڪي ڪو وڳو ڏڪايو هو. نہ عقل جي خزاني مان ڪو زيور پهرايو هو. ۽ نہ وري فصاحت جي ميدان ۽ بلاغت جي باغيچن مان هن ميدان ۾ گهوڙو ڊوڙايو هو. پر جنهن صورت ۾ زماني جي سخت حادثن هن شڪستہ [حال مصنف] ڏانهن [رخ رکيو] ۽ زماني جون فوجون ۽ حادثن جون مصيبتون اچي سيني جي سفيني ۾ گڏ ٿيون. پريشانيءَ جا سڀ قسم موجود ۽ دلداريءَ جا دروازا بند [ٿي چڪا] ۽قسمين قسمين خطرن ۽ نڳين جا اسباب ظاهر [ٿيا] تہ انهيءَ حال سان هيءُ ڪتاب هن بنده جي اٽپوري ذهن پورو ڪيو- وَالحمدُ للهِ رَب العالمِين [248]

---

(1) هن عنوان کان وٺي ڪتاب جي آخر تائين. جملي احوال ڇڻ هڪ ڏند ڪٿا آهي. جنهن لاءِ ڪابہ تاريخي سند موجود ڪانهي. (ن-ب)

(2) -(2) هيءَ پڙهڻي فارسي ڇاپي مطابق آهي جنهن جو مدار غالباً پ تي آهي. ن. ر: محمد بن علي ابوالحسن همداني. م، ب، ح، س، ڪ ۾ بہ "مدائني" جي بدلي "همداني" آهي. (ن-ب)

(1) - (1) پ، س: اوڌهاپور. ن: اردهاپور. ر. م: اود هافر.

(1) ر. م: اوڌهاپور. ن: اوڌهاپر.

(2) - (2) اصل عبارت: "شاخ مورد سبز". "مورد" جو لفظي ترجمو "مورڙئو" ڪيو ويو آهي. مورد هڪ چمڪندڙ پنن سان، سدا سائو، خوشبودار، ۽ اڇڙن گلن سان هڪ ٻوٽو آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ Myrtle ۽ يوناني ٻوليءَ ۾ Murtus چئجي ٿو. (ن-ب)

(1)-(1) ن ۾ هيءَ عبارت هوبهو اٿين عنوان طور آيل آهي ۽ اسان بہ ان مطابق عنوان طور ڏني آهي، سواءِ ان جي تہ اصل عبارت ۾ زيرون زبرون ڪين آهن. ۽ "منهاج الدين" جي بدران "سماءُ الدين" آهي. ٻين جملي نسخن ۾ بہ"منهاج الدين" جي بدران "سماءُ الدين" آهي (ڏسو فارسي ڇاپو ص 247): مگر جيئن تہ هيٺ ٻيهر ڪتاب جي ڏنل نالي ۾ "منهاج الدين" آهي، انهيءَ ڪري اسان بہ عنوان ۾ "سماءُ الدين" جي بدران "منهاج الدين" رکيو آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [247]. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

# اشارا ۽ واڌارا*

8/[6] قباجة السلاطين: يعني ناصر الدين قباچہ. لفظ "قباچہ" فارسي زبان ۾ "قبا" جي تصغير آهي، يعني ننڍڙي قبا يا ڪڙتڙو. پر غالباً هيءُ لفظ ترڪي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "وڏو ۽ عاليشان". انهيءَ لحاظ سان "قباجة السلاطين" جي معنيٰ ٿيندي "وڏي ۾ وڏو بادشاهہ". ناصر الدين قباچہ جي وڌيڪ حالات لاءِ ڏسو "طبقات ناصري" ص ص 142، 144، 172، 174 (ع.م)

53/[6] سلطان ابوالمظفر محمد بن سام: يعني سلطان معزالدين محمد بن سام غوري، جو هندستان جي تاريخ ۾ شهاب الدين غوري (599- 602هہ) جي نالي سان مشهور آهي (ع.م)

54/[7] قيم اميرالمؤمنين ابوالفتح قباجة السلاطين: يعني ناصرالدين قباچہ. جنهن کي انهن لقبن سان لکيو ويو آهي. عوفي پڻ قاضي تنوخي جي "ڪتاب الفرج بعد الشدة" جي سندس ڪيل فارسي ترجمي جي مهاڳ ۾ ناصرالدين قباچہ کي "ابوالفتح قباجة السلاطين قسيم اميرالمؤمنين" جي القاب سان لکيو آهي- ڏسو مقدمة جوامع الحڪايات، مطبوعہ لندن 1939ع، صفحہ 15. (ن - ب) - غوري بادشاهہ "قسيم اميرالمؤمنين" جي لقب سان سڏبا هئا. ۽ پڻ غوري غلامن کي، جن ڪئين سال هندستان تي حڪومت ڪئي، هن لقب سان سڏيندا هئا. جيئن تہ ناصرالدين قباچہ، سلطان معزالدين محمد بن سام غوري جي غلامن مان هو ۽ پڻ سلطان قطب الدين ايبڪ جون بہ نياٽيون هڪٻئي پويان نڪاح ۾ آنديون هئائين، تنهن ڪري فتحنامي جي مصنف ڪيس انهيءَ لقب سان لکيو آهي. غوري بادشاهن کي هي لقب ڇو ڏنو ويو؟ تنهن لاءِ ڏسو "طبقات ناصري" ص ص. 37-38.(ع.م)

56/[9] اميرعماد الدولة والدين: فتحنامي ۾ هن صفحي توڙي [3]،[106]،[141]،[163] ۽[244] صفحن تي محمد بن قاسم کي"مادالدين" جي لقب سان ياد ڪيو ويو جو ظاهراًفتحنامي جي فارسي مترجم علي ڪوفي طرفان اضافو آهي، جنهن کي فرشته (برگس،4.3x4) پڻ استعمال ڪيو آهي. فارسي مترجم ٻيءَ جاءِ تي [فتحنامي ص 127] محمد بن قاسم کي "ڪريم الدين" جي لقب سان سڏي ٿو. مترجم جي وقت ۾ اهڙن لقبن جو عام رواج هو. جنهن ڪان متاثر ٿي هن محمد بن قاسم جي لاءِ پڻ اهي لقب پنهنجي طرفان استعمال ڪيا. درحقيقت محمد بن قاسم واري زماني (پهرين صدي هجري جي آخر) ۾ اهڙا لقب ناپيد هئا، ۽ ڪنهن بہ عربي تاريخ ۾ محمد بن قاسم لاءِ اهڙا لقب استعمال ڪيل نہ آهن. البت محمد بن قاسم جو، عربي رواج موجب، هڪ خاص ڪنيہ "اَبوالبهار" هو. عربي لغت "تاج

العروس" جو مصنف، مشهور عرب عالم مرزباني جي حوالي سان لکي ٿو تہ: محمد بن قاسم کي "بهار" نالي هڪ ٻوٽي سان خاص انس هو. جنهن کري "ابوالبهار" (بهار جو پيءُ) جي ڪُنيہ سان سڏجڻ لڳو. تاج جومصنف، الجوهري جي حوالي سان لکي ٿو تہ: "بهار"هڪ ٻوٽو آهي جو بهار جي موسم ۾ اپرندو آهي. جنهن کي عرب العرار، العرارة عينَ البقر توڙي بهارالبر جي نالن سان سڏيندا آهن، ا.هہ. محمد بن قاسم جي ڪنيہ متعلق تاج العروس جو هي حوالو نهايت ناياب ۽ قيمتي آهي، جنهن جي بنياد تي فارسي مترجم جي ايجاد ڪيل لقبن "عمادالدين" ۽ "ڪريم الدين" جي لقبن جي ترديد ٿئي ٿي، ۽ محقق مؤرخن لاءِ محمد بن قاسم جي سڄي نالي "ابوالبهار محمد بن قاسم الثقفي" جي تصديق. (ن-ب)

57/[9] اروڙ: اسان متن ۾ صفحي جي حاشيہ تي ڄاڻائي چڪا آهيون تہ فتحنامي جي نسبتاً قديم نسخي پ جي پڙهڻي "ارور" آهي باقي ٻين جملي نسخن جي پڙهڻي "الور"آهي. بلا ذري (فتوح البلدان، مطبوعہ يورپ ص ص 41-439، 445)، يعقوبي (مطبوعہ يورپ 346x2)، ابن لاثير (مطبوعہ مصر ص ص 258x4، 282)، ابن حوقل (مطبوعہ يورپ ص 230)، ياقوت [معجم البلدان (الرور)] وغيرهم عرب مؤرخن توڙي جاگرافيدانن هن شهر جو نالو "الرور" ڪري لکيو آهي، جنهن ۾ شروع واري "ال" غالباً معرفہ جي آهي. گمان غالب آهي تہ اسلام کان اڳ هن مقام جو نالو "رود" هو جنهن جي معنيٰ آهي نهر يا درياءَ. ياقوت، حمزه اصفهاني جو قول نقل ڪندي لکي ٿو تہ: سنڌونديءَ جو قديم ايراني نالو "مهراڻ رود"هو [معجم البلدان (مهران)]. جيئن تہ هن مقام وٽ مهراڻ ڦٽي ٻہ شاخون ٿي پيو انهيءَ ڪري درياءَ جي رخ جي اهميت جي لحاظ،يا شايد انهن ٻن شاخن مان اپرندين شاخ جي نالي جي لحاظ سان هن مقام جو نالو ئي "رود" يا نهر پئجي ويو. محب الله بکري پنهنجي هڪ مختصر تاريخي تصنيف (قلمي) جي ٻئي باب "در تفصيل امصار و بلاد و حصار و قصبات سنده و وجہ تسمية و لغة آنها" هيٺ لکي ٿو تہ: هن شهر کي ڪسري نوشيروان جي دؤر ۾ هڪ تاجر نالي "مهماس بن اروخ بن هيلاج ارمني" آباد ڪيو. هيءَ روايت بہ هن شهر جي بنياد کي ايراني اقتدار واري دؤر سان وابستہ ڪري ٿي ۽ انهيءَ لحاظ سان هن شهر جو ابتدائي فارسي الاصل نالو "رود" قدري قرين قياس نظر اچي ٿو. جو غالباً مقامي لهجي موجب ڦري "رور" ٿيو. عربن ان کي "الرور" سڏيو. جنهن جا مقامي لهجي جي لحاظ سان پوءِ ڦري ٻہ اچار ٿيا: "ارور" (عربي اصول مطابق "ل" جي حذف سان) ۽ "الور" (بيقاعدي، "ل" جي قائم رکڻ ۽ "ر" جي حذف سان). اهي ٻيئي اچار گهٽ وڌ ويندي هن پوئين وقت تائين رائج رهيا. تعجب آهي

جو سنڌي مورخن مثلاً  مير معصوم، مير علي شير قانع وغيرها ”الور“تلفظ اختيار ڪيو آهي، حالانڪ ”ارور“ نسبتاً زياده صحيح  آهي. محقق بيروني ڪتاب الهند (متن ص 100، انگريزي ترجمو 1 250x) ۾ هن شهر جو نالو صاف طور ”ارور“ لکيو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين سنڌ جا ماڻهو بہ انهيءَ تلفظ جي مناسبت سان هن شهر کي ”اروڙ“ سڏين ٿا. هن قديم شهر جا آثار روهڙيءَ کان اٽڪل 3 ميل کن ڏکڻ - اوڀر طرف، اپرندي ناري جي پراڻي پيٽ جي اولھ ۾ موجوده نئين واھ جي اتر طرف ٽڪر تي موجود آهن، جتي اڄ تائين”اروڙ“ نالي ڳوٺ آباد آهي. ٽڪر جي هيٺان اتر - اولھ طرفان درياءَ جي قديم وهڪري وارو پيٽ صاف طور تي نظر اچي ٿو. هي شهر اسلام کان اڳ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي دؤر کان وٺي ويندي عربن جي حڪومت جي اوائل دؤر ۾ تقريباً سن 125 ھ تائين سنڌ جو تختگاھ رهيو، جنهن بعد منصوره تختگاھ ٿيو. (ن-ب)

57/ [9] اسماعيل بن علي.... بن شيبان الثقفي: هتي ڇاپي ۾ غلطي ٿي آهي- سچو صحيح نالو هن طرح سمجهڻ گهرجي: ”اسماعيل بن علي بن محمد بن موسي بن طائي بن يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شيبان الثقفي.“ فقط پ جي پڙهڻي مطابق ٿئي ”يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شيبان“ ٿيندو، مگر ٻين جملي نسخن ۾ ”يعقوب بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن شيبان“ آهي. اسان پ جي پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ تہ ص [235] تي بہ پ توڙي ٻين سيني نسخن جي متفق پڙهڻي”يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شيبان“ آهي. فارسي ايڊيشن ۾ پ جي پڙهڻي کي نظر انداز ڪري، ٻين نسخن جي پڙهڻي ”يعقوب بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن‌شيبان“ اختيار ڪئي وئي آهي، جنهن کي ص [235] تي سيني نسخن جي متفق پڙهڻيءَ سان مطابقت ڏيئي نٿي سگهجي. (ن-ب)

57/[9] بکر: شهر بکر جو هيءُ حوالو تقريباً 613 ھ جو آهي. جڏهن فتحنامي جومؤلف علي ڪوفي، عربي تاريخ جو مواد گڏ ڪرڻ لاءِ اُچ مان هلي اروڙ ۽ بکر ۾ آيو. ان  وقت تائين اتي جا امام عربن جي ثقفي خاندان مان هئا. جي غالباً محمد بن قاسم جي فتح وقت اتي سڪونت پذير ٿيا. جنهن جي معنيٰ اروڙ سان گڏ بکر جو قديم شهر بہ محمد بن قاسم جي وقت ۾ موجود هو. محمد بن قاسم جي فتحن جي سلسلي ۾، مؤرخ بلاذريءَ (فتوح البلدان، مطبوعہ يورپ ص ص 440-441) پڻ ٻن شهرن ”الرور و بغرور“ جا نالا گڏوگڏ آندا آهن، جن مان مراد ”اروڙ ۽ بکر“ ٿي سمجهڻ گهرجي. (ن-ب)

58/[11] شرف الملڪ رضي الدولة والدين: مٿي عبارت ظاهر آهي تہ وزير شرف الملڪ رضي الدين، فتحنامي جي مؤلف علي ڪوفي جو مربي هو. هيٺ صفحي 16 تي ڄاڻايل آهي تہ هو حضرت ابوموسيٰ الاشعري جي اولاد مان هو ۽ سندس پٽ وزير عين الملڪ جي ڏنل سڄي نالي مان ثابت آهي تہ سندس نالو ابوبڪر هو. "نورالله مفجعه و طيب ثراه" جي دعائيہ فقرن مان ظاهر آهي تہ فتحنامي جي انتساب وقت (سن 613 هہ) وزير شرف الملڪ فوت ٿي چڪو هو. (ن-ب)

شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪر، ناصر الدين قباچہ (625-602 هہ) جو وزير هو. مصنف عوفي پنهنجي تاريخي ڪتاب "لباب الالباب" ۾ هيٺين رباعي سندس مدح ۾ قلمبند ڪئي آهي:

اي صدر بفر ملڪ عجم چون تو نيافت
شہ صاحب فرخنده قدم چون تو نيافت
بسيار بگشت روز و شب دست بدست
تيغ و قلم و عدل و ڪرم چون تو نيافت

(ع.م)

59/[12] ملڪ جي ڏئل (چونديل.... حسين بن ابي بڪر الاشعري): اصل القاب (سنڌي ترجمي هيٺ آيل) سميت سڄو نالو هن طرح آهي: "عين الملڪ فخر الدولة والدين، نظام الاقاليم، جلال الوزراء حسين بن ابي بڪر بن محمد الاشعري". هيءُ وزير عين الملڪ فخرالدين حسين، مٿئين وزير شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪر جو پٽ آهي ۽ علي ڪوفي فتحنامي ڏانهنس منسوب ڪيو آهي. غالباً سندس والد وزير شرف الملڪ جي وفات بعد ئي عين الملڪ، ناصر الدين قباچہ جو وزير بنيو. هو عالمن جو وڏو قدردان ۽ مربي هو. ۽ سندس هن وزارت جي دؤر ۾ ئي مصنف عوفي پنهنجو ڪتاب "لباب الالباب" سن 18-1222/617ع ڌاري شهر اُچ ۾ لکي، سندس نالي منسوب ڪيو- ڏسومقدمہ جوامع الحڪايات، لندن، 1929ع، ص 12.(ن-ب) سن 625 هہ ۾ جڏهن التمش جي وزير نظام الملڪ جنيدي اچي ناصرالدين قباچہ کي سنڌ ۾ بکر جي قلعي اندر گهيريو، ۽ قباچہ ذلت جي موت کان مهراڻ ۾ ٽپو ڏيئي پاڻ کي ختم ڪيو. تڏهن سندس باقي رهيل خدمتگار، جن مان وزير عين الملڪ، سندس ڀاءُ بهاوالدين حسن، "لباب الالباب" جو مصنف عوفي ۽ "طبقات ناصري" جو مصنف منهاج سراج بہ هئا، وڃي التمش جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. (ع.م)

ساڳئي سال (سن 625 هہ) سلطان التمش پنهنجي شهزادي رڪن الدين فيروز کي بدايون جو گورنر مقرر ڪيو ۽ عين الملڪ کي پڻ نوازي هن شهزادي جو ديوان يا وزير مقرر ڪيو. ڏسو طبقات

ناصري ص. 73-172 ۽ 82-181: ۽ تاريخ ايليٽ ڊائوسن، جلد 2، ص 325 ۽ 330.(هوڙي والا ص 80)

62/[15] ديبل : ديبل جي قدامت متعلق فتحنامي جي هن حوالي مان گمان نڪري ٿو ته ديبل راءِ گهراڻي جي وقت (6 صدي عيسوي) ۾ موجود هو. ديبل متعلق پهريون تاريخي حوالو بلاذريءَ جي "فتوح البلدان" ۾ ملي ٿو، جنهن مطابق سن 15ھ (37- 636 ع) ۾، حضرت عمر جي خلافت ۾ عمان جي گورنر عثمان بن ابي العاص الثقفي پنهنجي ڀائرن، مغيره ۽ حڪم جي هٿ هيٺ سمنڊ ذريعي هڪ مهم موڪلي، جنهن هندستان جي الهندي ڪناري جي ٽن بندرن ديبل، ڀروچ ۽ ٿاڻي تي فتحون حاصل ڪيون. ان بعد مسلم ڪماندرن عبيدالله بن بنهان ۽ بديل بن طهفة البجلي جي ديبل تي 711 ع ڪان اڳ جي حملن، محمد بن قاسم جي 712 ع ۾ ديبل جي فتح، ۽ سنڌ ۾ عرب حڪومت جي دؤر ۾ ديبل جا مسلسل حوالا ملن ٿا. عرب سياحن ۽ جاگرافيدانن مان مسعودي (43 - 942 ع)، اصطخري (51- 950 ع) ابن حوقل (68 - 943 ع)، ۽ آخر ۾ مقدسي (86 - 985 ع) خود ديبل ۾ آيا ۽ پنهنجا اکين ڏٺا واقعا قلمبند ڪيائون. ان ڪان سواءِ، غالباً ٻڌل بيانن جي بنياد تي، ديبل متعلق هيٺيان حوالا ملن ٿا. سفرنامو مسعر بن مهلهل (43 - 942 ع) ، حدودالعالم (تِصنيف 982)، بيرونيءَ ڪتاب الهند (11 صدي عيسويءَ جو اوائل)، ادريسي (51 - 1150 ع)، سمعاني (1229 - 1179 ع)، ۽ ياقوت: معجم البلدان (28 - 1224 ع). هندستان جي اسلامي تاريخ ۾ سلطان معزالدين محمد بن سام غوري جي فتح ديبل (83 - 1182 ع) ۽ سلطان جلال الدين خوارزم شاهه جي فتح ديبل (1254 ع) جا حوالا موجود آهن.

اهي جملي حوالا سنڌ جي انهيءَ ساڳئي قديم تاريخي بندر ديبل سان تعلق رکن ٿا، جنهن جو هن ڪتاب فتحنامي ۾ بار بار ذڪر آيو آهي ۽ جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو. انهيءَ ڪري تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڪافي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته تقريباً 6 صدي عيسويءَ ڪان وٺي تقريباً 13 صديءَ جي نصف (1253 ع) تائين ديبل بندر بهتر يا زبون حالت ۾ قائم رهيو(1). گمان غالب آهي ته ڏهين صديءَ ۾ جيئن سنڌ ۾ عربي حڪومت جو زور ٽٽو. تيئن سنڌن طاقت ۽ واپار جي مرڪز ديبل جي اهميت ۽ حفاظت به گهٽجڻ لڳي. ٻئي طرف مقامي حالتن جي تبديلي ۽ سنڌونديءَ جي ڇوڙ وارين شاخن ۾ ڦير گهير سبب، خود نديءَ جي هڪ شاخ تي هڪ نئين بندر لاءِ سهوليت پيدا ٿي، جنهن تي "لوهاراني" نالو پيو. يارهين صديءَ جي شروع ڌاري محقق بيروني ديبل سان گڏ هن ٻئي بندر "لوهاراني"جو ذڪر ڪيو آهي. غالباً هن نئين بندر جي سهوليت، ديبل

جي اهميت کي آهستي آهستي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ايندڙ ٻن سؤ سالن اندر ديبل بالڪل ئي ڦٽي ويو. تنهن ڪري سن 1334ع ۾ جڏهن ابن بطوطہ سنڌونديءَ رستي هيٺ سمنڊ طرف ويو تہ اتي ”لاهري بندر“ کي ئي اوج تي ڏٺائين. البت هن نئين بندر کان 6-7 ميل پري، هن هڪ ڦٽل شهر جا آثار پڻ ڏٺا، جي شايد جهوني ديبل جا هئا.

بهرحال ديبل بندر تقريباً ڇهہ سؤ ورهيہ سنڌ جو هڪ مکيہ بندر ٿي رهيو ۽ هن عرصي واري سنڌ جي سياسي خواه اقتصادي تاريخ جڻ ديبل سان وابستہ هئي. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ ديبل بندر ڦٽي ويو، مگر سنڌ وارن ان جي جاءِ نشين بندر کي وري بہ ديبل سڏيو. ڇاڪاڻ تہ گذريل ڇهہ سؤ سالن جي عرصي ۾ ”بندر“ ۽ نالو ”ديبل“ لازم ملزوم جو ٻنجي چڪا هئا. پوئين زماني جي تاريخ هن عام رواج جي تصديق ڪري ٿي، 160 صدي عيسوي ۾ پورچو گيزن هن ساڳئي لاهري بندر کي "لاهري بندر، ڊِيُوئل ۽ سنڌي ڊِيوئلسند“ ڪري لکيو آهي، ۽ ان بعد انگريزن بہ ان کي ”ستي ديوئل“ خواه ”لاڙي بندر“ ڪري سڏيو(1): ساڳئي وقت ٺٽي بہ هڪ دريائي بندر جي اهميت حاصل ڪئي ۽ ان کي بہ ديبل جو نالو ڏنو ويو. تنهن ڪري ابوالفضل ”آئين اڪبري“ ۾ ٺٽي کي ديبل سڏيو آهي، ۽ ساڳئي وقت مير معصوم لکي ٿو تہ سندس وقت ۾ لاهري بندر توڙي ٺٽي، ٻنهيءَ کي ”ديول بندر“ چيو وڃي ٿو (تاريخ معصومي فارسي ص 6). جيئن تہ اڳاٽي وقت کان لاهري بندر تي بہ ديبل جو نالو پئجي چڪو هو، انهيءَ ڪري اسان جي پوئين مؤرخ مير علي شير قانع لاهري بندر کي ”پراڻو ديبل“ڪري ڄاڻيو (تحفة الڪرام 3 54x - 253). ساڳيءَ طرح پير پٺو، جو بگهاڙ شاخ جو هڪ بندر هو، تنهن کي بہ مقامي طرح ديبل سڏيو ويو، جيئن تہ مير علي شير، تحفة الڪرام (3x247-252) ۾ اتي دفن ٿيل بزرگ شيخ حسين عرف پير پٺي کي ”ديبلي“ ڪري لکيو آهي.

مٿئين وضاحت مان معلوم ٿي چڪو تہ جيتوڻيڪ اصل ”ديبل“ جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو، سو زماني جي انقلاب سبب ڦٽي ويو،تاهم يادگار طور ان جو نالو هلندو آيو ۽ بعد ۾ لوهاراني يا لاهري لاهوري بندر ۽ توڙي ٺٽو، ٻيئي ديبل سڏجڻ لڳا. انهيءَ ڪري انهن ٻنهيءَ مان ڪنهن بہ هڪ کي اصلي قديم ديبل بندر سمجهڻ غلط ٿيندو. محقق بيروني، جنهن پهريائين پهريائين لوهاراني بندر جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن صاف لکيو آهي تہ ديبل هڪ ساحلي بندر هو ۽ لوهاراني ان کان جدا اڀرندي ڏانهن سنڌونديءَ جي هڪ شاخ جو بندر هو (ڪتاب الهند، عربي متن، ص 102). ٺٽي جو تہ بنياد ئي گهڻو پوءِ، سومرن جي حڪومت جي بالڪل آخر ۽ سمن جي اوائلي دؤر ۾ تقريباً 37- 1333ع ڏاري پيو. انهيءَ ڪري پاٽنجر ۽ ڪنيگهام جو لاهوري بندر کي اصلي

ديبل بندر سمجهڻ، يا رچرڊ برٽش، ڪئپٽن مڪمردو، ڏلا روشي، رينيل، ڊبليو هئملٽن، (توڙي پاٽنجر ۽ برنس جو سندن ٻيءَ راءِ موجب) ۽ آخر ۾ هينري ڪزنس جو ٺٽي کي قديم ديبل سان متعين ڪرڻ ظاهراً غلط آهي. ايليٽ، ڪراچي کي ديبل ٺهرائي ٿو، جو صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ ته سن 1725ع کان اڳ ڪراچي جو وجود ئي ڪونه هو ۽ بندر طور ڪراچي پهريائين سن 1729ع ۾ استعمال ٿي. ميجر راورٽي، عرب مؤرخن ۽ جاگرافيدانن جي حوالن کي نظر انداز ڪري، محض ڪئپٽن نيو پورٽ جي بيان (سن 1666ع) جي آڌار تي (جنهن ۾ پير پٺي کي "ديوئل" سڏيو ويو آهي) پير پٺي کي ديبل قرار ڏئي ٿو. اسان اڳ ڇئي آيا آهيون ته ديبل جي زوال بعد جهڙيءَ طرح لاهريءَ بندر ۽ ٺٽي کي ديبل سڏيو ويو، اهڙيءَ طرح پير پٺي کي به ديبل سڏيو ويو.

ديبل جي جڳهه متعين ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ان وقت جي عرب مؤرخن ۽ جاگرافيدانن جي بيانن مان ڪن پڪن دليلن جو سهارو ورتو وڃي، ڇوته مشڪوڪ ۽ وضاحت طلب حوالا ڪنهن به خاطر خواهه نتيجي تي نه پهچائيندا. مثلاً عرب جاگرافيدانن ديبل جا طول ۽ عريض (ڊگهائي ۽ ويڪرائي ڦاڪ) ڏنا آهن، مگر اهي خود وضاحت طلب آهن: اول ته هر هڪ مصنف طول ۽ عريض جا مختلف درجا ڏنا آهن، ۽ ٻيو ته يقين سان چئي نٿو سگهجي ته هنن مان هر هڪ ڊگهائي ڦاڪ ڪٿان ڳڻڻ شروع ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح عرب جاگرافي نويس ديبل جا مفاصلا ڏنا آهن، پر اهي به جملي وضاحت طلب آهن: اول ته جن شهرن کان ديبل جا مفاصلا ڏنا اٿن، خود انهن شهرن جون جڳهيون معلوم نه آهن، ۽ ٻيو ته اهي مفاصلا ڏينهن جي پنڌن، يا منزلن ۽ مرحلن جي عدد، يا فرسخن ۽ ميلن ۾ ڏنل آهن. مگر ڪيئن چئي سگهجي ته هڪ ڏينهن جي پنڌ مان ڇا مراد آهي، يا هڪ منزل يا مرحلي جو ڪيترو مفاصلو سمجهڻ گهرجي، يا ان وقت جو فرسخ يا ميل ۾ ڪيترو مفاصلو قرار ڏجي. انهن مشڪوڪ اندازن جو نتيجو آهي جو ٻن محققن، ايليٽ ۽ هيگ، پنهي ديبل کي متعين ڪرڻ لاءِ پنهنجي دليلن جو مدار عرب مصنفن جي ڏنل مفاصلن تي رکيو آهي. مگر تنهن هوندي به ايليٽ ڪراچي کي ديبل ٺهرايو آهي ته هيگ وري ڪراچي کان اٽڪل 50 ميل اوڀر ڏکڻ طرف، ڪڪڙ ٻکيرا يا ٻيگ ڇڳيو (ٺٽي کان ويهه ميل کن ڏکڻ - اولهه) جي ڦٽل دڙن کي ديبل قرار ڏنو آهي.

اسان جي خيال ۾ ديبل جي ماڳ کي متعين ڪرڻ ۾، اصولي سوال هيءُ آهي ته آيا ديبل خود مهراڻ جي ڪناري تي، يا ان جي ڪنهن شاخ جي ڪپ تي، يا سمنڊ جي ساحل تي، يا سمنڊ جي ڪنهن ڪاريءَ جي ڪنڌيءَ تي هو؟ ان سلسلي ۾ هيٺيان حوالا غور طلب آهن: بقول ابن خردازبه،

ديبل مهراڻ جي ڪناري تي نہ هو بلڪ مهراڻ جي ڇوڙ کان ٻہ فرسنگ پري هو. اصطخري صاف طور ڄاڻائي ٿو تہ، ديبل مهراڻ کان اولهہ طرف سمنڊ تي هو. مسعودي چوي ٿو تہ مهراڻ جو ڇوڙ ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي پري هو. ابن حوقل لکي ٿو تہ، ديبل جو شهر مهراڻ کان اولهہ طرف سمنڊ تي هو. بقول مقدسي، ديبل هڪ ساحلي شهر هو. ياقوت، مسعر بن مهلهل جي حوالي سان ڄاڻائي ٿو تہ، ديبل سمنڊ جي ڪناري تي هو. بيروني جي تحقيق موجب، ديبل سامونڊي ساحل تي هو ۽ لوهاراني بندر ان کان ايرندي طرف مهراڻ جي ڇوڙ وٽ هو. الخوارزمي (ڪتاب صورت الارض ۾) لکي ٿو تہ ديبل سمنڊ تي هو. قلقشندي هڪ آڳاٽي ڪتاب "اللباب" جي حوالي سان لکي ٿو تہ "تحقيق ديبل هندي سمنڊ جي ساحل تي آهي".

متين حوالن مان اصطخري، مسعودي، ابن حوقل ۽ مقدسي جا بيان اکين ڏٺا آهن. انهن بيانن مان هيٺيان پڪا پختا نتيجا نڪرن ٿا تہ: (1) ديبل، مهراڻ يا ان جي ڪنهن بہ شاخ جي ڪناري تي ڪونہ هو. (2) ديبل مهراڻ کان ڪجھ پنڌ پري الهندي طرف هو ۽ (3) ديبل سامونڊي ساحل جو بندر هو. انهن يقيني نتيجن جي بنياد تي بہ ٺٽي، پيرپٽي يا لاهري بندر کي ديبل سمجهڻ غلط ٿيندو. ديبل کي لازمي طور متين مصنفن جي وقت واري مهراڻ جي ڇوڙ کان اولهہ طرف سمنڊ جي ساحل تي تلاش ڪرڻ گهرجي.

---

*هيٺين صفحن ۾ ڪتاب جي ڪن خاص حوالن کي کولي سمجهايو ويو آهي ۽ ڪن مونجهارن کي سلجهايو ويو آهي. هر اشاري جي آڏو ڏنل شروع وارا انگ هن ترجمي جا صفحا ڏيکارين ٿا، ۽ چورس ڏنگين وارا عدد اصل فارسي ڇاپي جا صفحا ڏيکارين ٿا، جي ترجمي جي متن ۾ پڻ تلهن ڪارن انگن ذريعي ڏيکاريل آهن: شمس العلماءُ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي فارسي ڇاپي تان ورتل وضاحتن پويان (ع.م) نشان ڏنو ويو آهي، هوڙي والا جي ڪتاب Studies in indo - Muslim History تان ورتل حاشيا سندس نالي منسوب ڪيا ويا آهن، ۽ هن ترجمي جي ايڊيٽر (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) جي ڏنل سمجهاڻين ۽ اضافن پويان (ن - ب) جو نشان قائم ڪيو ويو آهي.

(1) سن 1951ع ۾، مجلس علميہ ڪراچي جي هڪ اجلاس ۾ ديبل جي محل وقوع جي موضوع تي بنده هڪ مقالو پڙهيو هو. ان موقعي تي شمس العلماءَ دائود پوٽي بندي جو ڌيان سيوطي جي ڪتاب "تاريخ الخلفاءَ" ۾ ديبل جي تباهي بابت هڪ حوالي ڏانهن ڇڪايو: جنهن موجب ديبل سن 280 هہ ۾ خوفناڪ زلزلي ۾ تباهہ تي ويو. اسان انهيءَ حوالي کي مقالي ۾ درج ڪيو، مگر ان کي ضعيف ۽ غير معتبر قرار ڏنو ۽ ان تي تنقيد ڪئي (ڏسو "ديبل جو ممڪن محل وقوع" جي موضوع تي اسان جو انگريزي مقالو- مطبوعہ "اسلامڪ ڪلچر" حيدرآباد دکن، ماهہ جولاءِ 1952ع ، صفحو 37). ان بعد مزيد تحقيق مان معلوم ٿيو تہ درحقيقت سيوطي جي "تاريخ الخلفا" (مطبع منيريہ، مصر، 1351 هہ ) غالباً ڪنهن غلط

قلمي نسخي تان ڇاپي وئي آهي، جنهن ۾ شهر ”ارديبل“ جي بدران ”ديبل“ ڇپجي ويو آهي. انهيءَ جو پڪو دليل هيءُ آهي تہ سيوطي، زلزلن تي هڪ خاص ڪتاب ”ڪشف الصلصلہ عن وصف الزلزلہ“ جي نالي سان لکيو، جنهن جو لب لباب. فاضل مستشرق اي- سپرينگر (A Sprenger) پنهنجي انگريزي ترجمي ۾ ڏنو آهي. جو ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال جي جرنل. سال 1843ع ۾ (ص 49 - 741ع) ڇپجي چڪو آهي. هن ترجمي جي صفحي 743 تي صاف طور لکيل آهي تہ سن 280 هجريءَ وارو زلزلو ارديبل ۾ آيو. انهيءَ ڪري ديبل سان هن حادثي جو ڪو بہ تعلق ڪونہ آهي. (ن - ب)

(1) تصديق لاءِ ڏسو هيگ (Haig) جو ڪتاب ”The Indus Delta Country“، مطبوع لندن، 1894ع، ص 46، 64 ۽ 79.

Gul Hayat Institute

هاڻي سوال آهي تہ انهيءَ عربي دؤر حڪومت واري عرصي ۾ مهراڻ جو ڇوڙ ڪٿي هو؟ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ خاطر خواہ حوالو موجود آهي: محمد بن قاسم جڏهن ديبل فتح ڪيو (1712ع) ۾، تڏهن پاڻ خشڪي رستي نيرون ڪوٽ ڏانهن روانو ٿيو ۽ حڪم ڏنائين تہ منجنيقون وغيره جنگي سامان ٻيڙين ذريعي اچي. "اهي ٻيڙيون پوءِ اتان هاڪاري انهيءَ پاڻيءَ رستي آنڌائون جنهن کي "ساڪرونارو" تي سڏيائون" (فتحنامو ص 115). ساڪري واهڙ مان غالباً مراد قديم بگهياڙ ڦاٽ آهي، جو ساڪري جي پرڳڻي مان وهندو رهيو آهي. ان وقت اهو اجان ننڍڙو واهڙ هو، جو غالباً ٽي سؤ سال پوءِ، يعني يارهين صديءَ جي اوائل ۾، ٻيو نمبر ننڍو دريا ٿي، بنجي پيو. ڇوتہ ان وقت ئي محقق بيروني، سمنڊ وٽ سنڌونديءَ جي ٻن مکيہ ڇوڙ وارين شاخن جو ذڪر ڪيو آهي، هڪ "منهن صغريٰ"(ننڍو منهن) ۽ ٻيو اڳتي ڏکڻ - اوڀرندي طرف "منهن ڪبريٰ" (وڏو منهن) [ڪتاب الهند، عربي متن ص 102]. لوهاراني بندر انهيءَ نندي منهن تي هو، جنهن کي موجوده تحقيق موجب بگهياڙ تسليم ڪيو ويو آهي. عرب جاگرافي نويسن جا مهراڻ ۽ ديبل متعلق بيان، بيروني کان 50 - 60 سال اڳ واري عرصي جا آهن، جنهن وقت پڻ بگهياڙ، مهراڻ جي ٻئي نمبر مکيہ ڇوڙ جي حيثيت ۾ يقيني طور موجود هوندو. ديبل، انهن جاگرافي نويسن ۽ سياحن جي اکين ڏٺي بيانن موجب مهراڻ جي ڇوڙ کان بهرحال پري اولهہ طرف هو. انهيءَ ڪري، ديبل جي تلاش بگهياڙ جي پيٽ کان اولهہ طرف سامونڊي ساحل تي ڪرڻ گهرجي.

بگهياڙ جو قديم پيٽ ميرپور ساڪري تعلقي ۾ نمايان طور موجود آهي، جو هيٺ ميرپور ساڪري ۽ ٻهارن جي شهر وچان اولهہ طرف هلي، ٻهارن جي شهر کان اٽڪل 3 - 4 ميل اولهہ طرف ور ڪائي ڏکڻ طرف وهي سڌو وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. ڪافي پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ ديبل بگهياڙ جي انهيءَ قديم پيٽ کان اولهہ طرف ساحل تي، ويندي ڪراچي تائين، ڪنهن جاءِ تي هو. ديبل جي تلاش ۽ تحقيق متعلق هيءُ نتيجو فيصلاڪنو سمجهڻ گهرجي.

هاڻي ڪراچي کان وٺي هيٺ ڏکڻ - اوڀر طرف بگهياڙ جي پراڻي پيٽ تائين، نيون يا قديم بستيون، جي بندر جي حيثيت رکي سگهن ٿيون، سي هيءَ آهن: ڪراچي، ڪلفٽن، گسري، واگهو در يا ابراهيم حيدري، ڀنڀور، رتو ڪوٽ، ماڙي مورڙو ۽ ٽنپ واري مسجد، ڏاراجا ۽ جاڪي بندر، ۽ راڻي جو ڪوٽ.

انهن مان ڪراچي، جيئن اڳي بيان ٿي چڪو آهي، سڀ کان آخر ۾ بندر گاهہ بنيو ۽ 1725ع کان اڳ هن جاءِ تي ڪوبہ بندر ڪونہ هو. ساڳيءَ طرح ڪلفٽن ۽ گسري ٻيئي نيون آباد ٿيل بستيون

آهن. جتي ڪي بہ خاص قديم آثار موجود ڪين آهن. البت ڪلفٽن تي عبدالله شاهہ جي مزار آهي، جنهن بابت ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب جو خيال آهي تہ بقول بلاذري (فتوح البلدان،طبع يورپ ص ص 36 - 35 ع)، عبيدالله بن نبهان جنهن کي حجاج، بديل بن طهفت البجلي کان اڳ، ديبل تي چاڙهي موڪليو هو، اها مزار انهيءَ جي ئي آهي (ڏسو فتحنامو، فارسي ڇاپي، ص 255). حقيقت ۾ هيءُ دليل ايترو وزندار نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ خود بلاذريءَ جي لکيي موجب، تقريباً خود سندس ڏينهن ڌاري (235 - 229 هہ)، ديبل ۾ بديل بن طهفت جي قبر سا موجود هئي (فتوح، ص 438)۾ نہ عبيدالله بن نبهان جي. ٻيو تہ ڪلفٽن واري موجوده مزار عبدالله شاهہ بخاري طرف منسوب آهي، ۽ سنڌ اندر بخاري سيدن جي آمد جو زمانو ڪافي پوءِ جو آهي.

واگهودر يا ابراهيم حيدري تي ڦٽل بستيءَ جا ڪجهہ نشان موجود آهن ۽ تي سگهي ٿو تہ اهو ديبل هجي. ٻنپور يقيني طور هڪ قديم بستي آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهو ديبل هجي.

رتو ڪوٽ، ابراهيم حيدري کان ڏکڻ - اوڀر طرف هاٽوڪي ساموندي ايراضيءَ ۾ بيٺل هڪ قسم جو قلعو آهي جنهن جي سرن ۽ آثارن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو پوئين زماني جو آهي.

ٻنپور کان اٽڪل 10 - 11 ميل ڏکڻ - اولهہ طرف، تعلقي ميرپور ساڪري جي ديهہ ڪيراٽي واري سمنڊ جي ڇاڇي هيٺ آيل الهندي ايراضيءَ ۾ پڻ ڦٽل کنڊرات آهن. جنهن کي مقامي طور ”ماڙي موروڙو“ چون ٿا. شايد اهيئي آثار آهن. جن کي مسٽر ڪارٽر (Carter) ”ٽنپ واري مسجد“ سڏيو آهي ۽ ديبل ڪري سمجهيو آهي (ڏسو هينري ڪزنس جو ڪتاب ”سنڌ جا قديم آثار“ ص 27 - 126). 1944ع ۾ بندي راقم انهن آثارن جو معائنو ڪيو، مگر اتي جيڪي پٿر جون قبرون ۽ مقام آهي، اهو مڪلي جي قبرستان واري عرصي يا اجا بہ پوءِ جو معلوم ٿئي ٿو. تقريباً ڏيڍ سؤ سال کن اڳ هي ايراضي آباد هئي، جا پوءِ ڪاري هيٺ اچي ويئي. بهرحال هن ايراضيءَ ۾ بہ ديبل جو هئڻ قياس ويجهو آهي.

ڏاراجا، جاڪي بندر ۽ راڻي جي ڪوٽ جا آثار، ٻهارن جي شهر کان اٽڪل 5-6 ميل کن اولهہ طرف ۽ بگهياڙ جي قديم مجرا جي اتر - اولهہ طرف آهن. جن جو اسان سن 1952ع ۾ معائنو ڪيو. راڻي جو ڪوٽ حقيقت ۾ راڻي ارجن جو ڪوٽ آهي، جنهن کي ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي بجار جوکيي هٿان مارايو. ڪوٽ جي اولهہ طرف راڻي جي پٽ ”علي بن ارجن“، جو اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ مسلمان ٿي وفات ڪيائين، جي قبر موجود آهي ۽ جيتري قدر بندي کي ياد آهي تہ ان تي سن 1102 هہ لکيل آهي، بهر حال اهو ڪوٽ پوئين زماني جو آهي.

Gul Hayat Institute

جاڪي بندر ۽ ڏاراجا بندر جا آثار دريا ◻◻ِ جي هڪ قديم شاخ (ڦتي پٽياڻي؟) جي اپرندين ڪنڌيءَ تي (راڻي ڪوٽ کان ميل کن اولهه طرف) موجود آهن. اهي هيئي مقامي نالا آهن، جنهن جو آڳاٽي تاريخ ۾ ڪوبه ذڪر ڪونهي. جاڪي بندر ڏکڻ طرف ۽ ڏاراجا لڳو لڳ اتر طرف، انهن ٻن جدا نالن سان مگر غالباً هڪ ساڳي قديم بستي جا ٿڦل نشان آهن. ۽ گمان غالب آهي ته اهي آثار مشهور تاريخي بندر لاهري جا آهن. ڪئپٽن پوسٽنس (Postans)1834ع کان 1845ع واري عرصي اندر لکندي چوي ٿو ته "ڏاراجا اڳ ٺٽي (جي واپار) جو مکيه بندر ۽ هڪ مشهور شهر هو، مگر دريا ◻◻ِ جي ڦير گهير سبب هن بندر جي اهميت هاڻي گهٽجي وئي آهي... هن وقت ڏاراجا يا لاهري بندر جي بدران ڪراچيءَ کي ئي بندر طور استعمال ڪيو وڃي ٿو"(1)

متئين وضاحت جي بنياد تي واگهو در، ٻنڀور، ۽ ماڙي مورڙو - ٽنهي واري مسجد مان ڪنهن به هڪ کي ديبل قرار ڏيئي سگهجي ٿو. انهن مان هر هڪ جڳهه تي محڪمه آثار قديمه طرفان پوري طرح کوٽائي ڪري وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ ان کان سواءِ ٻنڀور کان وٺي ڏاراجا تائين سڄي ساموندي پٽيءَ جي پڻ پوري تلاش ڪري باقي رهيل کنڊرات جو پتو لڳائڻو آهي. اهڙي مڪمل کوجنا بعد ئي ڪنهن يقيني نتيجي تي پهچي سگهبو. مگر تاريخي روشني توڙي آثار قديمه جي هن وقت تائين ڪيل تحقيق جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته ٻنڀور جي کنڊرات جو ديبل هئڻ وڌيڪ ممڪن ۽ قياس ويجهو آهي. اسان جي هن نظريي جي تائيد ۾ هيٺيان دليل قابل غور آهن:

(1) عرب مؤرخن ۽ جاگرافي نويسن مان بلاذري (فتوح - ص 438) ۽ ياقوت (المشترڪ ص 102 ۽ معجم البلدان تحت "الديبل") "خورالديبل" جو ذڪر ڪيو آهي. هينري ايليٽ "خور"جي معنيٰ اپسمنڊ (bay) ورتي آهي، انهيءَ لاءِ ته سندس نظريي جي تائيد ٿئي، جنهن موجب هو ڪراچي کي، جو هڪ ننڍڙي اپسمنڊ تي آهي، ديبل سمجهي ٿو. مگر خود عرب مصنفن مان قلقشندي (صبح الاعشيٰ 5 x 64) ابن سعيد جي حوالي سان "خور" جي معنيٰ "خليج"لکي ٿو. "خليج" به مختلف معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو، مگر ان جي عام معنيٰ آهي"ڪاري" (1). جيڪڏهن "خورالديبل" جي معنيٰ "ديبل جي ڪاري" تسليم ڪجي ته انهيءَ مان هڪ پڪو گمان هيءُ نڪرندو ته ديبل سمنڊ جي هڪ ڪاري تي هو. هاڻي ڪراچي کان وٺندي، ڏاراجا جي کنڊرات تائين هن وقت تي ڪاريون موجود آهن: گسري واري ڪاري، گڏرو ڪاري جنهن جي منهن تي واگهودر آهي، ۽ سڀ کان وڏي ۽ اهم گهارو ڪاري، جنهن جي ڪناري تي ٻنڀور جا کنڊرات آهن. بقول مقدسي، (وير وقت) سمنڊ جو

پاڻي ديبل جي شهر اندر مارڪيٽ تائين پهچي ويندو هو. اهو اهڃاڻ صرف ڀنڀور جي کنڊرات جي صورتحال سان لاڳو ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته اڃا تائين ڀنڀور جي شهر واري ڀڙي جي اتر طرفان گهاري جو پاڻي اٿل ڪري وهي الهندي طرف تلاءُ ۾ اچي ٿو, جو شهر جي آثارن جي حد ۾ آهي.

(2) ٻيو ته ڀنڀور جا کنڊرات, واگهودر وغيره جڳهن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ وڏا ۽ وسيع آهن, جن پوئين صدي کان وٺي سيني کوجنا ڪندڙن کي ڪافي متاثر ڪيو آهي. تنهن ڪري گذريل صدي ۾ ڊيوڊراس, جنهن ڀنڀور جو معائنو ڪيو, سو لکي ٿو ته هيءُ نهايت قديم کنڊرات آهن." ساڳيءَ طرح پاٽنجر لکيو آهي "آڳاٽي وقت ۾ هيءُ ڪو وڏو شهر هو." ايليٽ ۽ ڪننگهام هنن کنڊرات جي قدامت جي بنياد تي ڀنڀور کي سڪندر اعظم جي زماني جو"بابريڪان" بندر سڏين ٿا. هينري ڪزنس, جو هندستان جي محڪمي آثار قديمه جو وڏو آفيسر هو, سو به مڃي ٿو ته "سنڌ جا باشندا هن کي هن صوبي جو قديم بندر گاهه سمجهن ٿا" ۽ هو پاڻ به هن کي سڪندر اعظم جي ڏينهن جو بندر تسليم ڪري ٿو. مگر تنهن هوندي به هو ڀنڀور کي ديبل جي بدلي عربن جي ڏينهن جو, ڪاري ٽي بيٺل هڪ ننڍو حفاظتي قلعو ڄاڻائي ٿو. ڇاڪاڻ ته سندس خيال ۾ هي هڪ بالڪل ڇوٽڙي بستي "an insignificant site" آهي. هينري ڪزنس جو هيءُ ريمارڪ نه فقط مٿين بيانن جي ابتڙ آهي مگر کنڊرات جي صورتحال جي پڻ مخالف آهي. ڀنڀور جا کنڊرات درحقيقت ڪافي وسيع آهن. ذري گهٽ بلاڪ ڪن ۾ ته ٽڪر واري ڪوٽ جا کنڊرات آهن, جنهن جي ويڪري ديوار توڙي پاسن وارن برجن جا نشان اڃا تائين بيٺل آهن. هن ڪوٽ جي ڏکڻ طرف ٽڪر تي به قديم آثار ذري گهٽ اڌ بلاڪ ڪن پکڙيل آهن. اتر طرف ٽڪر هيٺ لڳولڳ بلاڪ ڪن ۾آثار موجود آهن, جن ۾ ڪمرن ۽ کوٺين جو بناوٽون ۽ هڪ قديم کوهه موجود آهي. ٽڪر واري قلعي جي اتر-اولهه طرف وڏو تلاءُ موجود آهي ۽ هن تلاءُ جي ڏکڻ - اولهه طرف پڻ بلاڪ ڪن ۾ کنڊرات آهن, جن ۾ ٽڪر واري قلعي لڳ هيٺ الهندي, وڏن مٽن جون زمين دوز قطارون عبرت انگيز آهن. مطلب ته ڀنڀور جا کنڊرات, ٽڪر واري مٿاهين دڙي جي ڏاکڻي ڇيڙي کان وٺي, اتر طرف واري قديم رستي تائين پکڙيل آهن. قديم قبرستان هن رستي جي ڏکڻ طرفان لڳو لڳ آهي. انهن جملي وسيع آثارن کي "ڇوٽڙي بستي" سمجهڻ حقيقت جي خلاف آهي.

(3) فتحنامي ۾ ديبل جي ٻڌ واري مندر جو بيان ڏنل آهي, جو چاليهه گز اوچو هو. اهو اهڃاڻ به ڀنڀور جي صورتحال سان لڳي ٿو, جنهن ۾ ٽڪر وارو اوچو دڙو ۽ انهيءَ تي قديم ديوار جا نشان ۽ هڪ اوچي ايراضي نظر اچي ٿي, جا غالباً انهيءَ مندر جي هئي. فتحنامي ۾, محمد بن قاسم

Gul Hayat Institute

جي فتح وقت سنڌ جي ٻين ٻڌ مندرن جا نالا ملن ٿا: مثلاً: اشبار، ڪنوهار، وڪربهار، ۽ نؤبهار. انهن نالن جي پڇاڙي ۾ ”بهار“ يعني ”وهار“، ٻڌ مندرن جي خصوصي سڃاڻپ جي نشاني آهي. اسان جي خيال ۾ ڀنڀور درحقيقت (بن+بهور= بن + بهار) ”بنبهار“ يعني ”وَن وهار“ جي اصلي نالي جي بگڙيل صورت آهي، جو غالباً ديبل واري ٻڌ - مندر جو اصلي نالو هو. انهيءَ لحاظ سان خود ڀنڀور جو نالو بہ ديبل جي اصليت تي غمازي ڪري ٿو.

(4) محڪمي آثار قديمہ طرفان ڀنڀور جي بستي جي، جا کوٽائي ٿي آهي ۽ ان مان جي شيون هٿ آيون آهن، سي پڻ هن نظريي جي تصديق ڪن ٿيون تہ غالباً هيءُ ديبل جي قديم بستي آهي.

اول 1920 ۽ 1930ع واري عرصي ۾ محڪمي آثار قديمہ طرفان هنن ڪنڊرات جي، جا کوٽائي ٿي، تنهن مان ساڳيون اهڙيون شيون نڪتيون جهڙيون سنڌ جي عربي دؤر حڪومت واري گادي جي شهر منصوره مان لڌيون. تازو پيهر 1951ع ۾ هنن ڪنڊرات جي کوٽائي ٿي جنهن جي مفصل رپورٽ شايع ڪانہ ٿي، مگر اخبار ”ڊان“ (Dawn, Karachi April 29,1951)جي هڪ پرچي ۾ هڪ بيان ڇپيو تہ هتان ٻين سنهين ٿلهين شين سان گڏ عربيءَ خط نسخي ۾ لکيل تختيون ۽ عرب گورنر منصور جا اٺين صديءَ جي نصف آخر جا سِڪا لڌا ويا آهن. اسان جي راءِ ۾ منصور بن جمهور جا سڪا ويتر هن نظريي جي تائيد ڪن ٿا تہ ڀنڀور جا ڪنڊرات قديم ديبل بندر جا آهن. منصور بن جمهورالڪلبي، اموي دؤر جي زوال وقت، تقريباً 130 هجريءَ جي شروعات (747ع جي آخر) ڌاري، عراق مان ڪهي اچي سنڌ تي زوريءَ قبضو ڪيو ۽ اتي پنهنجي خودمختيار حڪومت قائم ڪئي، جا تقريباً سن 134 هجريءَ جي نصف جي آخر (751ع جي پڇاڙي) تائين باقي رهي. منصور انهيءَ خودمختياري واري دؤر ۾ پنهنجي نالي سان سڪا جاري ڪيا. منصوره، جو سنڌ جي گادي هو، سو منصور جي طاقت جو مکيہ مرڪز رهيو. سندس حڪومت ۽ طاقت جو ٻيو مکيہ مرڪز غالباً ديبل هو، ڇاڪاڻ تہ مؤرخ يعقوبي (407x2) لکي ٿو تہ منصوره تي قبضي ڪرڻ بعد منصور، ديبل جي فتح لاءِ خاص طرح پنهنجي پاءُ منظور کي چاڙهي موڪليو هو. محڪمي آثار قديمہ طرفان ڪيل کوٽائي مان منصوره جي ڪنڊرات مان اڳيئي منصور جا سڪا لڌا ويا آهن (ڏسو هينري ڪزنس جو ڪتاب ”سنڌ جا آثار قديمہ“). ٻيا سڪا خصوصاًسندس طاقت جي ٻيئي مرڪز ديبل ۾ ملڻ کپن، جي ڀنڀور جي ڪنڊرات مان مليا آهن. انهيءَ ڪري موجوده تحقيق موجب ڀنڀور جو ديبل هئڻ وڌيڪ قياس ويجهو معلوم ٿئي ٿو.(1) (ن-ب)

62/[15] چار حڪمران مقرر هئا: پڻ راءِ گهراڻي جي نظام حڪومت لاءِ ڏسو هيٺ ص 44 - 45.

Gul Hayat Institute

62/[15] ڪردن جي جبل ۽ ڪيڪانان تائين: ڪردن جا جبل، ڪرمان ۽ مڪران جي سرحد وارا جبل سمجهڻ گهرجن. حقيقت ۾ ڪُرد قبيلا، ڪرمان کان گهڻو اتر طرف ايران ۽ عراق واري سرحد تي رهندڙ آهن. مگر ڪرد توڙي ڪفچ ۽ بلوچ قبيلا ساڳيو تاريخي پس منظر رکن ٿا. ۽ ڪفچ (قفص يا ڪوچ) ۽ بلوچ قبيلن جون بستيون ڪرمان ۽ مڪران واري سرحد تي قديم وقت کان قائم هيون. اندازاً نوشڪي پاس کان اولهه - ڏکڻ طرف وارا جبل ڪردن جا جبل سمجهڻ گهرجن.
ڪيڪانان اهو ملڪ آهي جنهن کي راءِ گهراڻي جي ايامڪاريءَ ۾ چين جي مشهور سياح شئون سنگ(Huen Tsang) ”ڪي - ڪيانگ — نا“ سڏيو آهي (ڏسو ڪننگهام: قديم جاگرافي، ص 100). شون سينگ جي بيان ۽ عرب جي مؤرخن جي متعدد حوالن جي بنياد تي، بندي جي راءِ ۾ ڪيڪانان جو ملڪ گومل ندي، نوشڪي پاس، قصدار ۽ قندابيل (گنداوا) جي وچ وارو ملڪ هو. هن جاءِ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت جي سرحد جو ذڪر آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان مراد، ڪيڪانان جي سرحد آهي، يعني سليمان جبل جي قطار جو اهو حصو جو گومل ندي کان شروع ٿي نوشڪي پاس، تائين پهچي ٿو. انهي نقط نظر کان جڻ موجوده قلات رياست توڙي سراوان ۽ جهالاوان جون رياستون بہ راءِ گهراڻي جي حڪومت ۾ شامل هيون. (ن-ب)
62/[15] برهمڻ آباد: فتحنامي جي قلمي نسخن ۾ هن نالي جي صورتخطي ”برهمناباد“آهي. بهر صورت هن نالي جي پڇاڙي ”آباد“ مان ظاهر آهي تہ هي اصل ايراني نالو آهي. تاريخ مان بہ دليل نڪري ٿو تہ هيءُ شهر غالباً ايران جي بادشاهہ بهمن اردشير جي حڪم سان ٻڌو ويو ۽ انهي لحاظ سان ان جو اصل نالو ”بهمن آباد“ هو. بهمن اردشير پنهنجي وسيع بادشاهي ۾ انهيءَ نالي سان ٽي شهر جوڙايا: هڪڙو بهمن آباد خراسان ۾ جو ”ري“ ۽ ”نيشاپور“ جي شهرن جي درميان هو(1)، ٻيو عراق (سواد) ۾، جنهن کي پهريائين ”ابيذ اردشير“ جو نالو ڏنو ويو، مگر پوءِ اهو بہ ”بهمنيا“ سڏجڻ لڳو ۽ خود مؤرخ طبري جي ڏينهن (868 - 932 ھ) ۾ پڻ موجود هو (طبري ج 1 ص 87). جيئن تہ سنڌ کي بہ اردشير فتح ڪري پنهنجي بادشاهي هيٺ آندو هو ۽ سندس حياتيءَ ۾ سنڌ تي هن جا مسلسل گورنر مقرر ٿيندا آيا (طمزه اصفهاني: سني ملوڪ الارض والانبياءٌ، ص ص 12 - 13)، انهيءَ ڪري سنڌ ۾ پڻ سندس نالي سان شهر ٻڌو ويو هوندو. انهيءَ جي تصديق ”مجمل التواريخ“ مان ٿئي ٿي، جنهن جو مصنف لکي ٿو تہ بهمن اردشير هن پاسي بہ شهر ٻڌايا: هڪڙو ترڪن ۽ هندن جي سرحد نروار ڪرڻ لاءِ قندابيل (گنداوا) ۽ ٻيو ٻڌيہ جي پر ڳڻي ۾ ”بهمن

آباد"جنهن نالي سان هينئر منصوره کي سڏيو وڃي ٿو (مجمل التواريخ، طبع طهران ص 117 - 118).

غالباً گهڻو پوءِ جڏهن سنڌ ۾ برهمڻن جو دخل ٿيو، تڏهن "بهمن آباد" نالي کي ڦيرائي"برهمڻ آباد" سڏيو ويو. برهمڻن جو سنڌ تي قبضو تعصب کان خالي ڪونہ هو، هندستان جي برهمڻ راجا "ڦفند" پنهنجي پاءُ "ساميد" کي جڏهن سنڌ تي چاڙهي موڪليو، تڏهن هن بهمن آباد ۾ آتشڪده جي جاءِ تي بتخانو قائم ڪيو (مجمل التواريخ، ص 119). شهر جي نالي جي ڦير گهير شايد خود انهيءَ تعصب سبب يا برهمڻن جي دراز تسلط سبب يا سنڌي ٻوليءَ جي مقامي اچار سبب وجود ۾ آئي هجي. البيروني (ڪتاب الهند، عربي متن ص 130، ترجمہ 1 x 260) يارهين صديءَ جي شروعات ڌاري بہ هن شهر جو نالو "بهمنوا" لکيو آهي، جنهن مان پڻ هن شهر جي اصلي ايراني نالي جي تائِيد ٿئي ٿي. البيروني وڌيڪ لکي ٿو تہ برهمناباد درحقيقت "بهمنوا" آهي (ساڳيو 160x1).

فتحنامي مان ظاهر آهي تہ راءِ گهراڻي جي وقت ۾ برهمڻ آباد، لوهاڻي پرڳڻي جو مرڪزي شهر ۽ اتي جي حاڪم اگهم جي گاديءَ جو هنڌ هو (ڏسو متن، ص 57). محمد بن قاسم جي فتح وقت (710ع) بہ برهمڻ آباد هن ايراضيءَ جو مکيہ قلعو هو. شهر هن مضبوط قلعي اندر هو جنهن کي چار دروازا هئا، ۽ هن شهر جي اپرندي پاسي کان "جلوالي" نالي نهر وهندڙ هئي (ڏسو متن ص 90 - 291). برهمڻ آباد جي مرڪزي حيثيت غالباً تڏهن گهٽي جڏهن محمد بن قاسم جي پٽ عمرَو، سنڌ جي گورنر الحڪم جي ايامڪاريءَ ۾ (111 - 121/22 هه)، سندس شاندار فتحن جي يادگار ۾ منصوره جو شهر ٻڌايو (بلاذري: فتوح البلدان ص 444)، جو برهمڻ آباد کان ٻن فرسنگن جي مفاصلي تي هو (ساڳيو، ص 439). جيتوڻيڪ هن نئين شهر جو نالو، الحڪم جي ايامڪاريءَ ۾ ڪيل فتحن سبب "المنصوره" رکيو ويو، پر جيئن تہ هيءُ نئون شهر هن ساڳي برهمڻ آباد واري ايراضي توڙي سڄي سنڌ جو تختگاهہ بنيو، انهيءَ ڪري مقامي طور سنڌ وارن هن نئين شهر کي بہ برهمڻ آباد سڏيو آهي. اصطخري (ص 170) ۽ ابن حوقل (ص 826) صاف طور لکيو آهي تہ سنڌيءَ ۾ منصوره کي بہ "برهمناباد" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري ئي عرب مؤرخن، منصوره جي هن نئين مقامي نالي برهمڻ آباد ۾ جهوني برهمڻ آباد ( جو منصوره کان ٻہ فرسنگ پري هو) ۾ تعمير ڪرڻ لاءِ اصلي برهمڻ آباد کي (جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو

هو ”برهمناباد قديمتيقة“ (بلاذري، فتوح البلدان ص 39 ع) يا ”برهمناباد قديم“ (فتحنامو، متن ص137 [110] ) يعني جهونو برهمڻ آباد ڪري سڏيو.

---

(1) ڏسو ڪئپٽن پوسٽنس جو ڪتاب Personal Observations on Sind مطبوعہ لنڊن، 1843ع، ص 27 ۽ 17.

(1) انگريزي ۾ Estuary يا Creek ڏسو هيگ جو ڪتاب ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“ ص 44 - 43.

(1) هن تحقيق ۾ اسان پنهنجي مضمون جو خلاصو نئين معلومات جي اضافي سان پيش ڪيو آهي. مگر مفصل بحث ۽ حوالن لاءِ ڏسو اسان جو انگريزي ۾ لکيل مضمون:

"The Most probable Site of Debal the Famous Historical Port of Sind" (Islamic Culture، Hyderabad Deccan، Issue of July 1952).

(1) ڏسو ابن خردازبہ ص 23: قدامت (ڪتاب الخراج) ص 201، اصطخري ص 284، حدودالعالم (طبع طهران) ص 56، ۽ تاريخ بيهق ص 204.

Gul Hayat Institute

هاڻي سوال آهي تہ اهو اصلي قديم برهمڻ آباد ڪهڙي جڳهہ تي هو؟ هن سلسلي ۾ مٿيان ٻہ حوالا نهايت قيمتي آهن: هڪ تہ برهمڻ آباد، نئين ٻڌايل شهر منصوره کان ٻن فرسنگن جي مفاصلي تي هو، ۽ ٻيو تہ ان جي اڀرندي طرف کان ”جلوالي“ ندي وهندڙ هئي. محڪمي آثار قديمہ جي طرفان 1920 - 1922ع واري عرصي ۾ جا کوٽائي ٿي، ان مان يقيني طور ثابت ٿي چڪو آهي تہ شهدادپور کان 8 ميل اوڀر- ڏکڻ طرف ۽ جمڙائو واهہ جي لڳو لڳ اوڀر طرف، دلور وارو مشهور ڀڙو ۽ ان جا وسيع کنڊرات درحقيقت عربي شهر منصوره جا کنڊرات آهن. عرب گورنرن جا لڌل سڪا، ٺڪر جو سامان ۽ قديم شاهي مسجد جا آثار قديمہ وارن جي عربي تاريخ کان هن شهر جي مقامي نالي ”ٻانيٽياهہ“ سبب، هنن آثارن کي برهمڻ آباد ٺهرايو ويو آهي. حقيقت ۾ جهوني برهمڻ آباد کي هن شهر منصوره کان ٻن فرسنگن جي مفاصلي تي ڳولڻ گهرجي.

هاڻي جيڪڏهن منصوره جي آثارن جي وچ کي (1) مرڪز بنائي، ٻن فرسنگن (يعني پنجن يا ڇهن ميلن) جي نيم قطر سان گول ڪڍجي تہ قديم برهمڻ آباد انهيءَ گول جي گهيري واري لائين جي لڳ ڀڳ واقع هئڻ گهرجي. منصوره جي پسگردائي جو معائنو ڏيکاري ٿو تہ ٻيا قديم ڀڙا ۽ آثار منصوره جي کنڊرات کان ڏکڻ - اوڀر، اوڀر ۽ اتر - اوڀر طرف پکڙيل آهن. منصوره کان اتر - اوڀر طرف "ڄراري" جو ڳوٺ آهي، جنهن جو نالو قديم نهر ”جلوالي“ (=جرواري = جراري = ڄراري) جو هڪ يادگار آهي. انهيءَ ايراضيءَ جو اسان پوريءَ طرح گشت ڪيو آهي ۽ اسان جي خيال ۾ ”ڳاڙهي ڀڙي“ (ڳوٺ پليي لغاري تعلقي سنجهوري جي لڳ اوڀر طرف) جا کنڊرات يا ڏيپر گهانگهري جي ٽل (جهول جي اولهہ طرف) وارا کنڊرات، انهن ٻن مان ڪنهن بہ هڪ جا آثار ”قديم برهمڻ آباد“ جا آثار آهن. اهي ٻئي کنڊرات منصوره کان اٽڪل 5 - 6 ميلن يعني ٻن فرسنگن جي مفاصلي تي آهن. (ن - ب)

62/[15] نيرون ڪوٽ: فتحنامي ۾ ص 142/[16] تي ڄاڻايل آهي تہ محمد بن قاسم ديبل جي فتح بعد نيرون ڪوٽ ڏانهن ڪوچ ڪيو ۽ ڇهن ڏينهن جي پنڌ بعد ستين ڏينهن اچي نيرون ڪوٽ وٽ پهتو، جو ديبل کان پنجويهن فرسنگن جي مفاصلي تي هو. نيرون لڳ”بروري“ جي جوءِ هئي جتي چراگاهہ هئا، مگر مهراڻ جو پاڻي اجا اتي ڪونہ آيو هو. هن بيان مان ظاهر آهي تہ ديبل کان نيرون ڪوٽ ڏانهن ايندي، محمد بن قاسم مهراڻ ڪونہ ٽپيو، جنهن جي معنيٰ تہ نيرون ڪوٽ مهراڻ جي اولهہ طرف هو. ديبل کان نيرون ڪوٽ 25 فرسنگ يعني 75 ميل پري هو. جيڪڏهن پنيور وارا کنڊرات ديبل جا آهن، جيئن اسان مٿي بحث ڪري آيا آهيون، تہ پنيور (گهاري لڳ)

Gul Hayat Institute

ڪان حيدرآباد تقريباً 75 ميلن جي مفاصلي تي آهي. حيدرآباد جي اولهہ - ڏکڻ طرف جتان هينئر دريا ؟؟ وهي ٿو، هڪ هيٺاهين ۽ آباد زمين واري ايراضي آهي ۽ غالباً اهائي ”بروري“ جي چراگاهن واري ايراضي هئي، جنهن ۾ محمد بن قاسم اچي منزل انداز ٿيو.

سنڌ جي مقامي روايتن موجب بہ حيدرآباد جو شهر، نيرون ڪوٽ واري قديم بستي جي جاءِ تي اڏايل آهي (ڏسو تحفة الڪرام، 3 x 177). حيدرآباد جو موجوده قلعو ميان غلام شاه ڪلهوڙي سن 1768ع ۾ تعمير ڪرايو ۽ پانئجي ٿو تہ هن جاءِ تي ان وقت کان اڳ بہ ڪا بستي موجود هئي.

محب الله بکري پنهنجي مختصر تاريخ (قلمي) جي ٻئي باب ۾ حيدرآباد بابت لکي ٿو تہ: حيدرآباد دراصل نيرون جي نالي سان مشهور آهي. شهر جو بنياد، نبوت ۽ هجرت جي وچ واري عرصي ۾ پنجين سال پيو. مغلن جي فتح بعد هيءُ شهر حيدرآباد سڏجڻ لڳو ڇاڪاڻ تہ حيدرقلي (ارغون؟) هن کي نئين سر تعمير ڪرايو. ا.هـ.(ن-ب)

62/[15] لوهاڻو، لاکہ ۽ سمہ: لوهاڻو ان وقت ۾ سنڌ جو هڪ پرڳڻو هو، جنهن جو حاڪم، راءِ گهراڻي جي زوال وقت، اگهم هو. فتحنامي ۾ لوهاڻي جي حاڪم اگهم (ص 82 - 81) ۽ لوهاڻي جي جتن (ص 86) جو ذڪر آيو آهي. لوهاڻي واري پرڳڻي ۾ لاکہ،سمہ ۽ سهتہ جون ايراضيون شامل هيون (ص 55)، ۽ انهن ايراضين تي اهي نالا اتي جي رهندڙ قومن جي پٺيان پيل هئا. لوهاڻو پرڳڻو غالباً سانگهڙ ضلعي جي شهدادپور ۽ سنجهوري تعلقن ۽ حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي تي مشتمل هو. انهيءَ ايراضي ۾ ساهتي، لاکاٽ ۽ لوهاڻو نالا اڄ ڏينهن تائين انهن قومن جي قديم بستين جا يادگار آهن. شهدادپور کان هيٺ دريا ؟؟ جو هڪ پراڻو ڊورو اڃا تائين ”لوهاڻو درياءُ“ سڏجي ٿو ڇاڪاڻ تہ دريا ؟؟ جي اها شاخ هن لوهاڻي پرڳڻي جي مکيہ ايراضي مان وهندڙ هئي. (ن - ب)

62/[15] ٻڌيہ: هيءُ قديم سنڌ جو اتر - الهندو پرڳڻو هو، جو سيوستان يا سيوهڻ پرڳڻي جي لڳو لڳ اتر ۾ هو، ۽ جو اندازاً موجوده لاڙڪاڻي ضلعي سڄي ۽ جيڪب آباد ضلعي جي الهندي پاڱي تي مشتمل هو. اتر الهندي ڪان ڪيڪانان جو ترڪي پرڳڻو لاڳو هئس، فتحنامي جي صفحي [39] مان واضح آهي تہ راءِ گهراڻي جي زوال وقت ”ڪاڪا راڄ“ هن پرڳڻي جي گادي جو هنڌ هو.

بعد جي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قندابيل (گنداوا) هن ٻڌيہ پرڳڻي جو سرحدي شهر هو، جنهن جي پريان ڪيڪانان جو ڏاکڻيون علائقو ”توران“ هو. قندابيل بلڪل سرحد تي هو، ايتري قدر جو ان

کي ڪنهن وقت توران جي علائقي ۾ شمار ڪيو ويندو هو [ياقوت، بلدان (قندابيل) ۽ مقدسي ص 486] حالانڪ قندابيل، بڌيہ پرڳڻي جو مکيہ تجارتي شهر هو [ابن حوقل ص 231]. (ن-ب)

62/ [15] رونجهان: هن نالي سان اڄ ڏينهن تائين بہ شهر، رونجهاڻ مزاري ۽ رونجهاڻ جمالي، جيڪب آباد ضلعي لڳ موجود آهن. شايد قديم رونجهاڻ علائقو انهيءَ ايراضي تي مشتمل هو. فتحنامي جي فارسي ترجمي (613 هه) کان 32 ورهيہ پوءِ سن 645 هه ۾ بہ رونجهاڻ تي مغلن جي حملي جو تاريخي حوالو ملي ٿو، جنهن ۾ "بـــرج" ۽ "رنجهان"افغانستان جي سرحد اندر بہ شهر ڄاڻايا ويا آهن (تاريخ نامہ هرات للهروي، ڪلڪتہ 1943ع، ص 63 - 162). انهيءَ جي معنيٰ تہ آڳاٽي وقت ۾ هن علائقي کي ڪافي اهميت هئي ۽ ستين صدي هجريءَ ۾ هن ايراضيءَ تي غالباً افغانستان جو قبضو هو. (ن - ب)

62/ [15] اسڪلنده: مجمل التواريخ جي مصنف هن شهر کي "عسقلند" ڪري لکيو آهي. هن شهر کي اُڇ جي قديم شهر سان متعين ڪيو ويو آهي. ڏسو راورٽي جو ڪتاب "مهراڻ"، ص 244 - 255، حاشيہ نمبر 192.( ع . م)

62/ [15] باتيہ: يعني ڀاٽيہ، جنهن کي ڪن مصنفن "بهاطيہ" ڪري لکيو آهي. فتحنامي ۾ صفحي [33] تي چچ جي فتحن جي بيان ۾ ڄاڻايل آهي تہ قلعو ڀاٽيہ، بياس نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي هو. وري صفحي [235] تي محمد بن قاسم جي فتحن ۾ ڄاڻايل آهي تہ اروڙ فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم، اتر طرف وڌيو ۽ پهرين قلعي ڀاٽيہ وٽ پهتو، جو بياس نديءَ جي ڏکڻ طرف هڪ قديم قلعو هو، ۽ چچ جو ڀائيٽيو، اروڙ طرفان ان جي حاڪم هو. باتيہ فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم بياس ندي اُڪري قلعي اسڪلنده کي گهيرو ڪيو ۽ ان جي فتح ڪرڻ بعد سڪہ جي قلعي کي گهيرو ڪيائين جو راوي نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي هڪ مضبوط قلعو هو. ان قلعي جي فتح بعد راوي ندي اُڪري ملتان کي گهيرو ڪيائين [ساڳيو ص 226 — 237]. اهي حوالا غالباً فتحنامي جي اصلي عربي رڪارڊ مطابق آهن ۽ انهيءَ ڪري ڀاٽيہ جي بيهڪ متعين ڪرڻ ۾ اصولي سمجهڻ گهرجن. انهن حوالن مان ظاهر آهي تہ چچ جي ڏينهن ۾ ڀاٽيہ جي قلعي ۽ پرڳڻي جو انتظام ملتان جي بدلي اروڙ سان وابستہ هو، ۽ ڀاٽيہ اروڙ ۽ ملتان جي وچ تي بياس نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي هو. محمد بن قاسم جي فتحن مان ظاهر آهي تہ ڀاٽيہ*، نسبتاً اروڙ کان ملتان کي ويجهو هو. تقريباً ٽي سؤ سال پوءِ بہ ڀاٽيہ جو قلعو انهيءَ ساڳي نالي سان موجود هو ۽ محمود غزنويءَ جي فتحن ۾ ان جو ذڪر اچي ٿو. ان سلسلي ۾ تاريخ يميني جو مصنف

Gul Hayat Institute

(غزني مان) لکي ٿو تہ: ”ڀاٽيه، ملتان جي ڀريان آهي“. يعني تہ سنڌ واري طرف آهي. ٻہ صديون پوءِ فتحنامي جو مترجم سن 613 هہ ۾، موجوده زير بحث صفحي 62/ [15] تي ڄاڻائي ٿو تہ (هن وقت) ڀاٽيه کي ”تلواڙو ۽ چچ پور ٻہ چوندا آهن“. (ن - ب)

62/ [15] ديوهپور: اصل فارسي متن جي ص [15] تي ”ديوهنوز“ ۽ ص [51] تي ”ديود هنوز“لکيل آهي. پوئين پڙهڻي پ مطابق ”ديوهپور“ ۽ م مطابق ”ديوهنوز“ آهي. پ جي پڙهڻي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءُ نالو اصل ۾ ”ديوهپور“ آهي، جنهن کي تاريخ معصومي ۾ (ص 28، 31) ”ديبالپور“ لکيو ويو آهي. (ن - ب)

63/ [16] نيمروز: آڳاٽي وقت ۾ نيمروز هيٺين ملڪن جي گڏيل ايراضيءَ جو نالو هو: فارس، اصفهان، اهواز، بست، زابل، سجستان، سنڌ، مڪران ۽ ڪرمان. بعد ۾ اهو نالو، سجستان (سيستان) ۽ ان جي پسگردائيءَ واري خِطي سان مخصوص ٿيو. (ڏسو الخفاجي جو ڪتاب”شفاءَ الغليل“، ص 334). سيستان هن وقت افغانستان جو هڪ پرڳڻو آهي. (ن - ب)

76/ [26] چترور جو بادشاهہ: يعني چتور جو بادشاهہ. غالباً آڳاٽي وقت ۾ هن شهر جو نالو”چترور“ هو. فتحنامي جي معتبر نسخن مثلاً پ، ر ۽ م جي پڙهڻي ٻہ ”جترور“ آهي. البيروني ٻہ ”ڪتاب الهند“ ۾ هن شهر جو نالو ”جترور“ لکيو آهي. بقوله: ”بازان کان ڏکڻ طرف (ويندي) اوهين ميواڙ پهچندؤ جنهن جي گادي جتهرور آهي.“ (ن - ب)

39/ [28] راجا مهرٿ جو سر بدن کان ڌار ڪري ڇڏيائين: تحفة الڪرام (جلد 3، ص 7) جو مصنف چوي ٿو تہ: ”هيءُ واقعو نبي ﷺ جي هجرت جي پهرئين سال جي لڳ ڀڳ آهي.“(ع . م)

74/ [31] وزير ٻڌيمن طاڪي: غالبا= "طاڪي" نسبت آهي ”تاڪيه“ ڏانهن. يعني”تاڪيه جو باشندو“. تاڪيہ جو ذڪر هن کان اڳ ص 63/ [15] تي اچي چڪو آهي تہ راءِ سيهرس پنهنجو هڪ حڪمران ملتان ۾ مقرر ڪيو ۽ ”سڪہ، برهمپور، ڪرور، اشهار ۽ تاڪيہ ويندي ڪشمير جي حد تائين، انهيءَ جي حڪومت هيٺ رکيائين.“ هن عبارت مان ظاهر آهي تہ تاڪيہ ملتان سان لاڳو ۽ ملتان ۽ ڪشمير جي وچ وارو ملڪ هو. اڳتي صفحي 79/ [37] تي تاڪيہ ۽ ڪشمير جي حد جو ذڪر آهي ۽ ڪشمير جي حد تاڪيہ کان مٿي ڄاڻايل آهي، پڻ صفحي 217/ [203] تي ”بلاد طاڪيه“ (طاڪيه جي شهرن) مان اهوئي گمان نڪري ٿو. وري صفحي 249/ [237] تي ملتان جي پسگردائيءَ واري شهر ”سڪہ“ جي حاڪم بجهراءَ کي ”بجهراءَ طاڪي“ جو ڏوهٽو ڄاڻايو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

عرب مؤرخن جو ”طاڪيه“ يا”طاڪيه“ ساڳيو ”تڪاديش“ آهي، جنهن جو ذڪر هندستان جي تاريخ جي مقامي ماخذن ۾ ملي ٿو. (ن-ب)

76/ [33] سرحد...جا ترڪن سان لاڳو آهي: هن سرحد مان مراد غالباً سنڌ جي اتر طرف واريون ڪابلستان ۽ زابلستان جون سرحدون آهن، ڇاڪاڻ جو ان وقت انهن ملڪن جا باشندا ۽ حاڪم ترڪ هئا. (ن- ب)

77/ [35] ڪي نالي وارا دوست شهيد ٿيا: ”شهادت“ جي لفظ جي استعمال مان گمان نڪري ٿو ته ڇچ جي لشڪر ۾ ڪي مسلمان (عرب) پڻ شامل هئا. ان گمان جي تصديق اڳتي صفحي 77 تي ٿئي ٿي، جيئن ته ڇچ سندن سردار امير عين الدوله ريحان ڪي سڪه جو حاڪم مقرر ڪيو. (ن-ب)

80/ [39] سرڪونڌ پٽ پندَرڪو پڪو: سرڪونڌ معنيٰ بهادر، پندرڪو يعني پندن يا بڪيارين جي رکيا ۽ پرورش ڪندڙ. انهيءَ ساڳيءَ ترڪيب سان ص83/ [42] تي ٻيو نالو ”ٻڌرڪو“آيل آهي، يعني ٻڌ جي بت جو محافظ. پڪو يعني پڪشئو يا پوڄاري، خصوصاً ٻڌ ڌرم جو. (ن-ب)

80/ [39] ڪاڪا راڄ: يعني ڪاڪا قوم جو راڄ. سنڌ جي اتر الهندي پرڳڻي ٻڌيه جي گاديءَ جو هنڌ ”ڪاڪاراڄ“ هو. تحفة الڪرام (3x 133) ۾ ڪاڪا راڄ جو ذڪر اچي ٿو. غالباً ضلعي لاڙڪاڻي (هينئر ضلعي دادو ۾ تعلقي ”ڪڪڙ“ جو نالو انهيءَ قديم ڪاڪا راڄ جي بگڙيل صورت جي يادگار آهي. (ن-ب)

82/ [41] ريگستان جي بادشاهه ڏانهن جنهن ڪي پٽي به چوندا آهن: اصل عبارت ۾ ”ملڪ – رمل“ آهي. رمل معنيٰ واري، جنهن ڪري ترجمي ۾ ”ريگستان جو بادشاهه“ لکيو ويو آهي. غالباً ان مان مراد جيسلمير ۽ ٻاهڙ مير جي ملڪ جو حاڪم آهي ڇاڪاڻ ته جيسلمير آڳاٽي وقت کان وٽي پٽين جي بستي رهي آهي. سنڌي نسبنامي جي هڪ آڳاٽي بيت ۾ چيل آهي ته: ”سنڌ سمو، ڪاڇي چنو، ڀاٽي جيسلمير.“ جيئن ته عربن جي فتحن ۾ ”بالمد“شهر جو نالو اچي ٿو جو غالباً ”ٻاهڙمير“ آهي. انهيءَ لحاظ سان ”ملڪ رمل“ ڪي ”ٻاهڙمير جو راجا“ تعبير ڪرڻ مناسب ٿيندو- والله اعلم بالصواب. (ن-ب)

83/ [42] ”ٻڌ نووهار“: يعني نووهار نالي ٻڌ جو مندر، جنهن جو رکوال ”ٻڌرڪو“ نالي شمني پروهت هو. صفحي 86/ [46] تي هن شمني جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته نووهار جو مندر هڪ قديم

عبادتگاھ هو. جو گھڻي وقت کان زماني جي گردش سبب زبون ٿي چڪو هو. جنھن کي نئين سر ٺھرائڻ لاءِ هن شمني، چچ کي خاص تاڪيد ڪيو.
83/ [42] ڪنوهار: هن صفحي توڙي اڳتي 76 - 75 صفحن جي عبارتن مان ظاهر آهي تہ چچ جي سنڌ جي قبضي وقت ٻڌ جو هيءُ مندر آباد هو ۽ "ٻڌرڪو" شمني جو هڪ وڏي اثر ۽ رسوخ وارو شمني پروهت هو. سو هن مندر جو راهب يا مجاور هو. صفحي 84/ [44] تي چاٽايل آهي تہ برهمڻ آباد فتح ڪرڻ بعد، چچ هن پروهت کي، جو سندس مخالف هو، سزا ڏيڻ لاءِ "هٿيار بند ماڻھن کي سوار ڪري ٻڌ مندر ڪنوهار ڏانھن روانو ٿيو". ۽ رستي ۾ هٿيار بند ماڻھن کي خاص هدايتون ڏنائين. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ هيءُ مندر برهمڻ آباد جي شهر کان ٻاهر ڳچ مفاصلي تي هو. انهيءَ جي تصديق صفحي 85/ [45] تي ڏنل چچ جي هيٺين لفظن مان ٿئي ٿي، جي صلح بعد هن پروهت کي چيا: "آءٌ چاهيان ٿو تہ اسان جو چوڻ وٺي برهمڻ آباد جي قلعي ۾ وري موٽي اچين." صفحي 85/ [46] تي مندر ڪنوهار مان چچ جي واپسي بابت جدا عنوان ڏنل آهي تہ "چچ جو برهمڻ آباد ڏانھن موٽي وڃڻ." انهن مڙني عبارتن مان ظاهر آهي تہ ڪنوهار جو مندر برهمڻ آباد جي شهر کان ڪجهہ مفاصلي تي پري هو. ٻڌ ڌرم وارن جو دستور بہ اهو هو جو پنھنجون عبادتگاهون اڪثر شهرن کان پري سانت ۽ تنهائيءَ وارين جاين تي قائم ڪندا هئا.
هاڻي سوال آهي تہ هيءُ ٻڌ مندر ڪٿي هو؟ ڪزنس جي ڪتاب "سنڌ جا آثار قديمہ" مان معلوم ٿيو تہ منصوره کان 6 ميل اوپر طرف ديهہ دوفاني ۾ "ڏيپر گهانگهري جو ٿل" (شهر جهول، تعلقي سنجهوري، کان تقريباً 2 ميل اولهہ طرف) وارا آثار ڪنهن قديم ٻڌ ڌرم جي مندر جا آهن. سن 1952 ۾ مير الله بخش خان زميندار جهول جي مدد ۽ معاونت سان اسان هن ٿل جو معائنو ڪيو. گهري جاچ ۽ ماپن وٺڻ بعد معلوم ٿيو تہ مندر جو هيءُ ڊٺل ٿل (Stupa) تقريباً 50 فوٽ چورس مٿاهين ٿلهي تي بيٺل هو. ٿل جو اندريون گهيرو 10 فوٽ نيم قطر ۽ ان جي گول ديوار جي ويڪر 12 فوٽ معلوم ٿي. ٿلهي کان هيٺ زمين تائين لهواري ماپ 30 درجن جي ڪنڊ تي، تخميناً 30 فوٽ معلوم ٿي. هن ٿلهي جي هيٺين بنياد کان اٽڪل 26 فوٽ پري غالباً چوڌاري ننڍيون ڪوٺيون هيون. ڏکڻ طرفان هنن ڪوٺين واري قطار جي پيڙهہ مان ڪوٺين جي ماپ 9 فوٽ چورس معلوم ٿي. ٿل واري ٿلهي جي چوڌاري هنن ڪوٺين جي ٻاهرين ديوار کي مدنظر رکندي اندازو ٿيو تہ هيءُ ٻاهران چوڌاري پناهہ واري ديوار تقريباً 210 فوٽ چورس هئي، جا تخميناً مندر جي جملي ايراضي هئي.

هن قديم آثارن جون اهي ماپون موجوده سطحي نشانين تي ٻڌل آهن ۽ انهيءَ ڪري اٽڪلون سمجهڻ گهرجن. پر مرحوم ميرالله بخش خان ۽ سندس سؤٽ مير جان محمد خان ان موقعي تي هڪ نهايت اهم واقعي جو ذڪر ڪيو. چيائون ته: ”1932ع ۾ بئراج جي نئين پيچ وقت اسان هن ٿل ڏي اتر طرفان اينڊڙ واٽر ڪورس (جو هن وقت موجود آهي) پٽي ڪٽايو. هن واٽر ڪورس جي ٻن ورن مان هڪڙي ور وٽ (يعني ٿل جي اتر طرفان جتان واٽر ڪورس اولهه طرف مڙي ٿو يا ٿل جي اتر- اولهه طرف جتان هيءَ واٽر ڪورس وري ڏکڻ طرف وڃي ٿو) اسان جي ماڻهن واٽر ڪورس کوٽيندي هڪ سخت چيڪي ڳوهيل مٽي جون ٻه ننڍيون ڪچيون سرون لڌيون، جن جي هڪ پاسي تي مهاتماٻڌ جي تصوير هئي. ماڻهن سمجهيو ته هت شايد ڪو خزانو هجي، سو وڌيڪ کوٽيائون ۽ تقريباً اهڙين سرن جو هڪ وڏو ڍڳ ڪڍي ٻاهر چڙهيائون. اسان ٻنهي اهي سرون اچي ڏٺيون. سرون جيتوڻيڪ ڪچيون هيون پر اهڙي ته ڪنهن چيڪي مٽيءَ مان ٺهيل هيون جو نهايت مضبوط ۽ سخت پئي نظر آيون. افسوس جو اسان ان وقت انهن مان ڪاٻه سر سنڀالي محفوظ ڪري ڪانه رکي.“

اهو ته ذڪر 1952ع جو آهي. ميرالله بخش خان گذاري ويو. ظاهر آهي ته ميرالله بخش خان توڙي مير جان محمد خان کي هن ٿل جي تاريخي پس منظر جي ڪاٻه خبر ڪانه هئي. اتفاق سان بندي کي ٻه ان موقعي تي فتحنامي جو هيٺيون بيان ذهن ۾ ڪونه هو ته: ”چچ، ٻڌ ڪنوهار ۾ پهچي هن پروهت ڏانهن هليو ته ڪيس ڪرسيءَ تي ويٺل ۽ پنهنجي عبادت ۾ مشغول ڏٺائين. سندس هٿ ۾ سخت [ڳوهيل] مٽي هئي، جنهن مان بت ٺاهي مهر جهڙي هڪ شيءِ انهن بتن تي هڻندو ٿي ويو، جنهن ڪري انهن تي ٻڌ جي تصوير چٽجي ٿي پيئي ۽ هو مڪمل ٿِي ٿي پيا. تنهن کان پوءِ انهن کي هڪ جاءِ تي رکندو ٿي ويو.“ (فتحنامو ص 84).

(1) خود منصوره جا موجوده آثار به گهٽي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهن: اندازي طور جامع مسجد واري جاءِ شهر جي اوائلي بنياد واري ايراضي سمجهڻ گهرجي. جامع مسجد واري جڳهه ڪي، هينري ڪزنس جي ڪتاب”Antiquities of Sind“ ۾ هنن آثارن جي ڪيل کوٽائيءَ جي صورتحال واري نقشي ذريعي، آسانيءَ سان متعين ڪري سگهجي ٿو. اها جاءِ اوپر طرف بيٺل نل جي اتر - اوپر طرف آهي.

ڳتي هن صفحي 95 تي ڄاڻايل آهي ته هن علاقي شخص، عبدالرحمان بن اَشعت کي .....قتل ڪيو هو. اهو غلط آهي. علافين درحقيقت خليفي عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ مڪران جي گورنر سعيد بن اَسلم ڪلابي کي قتل ڪيو هو، ڇاڪاڻ ته هن سندن هم وطن ۽ هم قوم سفهوي بن لام الحمامي

Gul Hayat Institute

نالي هڪ شخص کي مارايو هو- ڏسو هيٺ فتحنامو ص [85 — 86]. فتحنامي ۾، سعيد خلاف هن سازش ۾ جن علافين حصو ورتو، تن ۾ محمد بن حارث علافي جو نالو ڄاڻايل ڪونهي. ڏسو ص [86]. مگر مؤرخ بلاذري، معاويي ۽ محمد بن حارث علافي ٻنهيءَ کي هن سازش جا اڳواڻ ڪري لکيو آهي (فتوح البلدان، ص 435). علافين سعيد کي قتل ڪري مڪران تي قبضو ڄمايو - ڏسو فتحنامو ص [86]، تان جو سن 85 هجري ڌاري حجاج، مجاعت بن سعر کي مڪران طرف روانو ڪيو جنهن جي اتي پهچڻ کان اڳ علافي ڀڄي وڃي سنڌ جي راجا ڏاهر سان پيڙا ٿيا- فتحنامو ص [88]. انهيءَ لحاظ سان رمل جي راجا خلاف محمد علافي جي ڪارروائي سن 85 هجري بعد  سمجهڻ گهرجي. (ن-ب)

104/ [71] هند ۽ سنڌ جي شهرن تي اسلام جي لشڪر جي پهرين لڙائي رسول صلعم جي هجرت کان 15 ورهيه پوءِ اميرالمؤمنين حضرت عمر رضہ جي خلافت ۾ واقع ٿي: اهو صحيح آهي ۽ مؤرخ بلاذري پڻ مدائني جي سند سان اسلام جي هن اوائلي حملي جي خبر نقل ڪئي آهي ته: حضرت عمر، سن 15 هجري ۾  عثمان بن ابي العاص الثقفي کي بحرين ۽ عمان جو گورنر مقرر ڪيو، جنهن پنهنجي ڀاءُ الحڪم کي تانه (ٺاڻه، بمبئي طرف) ۽ بروص (ڀروچ، گجرات) تي حملي لاءِ موڪليو ۽ پنهنجي ٻئي ڀاءُ مغيره کي ديبل ڏانهن روانو ڪيو- (فقوح البلدان، ص 32- 431). البت هيٺ فتحنامي جي ص 105 تي هن روايت جو پهريون حصو صحيح نہ آهي تہ مغيره ڪو ديبل ۾ لڙندي شهيد ٿيو. بلاذري صاف طور لکيو آهي تہ هن دشمن جو مقابلو ڪيو ۽ فتح حاصل ڪيائين (فتوح، ص 442). ٻين تاريخي حوالن مان بہ ثابت آهي تہ مغيره پوءِ زندهہ هو. هن حملي جي مڪمل تفصيل لاءِ ڏسو اسان جو مضمون"هندستان تي اوائلي عرب حملن جو سن تاريخ"، مطبوع "اسلامڪ ڪلچر" مخزن، جولاءِ 1946ع، حيدرآباد دکن.(1) (ن - ب)

106/ [73] اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنہ هند ۽ سنڌ جي لڙائيءَ تي لشڪر موڪلڻ گهريو: حضرت عثمان جي هن ارادي لاءِ هڪ خاص سبب هو. فتحنامي ۾ هن واقعي کان اڳ واري هڪ لڙائيءَ جا حضرت عمر جي خلافت ۾ اسلام ۽ سنڌ جي لشڪر جي وچ ۾ لڳي، تنهن جو ذڪر ڪونهي. مگر، بقول طبري (1 x2707) اسلام جو لشڪر حڪم بن عمرو التغلبي جي سپهہ سالاري هيٺ مڪران ۾ (ايران جي ساساني حڪومت جي گورنر جي فوج سان مقابلي ۾) هو، جو سنڌ جي لشڪر اوچتو نهر ٽپي اچي اسلام جي لشڪر تي حملو ڪيو. غالباً سنڌ جي راجا طرفان

هن ”جنگ نهر“ واري ڪيل اڳرائيءَ جي ڪري ئي حضرت عثمان رضي الله عنہ سنڌ تي لشڪر ڪشيءَ جو ارادو ڪيو. (ن - ب)

106/ [73] لشڪر قندابيل ۽ مڪران ۾ هو: فقط فتحنامي جو هيءُ حوالو ئي آهي جو انهيءَ وقت شهر قندابيل ۾ اسلام جي لشڪر جي موجودگي ڏيکاري ٿو. ٻئي ڪنهن بہ تاريخ ۾ هن جو ذڪر ڪونهي. غالباً هيءُ لشڪر عبدالله بن عامر وارو هو (ڏسو - بلاذري، فتح سجبستان)، يا حضرت عمر جي عهد ۾ ايران تي اسلامي لشڪر جي وسيع حملي (الانسياح يا General Invasion) واري فوج جو ڪو حصو هو. (ن - ب)

104/ [74] شعر- وَأَهلكنِي لكم في كل يوم: ابوزيد، ڪتاب النوادر (طبع بيروت ص 161) ۾ هي بہ بيت، جاهلي شاعر علي بن طفيل السعدي ڏانهن منسوب ڪيا آهن. وري لسان العرب (جلد ب ص 254) جي مصنف اهي عامر بن الطفيل السعدي ڏانهن منسوب ڪيا آهن. تاج العروس (جلد 12 ص 116) ۾ صرف ٻيو بيت شاعر جي نالي بغير ڏنل آهي- (بشڪريہ استاد عبدالعزيز الميمني).

سر چارلس لايال هي بہ بيت عامر بن طفيل جي ديوان (ص 158) ۾ درج ڪيا آهن، جتان درست ڪري هت ڏنا ويا آهن. اهي ٻئي هِجوَ ۽ ڪوار جا پيا لڳن ۽ تعجب آهي جو انهن کي مدح سمجهيو ويو آهي. (ع. م)

106/ [74] حضرت علي رضي الله عنہ جي تعريف ۾ شعر چيائين: يعني حڪيم بن جبلت هي شعر چيو. حڪيم، بنو الديل جي قبيلہ مان هو ۽ انهيءَ لحاظ سان سندس سجو نالو حڪيم بن جبلت بن حصين بن أسود بن ڪعب بن عامر بن الحارث بن الديل (جمهرت ابن حزم - جلد 2) آهي. سندس سوانح ابن خلڪان (وفيات 844) ۽ ابن حجر (اصابہ 1 x 779) تفصيل سان درج ڪئي آهي. حڪيم انهن ڇئن ڪماندرن مان هڪ هو جن حضرت عثمان رضي الله عنه جي شهادت ۾ حصو ورتو (العقد الفريد 2x266- 269). حڪيم حضرت علي رضي الله عنه جي طرفداري ۾ هو خارجين سان بصره جي ويجهو ”زابوقه“ واري جنگ ۾، جا ”نهروان“ واري لڙائيءَ کان اڳ لڳي، مارجي ويو. (رسالت للجاحظ في بني اميہ، ملحقة في آخر ڪتاب ”النزاع والتخاصم“ للمقريزي، طبع مصر، ص 193). حضرت علي رضي الله عنهجي منقبت ۾ سندس ارجوزه جو هيٺيون مصراعون ”العقد الفريد“ : 2x 65 ۾ ملن ٿيون:

دَعا حڪيم دَعوَة سمِيعه - نالَ بِها المنزِلةَ الرفِيمه. (ن - ب)

107/ [75] حڪيم بن جبله جو قول- ماءُ ها وشل- الخ: بلاذري پڻ اها رپورٽ حڪيم ڏانهن منسوب ڪئي آهي (فتوح البلدان، ص 422)، غالباً اهو صحيح آهي. ياقوت پڻ "معجم البلدان" (4 x 613) ۾ ساڳي اها روايت نقل ڪئي آهي. البت طبري (1 x 2707) اهي لفظ صحار العبدي ڏانهن منسوب ڪيا آهن، جو مڪران جي ڪماندر حڪم بن عمرو و التغلبي طرفان خمس ۽ غنائم کڻي قاصد طور حضرت عمر ڏانهن ويو هو (طبري 2707x1). مگر غالباً اهو صحيح نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ان وقت صحار العبدي خود، بقول طبري، ٻئي هڪ ڪماندر احنف بن قيس سان گڏ هو، جنهن ڪيس ان وقت هرات ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيو (ڏسو طبري 2682x1). ابن قتيبه پڻ "عيون الاخبار" (1x 199) ۾ اها رپورٽ ڪنهن شخص طرفان حضرت عمر جي آڏو ڪري ڄاڻائي آهي، مگر ان شخص جو نالو ڪونہ ڏنو اٿس. "الاخبار الطوال" (طبع يورپ، ص 326) ۽ "محاضرات راغب اصفهاني" (طبع مصر، 2x 264) ۾ اهي لفظ، ابن القريہ ڏانهن منسوب ٿيل آهن. ٻئي طرف تقي الدين حموي جي "ثمرات الاوراق" (2x 61)، ابن حامد ڪرماني جي تاريخ ڪرمان، "عقدالعلي للموقف الاعلي" (طبع طهران، ص 64)، توڙي "تاريخ گزيده" (ص 270 نالي جي غلطيءَ سان ) ۾ اهي لفظ غضبان بن القبعشري نالي شخص ڏانهن منسوب آهن جي هن حجاج کي ٻڌايا. (ن - ب)

107/ [76] عبدالله کي سنڌ ڏانهن لشڪر موڪلڻ کان منع ڪري ڪوبہ ماڻهو نہ موڪليائون: مؤرخ بلاذري پڻ هن ڳالهہ جي تائيد ڪري ٿو تہ حضرت عثمان حڪيم جي رپورٽ ٻڌڻ بعد ڪنهن بہ سپهہ سالار کي انهيءَ سرحد تي جنگ لاءِ ڪونہ موڪليو. " فلم يغزها احداً" (فتوح البلدان، ص 432). مگر مؤرخ طبري سن 29 هجريءَ جي واقعن هيٺ لکي ٿو تہ: حضرت عثمان رضہ عبيدالله بن معمر التميمي کي مڪران ڏانهن موڪليو جنهن اتي دشمن جي فوج جي پوري صفائي ڪئي ۽ وڌندو وڃي "نهر" تي پهتو... ان بعد عبيدالله کي فارس ڏانهن بدلي ڪيو ويو ۽ سندس جڳهہ تي عمير بن عثمان بن سعد کي مقرر ڪيو ويو. [ان بعد غالباً فارس ۾ عبيدالله جي شهيد ٿيڻ بعد عمير کي فارس ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ ابن ڪندير القشيري کي سندس جاءِ تي مڪران ۾ مقرر ڪيو ويو]. حضرت عثمان جي شهادت وقت عمير بن عثمان فارس جو ڪماندر هو ۽ ابن ڪِندِير القشيري مڪران جو ڪماندر هو - ڏسو طبري 2829x1 - 2831: ابن الاثير 48x3 - 49: ۽ ابن خلدون- بقيت الجزّ الثاني ص 33- 2131.(ن- ب)

107/ [76] تڏهن شهر وارن جو پاڻ ۾ جهيڙو ۽ مخالفت ٿي پئي: ان وقت جي جهڳڙي فساد جو مرڪز بصره هو ۽ انهيءَ ڪري شايد "شهر" مان مراد شهر بصره هجي. اصل فارسي متن ۾ "اهل

شهر" آهي جو پڻ ممڪن آهي تہ اصل عربي عبارت "اهل المدينة" جو غلط ترجمو هجي. انهيءَ لحاظ سان "شهر وارن" مان مراد "مديني وارا" پڻ ٿي سگهي ٿي. (ن-ب)

107/ [76] حضرت علي رضہ ثاغر بن ذعر کي هندستان جي سرحد تي مقرر (ڪيو): ثاغر بن ذعر نالو فقط فتحنامي ۾ ڏنل آهي ۽ باقي ٻين تواريخن ۾ ان جو ذڪر ڪونهي. اڳتي هيٺ صفحي 108/ [77] تي ڄاڻايل آهي تہ حارث بن مُره نالي هڪ بهادر سپهہ سالار هن لشڪر يعني ثاغر بن ذعر واري لشڪر ۾ هو. مؤرخ بلاذري جي قول موجب حضرت علي رضہ سن 38 هہ جي آخر يا سن 39 جي شروع ۾ هن حارث بن مُره العبدي کي هندستان جي محاذ جو سپهہ سالار ڪري موڪليو هو، جنهن "اتي فتح حاصل ڪئي ۽ ڪافي مال غنيمت ۽ قيدي هٿ ڪيائين ۽ هڪ ڏينهن ۾ هزار ٻانها تقسيم ڪيائين- ان بعد (هو اتي رهيو) تان جو سن 42 هہ ۾ هو ۽ سندس ساٿي، سواءِ ڪن ٿورن ماڻهن جي قيقان (ڪيڪانان) جي پرڳڻي ۾ (ڪنهن جنگ ۾) مارجي ويا" (فتوح البلدان: ص 432).

حارث بن مره العبدي، حضرت علي رضہ جي حامين مان هو ۽ "صفين" واري لڙائيءَ ۾ حضرت علي رضہ کيس پنهنجي لشڪر جي ساڄي حصي جو سپهہ سالار مقرر ڪيو هو (ڏسو المنقري جو "ڪتاب الصفين"، طبع ايران، ص 107). حارث، ربيعہ قبيلي جي مشهور سخي سردارن مان هو ۽ هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ٻانها تقسيم ڪيائين ۽ پنج سؤ گهوڙا بخشش طور ڏنائين. ڏسو محمد بن حبيب جو "ڪتاب المحبر"، طبع حيدرآباد دکن، ص 154. (ن - ب)

108/ [77] هذلي ڳالهہ ڪئي آهي تہ: هذلي يعني ابوبڪر الهذلي. اسان جي خيال ۾ فتحنامي جي فارسي مترجم هن جاءِ تي هن ڪتاب جي مکيہ راوي ابوالحسن المدائني جو نالو اختصار سببان، نہ لکيو آهي، ورنہ سڄي عبارت هن طرح ٿيڻ گهرجي ها تہ: "ابوالحسن چيو تہ: هذلي ڳالهہ ڪئي آهي- الخ". اسان جي هن نظريي لاءِ دليل هيءُ آهي تہ ابوبڪر الهذلي درحقيقت ابوالحسن المدائني جو هڪ مکيہ ماخذ آهي، ۽ هذلي جون روايتون سنئون سڌو سندس واتان نہ مگر اڪثر سندس روايتن ذريعي ئي اسان تائين پهتيون آهن. خود هن فتحنامي جي صفحن 108/ [78] ۽ 112/ [81] تي هذلي جون بہ روايتون ابوالحسن (المدائني) جي وساطت سان نقل ٿيل آهن. صفحي 108/ [78] تي هذلي جي روايت مهلب ذريعي ، ۽ مهلب کان وري "تاريخ جي مصنفن" ذريعي نقل ڪيل آهي: ۽ صفحي 111[/80] تي هذلي جي روايت وري "تاريخ جي سلجهائيندڙن" جي واتان نقل ڪيل آهي. انهن ٻنهي پوين حصن تي بہ "تاريخ جي مصنفن" ۽ "تاريخ جي سلجهائيندڙن" مان

مراد غالباً ابوالحسن المدائني آهي، جو ٿي درحقيقت هن فتحنامي جو مکيہ راوي آهي. ٻين ڪتابن ۾ پڻ ابوالحسن المدائني جون ابوبڪر الهذلي کان نقل ڪيل تاريخي روايتون ملن ٿيون. مثلاً ڏسو بلاذريءَ جو "ڪتاب انسقاب الاشراف"- مطبوع يورپ، جلد 11، صفحہ 227. ابوبڪر الهذلي تاريخ جي مکيہ راوين مان هو ۽ ان وقت جي اسلامي سلطنت جي مشرقي ملڪن، خصوصاً عراق ۽ سنڌ جي تاريخ جي ڪيس ڪافي ڄاڻ هئي. ان جو سبب غالباً اهو هو، جو هو مشرقي محاذ جي مکيہ شهر بصري جي عالمن مان هو. بقول همداني، "ابوبڪر الهذلي ڪان بصريا" (ڪتاب البلدان، ص 167). مسعودي پنهنجي ڪتاب "مروج الذهب" (طبع پئرس 122x4، 127) ۾ ڄاڻايو آهي تہ ابوبڪر الهذلي، پهرئين عباسي خليفي ابوالعباس سفاح (754-750ع) جي هم نشينن مان هو ۽ ساڻس سندس ڪچهريون هونديون هيون. (ن-ب)

109/ [78] (امير معاويہ) عبدالله بن سوار[العبدي] کي سنڌ تي مقرر ڪري، انهيءَ ملڪ جي حڪومت سندس حوالي ڪيائين: بقول بلاذري (ص 433)، عبدالله کي بصري جي وائسراءِ عبدالله بن عامر هن محاذ تي مقرر ڪيو: مگر بلاذري وڌيڪ ڄاڻائي ٿو تہ "ڪي چون ٿا تہ معاويہ کيس مقرر ڪيو". فتحنامي جي ٻي روايت (ص 109 ۽ 110) موجب پڻ عبدالله جي مقرري سڌو سنئون امير معاويہ ڏانهن منسوب ٿيل آهي، ۽ غالباً اهو صحيح آهي. مؤرخ بلاذري ان بعد عبدالله جي"قيقان" تي حملي ۽ اوائلي فتحن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڄاڻايو آهي تہ عبدالله، امير معاويہ کي اتي گهوڙا سوکڙي طور ڏنا (ص 433). اهو بيان فتحنامي جي انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿو تہ امير معاويہ، عبدالله کي ڪيڪانان جي گهوڙن موڪلڻ لاءِ تاڪيد ڪيو هو.

110/ [79] (عبدالله) ابن سوار ڪافي لڙائي کان پوءِ شهيد ٿيو: بقول بلاذري (ص 433) عبدالله بن سوار اوائلي فتحون حاصل ڪري، سوکڙين وغيره سان امير معاويہ جي ملاقات لاءِ آيو ۽ وٽس ڪجهہ وقت ترسيو. ان بعد جڏهن "قيقانان" ڏانهن واپس ويو، تڏهن اتي جي ترڪن جو لشڪر مٿس غالب پيو ۽ کيس شهيد ڪيائون. ياقوت، "معجم البلدان" (217x4) ۾ ساڳي بلاذري واري عبارت نقل ڪرڻ بعد لکي ٿو تہ: بقول خليفہ بن خياط، سن 47 (هجري) ۾ عبدالله "قيقانان" تي حملو ڪيو، جنهن ۾ ترڪن جو وڏو لشڪر جمع ٿيو ۽ (لڙائيءَ ۾) عبدالله ۽ ٻيو گهڻو عام اسلامي لشڪر مارجي ويو. (ن-ب)

111/ [80] أعوَرشني: يعني شعر بِشرُ بن مُنقِذ بن عبدالقيس، جو "ابامُنقذ" جي ڪنِيہ سان پڻ سڏبو هو ۽ عربي ادب ۾ عام طرح "الاعورالشني" جي نالي سان مشهور آهي. "الشني" نسبت

آهي ”بنوشن بن افصيٰ بن عبدالقيس بن افصيٰ“ ڏانهن. جيئن ته ”بنوشن“ جو پاڙو ”عبدالقيس“ قبيلي مان هو، ۽ عبدالله بن سوار پڻ عبدالقيس قبيلي جو ئي شهسوار هو، انهيءَ ڪري اعورشني ڪي مٿس فخر آهي. هو اسلامي دؤر جي اعليٰ شاعرن مان هو ۽ ڪيس به پٽ هئا، جي پڻ شاعر هئا ۽ ”جهم“ سڏبا هئا (سمط اللالي، ص 827). جنگ جمل ۾ اعوَر، حضرت علي رضه جي لشڪر ۾ شامل هو (”المؤتلف و المختلف“ للامدي، تصحيح مستشرق سالم ڪرنڪوي-Kernkow، ص 38). جنگ صفين ۾ پڻ حضرت علي رضه سان شامل هو ۽ ڪيترائي شعر سندس منقبت ۾ چيائين (”ڪتاب الصفين“ للمِنقري، ص 6، 215، 225 ۽ 249). اعورشني جو قدري تذڪرو ابن قتيبه جي ”طبقات الشعر والشعرا“ (ص 406) ۾ موجود آهي. (ن-ب)

115/ [84] پورالي جي حد ۾ وفات ڪيائين: بقول بلاذري (ص 434)، قصدار ۾ وفات ڪيائين. ”فلادت النهر في و فيات اعيان الدهر“ (نسخه قلمي، ڪتبخانو پير جهنڊو) ۾ ڄاڻايل آهي ته منذر سن 61 هه ۾ وفات ڪئي. (ن-ب)

115/ [84] حڪم بن منذر: حڪم پنهنجي پيءُ منذر جي وفات بعد، مڪران ۾ هندستان جي محاذ جو گورنر مقرر ٿيو. هو ڪوفه ۽ پنهنجي قبيلي عبدالقيس جو نهايت مقدر سردار هو ( المحاسن و المساوي، 74x1: المعارف لابن قتيبه، ص 172). بعد ۾ سندس چاچي عبدالله، حجاج جي خلاف بغاوت ڪئي، پر رستقاباذ وٽ مارجي ويو (المعارف، ص 172). عزازات سبب حڪم جي ساڻس همدردي هئي، ۽ سندس موت تي مرثيو چيائين ته: اقا مطرِ افرَرت عينَ عدوِنا- وَڪل الي مان صِرتَ سوف يصِير- الخ (بلاذري، الانساب، طبع يورپ، 296x11). غالباً انهيءَ ڪري ئي نيٺ حڪم کي حجاج هميشه لاءِ قيد ۾ رکيو، تان جو هو حجاج جي ”الديماس“ واري قيدخاني ۾ گذاري ويو. ڏسو بلاذري، الانساب، طبع جيروسلم، 171x5. (ن-ب)

115/ [84] عبدالله[ بن] الاعور الحرمازي اتي هي شعر پڙهيا: اصل فارسي متن ۾ ”الحرمازي“ جي بدلي ”الخواري“ آهي، مگر صحيح ”الحرمازي“ آهي. سندس نالو عبدالله بن الاعور آهي، مگر ڪوڙي هئڻ سبب ”الڪذاب الحرماري“ جي نالي سان مشهور آهي (ابن قتيبه، الشعراٗ ص 430). هو منذر ۽ سندس پٽ حڪَم جو خاص مداح هو. جاحظ ”ڪتاب الحيوان“ (49x1) ۾ سندس مدح جي هيءَ مصرع نقل ڪئي آهي: قال الڪذاب الحرمازي:

”يا ابن المعلي نذلت احد الڪبر- داهية الدهر و صماءُ الغبر“

Gul Hayat Institute

هن مصرع ۾ ”ابن المعلي“ مان مراد منذر (بن جارود وهربشر، بن عمرو بن حنش بن المعلي) آهي. لغت ”للسان“ (ماده: غبر) ۾ بہ هي مصرع مختلف روايت سان الحرمازي ڏانهن منسوب آهي ۽ ممدوح جو نالو پڻ صاف ظاهر آهي: ”قال الحرمازي يمدح المنذر بن الجارود: انت لها مُنذر من بَين البَشر - داهِية الدهِر وصماءُ الغَبر“

ابن قتيبة (الشعرو الشعراءَ ص 430- 431 ۽ المعارف ص 127) هيءُ فتحنامي وارو ساڳيو شعر (قدري مختلف روايت سان) ”الكذاب الحرمازي“ جو ڪري ڄاڻايو آهي ۽ ان جو داد ڏنو آهي (الشعراءَ). ڪتاب المعارف ۾ اهو رجز هن طرح ڏنو اٿس:

يا حكم بن المنذر بن الجارود

سرادق المجد عـليـک ممدود

انت الجواد بن الجواد المحمود

نبت في الجود و في بيت الجود

والعود قد ينبت فـي اصل العود. (ن-ب)

---

(1) "The Probable Date of the Early Arab Expeditions to India", Islamic Culture, Hyderabad Deccan, Issue of July 1946.

Gul Hayat Institute

120/ [89] چورن جو ٽولو جن کي نڪامره چوندا هئا: مؤرخ بلاذري (ص435) هن ٽولي کي ميدن جي هڪ قوم (قوم من ميد) ڪري ڄاڻايو آهي، جن ”ٻيڙين ۾ چڙهي“ حملو ڪري اچي جهاز ڦريو. ٿي سگهي ٿو تہ نڪامره، ميد قوم جي هڪ شاخ هئي. خود فتحنامي جي صفحي 121/ [91] تي ”ميدن جي ديبل“ جو ذڪر اچي ٿو، جنهن جي معنيٰ تہ ديبل بندر ميدن جو مرڪز هو. عرب مؤرخن جي حوالن مان گمان نڪري ٿو، تہ مڪران، سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ جي ڪناري تي رهندڙ اهي قومون، جن جو پيشو ئي سامونڊي ڌاڙا ۽ ڦريون هو، تن مڙني کي ميد جي نالي سان سڏيو ويو آهي. مؤرخ بلاذري (ص 440) صاف طور ڄاڻايو آهي تہ ميد اُهي آهن جي سمنڊ ۾ ڌاڙا هڻن ٿا- ”الميد الذين يقطعون البحر.“ وري مڪران جي محاذ جي گورنر راشد بن عمر الجديدي جي باري ۾ لکي ٿو تہ: اول اتر واري پهاڙي علائقي ڪيڪانان تي حملو ڪري فتح حاصل ڪئي ۽ ان بعد ميدن سان (مڪران ۾) جنگ جوٽيائين، جنهن ۾ شهيد ٿيو (ص 433). عباسي دؤر ۾ سنڌ جي گورنر موسيٰ بن عمران، قندابيل جي فتح بعد ميدن تي حملو ڪيو (ص 445) ۽ سنڌ ۾ وري جتن جي مدد سان سمنڊ جي ڪاري ڪوٽائي، ميدن جي نشيب واري زمين پاڻيءَ سان ٻوڙائي ڪين تباهہ ڪيائين (ص 446). خود مؤرخ بلاذري جي ڏينهن ۾ سورٺ (ڪاٺياواڙ) جي ميدن سان بصره وارن جي لڙائي ٿي هئي (ص 440). انهن حوالن مان ظاهر آهي تہ مڪران، سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ جي ڪناري وارن سامونڊي ڌاڙيلن کي بلاذري ”ميد“ سڏيو آهي. لانگ ورٿ ڊيمس پنهنجي ڪتاب ”بلوچ قوم“ (ص 17) ۾ لکي ٿو تہ: ميد يا ميڏ، سنڌ ۽ مڪران جي (سامونڊي) ڪناري جا قديم مهاڻا آهن ۽ بلوچ اهو نالو حقارتاً استعمال ڪندا آهن. سنڌو درياءَ جي نزديڪ ميد نالو درياءَ جي مهاڻن سان لاڳو آهي ۽ اڪثر ”ميڏ ۽ ماڇي“ ٻئي نالا گڏ استعمال ٿيندا آهن.

سنڌ جا ميد غالباً سنڌ جي سامونڊي پٽي جا ميربحر هئا. هاڻوڪو لفظ ”ميہ“ شايد ”ميد“جي بدليل صورت هجي. اڄا تائين ڪاري طرف حقارتاً چوندا آهن تہ ”تون ڪو ميد آهين“ يا”تون ڪو ميہ آهين“ يا ”تون ڪي مي آهين." ڪراچي کان ويندي ڪيٽي بندر تائين، هن وقت انهن ماڻهن ۾ ”نڪامره“ يا ان جي بدليل تلفظ وارو ڪنهن بہ قبيلي جو نالو نٿو ملي. البت تحفة الڪرام جي هڪ حوالي مان (جيڪڏهن اهو سچو آهي) معلوم ٿئي ٿو تہ”نڪامره“ قوم يارهين صدي هجريءَ جي پهرئين اڌ تائين موجود هئي. مير علي شير قانع لکي ٿو تہ: شاهجهان بادشاهہ پنهنجي شهزادگيءَ واري وقت ۾ جڏهن پنهنجي والد جهانگير بادشاهہ کان ڪاوڙجي ٺٽي ۾ آيو، تڏهن نواب شريف خان (شرفا خان؟) ۽ ڪڪرالي جي ڄام سندس مخالفت ڪئي، مگر ڏاراجا جي

راڻي، ”نڪامره قوم“، ۽ حمل جت سندس مدد معاونت ڪئي. انهيءَ ڪري تخت تي ويهڻ بعد شاهجهان، نواب امير خان کي سن1037 ھ ۾ ٺٽي جو نواب مقرر ڪيو، ته ساڻن سهڻو سلوڪ ڪري ۽ ڪين نوازي (تحفة الڪرام، مطبع ناصري، دهلي، 3 95x). جيڪڏهن يارهين صدي هجريءَ ۾ به ”نڪامره“ قوم موجود هئي، ته انهيءَ حالت ۾ هن وقت ان قوم جي ماڻهن جو باقي هئڻ ڪافي ممڪن آهي، البت اهو قومي نالو غالباً متروڪ ٿي ويو آهي. ساموندي پٽي خواه لاڙ جي ماڻهن جون اوڙڪون جي اسان کي معلوم ٿي سگهيون آهن، سي هي آهن: لاڙ، وَنگرا، دَبلا (دبي ڏاراجا جا اصل رهاڪو)، هـُولاڻي، ليلگاڏي، ماڇي، جوباڻيا، ٽانديا، ولهاري، هوڙائي، ڊوڪي، ڪڏائي، گجاڙيا، سوڍائي، پڪيڙا، ٽيبائي، پاٽاري، ٿوري، ڊورائي وغيره. مگر نڪامره جو نالو ڪٿان به معلوم نه ٿي سگهيو آهي. (ن-ب)

120/ [90] اها عورت بني عزيز (يا نبي عزيز) قبيلي مان هئي: هن نالي وارو قبيلو ڪنهن به عربي ڪتاب ۾ نظر نٿو اچي. بقول بلاذري (فتوح البلدان ص 435)، هيءَ عورت [بني يربوع] قبيلي مان هئي. مؤرخ بلاذريءَ جو قول وڌيڪ وزنائتو آهي. (ن-ب)

123/ [94] محمد بن قاسم، جو سندس چاچي جو پٽ ۽ پڻ ناٺي هو ۽ حجاج جي ڌيءَ سندس گهر ۾ هئي: هيءُ سچو بيان حقيقت جي خلاف آهي. نه محمد بن قاسم، حجاج جي چاچي جو پٽ هو، نڪي هو حجاج جو ناٺي هو، ۽ نڪا حجاج جي ڪا ڌيءَ ئي سندس گهر ۾ هئي.

(1) اول ته ابوعقيل جي آڪهه جي هيٺين شجري کي ڏسڻ گهرجي:




مٿئين شجره مان ظاهر آهي ته محمد بن قاسم، حجاج جي چاچي (محمد) جو پٽ ناهي، مگر حجاج جي چاچي (محمد) جي پٽ (قاسم) جو پٽ آهي.

Gul Hayat Institute

فتحنامي جي فارسي عبارت هن طرح آهي: ”محمد قاسم پسر عم اوبود.“ هتي ”پسرعم“ترجمو آهي عربي لفظ ”ابن عم“ جو. عربيءَ ۾ چاچي جي پٽ خواه پوٽي يا پڙ پوٽي کي”ابن عم“ چئي سگهجي ٿو. مگر ان اصطلاح جو فارسي ترجمو، پڙهندڙن لاءِ غلط فهمي پيدا ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري اسان سنڌي ترجمي جي متن ۾ وضاحت لاءِ ”سندس چاچي [جي پٽ] جو پٽ“ ڪري لکيو آهي.

(2) زير بحث صفحي تي محمد بن قاسم کي حجاج جو ناٺي ڄاڻايو ويو آهي ۽ لکيو ويو آهي ته حجاج جي ڌيءَ سندس گهر ۾ هئي. مگر ص 205/ [190] تي ”حجاج جي پنهنجي نياڻي محمد بن قاسم کي ڏيڻ جي حڪايت“ ڏني ويئي آهي، جا غور طلب آهي. حقيقت ۾ اها محض هڪ ”حڪايت“ آهي ۽ هر حوالي کان غير معتبر. اول ته هن حڪايت جي روايت ضعيف آهي، ۽ بني تميم جي ڪنهن نامعلوم شخص ڏانهن منسوب آهي، جنهن يزيد بن ڪنانه کان نقل ڪئي آهي. خود يزيد بن ڪنانه جو نالو ڪٿي به راوين جي قطار ۾ نظر نٿو اچي. ٻيو ته هن حڪايت ۾ محمد بن قاسم جو حجاج کان وري وري سندس ڌيءَ گهرڻ ۽ حجاج جو ڪاوڙ جي هر ڀيري لکڻ سان سندس پڳ ڍاهڻ، محمد بن قاسم جي بلند اخلاق جي خلاف آهي. ان کان سواءِ حجاج جي مشهور غصي ۽ ڪاوڙ آڏو محمد بن قاسم (جو ان وقت اڃا هڪ ڇوڪرو هو) جي مجال نه هئي، جو وري وري انهيءَ ڳالهه تي زور ڏي. ٽيون ته هن حڪايت جو راوي چوي ٿو ته آءٌ ان وقت حجاج وٽ ويٺو هئس ۽ هي سڀ تماشو ڏسي رهيو هئس. گويا حجاج جي ڌيءَ جو سڱ جو فيصلو ٻين جي آڏو تي رهيو هو! چوٿون ته حڪايت جي آخر ۾ ڄاڻايل آهي ته حجاج بالاخر محمد بن قاسم کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ انهيءَ شرط تي ڏيڻو ڪيو ته جڏهن وڏو ٿيندو، تڏهن فارس ۽ هند تي حملا ڪري اهي ملڪ فتح ڪندو. اها اڳڪٿي به ڏيکاري ٿي ته هي حڪايت محض هڪ افسانو آهي ۽ ان جا اندروني سقم ئي ان جي غير معتبر هئڻ لاءِ ڪافي ثبوت آهن.

پر وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته خود اهو به ثابت ڪونهي ته حجاج کي ڪا ڌيءَ به هئي. ابن حزم، جو انساب عرب جو هڪ وڏو ڄاڻو ۽ ماهر آهي، تنهن پنهنجي ڪتاب ”جهمرت انساب العرب“ (ص 255) ۾ حجاج جي اولاد ۾ صرف چار پٽ ڄاڻايا آهن: محمد، عبدالملڪ، آبان ۽ سليمان.

حقيقت هيءَ آهي ته حجاج البت پنهنجي ڀيڻ زينب کي اختيار ڏنو هو ته محمد بن قاسم ۽ حڪم بن ايوب (بن حڪم ابن ابي عقيل) بنهيءَ مان جنهن سان وڻيس تنهن سان شادي ڪري. محمد بن قاسم ان وقت فقط 17- ورهين جو هو ۽ حڪم وڏي عمر جو هو. زينب (غالباً پنهنجي عمر

جي لحاظ سان) حڪم کي پسند ڪيو، جنهن سان حجاج سندس شادي ڪرائي (ڪتاب الاغاني، جلد 4، ص 27).

مٿين وضاحت جي بنياد تي فتحنامي، توڙي فرشتي (جلد 4، ص 403) ۽ مير معصوم (تاريخ معصومي، فارسي ص 21) جن جو ماخذ پڻ فتحنامو آهي، جا بيان ته محمد بن قاسم، حجاج جو نائي هو، ظاهراً غلط آهن.

هن سلسلي ۾ ضروري آهي ته هت محمد بن قاسم جي شادي بابت فتحنامي جي ٻين حوالن جو بہ جائزو وٺجي ۽ ان باري ۾ ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچجي.

فتحنامي جي صفحي 201/ [186] تي ڄاڻايل آهي ته ڏاهر جي قتل کان پوءِ سندس زال لاڏي گرفتار ٿي ۽ محمد بن قاسم، حجاج کان لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جي اجازت گهري جنهن خليفي وليد کي سفارش ڪئي، ۽ آخر دارالخلافت مان حڪم صادر ٿيو ۽ محمد بن قاسم لاڏيءَ کي خريد ڪري پنهنجي زال بنايو. پڻ ڏسو صفحو 235/ [222].

هن حڪايت جو راوي هڪ مقامي ماڻهو ابو محمد هندي آهي، جنهن هيءَ ڳالهه ابو مسهر عابي (؟) نالي هڪ شخص کان ٻڌي، جو خود هڪ گمنام ۽ مبهم شخص آهي. ڪنهن بہ عربي ماخذ مان هن حڪايت جي ذري جيتري بہ تصديق نٿي ٿئي، بلڪ خود فتحنامي ۾ ئي لاڏي جي باري ۾ متضاد بيان آهن، جي هن حڪايت جي ترديد ڪن ٿا. مثلاً ص 201 تي خود لاڏيءَ جي زباني بيان ٿيو آهي ته هو اسلامي لشڪر ۽ ڏاهر جي فوج واري جنگ ۾ لڙائيءَ جي ميدان ۾ گرفتار ٿي، مگر ص 220/ [205- 206] تي خود برهمڻ آباد جي مکيہ ماڻهن جي حڪايت موجب ڏاهر جي قتل بعد، لاڏي پنهنجي پٽ سان گڏ اچي برهمڻ آباد جي قلعي ۾ پهتي ۽ قلعي جي حفاظت جو بندوبست ڪري مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺي، مگر اوچتو گرفتار ٿي. مطلب ته فتحنامي جون اهي حڪايتون، جن جو بنياد مقامي روايتن تي آهي ۽ جن جي عربي ماخذ مان ڪابہ تصديق نٿي ٿئي، سي غير معتبر آهن. محمد بن قاسم جو لاڏيءَ کي خريد ڪري نڪاح ۾ آڻڻ بہ محض افسانو آهي.

Gul Hayat Institute

هاڻي سوال آهي ته محمد بن قاسم ڪٿان شادي ڪئي؟ سندس ٻہ پٽ عمرو ۽ قاسم تاريخي حيثيت رکن ٿا. عمرو سنڌ جو گورنر ۽ مشهور منصوره جو باني هو، ۽ پاڻس قاسم سڄا سارا پندرهن سال بصره جو گورنر ٿي رهيو، جنهن جي معنيٰ ته هو وڏو لائق هو ۽ سندس حڪمراني پبلڪ ۾ ڪافي مقبول هئي. هڪ خاص سبب اهوئي هو جو مشهور اُرجوزہ گو شاعر رُوبه بن

العجاج سندس مدح ۾ قصيدا چيا. رُوبہ پنهنجي هڪ ڊگهي اُجوزه (مطلع:"قلت وقد اقصر جهل الأَصوَر"، ڏسو ديوان روبه، ص 57- 63) جي مصرعن 193- 197 ۾ چوي ٿو:

193 مافِي غَد اِني امرؤ مِن معشرِ،

194 يغدُونَ انصارَڪَ يومَ النصرِ،

195 وَهُم عليٰ رَغمِ العداةِ الزقرِ،

196 اخوَالُ اَبائِڪَ في المجدِ الثرِي،

197 سعدُ بنِ زَيدِ في الصمِيمِ الدَوسرِ

(يعني تہ، آءٌ انهيءَ گروهہ مان آهيان جي هر ڏکئي ڏينهن تي تنهنجي دشمن خلاف آهن ۽ تنهنجا مدد گار آهن. اهو گروهہ "سعد بن زيد" قبيلي جي شير مردن جو آهي، جي تنهنجي خاندان جا ماماڻا وڏي شان ۽ مرتبي وارا آهن.)

هن شعر ۾ ٻہ ڳالهيون غور طلب آهن: (1) شاعر، "سعد بن زيد" قبيلي جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جو هو پاڻ هڪ فرد آهي. هاڻي، شاعر روبه بن العجاج، وڏي قبيلي بنوتميم جي هڪ شاخ "بنو سعد بن مالڪ بن سعد بن زيدمنات بن تميم" مان هو (ڏسو ابن حزم، الجمهرہ ص 204: ۽ ابن دريد، الاشتقاق ص 159). اهو پاڙو وري "سعد بن زيد منات" جي وڏي شاخ مان هو، جنهن ڪري شاعر اختصار طور صرف "سعد بن زيد" ڪري لکيو آهي. (2) شاعر چوي ٿو تہ هن قبيلي وارا سندس ممدوح قاسم جي خاندان جا ماماڻا آهن. سندس اصل الفاظ "اخوال آبائڪ" آهي يعني "تنهن جي ابن جا ماماڻا"، جنهن جي معنيٰ تہ قاسم جي پيءُ، يعني محمد بن قاسم ۽ سندس پيءُ ڏاڏن جا ماماڻا آهن. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ محمد بن قاسم جي وڏن جون شاديون بنوتميم جي هن پاڙي مان ٿيل هيون، ۽ انهيءَ رسم موجب غالباً خود محمد بن قاسم جي شادي بہ بنوتميم جي هن ساڳئي پاڙي مان ٿي هوندي. حقيقت ۾ هو بہ ائين. ڇاڪاڻ تہ مشهور محقق ۽ اديب خطيب تبريزي، شاعر روبه جي مٿئين اُرجوزه جي 195 ۽ 196 مصرعن جي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو تہ: ابو محمد چيو آهي تہ مون سندس (شاعر روبه جي) "س" جي قافيہ واري قصيدي جي هڪ مصرع ڏٺي آهي، جنهن مان سندس مراد آهي تہ خود قاسم بن محمد جا ماماڻا بني سعد بن تميم منجهان آهن. "بريد ان القاسم بن محمد له خؤولة في بني سعد بن تميم" (حاشيہ ڪتاب تهذيب الالفاظ، ص 68). هت "ابو محمد" مان مراد مشهور عالم "بن السِيرافي" آهي، جنهن جي شاهدي بالڪل مستند سمجهڻ گهرجي. هن حوالي ۽ وضاحت مان ثابت ٿي چڪو تہ اسان جي محمد بن قاسم

جي پٽ قاسم جا ماماڻا بنوتميم قبيلي جي بنو سعد (بن مالڪ بن سعد بن زيد منات بن تميم) پاڙي مان هئا، جنهن جي معنيٰ ته محمد بن قاسم، بنوتميم جي انهيءَ خاندان مان شادي ڪئي هئي. (ن-ب)

123/ [94] حمزهِ بن بِيض الحنفي هي شعر چيو: حمزهِ بن بيض اموي دؤر جي مشهور شاعرن مان هو ۽ محمد بن قاسم جو همعصر هو. سن 120 هه ۾ وفات ڪيائين. سندس سوانح لاءِ ڏسو الاغاني-جلد 15 ص 14- 26: الامدي، الموقلف و المختلف ص 100: الڪتبي، فوات الوفيات، 188x1: العسڪري، معانيه، 11x1: ابوحيان 185x3: ابن عساڪر 440x4: النويري 81x4، تاج العروس (بيض). حمزهِ جو هيءُ شعر مشهور آهي، ڏسو بلاذري، طبع يورپ ص 441، طبع مصر ص 428: ابن الاثير 282x4: اليعقوبي 307x2: ابن قتيبه، عيون الاخبار 229x1: المرزباني (پهرين مصرع جي مختلف روايت سان) ص 482. فتحنامي مطابق، حمزه هيءَ شعر محمد بن قاسم جي محاذ هند تي مقرري جي موقعي تي مبارڪباديءَ طور چيا، مگر بقول ابن الاثير (4- 282) حمزه اهي شعر محمد بن قاسم جي وفات حسرت آيات تي مرثيه طور تي چيا. غالباً ابن الاثير جو قول صحيح آهي، چاڪاڻ ته بلاذري (ص 440) پڻ محمد بن قاسم ۽ ٻين ثقفي خاندان جي فردن کي قيد ۽ ايذائي مارڻ جي ذڪر ڪرڻ بعد اهي شعر نقل ڪيا آهن. (ن-ب)

128/ [99] پوءِ.. محمد بن قاسم اتان ارمابيل ڏانهن روانو ٿيو: هن کان اڳ واري صفحي تي فقط ايترو ڄاڻايل آهي ته محمد بن قاسم مڪران پهتو. فتحنامي جي اها عبارت اڌوري آهي. بقول بلاذري (ص 436)، ”محمد بن قاسم (شيراز مان) مڪران ڏانهن روانو ٿيو ۽ اتي ڪافي ڏينهن ترسيو. ان بعد فنزبور(1) آيو ۽ اهو شهر فتح ڪيائين. پوءِ اتان ارمابيل ۾ آيو“. بلاذريءَ جي هن بيان مان ظاهر آهي ته فتحنامي ۾ فنزبور يا پنجپور جي فتح جو ذڪر ڪتل آهي. انهيءَ ڪري بلاذريءَ جي بيان جي روشنيءَ ۾، فتحنامي جي مٿئين عبارت ۾ ”اتان“ مان مراد فنزبور يا پنجپور سمجهڻ گهرجي. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

128/ [100] (محمد بن هارون) جڏهن ارمابيل جي منزل تي پهتو ته سندس عمر پوري ٿي... ڪيس اتي دفن ڪيائون: بقول بلاذري محمد بن هارون ”ارمابيل جي ويجهو وفات ڪئي ۽ ڪيس قنبل ۾ دفن ڪيائون“. محقق بلاذري جو قول وڌيڪ صحيح سمجهڻ گهرجي. فتحنامي جي عبارت کي بلاذريءَ جي بيان سان هن طرح تطبيق ڏيئي سگهجي ته ”ارمابيل جي منزل“ مان مراد علائقي ارمابيل جي ڪا منزل آهي، جا شهر ارمابيل جي ويجهو هئي، جيئن ته بلاذري لکيو آهي. بلاذريءَ

جو ”قنبل“ ساڳيو اهو شهر آهي جنهن کي عرب جاگرافي نويسن اڪثر ”قنبلي“ ڪري لکيو آهي. اسان جي خيال ۾ ”قنبل“ توڙي ”قنبلي“ دراصل غالباً ”قنبيلو“ يعني ”پن ٻيلو“ آهي، جو غالباً شهر لسٻيلي رياست جي گادي ٻيلو (جو غالباً عربن جو ارمابيل يعني ارمن ٻيلو آهي) جي لڳو لڳ هو. هن وقت شهر ٻيلي جي هڪ طرف ”پير آري“ جو مقبرو ۽ زيارتگاهه آهي ۽ مقامي روايتن موجب اها ڪنهن اصحابي جي قبر آهي. ممڪن آهي ته محمد بن هارون جو نالو ”ابن هارون“ مان ”هارون“، ۽ زماني گذرڻ بعد اهو مقامي تلفظ يا غلطي سبب ڦري ”آري“ ٿيو هجي- والله اعلم بالصواب. (ن-ب)

130/ [101] جهم بن زَهر الجُعفِي: سندس والد زَحر بن قيس الجعفي، ڪوفي جي شريف سردارن ۽ شهسوارن مان هو ۽ وڏو بليغ مقرر هو (ابن عساڪر، تاريخ ڪبير 5x 69). جنگ صفين ۾ حضرت علي رضہ سان گڏ هو (ابن عساڪر، ايضاً، ۽ ڪتاب الصفين، ص 11). سندس فرزند به جملي شريف هئا (ابن عساڪر)، جن مان جهم بن زحر نهايت مشهور ٿيو. غالباً محمد بن قاسم جو همعصر هو. ۽ محمد بن قاسم جي سنڌ تي چڙهائيءَ کان اڳ، جڏهن محمد بن قاسم فارس جو گورنر هو، تڏهن جهم سندس خاص سپهه سالارن مان هو. سن 92 هه جي شروع ۾ محمد بن قاسم پنهنجي هيڊڪوارٽر شيراز مان شهر ”ري“ جي فتح لاءِ تياريون ڪيون هيون، ۽ جهم بن زحر کي فوج سان اڳواٽ ري ڏانهن روانو ڪيو هئائين. مگر حجاج اوچتو محمد بن قاسم کي سنڌ جي محاذ جو ڪماندر مقرر ڪيو ۽ جهم بن زحر کي به محمد بن قاسم وٽ واپس پهچڻ جو حڪم ڪيائين (بلاذري، ص 436). ابن زحر ان بعد سنڌ جي فتحن ۾ محمد بن قاسم سان شامل رهيو. فتحنامو ص[106]، [156]، [172] ۽ [192]. غالباً سندس همت ۽ بهادري سبب محمد بن قاسم جي به ساڻس بي انتها محبت ٿي وئي. محمد بن قاسم ۽ جهم سنڌ جي فتحن ۾ مشغول هئا، جو اوچتو حجاج جو حڪم پهتو ته جهم کي خراسان جي محاذ ڏانهن بدلي ڪيو وڃي ته هو وڃي اتي جي ڪماندر قتيبہ بن مسلم جي مدد ڪري. طبري (127x2) هنن دوستن جي جدائي جو نهايت مؤثر لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي ته: ”حمد (بن قاسم) جي جهم بن زحر سان نهايت محبت هئي، سو جڏهن جهم ڪانئس موڪلايو ته محمد روئي چيس ته: اي جهم! بس جدائي!!“ ۾-- جهم جواب ڏنو ته: ”هائو. پلا ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي.“

(1) بلاذري جي ڇپيل تاريخ ۾ هن نالي جي پڙهڻي ”قنزبور“ آهي جا حقيقت ۾ ”فنزبور“ جي تحريف آهي. فنزبور يعني پنجپور، جو غالباً ساڳي انهيءَ جاءِ تي هو جتي موجوده ”پنجگور“ آهي. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

جهم پوءِ وچي خراسان محاذ جي مشهور ڪمانڊر قتيبه جي هٿ هيٺ پنهنجي نئين عهدي جي چارج ورتي. مگر محمد بن قاسم وانگر قتيبه*ڪي پنهنجي سپهه سالارن ڪي محبت سان گرويده ڪرڻ جو شايد گهٽ ڏانءُ هو. بهرحال جڏهن سليمان خليفو ٿيو ۽ قتيبه خلاف انتقامي ڪارروايون شروع ڪيائين ته قتيبه بغاوت ڪئي. جنهن ۾ جهم سندس ساٿ ڪونه ڏنو بلڪ شاهي فوجن جي اڳواڻي ڪري، قتيبه جو مقابلو ڪيو ۽ قتيبه جي شڪست توڙي آخري گهيري ۽ قتل (سن 96 هه) جو مکيه اڳواڻ جهم ئي هو (طبري 2x1296- 1297). جهم ان بعد خراسان جي ڪمانڊر يزيد بن مهلب جو مکيه سپهه سالار ٿي رهيو ۽ اتي جي جنگين، خاص طرح جرجان جي آخري فتح (سن 98 هه)، ۾ هن جو وڏو حصو هو (طبري 2x1319 ۽ 1330- 1333)، ۽ يزيد بن مهلب کيس جرجان جو گورنر مقرر ڪيو (ايضاً2x1353). حضرت عمر بن عبدالعزيز رضه کان پوءِ جڏهن يزيد بن عبدالملڪ خليفو ٿيو (سن 101 هه)، تڏهن خراسان جي اڳئين ڪمانڊر يزيد بن مهلب جي ساٿين خلاف انتقامي ڪارروايون شروع ٿيون، ۽ خراسان جي نئين ڪمانڊر ۽ وائسراءِ سعيد خذينه جي حڪم تي ٻين سان گڏ جهم بن زحر کي به گرفتار ڪري قيد ڪيو ويو. آخر قبيله "باهله" جي هڪ آفيسر هن دلير مرد کي عذاب ڏيئي پورو ڪيو، جنهن تي سعيد هن شخص کي ڪافي ملامت ڪئي (طبري 2x1297). انهيءَ شخص جو نالو زبير بن نشيط هو ۽ سعيد خذينههميشه چوندو هو ته زبير جو خدا خانو خراب ڪري جو هن جهم جهڙي مڙس کي ڇيچائي ماريو. جهم جي موت تي مشهور شاعر ثابت قطنه ازدي هيءَ شعر مرثيه طور چيا:

اَ تذهبُ اَيامِي ولـم اِسقِ ترفِلا

وَ اَشياعه الكاس التي صبحوا جـهما

ولم يُقرها الـسعـديُ عمـرَو بِن مالكِ

فيـُشعب من حوضِ ا لمنايا لها قِسما

ڏسو بلاذري، انساب العرب، طبع جيروسلم، 5x162. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

130/ [101] عطِية بن سعد العوفِي: عطية پڻ هڪ بهادر مرد هو ۽ محمد بن قاسم سان خاص محبت هئس. شروع ۾ عطية هڪ بغاوت ۾ حصو ورتو هو، جنهن ڪري حجاج جي انتقام جي ڊپ کان عراق ڇڏي فارس ڏانهن هليو ويو. اتي محمد بن قاسم گورنر هو ۽ حجاج جو کيس حڪم پهتو ته عطية کي چار سؤ دُرن جي سزا ڏئي. محمد بن قاسم، عطية کي حجاج جو حڪم ٻڌايو ۽ کيس سزا ڏنائين. (ڏسو طبري "ذيل المذيل من تاريخ الصحابة و التابعين" ملحق في آخر تاريخ

الطبري 9424x3: ۽ شذرات الذهب 144x1). پر ان هوندي بہ عطية محمد بن قاسم کان منهن ڪين موڙيو، ۽ سنڌ جي فتح وقت سپهہ سالار طور ساڻس شامل رهيو ۽ سنڌ جي فتحن ۾ پوري بهادري سان حصو ورتائين. ڏسو فتحنامو ص [106، 156، 172 ۽ 192]. (ن - ب)

130/ [102] عبدالرحمان بن سُليم الڪلبي: نهايت تجربيڪار سپهہ سالارن مان هو. ڏھ سال اڳ، سن 82 ھ ۾ عبدالرحمان بن محمد بن الاشعث خلاف "دَير الجماجم واري جنگ ۾ هو حجاج جي فوج جي ساڄي طرف (ميمنه) جو سپهہ سالار هو (ابن خلدون 49x3)، ۽ انهيءَ جنگ ۾ ئي ابن الاشعث کي پهريون دفعو شڪست آئي. عبدالرحمان وڏو بهادر هو ۽ بهادرن جو قدردان هو. هڪ دفعي مشهور سپهہ سالار مهلب وٽ آيو ۽ سندس نوجوان پٽن کي سوار ٿيندو ڏٺائين تہ سندس همت ۽ طاقت جي تعريف ڪيائين. قال: أنس الله الاسلام بتلاحقكم- اما والله لئن لم تكونوا اسباط نبوة، انكم لاسباط ملحمة (جاحظ، البيان والتبيين 61x2 ۽ ابن خلڪان، الوفيات 266x2). عبدالرحمان، اموي گهراڻي جو هڪ وفادار آفيسر هو. حضرت عمر بن عبدالعزيز جي وفات بعد جڏهن يزيد بن عبدالملڪ خليفو مقرر ٿيو، تڏهن عبدالرحمان کي خراسان جو گورنر مقرر ڪيائين، پر ان وقت هن نئين خليفي جي خلاف هر طرف کان بغاوت ٿي، جنهن ڪري عبدالرحمان عرض ڪيو تہ "تنهنجي دشمن سان مقابلو ڪرڻ مون کي خراسان جي گورنري کان وڌيڪ پسند آهي. مون کي پاڻ يزيد بن المهلب (باغي) جي مقابلي واري فوج ۾ جڳھ ڏي" (طبري 188x3- 1389). ان بعد عبدالرحمان غالباً باغي يزيد بن المهلب جي مقابلي لاءِ شاهي فوج جي ڪماندر مسلمه بن عبدالملڪ جو سپهہ سالار ٿي رهيو ۽ ان جي وڏي مدد ڪيائين. اهوئي خاص سبب هو جو، جڏهن " مسلمة بن عبدالملڪ، يزيد بن المهلب جي مقابلي کان فارغ ٿيو ۽ کيس عراق جو وائسراءِ مقرر ڪيو ويو، تڏهن عبدالرحمان بن سليم الڪلبي کي بصره جو گورنر مقرر ڪيائين"(ابن خلدون 80x3).

130/ [102] سفيان بن اَلاَبرَد: سفيان پڻ "الڪلبي" هو، يعني بنو ڪلب قبيلہ مان هو ۽ نهايت پختہ مشق ۽ دلير سپهہ سالار هو. جنهن خليفي عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ "خارجين"سان زبردست جنگيون ڪيون. سن 76 ۾ جڏهن شبيب خارجي، حجاج کي جنگ ۾ شڪست ڏيئي پڄايو، تڏهن خليفي عبدالملڪ، سفيان کي چار هزار فوج ڏيئي روانو ڪيو ۽ هن موت کي منهن ڏيئي شبيب جو مقابلو ڪري کيس شڪست ڏني (المسعودي، مروج الذهب، طبع پئرس،321x5-322 ابن خلدون، 156x3- 157 ۽ 159). ان بعد سفيان، حجاج جو چونڊ ڪماندر ٿي رهيو، جنهن کيس وڏي لشڪر

سان طبرستان طرف، خارجين جي اڳواڻ قطري بن الفجاعت ۽ سندس ساٿين جي مقابلي لاءِ موڪليو. سفيان انهن سان مقابلا ڪري، ڪين ماري مات ڪيو. ان بعد دماوند ۽ طبرستان ۾ داخل ٿي اتي طاقت مضبوط ڪيائين ۽ اتيئي رهيو. تان جو "دَيرجماجم" واري جنگ کان ڪجهه اڳ حجاج اتان ڪيس فارغ ڪيو (ابن خلدون 161x3). جنگ "ديرجماجم" ۾، جا حجاج ۽ باغي ڪمانڊر عبدالرحمان بن محمد بن الاشعث جي وچ ۾ لڳي، سفيان حجاج جي لشڪر جي پيادل فوج جو سپهه سالار هو (ابن خلدون 49x3). ظاهر آهي تہ سن 76هه کان وٺي سفيان فوجي سپهه سالار ٿي رهيو هو ۽ سن 92هه ۾ جڏهن ڪيس حجاج محمد بن قاسم جي فوج سان موڪليو، ان وقت ڪيس سورهن سالن جي فوجي سپهه سالاري جو تجربو هو ۽ نهايت سخت جنگين ۾ بهرو وٺي چڪو هو. (ن-ب)

130/ [102] قطن بن بُرَڪ الِڪلابِي: فتحنامي ۾ هن نالي جي اهائي پڙهڻي آهي، مگر ابن عساڪر جي"التاريخ الڪبير" (4 390x) ۾ "قطن بن مدرڪ الڪلابي" لکيل آهي ۽ ڄاڻايل آهي تہ: "حجاج (پنهنجي سؤٽ) حڪم بن ايوب ثقفي کي بصره جو گورنر مقرر ڪيو هو، پر جڏهن (عبدالرحمان) ابن الاشعث بغاوت ڪئي (سن 81 هه) تڏهن ڪيس معزول ڪري قطن بن مدرڪ الڪلابي کي سندس جاءِ تي مقرر ڪيائين." غالباً هن بغاوت واري نازڪ وقت ۾ ئي قطن، حجاج جي وڏي مدد ڪئي. ڇاڪاڻ تہ فتحنامي ۾ هن جاءِ تي خود حجاج جا پنهنجا لفظ آهن تہ "قطن اسان کي مشڪلات ۾ مدد ڪئي آهي، ۽ عزت جو لائق ۽ راستگو آهي.... ۽ حجاج جو هميشہ مددگار رهيو آهي." (ن - ب)

130/ [104] جراح بن عبدالله: غالباً جراح بن عبدالله الحڪمِي، جو بعد ۾ هڪ مشهور ڪمانڊر ٿيو ۽ خليفي يزيد بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ آرمينا ۾ فتحون ڪيائين. خليفي عمر بن عبدالعزيز ڪيس پنهنجي عهد ۾ خراسان جو وائسراءِ مقرر ڪيو- ڏسو بلاذري، فتوح البلدان ص 202، 206، ۽ 426- 427. (ن- ب)

131/ [103] عـُدَيل بن فرخ: يعني العـُدَيل بن الفرخ (بن معين بن اَسوَد بن عمرَو بن جابر بن شعلبہ* سُمي بن العُڪابت) العِجلِي جو "بنو عِجل" قبيلي جو مشهور شاعر هو (ابن حزم، الجمهرہ ص 295، ۽ ابن دريد، الاشتقاق ص 208) ڪنهن سبب سان هن شاعر ۽ حجاج جي وچ ۾ اٽڪ ٿي، جنهن تي عديل سندس هجوَ ۾ ڪي شعر چيا. ان بعد آخرڪار هو حجاج جي هٿ چڙهي ويو ۽ ڪيس ماراياڻين ٿي جو هن پنهنجا حجاج جي تعريف ۾ ڪي اڳيان چيل شعر پڙهيا،

Gul Hayat Institute

جنهن تي حجاج معافي ڏنس (البيان والتبيين، طبع مصر 1345/ 1926، جلد 1 ص 247). "نقائض جرير والفرزدق" ۾ هڪ جاءِ (نمبر 646) تي جنگ"ذوقار" جي باري ۾ سندس شعر نقل ٿيل آهن، ۽ ٻيءَ جاءِ (نمبر 1090) تي مالڪ بن مسمع متعلق سندس مدحيه شعر ڏنل آهن. (ن-ب)

132/ [104] منجنيق.... جنهن جو نالو "عروسڪ" هو: بلاذري (فتوح البلدان ص 437) هن منجنيق جو نالو "عروس" لکيو آهي. (ن-ب)

134/ [106] نباته بن حظلة ڪِلابِي: نباته به هڪ چونڊ شهسوارن مان هو، جنهن کي حجاج، محمد بن قاسم جي لشڪر سان گڏي موڪليو هو. ڏسو فتحنامو ص 207/ [192]. نباته نه صرف هڪ قابل سپهه سالار هو، مگر سياست جو به ڄاڻو هو. فتحنامي جي حوالن مان ظاهر آهي ته نباته ديبل (ص 141)، سيوستان (ص 148) ۾ ڏاهر سان دوبدو لڙائي ڪئي (ص 176، 207، 216)، ۽ برهمڻ آباد وارين جنگين ۾ وڏو حصو ورتو، ان کان سواءَ محمد بن قاسم طرفان مقامي حاڪمن سان سياسي صلح قائم ڪرڻ ۾ وڏو ڪم ڪيائين (ص 148، 155، 159). نباته پوءِ اموي دؤر جي آخر ۾ مروان بن محمد جي ڏينهن ۾، شاهي فوجن جو هڪ مکيه سپهه سالار هو. تقريباً 128 ھ ۾ مروان بن محمد جي ڪماندر ان چيف. يزيد بن عمر بن هبيره کيس باغي سليمان بن حبيب بن المهلب جي مقابلي لاءِ موڪليو ۽ هن کيس وڃي شڪست ڏني (اليعقوبي 2x 407). ان بعد يزيد بن عمر، نباته کي جرجان جوگورنر مقرر ڪيو، ۽ هو اتي رهيو، تان جو بنو عباس جي پارٽي زور ورتو ۽ ابو مسلم خراساني، خراسان جي گورنر نصر بن سيار کي ڀڄائي ڪڍيو ۽ پنهنجي سپهه سالار قحطبه بن شبيب کي زبردست لشڪر سان سن 130 ھ ۾ جرجان ڏي موڪليائين. نباته انهيءَ جنگ ۾ ڇهه هزار ماڻهن سان مارجي ويو (المسعودي، التنبيهه والاشرف، ص 327، طبري 2x6-2003). (ن- ب)

134/ [107] ڀهريون ڀهريون ماڻهو جيڪو قلعي تي چڙهيو، سو (شهر) ڪوفه جو صعدي بن خريمه هو: جو ماڻهو اول ديبل جي قلعي تي چڙهيو، تنهن جو نالو مؤرخ بلاذري ڪونه ڏنو آهي،البت هو لکي ٿو ته ڀهريون ماڻهو جو قلعي تي چڙهيو سو ڪوفه جو رهاڪو هو ۽ "بنو مراد" قبيلي مان هو. بلاذريءَ جي اصل عبارت هيءُ آهي: وَكَانَ اَوَلهُم دَارَجُل مِن مُراد مِن اَهلِ الِكوفهِ (فتوح البلدان، 425). هن عبارت تي غور ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته شايد فتحنامي جي اصلي ماخذ جي عربي عبارت صاف نه هئي، ۽ فارسي مترجم علي ڪوفي غالباً "صعودا رجل من" جي لفظن کي ماڻهوءَ جو نالو سمجهي "صعدي بن خريمه" لکيو آهي- والله اعلم باالصواب.(ن-ب)

134/ [107] عجل بن عبدالملڪ بن قيس الدمني: هن نالي جي آخري نسبت فتحنامي جي جملي نسخن ۾ صاف لکيل ناهي ۽ انهيءَ ڪري مبهم آهي (ڏسو حاشيہ ص 134). البت ص 149 تي غالباً هن ساڳئي شخص جي پيءُ عبدالملڪ بن قيس بابت ڄاڻايل آهي تہ هو”آل جارود“ مان هو. جيئن تہ ”آل جارود“ (يعني جارود جو اولاد) وارا ”عبدالقيس“ قبيلي مان هئا ۽ انهيءَ ڪري انهن جي نسبت ”العبدي“ هئي، انهيءَ ڪري شايد هيءَ مبهم لفظ”الدمني“ بہ شايد دراصل ”العبدي“ آهي. (ن-ب)

135/ [107] مهراڻ نديءَ تي انهيءَ جاءِ وٽ پهتو.. [جا]اڀرندينءَ مهراڻ جي طرف(يا مهراڻ جي اڀرندي طرف) آهي: اصل فارسي عبارت هن طرح آهي: بجوي مهران رسيد بموضع.. از جانب شرقي مهران 01 هـ. هن عبارت ۾ ”از جانب شرقي“ جي سڌي لفظي معنيٰ ”(مهراڻ جي) اڀرندي“ ٿيندي، جنهن جو مطلب تہ ديبل جو حاڪم ”ڄاهين“، ديبل جي قلعي مان، جو مهراڻ جي الهندي طرف هو، پڇي نڪتو ۽ آخرڪار مهراڻ ٽپي درياءَ جي اڀرندي طرف ڪنهن مقام وٽ اچي پهتو. مگر مؤرخ بلاذري (فتوح البلدان ص 442) سنڌ جي گورنر جنيد جي فتحن جي سلسلي ۾ ”بطيحة الشرقي“ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ ”الشرقي“ اسم خاص طور استعمال ٿيل آهي ۽ اسان جي خيال ۾ ان جي مراد ”اڀرندين مهراڻ“ آهي يعني ”مهراڻ جي اڀرندين شاخ“. انهيءَ اعتبار سان، فتحنامي ۾ هن جاءِ تي اصل عبارت غالباً ”بجانب مهران الشرقي“ هئي، جنهن جو فارسي ترجمو ”ازجانب شرقي مهران“ ڪيل آهي. ان جو سنڌي ترجمو اصل عبارت جي لحاظ سان ”اڀرندينءَ مهراڻ جي طرف“ وڌيڪ ٺهڪندڙ نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ تہ عبارت جي شروع ۾ پڻ ”جوئي مهران“ جا الفاظ آهن جنهن جي معنيٰ (بر تقدير”مهراڻ جي جوءِ“) ٿيندي، ”مهراڻ ندي جي هڪ شاخ“ جا مرڪزي مهراڻ کان الڳ سمجهڻ گهرجي- والله اعلم باالصواب. (ن-ب)

135/ [107] ”ڪارمتي“ يعني ”ڪاري متي.“ ”ندمتي“ يعني ”گل سيمين“: اسان جي خيال ۾ فتحنامي جا اصلي لفظ صرف ”ڪارمتي“ ۽ ”ندمتي“ آهن. جن جي تشريح فارسي مترجم طرفان آهي. تنهن ڪري فارسي مترجم ”ڪارمتي“جي معنيٰ”گِل شور“(يعني”ڪاري متي“) ۽ ”ندمتي“ جي معنيٰ ”گِل سيمين“ (يعني ”چانديءَ جهڙي يا سفيد“) ڪئي آهي ۽ سنڌي ترجمو بہ انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. پر جيڪڏهن ”ڪارمتي“ جي معنيٰ ”گِل شور“ يا ڪاري متي آهي تہ ”ندمتي“ جي معنيٰ ”نديءَ جي متي“ يعني ”مني متي“ ٿيڻ گهرجي ۽ انهيءَ لحاظ سان فارسي ترجمي ۾ بہ ”گِل سيمين“ جي بدلي ”گِل شيرين“ هجڻ کپي. ٻئي لحاظ سان وري

جيڪڏهن ”ندمتي“ جو ترجمو ”گل سيمين“ يعني (درياءَ جي ڇيڪي) ”چانديءَ جهڙي يا سفيد متي“ ڪيو ويو آهي تہ ”ڪارمتي“ ان جو ضد”ڪاري (ڪلراٺي) متي“ هئڻ گهرجي. (ن-ب)

136/ [109] حُميدُ بن وَدَ ا ع النجدي: مگر صحيح نالو ”حُميد بن وَدَاع البحرِي“ آهي. ڏسو هيٺ، نوٽ ص 318/ [217]. (ن-ب)

137/ [110] برهمڻآباد قديم: يعني سنڌ جو اصلي قديم شهر برهمڻ آباد، جو محمد بن قاسم جي فتحن کان اڳ سنڌ ۾ موجود هو. ان بعد اسلامي دؤر حڪومت ۾ محمد بن قاسم جي پٽ عمرَو سنڌ ۾ ”منصوره“ جو نئون شهر ”برهمڻاباد“ کان ٻن سنگن جي مفاصلي تي ٻڌايو، جنهن کي پڻ مقامي ماڻهو ”برهمڻاباد“ سڏڻ لڳا. جيئن تہ فتحنامي جو هيءُ تاريخي احوال اٽڪل 3- صدي هجري ۾ لکيو ويو ۽ ان وقت صرف ”منصوره“ يا (مقامي ماڻهن جي اصطلاح ۾ چمڻ) ”برهمڻاباد نئون“ موجود هو، انهيءَ ڪري تاريخي وضاحت لاءِ محمد بن قاسم جي فتح واري اصلي برهمڻ آباد کي ”برهمڻاباد قديم“ جي نالي سان سڏيو ويو. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو متي ص 276، 275، 274. (ن - ب)

137/ [111] (محمد بن قاسم جو ارمابيل ۾ منزل ڪرڻ): هيءُ عنوان ۽ هيٺ ڏنل بيان تہ”محمد بن قاسم ديبل کان ارمابيل جي لڙائي جو ارادو ڪيو“، بلڪل بي موقعي ۽ بي معنيٰ آهي.

پهريون تہ، هيءُ بيان بغير سند جي ڏنل آهي. ٻيو تہ، هن کان اڳ (ص 129-128) تي تفصيل سان بيان ٿي چڪو آهي تہ محمد بن قاسم مڪران مان ٿيندو، ارمابيل آيو ۽ اهو شهر فتح ڪيائين (ص 129). ان بعد ارمابيل کان اڳتي ديبل ڏانهن روانو ٿيو (ص 129). مؤرخ بلاذري بہ صاف طور لکيو آهي تہ محمد بن قاسم اول ارمابيل فتح ڪري ان بعد اتان ديبل ڏانهن روانو ٿيو (فتوح البلدان، ص 436). انهيءَ ڪري ديبل فتح ڪرڻ بعد وري ارمابيل جي لڙائي لاءِ تياري ڪرڻ بي معنيٰ آهي. ٽيون تہ، هيٺ 1-141/ [115] صفحن تي نباته بن حنظلة (جو محمد بن قاسم سان گڏ هو) جي زباني مان صاف ظاهر آهي تہ محمد بن قاسم ديبل کان سيسم جي رستي نيرون ڪوٽ ڏانهن روانو ٿيو. انهن واضح دليلن جي بنياد تي هيءَ عنوان ۽ بيان بلڪل بي موقعي آهي ۽ غالباً فتحنامي جي فارسي مترجم جو وڌايل آهي.

ٿي سگهي ٿو تہ اصل لفظ صرف ايترا هجن تہ: ”پهريائين محمد بن قاسم ديبل کان ارمابيل رستي نيرون ڪوٽ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو، مگر پوءِ اهو ارادو ترڪ ڪيائين، ۽ اجا ديبل ۾ ئي منزل انداز هو جو ڪيس راجا ڏاهر جو خط پهتو، جو هن ڏانهنس لکيو هو.“ ٿي سگهي ٿو تہ اول محمد بن قاسم

ارمابيل رستي نيرون ڪوٽ (جو غالباً حيدرآباد واري جاءِ تي هو) ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو هجي، ڇاڪاڻ ته: (1) ارمابيل فتح ٿي چڪو هو ۽ مڪران جون اسلامي فوجون سندس وڏندڙ لشڪر لاءِ پشت پناهه ٿي سگهيون ٿي. (2) ارمابيل يا ارمن ٻيلي جو رياست لسٻيلي ۾ موجوده شهر ٻيلي جي آسپاس هو، اتان شاهه بلاول واري لڪ ذريعي ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد ڏانهن ڪوهستاني علائقي واروگس، بمقابلي ديبل کان ڏاهر جي سنڌ واري علائقي مان سڌو نيرون ڏانهن ويندڙ رستي کان نسبتاً وڌيڪ محفوظ سمجهيو ويو هجي.

بهر حال اهڙي گمان لاءِ توڙي فتحنامي جي هن عنوان ۽ بيان لاءِ ڪابه تاريخي سند موجود ڪانهي. (ن-ب)

138/ [111] هن کان اڳ ۾ ٻئي هڪ جي متي ۾ پڻ اهڙو غرور پيدا ٿيو هو.... ۽ الحڪم بن ابي العاص پڻ انهيءَ جي بيعت ڪئي هئي: اهي لفظ ڏاهر پنهنجي خط ۾ محمد بن قاسم ڏانهن لکيا. سندس مراد آهي ته تو (محمد بن قاسم) کان اڳ پڻ هڪ شخص هن طرف حملي جو خيال ڪيو هو ۽ الحڪم بن ابي العاص پڻ انهيءَ جي بيعت ۾ هو.

ڏاهر، محمد بن قاسم کان گهڻو وقت اڳ جي ڳالهه تو ڪري ۽ انهيءَ ڪري غالباً انهيءَ سپهه سالار جو نالو ذهن ۾ ڪونه هئس. البت الحڪم بن ابي العاص جي ذڪر مان ظاهر آهي ته ڏاهر جو اشارو غالباً ديبل تي عربن جي پهرئين حملي جو آهي. تاريخ مان ثابت آهي ته انهيءَ حملي جو خيال بحرين ۽ عمان جي گورنر عثمان بن ابي العاص الثقفي، حضرت عمر جي خلافت ۾ سن 15 هه (37-636ع) ۾ ڪيو. سندس ڀاءُ الحڪم بن ابي العاص سندس بيعت ۾ هو جنهن کي سمنڊ ذريعي ٿاڻي ۽ ڀروچ ڏانهن روانو ڪيائين. ۽ پنهنجي ٻئي ڀاءُ المغيره کي ديبل ڏانهن روانو ڪيائين (بلاذري، فتوح البلدان ص 431- 432: پڻ ڏسو فتحنامو ص 97- 98).

مٿين تاريخي حقيقت جي بنياد تي جنهن شخص کي سڀ کان پهرين ديبل تي حملي جو خيال پيدا ٿيو، سو بحرين ۽ عمان جو گورنر عثمان بن العاص الثقفي هو. مگر هو پاڻ سياست جو تير کڻي ڪونه آيو، جيئن ڏاهر جي خط ۾ بيان ٿيل آهي، بلڪ پنهنجي ڀائرن کي ٿاڻي، ڀروچ ۽ ديبل ڏانهن موڪليائين. ساڻس سندس ڀاءُ الحڪم بن ابي العاص جي بيعت هئي ۽ نه "ابي العاص بن الحڪم" جي، جيئن فتحنامي جي اصل متن ۾ آهي (ڏسو حاشيه 1- ص 138). ان کان سواءِ خود الحڪم بن ابي العاص ديبل تي ڪونه ڪاهيو هو، بلڪ سندس ڀاءُ المغِيره بن ابي العاص ديبل تي چڙهائي ڪئي هئي، پڻ المغيره ديبل ۾ مارجي ڪونه ويو، جيئن ڏاهر پنهنجي خط ۾ لکيو

آهي. ڏاهر جو هيءُ بيان فتحنامي جي شروعاتي روايت [ص 97- 98] مطابق آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ المغيره ديبل واري جنگ ۾ مارجي ويو، حالانڪ تاريخي اعتبار سان اهو غلط آهي. ڏسو مٿي نوٽ، 104/ [71].

آخر ۾ هيٺ (ص 138) هن ساڳئي خط ۾ ڏاهر، محمد بن قاسم کي لکي ٿو تہ: ”پاڻ کي غرور جي خواب ۾ مبتلا نہ ڪر، نہ تہ تنهنجي عاقبت بہ اها ٿيندي جا بديل جي ٿي.“ هن فقري مان گمان نڪري ٿو تہ مٿيون شروع وارو اشارو بہ شايد بُدَيل ڏانهن ئي هجي. مگر جي ائين هجي ها تہ ڏاهر بہ سندس نالو کڻي ها. ٻيو تہ ”الحڪم بن ابي العاص“ جو ٿورو ڪي گهڻو تعلق ديبل تي سن 25 هجري واري حملي سان هو ۽ نہ بُدَيل واري حملي سان، جو حجاج جي ايامڪاريءَ ۾ سن 75 هه کان بعد ۾ واقع ٿيو. البت جيڪڏهن فتحنامي جي اصلي پڙهڻي ”ابو العاص بن الحڪم“ تسليم ڪجي ۽ چئجي تہ ابو العاص مٿئين الحڪم جو پٽ هو، جو بُديل سان جنگ ۾ شامل هو، تہ البت اها ڳالهہ ٿي سگهي ٿي. مگر ابو العاص بن الحڪم جو حوالو ڪنهن بہ عربي ماخذ ۾ نظر نٿو اچي. (ن-ب)

141/ [115] ساڪري جو نارو: اصل فارسي متن ۾ ”نالہ سانڪره“جنهن جون ٻيون پڙهڻيون”ساڪر“، ”نالہ سانڪره“ ۽ ”دهند ساڪره“ آهن (ڏسو حاشيہ- 1، ص 141). ”ساڪره“ جو لفظ هن وقت بہ ”ميرپور ساڪري“ جي نالي ۾ موجود آهي، يعني تہ اها ميرپور جا ”ساڪره“ جي ايراضيءَ ۾ آهي. انهيءَ لحاظ سان ”نالہ ساڪره“، جنهن جي ذريعي محمد بن قاسم نيرون ڏانهن جنگي سامان سان ڀريل ٻيڙيون روانيون ڪيون، غالباً ”بگهياڙ ڦاٽ“ آهي، جو ان وقت اڃا ننڍڙو واهڙ هو. پڻ ڏسو مٿي نوٽ ص 268. (ن-ب)

144/ [118] انهيءَ جاءِ وٽ پهتو جنهن کي موج ٿا چون: يعني محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ مان سيوستان ڏانهن روانو ٿيو ۽ سپ کان پهرين "موج" وٽ پهتو، جا نيرون ڪوٽ کان ٽيهن فرسنگن تي هئي. لغت جي لحاظ سان ”موج“ معنيٰ تکو وهندڙ پاڻي، جنهن مان گمان نڪري ٿو تہ غالباً محمد بن قاسم ڪنهن ”نئن“ وٽ پهتو، جا برسات سبب وهي رهي هئي. نيرون ڪوٽ ۾ محمد بن قاسم دعا گهري هئي جنهن تي گهڻي برسات پئي هئي (ص 142). ان مان ظاهر آهي تہ چوماسي جي مند شروع ٿي چڪي هئي. اڳتي هيٺ بيان مان ظاهر آهي تہ”موج“ وٽان رواني ٿيڻ بعد محمد بن قاسم سڌو سيوستان (سيوهڻ) جي قلعي وٽ وڃي پهتو، ۽ هن موج وٽ ئي اتي جا شمني (ٻڌ ڌرم جا زاهد) گڏجي وٽس آيا ۽ ساڻس صلح جو پڪو عهدنامو ڪيائون.

مؤرخ بلاذري هن موقعي بابت لکي ٿو تہ: محمد بن قاسم، ”مهراڻ جي اوريان هڪ نهر کي عبور ڪيو، ۽ (اتي) سربيدس جا شمني وٽس آيا ۽ ساڻس صلح ڪيائون“ (فتوح البلدان ص 438). پڻ مؤرخ اليعقوبي (327x2) جو بيان آهي تہ محمد بن قاسم ”مهراڻ جي اوريان سنڌ جي هڪ نهر ٽپيو ۽ (اتان) سهبان (سيوهڻ) ڏانهن روانو ٿيو.“

بلاذري ۽ يعقوبي جي هنن حوالن جي فتحنامي جي عبارت سان پوري مطابقت آهي، ۽ ظاهر آهي تہ فتحنامي جي ”موج“ هنن مؤرخن جي ”نهر“ آهي. ٻئي مؤرخ، الهندي طرف ممالڪ اسلاميہ مان لکندي چون ٿا تہ: اها ”مهراڻ جي اوريان“ آهي ، جنهن جي معنيٰ تہ مهراڻ کان الهندي طرف هئي. سنڌ جي جاگرافيءَ تي نظر ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ حيدرآباد (جتي غالباً قديم نيرون ڪوٽ هو) ۽ سيوهڻ جي وچ تي الهندي طرف واري ڪوهستاني ايراضيءَ ۾ سنڌونديءَ جي ڪنهن بہ شاخ جو هئڻ ممڪن ناهي. محمد بن قاسم کان اڳ يا پوءِ جي تاريخ مان بہ هن خِطي ۾ اهڙي ڪنهن الهندين شاخ جو ثبوت نٿو ملي. جيڪڏهن هن خطي ۾ مهراڻ جي الهندي طرف ڪا نهر تي سگهي ٿي تہ اها ڪا نئن ئي هوندي، ۽ فتحنامي جو لفظ ”موج“انهيءَ دليل تي پڌرو شاهد آهي.

سنڌ جا ميد غالباً سنڌ جي سامونڊي پٽي جا ميربحر هئا. هاڻوڪو لفظ ”ميہ“ شايد ”ميد“جي بدليل صورت هجي. اڄا تائين ڪاري طرف حقارتاً چوندا آهن تہ ”تون ڪو ميد آهين“ يا”تون ڪو ميہ آهين“ يا ”تون ڪي مي آهين." ڪراچي کان ويندي ڪيٽي بندر تائين، هن وقت انهن ماڻهن ۾ ”نڪامره“ يا ان جي بدليل تلفظ وارو ڪنهن بہ قبيلي جو نالو نٿو ملي. البت تحفة الڪرام جي هڪ حوالي مان (جيڪڏهن اهو سچو آهي) معلوم ٿئي ٿو تہ”نڪامره“ قوم يارهين صدي هجريءَ جي پهرئين اڌ تائين موجود هئي. مير علي شير قانع لکي ٿو تہ: شاهجهان بادشاهہ پنهنجي شهزادگيءَ واري وقت ۾ جڏهن پنهنجي والد جهانگير بادشاهہ کان ڪاوڙجي ٺٽي ۾ آيو، تڏهن نواب شريف خان (شرفا خان؟) ۽ ڪڪرالي جي جام سندس مخالفت ڪئي. مگر ڏاراجا جي راڻي، ”نڪامره قوم“، ۽ حمل جت سندس مدد معاونت ڪئي. انهيءَ ڪري تخت تي ويهڻ بعد شاهجهان، نواب امير خان کي سن1037 هہ ۾ ٺٽي جو نواب مقرر ڪيو، تہ ساڻن سهڻو سلوڪ ڪري ۽ ڪين نوازي (تحفة الڪرام، مطبع ناصري، دهلي، 3 95x). جيڪڏهن يارهين صدي هجريءَ ۾ بہ ”نڪامره“ قوم موجود هئي، تہ انهيءَ حالت ۾ هن وقت ان قوم جي ماڻهن جو باقي هئڻ ڪافي ممڪن آهي، البت اهو قومي نالو غالباً متروڪ ٿي ويو آهي. سامونڊي پٽي خواه لاڙ جي

Gul Hayat Institute

ماڻهن جون اوڙڪون جي اسان کي معلوم ٿي سگهيون آهن، سي هي آهن: لاڙ، وَنگرا، دَبلا (دبي ڏاراجا جا اصل رهاڪو)، هٻولاٽي، ليلگاٽي، ماڇي، جوباٽيا، تاندِيا، ولهاري، هوڙائي، ٻوڪي، ڪڏائي، گجاڙيا، سوڊائي، پکيڙا، تيبائي، پاتاري، نوري، ڊورائي وغيره. مگر نڪامره جو نالو ڪٿان به معلوم نه ٿي سگهيو آهي. (ن-ب)

120/ [90] اها عورت بني عزيز (يا نبي عزيز) قبيلي مان هئي: هن نالي وارو قبيلو ڪنهن به عربي ڪتاب ۾ نظر نٿو اچي. بقول بلاذري (فتوح البلدان ص 435)، هيءَ عورت [بني يربوع] قبيلي مان هئي. مؤرخ بلاذريءَ جو قول وڌيڪ وزنائتو آهي. (ن-ب)

123/ [94] محمد بن قاسم، جو سندس چاچي جو پٽ ۽ پڻ ناٺي هو ۽ حجاج جي ڌيءَ سندس گهر ۾ هئي: هيءُ سچو بيان حقيقت جي خلاف آهي. نه محمد بن قاسم، حجاج جي چاچي جو پٽ هو، نڪي هو حجاج جو ناٺي هو، ۽ نڪا حجاج جي ڪا ڌيءَ ئي سندس گهر ۾ هئي.

(1) اول ته ابوعقيل جي آکهه جي هيٺين شجري کي ڏسڻ گهرجي:

مٿئين شجره مان ظاهر آهي ته محمد بن قاسم، حجاج جي چاچي (محمد) جو پٽ ناهي، مگر حجاج جي چاچي (محمد) جي پٽ (قاسم) جو پٽ آهي.

فتحنامي جي فارسي عبارت هن طرح آهي: "محمد قاسم پسر عم اوبود." هتي "پسرعم"ترجمو آهي عربي لفظ "ابن عم" جو. عربيءَ ۾ چاچي جي پٽ خواه پوٽي يا پڙ پوٽي کي"ابن عم" چئي سگهجي ٿو، مگر ان اصطلاح جو فارسي ترجمو، پڙهندڙن لاءِ غلط فهمي پيدا ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري اسان سنڌي ترجمي جي متن ۾ وضاحت لاءِ "سندس چاچي [جي پٽ] جو پٽ" ڪري لکيو آهي.

(2) زير بحث صفحي تي محمد بن قاسم کي حجاج جو ناٺي ڄاڻايو ويو آهي ۽ لکيو ويو آهي ته حجاج جي ڌيءَ سندس گهر ۾ هئي. مگر ص 205/ [190] تي "حجاج جي پنهنجي نياڻي محمد بن قاسم کي ڏيڻ جي حڪايت" ڏني ويئي آهي، جا غور طلب آهي. حقيقت ۾ اها محض هڪ "حڪايت" آهي ۽ هر حوالي کان غير معتبر. اول ته هن حڪايت جي روايت ضعيف آهي، ۽ بني تميم جي ڪنهن نامعلوم شخص ڏانهن منسوب آهي، جنهن يزيد بن ڪنانه کان نقل ڪئي آهي. خود يزيد بن ڪنانه جو نالو ڪٿي به راوين جي قطار ۾ نظر نٿو اچي. ٻيو ته هن حڪايت ۾ محمد بن قاسم جو حجاج کان وري وري سندس ڌيءَ گهرڻ ۽ حجاج جو ڪاوڙ جي هر پيري لکڻ

سان سندس پڳ ڍاهڻ، محمد بن قاسم جي بلند اخلاق جي خلاف آهي. ان کان سواءِ حجاج جي مشهور غصي ۽ ڪاوڙ آڏو محمد بن قاسم (جو ان وقت اڃا هڪ ڇوڪرو هو) جي مجال نہ هئي، جو وري وري انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏي. ٿيون تہ هن حڪايت جو راوي چوي ٿو تہ آءٌ ان وقت حجاج وٽ ويٺو هئس ۽ هي سڀ تماشو ڏسي رهيو هئس. گويا حجاج جي ڌيءَ جو سڱ جو فيصلو ٻين جي آڏو ٿي رهيو هو! چوٿون تہ حڪايت جي آخر ۾ ڄاڻايل آهي تہ حجاج بالاخر محمد بن قاسم کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ انهيءَ شرط تي ڏيڻو ڪيو تہ جڏهن وڏو ٿيندو، تڏهن فارس ۽ هند تي حملا ڪري اهي ملڪ فتح ڪندو. اها اڳڪٿي بہ ڏيکاري ٿي تہ هي حڪايت محض هڪ افسانو آهي ۽ ان جا اندروني سقم ئي ان جي غير معتبر هئڻ لاءِ ڪافي ثبوت آهن.

پر وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ خود اهو بہ ثابت ڪونهي تہ حجاج کي ڪا ڌيءَ بہ هئي. ابن حزم، جو انساب عرب جو هڪ وڏو ڄاڻو ۽ ماهر آهي، تنهن پنهنجي ڪتاب "جهمرت انساب العرب" (ص 255) ۾ حجاج جي اولاد ۾ صرف چار پٽ ڄاڻايا آهن: محمد، عبدالملڪ، آبان ۽ سليمان.

حقيقت هيءَ آهي تہ حجاج البت پنهنجي ڀيڻ زينب کي اختيار ڏنو هو تہ محمد بن قاسم ۽ حڪم بن ايوب (بن حڪم ابن ابي عقيل) ۾ هنهيءَ مان جنهن سان وڻيس تنهن سان شادي ڪري. محمد بن قاسم ان وقت فقط 17- ورهين جو هو ۽ حڪم وڏي عمر جو هو. زينب (غالباً پنهنجي عمر جي لحاظ سان) حڪم کي پسند ڪيو، جنهن سان حجاج سندس شادي ڪرائي (ڪتاب الاغاني، جلد 4، ص 27).

مٿين وضاحت جي بنياد تي فتحنامي، توڙي فرشتي (جلد 4، ص 403) ۽ مير معصوم (تاريخ معصومي، فارسي ص 21) جن جو ماخذ پڻ فتحنامو آهي، جا بيان تہ محمد بن قاسم، حجاج جو نائي هو، ظاهراً غلط آهن.

هن سلسلي ۾ ضروري آهي تہ هت محمد بن قاسم جي شادي بابت فتحنامي جي ٻين حوالن جو بہ جائزو وٺجي ۽ ان باري ۾ ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچجي.

فتحنامي جي صفحي 201/ [186] تي ڄاڻايل آهي تہ ڏاهر جي قتل کان پوءِ سندس زال لاڏي گرفتار ٿي ۽ محمد بن قاسم، حجاج کان لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جي اجازت گهري جنهن خليفي وليد کي سفارش ڪئي، ۽ آخر دارالخلافت مان حڪم صادر ٿيو، ۽ محمد بن قاسم لاڏيءَ کي خريد ڪري پنهنجي زال بنايو. پڻ ڏسو صفحو 235/ [222].

هن حڪايت جو راوي هڪ مقامي ماڻهو ابو محمد هندي آهي، جنهن هيءَ ڳالهه ابو مسهر عابي (؟) نالي هڪ شخص کان ٻڌي، جو خود هڪ گمنام ۽ مبهم شخص آهي. ڪنهن بہ عربي ماخذ مان هن حڪايت جي ذري جيتري بہ تصديق نٿي ٿئي، بلڪ خود فتحنامي ۾ ئي لاڏي جي باري ۾ متضاد بيان آهن، جي هن حڪايت جي ترديد ڪن ٿا. مثلاً ص 201 تي خود لاڏيءَ جي زباني بيان ٿيو آهي تہ هو اسلامي لشڪر ۽ ڏاهر جي فوج واري جنگ ۾ لڙائيءَ جي ميدان ۾ گرفتار ٿي، مگر ص 220/ [205- 206] تي خود برهمڻ آباد جي مکيہ ماڻهن جي حڪايت موجب ڏاهر جي قتل بعد، لاڏي پنهنجي پٽ سان گڏ اچي برهمڻ آباد جي قلعي ۾ پهتي ۽ قلعي جي حفاظت جو بندوبست ڪري مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺي، مگر اوچتو گرفتار ٿي. مطلب تہ فتحنامي جون اهي حڪايتون، جن جو بنياد مقامي روايتن تي آهي ۽ جن جي عربي ماخذ مان ڪابہ تصديق نٿي ٿئي، سي غير معتبر آهن. محمد بن قاسم جو لاڏيءَ کي خريد ڪري نڪاح ۾ آڻڻ بہ محض افسانو آهي.

هاڻي سوال آهي تہ محمد بن قاسم ڪٿان شادي ڪئي؟ سندس بہ پٽ عمرو ۽ قاسم تاريخي حيثيت رکن ٿا. عمرو سنڌ جو گورنر ۽ مشهور منصوره جو باني هو، ۽ پاڻس قاسم سڄا سارا پندرهن سال بصره جو گورنر ٿي رهيو، جنهن جي معنيٰ تہ هو وڏو لائق هو ۽ سندس حڪمراني پبلڪ ۾ ڪافي مقبول هئي. هڪ خاص سبب اهوئي هو جو مشهور اُرجوزه گو شاعر رُوبه بن العجاج سندس مدح ۾ قصيدا چيا. رُوبہ پنهنجي هڪ ڊگهي اُجوزه (مطلع:"قلت وقد اقصر جهل الاَصوَر"، ڏسو ديوان روبہ، ص 57- 63) جي مصرعن 193- 197 ۾ چوي ٿو:

193 مافِي غَد اِني امروَ ؤ مِن معشرِ،

194 يغدُونَ انصارَکَ يومَ النصر،

195 وَهُم عليُ رَغمِ العداةِ الزفر،

196 اخوَالُ اَبائِکَ في المجدِ الثري،

197 سعدُ بنِ زَيدِ في الصمِيمِ الدَوسر.

(يعني تہ، آءٌ انهيءَ گروهہ مان آهيان جي هر ڏکئي ڏينهن تي تنهنجي دشمن خلاف آهن ۽ تنهنجا مدد گار آهن. اهو گروهہ "سعد بن زيد" قبيلي جي شير مردن جو آهي، جي تنهنجي خاندان جا ماماڻا وڏي شان ۽ مرتبي وارا آهن.)

Gul Hayat Institute

هن شعر ۾ ٻه ڳالهيون غور طلب آهن: (1) شاعر، "سعد بن زيد" قبيلي جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جو هو پاڻ هڪ فرد آهي. هاڻي، شاعر روبه بن العجاج، وڏي قبيلي بنوتميم جي هڪ شاخ "بنو سعد بن مالڪ بن سعد بن زيدمنات بن تميم" مان هو (ڏسو ابن حزم، الجمهره ص 204: ۽ ابن دريد، الاشتقاق ص 159). اهو پاڙو وري "سعد بن زيد منات" جي وڏي شاخ مان هو، جنهن ڪري شاعر اختصار طور صرف "سعد بن زيد" ڪري لکيو آهي. (2) شاعر چوي ٿو ته هن قبيلي وارا سندس ممدوح قاسم جي خاندان جا ماماڻا آهن. سندس اصل الفاظ "اخوال آبائڪ" آهي يعني "تنهن جي ابن جا ماماڻا"، جنهن جي معنيٰ ته قاسم جي پيءُ، يعني محمد بن قاسم ۽ سندس پيءُ ڏاڏن جا ماماڻا آهن. انهيءَ مان ثابت ٿيو ته محمد بن قاسم جي وڏن جون شاديون بنوتميم جي هن پاڙي مان ٿيل هيون، ۽ انهيءَ رسم موجب غالباً خود محمد بن قاسم جي شادي به بنوتميم جي هن ساڳئي پاڙي مان ٿي هوندي. حقيقت ۾ هو به ائين، ڇاڪاڻ ته مشهور محقق ۽ اديب خطيب تبريزي، شاعر روبه جي مٿئين اُرجوزه جي 195 ۽ 196 مصرعن جي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو ته: ابو محمد چيو آهي ته مون سندس (شاعر روبه جي) "س" جي قافيه واري قصيدي جي هڪ مصرع ڏٺي آهي، جنهن مان سندس مراد آهي ته خود قاسم بن محمد جا ماماڻا بني سعد بن تميم منجهان آهن. "بريد ان القاسم بن محمد له خُوولة في بني سعد بن تميم" (حاشيه ڪتاب تهذيب الالفاظ، ص 68). هت "ابو محمد" مان مراد مشهور عالم "بن اِلسيرافي" آهي، جنهن جي شاهدي بالڪل مستند سمجهڻ گهرجي. هن حوالي ۽ وضاحت مان ثابت ٿي چڪو ته اسان جي محمد بن قاسم جي پٽ قاسم جا ماماڻا بنوتميم قبيلي جي بنو سعد (بن مالڪ بن سعد بن زيد منات بن تميم) پاڙي مان هئا، جنهن جي معنيٰ ته محمد بن قاسم، بنوتميم جي انهيءَ خاندان مان شادي ڪئي هئي. (ن-ب)

123/ [94] حمزهِ بن بِيض الحنفي هي شعر چيو: حمزهِ بن بيض اموي دوُر جي مشهور شاعرن مان هو ۽ محمد بن قاسم جو همعصر هو. سن 120 هه ۾ وفات ڪيائين. سندس سوانح لاءِ ڏسو الاغاني- جلد 15 ص 14- 26: الامدي، الموقلف و المختلف ص 100: الڪتبي، فوات الوفيات، 1x188: العسڪري، معانيه، 1x11: ابوحيان 3x185: ابن عساڪر 4x440: النويري 4x81، تاج العروس (بيض). حمزهِ جو هيءُ شعر مشهور آهي، ڏسو بلاذري، طبع يورپ ص 441، طبع مصر ص 428: ابن الاثير 4x282: اليعقوبي 2x307: ابن قتيبه، عيون الاخبار 1x229: المرزباني (پهرين مصرع جي مختلف روايت سان) ص 482. فتحنامي مطابق، حمزه هيءَ شعر محمد بن قاسم جي محاذ

هند تي مقرري جي موقعي تي مبارڪباديءَ طور چيا. مگر بقول ابن الاثير (4- 282) حمزه اهي شعر محمد بن قاسم جي وفات حسرت آيات تي مرثيہ طور تي چيا. غالباً ابن الاثير جو قول صحيح آهي، ڇاڪاڻ تہ بلاذري (ص 440) پڻ محمد بن قاسم ۽ ٻين ثقفي خاندان جي فردن کي قيد ۾ ايذائي مارڻ جي ذڪر ڪرڻ بعد اهي شعر نقل ڪيا آهن. (ن-ب)

128/ [99] پوءِ.. محمد بن قاسم اتان ارمابيل ڏانهن روانو ٿيو: هن ڪان اڳ واري صفحي تي فقط ايترو ڄاڻايل آهي تہ محمد بن قاسم مڪران پهتو. فتحنامي جي اها عبارت اڻپوري آهي. بقول بلاذري (ص 436)، "محمد بن قاسم (شيراز مان) مڪران ڏانهن روانو ٿيو ۽ اتي ڪافي ڏينهن ترسيو. ان بعد فنزبور (1) آيو ۽ اهو شهر فتح ڪيائين. پوءِ اتان ارمابيل ۾ آيو". بلاذريءَ جي هن بيان مان ظاهر آهي تہ فتحنامي ۾ فنزبور يا پنجپور جي فتح جو ذڪر ڪٽل آهي. انهيءَ ڪري بلاذريءَ جي بيان جي روشنيءَ ۾، فتحنامي جي مٿئين عبارت ۾ "اتان" مان مراد فنزبور يا پنجپور سمجهڻ گهرجي. (ن-ب)

128/ [100] (محمد بن هارون) جڏهن ارمابيل جي منزل تي پهتو تہ سندس عمر پوري ٿي... ڪيس اتي دفن ڪيائون: بقول بلاذري محمد بن هارون "ارمابيل جي ويجهو وفات ڪئي ۽ ڪيس قنبل ۾ دفن ڪيائون". محقق بلاذري جو قول وڌيڪ صحيح سمجهڻ گهرجي. فتحنامي جي عبارت کي بلاذريءَ جي بيان سان هن طرح تطبيق ڏيئي سگهجي تہ "ارمابيل جي منزل" مان مراد علائقي ارمابيل جي ڪا منزل آهي، جا شهر ارمابيل جي ويجهو هئي، جيئن تہ بلاذري لکيو آهي. بلاذريءَ جو "قنبل" ساڳيو اهو شهر آهي جنهن کي عرب جاگرافي نويسن اڪثر "قنبلي" ڪري لکيو آهي. اسان جي خيال ۾ "قنبل" توڙي "قنبلي" دراصل غالباً "قنبيلو" يعني "ڪن ٻيلو" آهي، جو غالباً شهر لسٻيلي رياست جي گادي ٻيلو (جو غالباً عربن جو ارمابيل يعني ارمن ٻيلو آهي) جي لڳو لڳ هو. هن وقت شهر ٻيلي جي هڪ طرف "پير آري" جو مقبرو ۽ زيارتگاهہ آهي ۽ مقامي روايتن موجب اها ڪنهن اصحابي جي قبر آهي. ممڪن آهي تہ محمد بن هارون جو نالو "ابن هارون" مان "هارون"، ۽ زماني گذرڻ بعد اهو مقامي تلفظ يا غلطي سبب ڦري "آري" ٿيو هجي- والله اعلم بالصواب. (ن-ب)

130/ [101] جهم بن زَحر الجُعفِي: سندس والد زَحر بن قيس الجعفي، ڪوفي جي شريف سردارن ۽ شهسوارن مان هو ۽ وڏو بليغ مقرر هو (ابن عساڪر، تاريخ ڪبير 5x 69). جنگ صفين ۾ حضرت علي رضہ سان گڏ هو (ابن عساڪر. ايضاً. ۽ ڪتاب الصفين، ص 11). سندس فرزند بہ

جملي شريف هئا (ابن عساڪر)، جن مان جهم بن زحر نهايت مشهور ٿيو. غالباً محمد بن قاسم جو همعصر هو، ۽ محمد بن قاسم جي سنڌ تي چڙهائيءَ کان اڳ، جڏهن محمد بن قاسم فارس جو گورنر هو، تڏهن جهم سندس خاص سپهه سالارن مان هو. سن 92 هه جي شروع ۾ محمد بن قاسم پنهنجي هيڊڪوارٽر شيراز مان شهر "ري" جي فتح لاءِ تياريون ڪيون هيون، ۽ جهم بن زحر کي فوج سان اڳواٽ ري ڏانهن روانو ڪيو هئائين. مگر حجاج اوچتو محمد بن قاسم کي سنڌ جي محاذ جو ڪمانڊر مقرر ڪيو ۽ جهم بن زحر کي بہ محمد بن قاسم وٽ واپس پهچڻ جو حڪم ڪيائين (بلاذري، ص 436). ابن زحر ان بعد سنڌ جي فتحن ۾ محمد بن قاسم سان شامل رهيو. فتحنامو ص[106]، [156]، [172] ۽ [192]. غالباً سندس همت ۽ بهادري سبب محمد بن قاسم جي بہ ساڻس بي انتها محبت ٿي وئي. محمد بن قاسم ۽ جهم سنڌ جي فتحن ۾ مشغول هئا، جو اوچتو حجاج جو حڪم پهتو تہ جهم کي خراسان جي محاذ ڏانهن بدلي ڪيو وڃي تہ هو وڃي اتي جي ڪمانڊر قتيبہ بن مسلم جي مدد ڪري. طبري (127x2) هنن دوستن جي جدائي جو نهايت مؤثر لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ: "حمد (بن قاسم) جي جهم بن زحر سان نهايت محبت هئي، سو جڏهن جهم ڪانئس موڪلايو تہ محمد روئي چيس تہ: اي جهم! بس جدائي!!" ۾-- جهم جواب ڏنو تہ: "هائو. پلا پيو ڪو چارو ئي ڪونهي."

---

(1) بلاذري جي ڇپيل تاريخ ۾ هن نالي جي پڙهڻي "قنزبور" آهي جا حقيقت ۾ "فنزبور" جي تحريف آهي. فنزبور يعني پنجپور، جو غالباً ساڳي انهيءَ جاءِ تي هو جتي موجوده "پنجگور" آهي. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

144/ [118] قلعي جو بادشاهہ: يعني سيوهڻ جي قلعي جو بادشاهہ.(ن -ب)

146/ [120] سندس قلعو ڪنڀ نهر جي ڪناري تي سيسم [نالي] هو: يعني تہ اهو قلعو ٻڌيہ علائقي جي حاڪم جو هو جتي سيوهڻ جي حاڪم بجهراءِ پڇي پناهہ ورتي. "ڪنڀ" يا"ڪنب" وڏي شاهي تلاءَ يا ڍنڍ جي معنيٰ ۾ اڄ ڏينهن تائين استعمال ٿئي ٿو، جنهن مان دليل نڪري ٿو تہ "ڪنڀ" غالباً ساڳي منڇر جي ڍنڍ آهي جا محمد بن قاسم جي ڏينهن ۾ بہ يقيني طور موجود هوندي. فتحنامي جي اصل فارسي عبارت "آب ڪنبہ" آهي جنهن جي لفظي معنيٰ "ڪنب جو پاڻي" ۽ عام اصطلاحي معنيٰ "ڪنڀ جي نهر" آهي. جيئن تہ منڇر جي ڍنڍ قديم الهندين ناري سان ڳنڍيل هئي، انهيءَ ڪري ناري کي "ڪنڀ نهر" يا "ڍنڍ واري نهر" چئي سگهجي ٿو. هيگ (اندس ڊيلٽا ڪنٽري، ص 58) توڙي هوڙي والا (ص 89) پڻ انهيءَ راءِ جا آهن تہ "ڪنڀ" مان مراد منڇر ڍنڍ آهي. البت هيگ (ص 58) جي خيال ۾ "سيسم" ساڳيو "شاهہ حسن" آهي جو منڇر جي الهندين ڪناري تي آهي. سندس اهو گمان غالباً محض انهن ٻن نالن جي اچارن ۾ مناسبت تي مبني آهي، ۽ اسان جي خيال ۾ صحيح نہ آهي. شاهہ حسن ڪافي پوئين زماني جي بستي آهي. سيسم جي قلعي جي باري ۾ صرف ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اهو يا منڇر جي ڍنڍ جي ڪناري تي يا قديم الهندين ناري جي ڪپ تي هو. (ن-ب)

146/ [121] بندهان: هيءَ بستي، ڪنڀ جي ڪناري تي هئي، جتي محمد بن قاسم سيسم جي قلعي تي چڙهائيءَ لاءِ اچي منزل ڪئي. بندهان پڙهڻي قديم نسخي پ جي آهي ۽ اسان انهيءَ کي اختيار ڪيو آهي. ممڪن آهي تہ اصل سنڌي نالو "بند+هان" هجي ۽ منڇر جي ڪنهن قديم بند سبب انهيءَ بستي تي اهو نالو پيو هجي، يا ممڪن آهي تہ اهو نالو اصل ۾ "ٻنڌاڻ" هجي. ر م نسخن جي پڙهڻي "نيلهان" آهي، يعني تہ هن نالي ۾ "ل" جو اضافو آهي. انهيءَ لحاظ سان هيگ(ص 58) انهيءَ بستي کي موجوده "ٻلهڻ" (Bilhan) ڳوٺ (پڻ ديهہ) سان تعبير ڪري ٿو جو سيوهڻ کان 7 ميل اولهہ طرف منڇر جي ڪناري تي آهي. (ن-ب)

147/ [121] جنهن جو وڏو اڪر، ڳنگا جي انهيءَ گهيڙ کان، جنهن کي اودندوهار ٿا سڏين، آيو هو: اصل فارسي عبارت منجهيل ۽ غالباً ناقص آهي (ڏسو حاشيہ 1، ص 147)، ۽ انهيءَ ڪري ڪنهن بہ صحيح نتيجي تي پهچڻ مشڪل آهي. ميجر راورٽي (مهراڻ، حاشيہ ص 234) محض اوٽ تي پنهنجي پڙهڻي اختيار ڪئي آهي ۽ سندس پڙهڻيءَ ۾ ڏنل شهرن جي نالن جو هوڙي والا (ص

89) پتو ڏنو آهي، مگر جيئن تہ راورتي جي پڙهڻي محض خيالي آهي، انهيءَ ڪري هوڙي والا جي تشريح بہ بيسود آهي.

اصل فارسي عبارت ۾ پهريون نالو "اکر" آهي جنهن کي اسان بہ ترجمي ۾ "اکر" ڪري لکيو آهي. مگر اهو نالو "اگر" بہ ٿي سگهي ٿو ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌ جون "اگر"، "آگرا" ۽"آڳڙا" قومون ممڪن آهي تہ انهيءَ "اگر" جي نسل مان هجن. اڳتي ٻيو خاص نالو اصل فارسي عبارت موجب "ڪداره ڪنڪ" آهي جنهن کي اسان "گذارهُ گنگ" سمجهي، ان جو ترجمو "گنگا (ندي) جو گهيڙ" ڪيو آهي. فارسي ڇاپي جي فاضل ايڊيٽر جي خيال ۾ شايد اهو نالو ڪنهن ملڪ يا مندر جو آهي (ڏسو فتحنامو فارسي متن، حاشيہ 8، ص 121). لفظ"اودندوهار" جي پڇاڙي "وهار" مان ظاهر آهي تہ اهو هڪ ٻڌ جي مندر جو نالو آهي. (ن-ب)

149/ ]124[ 3) تحفة الڪرام (x15بهطلور: آهي "بهلطور"جي پڙهڻي.

150/ [164] حميد بن وداع النجدي: صحيح نالو "حميد بن وداع البحرِي" آهي. ڏسو هيٺ. نوٽ ص 229/ [217]. (ن-ب)

150/ [125] بغرور جي قلعي جي مقابل ٻڌيہ طرف جي اها ايراضي- الخ: محمد بن قاسم ٻڌيہ جو پرڳڻو سيوهڻ وٺڻ بعد فتح ڪيو، جنهن جي معنيٰ تہ اهو سيوهڻ کان مٿي اتر طرف هو. هن پرڳڻي جي گادي "ڪاڪا راڄ" شهر هو ۽ انهيءَ نالي جو نشان هينئر بہ "ڪڪر" جي نالي ۾ موجود آهي. انهيءَ جي معنيٰ تہ ٻڌيہ پرڳڻو، مهراڻ درياءَ جي ساڄي طرف سيوهڻ کان اتر طرف هو ۽ موجوده ضلعي دادو جو اتريون پاڱو ان ۾ شامل هو. مگر زير بحث عبارت مان، جو خود محمد بن قاسم جو بيان آهي، ظاهر آهي تہ ٻڌيہ جي ايراضي اڃا بہ گهڻو اتر طرف لاڙڪاڻي ضلعي ۽ سکر ضلعي جي درياءَ جي سڄي طرف وارن پاڱن، ويندي "بغرور جي قلعي جي مقابل" يعني تہ بغرور جي قلعي جي آمهون سامهون واري حد تائين هئي، جا محمد بن قاسم فتح ڪئي. ظاهر آهي تہ بغرور جو قلعو درياءَ جي هڪ طرف (کابي) هو ۽ ٻڌيہ جي حد سامهون درياءَ جي ٻئي طرف (ساڄي) هئي. اڳتي هلي اڃا بہ واضح ڪيو ويو آهي تہ بغرور جو قلعو، اروڙ جي پرڳڻي جي حد اندر ۽ راجا ڏاهر جي هٿ هيٺ هو. فتحنامي جي مختلف نسخن جي پڙهڻين مطابق هن قلعي جو نالو "بغرور" يا "اغرور" ڄاڻايل آهي (ڏسو متن ص 150، حاشيہ 3)، مگر صحيح"بغرور" آهي ۽ اروڙ سان وابستگيءَ جي بنياد تي اهو قديم بکر وارو قلعو سمجهڻ گهرجي. ڏسو مٿي نوٽ ص57/ [9]. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

151/ [126] ڏاهر جو سؤٽ: يعني بجهراٍ بن چندر جنهن جو ذڪر مٿي ص 146- 144 تي اچي چڪو آهي. (ن-ب)

152/ [186] مهراڻ جي اپرندي طرف انهيءَ ماٿريءَ ۾، جا ڪشها (ڪڇ) جي سمنڊ جو ٻيٽ آهي: فارسي ڇاپي جي متن ۾ ”ڪشها“ جي بدلي ”ڪنبها“ پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي، ۽ فاضل ايڊيٽر گمان ڪيو آهي ته ڪنبها جي سمنڊ (بحر ڪنبها) مان شايد ”ڪنيات جي نار“ ڏانهن اشارو آهي [ڏسو فتحنامو، فارسي ڇاپي ص 262، نوٽ ص 126]. مگر اهو گمان قياس ويجهو ناهي. محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ مان خط لکندي انهيءَ ماٿري جو ذڪر ڪري ٿو جا مهراڻ درياءَ اپرندي طرف هئي، ۽ جتي ڏاهر جو هڪ گورنر حڪمران هو. ڪنيات جي نار، جنهن جي ماٿري گجرات جو ڏاکڻيون حصو ٿي سگهي ٿو، سي ٻئي سنڌ کان گهڻو پري ۽ ڏاهر جي حڪمراني کان ٻاهر هئا. محمد بن قاسم جي بيان مان هيٺ صاف ظاهر آهي ته انهيءَ ماٿريءَ جو گورنر ٻيٽ جي قلعي جو والي هو. فتحنامي ۾ اڳتي ايندڙ ذڪر مان پڻ تصديق ٿئي ٿي ته اهو ٻيٽ جو قلعو مهراڻ جي دوآبي (Delta) ۾ هو. محمد بن قاسم يقيني طور انهيءَ دوآبي جو ذڪر ڪري رهيو آهي، جو مهراڻ جي ڇوڙ وارين ٻن مکيه شاخن جي وچ ۾ هو، جي ٻئي غالباً ڏکڻ طرف تقريباً سِير، ريڻ ۽ الهندين پراڻ جي قديم ٻيٽن جي لڳ ڀڳ ڪڇ جي ايراضيءَ جي سامهون ڇوڙ ڪنديون هيون. انهيءَ لحاظ سان مهراڻ جو هيٺيون دوآبو هڪ معنيٰ ۾ ڄڻ ڪڇ جي سمنڊ جو ٻيٽ هو. انهيءَ ڪري اسان مٿين عبارت ۾ ”بحر ڪنبها“ جي بدلي ”بحر ڪشها“ پڙهڻي اختيار ڪئي آهي، جو ”ڪشها“ بمعنيٰ ”ڪڇ“ بلڪل قياس ويجهو آهي. (ن-ب)

152/ [126] بسامي [پٽ] راسل: فتحنامي جي معتبر نسخن مطابق اهو نالو انهيءَ طرح ٿيندو. مگر اسان جي خيال ۾ هيءُ نالو اصل کان غلط ڏنل آهي، صحيح نالو وسايو [پٽ]سربند ٿيڻ گهرجي.

هت محمد بن قاسم جي بيان مان ظاهر آهي ته هيءُ شخص ٻيٽ جي قلعي جو حاڪم هو ۽ ڏاهر جي مکيه ماڻهن مان هو، مگر سنڌس پٽ محمد بن قاسم ڏانهن مائل هو. هيٺ فتحنامي جي بيان مان ظاهر آهي ته ٻيٽ جو حاڪم وسايو [پٽ] سربند هو (ص 176) ۽ هو پاڻ توڙي سنڌس هڪ پٽ راسل، ڏاهر جا پورا فرمانبردار هئا ۽ انهيءَ ڪري اهي ٻئي سنڌس ٻئي پٽ موڪي جا مخالف هئا (ص 177). پر موڪو شروع کان ئي محمد بن قاسم ڏانهن مائل هو ۽ بالاخر ساڻس شامل ٿيو ۽ سنڌس اطاعت قبول ڪيائين (ص158، 159، 166). انهيءَ تاريخي حوالي مان ظاهر آهي ته هن

Gul Hayat Institute

جاءِ تي صحيح نالو وسايو پٽ سربند هئڻ گهرجي ۽ نہ بسامي پٽ راسل. ”بسامي“ غالباً ”بسايہ“ جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ ڪاتب يا فارسي مترجم، سهو وچان وسايي جي پيءُ ”سربند“ جي بدران سندس پٽ ”راسل“ جو نالو لکي ويو آهي. (ن-ب)

156/ [132] اشبهار: فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر جي خيال ۾ اهو قلعو نيرون ڪوٽ ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ هو [ڏسو فارسي ڇاپو، ص 162: حاشيہ ص 132] پر اهو صحيح نہ آهي. محمد بن قاسم ديبل فتح ڪرڻ بعد نيرون ڪوٽ فتح ڪيو

انهيءَ . ۽ ان بعد سيوهڻ ڏانهن روانو ٿيو، ۽ سيوهڻ ۽ بڌيہ جي فتحن بعد موٽي نيرون ڪوٽ آيو خواه فتحنامي ۾ اشبهار جي فتح جو ڪوبہ ذڪر ڪونهي، ”فتوح البلدان“دوران ۾ بلاذري جي جنهن جي بنياد تي چئجي تہ اهو قلعو نيرون ڪوٽ ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ هو. هن قلعي تي محمد جي ”اشبهار“ .بن قاسم نيرون ڪوٽ کان ڏکڻ لاڙطرف مهراڻ ٽپڻ لاءِ ويندي وقت چڙهائي ڪئي جي پڇاڙيءَ مان ظاهر آهي تہ هن قلعي وٽ بہ ڪو بڌ ڌرم جو مندر هو. ٽنبي ”بهار“نالي ۾

(ن-ب) .اهڃاڻ ڏين ٿا تہ غالباً هي قلعو انهيءَ ايراضي ۾ هو ”بڌ جا ٽڪر“محمد خان لڳ

157/ [133] ٻيٽ جي حاڪم جاهين ساٽس جنگ جوٽي: هن کان اڳ اچي چڪو آهي تہ جاهين ڏاهر جي طرفان ديبل جو حاڪم هو ۽ اتان ڀڄي نڪتو هو (ص 135). هن عبارت مان گمان نڪري ٿو تہ ڏاهر، هاٽي جاهين کي محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ ٻيٽ جي قلعي جو ڪمانڊر مقرر ڪيو هو ۽ کيس حڪومت جا بہ ڪلي اختيار ڏنا هئا. جنهن جي تصديق هيٺ ايندڙ صفحي 167 مان ٿئي ٿي. تنهن ڪري هت اتي جي ”حاڪم“ مان مراد ”ڪمانڊر“ وٺڻ گهرجي، ورنہ ٻيٽ جا حڪمران يا والي وسايو پٽ سربند ۽ سندس بہ پٽ موڪو ۽ راسل هئا (ڏسو ص 177-176). (ن-ب)

157/ [133] وجورته قصبه وارو ملڪ: اصل متن ۾ فتحنامي جي ڇهن قلمي نسخن جي پڙهڻي ”ولايت قصبه وجورته“ ۽ هڪ نسخي پ جي پڙهڻي ”ولايت قصبه جورته“ آهي (ڏسو مٿي ص 157، حاشيہ 4)، ”قصبه“ معنيٰ مرڪزي شهر، جنهن جو نالو جملي قلمي نسخن موجب ”وجورته“ يا ”جورته“ ٿيڻ گهرجي. جيئن تہ ڇهن نسخن ۾ ”وجورته“ ڏنل آهي، انهيءَ ڪري اسان بہ انهيءَ نالي کي ترجيح ڏني آهي، ۽ انهيءَ اصل عبارت جو ترجمو”وجورته قصبه وارو ملڪ“ ڪيو آهي. فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر ”قصبه“ جي بدران”قصه“ ۽ ”وجورته“ جي بدران ”سورته“ پڙهڻي اختيار ڪري، متن ۾ ”ولايت قصه و سورته“ ضبط ڪيو آهي، جنهن جي معنيٰ تہ ”ڪڇ (قصہ) ۽ سورٺ وارو ملڪ“. پر ايڊيٽر جي اها پڙهڻي صرف گماني آهي، ۽ فتحنامي

جي ڪنهن بہ قلمي نسخي مان ان جي تائيد نٿي ٿئي. ساڳيءَ طرح ص 160 ۽ 173 تي بہ فاضل ايڊيٽر "قصبہ" جي بدران "قصہ" (يعني ڪڇ) ڪري لکيو آهي. مگر اسان اتي بہ جملي قلمي نسخن جي پڙهڻي "قصبہ" کي ترجيح ڏني آهي.

مؤرخ بلاذري (ص 438) محمد بن قاسم جي فتحن وقت قصہ يعني ڪڇ جي ملڪ جي راجا جو نالو راسل لکيو آهي. فتح نامي ۾ (ص 230) ۾ ڄاڻايل آهي تہ ڪڇ جو ملڪ محمد بن قاسم جي فتوحات وقت ڪيرج جي راجا دروهر جي حڪمراني هيٺ هو (يعني تہ شايد ڪڇ جو حاڪم راسل سندس تابع هو). بقول بلاذري (ص 440) محمد بن قاسم سنڌ ۾ ملتان فتح ڪرڻ بعد ڪاٺياواڙ ۽ گجرات تي چڙهائي ڪئي ۽ سَرَست (يعني سورٺ يا سراشترَ) وارن ساڻس صلح ڪيو ۽ ڪيرج (يعني ڪيرا، جو گجرات جي گادي هو) جي راجا دوهر (فتحنامي جو "دروهر") ساڻس مقابلو ڪيو پر شڪست کائي ڀڄي ويو. غالباً دوهر يا دروهر جي شڪست بعد ئي محمد بن قاسم قصہ يا ڪڇ کي بہ سنڌ جي اسلامي حڪومت سان ملائي ڇڏيو ۽ اهو ملڪ پنهنجي گورنر سليمان بن هذيل الازدي جي حوالي ڪيائين (ڏسو فتحنامو ص 230). انهيءَ جي معنيٰ تہ قصہ يا ڪڇ بعد ۾ فتح ڪيو ويو. ان جي مٿان سنئون سڌو هڪ عرب گورنر مقرر ڪيو ويو. انهيءَ ڪري زير بحث صفحي واري عبارت ۾ "قصہ ۽ سورته" (يعني ڪڇ ۽ سورٺ) پڙهڻي قياس ويجهو نہ ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ مهراڻ عبور ڪرڻ وقت ئي محمد بن قاسم جو ڪڇ ۽ سورٺ وارو ملڪ موکي پٽ وسايي کي ڏيڻ مٿين تاريخي حوالن جي روشني ۾ بي معنيٰ نظر ايندو.

موکي جو پيءُ وسايو، مهراڻ درياءَ جي ٻيٽ يعني دوآبي (Delta) جو والي هو، ۽ محمد بن قاسم موکي کي اهو ٻيٽ وارو علائقو ڏنو ۽ ان سان گڏ "قصبه وجورته" واري ايراضي پڻ ڏني (فتحنامو ص 159). پڻ فتحنامي ۾ (ص 157) ڄاڻايل آهي تہ محمد بن قاسم اها "وجورته" واري ايراضي موکي کي "جاگير طور" ڏني، جنهن مان ظاهر آهي تہ اها ڪا ٿوري ايراضي هئي ۽ نہ "ڪڇ ۽ سورٺ" يعني ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جو سڄو ملڪ. وري فتحنامي ۾ (ص 160) ڄاڻايل آهي تہ هن قصبه وجورته وارو ڀاڱو ريگستاني هو. هاڻي سنڌ جو ريگستاني حصو هڪ ڏکڻ- اوير طرف ٿرپارڪر ضلعي وارو ڀاڱو آهي. فتحنامي ۾ قصبہ جو نالو "وجورته" لفظي اصليت جي لحاظ سان "وگورته" تي سگهي ٿو ۽ ممڪن آهي تہ اهو مهراڻي ۽ ٿر وارو ساڳيو خِطو هجي جنهن کي هينئر ونگو چئجي ٿو. والله اعلم بالصواب.(ن-ب)

Gul Hayat Institute

160/ [136] جيئن حجاج جي فرمان جي منڍ ۾ لکيل آهي: غالباً هن کان اڳ پهتل حجاج جي خط (ص 154- 152) ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۾ ڏاهر ڏانهن پيغام کڻي ويندڙ قاصد جي باري ۾ خاص هدايتون ڏنل آهن. (ن-ب)

166/ [144] حمران سن 93 هه ۾ لکيو: هيءُ فقرو جنهن ۾ ڪاتب جو نالو ۽ سال ڪتابت موجود آهن، ڪافي تاريخي اهميت رکي ٿو، انهيءَ ڪري ڪاتب خواه سن ڪتابت ٻئي غور طلب آهن. خط جو لکندڙ حُمران، غالباً حمران بن ابان آهي، جنهن جي سوانح عمري مختصر طور هن طرح آهي: حضرت ابوبڪر رضہ جي عهد ۾ جڏهن اسلامي لشڪر حضرت خالد بن وليد جي ڪمانڊ هيٺ عينُ التمر فتح ڪيو، تڏهن پرسان هڪ ڳوٺڙي "النقيرَه" ۾ ٻارڙا ڪتابت يا صورتخطي جي سکيا وٺي رهيا هئا، جن ۾ حُمران بہ هو. اهي ٿہ پنهنجي وڏن سان گڏ لڙائيءَ جي قيدين جي حيثيت ۾ نظربند ٿيا.

حُمران کي حضرت عثمان رضہ خريد ڪري آزاد ڪيو، ۽ کيس فن ڪتابت جي تعليم ڏيارائين: ان بعد هو حضرت عثمان رضہ جو ڪاتب توڙي حاجب ٿي رهيو ۽ حضرت عثمان رضہ جي مهر بہ شروع ۾ سندس حوالي هئي. پوءِ وري حضرت عثمان رضہ طرفان بصره جو حاڪم مقرر ٿيو ۽ هڪ شخص عامر بنعبدالقيس التميمي، جنهن حضرت عثمان رضہ جي شڪايت ٿي ڪئي، ان جي خلاف حضرت عثمان رضہ ڏانهن رپورٽ لکيائين. عبدالملڪ جي عهد ۾ سندس حمايت ڪيائين ۽ جمادي الاول يا جمادي الاخر سن 72 هه) بعد بصره تي قبضو )مصعب بن زبير جي شهادت ڪيائين. زياد جي گورنريءَ واري زماني ۾ ڪو وقت شيراز ۽ فارس جو گورنر هو. اول ۾ حجاج متس سخت ڪاوڙيو، ۽ سندسملڪيت ضبط ڪيائين ۽ کيس سزا ٿي ڏنائين مگر خليفي عبدالملڪ حُمران جي زوردار سفارش ڪئي، جنهن تي حجاج سندس ملڪيت واپس ڪئي ۽ خليفي کان ڪنيل قدم لاءِ معافي ورتي. حُمران کي حديث جي راوين ۾ شمار ڪيو ويو آهي (ڏسو بلاذري، ، جلد- 5 ص 57- 164، 162، 160فتوح البلدان ص 247، 352 ۽ 368: ۽ انساب الاشراف جلد 4 ص 58، 66، 186، ابن قتيبه، ڪتاب المعارف ص 222- 223، ابو علي القالي، الامالي ص 182، العقد ، ڪتاب المحبر ص 480، اصابہ، رقم 1898، طبري جلد 2 ص 208،265، 92الفريد، جلد 2 ص ، تاريخ ابن ڪثير، تحت سن 75، المقدسي، جمع بين رجال الصحيحين ، 799393، ابن خاڪان، 115 ص 1 جلد).

مٿين مختصر سوانح مان ظاهر آهي ته حمران ڪتابت جي فن جو ڄاڻو ۽ ڪاتب هو. حجاج جڏهن وائسراءِ ٿيو (سن 75 هه) تڏهن جيئرو هو. سندس وفات بابت ڪا پڪي تاريخي ثابتي موجود ڪانهي. البت ابن حجر لکي ٿو ته: "هن 70 هجري بعد بصره ۾ وفات ڪئي. ڪي چون ٿا ته سن 71هجري ۾، ڪي چون ٿا ته 75 هجري ۾ ۽ ڪي چون ٿا ته 76 هجري ۾"(اصابه. جلد 1 ص 380). ابن حجر ڪافي بعد جو مصنف آهي ۽ سندس هن بيان مان ظاهر آهي ته ڪيس به پوري پڪ ڪانهي ۽ ڪيس مليل روايتون محض گماني آهن. انهيءَ جي برعڪس، فتحنامي ۾ محفوظ ٿيل خود حمران جو لکيل خط وڌيڪ معتبر آهي ۽ ان جي بنياد تي ڪافي يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هو 93 هجري تائين جيئرو هو ۽ ان وقت هو حجاج جي ڪاتبن (مکيه سيڪريٽرين) مان هڪ هو. جيئن ته خالد بن وليد "عين التمر" سن 13 هه ۾ فتح ڪيو ۽ ان وقت حمران ٻارڙو هو، يعني تقريباً ستن اٺن ورهين جو هو، ته انهيءَ حساب سان سن 93 هجري ۾ سندس عمر تقريباً 87 يا 88 ورهيه هوندي، جا بلڪل قياس ويجهو آهي. (ن-ب)

168/ [147] جهيم ۽ ڪرهل جي پرڳڻن- الخ: جهيم جو پرڳڻو غالباً انهيءَ ساڳي ايراضيءَ تي مشتمل هو جنهن جو مرڪز "جهم پير" جي زيارتگاهه آهي. جهم پير معنيٰ "جهم جي ايراضيءَ جو پير." "جهم" جي معنيٰ هيٺاهين نشيب واري زمين، جا موجوده جهمپير کان اتر طرفان شروع ٿئي ٿي ۽ ويندي هيٺ ڏکڻ طرف هلي وڃي ٿي جن ۾ سونهري ۽ ڪينجهر جون ڍنڍون به اچي وڃن ٿيون. انهيءَ نمندي يا جهم يا نشيب واري ماٿري جو ڏاکٽيون ڏنگ تقريباً ڪينجهر ڍنڍ جو ڏاکٽيون ڇيڙو سمجهڻ گهرجي جو ٺٽي کان تقريباً 19- 20 ميل اتر طرف آهي.

"ڪرهل يا گرهل يا گوهر (ننڍو ۽ وڏو) ٺٽي جي پسگردائي ۾ هو، جيئن ته ڪتاب بيان العارفين ۾ ڄاڻايل آهي. اڪبر بادشاهه جي ڏينهن ۾ گوهر ٺٽي جي پرڳڻي ۾ داخل هو. ڏسو آئين اڪبري طبع بلاخمن، ص 757" (ع.م). اميرن جي ڏينهن تائين ٺٽي جي اتر- اوڀر واري ايراضي کي "گرڙ" سڏيندا هئا. جنهن ۾ خان سومرو هڪ طاقت وارو سردار هوندو هو ۽ بعضي اميرن جي به ڪاڻ نه ڪيندو هو. ظاهر آهي ته گرڙ يا گرهر يا گرهل يا فتحنامي وارو قديم ڪرهل وارو پرڳڻو، جهيم پرڳڻي جي لڳو لڳ ڏکڻ طرف هو ۽ ممڪن آهي ته ان جي ڏاکڻي سرحد موجوده ٺٽي شهر کان به ڪافي ڏکڻ طرف تائين پکڙيل هجي. (ن-ب)

171/ [150] پوءِ حجاج جي حڪم سان پچيل ڪپهه آٽي، سرڪي ۾ ٻوڙي خشڪ ڪندا ويا: مؤرخ بلاذري پڻ هن حقيقت جي تائيد ڪئي آهي- " و عمد الحجاج الي القطن المحلوج فنقع في الخل

الخمر الحاذق ثم جفف في الظل" (فتوح البلدان ص 436)- يعني تہ حجاج جي تجويز موجب ڪپهہ ڪي سرڪي ۾ آلو ڪري پوءِ ڇانو ۾ سڪايو ويو. (ن-ب)

171/ [151] هن داستان جي مصنف خواجہ امام ابراهيم روايت ڪئي آهي: "خواجہ امام ابراهيم" مان مراد غالباً امام ابراهيم بن عبدالله بن الحسن بن علي بن ابي طالب آهي، جو"قتيل با خمرا" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سن 145 هہ ۾ امام ابراهيم ۽ سندس ڀاءُ امام محمد ڪليو ڪلايو خليفي منصور عباسي جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ ٻئي بالاخر شهيد ٿيا.

امام ابراهيم ڪان هن تاريخي روايت لاءِ ٻہ اهم ثبوت آهن: (1) امام ابراهيم هڪ وڏو عالم هو ۽ ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي شعبن ۾ مهارت هئس. "عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب" جي مصنف لکيو آهي تہ: امام ابراهيم گهڻن ئي علمي شعبن جو وڏو ڄاڻو هو (كان ابراهيم من كبارالعماء ۞ِ في فنون كثيرة- ص 85). وڌيڪ لکي ٿو تہ جڏهن امام ابراهيم، خليفي منصور عباسي جي خوف ڪان خفيہ زندگي گذاري رهيو هو، تڏهن بصره جي عالم مفضل بن محمد الضبي وٽ اچي رهيو ۽ ڪانئس قديم عربي شعر جا ڪتاب مطالعي لاءِ ورتائين ۽ انهن ڪتابن ۾ اسي (80) چونڊ قصيدن تي پنهنجا نشان لڳايائين. سندس شهادت بعد مفصل اهي قصيدا "المفضليات" جي نالي سان شايع ڪيا (ا- هہ).

عربي ادب جي مشهور محقق علامہ عبدالعزيز الميمني سابق پروفيسر ۽ صدر شعبہ عربي مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ 144 ۾ "آل انديا اورينٽل ڪانفرنس" (بنارس) ۾ پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي ۾ مضبوط دليلن جي بنياد تي مٿئين نظريي جي تائيد ڪئي هئي تہ عربي شعر جو مشهور مجموعو "المفضليات" غالباً امام ابراهيم جي حسن انتخاب جو نتيجو آهي. هن مان ثابت ٿيو تہ امام ابراهيم هڪ وڏو اديب هو. مگر ادب ڪان سواءِ هو ٻين علمي شعبن ۾ بہ ماهر هو، جيئن تہ "عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب" جي مصنف لکيو آهي. انهيءَ ڪري ڪافي يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ غالباً ڪيس تاريخ ۾ بہ ڪافي مهارت هئي. (2) سندس طرفان سنڌ جي هن تاريخي روايت جو ٻيو اهم ثبوت هيءُ آهي تہ امام ابراهيم خود سنڌ ۾ ڪجهہ وقت لاءِ آيو هو. جڏهن خليفي منصور عباسي، ابراهيم ۽ محمد جي والد عبدالله کي گرفتار ڪيو. تڏهن هي ٻئي ڀاءُ خوف ڪان عدن ڏانهن هليا آيا ۽ اتان ٻيڙين ذريعي سنڌ ۾ آيا. مگر ڪنهن جاسوس وڃي (منصور طرفان) سنڌ جي گورنر عمر بن حفص کي سندن خبر ڏني، جنهن ڪري هو وري اتان نڪتا ۽ ڪوفہ ۾ آيا (ڏسو طبري 282x3 ۽ ابن خلدون 188x3). غالباً سنڌ ۾ انهيءَ مختصر قيام

جي دوران ۾ ٿئي امام ابراهيم، سنڌ جي مشهور فاتح محمد بن قاسم جي تاريخي فتحن جي تحقيق ڪئي ۽ ڪافي يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هيءَ روايت سندس تحقيق جو نتيجو آهي. (ن-ب)

175/ [155] اگهم جي رستي تي مقرر ڪيائين: يعني اهو رستو جنهن تي اگهم جو شهر واقع هو. اگهم مان مراد غالباً ”اگهم ڪوٽ“ آهي جنهن بابت مير علي شير قانع لکي ٿو ته: ان تي اهو نالو اگهم لوهاڻي جي پويان پيو (تحفة الڪرام 162x3). غالباً آڳاٽي زماني ۾ اها ايراضي لوهاڻي پرڳڻي ۾ داخل هئي، جنهن جي گادي جو هنڌ برهمڻ آباد هو. اگهم، راءِ گهراڻي جي ڏينهن ۾ لوهاڻي جي پرڳڻي جو حاڪم هو جنهن چچ جي مخالفت ڪئي (ڏسو فتحنامو ص 83- 81). تحفة الڪرام جي مصنف جي اها راءِ قياس ويجهو آهي ته هن اگهم ٿي اهو اگهم ڪوٽ جو شهر ٻڌايو. مير علي شير اگهم ڪوٽ ۾ مدفون اوليائن مان مخدوم اسماعيل سومري وغيره جو ذڪر ڪيو آهي جنهن مان ظاهر آهي ته ”اگهم ڪوٽ“ مان سندس مراد اها قديم بستي آهي جنهن کي هينئر ”اگهاماڻو“ سڏجي ٿو، جو حيدرآباد کان تقريباً 25- 30 ميل ڪن ڏکڻ- اوڀر طرف مهراڻ جي هڪ قديم مجريٰ يا ڍوري تي واقع آهي. غالباً اهو ڍورو ساڳيو اهو آهي جو قديم برهمڻ آباد واري ايراضيءَ مان وهندڙ هو جتي (شهدادپور ۽ ٽنڊو آدم کان اوڀر طرفان) اڄ تائين ان کي ”لوهاڻو دريا“ چون ٿا، يعني ته قديم لوهاڻي پرڳڻي مان وهندڙ دريا [illegible]. غالباً قديم برهمڻ آباد کان وٺي اگهم ڪوٽ تائين، ان وقت جي مهراڻ درياءَ جي ماٿري لوهاڻي پرڳڻي ۾ داخل هئي جنهن تي اگهم جي حڪومت هئي. (ن-ب)

180/ [161] پوءِ محمد علافي هن (ڏاهر) کان جدا ٿي بيلمان جي حڪومت ڏانهن هليو ويو: هيءَ روايت، محمد علافي بابت اڳتي ايندڙ بيانن جي خلاف آهي. هن روايت موجب محمد علافي ڏاهر کي ڇڏي هليو ويو ۽ بيلمان جي حڪومت ۾ وڃي رهيو، تان جو ڏاهر جنگ ۾ مارجي ويو. مگر اڳتي ايندڙ بيانن مان ظاهر آهي ته محمد علافي ڏاهر ۽ سندس پٽ سان ويندي سندن آخري شڪست تائين شامل رهيو. مثلاً جڏهن ڏاهر پنهنجي پٽ جيسينه کي پهرين محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ موڪليو ته محمد علافي به خاص صلاحڪار طور ساڻس گڏ ويو ۽ ان وقت ڏاهر کي جنگ جي حرفت بابت پڻ پنهنجي راءِ کان واقف ڪيائين (ص 189-188). ڏاهر جي مارجڻ بعد پڻ هو سندس پٽ جيسينه جو حامي ۽ صلاحڪار ٿي رهيو (ص 209-208). البت جڏهن جيسينه نااميد ٿي برهمڻ آباد جي قلعي مان به ڪوچ ڪيو ۽ سنڌ کي ڇڏي وڃي چترور جي ملڪ ۾ پناهگير

Gul Hayat Institute

ٿيو. تڏهن محمد علافي ڪانئس هميشه لاءِ موڪلائي پنهنجي راهه اختيار ڪئي ( ص 216)، ڇاڪاڻ ته هاڻي جيسينه جي حيثيت هڪ پناهگير جي هئي ۽ منجهس مقابلي جي طاقت ڪانه رهي هئي. محمد علافي ڪانئس جدا ٿي پهرين طاڪيه (يعني ”تڪاديش“ جو ملتان جي اتر ۾ هو) ۾ آيو ۽ اتان بالاخر ڪشمير جي راجا وٽ ويو، جنهن سندس وڏي مرحبا ڪئي ۽ ڪيس جاگيرون ڏنائين، جتي هو هميشه لاءِ وڃي مقيم ٿيو (ص 217-216).

181/ [161] پوءِ محمد بن قاسم هن (محمد علافي) کي امان ڏيئي، ڪيس ملڪ جي وزارت جو پروانو لکي ڏنو- الخ: هتي لفظ ”پوءِ“ جو مطلب اهو نه آهي ته محمد علافي جي ڏاهر يا جيسينه وٽان ڇڏي وڃڻ کان ”يڪدم پوءِ“. لفظ ”پوءِ“ صرف واقعن جو تسلسل ڏيکاري ٿو ۽ نه وقت جي قرابت، ۽ مطلب آهي ته ”ان بعد“، يعني ته محمد علافي جڏهن ڏاهر ۽ سندس پٽ جي حمايت کان بالاخر هٿ ڌوئي جدا ٿيو ۽ وڃي پنهنجي مٿي ڪٿي ٿيو، ان بعد ڪنهن موقعي تي محمد بن قاسم وٽ اچي پيش پيو ۽ هن ڪيس امان ڏني. محمد علافي غالباًمحمد بن قاسم اڳيان ملتان جي فتح کان پوءِ پيش پيو هوندو، ڇاڪاڻ ته محمد علافي جو قيام ”شاڪلهار“ ديهه ۾ هو، جتي ڪيس ڪشمير جي راجا طرفان پڪي جاگير مليل هئي (فتحنامو ص 217) ۽ اهو ”شاڪلهار“، ملتان ۽ تاڪيه (تڪاديش) جي اترئين سرحد تي ڪشمير جي سرحد لڳ هو (فتحنامو ص 97).

محمد بن قاسم جو محمد علافي کي امان ڏيڻ البت غور طلب آهي. محمد ۽ سندس ڀاءُ معاويه درحقيقت باغي هئا، جن مڪران جي گورنر سعيد بن اسلم ڪلابي کي قتل ڪيو هو. سندس سزا واسطي خود حجاج سن 85 هجري ڌاري مجاعه بن سعر نالي گورنر کي مڪران ڏانهن روانو ڪيو هو، پر ان جي اچڻ کان اڳ علافي ڀڄي اچي سنڌ جي راجا ڏاهر سان پيڙا ٿيا هئا. ڏسو مٿي ص 324-323، نوٽ 103/ [170]. انهيءَ حالت ۾ حجاج جهڙي سرڪش وائسراءِ طرفان هينئر محمد علافي لاءِ امان جي ڪابه اميد ڪانه هئي. پر ڀانئجي ٿو ته شايد هن فيصلي ۾ محمد بن قاسم جي راءِ ۽ سفارش کي وڏو دخل هو. محمد علافي کي محمد بن قاسم امان شايد انهيءَ ڪري ڏني، جو هڪ ته هن ڏاهر طرفان اسلامي لشڪر جي خلاف ترار ڪانه ڪنئي ۽ ڏاهر کي صاف طور ٻڌايائين ته ”اسان مسلمان آهيون ۽ اسلام جي لشڪر جي سامهون جنگ نه ڪنداسون ۽ نه ترار ڪڍنداسون“ (ص 181)، ٻيو وڏو سبب غالباً هيءُ هو جو محمد علافي، ڏاهر جي پٽ جيسينه کان بالاخر جدا ٿي پنهنجي هوشياري ۽ قابليت سان ڪشمير جي راجا وٽ وڏو درجو حاصل ڪيو هو. سندس اها ئي وڏي لياقت هئي جنهن غالباًمحمد بن قاسم کي متاثر ڪيو ۽ پيش پوڻ بعد

هن کيس امان ڏيئي پنهنجي طرفان سفير مقرر ڪيو. زير بحث صفحي تي اڳتي ڏنل عبارت مان ظاهر آهي تہ محمد علافي هڪ ڪامياب سياسي سفير ثابت ٿيو. (ن-ب)

181/ [162] ڪيرج جو راجا سربند، (۽) ڪنبہ يا ڪشہ جو مالڪ ڪوڪو پٽ موڪو: فتحنامي خواہ مؤرخ بلاذري جي بيانن موجب ڪيرج جو راجا دوهر يا دروهر هو ۽ ڪڇ جو راجا راسل هو (ڏسو مٿي نوٽ ص 318). انهيءَ صورت ۾ هيءُ سربند شايد ڪيرج جي حڪمران خاندان جوڪو فرد هو يا ان حڪومت جو ڪو ننڍو راجواڙو هو. ۽ ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن ڪشہ مان مراد ڪڇ آهي تہ، ڪوڪو بہ شايد اتي جي حڪمران گهراڻي جوڪو فرد هو يا ان حڪومت جو ڪو ننڍو راجا. (ن-ب)

183/ [164] محمد بن ابي الحسن مدني کان روايت ڪئي اٿن: راوي جو نالو پنجن قلمي نسخن موجب "محمد بن ابي الحسن مدني" ۽ ٻن نسخن موجب "محمد بن الحسن مدني" طور ڏنل آهي. مٿي ص 182/ [162] تي ٻي هڪ روايت جملي نسخن جي متفق پڙهڻي موجب محمد بن حسن جي نالي منسوب آهي. ٿي سگهي ٿو تہ انهن ٻنهي روايتن جو راوي "محمد بن حسن مدني" نالي ڪو شخص هجي. مگر گمان غالب آهي تہ هنن ٻنهي جاين تي اصل صحيح نالو علي بن محمد ابوالحسن المدائني هو جنهن جي شروع واري حصي "علي بن" جي ڊهي وڃڻ بعد، "محمد ابوالحسن المدائني" واري فقري ۾ "ابو" کي "بن" بنايو ويو ۽ "المدائني" کي "مدني". مقدمي ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ فتحنامي جو وڏو حصو ابوالحسن علي بن محمد المدائني جي تصنيف آهي ۽ اڪثر روايتون ان جون ئي جمع ڪيل آهن، ۽ انهيءَ لحاظ سان هيءُ ٻہ روايتون بہ غالباً ان وٽان ئي آهن. (ن-ب)

186/ [167] وزير سياڪر: مٿي ص 161 تي، هن صفحي تي ۽ پڻ هن کان اڳتي آيل بيانن مان ظاهر آهي تہ وزير سياڪر، ڏاهر جو خاص صلاحڪار هو. هن نالي متعلق هوڙي والا جي تحقيق هيٺين طرح آهي: "اصل سنسڪرت نالو شايد "شِڪشاڪر" هجي، بمعنيٰ استاد يا رهبر. پڻ هي نالو "يشسڪرَ" ٿي سگهي ٿو جو ٻين شخصن جي علاوه هڪ برهمڻ جو نالو هو، جو سن 939ع ۾ ڪشمير جو راجا ٿيو ۽ 948ع ڌاري مئو (هوڙي والا، ص 90).

191/ [174] باقي ٻيا سوار ۽ هاٿي، جاهين جي هٿ هيٺ، اسلامي لشڪر جي سامهون روانا ڪيائين: هيءُ ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي وچ ۾ چوٿين ڏينهن واري جنگ جو بيان آهي. مگر مٿي ص 243 تي ڄاڻايل آهي تہ جاهين ٽئين ڏينهن واري جنگ ۾ مارجي ويو. انهيءَ ڪري يا تہ هن نالي ۾ غلطي آهي، يا تہ هي ڪو ٻيو آهي. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

192/ [174] زياد بن جلنديٰ ازدي: اصل متن ۾ "زياد بن جليندي ازدي" هو ۽ اسان "جليدي"جي تصحيح "جلنديٰ" کي مناسب سمجهي متن ۾ رکيو. مگر "جليدي"، "الحواري" جي بگڙيل صورتخطي بہ ٿي سگهي ٿو ۽ انهيءَ لحاظ سان نالي کي "زياد بن الحواري ازدي" بہ پڙهي سگهجي ٿو. غالباً هيءَ اهو ساڳيو شخص "زياد بن الحواري العتکي" آهي جنهن جو ذکر هيٺ ص 202/ [187] تي اچي ٿو. ڇاڪاڻ تہ "العتکي" نسبت آهي، "بنو العتِيک بن الازد" ڏانهن ۽ انهيءَ کري "عتکي" نسبت واري شخص کي "ازدي" بہ چئي سگهجي ٿو. پر جيئن تہ اسان هيٺ ص 202/ [187] جي نوٽ ۾ واضح کيو آهي، هيءُ شخص "زياد" نہ بلک سندس پٽ "الحواري بن زياد" هئڻ گهرجي. (ن-ب)

192/ [174] خريم بن عروه مدني: جيئن تہ جملي قلمي نسخن مطابق هن جاءِ تي انهيءَ نالي جي اها پڙهڻي آهي، انهيءَ کري متن ۾ بہ ان کي انهيءَ ساڳيءَ طرح رکيو ويو آهي. مگر صحيح نالو يقيني طور "خريم بن عمرو مدني" سمجهڻ گهرجي. خريم جو ذکر فتحنامي ۾ کيترين ئي جاين تي آيو آهي. ص 127/ [98]،130/ [103] ۽ 134/ [107] تي صرف "خريم" جي نالي سان ذکر ٿيل آهي: ص 130/ [202]،207/ [192]،232/ [220] ۽ 252/ [240] تي پيءُ جي نالي سميت "خريم بن عمرو" طور آيل آهي: ص 196/ [280] تي جملي قلمي نسخن مطابق سڄو نالو نسبت سميت صاف طور "خريم بن عمرو مدني" ڏنل آهي ۽ ص 216/ [202] تي نسبت ۾ ٿوري تحريف آهي مگر ظاهراً اهو نالو "خريم بن عمرو مدني" آهي. انهيءَ کري هن زير بحث نالي ۾ "عروه" يقيني طور "عمرو" جي تحريف آهي ۽ صحيح نالو "خريم بن عمرو مدني" سمجهڻ گهرجي. ص 233/ [220] تي ڏنل نالي "جنيد بن عمرو" ۾ بہ غالباً "جنيد"، "خريم" جي تحريف آهي ۽ اتي بہ صحيح نالو "خريم بن عمرو" سمجهڻ گهرجي. (ن-ب)

194/ [178] تميم بن زيد قيني: هن صفحي تي، توڙي صفحن 196/ [180] ۽ 226/[214] تي، اصل فارسي متن ۾ هن نالي جي نسبت "قيسي" ڄاڻايل آهي، مگر يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ صحيح نسبت "قيني" آهي، جا "قضاعہ" جي قبيلي "بلقين يا القين بن جسر" ڏانهن منسوب آهي (ڏسو نقائض جرير و فرزدق، ص 130، 675). نسبت "القيني" جي صورتخطي، "العتبي" ۽ "القتبي" نسبتن جي صورتخطي سان ايترو تہ ملي ٿو جو انهن ۾ اشتباه جي کافي گنجائش آهي، ۽ انهيءَ کري حافظ عبدالغني پنهنجي کتاب "مشتبہ النسبت" (ص46) ۾ هن اشتباه ڏانهن خاص طرح اشارو کيو آهي. هن مصنف جو اهو اشارو بلکل

وزندار آهي، ڇاڪاڻ ته مؤرخ بلاذري جي ڪتاب ”فتوح البلدان“ جي يورپ واري ڇاپي (ص 443) توڙي ياقوت جي ڪتاب معجم البلدان جي يورپ واري ڇاپي (11/380) ۾ تميم بن زيد جي نسبت بلڪل هن اشتباه سبب ”العتبي“ ڪري لکي وئي آهي. مگر هيءَ نسبت اجا به ٻين اشتباهن جو مرتڪب ٿي آهي، جيئن ته فتحنامي توڙي ”مجعم البلدان“ جي هڪ قلمي نسخي (حاشيو 11 /380) مطابق ان کي ”القيسي“ ڪري لکيو ويو آهي، ۽ تاريخ ابن خلدون (67-66x3) ۾ ”الضبي.“ مگر تميم بن زيد جي صحيح نسبت ”القيني“ آهي ۽ متعدد ڪتابن ۾ اها بالڪل انهيءَ طرح صحيح طور ڏنل آهي [ڏسو ديوان فرزدق، طبع ساوي، ص 191: نقائض جرير و فرزدق، ص 380-381 قلمي نسخي L، نمبر 3758 متحف برطانيہ: ذيل آمالي (لا بي علي القالي) ص 77: الڪامل للمبرد، يورپ ڇاپو، 280x1: اللسان، 327x1: ۽ ابن الاثير، 4x 383].

فتحنامي جي ص 226/ [214] مان ظاهر آهي ته تميم بن زيد، محمد بن قاسم جي فوج ۾ هڪ خاص لياقت وارو ماڻهو هو ۽ شهر برهمڻ آباد جي برهمڻن ڪيس وچ ۾ آڻي محمد بن قاسم سان معاهدو ڪيو. تميم بن زيد جي انهيءَ لياقت ۽ محمد بن قاسم سان سنڌ جي فتحن ۾ سندس شموليت ۽ تجربي سبب ئي ڪيس تقريباً 18-19 سال پوءِ سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو (فتوح البلدان، ص 443) ۽ هو تقريباً ٻہ سال 109-111 ھ انهيءَ عهدي تي فائز رهيو.(ن-ب)

198/ [182] ڏاهر هاٿيءَ تان لهي هڪ عرب سان مقابلو ڪيو: هن حقيقت جي تصديق مؤرخ بلاذري جي روايت مان به ٿئي ٿي- وَترجل داهر و قاتل فقتل (فتوح البلدان ص 438)- يعني ته ڏاهر پيدل ٿي لڙائي ڪئي ۽ پوءِ قتل ٿيو. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

200/ [185] ڏاهر جو سر پڻ هن (عمرو بن خالد) ئي ۽ اڏ ڪيو: مؤرخ بلاذري لکي ٿو ته المدائني جي روايت موجب ڏاهر کي بنو ڪلاب قبيلي جي هڪ شخص قتل ڪيو (فتوح البلدان، ص 438). فتحنامي ۾ هيٺ هن صفحي تي عمرو بن خالد جي حجاج سان ڪيل گفتگو ڏنل آهي ۽ صفحي 200 تي اهي شعر ڏنل آهن جي هن حجاج آڏو ڏاهر جي سر پيش ڪرڻ وقت پڙهيا. اهي ساڳيا شعر بلاذري مٿي ڄاڻايل صفحي تي بنو ڪلاب قبيلي جي انهيءَ شخص ڏانهن منسوب ڪيا آهن جنهن ڏاهر کي قتل ڪيو هو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته عمرو بن خالد، بنو ڪلاب جي قبيلي مان هو ۽ هن ئي ڏاهر کي قتل ڪيو. البت بلاذري (فتوح البلدان، ص 438-439) ٻي هڪ روايت ابن الڪلبي جي پڻ نقل ڪئي آهي جنهن موجب القاسم بن ثعلبه بن عبدالله بن حسن الطائي، ڏاهر کي قتل ڪيو. مگر ابن الڪلبي جي ڀيٽ ۾ مشرقي فتحن جي سلسلي ۾ المدائني جي روايت زياده معتبر آهي، فتحنامي جي بيان توڙي بلاذري جي المدائني واري روايت، انهن ٻنهيءَ جي مطابقت مان تصديق ٿئي ٿي ته عمرو بن خالد ڪلابي ئي ڏاهر کي قتل ڪيو. (ن-ب)

201/ [185] محمد بن قاسم هن (ڏاهر جي زال لاڏي) کي خريد ڪري پنهنجي زال بنايو: اهو صحيح نه آهي. تفصيل لاءِ ڏسو مٿي ص 300، بسلسلي نوٽ ص 123/ [94]. (ن-ب)

202/ [188] زِياد بن الحوارِيَ العتِڪي: اصل فارسي متن ۾ ”العتڪي“ جي بدران ”العبدي“آهي، مگر انهيءَ نسبت سان اهو نالو ڪنهن به تاريخ ۾ نظر نٿو اچي. البت الحواري بن زياد بن عمرو العتڪي، بنوالعتِيڪ بن الازد قبيلي مان هڪ مشهور شخص ٿي گذريو آهي، ۽ الحواري جو پيءُ زياد، حجاج جي طرفان پوليس جو چيف هو (ابن دريد، ڪتاب الاشتاق، ص 284). غالباً زياد نه، مگر سندس پٽ الحواري، جو زياده مشهور آهي، سو محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ شامل هو. ۽ انهيءَ ڪري متن ۾ به صحيح نالو ”الحواري بن زياد العتڪي“ هئڻ گهرجي. (ن-ب)

205/ [190] حجاج جي پنهنجي نياڻي محمد بن قاسم کي ڏيڻ جي روايت: هي حڪايت تاريخي اعتبار سان بلڪل غير معتبر آهي، جيئن ته مٿي ص 299 نوٽ ص 123/ [94] تي تفصيل سان واضح ڪيو ويو آهي. (ن-ب)

209/ [194] نفط ۽ زرنيخ: اصل فارسي متن ۾ ”زرنيخ“ جي بدلي ”فرداخ“ آهي، جو هڪ مبهم لفظ آهي. متن ۾ هن صفحي جي حاشيه هيٺ اسان واضح ڪيو آهي ته ”نفط ۽ زرنيخ“هڪ قديم

Gul Hayat Institute

ڪيميائي اصطلاح آهي، ۽ ٻنهي لفظن ۾ پڇاڙيءَ واري ”خ“ ڏيکاري ٿي ته”فرداخ“، ”زرنيخ“ جي بگڙيل صورتخطي آهي. هوڙي والا (ص 93) فرداخ يا فرداج کي ”غرواه“يا ”غراوه“ يا ”عراده“ جي بگڙيل صورت سمجهي ٿو جا قياس ويجهو ناهي. اول ته ٻنهي لفظن جي آخر م ”خ“ ۽ ”ه“ اکرن ۾ ڪا اهڙي مناسبت ئي ڪانهي جا ڪاتب جي غلطي جو سبب بنجي، ٻيو ته خود هوڙي والا جي بيان مطابق غرواه، غراوه، يا عراده جي معنيٰ پٿر آهي، مگر فتحنامي جي عبارت مان صاف ظاهر آهي ته هيءَ شيءِ رات جي لڙائي ۾ ”نفط“ (يعني پيٽرول يا naptha تيل) سان گڏ استعمال ڪئي وئي. پٿرن جو تيل سان گڏ استعمال بي معنيٰ آهي، ۽ انهيءَ ڪري صحيح لفظ زرنيخ ئي آهي يعني هڙتال، جو معدنيات مان آهي ۽ باهه جي الن پڙڪائڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. (ن-ب)

210/ [195] راجا ڏاهر جي ڀاڻيجي ”حسنه“ نالي پڻ انهن ۾ هئي: ”حسنه“ نالو عربي آهي جو ڏاهر جي ڀاڻيجي جو ٿي نٿو سگهي. ممڪن آهي ته سندس نالو اهڙو هجي جنهن جي، معنيٰ عربيءَ ۾ ”حسنه“ (سهڻي) هجي. مگر فتحنامي مان، سواءِ ”مايين“جي ڏاهر جي ٻي ڪنهن به ڀيڻ جو نالو ثابت ڪونهي، ۽ انهيءَ ڪي پڻ راجا ڏاهر پنهنجي زال بنايو هو. انهيءَ حالت ۾ راجا ڏاهر جي هيءَ ڀاڻيجي ڪٿان پيدا ٿي! موجوده صورت ۾ هيءَ روايت بلڪل غير معتبر معلوم ٿئي ٿي. (ن-ب)

210/ [196] پوءِ اجازت موجب عبدالله انهيءَ (حسنه) کي نڪاح ۾ آندو: هيءَ ساڳي ”حسنه“آهي جنهن جو ذڪر مٿئين نوٽ ۾ اچي چڪو آهي. هيءُ بيان به هڪ افسانو آهي. اول ته عبدالله بن عباس رضه. وليد جي ڏينهن کان اڳ سن 68 ۾ وفات ڪري چڪو هو ۽ انهيءَ ڪري ”حسنه“ سان عبدالله نه پر سندس پٽ علي بن عبدالله، جو وليد جي ڏينهن ۾ زنده هو، تنهن شادي ڪئي هوندي. مگر اهو گمان به فتحنامي جي هن کان اڳ آيل (ص 207) بيان جي خلاف ٿيندو، جنهن موجب خود ڪعب بن مخارق (جو ان وقت خليفي وليد وٽ موجود هو) جي زباني بيان ٿيل آهي ته خليفي، ڏاهر جي ڀاڻيجي سندس حوالي ڪئي ۽ هن ساڻس شادي ڪئي مگر ڪيس منجهانئس اولاد ڪونه ٿيو. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

211/ [197] نافع سن ٿيانوي ۾ لکيو: خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي ته هيءُ نافع جو حجاج جو ڪاتب يا سيڪريٽري هو، سو ڪير هو. هيٺيان نافع نالي شخص لڳ ڀڳ انهيءَ زماني جا آهن: (1) نافع بن جبير بن مطعم، جو تابعي هو ۽ سن 99 هه ۾ وفات ڪيائين. (2) نافع مولي آل زبير، جو تاريخ جي مشهور راوين مان هو. (3) نافع بن الحارث بن ڪلدة، زياد جو ڀاءُ (4) نافع بن هرمز مولي

عبدالله بن عمر رضہ، جو پڻ تابعي ۽ حديث جي معتبر راوين مان هو، ۽ حضرت عمر بن عبدالعزيز ڪيس نبي ﷺ جي سنت سيکارڻ لاءِ مصر ڏانهن موڪليو هو. سن 117 يا 120 هه ۾ وفات ڪيائين. ممڪن آهي تہ هيءُ پويون نافع هن خط جو لکندڙ هجي. والله اعلم بالصواب. (ن-ب)

213/ [199] هيءُ اهي مسلمان زالون آهن جن حجاج جو نالو وٺي ٿي دانهون ڪيون: هي ڏاهر جي وزير سياڪر جي زباني آهي جنهن ڏاهر جي قتل بعد محمد بن قاسم آڏو پيش پوڻ وقت اهي زالون حاضر ڪيون. مٿي ص 120 تي ڄاڻايل آهي، تہ جهازن جي ڦرجڻ وقت، بني عزيز قبيلي جي هڪ عورت هئي، جنهن حجاج جو نالو وٺي واهر لاءِ سڏ ڪيا. البت اڳتي وري ڄاڻايل آهي تہ ديبل اندر قيد ۾ جملي مسلمان زالن حجاج جو نالو وٺي واهر لاءِ سڏ ڪيا. ان بعد ص 135 تي بيان ٿيل آهي تہ جڏهن محمد بن قاسم ديبل فتح ڪيو تڏهن مسلمان زالون ۽ مرد، جيڪي سرانديپ وارين ٻيڙين مان قيد ٿيا هئا يا جيڪي بديل جي لشڪر مان قيد ٿيا هئا، سي سيئي آزاد ڪيا ويا. وزير سياڪر جي مٿئين بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ گرفتار ڪيل قيدين مان ڪي چند زالون خود راجا ڏاهر وٽ قيد هيون جي سندس قتل بعد وزير سياڪر جي پيش پوڻ وقت حاضر ڪيون ويون.

214/ [201] جلوالي: هن صفحي تي اصل فارسي متن ۾ ”برشط نهر جلوالي“ (يعني جلوالي نهر جي ڪپ تي) لفظ آيل آهن، جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ ”جلوالي“ مهراڻ درياءَ جي ڪا هڪ ننڍي شاخ هئي. انهيءَ لحاظ سان هن ساڳئي صفحي تي”آبگير جلوالي“ مان مراد ”جلوالي جو ڍورو“ آهي. وري صفحي 228/ [216] تي اصل فارسي متن ”جوئي جلوالي“ (يعني جلوالي جو ڍورو يا نهر) جو ذڪر آهي.

زير بحث صفحي مان پڻ ظاهر آهي تہ نهر جلوالي، برهمڻ آباد جي شهر جي اپرندي طرفان وهندڙ هئي ۽ محمد بن قاسم برهمڻ آباد تي چڙهائيءَ وقت هن نهر جي ڪناري تي اچي ڪئمپ ڪئي.

هي قديم نالو ”جلوالي“ (پاڻيءَ واري) غالباً آهستہ آهستہ ڦري ”جرواري“ ۽ ”جراري“ ٿيو ”جراڙي“ جو ڳوٺ ۽ ديهہ (شهدادپور کان 10 ميل اوڀر طرف) اڄ ڏينهن تائين مهراڻ جي انهيءَ قديم ڍوري يا شاخ جي قديم نالي جي يادگار طور موجود آهي. جراڙي وٽ انهيءَ قديم ڍوري جا نشان هن وقت بہ نمايان طور نظر اچن ٿا ۽ هيءُ ڳوٺ انهيءَ قديم ڍوري جي بلڪل ڪپ تي آهي.

Gul Hayat Institute

ميجر جنرل هيگ، جنهن 1877 واري پئمائش (Survey) وقت مهراڻ جي مڙني ڍورن جي ماپ ڪئي، هن نهر جلوالي جي مجرا ۽ پيٽ جو عرب جاگرافي نويسن جي بيانن ۽ پنهنجي معائني جي بنياد تي پورو پورو پتو ڏنو آهي. سندس بيان موجب: هيءَ شاخ، سڪرنڊ کان 10 ميل اوپر طرف ڪلري وٽان مکيه درياءَ مان نڪري، هيٺ منصوره جي اوپر پاسي کان وهي، (ڏکڻ طرفان ور ڪري) منصوره کان 10 ميل ڏکڻ- اولهه طرف اچي (مکيه درياءَ) لوهاڻي ۾ گڏبي هئي. ان جي جملي ڊيگهه يقيني طور 50- ميل کن هوندي. اها شاخ عرب جاگرافي نويسن (نقشي ۾) مهراڻ درياءَ جي پيٽ واري سڌي لائين جي ڏاکڻي حصي ۾ اڌ گول جي صورت ۾ ڏيکاري آهي. 1.هه (انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص 135).

جلوالي جي انهيءَ قديم ڍوري جا نشان ڪٿي ڪٿي اڃا تائين موجود آهن ۽ تر جي ڪن پيرسن ماڻهن کي اڃا تائين انهيءَ جي پراڻي پيٽ جو پتو آهي. سرزمين تي تحقيق ڪري ان بابت وڌيڪ هيٺيان حالات هٿ ڪيا ويا آهن، جي ميجر جنرل هيگ جي مٿئين مختصر بيان تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وجهن ٿا.

جلوالي شاخ مکيه درياءَ مان ڪلري وٽان نڪرندي هئي. ڪلري عرب جاگرافي نويسن جي نقشن ۾ ڏيکاريل آهي ۽ هن وقت اهو نالو شهدادپور تعلقي جي هڪ ديهه جي نالي ۾ محفوظ آهي، جا نواب شاه کان 3 ميل اوپر طرف آهي. ڪلري کان هيٺ هن ڍوري جي ٻن وهڪرن جا نشان ملن ٿا: هڪ ته-گهاٽي ۽ مهرن کان پوءِ ڪونهيري وارو ڪرڙ، جو شاهپور چاڪر جي اتران، برهون جي الهندي طرفان ۽ دڪاڪ جي پڙي جي اوپر طرفان اچي ٿو، ۽ ٻيو هيٺ ڏکڻ طرف سمير وارو ڍورو. جيڪو پوءِ سمراهه ٿيو. ڪلري ۽ سمير بابت ماموئي جي بيتن ۾ مثال مان هيٺيون قديم سنڌي بيت شاهد آهي ته:

سمير ۾ نه ساريون ٿينديون، ڪلريءَ ۾ نه ڪماند،

Gul Hayat Instute

هاري ۽ هر ڏاند، نه ڄاڻان ڪيهيءَ ويا.

شاهپور چاڪر کان هيٺ اهو قديم ڍورو ڏکڻ اوپر طرف وهي اچي موجوده جمڙائو واهه جي"ڪنگ پٽي" جي موري جي اتر طرفان ايرندي ڏي ور ڪائيندو هو. آڳاٽي وقت ۾ انهيءَ حصي کي "نار" سڏيندا هئا ۽ شاهپور کان جمڙائو تائين واري پٽ کي اڃا تائين "نار وارو پونو" ڪري سڏين ٿا. جمڙائو کان

اهو ڍورو اوڀر طرف (موجوده سنجهوري تعلقي ۾) سِرانڌ جي جڳهِ مان وهندو هو، جتي انهيءَ وهڪري جي جهونيِن ڍنڍن جا نشان آهن، جي مقامي طور ”جعفر خان لغاري جا ڪنب“ سڏجن ٿا. سرانڌ بعد اهو ڍورو ور ڪري ڏکڻ طرف وهندو هو ۽ انهيءَ وهڪري جا نشان ڳوٺ پليي لغاري ۽ ڳوٺ ٻرڙا جي وچ ۾ واري جي صورت ۾ ”صوپي جي ڍٻ“ ۽ ”طالب شاهه جي ڍٻ“ جي نالي سان موجود آهن. ان بعد ميتلن ۽ چراڙي وٽان وهي قديم شهر منصوره وٽ غالباً دوشاخو ٿيندو هو. مکيه شاخ شهر منصوره جي اوڀر طرفان ۽ ننڍي شاخ اولهه طرفان وهي شهر کان هيٺ ڪٿي وچي گڏبيون هيون ۽ منصوره جي شهر کي جڻ هڪ ٻيٽ بنائي ڇڏينديون هيون. قديم منصوره جي کندرات جي اوڀر توڙي لڳو لڳ اولهه طرف، انهن ٻن شاخن جا نشان موجود آهن. ان بعد هي ڍورو منصوره جي شهر کان هيٺ ڏکڻ طرفان ور ڪري اولهه طرف وهي غالباً شهبيگ مري جي ڳوٺ وٽ يا ان کان ذرا ڏکڻ طرف وچي مکيه درياءَ لوهاڻي ۾ پوندو هو. لوهاڻي جو شاهي پيٽ اتي هينئر به بلڪل نمايان طور نظر اچي ٿو. (ن-ب)

215/ [202] ذوالحج مهيني جي پڇاڙي ۽ آچر جو ڏينهن سن ٿيانوي هو: فتحنامي ۾ ڏنل تاريخن ۾ وڏيون غلطيون آهن. مثلاً ص 197 تي ڄاڻايل آهي ته راجا ڏاهر 10 رمضان سن 93 هه ۾ راوڙ جي قلعي وٽ قتل ٿيو. ان بعد محمد بن قاسم بهرور ۽ دهليله جي قلعن ڏانهن روانو ٿيو. هر هڪ قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ ٻه مهينا کن گهيرو ڪرڻو پيس. اتان پوءِ برهمڻ آباد آيو، جتي سندس پهچڻ جي تاريخ وري مهينو رجب سن 93 هه ڄاڻايل آهي (ص 215). برهمڻ آباد کي ڇهه مهينا گهيري ڪندي گذرنس ٿا مگر، زير بحث صفحي جي عبارت موجب، اجا به هي سال سن 93 هه ۽ ذوالحج جو مهينو آهي.

جيڪڏهن ڏاهر جي قتل واري تاريخ صحيح قرار ڏجي، ته به ٿلهي ليکي محمد بن قاسم رجب سن 94 هه ۾ برهمڻ آباد پهتو هوندو ۽ ڇهن مهينن بعد ذوالحج جو مهينو سن 94 هه هوندو ۽ نه سن 93 هه- بتحقيق هوڙي والا (ص 94). ڪيلينڊر موجب پڻ تاريخ 29 ذوالحج سن 94 (25 سيپٽمبر 713ع) آچر جو ڏينهن ٿئي ٿو. (ن-ب)

216/ [202] عطية تغلبي: هن جاءِ تي فارسي متن ۾ ”عطية ثعلبي“ آهي. هيءُ ساڳيو نالو هن کان اڳ ص 175 تي اچي چڪو آهي جتي پڻ هڪ پڙهڻي ”عطيه ثعلبي“ آهي مگر ر م نسخن جي

Gul Hayat Institute

پڙهڻي موجب ”تغلبي“ معلوم ٿئي ٿو. جيئن تہ ”ثعلبي“ نسبت غير معروف آهي، تنهن ڪري اسان انهن ٻنهي جاين تي ”تغلبي“ پڙهڻي اختيار ڪئي آهي.

مگر تي سگهي ٿو تہ ”عطية بن ثعلبي“ دراصل ”عطيةِ بن ثعلبية“ هجي. عطية بن ثعلبيةجو نالو تاريخ ۾ پڻ ملي ٿو. هو پوئين اموي دؤر جي مشهور وائسراءِ ۽ ڪمانڊر يزيد بن عمر بن هبيرة الفزاري جو ليفٽيننٽ هو ۽ يزيد بن عمر کيس ضحاڪ خارجي جي خليفي عبيدة جي مقابلي لاءِ ڪوفہ ڏانهن موڪليو هو- ڏسو تاريخ العيون والحدائق جلد 3، ص 164. (ن-ب)

216/ [202] خريم بن عمرو المدني: متي نوٽ ص 192/ [174] تي هن نالي جي نسبت متعلق ڄاڻايو ويو آهي تہ فتحنامي جون جملي پڙهڻيون ”المدني“ طرف رهنمائي ڪن ٿيون. مگر هڪ مستند تاريخي حوالي جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ ”المدني“ دراصل ”المُري“جي بگڙيل صورت آهي ۽ صحيح نالو غالباً ”خريم بن عمرو المري“ آهي. ابن عساڪر جي حوالي (التاريخ الڪبير 5x 128) مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس سڄو نالو خريم بن عمرو بن الحارث بن خارجة بن سنان المري هو ۽ ”خريم الناعم“ جي لقب سان مشهور هو. حجاج وٽ سندس وڏي عزت هئي ۽ کيس وڏي ۾ وڏو شريف ڪري سمجهندو هو. هو شڪل جو ڪارو هو مگر عقل ۾ اڪابر هو. ڪانئس پڇيائون تہ، نعمت ڪهڙي شيءِ آهي؟ چيائين تہ پهريون امن، ڇاڪاڻ تہ ڊپ واري لاءِ لذت محال آهي، ٻيو هوند، ڇاڪاڻ تہ اڻهوند لاءِ فرحت مشڪل آهي، ٽيون تندرستي، جو بيمار لاءِ خوشي محال آهي.

ابن عساڪر جو مٿيون حوالو ( تہ حجاج وٽ خريم جو وڏو قدر هو ۽ هو کيس وڏي ۾ وڏو شريف ڪري سمجهندو هو ۽ خريم وڏو عقلمند ۽ داناءُ هو) فتحنامي ۾ خريم بابت آيل بيانن جي تصديق ڪري ٿو. مثلاً فتحنامي ۾ ص 130 تي خود حجاج جي زباني ڄاڻايل آهي تہ”خريم.... سهڻين عادتن ۽ وڻندڙ اخلاقن سان سينگاريل آهي.“ وري ص 233 تي ڄاڻايل آهي تہ ”خريم هڪ داناءُ ۽ هوشيار شخص هو، ۽ تنهن سان گڏ ديندار ۽ امانت وارو هو.“ انهيءَ ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ فتحنامي ۾ ”المدني“ دراصل ”المري“ جي تحريف آهي ۽ صحيح نالو خُرَيم بن عمرو المُري سمجهڻ گهرجي. (ن-ب)

216/ [203] راجئري: مٿين عبارت مان ظاهر آهي تہ عِلافي، طاڪيہ مان ٿيندو رويم جي سرحد تي پهتو، جتان ”راجئري“ طرف خط لکيائين. عموماً، طاڪيہ ”تڪاديش“ يا اتر پنجاب جو نالو آهي، مگر

ٿي سگهي ٿو ته هت مراد قديم تاڪيشر وارو علائقو هجي، جتان ڪشمير جو تختگاهه راجئري تمام گهڻو پري ڪونه هو. بيروني پنهنجي ”ڪتاب الهند“ (انگريزي ترجمي، 208x1) ۾ لکي ٿو ته ”(ڪئلارجڪ پهاڙ) هميشه تاڪيشر ۽ لوهاور جي ايراضين مان نظر اچي ٿو.... ”راجوَري“ جو شهر (هن جبل جي) چوٽيءَ کان (فقط) ٽن فرسنگن جي مفاصلي تي آهي.“ فتحنامي ۾ پڻ زير بحث صفحي تي ڄاڻايل آهي ته ”اهو تختگاهه (راجئري) جبل ۾ آهي“. جنهن مان تصديق ٿئي ٿي ته فتحنامي جو ”راجئري“ ساڳيو ڪشمير جو تختگاهه ''راجوَري'' آهي جنهن جو بيروني ذڪر ڪيو آهي. (ن-ب)

220/ [207] ۽ لاڏي گرفتار ٿي: مٿان هلندڙ عبارت مان ظاهر آهي ته ڏاهر جي زال لاڏي، راوڙ ۾ ڏاهر جي قتل ٿيڻ کان پوءِ برهمڻ آباد ۾ آئي ۽ قلعي ۾ جنگ جون تياريون ڪري محمد بن قاسم جو مقابلو ڪيائين، مگر اوچتو قلعي جو دروازو کلي ويو ۽ محمد بن قاسم جي فوج وارن اچي لاڏيءَ کي گرفتار ڪيو. هيءَ بيان مٿي ص 201/ [186] واري بيان جي مخالف آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي ته لاڏي، محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جي وچ ۾ لڳل جنگ واري ميدان تي پاڻ کي اُت تان هيٺ ڪيرايو ۽ محمد بن قاسم جي ماڻهن هٿان گرفتار ٿي. وري ص 221/ [208] تي ٻيو متضاد بيان ڏنل آهي ته برهمڻ آباد جي قلعي فتح ٿيڻ بعد محمد بن قاسم ۽ برهمڻن جي وچ ۾ عهدنامو ٿيو ۽ ان بعد انهيءَ عهدنامي جي بنياد تي ئي برهمڻن لاڏيءَ کي ٻهري مان ڪڍي محمد بن قاسم جي آڏو پيش ڪيو.

فتحنامي جي انهن متضاد حوالن مان ظاهر آهي ته لاڏيءَ جي گرفتاري ۽ ان بعد محمد بن قاسم جي ساڻس شادي وارا جملي بيان ضعيف ۽ هڪٻئي جي مخالف آهن ۽ انهيءَ ڪري تاريخي اعتبار کان غير معتبر. (ن-ب)

220/ [207] ڏاهر جي زال لاڏي قلعي ۾ آهي: ڏاهر جون ٻه ڌيئون پڻ ٻين زالن جي وچ ۾ منهن ڍڪيو ويٺيون هيون، جن کي هڪ خادم جي حوالي ڪري جدا ويهاريائين: يعني محمد بن قاسم کي معلوم ٿيو ته ڏاهر جي زال لاڏي قلعي ۾ آهي، باقي ڏاهر جون ڌيئون گرفتار ٿيل زالن ۾ موجود هيون جن کي محمد بن قاسم جدا ڪري ويهاريو. فتحنامي ۾ هن قسم جون حڪايتون محض هڪ افسانو آهن. لاڏيءَ متعلق متضاد بيانن تي مٿئين نوٽ ۾ تبصرو ڪيو ويو آهي. هت راوي، هن حڪايت کي دلچسپ بنائڻ لاءِ لاڏيءَ کان علاوه ڏاهر جي ٻن ڌيئن کي پڻ شامل ڪيو آهي. ڏاهر

Gul Hayat Institute

جون کي ڏيئون گرفتار ٿين ها تہ عرب مؤرخ ان اهم واقعي جو ضرور ذکر کن ها، مگر کنهن بہ عربي تاريخ ۾ اهڙو ذکر موجود کونهي. خود فتحنامي جي صفحي 219 تي هنن حڪايتن جي شروعات ٿي هن طرح ڪئي وئي آهي تہ ”برهمڻ آباد جي مکيہ ماڻهن کان ڏند ڪٿائن ۾ آٽين تا (در اقاويل مي آرند)“- انهيءَ ڪري اهي حڪايتون ۽ بيان محض ڇوَٽيون ۽ ڏند ڪٿائون ئي سمجهڻ گهرجن. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

200/ [226/ [214] سؤ درهمن اصل مال مان... نائبن جي سامهون حفاظت ۾ رهي: ”اصل مال“ مان هت مراد غالباً زمين جي سرڪاري ڍل آهي ۽ نہ مَہُور. چاڪاڻ تہ هيٺ صاف طور چاٽايل آهي تہ باقي جيڪي بچي سو خزاني ۾ پياريو وڃي. عبارت جي بيهڪ مان معلوم ٿئي ٿو تہ جملي سرڪاري ڍل مان سؤ درهمن تي ٽي درهم، مقامي ماڻهن ڪي خيرات ۽ ٻين سماجي ڪمن لاءِ منظور ڪري ڏنا ويا، ۽ ڪين تاڪيد ڪيو ويو تہ انهيءَ رقم مان جيڪي برهمڻن جو حق هجي سو ڪين ادا ڪن.

هن عبارت جو پهريون پاڱو اصل فارسي متن ۾ هن طرح آهي: ”باقي در وجہ خزانہ در قلم اصحاب و حضور نواب در حفظ مي باشد.“ هوڙي والا (ص 96) هن عبارت تي هيٺين طور پنهنجا مفيد ريمارڪ قلمبند ڪيا آهن:

تاريخي ڪتابن ۾. خواهہ عام محاوري ۾
”حضور“ بمعنيٰ مرڪزي حاڪم يا حڪومت
(Central Authority) جي استعمال ٿئي ٿو. تنهن ڪري
”حضور نواب“ جي معنيٰ ٿيندي محمد بن قاسم
جي طرفان مقرر ڪيل ”هز ايڪسيلنسي گورنر“.
هن عبارت ۾ ”اصحاب و حضور نواب“ واري
فقري ۾ ”و“ اضافي آهي ۽ صحيح فقرو ”اصحاب
حضور نواب“ ٿيڻ گهرجي، يعني تہ ”حضور
نواب جا آفيسر.“ تنهن ڪري هن جملي جو مطلب ٿيندو
تہ: باقي رقم خزاني ۾ پيارڻ گهرجي، ۽ اها
رقم حضور نواب جا آفيسر مجرا ڏيئي داخل ڪندا.

مٿين وضاحت جي بنياد تي متن ۾ هن جملي جي ڏنل ترجمي ۾ پڻ آخري مطلب مطابق ترميم ڪرڻ گهرجي. (ن-ب)

226/ [214] حڪم بن عوانۃِ ڪلبِي: ظاهر آهي تہ حڪم بن عوانۃ سنڌ جي فتحن ۾ محمد بن قاسم جي فوج ۾ شامل هو ۽ سندس ڪافي چڱي پوزيشن هئي جو برهمڻن محمد بن قاسم سان پنهنجي سياسي صلح ۾ ڪيس وچان آندو. سنڌ ۾ حڪم جي انهيءَ فوجي تجربي جي بنياد تي

Gul Hayat Institute

ئي بعد ۾ تقريباً سن 111هه ڌاري ڪيس سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ ڏهه سال ڪن هو انهيءَ عهدي تي فائز رهيو ۽ وڏيون فتحون ڪيائين. تان جو سن 122-121 هه ڌاري سنڌ ۾ ئي شهيد ٿيو. (ن-ب) 228/ [217] هند جي شهرن ڪي، ويندي چين جي حد تائين، فتح ڪرڻ توتي لازم آهي. امير قتيبه بن مسلم قريشي ڪي [پڻ چين فتح ڪرڻ لاءِ] مقرر ڪيو ويو آهي. سڀ [عراقي] غلام انهيءَ ڏانهن منتقل ڪريو ۽ [جهم بن زَحر بن قيس ڪي به هن ڏانهن موڪليو وڃي. ۽]مقرر ڪيل [عراقي] لشڪر ساڻس گڏجي: فارسي ڇاپي جي اصل عبارت هن طرح آهي:

”برتو باد ڪه بلاد هند قِا بحد چين مسلم ڪني.

و امير قتيبه بن مسلم الباهلي را نامزدڪرده

شد. گر و گاني جمله بوي تحويل ڪنند. و لشڪر

نامزد ڪرده باوي ميرود“

هن فارسي عبارت ۾ ظاهراً وڏو خلل آهي، ۽ ڪاتبن جي غلطيءَ سبب ڪي فقرا حذف ٿي ويا آهن جنهن ڪري ان مان ڪو به خاطر خواه مطلب ڪونه ٿو نڪري. اسان ڪافي تحقيق بعد عربي ماخذن مان هن عبارت جي تصحيح ڪري ڪٽل فقرن جو چورس ڏنگين ۾ اضافو ڪيو آهي. ڪيل تصحيح جا هيٺيان پهلو غور طلب آهن:

(1) قتيبة بن مسلم عام طرح تاريخن ۾ ”اَلباهِلِي“ جي نسبت سان مشهور آهي مگر هت حجاج ڪيس ”قريشي“ سڏي ٿو، جنهن جا به سبب آهن: پهريون ته باهلي قبيلي وارا”مالڪ بن اَعصُر بن سعد بن قيس عيلان بن مُضَر“ جو اولاد آهن (ابن حزم، جمهرهِ ص 233) ۽ انهيءَ ڪري قريش مان آهن، جنهن ڪري ڪنهن ”باهلي“ شخص کي ”قريشي“سڏڻ صحيح آهي. مگر ٻيو خاص سبب، جنهن جي ڪري قتيبه کي حجاج باهلي جي بدلي قريشي سڏي ٿو، سو هيءُ آهي جو ”باهلي“ جي نسبت ۾ عربن جي نقطهٔ نظر کان ذرا عيب هو، ڇاڪاڻ ته باهلي قبيلي وارن جي ڏاڏي مالڪ جي شادي ”مُذحِج“ قبيلي مان ”باهلة بنت سعد بن سعد العشيرة“ سان ٿي هئي. مالڪ جي مرڻ بعد، سندس پٽ معن وري پنهنجي پيءُ جي زال ”باهلة“ سان شادي ڪئي (ابن حزم، جمهرهِ ص 134). انهيءَ ڪري ئي ڪي خاص سمجهدار عرب خود کي ”باهلي“ سڏائڻ کان عار سمجهندا هئا. مشهور عرب عالم عبدالملڪ بن قُرَيب الاَصمي، ”قتيبة بن معن بن مالڪ“ جي اولاد مان هو، مگر چوندو هو ته ”آءٌ باهلة جي اولاد مان ڪونه آهيان، ڇاڪاڻ ته قتيبة بن معن کي باهلة هرگز ڪونه ڄڻيو هو“ (ايضاً ص 234). غالباً حجاج به انهيءَ عار جي خيال کان ئي امير قتيبة کي ”باهلي“جي

بدلي ”قريشي“ سڏي ٿو. قتيبة جو پيڙهي وار شجرو هن طرح آهي: قتيبه بن مُسلِم بن عمرو الحُصين بن رَبيعة بن خالد بن اَسِيد الخير بن قضاعِي بن هِلال بن سلامت بن ثَعلبية بن وائل بن معن بن مالڪ بن اَعصُر بن سعد بن قيس عيلان بن مُضر (ايضاً، ص 234).

(2) فتحنامي جي اصل ناقص فارسي عبارت (جنهن جي تصحيح ڪئي وئي آهي) مان ظاهراًهيٺيان انومان نڪرن ٿا: هڪ ته حجاج، محمد بن قاسم ڏانهن چين جي فتح لاءِ لکيو ۽ ڪيس اها پڻ خبر ڏنائين ته امير قتيبه بن مسلم کي پڻ انهيءَ سلسلي ۾ مقرر ڪيو ويو آهي. ٻيو ته، محمد بن قاسم ڏانهن لکيائين ته ڪي ماڻهو ڪنهن شخص جي حوالي ڪري، جي ساڻس گڏجي وڃن.

پهرئين انومان تي يعقوبي (146x2) جي هيٺين بيان مان روشني پوي ٿي: (نيرون جي صلح بعد) محمد بن قاسم، حجاج کان اڳتي وڌڻ جي اجازت گهري، جنهن تي لکيائينس ته پلي اڳتي وڌ، ۽ جيترو ملڪ تون فتح ڪندين ان جو حاڪم تون ئي آهين. پڻ خراسان جي گورنر قتيبه بن مسلم ڏانهن لکيائين ته اوهان ٻنهيءَ مان جيڪو اڳ ۾ چين فتح ڪندو، اهوئي ان جو حاڪم ٿيندو. ا.هه. مؤرخ طبري (1x9-889)پڻ لکيو آهي ته حجاج طرفان ”محمد ۽ قتيبه ٻنهيءَ کي چين جي آچ ٿيل هئي.“

انهن ٻن معتبر حوالن جي بنياد تي، عبارت جي پهرئين پاڱي جي تصحيح ڪئي وئي آهي. عبارت جي پوئين پاڱي مان انومان نڪري ٿو، ان کي طبري (1257x2) جو هيٺيون بيان روشن ڪري ٿو:

”حجاج، محمد بن قاسم ثقفي ڏانهن لکيو ته
تنهنجي طرفان عراق وارا (فوجي دستا) قتيبه
(بن مسلم، خراسان جي ڪمانڊر) ڏانهن موڪل،
۽ جهم بن زحر بن قيس کي پڻ روانو ڪر
ڇاڪاڻ ته شامي فوج کان عراقي فوج ۾ هئڻ
سندس واسطي بهتر آهي.(تنهن ڪري جهم بن
زحر سنڌ مان عراقي فوج وٽي روانو ٿيو ۽)
سن 95 هه ۾ هو قتيبه وٽ پهتو.“

طبري جي هن معتبر حوالي جي بنياد تي، فتحنامي جي هن ناقص عبارت جي پوئين پاڱي جي تصحيح ڪئي وئي آهي. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

229/ [217] اي سؤٽ! تون پڻ اهو ڪو ڪارنامو ڪج جيئن [تنهنجي پيءُ] قاسم جو نالو روشن ٿئي: اهي لفظ حجاج طرفان محمد بن قاسم ڏانهن لکيل آهن. اصل فارسي متن ۾ ”سوٽ“ جي بدلي ”ابن عم“ (چاچي جو پٽ) آهي ۽ متي ص 299 تي واضح ڪيو ويو آهي ته محمد بن قاسم، حجاج جي چاچي جو پٽ نه بلڪ سؤٽ (قاسم) جو پٽ هو. ٻيو ته حجاج، محمد بن قاسم کي لکي ٿو ته اهڙو ڪو ڪارنامو ڪر، جو تنهنجي پيءُ جو نالو روشن ٿئي. اهو هڪ همت افزائي جو عام فقرو آهي، مگر غالباً ان ۾ هڪ خاص حقيقت ڏانهن به اشارو آهي، ۽ اهو هيءُ ته محمد جو پيءُ قاسم ان وقت پنهنجي همعصرن جي ڀيٽ ۾ ابوجهه ۽ اياڻو هو ۽ انهيءَ ڪري ئي ڪيس ”حمقيٰ ثقيف“ (يعني ثقفي قبيلي وارن ۾ اياڻو) سڏيندا هئا. (ڏسو ڪتاب المحبر، ص 380). شايد حجاج جي مٿئين فقري جي اها مراد آهي ته قاسم جي پنهنجي شهرت ايتري ڪانهي، انهيءَ ڪري تون ڪو اهڙو ڪارنامو ڪر، جو سندس نالو تنهنجي طفيل مشهور ٿئي. (ن-ب)

229/ [217] شهر برهمڻ آباد، يعني ٻانيڙاهه: هت ”يعني ٻانيڙاهه“ وارو فقرو غالباً فتحنامي جي فارسي مترجم طرفان توضيح طور وڌايل آهي. سنڌيءَ ۾ برهمڻ کي عام طرح ٻانيڻ چيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ لحاظ سان برهمڻ آباد کي مقامي طور ”ٻانيڻاهه“ سڏيو ويو. مگر آڳاٽي وقت ۾ ”ڻ“ جو اُچار ”ڙ“ جي صورت ۾ هو، ۽ فتحنامي جي هيءَ عبارت تصديق ڪري ٿي ته سن 613 هه ۾ جڏهن علي ڪوفي فتحنامي جو ترجمو ڪيو، تڏهن هن شهر کي مقامي طور ”ٻانيڙاهه“ سڏيندا هئا. وڌيڪ لاءِ ڏسو متي ص 274، نوٽ 62/ [15]. (ن-ب)

229/ [217] وَداع بن حُميد البحري: فتحنامي ۾ متي ص 136 ۽ ص 177 تي ”حميد بن وداع“ جو ذڪر آيو آهي، جو غالباً هن شخص جو پٽ آهي، جنهن جو نالو پڻ ”حميد“ هو. بهر حال انهن صفحن تي توڙي هن صفحي تي انهن ٻنهي پيءُ پٽن جي نسبت ”النجدي“ ڄاڻايل آهي، جنهن جي وضاحت لاءِ زير بحث صفحي 229/ [217] جو حاشيه- 3 ڏسڻ گهرجي. مگر ”النجدي“ حقيقت ۾ ”البحري“ جي بگڙيل صورتخطي آهي ۽ صحيح نسبت ”البحري“ ئي آهي. ابن حزم، پنهنجي ڪتاب ”جمهرة انساب العرب“ (ص 298) ۾ لکي ٿو ته ”وداع بن حميد، بنو بحري جي قبيلي مان هو. هو وڏو اشراف هو ۽ (محاذ) هند جو حاڪم مقرر ٿيو. هيءُ اهو ساڳيو شخص آهي، جنهن مُهلب جي پٽن آڏو قلعي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ کين اندر اچڻ نه ڏنائين.“ مٿئين بيان مان ابن حزم جو اشارو شهر قندابيل جي قلعي ڏانهن آهي، جنهن جو ذڪر عربي تاريخن ۾ مشهور آهي. يزيد بن مهلب عراق جي وائسراءِ پنهنجي طرفان وداع بن حميد کي قندابيل

Gul Hayat Institute

(گنداوا) جو گورنر مقرر ڪيو هو. ان بعد يزيد بن مهلب بغاوت ڪئي ۽ سندس پائر مفصل ۾ پيا، شاهي فوجن ڪان پڇي قندابيل طرف ورانا ٿيا. ڪين اميد هئي ته قندابيل ۾ سندن خاص ماڻهو گورنر آهي ۽ انهيءَ قلعي ۾ رهي مقابلو ڪندا. پر جڏهن هو قندابيل پهتا ته وداع بن حميد قلعي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ ڪين اندر داخل ٿيڻ نه ڏنائين (ڏسو طبري 2x 1412).

230/ [218] ڪڇ وارو ملڪ، جو ڪيرج جي بادشاهه دروهر جي هٿ ۾ هو: عربي زبان ۾ ڏارين دَخِيل ۽ مُعرَب لفظن ۾ صورتخطي جي تبديليءَ جي لحاظ سان "ڪيرج" دراصل "ڪيره" جو عربي اُچار آهي. "ڪيره" غالباً گجرات جو مشهور قديم شهر "ڪيرا" (اصل قديم اچار "ڪيڙا" يا ڪندا) آهي، جو هن وقت به ڪيرا ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. ڪيرا ضلعي جي اتر ۾ احمدآباد ضلعو ۽ ماهي ڪنٺا ۽ ريوا ڪنٺا ايجنسي جي ننڍڙي رياست بالاسنور آهن. اولهه ۾ به احمدآباد ضلعو ۽ رياست ڪنيات اٿس، ۽ ڏکڻ ۽ اوڀر طرف ماهي ندي ۽ بڙودا رياست اٿس. ڪيرا جو شهر احمدآباد جي شهر ڪان ويهه ميل اولهه طرف آهي. ڪيرا جو شهر بلڪل آڳاٽو آهي، جنهن جي تاريخ مهاڀارت جي زماني تائين پهچي ٿي. اتان لڌل هڪ ٽامي جي ٿالهيءَ تي پنجين صدي عيسويءَ جي اڪريل سنند هن شهر جي قدامت تي شاهد آهي (ڏسو امپيريئل گزيٽيئر آف انڊيا، جلد 14، ص 286). فتحنامي جي هنن حوالن مان ظاهر آهي ته اٺين صدي عيسويءَ ۾ محمد بن قاسم جي فتحن وقت هي شهر راجا دروهر جي گاديءَ جو شهر هو، ۽ ڪڇ جو ملڪ به راجا دروهر جي حڪومت ۾ شامل هو.

زير بحث صفحي تي ڄاڻايل آهي ته محمد بن قاسم ڪڇ جو ملڪ، جو راجا دروهر جي هٿ ۾ هو، پنهنجي هڪ آفيسر هذيل بن سليمان الازدي جي حوالي ڪيو. اهو صحيح تي سگهي ٿو، مگر هيءُ بيان هن موقعي تي وقت ڪان اڳ آهي، ڇو ته ڪيرج يا ڪيرا فتح ڪرڻ ڪان اڳ محمد بن قاسم، راجا دروهر جي حڪومت جو هڪ حصو ڪيئن ٿي پنهنجي هڪ آفيسر جي حوالي ڪري سگهيو! مؤرخ بلاذري (ص 440) جي بيان مان صاف ظاهر آهي ته محمد بن قاسم، ملتان فتح ڪرڻ بعد ڪيرج فتح ڪيو، انهيءَ ڪري هذيل بن سليمان ڪي پڻ انهيءَ فتح بعد ڪڇ جو حاڪم مقرر ڪيو هوندائين. (ن-ب)

321/ [218] ساوندي سمه: يعني سمن جو شهر ساوندي. اڳتي ڄاڻايل آهي ته محمد بن قاسم، برهمڻ آباد جي فتح ۽ انتظام بعد ڪوچ ڪيو ۽ آخر اچي ساوندي جي پسگردائي ۾ منزل ڪيائين جتي "هڪ فرحت افزا ڍنڍ ۽ سرسبز چراگاهه هو، جنهن ڪي ڍنڍ وڪر بهار چوندا هئا" (ص

Gul Hayat Institute

231). "وڪر بهار" جي نالي جي پڇاڙي "بهار" مان ظاهر آهي تہ "وڪر بهار" ٻڌ مت جو هڪ مندر هو. "ڊنڊ وڪر بهار" جي نالي مان ظاهر آهي تہ اها ڊنڊ بہ انهيءَ مندر جي نالي سان سڏبي هئي. هاڻي، محمد بن قاسم، برهمڻ آباد جي فتح بعد مٿي اتر طرف الور ڏانهن وڃي رهيو هو. انهيءَ رخ تي ٻڌ جي مندر جو فقط نمايان نشان موجود آهي جنهن کي هن وقت "ٿل مير رڪن" سڏجي ٿو. جو نوابشاهہ ضلعي ۾ اسٽيشن دوڙ ۽ دولتپور جي وچ تي آهي. محڪمي آثارقديمہ جي طرفان ڪيل تحقيق موجب "ٿل مير رڪن" درحقيقت ٻڌ مت جي مندر جو ٿل (Stupa) آهي (ڏسو هينري ڪزنس، سنڌ جا آثارقديمہ ص 98-99). انهيءَ ٿل کان اتر- اوڀر طرف تقريباً ٻن ميلن جي پنڌ تي "ساوڙي" جو ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ايراضي ۾ قديم ڊورن ۽ ڊنڊن جا نشان اڄ ڏينهن تائين نمايان طور نظر اچن ٿا. انهن اهڃاڻن مان خاطري سان چئي سگهجي ٿو تہ فتحنامي واري "ساوندي" ساڳي اها موجوده "ساوڙي"آهي ۽ پڻ مؤرخ بلاذري (فتوح البلدان، ص 439) "ساوندي" جو تلفظ "ساوندري" ڪري لکيو آهي، ۽ اهو اچار پڻ موجوده نالي "ساوڙي" ۾ موجود آهي. ساوڙي جو ڳوٺ سنڌونديءَ جي هڪ قديم ڊوري جي ڪپ تي آهي ۽ انهيءَ ڊوري جا نشان ساوڙي جي ڳوٺ لڳ الهندي طرف اڄ تائين موجود آهن. مجمل التواريخ جي مصنف پڻ لکيو آهي تہ قديم وقت ۾ ڪشمير جي راجا، "ساوندي" جي شهر کي سنڌونديءَ جي ڪناري تي ٻڌايو هو.

فتحنامي جو "وڪر بهار" يقيني طور "ٿل مير رڪن" وارو قديم ٻڌ جو مندر آهي، پڻ هن ٻڌ جي مندر جي وجود جي تصديق فتحنامي جي هيٺين وڌيڪ حوالن مان ٿئي ٿي تہ "انهيءَ پاسي جا سڀ ماڻهو، شمني ۽ ٻڌ وارا واپاري هئا" ۽ بواد نالي هڪ شمني کي محمد بن قاسم اتي جو مقامي سردار طور مقرر ڪيو هو (فتحنامو ص 231).

231/ [219] خميس جو ڏينهن 3- ماهہ محرم سن چورانوي: هيءَ تاريخ محمد بن قاسم جي برهمڻ آباد مان منزل ڪٽي ساوندي طرف ڪوچ ڪرڻ جي آهي. هوڙي والا جي تحقيق موجب:

3- محرم سن 93 هہ = آرتوار، 9- آڪٽوبر 712ع

3- محرم سن 95 هہ (رئيت) = خميس، 28- سپٽمبر 713ع

هاڻي جيڪڏهن فتحنامي جي عبارت ۾ ڏينهن صحيح ڄاڻايل آهي تہ پوءِ سن يقيني طور 95 هہ ٿيندو. تاريخي تسلسل جي لحاظ سان بہ 3- محرم سن 95 هہ صحيح ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ محمد بن قاسم کي باقي اروڙ، سڪہ ۽ ملتان وغيره جي فتحن لاءِ اڃا بہ 17 يا 18 مهينا بچن ٿا، جي ڪافي

Gul Hayat Institute

آهن. محمد بن قاسم کي خليفي وليد جي وفات (جمادي الاول سن 96 ھ) بعد ئي معزول ڪري واپس گهرايو ويو. (هوڙي والا. ص 96)

232/ [219] ٻڏيٽي [پٽ] يمن ڏول: اسان متن ۾ هن صفحي جي حاشيہ ۾ ڇاڻايو آهي تہ م ن ب نسخن جي پڙهڻي "بديهي بمن دهول" آهي ۽ ر جي پڙهڻي "بديهني بمن دهول". هوڙي والا (ص 97) جي گمان ۾ هي نالو شايد "بدهي ورمن" (Buddivarman) هجي، ڇاڪاڻ تہ اهو نالو قديم رڪارڊ ۾ ملي ٿو ۽ 640ع ڌاري گجرات جي چالوڪيہ گهراڻي جي هڪ راجا جو پڻ اهو نالو هو. ا.ھ. هيءُ گمان، فتحنامي ۾ هن نالي جي ڏنل صورتخطيءَ مطابق پڻ قدري قياس ويجهو معلوم ٿئي ٿو: يعني تہ "بديهي بمن" = بدهي ورمن. انهيءَ لحاظ سان هن نالي جي پڙهڻي "ٻڌِيورمن [پٽ] ڏول" زياده موزون ٿيندي. (ن-ب)

232/ [220] سليمان بن نبهان ۽ [قبيلي] ڪِنده جي آزاد ڪيل غلام ابوفضت القشيري کي سڏي... قسم ڏيئي، ڪين جنيد بن عمرو ۽ بني تميم منجهان جماعت سان محبت ڪرائي گڏي.... موڪليائين:

(1) اول تہ متين عبارت مان ظاهر آهي تہ سليمان بن نبهان ۽ ابوفضت القشيري ٻن جدا شخصن جا نالا آهن. انهيءَ لحاظ سان ص 194/ [177] تي "نبهان ابوفضت قشيري" غالباًدراصل "(سليمان بن) نبهان (و) ابو فضت قشيري" هو، مگر ڪاتب جي سهو کان ڏنگين ۾ رکيل الفاظ اصل نسخي مان رهجي ويا ۽ ان بعد جملي قلمي نسخن ۾ اها غلطي رهجي وئي. ص 194 تي "نبهان ابو فضت قشيري" جي درستي ڪري ان کي "سليمان بن نبهان ۽ ابوفضت قشيري" لکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ يقيني طور چئي سگهجي ٿو تہ دراصل اهي ٻہ نالا آهن. قديم نسخي پ جي قرائت ۾ فعل جا صيغا، جي "نبهان ابو فضت قشيري" ڏانهن ورن ٿا، سي جمع ۾ آهن. مثلاً: مقابل شدند (سامهون ٿيا)، جنگ پيوستند (جنگ جوٽيائون)، داهر فوجي ديگر در مقابل ايشان فرستاد (ڏاهر ٻي فوج سندن مقابلي ۾ موڪلي)، دفع ڪردند (ڪافرن جي فوج کي هٽايائون)، ومي ڪشتند (۽ پئي ماريائون)، ۽ آخر ۾ زائد لفظ "تا بلشڪر گاه داهر آمدند."

(2) ٻيو تہ هن عبارت ۾ جا لفظي تصحيح ڪئي وئي آهي تنهن لاءِ متن ص 232 جو مواد ڏسڻ گهرجي. هن تصحيح موجب هن عبارت جو مطلب هيءُ ٿئي ٿو تہ محمد بن قاسم پنهنجي لشڪر جي ٻن گروهن جي وچ ۾ صلح ۽ محبت قائم ڪري ڪين گڏ ديوتيءَ تي روانو ڪيو. اهي ٻہ گروهہ هيءُ هئا: (1) بنو قشير ۽ سندن ساٿي (يعني سليمان بن نبهان ۽ ابو فضت قشيري

Gul Hayat Institute

وغيره)، ۽ (2) بنو تميم ۽ سندن ساٿي (يعني جنيد بن عمرو وغيره). انهيءَ ڏرين ۾ محبت ڪرائڻ لاءِ هيٺيان سبب هئا:

قديم زماني کان مُضرية ۽ يمانية نسلن جي قبيلن ۾ عصبيت ۽ رقابت هئي. اسلام جي ابتدا ۾ اهو باهمي ضد ۽ حسد سچي اسلامي اخوت سبب تقريباً ختم ٿي چڪو هو مگر بنو اميہ جي دؤر واري سياست وري انهيءَ نسلي رقابت کي زور وٺايو. ان وقت ازد ۽ تميم جي قبيلن ذريعي وري اهي قبائلي جهيڙا شروع ٿيا ۽ اهي ٻہ قبيلا ۽ سندن حامي جڻ هڪٻئي ۾ چانديا مگسي ٿي پيا. انهيءَ ڪري اموي سلطنت جي تقريباً هر علائقي ۾ انهن قبيلن ۽ سندن حامين جي وچ ۾ جهيڙا جهڳڙا شروع ٿيا. مثلاً خراسان ۾ هر يماني ۽ ربيعي نسل جو شخص ”ازدي“ سڏجڻ لڳو ۽ هر مضري نسل جو شخص ”تميمي“ سڏجڻ لڳو (ڏسو ديوان فرزدق: پئرس ڇاپي ص 53 ۽ قاهره ڇاپي ص 769). هڪ طرف ”يماني- ربيعي- ازدي“ گروهہ ۽ ٻئي طرف ”مضري- تميمي“ گروهہ جي وچ ۾ ضد ۽ رقابت هر جاءِ موجود هئي. محمد بن قاسم جي فوج ۾ پڻ انهن ٻنهي گروهن جا ماڻهو موجود هئا. بنو قشير وارا ربيعي هئا، چاڪاڻ تہ هو بنو ڪعب بن ربيعة جي اولاد مان هئا (ڏسو ابن حزم، جمهرة ص 272) ۽ انهيءَ ڪري بنو تميم سان سندن نسلي رقابت هئي. انهيءَ ڪري محمد بن قاسم هن موقعي تي جڏهن ٻنهي گروهن جي ماڻهن کي هڪ خاص ڊيوٽي تي روانو ٿي ڪيو تہ پهريائين ڪين قسم ڏيئي پاڻ ۾ محبت ۽ صلح ڪرائي پوءِ روانو ڪيائين. (ن-ب)

232/ [220] بهراور: محمد بن قاسم، ساوندري يعني ساوڙي مان ڪوچ ڪري وڃي ”بهراور“ ۾ لٿو. جيئن تہ محمد بن قاسم اروڙ طرف وڃي رهيو هو، ”بهراور“ جي تلاش ساوڙيءَ کان اتر طرف ڪرڻ گهرجي. هن کان اڳ ڏٺو ويو آهي تہ محمد بن قاسم برهمڻ آباد ڏانهن ايندي ”جلوالي“ جي ڍوري تي اچي منزل انداز ٿيو هو، ۽ ساوندريءَ ۾ پڻ وڪر بهار جي ڍنڍ تي اچي لٿو. انهيءَ مان گمان نڪري ٿو تہ پاڻيءَ جي سهوليت جي لحاظ سان محمد بن قاسم جي فوج اڪثر درياءَ جي ڦاٽن جو ڪنارو وٺي پئي هلي. تنهن ڪري بلڪل قياس ويجهو آهي تہ محمد بن قاسم ساوندري ڇڏڻ بعد مهراڻ جي ڪنهن شاخ يا ڍوري جو ڪپ وٺي اتر طرف ڪوچ ڪيو هجي. انهيءَ قديم ڍوري جا نشان هن ساوڙي کان اتر طرف ڪارجائي، اَمرجي، مسر جي واںءِ، ڇيهي جي اولهہ طرف، پريا ۽ هالاٽي ٻهلاٽي وٽان اڃا تائين ظاهر بيٺا آهن.

انهيءَ قديم ڊوري جي رخ ۽ رستي جي لحاظ سان، ”بهراور“ مان ”پريا“ جو گمان نڪري ٿو. ڀلاڙي ڪافي پراڻي بستي آهي، ۽ جيئن هالاڙي (=هالا قوم جي بستي) تي هالا قوم جو پويان نالو پيل آهي تيئن ممڪن آهي ته ڀلاڙي (پلائي= پراڙي= پرياڙي) تي پريا قوم جي پويان اهو نالو پيل هجي. انهيءَ گمان موجب ڀلاڙي توڙي پريا، اهي ٻئي نالا پريا قوم جي بستين پويان پيل ٿا ڀانئجن، ۽ پريا قوم ته سهتن ۽ لاکن وانگر غالباً سنڌ جي هڪ آڳاٽي قوم هئي. ٿي سگهي ٿو ته ”بهراور“ (پراور= پريا) پريا قوم جي ڏاکڻي بستي هجي، جا موجوده پريا شهر جي آسپاس هئي. سر زمين تي تلاش ۽ تحقيق ڪرڻ مان معلوم ٿيو ته اهو قديم ڊورو جنهن جا نشان شهر پريا جي اوڀر طرفان موجود آهن، انهيءَ جي ڪناري تي قديم کنڊرات موجود آهن. انهن کنڊرات مان ڪافي عربي سڪا توڙي ٻيا قديم سڪا لڌا آهن جي محترم سيد امام علي شاهه، پريا جي رئيس وٽ موجود آهن، ۽ انهن سڪن مان پڪي ثابتي ملي ٿي ته اهي قديم بستيون عرب دؤر کان اڳ توڙي عرب دؤر ۾ موجود هيون. ساڳيءَ طرح موجود ڀلاڙي به قديم کنڊرات تي ٻڌل آهي، ۽ انهيءَ ڪري فتحنامي جو”بهراور“ غالباً پريا جي لڳ هو، يا ڀلاڙي وٽ هو. والله اعلم بالصواب.(ن-ب)

234/ [221] هو (گوپي) چوندو ٿي رهيو ته راجا ڏاهر اڃا جيئرو آهي-الخ: متي ص 212-211[/197-198] تي بيان ٿي آيو آهي ته گوپي کي ڏاهر جي موت جو اطلاع خود سندس پيءُ جيسينه گهڻو اڳ ڏيئي ڇڏيو هو. ظاهر آهي ته گوپي هيءَ خبر ڄاڻي ٻجهي لڪائي رهيو هو، ۽ پنهنجي فوج توڙي عوام کي ڏاهر جي زنده هئڻ ۾ مدد وٺي اچڻ جي اميد ڏياري، سندن دل مضبوط ڪري رهيو هو ته من مقابلي لاءِ تيار ٿي بيهن. (ن-ب)

238/ [226] ڪيس ۾ ڪنگڻ هئا: يعني ته اروڙ جي بتخاني نوبهار ۾ رکيل مورتي کي به سونا ڪنگڻ پيل هئا. انهن آڳاٽن مندرن جي مورتين جي ٻانهن ۾ ڪنگڻ يا ڪنن ۾ واليون انهن مورتين جي قدامت جو نشان هيون، ۽ هڪ هزار ورهيه گذرڻ بعد مورتيءَ کي هڪ ڪنگڻ يا والي پارائي ويندي هئي. ابن خلڪان لکي ٿو ته: ”انهن والين جي مقصد، يعني ته هڪ هزار ورهين بعدي هڪ والي پهرائڻ، بابت اڪثر حوالا ملن ٿا، جي مورتين جي والين متعلق آهن. چون ٿا ته محمود (غزنوي) سومنات جي بت تي ٿيهه واليون پاتل ڏٺيون ۽ ڪيس ٻڌايو ويو ته هر هڪ والي هڪ هزار ورهيه جي پوڄا جي نشاني آهي (وفيات الاعيان، 85x2). ابن خلڪان جي هن بيان مان گمان نڪري ٿو ته محمد بن قاسم جي فتح وقت اروڙ جي بتخاني واري مورتيءَ کي به ٻن هزارن کان متي ورهيه گذري چڪا هئا. (ن-ب)

Gul Hayat Institute

243-4/ [232] ڪبير پدر ۽ پهئُو: هوڙي والا جي گمان ۾ شايد اهي نالا دراصل ”ڪالڀدر“يا ”ڪالڀدر“ (Kalibhadra or Kalabhadra) ۽ ”ڀيرَوَ“ (Bhairav) هجن. (هوڙي والا، ص 97)

245/ [233] (جيسينہ) هلندو وڃي جالنڌر جي حد کان ڪشمير ۾ پهتو. انهيءَ بادشاهہ جو نالو بلهرا هو(۽) شاهہ جي آستان (گاديءَ جو هنڌ؟) کي اسہ ڪسہ چوندا هئا. جتي هو وڃي رهيو، تان جو عمر بن عبدالعزيز رضہ جي خلافت ٿي: جملي نسخن ۾ اصل فارسي عبارت مبهم ۽ منجهيل آهي ۽ غالباً ان ۾ ڪي لفظ ڪتل آهن ۽ ڪن لفظن جون اصل پڙهڻيون بگڙيل آهن. بهرحال، زير مطالع نسخن جي پڙهڻين موجب معنيٰ هتي اهائي ٺهندي جا مٿي ڏني وئي آهي. البت هيٺيان نقطا غور طلب آهن:

(1) ر ۽ م جي پڙهڻي ”ڪشمير“ جي بدلي ”ڪسہ“ آهي: ”ڪسہ“ مان مراد ”ڪشمير“ ئي آهي، جا ٻين باقي نسخن جي پڙهڻي آهي. هوڙي والا (ص 98) لکي ٿو تہ: ”ڪسہ جو ملڪ“ مان مراد غالباً ڪشمير آهي، يعني تہ ”ڪسا“ (Khasa) يا ”کشا“ (Khasha) ماڻهن جو ملڪ، جن جو ذڪر ”راجترنجني“ ۽ ٻين سنسڪرت ڪتابن ۾ ملي ٿو. انهن ماڻهن جي باري ۾ چيل آهي تہ ”اهي پير پنتسال“ جبلن جي ڏکڻ- اولهہ طرف جهلم، لوهر ۽ ڪشتوار(Kishtwar) جي وچ وارين ماٿرين ۾ رهندا هئا. انهن کي موجوده ”ککا“ (Khakha) قوم سان مسحض ڪري سگهجي ٿو جنهن مان، ڪشمير جي هيٺان ”وِتستا“ (Vitasta) ماٿري ۾ رهندڙ جملي ننڍا سردار ۽ مکي ماڻهو آهن“ (بحوالہ سر آرل سٽين، حاشيہ راجترنجني، انگريزي ترجمو، ڪتاب- ا، بيت 317). بقول سر جارج گريئرسن، ڪسا (قوم جا ماڻهو) نہ صرف ڪشمير ۾ آهن مگر ”ڪمائون“ ۽ گهاروال ۾ پڻ موجود آهن. ”آريائي زبان ڳالهائيندڙ جملي ماڻهو، جي هماليہ جي هيٺين پاڇي ۾، ڪشمير کان وٺي دارجيلنگ تائين، رهن ٿا سي ”ڪسا“ نسل مان آهن.“ (Indian Antiguary, 1914, p 151)

(2) ڪشمير جي بادشاهہ جو نالو ”بلهرا“ بہ ڪافي منجهائيندڙ آهي. ضروري آهي تہ ”بلهرا“ڪشمير جي ڪنهن راجا جو ذاتي نالو تسليم ڪجي ۽ نہ لقب، ڇو تہ ”بلهرا“ دکن جي راجائن جو لقب هو، جن جي گادي جو هنڌ ”مانڪيڙ“ هو، جنهن جي مسعودي وغيره عرب عالمن جي بيانن مان پوري تصديق ٿئي ٿي.

مگر موجوده تحقيق مطابق ان وقت ۾ ڪشمير جي ڪنهن بہ ”بلهرا“ نالي راجا جو پتو نٿو پوي. سنڌ ۾ محمد بن قاسم جي فتحن جو سلسلو سن 712ع کان شروع ٿئي ٿو. جيسينہ

تقريباً 713/14ع ڌاري وڃي ڪشمير ۾ پناهہ ورتي هوندي. مگر ان وقت ڪشمير ۾ ”ڪارڪوٽہ“ (Karkota) گھراڻي جي حڪومت هئي. انهيءَ گھراڻي جو راجا، جو ان وقت حڪمران هو، تنهن جو نالو ”لِلِتادِتيہ مُڪتاپيد“ هو، جنهن جي حڪومت جو عرصو اندازاً 713ع کان 750ع تائين ڇيو وڃي ٿو. (ڏسو ”ري“ جي ”گھراڻي وار تاريخ“، ص 72، بحوالي راجترنجني). ان راجا کان اڳ جي راجا جو نالو ”جياپِيد“ چيو وڃي ٿو (بارنيٽ، ص 61). مگر جيئن تہ ڪشمير جي انهن آڳاٽن راجائن جي سلسلي توڙي سندن متن جي تحقيق اڃا تڪميل تي نہ پهتي آهي، انهيءَ ڪري تي سگھي ٿو تہ فتحنامي جو هي قديم حوالو نسبتاً صحيح هجي.

(3) شاهہ جي آستان ڪي ”اسہ ڪسہ“ چوندا هئا. فارسي متن ۾ اصل عبارت هن طرح آهي:”اسه كسه آستان شاه گفتندي.“ هن عبارت ۾ پڻ خلل آهي، ۽ معنيٰ صرف ظاهري الفاظ موجب ڪئي وئي آهي. ”اسہ ڪسہ“ نالي ڪشمير جي گادي جو ڪنهن بہ ٻئي ماخذ مان پتو نٿو پوي. يارهين صديءَ جي شروع ۾ ڪشمير جي گادي ”رُاجوَري“ هو، جيئن بيروني لکيو آهي (ڏسو مٿي نوٽ ص 331). پڻ بيروني چوي ٿو تہ ”بلور شاهہ، شڪنان شاهہ ۽ وخان شاهہ ڪشمير جي اولهہ طرف آهن“ (ڪتاب الهند، عربي متن ص 101، انگريزي ترجمو 206x2). ممڪن آهي تہ ”آستان شاهہ“ بہ اهڙي طرح ملڪ جي ڪنهن ڀاڱي جو نالو هجي. هوڙي والا (ص 98) جي خيال ۾، ”آستان شاهہ“ شايد ”آدشتان شاهہ“ جي بگڙيل صورت آهي، ڪشمير جي گاديءَ جو هنڌ ”آدشتان“ جي نالي سان سڏبو هو (بحوالہ ايليٽ- ڊائوسن 64x1) مگر پروفيسر سخاءُ جي وضاحت موجب ”آدشتان“ دراصل سنسڪرت لفظ ”آڌشٽان“(Adhishthan) آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”گاديءَ جو هنڌ يا مکيہ شهر“ (ڏسو ترجمو ڪتاب الهند، 181x2). اسان ترجمي ۾ پڻ انهيءَ لحاظ سان معنيٰ ڪئي آهي: آستان شاهہ= شاهہ جو آستان، يعني شاهہ جي گاديءَ جو هنڌ.

(4) هت ڏنل بيان مان ظاهر آهي تہ جيسينہ سنڌ ڇڏي وڃي ڪشمير جي راجا وٽ پناهہ ورتي ۽ ويندي حضرت عمر بن عبدالعزيز جي دؤر خلافت تائين اتي ئي رهيو. مٿي ص 17-216[/203] تي جيسينہ جو علائقي سان گڏجي سنڌ ڇڏڻ واري بيان مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ڄڻ جيسينہ چتور ۾ ترسي پيو ۽ علائقي ڪانئس جدا ٿي ڪشمير ڏانهن روانو ٿيو. مگر هيٺ انهيءَ عبارت ۾ هڪ فقرو آهي تہ ”پوءِ اتان راجائري طرف خط لکيائون.“ فعل ”لکيائون“ جي جمع واري صيغي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪشمير ۾ علائقي سان گڏ شايد جيسينہ بہ شامل هو. پڻ ص 216 تي جملي قلمي نسخن مطابق عنوان هن ريت آهي "جيسينہ جو ڪشمير جي راجا ڏانهن وڃڻ" حالانڪ انهيءَ عنوان

هيٺ ڏنل بيان ۾ جيسينہ نالو ڏنل ڪونهي. اسان انهيءَ متعلق متن ص 216 جي حاشيہ- 1 ۾ ڄاڻايو آهي تہ شايد هيٺ ڏنل بيان ۾ جيسينہ نالو حذف ٿي ويو آهي. جيئن تہ هن زير بحث صفحي جي عبارت مان جيسينہ جو ڪشمير وڃڻ صاف ظاهر آهي، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ص 216 واري عنوان هيٺ ڄاڻايل بيان ۾ ڪا غلطي آهي، جنهن سبب جيسينہ جو نالو رهجي ويو آهي. مجموعي طرح سان فتحنامي جي هنن حوالن مان جيسينہ جي ڪشمير وڃڻ جي تائيد ٿئي ٿي. (ن-ب)

245/ [233] عمرو بن مسلم الباهلي: فتحنامي جي هن عبارت موجب عمرو بن مسلم الباهلي، حضرت عمر بن عبدالعزيز رضہ جي خلافت ۾ سنڌ جو گورنر هو ۽ ڪشمير طرف ملڪ فتح ڪيائين. مؤرخ بلاذري جي بيان مان پڻ هن حقيقت جي تائيد ٿئي ٿي. بلاذري (فتوح البلدان، ص 442-441) لکي ٿو تہ: "عمر بن مسلم الباهلي، عمر(بن عبدالعزيز رضہ) طرفان انهيءَ (سنڌ ۽ هند) محاذ جو گورنر هو ۽ هندوستان جي ڪن ڀاڱن تي حملا ڪري فتحون حاصل ڪيائين." (ن-ب)

246/ [235] تختگاه اروڙ- بغرور: يعني سنڌ جو تختگاهہ، جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪري پنهنجي تصرف ۽ تابعداري هيٺ آندو. جيئن تہ ان وقت اروڙ سان گڏ ٻيو مشهور ويجهو شهر "بغرور" هو جنهن جو نظام، حڪومت جي گادي اروڙ سان وابستہ هو (فتحنامو ص 150)، انهيءَ ڪري ٻنهي شهرن کي مجازاً تختگاهہ ڄاڻايو ويو آهي. هونءَ بہ سنڌ ۾ ٻہ شهرن جي ٻٽن نالن استعمال ڪرڻ جو رواج آهي مثلاً هالاڻي، ڀهلاڻي، گمبٽ- کهڙا وغيره. "بغرور" مان مراد بکر آهي، جنهن جي وضاحت لاءِ مٿي نوٽ ص 150/ [125] ڏسڻ گهرجي. (ن-ب)

247/ [235] ڪڪسو پٽ چندر پٽ سيلائج: نالو "ڪڪسو" شايد اصل ۾ "ڪاڪُتستَ"(Kakutstha) هجي، جو اهو نالو تقريباً 740-755ع ڌاري، قنوج جي پرَتِهارَ گهراڻي جي راجائن ۾ ملي ٿو. راجا ڪاڪتست، هن گهراڻي جي باني راجا ناگڀٽَ بعد گادي تي ويٺو. (هوڙي والا ص 98، بحوالہ سمٿ ۽ ويديا)

248/ [236] شعر: لاَ تستتشِر غير نذبِ -الخ: هي شعر ابو الفتح البُستي جي نونيہقصيدي جو آهي جنهن جي شروعات آهي: زيادہِ المر[illegible]ِ في دنياه نقصان." الدَمِيرِي پنهنجي ڪتاب "حياة الحيوان" ۾ (ثعبان) جي ماتحت هي قصيدو نقل ڪيو آهي ۽ ان کي ابوالفتح بستي جو ٺي ڪري ڄاڻايو اٿس. وڌيڪ لکيو اٿس تہ "ڪي چون ٿا تہ هيءُ قصيدو اميرالمومنين راضي

بالله (عباسي خليفي) جو آهي" مگر اها روايت ضعيف آهي. "حياةالحيوان" ۾ ڏنل قصيدي جي هيءَ پندرهين مصرع آهي ۽ ان جي پڙهڻي "حازِم يقظ" جي بدران "حازم فطن" آهي.
شاعر ابوالحسن علي بن محمد البستي، جو ابوالفتح البستي جي نالي سان مشهور آهي، تنهن سن 400-401 هجري ۾ بخارا ۾ وفات ڪئي (ابن خلڪان 357x1). فتحنامو ان ڪان اڳ جي تصنيف آهي. انهيءَ ڪري هي شعر فارسي مترجم پنهنجي طرفان مثال طور ڏنو آهي. فتحنامي جي عبارت مان پڻ صاف ظاهر آهي ته نفس مضمون سان هن شعر جو ڪوبه تعلق ڪونهي.(ن-ب)
248-49/ [37-336]سڪه ۽ ملتان: مٿين پنهي صفحن تي "سڪه ۽ ملتان" جي ترجمي جي اصل فارسي عبارت "سڪه ملتان" آهي، جا جملي نسخن جي متفق پڙهڻي آهي. ترڪيب اضافي جي لحاظ سان "سڪه ملتان" جو ترجمو ٿيندو "ملتان جو سِڪه"، جنهن جون به معنائون ٿي سگهن ٿيون: (1) "ملتان پرڳڻي جو شهر سِڪه": انهيءَ معنيٰ جو مثال موجوده وقت ۾ حيدرآباد سنڌ ۽ حيدرآباد دڪن جي نالن ۾ موجود آهي. مگر اهڙو مثال عرب جاگرافي نويسن جي اصطلاحن ۾ ورلي نظر اچي ٿو. (2) ٻي معنيٰ ٿيندي "شهر ملتان جو سِڪه" يعني ملتان جي وڏي شهر جو هڪ جدا پاڙو، جو بذات خود هڪ ننڍو شهر هجي، جنهن کي انگريزي ۾ (Suburb) چئجي. عربي جاگرافيائي اصطلاح ۾ انهيءَ معنيٰ جا مثال همداني جي "ڪتاب البلدان" ۾ ملن ٿا- مثلاً "سڪ اصطفانوس بالبصرة" (شهر بصره ۾ اصطفانوس جو سڪه)، "سڪة البخاريه بالبصره" (شهر بصره ۾ البخاريه جو سڪه)، "سڪهساسان بالري" (شهر ري ۾ ساسان جو سڪه). غالباً ملتان ۽ سڪه به لاڳيتا شهر هئا ۽ پنهيءَ جي وچان صرف راوي ندي وهندڙ هئي، سڪه، راوي ندي جي ڏاکڻي ڪناري (غالباًڏکڻ - اولهه) تي هو، ۽ ملتان سامهون ٻئي طرف.
مٿين وضاحت مان معلوم ٿيندو ته "سڪه ملتان" جو ترجمو جيڪڏهن "ملتان جو سڪه"ڪجي ته به معنيٰ ۾ مونجهارو باقي رهندو. اسان آسانيءَ خاطر ترجمي ۾ "سڪهش ۽ ملتان" رکيو آهي، جو حقيقت جي برعڪس ناهي، ڇاڪاڻ ته سڪ ۽ ملتان بهرحال به الڳ شهر هئا. اهو به ممڪن آهي ته شايد اصل فارسي عبارت ۾ "سڪه و ملتان" هجي ۽ وچ وارو "واو- عطف" ڪاتبن جي سهو سبب خذف ٿي ويو هجي. مؤرخ بلاذري جي وقت م (سن 256 هه) سڪه جو شهر ويران ٿي ويو هو (ڏسو فتوح البلدان ص 449). (ن-ب)
250/ [239] سٺ هزار درهم تور چاندي تقسيم ڪئي. هرهڪ سوار کي خاص طرح چار سوَ درهم تور چاندي ملي: غالباً مراد آهي ته ڪن خاص سوارن جن وڏي همت ۽ بهادري ڏيکاري هئي تن ۾

اها چاندي تقسيم ڪئي وئي، ورنہ سمجهبو تہ محمد بن قاسم جي فوج ۾ جملي 150- سوار هئا، ۽ اهو تعداد تمام گهٽ هئڻ سبب قياس ويجهو نظر نٿو اچي.(ن-ب)

251/ [239] راجا جوين: هوڙي والا جي خيال ۾ هيءُ نالو "جنبديو" (يعني سمديوSamdadeva) هئڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ هيٺين بيانن موجب هن ئي سوني بت وارو مندر ٺهرايو هو:

"سامبَ"، جو جامبُوت جي ڌيءَ جامبوَتي مان ڪرشن جو پٽ هو، تنهن ڪي، اَسُور گهراڻي جي راجا "باڻ" جي شڪست بعد، ملتان جو راجا مقرر ڪيو ويو. جامبوَت، ڪرشن ڪي پنهنجي ڌيءَ سان گڏ "سيمنتڪَ مڻ" (هڪ هيرو يا طلسمي پٿر) پيٽا طور ڏنو هو "جو روزانو اٺ ڀهارون (Bhars) سون جون پيدا ڪندو هو" (وشنو پراڻ، حال جي ايڊٽ ڪيل ولسن جو انگريزي ترجمو، 6x 76-79). سامب کي دُرواسس نالي فقير جي بد دعا سبب ڪوڙهہ جي بيماري ٿي پئي، جنهن تي "نارَدَ" جي صلاح موجب هو وجي مِتر- وَنَ جي وٽن ۾ وينو، ۽ مِترَ (سورج ديوتا) جي مسلسل پوڄا سبب هن کي ڪوڙهہ کان نجات ملي. پوءِ هن مِترَ يعني سورج ديوتا جي پوڄا لاءِ هڪ مندر ۾ سونو بت کڙو ڪيو، ۽ اهڙيءَ طرح مناسب، سج جي پوڄا جي شروعات ڪئي (ڀاوَشِيَ پُراڻ، بحوالہ حاشيہ ولسن- ايضاً، 381x5، عمل 10: 381: پڻ ڪينگهام، هندستان جي قديم جاگرافي، ص 33-232). بيروني پڻ لکيو آهي تہ ملتان جو هڪ قديم نـالـو "سامبپرَ" يعـني "سامب جو شهر" هـو (انڊيا، ترجمو سخاؤ، 1x 296). وري ٻئي هنڌ (ايضاً 2 184x) لکي ٿو تہ "ملتان جي هندن جي هڪ وڏي ڏينهن جو نالو "سامبپرَ ياترا" آهي، جو هو سج جي نمشڪار ۽ پوڄا پاٺ طور ملهائيندا آهن." (هوڙي والا ص 98-99).

251/ [239] منرَوِي [بتخانو]: فارسي ڇاپي ۾ هيءُ لفظ "مستروي" ڪري لکيل آهي مگر فتحنامي جي قلمي نسخن جي پڙهڻين جي آڌار تي اسان "منروي" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي، جنهن لاءِ متن ص 251 ڏسڻ گهرجي.

هيٺين دليلن مطابق صحيح لفظ بہ يقيني طور "منروي" آهي، جو ملتان جي مندر جو نالو هو: (1) هن کان اڳ واري نوٽ موجب قديم هندو پراڻن جي بيانن مان تصديق ٿئي ٿي تہ ملتان وارو مندر "سورج ديوتا" جو مندر هو ۽ سورج ديوتا جي پوڄا لاءِ قائم ڪيو ويو هو.(2) محقق بيروني پنهنجي وڏيڪ ڪيل تحقيق جي بنياد تي لکيو آهي تہ "هندستان جي مشهور بتن مان هڪ ملتان وارو بت آهي، جنهن جو نالو سج جي نالي پويان آهي ۽ انهيءَ ڪري ان کي "آدت" سڏجي ٿو" (ڪتاب الهند، عربي متن، ص 56 ۽ ڪتاب الجماهر ص 49). (3) هاڻي، "منروي" جو خود

Gul Hayat Institute

سنسڪرت نالو ئي انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪري ٿو: من= دل، روح، ڄاڻ، ٻوجهہ، ويچار، ڄاڻ ۽ ٻوجهہ جو مرڪز. ("من" مان نڪتل اصطلاح: دل لڳائڻ، برگزيدو سمجهڻ: عبادت ۾ ياد ڪرڻ). رَوِي = سج يا سورج ديوتا- سج جو قديم نالو- سج جي ٻارهن"آدِتين" مان هڪ آدتيہ (سنسڪرت ڏڪشنري Sir Monier- William. انهيءَ ڪري منروي (من + روي) جي معنيٰ ٿي سج جي (ٻارهن عادِتِين مان) هڪ آدتيہ جي پاٺ پوڄا جو مرڪز، يا مجموعي طرح سان "سورج ديوتا جي عبادتگاهہ."

ابن رستہ (ص 136) لکي ٿو تہ: (مقامي ماڻهو) "چون ٿا تہ هيءُ بت ٻہ هزار ورهيہ اڳ جو آهي." محقق بيروني (ڪتاب الهند ص 56) لکي ٿو تہ: "سندن (مقامي ماڻهن) خيال ۾ هيءُ بت "ڪرتا جڳ" ۾ بنايو ويو ۽ انهيءَ حساب سان هن وقت (پنجين صدي هجريءَ جي اوائل) تائين ان کي 216432 سال گذري چڪا آهن." (ن-ب)

252/ [239] سون جو ٺهيل بت ڏنائين، جنهن جون اکيون ڳاڙهي ياقوت مان ٺاهي سندس منهن ۾ رکيل هيون: هن صفحي تي توڙي هن کان اڳ واري صفحي تي ڄاڻايل آهي تہ هيءُ بت سون جو هو. مگر محمد جي فتح وقت غالباً اهو سونو بت موجود نہ هو. محمد بن قاسم، پنهنجي فراخدليءَ واري پاليسي موجب انهيءَ بت کي انهيءَ اصلوڪي سالم حالت ۾ ڇڏيو (ڏسو هيٺ، نوٽ ص 357) ۽ بعد ۾ اصطخري، ابن حوقل ۽ مقدسي، جن چوٿين صديءَ جي وچ ڌاري هن بت کي ڏٺو تن جو بيان آهي تہ "سجو بت هڪ قسم جي چمڙيءَ سان ڍڪيل آهي جا ڇڻ ٻڪريءَ جي ڳاڙهي ڳاڙهي رڱيل کل يا ڳاڙهي سجنابي ڪپڙي مثل معلوم پئي ٿي. سواءِ اکين جي جسم جو ڪو بہ حصو نظر نٿو اچي. ڪي چون ٿا تہ ڪاٺ جو ٺهيل آهي ۽ ڪي ان راءِ جي مخالف آهن" (اصطخري ص 174، ابن حوقل ص 229 ۽ مقدسي ص 283). بيروني کي پنجين صديءَ جي شروع ۾ تحقيق ڪندي معلوم ٿيو تہ هيءُ بت ڪاٺ جو ٺهيل هو ۽ سجو ٻڪري جي ڳاڙهي رڱيل چمڙيءَ سان ڍڪيل هو ۽ سندس اکين ۾ ڳاڙها ياقوت لڳل هئا (ڪتاب الهند، عربي متن ص 56). هيءُ بت بيرونيءَ کان اڳ تباهہ ٿي چڪو هو، مگر اکين ۾ ڳاڙهن ياقوتن بابت سندس تحقيق بالڪل فتحنامي ۾ ڏنل حقيقت مطابق آهي، جنهن جي تصديق پڻ اصطخري (ص 174 ابن حوقل (ص 229) ۽ مقدسي (ص 283) جي اکين ڏٺل بيان مان ٿئي ٿي تہ مورتيءَ جي اکين جي جاءِ تي ٻہ جوهر لڳل هئا. غالباً فتحنامي جي فارسي مترجم ئي وڌاءُ خاطر هن بت کي سون جو بت ڪري ڄاڻايو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو بيان جملي اکين ڏٺل بيانن جي خلاف آهي. (ن- ب)

[240]/252 محمد بن قاسم سمجهيو تہ هيءَ ڪو ماڻهو آهي: هن بت جي صورت هوبهو ماڻهو جهڙي بنايل هئي، ابن حوقل (ص 229) جو اڪين ڏنو بيان آهي تہ ”هيءُ بت انسان جي شڪل شبيهہ واري صورت جهڙو آهي.“ پڻ مقدسي (ص 283) ۽ ابن رستہ (ص 136) هن حقيقت جي تائيد ڪن ٿا تہ ”هيءُ بت ماڻهوءَ جي صورت جهڙو آهي.“ (ن - ب)

[240] /252 ان (بت) جي هيٺان ٻہ سؤ ٽيهہ مڻ سون ۽ چاليهہ مٽ سون جي ڪاتر سان ڀريل نڪتا. جملي تيرهن هزار ٻہ سؤ مڻ تور سون دفن ٿيل نڪتو: هن ڪان اڳ ص 355 تي ڄاڻايل آهي تہ هرهڪ مٽ ۾ سون جي ڪاتر جا ”ٽي سؤ ٽيهہ مڻ“ ڀيل هئا. انهيءَ حساب سان تہ فقط چاليهن مٽن مان ٿي (40x330=13200) تيرهن هزار ٻہ سؤ مڻ سون نڪتو هوندو. انهيءَ ڪري يا تہ مٿين عبارت ۾ ڦهريون ”ٻہ سؤ ٽيهہ مڻ“ وارو فقرو محض وڌاءُ آهي ۽ غلط سمجهڻ گهرجي، يا تہ وري پوئين جوڙ ۾ غلطي آهي ۽ جملي سون (13200+230=13430) تيرهن هزار چار سؤ ٽيهہ مڻ ٿيڻ گهرجي.

اڪثر عرب مؤرخن ۽ جاگرافي نويسن پنهنجي تصنيفن ۾، محمد بن قاسم ڪي سون جي هن وڏي خزاني هٿ اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ڪري ملتان کي ان بعد عربيءَ ۾ ”فرج بيت الذهب“ يعني ”سون جي گهر واري سرحد“ (يا سون جي گهر وارو محاذ) ڪري سڏيو ويو. گهڻ ۾ گهٽ ٽن مصنفن هن ملتان واري بتخاني مان سون جو هٿ آيل وزن پڻ لکيو آهي. سندن متفق بيان موجب هن بتخاني مان ”چاليهہ ٻهارون سون جون هٿ آيون: هر هڪ ٻهار برابر ٽي سؤ ٽيٽيهن مڻن جي.*“ (ڏسو اصطخري ص 56، البدءُ و التاريخ جلد 4، ص 77، ۽ مسالڪ الابصار“ مان محمد بن تغلق متعلق حالات جو انگريزي ۾ ”آٽوسپيس“ جو ڪيل ترجمو، ص 19). هنن بيانن موجب جملي سون جو وزن (40x333=13320) تيرهن هزار ٽي سؤ ويهہ مڻ ٿيڻ گهرجي. (ن - ب)

[240]/252اهو سون ۽ بت خزاني ۾ آندائون: مٿي ص 252/[239]، واري نوٽ ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ بت سون جو ڪونہ هو مگر ڪاٺ جو هو،انهيءَ ڪري ان کي ڪٽڻ جي ضرورت ئي ڪانہ هئي. ان ڪان سواءِ بتن کي ڪٽڻ يا تباهہ ڪرڻ محمد بن قاسم جي پاليسي جي منافي هو. فتحنامي ۾ هن ڪان اڳ اروڙ جي فتح واري بيان مان واضح آهي تہ محمد بن قاسم اتي جي بتخاني ۽ ان ۾ رکيل مورتي جو معائنو ڪيو ۽ هڪ ڪنگڻ بت جي ٻانهن تان لاٿائين پر وري اهو مجاور کي واپس ڪيائين. تہ ساڳيءَ طرح مورتيءَ کي ڀارايو وڃي. زير بحث صفحي تي ذرا مٿي ڄاڻايل آهي تہ محمد بن قاسم بت کي ڪٽڻ جو حڪم ڏنو پر اهو محض انهيءَ لاءِ تہ تهہ هيٺان ڀوريل خزانو هٿ ڪيو

Gul Hayat Institute

وجي. محمد بن قاسم کان پوءِ بہ عرب سياحن ۽ مؤرخن مسلسل طور ملتان جي بتخاني ۽ بت جو ذڪر ڪيو آهي جنهن مان ظاهر آهي تہ اهو بت اتي سالم حالت ۾ رکيل هو ڏسو اڪين ڏنا بيان اصطخري (ص174)، ابن حوقل (ص 129)، ۽ مقدسي (ص 84-283) جا. پڻ تحقيقي بيان ابن خردازبہ (ص 56)، ابن رستہ (ص 37-135) جا، ۽ پڻ حوالا. مصنف "حدود العالم" (ص44)، ابن الوردي (خريدهِ العجائب ص 63-62) ۽ ياقوت (معجم البلدان 689x4) جا.

پنجين صدي هجريءَ جي شروع ۾ جڏهن بيروني ملتان ۾ آيو، تڏهن هيءُ بت اڳ تباهہ ٿيچڪو هو. بيروني هن مورتي ۽ ان جي تباهي بابت پنهنجي ڪتاب الهند (ص 56) ۾ هن طرح لکيو تہ: "محمد بن قاسم بن منبہ هن بت جي ڳچيءَ ۾ ڳئون جي گوشت جو ٽڪر ٻڌي ڇڏيو هو. پوءِ جڏهن قرمطين جو (ملتان تي) غلبو ٿيو، تڏهن جلم بن شيبان هن بت کي ڀڳو، ان جي رکوالن کي قتل ڪيائين ۽ ان مندر کي... جامع مسجد ۾ تبديل ڪيائين." جيتوڻيڪ بيروني جي هن بيان جو پويون حصو صحيح آهي، مگر محمد بن قاسم بابت سندس ريمارڪ غلط آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ اها ڏندڪٿا بيروني کي مقامي ماڻهن کان ملي ۽ ان جي غلطيءَ جو وڏو ثبوت اهو آهي جو خود محمد بن قاسم جي ڏاڏي جو نالو ئي غلط لکيل آهي. محمد بن قاسم جي ڏاڏي جو نالو "محمد" هو ۽ نہ "منبہ". ممڪن آهي تہ بت جي اها توهين "بنو منبہ" گهراڻي جي حاڪمن مان ڪنهن ڪئي هجي، جي قرمطين کان اڳ واري زماني ۾ ملتان جا حاڪم هئا ۽ تہ "منبہ" جي نالي مان اهوئي گمان نڪري ٿو. محمد بن قاسم مقامي ماڻهن جي ڌرم جي پوري مخالفت ڪئي هئي. جنهن تي فتحنامي توڙي بلاذري جا ڪيترائي حوالا شاهد آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ خود بيروني کي پوءِ هن غلط روايت جي خبر پئجي وئي، انهيءَ ڪري پنهنجي ٻي تصنيف (ڪتاب الجماهر" (ص 49) ۾ هن طرح لکيائين تہ: "محمد بن قاسم ان بت کي صلح ۽ پلائي خاطر اٿين جو اٿين ڇڏي ڏنو، تان جو جلم بن شيبان ان کي (خليفي) مقتدر بالله جي دؤر قريب ۾ ڀڳو."

جلم بن شيبان مصر جي فاطمي خليفن جو داعي ۽ سپہ سالار هو. جنهن ان دؤر ۾ سنڌ ۽ ملتان تي غلبو حاصل ڪيو. هن سنہ 354هہ ۾ هن بت کي ڀڳو، جيئن تہ مصر جي فاطمي خليفي معز ڏانهن سندس لکيل خط مؤرخ آچر ڏينهن، 19- رمضان سنہ 354هہ مان ظاهر آهي (عمادالدين: عيون الاخبار قلمي نسخہ. بشڪريہ محترم استاد پروفيسر طاهر علي، حال پرنسپال شاهہ عبداللطيف ڪاليج، ميرپورخاص). (ن- ب)

Gul Hayat Institute

252/[240] تياريءَ ۾ سٺ هزار درهم تور خالص چاندي خرچ ٿي آهي.... باقي هڪ سؤ ويهہ هزار درهم تور چاندي.... توکي موڪلڻي آهي: جملي نسخن موجب فتحنامي جي عبارت ائين آهي. اهي لفظ حجاج جي خط جا آهن، جيڪو فتحنامي موجب، محمد بن قاسم کي انهيءَ ڏينهن پهتو جنهن ڏينهن ملتان ۾ کيس خزانو هٿ آيو. انهيءَ جي معنيٰ تہ اجا محمد بن قاسم ملتان وارو خزانو حجاج ڏانهن ڪونہ موڪليو هو.

پانئجي ٿو تہ هن عبارت ۾ خلل آهي. بقول هوڙي والا (ص 100) ائين سمجهڻ عبث آهي تہ ٻن ٽن سالن جي فتحن جي تياريءَ ۾ صرف سٺ هزار درهم چاندي، يعني تہ اٽڪل 15 هزار روپيہ خرچ ٿيا هوندا. (1.هہ). هن باري ۾ بلاذري جو هيٺيون بيان غالباً صحيح آهي، ۽ فتحنامي ۾ محض ڪاتبن جي غلطي سبب انهيءَ ساڳي حقيقت کي ادا ڪرڻ ۾ ڀُلَ ٿي آهي. بلاذري لکي ٿو تہ: ”حجاج حساب لڳايو تہ ڏنائين تہ محمد بن قاسم (جي حملي) تي سٺ هزار هزار درهم خرچ ڪيو هئائين، ۽ کيس هڪ سؤ ويهہ هزار هزار (محمد بن قاسم طرفان) پهچي چڪا هئا. انهيءَ تي چيائين تہ: اسان پنهنجي ڪاوڙ ٺاري، بدلو ورتو، ۽ سٺ هزار هزار درهمن ۽ ڏاهر جي سر جو اضافو ڪيو.“ (فتوح البلدان، ص 440). فتحنامي جي عبارت ۾ ٻنهي جاين تي ”هزار هزار“ جي بدران صرف ”هزار“ لکيو ويو آهي جو غالباً ڪاتب جي غلطي آهي. بلاذري جي عبارت مان ظاهر آهي تہ محمد بن قاسم جي فتحن تي جملي 6 ڪروڙ درهم خرچ ٿيو ۽ 12 ڪروڙ درهم محمد بن قاسم طرفان شاهي خزاني ۾ پهتا. (ن- ب)

253/[241] اشهار ۽ ڪرور: فتحنامي ۾ هن صفحي تي توڙي هن کان اڳ ص [37,15] تي هنن ٻنهي شهرن جا نالا گڏوگڏ ڏنل آهن، جنهن مان پانئجي ٿو تہ اهي ٻئي شهر ساڳئي طرف ۽ هڪٻئي کي ويجها هئا. ”ڪرور“ جو نالو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. ”ڪرور پڪا“ ملتان ضلعي جي تعلقي لوڌران ۾، لوڌران اسٽيشن کان 24 ميل اوپر طرف واقع آهي. (ن- ب)

254/[242] اوڏاپر: مختلف نسخن جي پڙهڻين مطابق ”اوردهاپر“ يا ”اودهافر“. مير معصوم (تاريخ معصومي ص 28) نہ معلوم ڪهڙي بنياد تي هن شهر کي ”ديبالپور“ ڪري لکيو آهي. هوڙي والا ڄاڻايو آهي تہ ميجر راورٽي جي خيال ۾ فتحنامي جو ”اوڏاپر“ يقيني طور اديپور (Odipur) آهي جو الوان (Alwana) کان 14 ميل ڏکڻ طرف ”گهگهر“ جي ڪناري تي آهي. ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا واري پڻ راورٽي جي اها راءِ اختيار ڪئي آهي، مگر هيءُ نالو بلڪل مبهم آهي ۽ ان جي جڳهہ متعين ڪرڻ مشڪل آهي. (هوڙي والا، ص 100).

242/254] راءِ هرچند [پٽ] جهتل: فتحنامي جي بيان موجب راءِ هرچندر، محمد بن قاسم جي فتحن وقت قنوج جو راجا هو. نالن جي مناسبت جي لحاظ سان "هر چندر" کي "هرشا" سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. مگر فتوج جو مشهور راجا هرشا سنڌ ۾ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت کان اڳ گذاري ويو هو. هيءُ راهرچنر قنوج جو ڪو ٻيو راجا هو جو شايد هرشا بعد حڪمران ٿيو. (ن - ب)

258-255/[243-247] محمد بن قاسم کي دارالخلافت جو پروانو پهچڻ... چڱيءَ جو ٻيو پيرو گفتگو: هن صفحن تي پنجن مختلف عنوانن هيٺ جيڪا حڪايت محمد بن قاسم جي گرفتاري ۽ موت بابت ڏنل آهي، سا محض هڪ ڏند ڪٿا آهي، جنهن جو آڳاٽن تاريخي ڪتابن ۾ ذري جيترو بہ ذڪر ڪونهي. البت پوئين دؤر جي مصنفن، فتحنامي جي هن افساني کي بنا سوچ سمجهہ جي پنهنجي ڪتابن ۾ داخل ڪيو ۽ انهيءَ ڪري نظام الدين بخشي جي "طبقات اڪبري"، مير معصوم جي "تاريخ معصومي" ۽ مير علي شير قانع جي "تحفة الڪرام" ذريعي هن جڙتو افساني جي وڏيڪ اشاعت ٿي آهي.

هن حڪايت جا هيٺيان اندروني سقم ئي ثابت ڪن ٿا تہ هيءُ محض هڪ افسانو آهي. جنهن جو بنياد محمد بن قاسم بابت ٻڌل مقامي ڏندڪٿائن تي رکيل آهي:

(1) پهريون تہ ص 255/[243] تي هن افساني کي تاريخي رنگ ڏيڻ لاءِ ان کي ٻن راوين، محمد بن علي ۽ ابوالحسن مدائني ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. هنن نالن کي پڙهندي گمان ٿئي ٿو تہ شايد اهو هڪ نالو "علي بن محمد ابوالحسن مدائني" هجي جو مدائني جو سچو نالو آهي. مگر فتحنامي جي جملي نسخن ۾ اهي بہ جدا نالا ڏنل آهن، ۽ ان کان سواءِ "علي بن محمد" کي "محمد بن علي" ڪري لکڻ کي ڪاتبن جي غلطي طرف منسوب ڪرڻ قياس ويجهو ناهي. جيئن تہ ابوالحسن مدائني هڪ نهايت معتبر راوي آهي. جنهن جون فتحنامي ۾ ڏنل ٻيون سڀ روايتون تاريخ جي ڪسوٽي تي پرکي سگهجن ٿيون، انهيءَ ڪري جنهن شخص هي ڏنل ڪٿا فتحنامي ۾ شامل ڪئي آهي تنهن غالباً عمداً ۽ ارادتاًن کي فقط ابوالحسن مدائني ڏانهن منسوب ڪرڻ جي بدلي ساڻس گڏ محمد بن علي نالي ٻئي هڪ گمنام راوي کي پڻ شامل ڪيو آهي.

(2) ٻيو تہ ص 255/[243] تي ڄاڻايل آهي تہ "راجا ڏاهر جي قتل ٿيڻ وقت سندس حرمسراءِ مان هن جون بہ ڪنواريون ڌيئريون گرفتار ٿي آيون هيون." فتحنامي جي اڳئين بيان مان ثابت آهي تہ راجا ڏاهر راوَڙ جي قلعي وٽ قتل ٿيو ۽ اتي بہ صرف سندس زال لاڏيءَ جي گرفتاري جو قصو ڏنل آهي ۽ نہ سندس ٻن ڌيئرن جي گرفتاري جو. البت ڏاهر جي ٻن ڌيئرن ۽ لاڏيءَ جي گرفتاري جو

قصو صفحي 302/[207]، تي برهمڻ آباد جي فتح وقت بيان ٿيل آهي ۽ مٿي صفحي 332 تي ڏنل نوٽ ۾ انهيءَ متضاد ۽ غير معتبر بيان تي تبصرو ڪيو ويو آهي. ظاهر آهي ته ڏاهر جي ڌيئرن بابت خود فتحنامي جا بيان هڪٻئي جي مخالف آهن ۽ هن قصي کي غير معتبر ثابت ڪن ٿا.

(3) ٽيون ته ساڳئي ص 255/[263] تي ڄاڻايل آهي ته محمد بن قاسم اهي ڏاهر جون ٻه ڌيئرون "حبشي غلامن هٿان بغداد ڏانهن دارالخلافت جي درگاهه ۾ موڪلي ڏنيون هيون." مگر محمد بن قاسم جي فتحن وقت بغداد جو شهر اڃا وجود ۾ ئي ڪونه هو، بلڪ چاليهن ورهين کان به پوءِ ٻڌو ويو. ان وقت دارالخلافت دمشق هو. هن بنيادي تاريخي غلطيءَ مان صاف ظاهر آهي ته هيءُ هڪ من گهڙت افسانو آهي، جو گهڻو پوءِ قصي طور ايجاد ڪري فتحنامي ۾ شامل ڪيو ويو.

(4) چوٿون ته ص 257-256/[245-244] تي ڄاڻايل آهي ته محمد بن قاسم کي هتي ئي ڪچي کل ۾ ويڙهي صندوق ۾ بند ڪري ڪٽي ويا ۽ خليفي وٽ ان جو لاش پهتو. معتبر عربي تاريخون هن بيان جي واضح طور ترديد ڪن ٿيون.

(5) پنجون ته ص 258/[247] تي ڄاڻايل آهي ته خليفي کي جڏهن ڏاهر جي ڌيئرن جي ڪوڙ ۽ مڪر جي خبر پيئي تڏهن کين جيئرو پٽ ۾ لنبائي ڇڏيائين. هيءُ هڪ اهڙو واقعو آهي جو جيڪڏهن سچو هجي ها ته عربي تاريخن ۾ ان جو ذڪر هجي ها، مگر اهڙو ڪو اشارو به موجود ڪونهي.

اهي مٿيان اندروني سقم ئي هن سڄي بيان کي هڪ جڙتو ۽ من گهڙت افسانو ثابت ڪن ٿا. معتبر عربي تاريخن مطابق محمد بن قاسم جي دردناڪ پڇاڙي ۽ وفات جي حقيقت هيٺينءَ طرح آهي ۽ اها ڪلي طور هن جڙتو افساني جي ترديد ڪري ٿي:

خليفي وليد جي وقت ۾ حجاج جي طاقت جو اوج هو. انهيءَ عرصي ۾ حجاج جي اختيار ڪيل پاليسي سبب: (1) ڪي خاص ماڻهو حجاج جي دشمنيءَ جو شڪار بنيا. خليفي وليد جي وفات بعد اهي ماڻهو نئين خليفي سليمان جا خاص صلاحڪار ۽ وڏا آفيسر بنيا ۽ انهن حجاج جي عزيزن ۽ خاص ماڻهن کان حجاج جا بدلا ورتا. محمد بن قاسم به انهيءَ بدلي جو شڪار بنيو. (2) ٻيو ته انهن خاص شخصن سان جڏهن حجاج جي دشمني ٿي ته انهن وڃي خليفي وليد جي ڀاءُ ۽ وليعهد سليمان وٽ پناهه ورتي، جنهن ڪري حجاج ذاتي طور سليمان جو دشمن ٿي بيٺو. پوءِ سليمان جڏهن خليفو ٿيو، تڏهن حجاج واري ذاتي عداوت سبب هن پنهنجي مکيه صلاحڪارن جي

پاليسيءَ جي پنيرائي ڪئي، جنهن موجب حجاج جو بدلو سندس عزيزن ۽ خاص ماڻهن ڪان ورتو ويو جن ۾ محمد بن قاسم اول نمبر هو. (3) وليعهد سليمان سان ذاتي عداوت هئڻ سبب حجاج ساڻس سياسي عداوت ڪئي ۽ خليفي وليد جي انهيءَ تجويز کي زور وٺايو، جنهن موجب سليمان کي وليعهد جي درجي تان هٽائي خليفي وليد جي پٽ عبدالعزيز کي وليعهد بنايو ويو. حجاج جي انهيءَ سياسي عداوت جو بدلو سليمان خليفي بنجڻ بعد سندس عزيزن ۽ خاص ماڻهن، خصوصاً محمد بن قاسم کان ورتو. حجاج جون اهي دشمنيون ۽ مرڪزي سياست ۾ آيل تبديل ئي محمد بن قاسم جي گرفتاري ۽ دردناڪ پڄاڻي جا خاص سبب هئا. جن تي هيٺ معتبر تاريخي حوالن ذريعي روشني وڌي وڃي ٿي:

(1) حجاج جي مهلب جي پٽن سان دشمني: سنہ 75 ھ ۾ خليفي عبدالملڪ، حجاج کي پنهنجو خاص آفيسر ڪري مقرر ڪيو ۽ حجاج پوري جبر ۽ تشدد سان حڪومت جي مخالفن کي ختم ڪيو ۽ فسادن جي پاڙ پٽي ڪڍي. مگر سنہ 81ھ ۾ خود حڪومت جي هڪ آفيسر ۽ حجاج جي زيردست، عبدالرحمان بن محمد بن الاشعث، بغاوت ڪئي. ابن الاشعث مشرقي محاذ جو ڪمانڊر هو ۽ سيستان طرف فتحون حاصل ڪيون هئائين. بصره، فارس، ڪرمان ۽ سيستان جو انتظام بہ سندس هٿ هيٺ هو(1). ابن الاشعث جي بغاوت، حجاج کي خود حڪومت جي طاقتور آفيسرن کان بدظن ڪيو. ان وقت حڪومت جو پيو ڪامياب ڪمانڊر مهلب ابن ابي صفرا ؒ ِ هو. مهلب پاڻ حڪومت جو نهايت وفادار آفيسر هو، مگر حجاج کي سندس پٽن کان خدشو پيدا ٿيو ڇاڪاڻ تہ اهي سڀيئي شينهن مڙس هئا ۽ سندس اثر ۽ رسوخ، همت ۽ مردانگيءَ جون حجاج وٽ خاص خبرون پهتل هيون(2). خصوصاًمهلب جي پٽ يزيد جي اثر ۽ رسوخ، طاقت ۽ غرور بابت حجاج کي معلوم ٿي چڪو هو(3). بلڪ ستارن جو حساب لڳائي ڪن ڪيس ٻڌايو هو تہ يزيد نالي شخص ئي تنهنجو جاءِ نشين ٿيندو(4). انهيءَ ڪري حجاج ويتر يزيد بن مهلب کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳو(5).

يزيد جي پيءُ مهلب جو خليفي عبدالملڪ وٽ وڏو قدر هو، انهيءَ ڪري سندس حياتيءَ ۾ حجاج ڪوبہ قدم کڻي نٿي سگهيو. مهلب 82ھ ۾ وفات ڪئي، مگر ان وقت ابن الاشعث جي بغاوت زور هئي ۽ حجاج ان جي دفع ڪرڻ ۾ مشغول هو، انهيءَ ڪري يزيد کي سندس پيءُ مهلب جي جاءِ تي خراسان جو گورنر مقرر ڪيائين. مگر سنہ 85 ھ ۾ ابن الاشعث جو خاتمو ٿيو ۽ حجاج، يزيد کي خراسان جي گورنري تان معزول ڪيو.(1) يزيد هٽائي وڃي خليفي عبدالملڪ جي پٽ سليمان

Gul Hayat Institute

جو سهارو ورتو، ۽ حجاج جڏهين عبدالملڪ ڏانهن يزيد ۽ سندس پائرن خلاف لکيو ته انهن بيت المال جي رقمن ۾ خيانت ڪئي آهي، ۽ انهيءَ باري ۾ مسلسل لکندو رهيو تڏهن خليفي ڏانهس لکيو ته هو وجي سليمان سان پيڙا ٿيا آهن. انهيءَ ڪري سندن پچر ڇڏي ڏي.(2)

---

❊ "بهار" هڪ ماڻ جو نالو آهي، مگر ان جي وزن متعلق اختلاف راءِ آهي. جواليقي جي بيان موجب هڪ بهار سون يا چاندي جي ٽن قناطيرن جي برابر آهي، ۽ هرهڪ قناطير هڪ سؤ رطل جي برابر آهي. مگر الفراءِ ۽ ابن الاعرابي جي راءِ موجب "بهار" عربن وٽ ٽن سون رطلن جي برابر آهي. (ڪتاب المعرب ص 27). تاج العروس (ماده: بهر) جي مصنف پڻ "بهار" جي معنيٰ لکندي ساڳيو جواليقي وارو بيان نقل ڪيو آهي. خفاجي لکي ٿو ته "بهار" هڪ ماڻ آهي جو ٽن قناطيرن جي برابر آهي ۽ ڪي چون ٿا ته ٽن سوَنَ رطلن جي برابر آهي." (شفاءَ العليل ص 43)

(1) ابن الاثير 4x226

(2) ابن خلدون 54x3

(3) ابن خلڪان، انگريزي ترجمو III/515-16

(4) ساڳيو IV/164

(5) ابن خلڪان، عربي متن 265x2، انگريزي ترجمو IV/64

(1) طبري 1138x2

(2) طبري 1212-16x2

Gul Hayat Institute

پر جيئن تہ صالح کي محمد بن قاسم ۽ ٻين کي سخت عذاب ڏئي ڇيچلائي مارڻو هو. انهيءَ کري واسط جي هن هيبتناڪ قيدخاني ۾ ئي محمد بن قاسم پنهنجي همت ۽ حوصلو قائم رکندي، صبر ۽ شڪر سان پنهنجي جان بحق تسليم ڪئي. قرائن مان چئي سگهجي ٿو تہ اهو المناڪ حادثو سنہ 96ھ/715ع جي پوئين اڌ ۾ واقع ٿيو. بهرحال محمد بن قاسم جي اها دردناڪ پڇاڙي مرڪزي سياست ۾ آيل ڦيري ۽ نون حڪمرانن جي ٻي انتها انتقامي جذبي سببان ٿي جنهن جو ڏاهر جي ڌيئرن واري منگهڙت افساني سان ڪوبہ تعلق ڪونہ هو. (ن- ب)

259/[247] مخلص ڪتاب: منهاج الدين..... عين الملڪ: متن ص259 جي حاشيہ-1 ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي تہ هي سڄو عنوان آهي، ۽ نسخي ن ۾ بہ اهو سڄو فقرو عنوان طور ڏنل آهي. مگر فارسي ڇاپي [ص247 ]۾ هن سڄي فقري جي بدلي محض ”مخلص ڪتاب“ کي عنوان طور ڏنو ويو آهي، جنهن ڪري هيٺين عبارت ۾ مونجهارو پيدا ٿيو آهي ۽ انهيءَ ڪري فاضل ايڊيٽر هن سڄي فصل کي ”مضطرب ۽ مخرب“ قرار ڏنو آهي.

ٻيو تہ هن عنوان هيٺ، فارسي مترجم علي ڪوفي هن پنهنجي فارسي ۾ ترجمي ڪيل ڪتاب لاءِ جو نالو لقب طور انتخاب ڪيو آهي، ان جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ اصل ڪتاب جو عربيءَ ۾ هو، تنهن ڏانهن اشارو ڪيو آهي، ۽ ان کي فارسي زبان جي رنگين عبارت ۾ ترجمي ڪرڻ جي ضرورت بيان ڪئي آهي. انهيءَ ڪري ظاهراً هن عنوان جي مراد آهي ”مخلص ڪتاب فلان“. انهيءَ لحاظ سان ”منهاج الدين و الملڪ، الحضرهِ الصدر الاجل العالم عين الملڪ“ باوجود ڊيگهہ جي هن فارسي ترجمي جو مترجم طرفان انتخاب ڪيل لقب آهي. فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر هن لقب جي پوئين حصي يعني ”الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملڪ“ کي هيٺين عبارت ۾ اضافي سمجهي متن مان خارج ڪري ڇڏيو آهي، حالانڪ سڀني نسخن ۾ اهو سڄو لقب موجود آهي.

ڪتاب جي جملي قلمي نسخن ۾ هن عنوان واري فقري جو شروع وارو لفظ ”منهاج الدين“ جي بدران ”سما ◌ِ الدين“ ڏنو ويو آهي. مگر هن عنوان جي هيٺ جا عبارت آهي، ان ۾ جملي قلمي نسخن مطابق اهو شروع وارو لفظ ”منهاج الدين“ آهي، انهيءَ ڪري اسان انهيءَ هيٺين صاف عبارت جي بنياد تي عنوان ۾ پڻ ”سما ◌ِ الدين“ جي بدران ”منهاج الدين“ کي ترجيح ڏيئي رکيو آهي. برٽش ميوزيم جي قلمي نسخن ۾ ”منهاج الدين“ ۽ ”منهاج الدين والملڪ“ پڙهڻين جي بناٍّ تي ريو (Rieu) هن ڪتاب جا اهي ئي نالا تسليم ڪري ٿو (ڏسو فهرست ريو، جلد 3 ص 949-435 No)

Gul Hayat Institute

ٻيو تہ هن عنوان واري فقري جو آخري لفظ، ڪتاب جي انهن قلمي نسخن مطابق جي فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر جي زير مطالعي هئا، ”عين الملڪ“ جي بدران ”علا ء الملڪ“ آهي (ڏسو فارسي ڇاپو، ص 247، حاشيہ 15) مگر فاضل ايڊيٽر ”علا ء الملڪ“ جي بدران ”عين الملڪ“ پڙهڻي کي قياس ويجهو سمجهي اها پڙهڻي اختيار ڪئي آهي. نسخي ن جي پڙهڻي صاف طور ”عين الملڪ“ ئي آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان پڻ انهيءَ پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي. پڪ سان چئي سگهجي ٿو ”عين الملڪ“ اصلي ۽ صحيح پڙهڻي آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪتاب جي شروع ۾ ص 59-58 تي [11-12] تي مترجم علي ڪوفي هن پنهنجي ترجمي ٿيل ڪتاب کي پنهنجي مربين، هرهڪ مرحوم وزير شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪر بن محمدالاشعري ۽ سندس زندهہ فرزند وزير عين الملڪ فخرالدين حسين بن ابي بڪر الاشعري، ڏانهن منسوب ڪيو آهي. ڪتاب جي ترجمي پوري ڪرڻ وقت وري ڪو خيال آيس، جو هن ترجمي کي پنهنجي زنده مربي وزير ”عين الملڪ“ جي خوشنودي خاطر سندس نالي پويان ”منهاج الدين و الملڪ، الحضرہِ الصدر الاجل العالم عين الملڪ“ جو لقب ڏنائين.

هت اهو نقطو سمجهڻ ضروري آهي تہ ”منهاج الدين.... عين الملڪ“ ڪتاب جو ”لقب“ آهي ۽ نہ نالو. خود مترجم اصلي فارسي متن [ص247 ] ۾ ”ملقب است“ جا الفاظ استعمال ڪيا آهن ۽ نہ ”مسميٰ است“. ٻيو تہ هن لقب ۾ مترجم جي مربي وزير عين الملڪ جو خطاب ڪم آندل آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ هيءُ لقب خود مترجم پنهنجي هن ڪيل فارسي ترجمي لاءِ ايجاد ڪيو آهي ۽ اهو ڪو هن ڪتاب جو اصل لقب ڪونهي.

مترجم طرفان سندس ترجمي لاءِ ايڏو ڊگهو لقب جو ”منهاج الدين و الملڪ“ جهڙن وڏن لفظن سان شروع ٿئي ٿو، البت تعجب خيز آهي. پر مٿي ص 261 تي، نوٽ ص56/[9] هيٺ، هن حقيقت طرف اشارو ڪيو ويو آهي تہ مترجم جي ذهن ۾ اهڙن لقبن جو، جن جي آخر ۾ ”دين“ هجي، تن جو وڏو چلامان هو. انهيءَ ڪري مترجم هر موقعي تي پنهنجي طرفان انهيءَ قسم جا لقب استعمال ڪيا. تنهن ڪري محمد بن قاسم لاءِ ”عما ء الدين“ ۽ ”ڪرم الدين“ جا لقب ايجاد ڪيائين، حالانڪ محمد بن قاسم جو ڪنيہ ”ابوالبهار“ هو، جنهن کان مترجم بيخبر هو. ساڳيءَ طرح ص [12] تي مترجم نبي ﷺ جي اصحابي حضرت ابوموسيٰ الاشعري رضہ لاءِ ”ڪريم الدين“ جو لقب استعمال ڪيو آهي، ص[235] تي محمد بن قاسم طرفان مقرر ڪيل قاضي موسيٰ بن يعقوب لاءِ ”برهان الملة و الدين“ جو لقب اختيار ڪيو اٿس، ۽ ص [9] تي هن قاضي جي اولاد مان

Gul Hayat Institute

قاضي اسماعيل لاءِ ”كمال الملة و الدين“ جو لقب آندو اٿس. سندس لقب بازيءَ جي انهيءَ شغف ۽ شوق، مترجم علي ڪوفي ڪي هن پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ پڻ ”منهاج الدين و الملڪ، الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملڪ“ جهڙي ڊگهي لقب ايجاد ڪرڻ تي آماده ڪيو، جنهن ۾ عام مروج لقبن واري خوبي توڙي سندس مربي وزير عين الملڪ جي خوشنودي، ٻئي سمايل هيون. (ن- ب)

## 1- ڪتابن جي نالن جي فهرست

”اشارن ۽ واڌارن“ ۽ متن جي حاشين ۾ جن ڪتابن جا حوالا مصحح (ن-ب) طرفان ڏنل آهن، تن جا سڄا نالا الف- بي وار ترتيب موجب هن فهرست ۾ ڏنا ويا آهن. جهڙيءَ طرح سان حاشين ۾ ڪتاب جو حوالو، مصنف يا ڪتاب جي نالي سان ڏنو ويو آهي، اهڙيءَ طرح فهرست ۾ بہ ان جي شروعات ڪئي وئي آهي. اڪثر ڪتابن جي شروعات مصنفن جي نالن سان ڪئي وئي آهي، وڌيڪ سڃاڻپ خاطر هر عربي ڪتاب آڏو ”ع“، فارسي ڪتاب آڏو ”ف“ ۽ انگريزي ڪتاب آڏو ”گ“ جون نشانيون قائم ڪيون ويون آهن. انگريزي ڪتابن جا نالا فهرست ۾ ترجمو ڪري رکيا ويا آهن. (ن-ب)

| | | |
|---|---|---|
| ع | .1 | الاغاني:ڪتاب الاغاني، قاهره 1323هـ. |
| ع | .2 | الامدي: المؤتلف و المختلف، تصحيح ”سالم ڪرنڪوي“ (Krenkow) ، قاهره. |
| ع | .3 | الاخبار الطوال، مطبع بريل، ليبن (هاليند) 1888ع. |
| ع | .4 | ابن الاثير، ڪتاب الڪامل في التاريخ، مطبع بولاق. |
| ف | .5 | ابن حامد ڪرماني: تاريخ ڪرمان ”عقدالعلي للموقف الاعلیٰ“ طهران 1311 شمسي. |
| ع | .6 | ابن حجر عسقلاني: ڪتاب الاصابة في تمييزالصحابة، ٽن جلدن ۾، قاهره 1328هـ. |
| ع | .7 | ابن حزم: جمهرة انساب العرب، قاهره 1948ع. |

Gul Hayat Institute

ع 8. ابن حوقل: كتاب المسالک و الممالک، مطبع بريل، ليدن 1872ع.

ع 9. ابن خردازبہ: کتاب المالسک والممالک، ليدن.

ع 10. ابن خلدون: تاريخ- کتاب العبر- الخ، قاھرہ 1284ھ.

ع 11. ابن خلکان: وفيات الاعيان، عربي متن، المطبعةالميمنية، قاھرہ 1310 ھ. (2) انگريزي ترجمو دِسلين (Da Slane)، پئرس- لنڊن، 71-1843ع.

ع 12 ابن دريد: کتاب الاشتقاق،غوتنجن، جرمني 1854ع.

ع 13 ابن رستہ: کتاب الاعلاق النفيسة، ليدن 1904ع.

ع 14 ابن عبدربہ: العقد الفريد، قاھرہ 1302 ھ.

ع 15 ابن عساکر: التاريخ الکبير، دمشق 1332 ھ.

ع 16 ابن قتيبة: طبقات الشعر والشعراءٌ، ليدن، 1904.

ع 17 ابن قتيبة: عيون الاخبار، دارالکتب، قاھرہ 1925ع.

ع 18 ابن قتيبة: کتاب المعارف، غوتنجن 1850ع.

ع 19 ابن الوردي: خريدة العجائب، قاھرہ، 1285 ھ.

ع 20 ابوحيان التوحيدي: کتاب الامتاع و المؤانسہ، قاھرہ 1942ع.

ع 21 ابوزيد: کتاب النوادر، طبع بيروت.

ع 22 ابو علي القالي: (1) کتاب الامالي، ۽ (2) ذيل الامالي، طبع دارالکتب، قاھرہ.


Gul Hayat Institute

گ 23 اسلامڪ ڪلچر (مخزن)، حيدرآباد دڪن: مقالات

نبي بخش خان بلوچ

1. ”هندستان تي اوائلي عرب حملن جو سن تاريخ“، ماهہ جولاءِ 1946ع.

2. ”ديبل جو ممڪن محل وقوع“، ماهہ جولاءِ 1952ع.

3. ”محمد بن قاسم جي خاندان ۽ شخصيت جو مطالعو“، ماهہ آڪٽوبر 1953ع.

ع 24 الاصطخري: ڪتاب مسالڪ الممالڪ، لنڊن 1870ع.

گ 25 امپيريئل گزيٽيئر آف انڊيا، جلد 14، لنڊن 1908ع.

گ 26 ايليٽ ۽ ڊائوسن: هندستان جي تاريخ، مقامي مؤرخن جي زباني، جلد اول، لنڊن 1867ع.

ع 27 بخاري: التاريخ الڪبير، حيدرآباد دڪن، 1361 هہ/1942ع.

ع 28 البد[illegible]ِ والتاريخ، تصنيف: ابو زيد البلخي، پئرس 1907ع.

ع 29 بلاذري، احمد بن يحييٰ: انساب الاشراف (1) جلد 4-5، طبع جيروسلم (2) جلد-11 عڪس، طبع يورپ.

ع 30 بلاذري، فتوح البلدان (1) طبع ليڊن 1866ع. (2) طبع قاهره، 1350 هہ/1932ع.

ع .31 بيروني: ڪتاب الهند، (1) عربي متن: تصحيح سخاؤ، (2)انگريزي ترجمو: سخاؤ، لنڊن 1888ع.

Gul Hayat Institute

ع 32. بيروني: كتاب الجماهر في معرفة الجواهر، دائرةالمعارف، حيدرآباد دكن، 1355 هه.

گ 33. پوستنس، ڪئپٽن: سنڌ بابت ذاتي رايا، لندن 1943ع.

ع 34. تاج العروس، مشهور عربي لغت، طبع قاهره.

ف 35. تاريخ بيهق، تصنيف بيهقي معروف بابن فندق، طهران 1317 شمسي.

ف 36. تاريخ گزيده، حمدالله مستوفي، گب ميموريل، لندن.

ف 37. تاريخ نامہ هرات، تاليف هروي، ڪلڪته 1943ع.

ع 38. تقي الدين حموي، ثمرات الاوراق فيما طاب من نوادر الادب وراق، قاهره 1302 هه.

ف 39. تحفة الڪرام، جلد 3، مطبع ناصري، دهلي.

ع 40. جاحظ: رسالة في بني اميه (مطبوعہ في آخر"ڪتاب النزاع و التخاصم" للمقريزي)، قاهره.

ع 41. جاحظ: ڪتاب البيان و التبيننن، قاهره 1245/ 1926ع.

ع 42. جاحظ: ڪتاب الحيوان، قاهره 1324هه/1906ع.

ع 43. الجهشياري: ڪتاب الوزرا ءِ والڪتاب، قاهره 1938ع.

ع 44. جواليقي: ڪتاب المعرب من الڪلام الاعجمي عليٰ حروف المعجم، ليزگ 1867ع.

Gul Hayat Institute

ع 45. حافظ عبدالغني: كتاب مشتبه النسبة، الله آباد، 1327هه.
ف 46. حدود العالم من المشرق اِلي المغرب، طهران 1352 شمسي.
ع 47. حرير: دُرة الغواص، مطبع الجوائب، استنبول 1299هه.
ع 48. حمزه اصفهاني:سني ملوک الارض والانبيا ءِ، كاوياني پريس، برلن.
ع 49. خطيب تبريزي: كتاب تهذيب الاالفاظ، بيروت 1895ع.
ع 50. الخفاجي: شرح درهِ الغواص، مطبع الجوائب، استنبول، 1299هه.
ع 51. الخفاجي: شفا ءِ العليل فيما في كلام العرب من الدخيل، قاهره 1282هه.
ع 52. الدميري: حياةِ الحيوان، قاهره 1319هه.
ع 53. ديوان رؤبة بن العجاج، برلن 1403ع.
ع 54. ديوان عامر بن طفيل، گب ميموريل، لندن.
ع 55. ديوان فرزدق، (1) طبع پئرس 1870ع (2) طبع قاهره 1354هه/1936 (3) طبع ميونچ 1900ع.
گ 56. ڊان اخبار، كراچي مؤرخه 29-اپريل 1951ع.
گ 57. راورٽي: سنڌ جو مهراڻ ۽ ان جون شاخون، جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بينگال، كلكته 1882ع.
گ 58. ري: اتر- اولهه هندستان جي گهراڻي وار تاريخ، كلكته 1936ع.
ع 59. سمعاني: كتاب الانساب، گب ميموريل، لندن.

Gul Hayat Institute

ع 60. سمط اللالي، صنع عبدالعزيز الميمني، قاهره 1354هه/1936ع

ع 61. سيوطي جلال الدين: تاريخ الخلفا ، مطبع منيريہ، قاهره 1351ع.

گ 62. سيوطي جلال الدين: كشف الصلصلة عن وصف الزلزلة، انگريزي ترجمو: اي.سپرنگر، جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بينگال، سال 1843ع.

ع 63. شذارت الذهب في اخبار من ذهب، تاليف ابن عماد الحنبلي، قاهره 1931/1350ع.

ع 64. طبري، ابوجعفر محمد بن جرير: تاريخ الرسل و الملوڪ، مطبع بريل، ليدن.

ع 65. طبري، ابوجعفر محمدبن جرير: ذيل المذيل من تاريخ الصحابہ والتابعين، تاريخ طبري جلد-3 جي آخر ۾ ڇپيل، ليدن.

ع 66. العسڪري: ديوان المعالي، قاهره 1352هه.

ع 67. عمادالدين: عيون الاخبار (قلمي).

ع 68. عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب، تاليف احمد بن علي الداؤدي، بمبئي 1318هه.

ع 69. العيون و الحدائق في اخبار الحقائق، ليدن 1865ع.

گ 70. فرشة: تاريخ فرشة، انگريزي ترجمہ، برگس.

ع 71. قدامة بن جعفر: ڪتاب الخراج، مطبع بريل، ليدن.

ع 72. قلادہِ النهر في وفيات اعيان الدهر، (قلمي نسخو ڪتبخانو پير جهندو).

ع 73. قلقشندي: صنح الاعشي، مطبعة اميريہ، قاهره.

ع 74. الڪتبي: فوات الوفيات، قاهره 1299/1283 هه.


Gul Hayat Institute

گ 75. ڪزنس هينري: سنڌ جا آثار قديم، ڪلڪته 1929ع.

ع 76. ڪننگهام: هندستان جي قديم جاگرافي، ڪلڪته 1924ع.

گ 77. لانگورٿ، ڊيمس: بلوچ قوم، رايل ايشياٽڪ سوسائٽي، لنڊن 1934ع.

ع 78. اللسان: لسان العرب، مشهور عربي لغت، طبع قاهره.

ع 79. المبرد: الڪامل في الادب، ليزگ 1864ع.

ف 80. مجمل التواويخ و القصص، طهران، 1318 شمسي.

ع 81. المحاسن و المساوي، تصنيف البيهقي، قاهره 1325هه/1906ع.

ع 82. محاضرات راغب اصفهاني، قاهره 1282هه.

ف 83. محب الله بڪري: تاريخ سنڌ (قلمي نسخه مولانا محمدابراهيم ڳڙهي ياسيني).

ع 84. محمد بن حبيب: ڪتاب المحبر، حيدرآباد دکن.

ع 85. مرزباني: معجم الشعرا □□ِ، تصحيح ”سالم ڪرنڪوي“، قاهره 1354هه.

ع 86. المسعودي: التنبيهه والاشراف، ليدن، 1894ع.

ع 87. المسعودي: مروج الذهب، پئرس ڇاپو.

ع 88. معصومي: تاريخ معصومي، تاليف ميرمحمد معصوم، تصحيح شمس العلما □□ِ ع.م.دائود پوٽو، بمبئي 1938ع.


Gul Hayat Institute

ع 89. مقدسي: احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم، ليدن 1877ع.

ع 90. مقدسي، محمد بن طاهر: جمع بين رجال الصحيحين، حيدرآباد دکن، 1223هه.

گ 91. مقدمه جوامع الحكايات، ڊاڪٽر نظام الدين، لنڊن 1939ع.

ع 92. منقري، نصر بن مزاحم: كتاب الصفين، طهران.

گ 93. مونير-وليم: سنسڪرت- انگلش ڊڪشنري، آڪسفورڊ 1899ع.

ع 94. نقائض جرير والفرزدق، ليدن 12-1908ع.

ع 95. النويري: نهاية الارب، دارالكتب، قاهره.

ع 96. همداني، ابن الفقيه: كتاب البلدان، ليدن، 1885ع.

گ 97. هوڙي والا: هندي-مسلم تاريخ بابت مطالعات، بمبئي 1929ع.

گ 98. هيگ، ميجر جنرل: سنڌو جي دوآبي وارو ملڪ، لنڊن 1894ع.

ع 99. اليعقوبي: تاريخ ابن الواضح اليعقوبي، ليدن 1883ع.

ع 100. ياقوت: ڪتاب المشترک و صفا و المفترق صقعا، غوتنجن، 1845ع.

ع 101. ياقوت: معجم البلدان، ايدٽ: ووستنفيلڊ، ليپزگ.


Gul Hayat Institute

انهيءَ جواب تي حجاج، عبدالملڪ جي باقي عهد ۾ يزيد ۽ سندس ڀائرن جي ڀچر ڇڏي ڏني، مگر جڏهن عبدالملڪ شوال سنه 86 هه ۾ وفات ڪئي ۽ سندس پٽ وليد خليفو ٿيو، تڏهن حجاج کي هٿي ملي وئي ۽ هن يزيد جي ڀاءُ حبيب کي ڪرمان جي گورنري تان معزول ڪيو ۽ سندس ٻئي ڀاءُ عبدالملڪ کي پوليس آفيسري تان معزول ڪيو ۽ ٽنهي ڀائرن کي سنه 86 ۾ گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو.(3) ۽ ڪين قيد ۾ سخت عذاب ڏياريائين.(4) ٽئين سالن جي قيد ۽ عذاب بعد سنه 90 هه ۾ يزيد ۽ سندس ڀائر حجاج جي قيد مان ڀڄي نڪتا ۽ وڃي خليفي وليد جي ڀاءُ ۽ وليعهد سليمان وٽ پناهه ورتائون.(4) حجاج جي اها دشمني ۽ سختي هنن کي وسرڻ جي ڪانه هئي، انهيءَ ڪري جڏهين حجاج مري ويو ۽ خليفو وليد به مري ويو ۽ سندن مربي سليمان خليفو ٿيو، تڏهين يزيد حجاج جو جاءِ نشين مقرر ٿيو ۽ هن حجاج جي دشمني وارو بدلو حجاج جي ساٿين ۽ عزيزن، خصوصاً محمد بن قاسم کان ورتو.

(2) حجاج جي وليعهد سليمان سان ذاتي دشمني: خليفي عبدالملڪ توڙي خليفي وليد جي ڏينهن ۾ سليمان، يزيد بن مهلب ۽ سندس ڀائرن جو حامي ٿي بيٺو ۽ ڪين پنهنجي پناهه ۽ حفاظت ۾ رهايائين، جنهن ڪري حجاج ڪين ڪجهه به نه ڪري سگهيو. انهيءَ ڪري حجاج جي سليمان سان ذاتي عداوت ٿي پئي. وليد جي ڏينهن ۾ حجاج جي طاقت جو اوج هو ۽ انهيءَ ڪري سليمان کي وليعهد هوندي به ڌڙڪي طور لکي موڪليائين ته ”تون ته مس جي هڪ نقطي وانگر آهين، چاهيان ته توکي ڊاهي ڇڏيان، چاهيان ته توکي باقي ر ڪان“(1) حجاج انهيءَ سرڪشي سبب سليمان کي به سور ڏيئي ڇڏيا هئا، مگر سندس خليفي ٿيڻ کان اڳ هو مري چڪو هو. انهيءَ ڪري سليمان پنهنجا سڀ بدلا حجاج جي عزيزن کان ورتا ۽ محمد بن قاسم به انهيءَ عداوت جو شڪار ٿي ويو.

(3) وليعهد سليمان جي خلاف سياسي سازش ۾ حجاج جي شرڪت: خليفي عبدالملڪ پنهنجي وفات کان هڪ سال اڳ سنه 85 هه ۾ ڪانئس پوءِ خلافت جو سلسلو هن طرح مقرر ڪيو ته: اول سندس پٽ وليد خليفو ٿئي ۽ ان بعد سندس ٻيو پٽ سليمان. انهيءَ تي عوام کان به بيعت ورتائين ۽ خود پاڻ پڻ وليد ۽ ان بعد سليمان کي بيعت ڏنائين(1). مگر وليد پنهنجي خلافت جي آخري دؤر ۾ ڪوشش ڪئي ته ڪانئس پوءِ سندس پٽ عبدالعزيز خليفو ٿئي ۽ نه سندس ڀاءُ سليمان. انهيءَ لاءِ اول پنهنجي ڀاءُ سليمان کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪيائين پر جڏهن هن انڪار ڪيو تڏهن حڪومت جي وڏن آفيسرن ۽ گورنرن ڏي لکيائين ته هو سليمان جي بيعت ترڪ ڪري عبدالعزيز جي بيعت ڪن. انهيءَ تي عراق جي وائسراءِ حجاج، خراسان جي ڪمانڊر ۽ گورنر قتيبة بن

Gul Hayat Institute

مسلم ۽ ٻين خاص شخصن سليمان جي بيعت ترڪ ڪري عبدالعزيز جي بيعت ڪئي.(2) انهن ٻين خاص ماڻهن ۾ غالباً آفريقا جو فاتح موسيٰ بن نُصيرَ اللخمي، عبدالله القسري، عبدالرحمان بن حيان المرِي، حجاج جو سؤٽ حڪم بن ايوب ۽ حجاج جي سؤٽ عمر جو پٽ يوسف بن عمر الثقفي شامل هئا. ڇاڪاڻ ته سليمان جڏهين خليفو ٿيو تڏهين انهن مڙني کي گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو ويو ۽ کين سخت عذاب ڏنا ويا.(3) گمان غالب آهي ته حجاج نه صرف پاڻ پنهنجي سر عبدالعزيز بن وليد جي بيعت ڪئي مگر سليمان کي خلافت کان محروم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري طاقت لڳايائين ۽ پنهنجي قبيلي آل ابو عقيل جي سيني معزز شخصن کي سليمان جي بيعت ٽوڙي عبدالعزيز کي بيعت ڏيڻ تي آماده ڪيائين. پنهنجي زيردست آفيسرن ڏانهن پڻ هن اهڙا آرڊر جاري ڪيا. جيئن ته طبري پنهنجي پختہ سند سان هلواث ڪلبي جي زباني روايت نقل ڪئي آهي، جنهن چيو ته: ”اسين محمد بن قاسم سان گڏ هندستان ۾ هئاسون. جو حجاج جو خط پهتو ته سليمان جي بيعت ترڪ ڪريو.“ (1)

جيڪڏهن حجاج ان تحريڪ بعد ڪجھ وڌيڪ عرصو جيئرو رهي ها ته سليمان خلاف گهڻو ڪجھ ڪري ڇڏي ها، ۽ جي هو وليد جي موت تائين زنده رهي ها ته شايد سليمان کي خلافت کان هميشہ لاءِ محروم ڪري ڇڏي ها. مگر حجاج پوءِ جلدئي رمضان مهيني سنه 95 ۾ گذاري ويو، ۽ خليفي وليد جي جڙ سڄي ٻانهن پيجي پئي، جنهن ڪري هو سليمان خلاف هلايل تحريڪ کي ڪامياب نه ڪري سگهيو. پوءِ سگهوئي وليد پڻ جمادي الثاني سنه 96 ۾ وفات ڪئي، ۽ سليمان پنهنجي پيءُ جي ڪيل وصيت ۽ بيعت موجب خليفو ٿيو ۽ هن هاڻي پنهنجي مڙني مخالفن خلاف سختيءَ سان ڪارروايون شروع ڪيون.

سليمان جي خليفي ٿيڻ سان مرڪزي سياست ۾ ڦيرو آيو. حجاج واري جاءِ تي جنهن شخص کي خليفي وليد مقرر ڪيو هو تنهن کي معزول ڪري، سليمان انهيءَ جاءِ تي حجاج جي دشمن ۽ پنهنجي ساٿي يزيد بن مهلب کي عراق جو وائسراءِ مقرر ڪيو. اڳئين خليفي وليد جي سياسي حامين خلاف پڻ ڪارروايون شروع ڪيون ويون. آفريقا جي فاتح موسيٰ بن نصير کي گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو ويو. سرحد چين ۽ ڪاشگر جي فاتح قتيبہ بن مسلم الباهلي جنهن حجاج سان گڏ خليفي وليد جو ساٿ ڏنو هو ۽ وليعهد سليمان جي بيعت ترڪ ڪري عبدالعزيز بن وليد جي بيعت ڪئي، تنهن مرڪزي سياست ۾ آيل ڦيرو ڏسي بغاوت شروع ڪئي، مگر سندس ڪوفي لشڪر ڪانئس ڦري ويو انهيءَ ڪري هو بالاخر شاهي لشڪر هٿان قتل ٿي ويو. عبدالله قسري کي مکي

جي نظامت تان معزول ڪيو ويو. حجاج جي قبيلي آل ابي عقيل جي ماڻهن ۽ حجاج جي عزيزن جي گرفتاري، عذاب، ۽ موت لاءِ خاص اهتمام ڪيا ويا. يزيد بن مهلب جي صلاح سان صالح بن عبدالرحمان نالي شخص کي خليفي سليمان عراق جو روينيو آفيسر خاص انهيءَ لاءِ مقرر ڪيو ته هو آل ابي عقيل جي ماڻهن ۽ حجاج جي واسطيدارن کي گرفتار ڪري قيد ۾ رکي، ۽ کين سخت عذاب ڏيئي ماري پورو ڪري،(1) صالح کي حجاج سان ذاتي دشمني هئي، ڇاڪاڻ ته حجاج، سندس ڀاءُ آدم کي خارجي هئڻ سبب قتل ڪرايو هو.(2) انهيءَ ڪري هو انهيءَ ڪم جي پويان هٿ ڌوئي لڳو.

محمد بن قاسم، حجاج جو عزيز ۽ خاص ماڻهو هو ۽ "فاتح سنڌ" هئڻ سبب آل ابي عقيل جي قبيلي ۾ پڻ برک هو. ان کان سواءِ حجاج ڏانهس سليمان جي بيعت ڇڏڻ ۽ عبدالعزيز بن وليد جي بيعت ڪرڻ لاءِ پڻ لکيو هو.(3) انهيءَ ڪري محمد بن قاسم کي فوراً معزول ڪري سندس جاءِ تي يزيد بن ابي ڪبشة سڪسڪي کي سنڌ جو نئون گورنر مقرر ڪيو ويو. سنڌ جي هن نئين گورنر سان گڏ عراق جي نئين وائسراءِ يزيد بن مهلب جي ڀاءُ معاويه بن مهلب کي خاص طرح محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري وٺي اچڻ لاءِ روانو ڪيو ويو. ان کان سواءِ ساڻن گڏ "عڪ" قبيلي جي هڪ شخص کي محمد بن قاسم جي قيد هئڻ واري حالت ۾ مزيد نگراني لاءِ پڻ موڪليو ويو.(1)

چنچر ڏينهن 13- جمادي الاخر سنہ 96 ھ (23 فبروري سنہ 715 ع) وليد وفات ڪئي هئي(2)۽ انهيءَ ساڳئي ڏينهن سليمان بيعت وٺي(3) حڪومت قبضي ۾ ڪري ورتي. جيئن ته حجاج جي آفيسرن ۽ واسطيدارن کان سليمان کي خدشو هو، انهيءَ ڪري محمد بن قاسم جي معزولي، سنڌ جي نئين گورنر جي تقرري ۽ سندس عملي جي سنڌ ڏانهن روانگي به فوراًانهيءَ تاريخ بعد ٿي هوندي.

فتحنامي جي بيان موجب محمد بن قاسم ان وقت هندستان جي فتح جون تياريون ڪري رهيو هو ۽ قنوج تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ سندس لشڪر اوڏاپر ۾ منزل انداز هو، جو کيس دارالخلافت طرفان سندس معزولي جو حڪم پهتو. محمد بن قاسم هاڻي واپس موٽيو ۽ حڪم جي بجا آوريءَ ۾ نئين گورنر آڏو پاڻ کي پيش ڪيائين، جنهن کيس گرفتار ڪيو. بعد ۾ گرفتاري واري عرصي ۾ محمد بن قاسم هيٺيان شعر چيا، جن مان نئين گورنر ۽ سندس عملي جي اختيار ڪيل پاليسي ۽ محمد بن قاسم جي تاثرات تي روشني پوي ٿي:

-1 أَتنسيُ بنو مروانَ سمعِي وَطاعتِي
وَ إِنِي عليُ ما فانني لصبُورُ
-2 فتحتُ لهمُ مابينَ سابُور بِالقنا
إِلي الهندِ منهمُ زاحِف وَ مغِيرُ
-3 فتحتُ لهمُ مابينَ جرُجانَ بِالقنا
إِليُ الصِينِ ألقيُ مرة وَ أُغِيرُ
-4 لو كنتُ أَجمعتُ القرارَ لوُطِئت
إِناث أُعِدت لِلوَ غيُ وَ ذُكورُ
-5 وَ ما دَخلت خيلُ السكاسِكَ أَرضنا
وَلاَ كانَ مِن عكِ علي أَمِيرُ
-6 وَلاَ كنتَ لِلعبدِ المزُونِي تابِعا
فيا لكَ دَهر بِالكرامِ عثورُ (1)

[چا بنو مروان گھراڻو (يعني خليفو سليمان)منهنجي مڪمل وفاداري وساري چڪو آهي،حالانڪ آءٌ پنهنجي ڪسيل حقن تي صابر آهيان! (2) مون سندن واسطي نيزن جي حملن سان (ايران جي شهر سابور ۽ (اوپر طرف) سرحد هند (مڪران) جي وچ وارو ملڪ فتح ڪيو ۽ (3) ۽ پڻ سندن واسطي (ايران ۾) جرجان کان چين (جي طرف) وارو وچيون علائقو نيزن سان مسلسل حملا ڪندي فتح ڪيو. (4) (هت سنڌ ۾) جيڪڏهن آءٌ (سندن خلاف) بيهي مقابلي ڪرڻ جو فيصلو ڪريان ها، تہ جيڪر ڪيترائي، جنگي مرد ۽ عورتون تباھ ٿي وڃن ها، (5) ۽ نڪي سڪسڪي فوجون اسان جي حد ۾ داخل ٿين ها ۽ نڪي "عڪ" قبيلي جو ھڪ شخص منهنجي متان حڪم هلائي ها، (6) ۽ وري ھڪ مزوني غلام (يعني معاويہ بن مهلب) جو آءٌ تابع ٿيان ها. پر واءِ اي زمانا! تنهنجون چڳن کي چوٽون!!!]

Gul Hayat Institute

محمد بن قاسم پنهنجي انهن شعرن ۾ جي جذبات ظاهر ڪيا آهن تن مان صاف طور هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا تہ:

محمد بن قاسم کي حاڪم گھراڻي سان سندس وفاداري تي پورو پروسو هو، انهيءَ ڪري کيس خليفي طرفان ڪنهن بہ ايذاءُ جو انديشو ڪونہ هو. سندس اهڙي پروسي لاءِ سبب هئا: ھڪ تہ، محمد بن قاسم 15-ورهين جي ننڍي عمر ۾ ايران طرف فوجي ڪمانڊر مقرر ٿيو، جتي ڪُرد قبيلن جي

فسادن کي پنجو ڏنائين، سابور ۽ جرجان طرف وارا علائقا فتح ڪيائين (جيئن ته سندس شعر مان ظاهر آهي)، شيراز جو شهر پڏائي ان کي حڪومت جي گادي ۽ واپار جو مرڪز بنايائين، ۽ آخر ۾ ”ري“ جي شهر تي حملي لاءِ پنهنجي فوج تيار پئي ڪيائين (1) جو ڪيس سنڌ جي فتح لاءِ ڪمانڊر اِنچيف مقرر ڪيو ويو ۽ اتان شيراز مان هو سڌو سنڌ طرف روانو ٿيو ۽ سندس باقي وقت سنڌ جي فتحن ۾ صرف ٿيو. هڪ ڪامياب فوجي ڪمانڊر جي انهن مشغولين ۽ مرڪزي حڪومت جي سياسي دائري کان دوري سبب محمد بن قاسم جو مرڪزي سياست سان ڪوبہ واسطو ڪونہ رهيو هو ۽ انهيءَ ڪري مرڪزي سياسي سازشن کان سندس دامن پاڪ هو. پيو ته، جيتوڻيڪ اهو ثابت آهي ته حجاج طرفان ڪيس سليمان جي بيعت ترڪ ڪرڻ جو خط پهتو هو، مگر اهو ثابت ناهي ته محمد بن قاسم ان تي ڪو عمل ڪيو. غالباً اهو خط حجاج پنهنجي حياتيءَ جي آخرين ڏينهن ۾ لکيو ۽ محمد بن قاسم تائين انهيءَ خط پهچڻ واري عرصي ۾ شايد هو بيمار ٿيو ۽ اجا محمد بن قاسم انهيءَ خط تي عمل ئي ڪونہ ڪيو جو حجاج گذاري ويو. جيڪڏهن محمد بن قاسم خليفي سليمان جي بيعت ترڪ ڪري ها ته هنن شعرن ۾ پنهنجي مڪمل وفاداري جو دم نہ ڀري ها. ٽيون ته، غالباً پنهنجي ڊيوٽي جي ڏن ۽ فوجي ڪاررواين ۾ پوري مشغولي سبب محمد بن قاسم کي مرڪزي سياست طرف خاص توجهه نہ رهيو، ۽ هزار ڪوهہ دور رهڻ سبب حجاج جي پيدا ڪيل دشمنين جو بہ ڪيس صحيح علم ڪونہ هو، انهيءَ ڪري نئين خليفي طرفان انتقام جو ڪيس انديشو نہ رهيو. انهيءَ ڪري محمد بن قاسم پنهنجي معزولي جي حڪم جي بنا ڪُڇڻ پُڇڻ جي تعميل ڪئي ۽ اچي سنڌ جي نئين مقرر ڪيل گورنر جي اڳيان پاڻ کي پيش ڪيائين.

(2) سندس انهن شعرن مان ٻيو اهو ثابت ٿئي ٿو ته محمد بن قاسم پنهنجي وفاداري ۽ فرمانبرداري جو ثبوت ڏنو ۽ اچي پيش پيو ۽ ڪيس اميد هئي ته ساڻس برو ورتاءُ نہ ڪيو ويندو. پر جيڪڏهين ڪيس انتقامي ڪاررواين جو خدشو هجي ها ۽ هو مخالفت ۽ مقابلي جو فيصلو ڪري ها تہ ڪيس مقابلي جي پوري طاقت هئي. انهيءَ حالت ۾ شاهي فوج جا ڪافي ماڻهو مرن ها ۽ نئين گورنر ابو ڪبشة سڪسڪي جي فوج سنڌ ۾ داخل ئي ڪانہ سگهي ها. نڪي هو محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري سگهن ها، نڪي عڪ قبيلي جو هڪ رواجي ماڻهو سندس مٿان نگران ٿئي ها ۽ نڪي معاويہ بن مهلب جهڙي مزوني (ازد قبيلي جو) غلام جو محمد بن قاسم تابع بنجي ها. محمد بن قاسم جي انهيءَ نظريي ۾ صداقت هئي. سنڌ هڪ پرانهون پرڳڻو هو، جتي مرڪزي طاقت جو زور ڏکيو هلي سگهي ها. ان کان سواءِ محمد بن قاسم پنهنجي اهليت ۽ لياقت سبب

نہ صرف پنهنجي عرب فوجن ۾ مقبول هو پر پنهنجي رواداري، صلح ۽ انصاف واري پاليسي سان ملڪ جي مقامي حڪمرانن، آفيسرن ۽ عوام کي پڻ همدرد ۽ دوست بنائي ڇڏيو هئائين، انهيءَ ڪري سندس فوج خواه مقامي باشندا ساڻس ٻانهن ٻيلي ٿي بيهن ها.

باوجود انهيءَ طاقت ۽ مقبوليت جي، محمد بن قاسم بغاوت کان منهن موڙيو ۽ فرمانبرداريءَ سان پيش پيو. کيس گرفتار ڪري قيد ڪرڻ بعد شاهي آفيسرن يقيني طور ساڻس انتقامي ڪارروائي ڪئي. عراق جي نئين وائسراءِ يزيد بن مهلب جو ڀاءُ معاويہ بن مهلب، جنهن کي خاص طور محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري وٺي اچڻ لاءِ موڪليو ويو. سو محمد بن قاسم کي ڪل پارائي هٿڪڙيون هڻي وٺي روانو ٿيو.(1) محمد بن قاسم جي اهڙي بيعزتي ۽ کيس اِهڙيءَ بري ورتاءُ سان ٻڌي وٺي وڃڻ واري حادثي ملڪ جي مقامي رهاڪن کي بہ سخت صدمو پهچايو. بلاذري لکي ٿو تہ انهيءَ تي هندستان وارا رنا ۽ گجرات جي شهر "ڪيرا" ۾ محمد بن قاسم جي يادگار ۾ سندس تصويرون بناياٿون(2) .

محمد بن قاسم کي انهيءَ گرفتاري واري حالت ۾ هن انتقامي ڪارروائي جي پرواهہ ڪانہ هئي، مگر هن نئين حڪومت جي اهڙي غير دانشمنداڻي پاليسيءَ تي کيس افسوس ٿيو ۽ همعصر شاعر عبدالله بن عمر العرجي جو(3) هيٺيون شعر مثال طور پڙهيائين(4) تہ:

اَضاعُونِي وَ اَي فتيٰ اَضاعوا

لِيومِ ڪريهة وَ سِدَادِ ثغرِ

يعني تہ: مون کي وڃايائون، ۽ ڪهڙي نہ جوانمرد کي هٿان وڃايائون. (جو جنگ واري) ڪنهن ڏکئي ڏينهن ۽ سرحد جي بچاءَ لاءِ (ڪم اچين ها)!

مگر سليمان ۽ سندس صلاحڪارن جي انتقامي جذبي ملڪي ۽ قومي مصلحت کي ڪونہ ڏٺو ۽ مردن جو قدر ڪونہ ڪيو. آفريقا جو فاتح موسيٰ بن نضير، چين جو فاتح قتيبة بن مسلم، ۽ سنڌ ۽ هند جو فاتح محمد بن قاسم ٽيئي نون حڪمرانن جي شديد تعصب ۽ انتقام جو شڪار ٿي ويا. معاويہ بن مهلب پنهنجي قيدي محمد بن قاسم کي وٺي عراق جي وائسراءِ جي مرڪزي شهر "واسط" ۾ عراق جي روينيو آفيسر صالح بن عبدالرحمان جي آڏو پيش ڪيو، جنهن کي خاص طور حجاج جي قبيلي "آل ابي عقيل" جي ماڻهن کي قيد ۾ ڇيچلائي مارڻ جو ڪم سپرد ٿيل هو. صالح پنهنجي هنن قيدين کي عذاب ڏيڻ لاءِ يزيد جي ڀاءُ عبدالملڪ بن مهلب کي مقرر ڪيو.(1) مگر

اهي قيد و بند ۽ عذاب محمد بن قاسم جهڙي جوان مرد جي همت ۽ حوصلي کي ٽوڙي نہ سگهيا، ۽ انهيءَ بيوسيءَ جي حالت ۾ بہ هيءُ شعر چيائين تہ:

فلئِن ثَوَيتُ بِوَاسِطِ وَ بِارضِها
رَهنَ الحَدِيدِ مُکَبلا مغلولاً
فلرب فِتية فارِس فَدرَعتُها
وَلرب قرن قد تَرَکتُ قتيلاً(1)

يعني تہ: ”(هن وقت) جيتوڻيڪ آءٌ شهر واسط ۽ اُن جي سر زمين ۾ لوهہ جي قيدن ڪڙولن ۾ ٻڌل ۽ جڪڙيل آهيان تہ بہ (ڪو وقت هو جو) مون ايران جي ڪيترن ئي شهسوارن کي زير ڪيو ۽ ڪيترن ئي پنهنجي جوڙ جيس پهلوانن کي ماري مات ڪيو.“

---

(3) طبري 1182x2
(4) طبري 1210x2، يعقوبي 344-45x2، ابن الاثير 262x4، ۽ ابن خلڪان، انگريزي ترجمو 1V/165
(4) طبري 1208x2
(1) جاحظ، البيان 205x1، محاضرات راغب اصفهاني 106x1.
(1) طبري 1170x2، بلاذري، انساب الاشراف 243x11
(2) طبري 1274x2 ۽ 1284. العيون والحدائق 17x3، نقائض، ص ص 351-353، ديوان فرزدق طبع پئرس ص 52، طبع قاهره ص 768، اين خلڪان، انگريزي ترجمو 1V1/183
(3) يعقوبي 253x2.
(1) طبري 1275x2.
(1) طبر 181x2، 1309، الجهشياري ص 49، ابن خلڪان، عربي متن 273x2، انگريزي ترجمو 1V/385
(2) بلاذري، فتوح القلّدان ص 441
(3) طبري 1275x2
(1) ڏسو بلاذري، فتوح البلدان ص ص 440-441، ۽ پڻ هيٺ نقل ڪيل محمد بن قاسم جو شعر.
(2) طبري (2169x21) لکي ٿو تہ سيني سيرت نگارن جو اتفاق آهي تہ وليد سنہ 96 ھ جمادي الاخر جي وچ ڌاري چنچر ڏينهن وفات ڪئي. حساب موجب چنچر جو ڏينهن تاريخ 13-جمادي الاخر سنہ 96ھ تي هو.
(3) طبري 128x.

Gul Hayat Institute

(1) مرزباني (معجم، ص 412) محمد بن قاسم جا هيءُ جملي چيل بيت (پوين ٽن بيتن جي روايت ٺوري لفظي ڦير گهير سان) نقل ڪيا آهن. پويان ٽي بيت بلاذري (فتوح البلدان، ص 441) توڙي ابن الاثير (282x4) نقل ڪيا آهن ۽ بلاذري جي روايت موجب هت ڏنا ويا آهن.

(1) محمد بن قاسم صرف ٻن سالن اندر ايران ۾ اهي ڪارناما ڪيا، جن جي تفصيل لاءِ ڏسو اسان جو انگريزي ۾ لکيل مضمون بعنوان "محمد بن قاسم جي خاندان ۽ شخصيت جو مطالعو"، اسلامڪ ڪلچر، بابت ماهه آڪٽوبر 1953ع، حيدرآباد دکن، ص 251-255.

(1) يعقوبي (356x) غلطي وچان معاويه بن مهلب جي بدران حبيب بن مهلب لکيو آهي، مگر محمد بن قاسم سان سندس ڪيل وّرتاءُ بابت چوي ٿو ته "البسه المسوح وقيده وحسه". بلاذري (فتوح البلدان ص 240) صحيح طور معاويه بن مهلب جو نالو ڄاڻايو آهي.

(2) بلاذري، فتوح البلدان، ص 440.

(3) بتصديق آغاني جلد 15، ص 20، حريري، دُرِه الغواص 67، ۽ خفاجي، شرح درِه الغواص (پويان ٻه حوالا بشڪريه استاد عبدالعزيز ميمڻ سابق پروفيسر ۽ صدر شعبۂ عربي، مسلم يونيورسٽي عليگڙهه)

(4) ڏسو بلاذري، فتوح البلدان ص 440 ۽ ابن الاثير 260x4. هنن ٻنهي ڪتابن ۾ شاعر جو نالو ڏنل ڪونهي.

(1) طبري 1283x2، ابن خلدون 68x3، ۽ ابن خلڪان، عربي متن 271x2 ۽ انگريزي ترجمو IV/183

(1) بلاذري، فتوح البلدان ص 441، ابن الاثير 82x4.

***پورو ٿيو***

Gul Hayat Institute